# موهن جو دڙو

## پراچين سڀيتا، نئين تهذيب جي دائري ۾



سهيڙيندڙ

**خليل موريائي**

# موهن جو دڙو

## پراچين سڀيتا، نئين تهذيب جي دائري ۾




سهڙيندڙ

**خليل مورياڻي**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كتاب نمبر
39

كتاب جو نالو
موهن جو دڙو
پراچين سڀيتا، نئين تهذيب جي دائري ۾

سهڙيندڙ
خليل مورياڻي

ٽائيٽل ڊزائين
جمي انجنيئر

ڇپائيندڙ
سنڌ ادبي اڪيڊمي ڪراچي
esaakhi@gmail.com

ڇاپيندڙ
البرڪت پريس ڪراچي

ڇپائي جو سال
2011

قيمت
Rs.200

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سٽاءُ


**مهاڳ**

موهن جو دڙو : پراچين سڀيتا، نئين تهذيب جي دائري ۾
شيام ڪمار 005

1- سنڌو تهذيب. اُن جو اُسرڻ ۽ ڦهلجڻ
ايچ ٽي لئيمبرڪ 041

2- موهن جو دڙو
هوتچندرو ڇيرام واڌواڻي 074

3- موهن جو دڙو
پروفيسر چيتن ايل، ماڙيوالا 090

4- موهن جو دڙو
جواهر لال نهرو 106

5- سنڌو تهذيب جون ڪي خاص خصوصيتون
تاج صحرائي 109

6- سنڌوسڀيتا جي موجوده کوجنا جو وچور
ڊاڪٽر اَيم . رفيق مغل 130

7- موهن جو دڙو ۽ ان جي کوٽائي
پيرومل مهر چند آڏواڻي 151

8- موهن جو دڙو
دوارڪا پرساد شرما 178





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

9- موهن جو دڙو
گنگارام سمرات 214

10- علم الا نسان ۽ علم الآ ثار
شيخ خورشيد حسن 236

11- موهن جو دڙو يا موئن جو دڙو
محمد يوسف ابڙو شاڪر 245

12- موهن جو دڙو يا موئن جو دڙو
حاڪم علي شاهه بخاري 254

13- سرجان مارشل
ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ 273

14- موهن جي دڙي وارو اڏاوتي ڍانچو
نياز رسول 277

15- موهن جي دڙي مان هٿ آيل ڳهه ڳٺا
مسعود الحسن 283

16- جديد سنڌي سماج ۾ تهذيبي آثار
نرنجن دوداڻي 291

17- موهن جو دڙو
ايس .آر. رائو 300

18- موهن جو دڙو
نامعلوم 316



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيکاري ڏئي ٿو! انهن اندر موجود هم آهنگي ۽ لئہ انساني ذهن ۽ جسم جي 'پوتر ميلاپ' جو اُهڃاڻ ڏٺي ٿي.

ڪڏهن ڪڏهن، نہ حاڻاڻ ڪٿاڻ، اهو خيال اتس ٿيندو آهي تہ 'ازل' جا غير انساني قاعدا ۽ طريقا انسان جي اُتم آدرشن ۽ ان جي نتيجي ۾ - ڏکن، سورن ۽ جاکوڙ جي راب تان هلندي، پيدا ڪيل اڻ. ملهہ حاصلات کي نابود ڪرڻ جي 'ناڪاري عمل' ۾ جتيل نظر ايندا آهن. ان صورت حال ۾ جيون ۽ ان جي سموري جاکوڙ هڪ درديلو ۽ اڻ ختم ٿيندڙ جدوجهد جو چتر چٽيندي ڏيکاري ڏيندي آهي ان ڦهري گهڙي اچڻ کان اڳ، اسان کي موجود پل کي ابدي بڻائڻ لاءِ موهن جو دڙو جي عظمت، ان اندر اڻ لکي محسوس ٿيندڙ سوبهن، سچ ۽ سکي سان ڀرپور زندگي جي رکوالي ۽ بچاءَ جا جوڳا اُپاءَ ونڻ گهرجن، اهو املهہ خزانو سموري انسان ذات جو ورثو آهي، منهنجي سوچ مطابق ايمان کان بہ وڌيڪ قيمتي! اهو فن جي ڪنهن درلڀ ۽ نادر شاهڪار کان گهڻ جاندار ۽ قيمتي ڪنهن صورت ۾ ڪونهي موهن جو دڙو صرف هڪ تاريخي دور کان اڳ واري حقيقت ئي ڪونهي، بلڪہ انهن اڻ جاتل - مهان هٿن ۽ مهذب ذهن جو بہ شاهڪار ۽ نمائندو آهي، جن ڪيس جنميو هيو

ڪڏهن سوچيندو آهيان تہ مسيحي تاريخ کان اڳ واري رماپي ۾ يونان جي ترقي پسند ۽ روشن 'آيونين' (Ionia,) تهذيب اُتان جي اوائلي غير مهذب رهواسين کي شڪست ڏيئي، اُن ڌرتيءَ تي پنهنجي اُسرندڙ مهانتا جو آغاز ڪندي ڪيترن ئي هوڏي جانورن کي 'هيرائي' پنهنجي وس ڪيو ۽ انسان جي اُتمتا جو جهنڊو کوڙيو. پر اِن حقيقت کي بنهہ ابتڙ موهن جو دڙو ۽ هڙاپا جي سڀيتا پنهنجي قدامت، تعميراتي اوج، فنون لطيفہ جي رنگا رنگي، سماجي سرشتي جي گوناگونيت، شهري سرشتي جي دل ڌتاريندڙ رٿابندي، ۽ بي مثال عوامي آسودگي ۽ شانت وايومنڊل جي باوجود ٻاهرين ڪاهيندڙ ٽولن - جنهن کي 'آريائي نسل' سڏجي ٿو- جي پيٽ ۾ اصلوڪن رهواسين تي اڻ - سڌريل (اڻ - آريا) جو ٺپو هڻي نہ صرف تاريخي ڏاڍ جو اظهار ڪيو بلڪ ناانصافي جو پڻ بدترين اتهاسڪ مثال قائم ڪيو ويو اِها 'ناڪاري روايت' ان ڪري روا رکي وئي جو اصلوڪا ڌرتي جا ڌڻي هڪ اهڙي نسل سان واڳيل هئا،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن کي اسين ’دراوڙي‘ چئون ٿا، ۽ رنگ، ڪاٺ، پنهنجي ذرمي طور طريقن جي لحاظ کان، ان بينڪي ۽ ملڪ والاريندڙ نسل (آريائي ماڻهو) کان گهڻي پاڳي مختلف هئا. ليڪن سندن سپيتا انهن پرڏيهي سفيد چمڙي وارن جي ’جارحانہ تهذيب‘ کان گهڻو گهڻو اڳيري، جاندار، موهيندڙ، انساني ۽ آفاقي رنگ ۾ رتل هئي. دجلہ ۽ فرات جي قديم سپيتائن جهڙوڪ بابل، آشورائي، اَڪادي ۽ نينوائي ۽ سميرائي سان ان ترقي يافتہ ’دراوڙ تهذيب‘ جا گهرا واپاري ۽ سماجي لاڳاپا ۽ سنبند پڌري پٽ ظاهر ٿيا آهن.

سنڌو ماٿر جي قديم تهذيب، پراچين مصري، يا سميرياڻي تهذيبن کان جاگرافيائي حدن، پکيڙ ۽ ايراضي ۾، گهڻي وسيع ۽ ڪشادي هئي

پراچين اِلم(Elam)، يعني موجوده عراق جي جهوني گادي سوسا (Susa) جي کوٽائي منجهان جيڪي جانورن جون تصويري اسريل مهرون لڌيون ويون هيون سي موهن جو دڙو ، هڙاپا جو دڙو يعني سنڌو ماٿر جي اوائلي ماڳن تان دريافت ٿيل مهرن سان بي حد مشاهبت رکن ٿيون. جنهن مان پڌري پٽ ظاهر ٿئي ٿو تہ انهن ٻنهي سپيتڪ آستانن جا پاڻ ۾ گهرا واپاري سنبنڌ رهيا هوندا. ان کان علاوهہ باشاهہ سرگان يهرين ( سن 2500 ق_م) کان گهڻو اڳ ميسو پوٽيميا جي ايشونا (Eshnunna) ماڳ پرسان (موجود بغداد کان پنجاهہ ميل اتر اوپر طرف) هڪ پائيپ نما مهر (سليڊر) بہ لڌي وئي هئي جنهن تي هاٿي، دريائي گهوڙي جون مورتون اڪريل هيون، ۽ اهي جانور صرف موهن جو دڙو ۽ هڙاپا جي دڙي منجهان لڌل مهرن تي اڪريل هوندا هئا . ان کان سواء نڪر جي ٿانون ۽ مٽين مٿان موجود هڪ جهڙي سجاوٽ ۽ ڊزائين ڏسي مٿي ڄاڻايل حقيقت کي هٿي ملي ٿي تہ پراچين سمئي دوران (سن 3000 ق م ) انهن ٻنهي ’سپيتڪ اڪاين‘ جي وچ ۾ يقيني طور گهرا سماجي ۽ واپاري ناتا رهيا هوندا

ان دوران موهن جي دڙي ۾ موجود تعميراتي سلسلو مصري ۽ ميسوپوٽيميا جي رهائشي اڏاوت کان گهڻو وڌيڪ بهتر ۽ ترقي يافتہ هيو. ان کوٽائي مان اها بہ ڄاڻ حاصل ٿي آهي تہ موهن جو دڙو اندر ڪا اهڙي پيڪيدار وڏي اڏاوت موجود ڪون هئي جنهن مان اندازو لڳايو وڃي ها تہ اهو ڪو پوڄا گهر رهيو هوندو. پر ميسو پوٽيميا ۾ کوٽائي منجهان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( جيڪو مقامي هارايل ديس واسين جو ديوتا هو) جي سرسوتي ، اندراني شاچي ، لڪشمي، ۽ پاروتي جي روپ ۾ ارڌانگي بڻي _ ۽ نتيجي ۾ وقت جي ڌارا تي وهندي پنهنجو وجايل سنمان ۽ پدوي ٻيهر حاصل ڪري ورتي! هن ديوي جو اهو رمٽيڪ ۽ موهيندڙ رخ هندستان جي قديم ديوي پوڄي، ۽ هندو ڪلاسيڪي فن پارن (مورتين، چترن ) ۾ پسي سگهجي ٿو جيڪي ، ايلورا، اجنتا، ايليفنٽا ،بسارهه(Basarh)، ڀاهروت(Bhahrut)، ڪونارڪ،ڳج راوَ وغيره جي مندرن ۾ موجود آهن.

هندستان اندر سيني شيو مندرن ۾ 'لنگ' پوڄا وڌي چاهه، چوج، اتساهه ۽ شرڌا سا ڪئي وڃي ٿي .ان پوڄا جون پاڙون اونهي گهرائي ۾ وڃي ڪري 'پراڻي پٿرائين' دور ۾ ڪتل آهن جتي اهڙي قسم جون اڪيچار پٿرايون علامتون موجود هونديون هيون _ ۽ ان بعد پنج هزار سال جهوني موهن جو دڙو، سميريائي ۽ مصري تهذيبن مان به اهڙا ڪيئي مثال ڪوٺي دريافت ڪيا ويا آهن جهڙا اچوڪي، ۽ ان ڪان اڳ جي پوڄي،هندو ڌرمي 'فني ڪلچر' جو حصو رهندا آيا آهن ايليفنٽا جي گفائي مندر (ستين صدي عيسوي ) اندر 'لنگ' جي خوبصورت شڪل پهاڙ ڪٽي ناهي وئي هئي جيڪا فني لحاظ کان نفيس ۽ انمول لڳم .

موهن جي دڙو جي کوٽائي مان اهڙي مورت به نڪتي آ جيڪا ڌيان ۾ لين 'نشوُ _ پتي' (شِوَ جو روپ جنهن ۾ جانور پکي وغيره سندس ائين پوئلڳ ۽ شرڌالو ٻڌايا وڃن ٿا جيئن حضرت سليمان لاءِ به ورنن ٿيل آ ته هر قسم جا چرند ۽ پرند سندس اشاري جا 'ٻانها' هوندا هئا ; يا ٻارنهين _ تيرهين صدي عيسوي جي مشهور انسان دوست عيسائي ست ۽ صوفي 'سينٽ فرانسس آف اسيسي' لاءِ به ڄاڻايو ويو آ ته هر قسم جا جانور، پکي سندس ڀڳتي ذات تي فدا هوندا هئا !) سان مسابهت رکي ٿي ۽ ان ڪي ڏسي انومان ڪڍيو ويو آ ته'ان دور' جا واسي سندس ذات ۾ مڃتا ۽ سندس تخليقي شڪتي 'لنگ' ۾ ويساهه رکندڙ هوندا؟

اٽڪل ڇهه هزار سالن جي جهوني ۽ ڏورانهين وقت جي سمنڊ تي ڦهليل مذهبيت جيڪا آريائي نسلن جي امد کان گهڻي آڳاٽي هئي، ۽ مصر جي اهرامن جيڏي قديم ۽ پُراسرار هسي اندر 'خدا'، 'سرجڻهار' جا به اڏيت روپ، اسان آڏو پنهنجي پوري جلال ۽ جمال سان ظاهر ٿيا اهن .



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن جي ڏاهن- خاص طور، گنگا، جمنا ۽ سنڌوءَ جي ڪنارن تي وسڻ بعد ويدن کي سنڌوءَ جي ڪناري تي رچي راس ڪيو. ان ڪري وشواس سان چيو وڃي ٿو تہ اِهي 'پوتر گرنٿ' آئينده نسلن يعني پوءِ سڄي هندن کي، پنهنجي اوائلي اصلوڪن (Indigenous) وڏڙن دراوڙن کان ڪين مليا هئا، بلڪ بيٺڪي راڄ قائم ڪندڙ، حملہ آور اريائي نسل کان ملئہ پيا !

ويدن ۾ اُستتين سان گڏ منتر جادو، ٽوٽڪا، پرارٿنائون، مناجات وغيره جا اُهڃاڻ بہ موجود آهن جيڪي سمورا انسان دواران اظهاريا ويا آهن. ليڪن انهن جي 'رچنا' کي آسماني شڪتي' پاران هڪ ابدي حقيقت سمجهڻ، مڃڻ جي تلقين پڻ ورجائيندي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. انهن بنهي متضاد ڳالهين مان خاص طور پوئين ڳالهہ نہ صرف حيران ڪندڙ پاسي ٿي، بلڪ غير عقلي، غير منطقي ۽ وسهڻ جوڳي بلڪل ڪين لڳي ٿي.

قديم آريائي هندو هماليہ جي جابلو سلسلي کي 'برف جو آستان' سڏيندا هئا، مهاڪوي ڪاليداس ان 'ابدي' برف کي شِوَ جي 'ازلي ٺهڪڻ' سان ڀيٽي ٿو ۽ سندس جوڙي مطابق سنسار جا اهي مهان جبل بذاتِ خود 'پرم — آتما' آهن !

ان کان علاوه اِن ڌيساوري بيٺڪي تهذيب (Colonial Civilization) جي پراچين جُڳَ سان لاڳاپيل نمائنده رشين، منين جي رچنائن ۾ لازوال اُپنيشد، دنيا جا بہ عدد بي مثل جنگ - ناما (Epics) : مهاڀارت ۽ رامائڻ؛ پراڻن (Purranas) جو عظيم ڀنڊار؛ ۽ گيتا جي الوهي تخليق (Song of divine) ؛ ۽ ٻيون انيڪ ڏاهپ جي ڏات جون ڏارائون موجود آهن اسان جي انهن اَنامَ قديمي بزرگن (Elders) جي ويدڪ ديوتائن (Gods) ۾ اندر، اگني، ورن ۽ وايو سڀ کان وڌيڪ مقدس ۽ مٿاهان ليکيا آهن اسان جا اهي بزرگ سپاهہ گيري، زراعت، گهوڙي سواري ۽ تخليقي ڏِيا ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا - اسين، خوش قسمتي يا بدقسمتي سان، پاڻ کي ان نسل (Arian race) جو وارث چوائيندي، گدگد ٿيندي، پڌائيندا رهون ٿا [1]

واقعي اسين ان نسل جا وارث آهيون؟

اگر ها، تہ اها حقيقت آنند دائڪ چوڻ جڳائي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اگر ان نظرئي تي پڪو وشواس ڪيو وڃي ته پوءِ انهن پرڏيهي راڻاهو هٽندڙ، ملڪ والارينڊڙ شڪتين کان اٽڪل به هزار سال اڳ، هن ڌرتي تي رهندڙ اصلوڪن رهواسين - دراوڙ، يا ان کان به اڳ اُسريل اَ_نامر _ نسل سان اسان جو ڪهڙو لاڳاپو آهي؟

اِهو اهوئي بدنصيبُ نسل آهي، جنهنَ لاءِ 'اوائلي آثارن' جي ماهرن يڪراءِ ٿيندي انڪشاف ڪيو هو ته "هيءُ نسل (دراوڙ وغيره) 'پرڏيهي آريائي' پيڙهي کان، هر لحاظ کان، هر درجي تي، وڌيڪ اڳيرو، ترقي يافته، سڀاجهو، سلڇڻو، صاف سٿرو، ٻڌيوانَ، فنونِ لطيفه ۾ اڪابِر، وڻج واپار ۾ پَڙُ، شهري رٿابندي، سماجي جوڙجڪ ۾ يڪتا، ۽ شانتي جو ڪوڏيو هيو!"

هن نسل جي بن - بلڪ ٿن يادگاري باقيات مان موهن جو دڙو- هڙاپا ۽ بلوچستان ۾ مهر ڳڙهه، جيڪو تلهي ليکي ڇهه هزار سال مسيحي دور کان اڳ جو ٻڌايو وڃي ٿو، جي اوٽويهين ۽ ويهين صديءَ ۾ موهن جو دڙو جي 9 شهرن (ڪجهه محققن جي راءِ موجب 7 شهر) جي تهه در تهه ٿيل 'کوٽائي مان هٿ آيل گهريلو سامان، جاين جي عاليشان اڏاوت ۽ انهن ۾ ڪم آيل پڪل سرون وغيره، ان شهر جي گهرن اندر هوا جي آمدرفت جو سارا جوڳو انتظام، گندي پاڻي جي نيڪال لاءِ نالين (Sewage) جو جسَ جوڳو بندوبست، اشنان لاءِ حيرت ڏياريندڙ عاليشان عوامي تلاءُ (Public bath) اڄ وچ لاءِ ويڪرين گهٽين ۽ ڪشادن رستن جو جديد انجنيري طريقي جي قريب تر، اڇرجدائڪ وڇايل جار، گهر گهر ۾ پاڻي جي ضرورت لاءِ کوهن جو بي مثال انتظام، عورتن جي سينگار جو نفيس سامان جنهن ۾ پليرڙا سونا روپا ڳهه ڳنا، اناج (ڪڻڪ) جا داڻا، سوٽي ڪپڙي جا نمونا، ان زماني ۾ ڪتب ايندڙ ڪجهه مهرون، سڪا (سون، چاندي ۽ ٽامي مان جوڙيل!) باربرداري لاءِ استعمال ٿيندڙ وهٽن جا نمونا، بيل گاڏين جا اُڪريل نمونا، سيلون (پٿر، عاج ۽ ٻين ڌاتن مان ٺهيل ) جن مان ڪجهه مٿان مصري تصويري زبان جهڙي لپي يا بابل جهڙي ڪوني بولي جهڙا نشان اُڪريل هئا ! مختلف شڪلين ۽ سائز جا رانديڪا، نرتڪي جي ٿرڪندڙ سڊول بدن جو مجسمو (جيڪو ٻرتيه ڪلا ۽ گائن وديا ڏانهن سندن دلچسپي ظاهر ڪري ٿو) پوڄاري- راجا جو يا سڪر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهو جو پتلو، انساني مردن جا دفنايل پڃرا، ٺڪر جا چٽسالي ٺيل ٿانو، مختلف ڏيساوري ڏورانهن تهذيبن (بابل، سميري، آشوري، مصري وغيره ) سان چالو واپاري سلسلي جا غير مجسم ۽ چٽا اُهڃاڻ وغيره پڻ موجود آهن.

انهن سڀني پختن غير ترديدي لڏل آثارن ۽ وستوئن مان اِها حقيقت پلي پائنت واضح ٿئي ٿي تہ هن دراوڙي تهذيب (Dravidian Civilization) جون جڙون آرين پرمارٿي سڀيتا کان نہ صرف سمئہ جي لحاظ کان هڪ پراچين يُگَ ۾ گهريون کتل هيون، بلڪ سندس اڻ وسهندڙ اوج معاشي، سماجي ۽ معاشرتي ترقي ارتقا جي اهڙي روشن اوچائي تي پهتل نظر اچي ٿو، جنهن جي ڪلپنا گهڻو گهڻو پوءِ واري 'ويدڪ زماني' ۾ بہ اسنيوءِ لڳي ٿي.

اها سڀيتا هڪ پيگن (Pagan) سماج جو درشيہ يا منظر پيش ڪري ٿي، جيڪا ڪيئي صديون بعد ۾ جاول 'پرمارٿي سماج' کان وڏيڪ صاف سٿري، صحت مند، سندر، سچ جي ازلي مالها ۾ پوتل موتين جيان سدا ٻهڪندڙ ۽ جيءُ جيارينڌڙ لڳي ٿي. ان سماج ۾ ڪٿي بہ 'ڌرم يڌ' (Crusade) 'پرمارٿي يڌ' (Expansionist War) فردي يا اجتماعي هنسا (Individual or collective violence)جي ڇايا بلڪل ڪين نظر ايندي .

پيگن (Pagan) سماج ۾ ڌرتي جي پيني هبڪار، فطرت سان هم آهنگي ۽ اوائلي اشتمالي معاشري (Primitive Communistic Society) جا اهڃاڻ چٽيءَ طور سمايل هوندا آهن، ان ڪري ان جي پراچين فڪري ڌارائن ۾ اهنسا (Non Violence) سان لاڳاپُ، سندرتا (Beauty) سان اٽوٽ سنٻنڌ، سچ (Truth) سان اُجهل اُڪير، نيڪي (Goodness) سان آتمڪ رشتو ۽ فنون لطيفہ (Fine Arts) سان پڳتي پريو ناتو جڙيل هوندو آهي.

ڪوٽائي دوران لڌل مختلف وستوئن ۽ شهر جي حيرت ۾ وجهندڙ ماهرانہ ۽ ڪاريگري جي اصولن تي ٻڌل اڏاوت مان رهواسين جي روزانہ زندگي، نفيس جذباتي لاڙن ۽ ڌرمي عقيدن ڏانهن واضح اشارا ملن ٿا، اهو سماج ٻني ٻاري جي ڄاڻ کان پلي پائنت واقف هيو. ڏيهي ۽ پرڏيهي وڻج واپار ۾ نہ صرف پڙُ هيو بلڪ بعد وارن زمانن ۾ مروج چل ڪپٽ کان بہ پاسيرڙو هيو. عدم تشدد سندن جيون جو مول مقصد ۽ بنيادي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪتو ڏسجڻ ۾ آيو تي! ان کان علاوه راڳ رنگ، نرتيہ ۾ دلچسپي، سندن تخليقي سوجهہ بوجهہ ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿي، ان سلسلي ۾ 'راڄ نرتڪي' (Dancing girl) جو هٿ آيل سندر ۽ لُيائينڊڙ پتلو فنون لطيفہ ۾ سندن بيحد چاهہ جو علامتي انداز ۾، اُهڃاڻ ڏئي ٿو. پروهت- راجا يا سڪر ماٿهو جي لڌل مجسمي (Bust) مان اها ڄاڻ ملي ٿي سندن عقيدا، ڌرمي آدرش نهايت سادا، غير مبهم ۽ روائتي رسمن رواجن کان آجا هئا. ڪو ئي بہ ويندي 'راجا' يا سماج جو وڏو پڻ انهن جي پوئواري چڱيءَ پر، ڪري سگهڻ جو اهل هيو.

انهن نڪتن مان ڄاڻ پوي ٿي اِهو معاشرو آسودو، پاڻ وهيٽو، ۽ پرامن هيو. سيپٽي شهري قانون ۽ شهريت جي اصولن کان پوري طرح واقف هئا. سندن بڻ ۾ توسيع پسندانہ، سامراجي ۽ جنگي ٻج، بلڪل موجود ڪين هئا. اهو ئي ڪارڻ آهي تہ سگهارن جسمن ۽ تندرست ذهنن ۾ هڪ واضح هم آهنگي موجون هڻندي محسوس ٿئي ٿي، جنهن جو واحد مقصد 'شيوا' هيو! ان متي ۽ عمل سندن سيپتا کي هاڪاري ڏس ۾ وڌائي ويجهائي سنسار ۾ 'دوامي شڪتي' سان همڪنار ڪيو، اها 'شڪتيٰ' سمئہ جي الڳ الڳ يُگن ۾ هميشہ 'ناڪاري' انڌهي تهذيبن جو ضد پئي رهي آهي. ان شڪتيءَ اندر اَجهل جذبن، خواهشن تي بندش وجهي دل ۽ دماغ کي شانت ميہ حالت ۾ رکڻ 'هاڪاري تهذيب' جي بقا لاءِ لازم قرار ڏنو ويو آهي.

موهن جو دڙو جي سيپتڪ دور کان گهڻو پوءِ هڪ لڳا يوناني تهذيب بہ اهڙي 'هاڪاري سيپتڪ' دور ۾ داخل ٿي هئي، پر بدقسمتي سان گهڻو وقت جتناءَ نہ ڪري سگهي ۽ پنهنجي عوام جي مهاتما پڌ چوائي، 'اَجهل خواهشن' ۽ 'دل دماغ' وچ ۾ توازن نہ رکي سگهڻ ڪارڻ پيچ ڊاهہ ۽ 'پوئتي موٽ' جو شڪار بڻجي ويئي. ان هاجيڪار طوفان جو نہ صرف عوام تي اُگرو اثر پيو، بلڪ ديوتائون جهڙوڪ هيراڪلس (Heracles) ڊائناسس (Dionysus) وغيره بہ پاڻ بچائي ڪين سگهيا! ان 'تهذيبي هاجي' جي خلاف پهريائين مشهور ڊرامي نويس يوري پيڊس (Euripides) ۽ پوءِ نامور اديب گيلن (Galen) احتجاجي آواز بلند ڪندي درديلي نوع ۾ چيو هو، "اوهہ ، هنن جي ڪرپ آٽينڊڙ جيوت کي تہ ڏسو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاٽڻ، پيئڻ، سمهڻ، ۽ پاڻ کي خالي ڪري، وري ساڳئي عمل کي ورجائڻ ڪان سواءِ هي ٻئي ڪنهن ڪم جا ڪون رهيا آهن! "

گڏيل هندستان جي رمٽيڪ ۽ پوتر پهاڙي سلسلن (هماليہ وغيره) ۽ هيٺائين ميداني علائقن وچ ۾ واضح 'جدائي' ۽ غير مبهم 'ميلاپ' هندومت جي پوئلڳن جي جيون تي اهڙي گهري ڇاپ هڻئي آهي جهڙي سندين زندگي ۾ 'سنساري حيات' ۽ ڌرمي جيوت جي ڇنيءَ طور هڪ ٻئي کان 'الڳ' هئڻ ۽ ساڳئي وقت 'ميلاپ' جي صورت گري ۾ ڏيکاري ڏيندي آهي.

پهاڙن کي 'پوترتا' جي علامت سمجهيو ويندو آهي ۽ ميداني علائقا 'آلودگي' جا مجسم تصور ڪيا وڃن ٿا. ان ڪري اوچا پهاڙي آستان، فڪري لحاظ کان 'ناپاڪ' ميداني هيٺائين کان 'ڇوٽڪاري' (Nirvana) جو يڪ تڪ ذريعو ليکبا رهيا آهن! ڏند ڪٿائي ديوتا ۽ تاريخي رشي مني، گهٽو ڪري، هر يُگَ ۾ تپسيا، اُپاسنا ۽ نجات لاءِ پهاڙن ڏانهن رخ رکندا نظر اچن ٿا— بلڪ يوناني ديوتائن ۽ ڏاهن پڻ ان واٽ کي ئي پنهنجي اُنتيءَ لاءِ بهتر ڄاتو هيو!!

ساڳيءَ ڌرتي تي ٻن تهذيبن جي ٽڪراءَ (Clash of Civilizations) جي صورت ۾ وچ ۾ قاتل نسل جي حالت ٻسئنبوچ وانگر ٿيو وڃي. هن ڌرتي ڏٿين لاءِ آرين طرفان اڻ - گهربل سوغات جو هڪيو تڪيو طوق موجود هيو: جنگجويانہ ذهنيت، تشدد جو فلسفو، ملڪ گيري جو فڪر، اڇي چمڙي (White Complexion) جي دين، جانورن کي پالڻ جو نئون انداز ۽ انهن جي ٻليدان جا طريقا، زراعت ۾ سڌاري جا ڏانوَ، گهوڙي سواري سان سجاٽپ، ۽ انيڪ نون، عجيب ، موهيندڙ، ٻيڇاريندڙ، ڇل ول ۽ جنسي لذت جي ڪوڏين شڪتيوان ويدڪ ۽ ڪلاسيڪي ديوين، ديوتائن ۽ اوتارن (اندر، اگن، وايو، ورن، ڪبير، اوشا، گڻيش، ڪارتڪ (وشنو، برهما، ۽ بعد ۾ شِوَ) پرسرام، نرسنگهہ، وامن، وراهہ، متسيا، رامچندر، ڪرشن، ٻلرام، (گوتم ٻڌ؟) لڪشمي، سرسوتي، پاروتي ۽ ڪالي اڻ - ڪٿندڙ لڙهہ سان واقفيت جنهن ۾ ٽمورتي (Trinity) وغيره ۽ پرم آتما (Absolute One) جي ڪلپنا بہ موجود هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو اڏ-يت لڪاءُ پسي ڌرتي ڏٺين -جيڪي نماڻا، سباجهڙا، اهنسا جي چادر اوڙهيل، سادگي ۽ بلند خيالي جي مٽيءَ ۾ ڳوهيل، چل ڪپٽ کان ونءُ ويندڙ، صلح جوئي جي رنگ ۾ رتل، پنهنجي ڌرتي جي گهراين ۾ ڪُتل، وٹج واپار جي تڏيري چانوَ ۾ 'شانتي، سندرتا، فن ۽ نيڪي' جي ديوين ۽ ديوتائن جي اپاسنا ۽ پرارٿنائن ۾ مگن- جون وايون بتال تي ويون، عقل چرخ تي وين، پنهنجي ثقافتي ورثي ۽ ڌرتي ماتا (Motherland) جي حفاظت ۽ 'جيون ڌارا' جي بچاءُ خاطر پنهنجي سرشت ۽ فطرت جي خلاف اُتي بيهي رهيا. اِن ناڪاري، ڪُڏي، ۽ ڪرپ ڏياريندڙ 'عام ڪوس' جي عمل ۽ ان جي نتيجي ۾ نہ ڄاڻان- سمئہ جي مختلف تهن دوران- ڌرتيءَ ڪيترو رت پيتو! اِهي ٻاهرين اڻ ڄاتل سر زمينن جا رهواسي (آريائي باشندا) ' ڌرتي پتا' (Fatherland) واري فلسفي جا داعي هئا، ان ڪري سندن سموري وجود ۾ قهر، سخت گيري ۽ پدرسري سماج جون سيپيئي ناڪاري وصفون پرپور انداز ۾ موجود هيون.

اڻ -ڪٿ ۽ امر وقت اندر هڪ طرف طويل اُرهہ زورائي، ڌاڙ جي تسلسل، اڻ - مين نعمتن آريڻ جي فاتحاڻا ثقافتي سوچ ۾ ڌارون پيدا ڪري ان کي ڏوڏي ۽ ڪمزور ڪري وڌو، ۽ ٻئي طرف ڌرتي جي اصلوڪن ڏگن ۽ آزادي جي ٻي نام اُپاسڪن جي اڻ-ڪٿ ۽ اَجهل ٻليدانن ان بيٺڪيت (Colonization) جي عناصر جو ساهہ مٺ ۾ ڪري ڇڏيو، سموري ڌرتي ڄڻ دائمي (Infinite) موت جي منظر ۾ تبديل ٿي وئي- ۽ نتيجي طور آسودگي، شانتي ۽ ترقي نجاڻان ڪيڏانهن، ڇٽڪ هميشہ لاءِ لڏي ويون !

انهن تلخ ۽ انسان ڪش حقيقتن کين (آريائي ماڻهن) آڻ مڃڻ ۽ سيس نوائڻ تي مجبور ڪيو. ان بعد اڻ -لکيل تاريخ جي ڪنهن اڻ - ڄاتل باب، ۽ وقت جي اڻ ڪٿيل، ۽ اڻ سڃاتل ڏاڪي تي ٻُگن تي ڦهيل ٻنهي ٽڪرايل تهذيبن (Indus valley civilization and Aryan civilization) وچ ۾ هڪ اٽوٽ، مضبوط ۽ آبرومنداڻو هم آهنگي (Harmony)، ۽ ميل ميلاپ (Articulation) شانتي (Peace) ڏي وٺ (Give and take) جو هڪ نئون سونهري دور چالو ٿيو، جيڪو اڄ سُوڌو جاري آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان شروعاتي دور ۾ ’موهن جو دڙو‘جي سپيتا جي وارثن اندر،
اگن، وايو، برهما، ويشنو، لڪشمي، سرسوتي سان گڏ ڪجهه
’ناڪاري صفتن‘ کي پنهنجي حيات ۾ مستقل جاءِ ڏني؛ ۽ انهن آريائي
قومن مجبوري جي حالت ۾، شِوَ، ڪالي، پاروتي، راج-نرتڪي ۽
پروهت-راجا سان گڏوگڏ ڪجهه ’هاڪاري وصفن‘ کي پنهنجي جيوني ۽
ڌرم جو لازمي حصو بڻائي هڪ اهڙي ’نئين تهذيب‘ جو پايو وڌو، جنهن
کي في الحال ’آ-نام تهذيب‘ سڏي سگهجي ٿو. ان ’ابدي‘ گهڙي ۾ سيني
مخالف ڌرين، عنصرن، فردن، بلڪ ديوتائن تائين پرامن بقاءِ باهمي
(Peaceful co - existence) جي سرووياپڪ (Ever running current) ڌارا کي
اپنائي ارضي جنت جو پايو وڌو! ان جي خوش آئيند نتيجي ۾ هينئر اسين
پاڻ کي ان ’پوتر سنگمي‘ تهذيب جو، بنان ڪنهن لوڪ لڄا جي، گڏيل
وارث چئي سگهون ٿا.

جيئن سچ جو ڪرتو، تماشام جي اونده ۾ الوپ ٿيو وڃي،
ابدي آرام ۾ مگن، جنهن جي ڪا وصف بيان ڪري نه سگهجي،
اهڙي طرح جوتي سروپ سپيتا، سيني گندگين کان مڪت ٿيو وڃي،
ابدي آرام ۾ مگن، جنهن جي ڪا وصف بيان نه ڪري سگهجي،
پهچ جي ريکا کان ڏور، جنهن جي ڪا وصف بيان نه ڪري سگهجي،
شبد جي معنيٰ کان ڏور، جنهن جي ڪا وصف بيان نه ڪري سگهجي !

انهن ناڪاري ۽ هاڪاري شڪتين کي يوناني ديوتائن اپولو
(Apollo) ۽ ڊائني سس (Dionysus) سان ڀيٽي سگهجي ٿو. اپولو سونهن،
سگهڻ ۽ ترتيب جو ڪانکي ۽ ڊائني سس رنگ محل جو راڳي. باخوس
(Bacchus) جيان ازلي نرت ڪلا (Dionysus dance) سرور، ۽ سواد جو
ڪوڏيو. انهن ٻنهي جي هڪٻئي خلاف ضرب المثل، دشمني اڳتي هلي
دوستي ۽ اڻ - ٽٽ ميلاپ ۾ بدلجي وئي، جنهن يوناني الميه (Greek
tragedy) کي پرپور آفاقي اُمنگن جو اهڙو روپ عطا ڪيو جو سموري
انسان ذات جي گڏيل امر شناخت بڻجي ويو. هن طرف شِوَ (Shiva) جي
تخليقي ۽ ساڳئي وقت نفي جي علامتي نشي آور ناچ ؛ تانڊو (Tandva)
جهنگلي بلائن، جانورن ۽ انسانن وچ ۾ ڀائپي جي ناتي ۽ پاوَنائن ۾ پوتل
پنج هزار ورهيه پراچيني بي تاج ۽ بي للڪار حيثيت، مخلوق جي فنا ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بقا جي مالڪي، ۽ ٻئي طرف آريائي ويشنو (Vishnu) جي سندرتا، هم آهنگي، ازلي مرڪ جي سموڙي سُرشتي مٿان پکيڙيندڙ ٺڏاڻ، آرام ۽ پيار جي جيءُ جياريندڙ برڪا، ايندڙ جُڳن ۾، انهن ٻنهي مخالف شڪتين اندر، امرتا ڀريل مرڪب (Synthesis) جو روپ اختيار ڪيو، جنهن کي هينئر اسين 'سرشتيءَ ۽ ان ۾ موجود حسين ترتيب' سان تعبير ڪري سگهون ٿا! ڪرائيسٽ (Christ) ۽ مخالف ڪرائسٽ (Antichrist) جو ٽيرس ۾ وجهندڙ، تخليق ۽ بقا ڏانهن وڌندڙ ميلاپ!

اها 'ابدي' گهڙي ۽ اهي 'ابدي قوتون' ڪهڙيون ۽ ڪير هيون؟

اسان کي هينئر پنهنجي 'سنگمي سيپتا' جي ڪٿ، نئين سر، نج تاريخي هيئائين ۽ علامتي ڏند ڪٿائي (Symbolic myths) مٿائين کان شروع ڪرڻ جڳائي. ان طريقي ڪار کي اپنائڻ سان اسين ٻن ازلي ويرين : سيپتڪ دور (Civilized age) ۽ وحشي عهد (Barbaric era) جي چندڇاڻ جي اوڏو پهچي سگهنداسون. اِها چندڇاڻ سموري انسان ذات جو املهه ورثو بڻبي. اهو 'ورثو' موت تي ڪامراني، ۽ امرتا (Immortality) جي حصول کان، ڪنهن صورت ۾، گهٽ اهم ڪونهي.

'موهن جو دڙو' جي اُتم سيپتڪ آستان جي رٽن دوران اسان آڏو پنهنجي 'وساريل فرض' جو بہ نئين سر انڪشاف ٿئي ٿو: اسان پنهنجي وڏڙن جي ميراث، جيڪا سموري انسان ذات جو گڏيل ورثو بہ آهي، کي ڪيئن بچائي، پنهنجي شناخت قائم رکي سگهون ٿا؟ اسان سنڌين آڏو جبريون ذميواريون، راڪاس وانگر، ڳڙڪائڻ لاءِ هر وقت موجود آهن، انهن کي خوش اسلوبي سان منهن ڏيڻ ڌرتي جي هر ڏگ جو 'مهان ڪرم' بڻجي ٿو. ان ڏند ڪٿا (Legend) جي حيات اسان جو نرواڻ (Nirvana) آهي. سنڌ ڌرتي جي سونهن، ساپيا، سڳنڌ، سُجاڻ ان 'زنده شاهڪار' جي موجودگيءَ ۾ سمايل آهي. ان سان اسان جون يُڳن تي ڦهيل، سمنڊ جي لهرن وانگر لهندڙ چڙهندڙ، يادون واڳيل آهن. آدجڳاد کان ان جو ٿهڪ ۽ رڙ اسان جي روح ۾ ٻُري ٿي. اسان جو سڀ کان اُتم فرض آهي تہ هن المياتي دور ۾ سڏ ۽ پڙاڏي کي اونايون.

سنڌ هڪ پيرو پيهر مونجهاري جي بہ واٽي تي 'سئنڌوچ' بڻيل نظر اچي پئي، اندريون ويري، چل ڪپٽ ۾ اوڊيل، اونڌيون شڪتيون ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاهريون راڪاس نما هڙپ ڪندڙ قوتون سنڌ جي سينگار، سجاڳپ ۽ ستر کي نابود ڪرڻ جي جتن ۾ جٽيل ڏيکاري ڏين پيون.

پيهرسنڌ آڏو تاريخ جا اڻ لکيل ۽ لکيل ورق ورجائجي رهيا آهن _ هينئر سموري سنڌ آڳاٽو موهن جو دڙو، ٻڄندي ڏيکاري ڏيئي رهي آهي؛ اها هڪ درديلي رڙ جو روپ اختيار ڪري ڪنن ۾ مسلسل پرندي رهي ٿي. ماروئڙن جو، انسانن جو پنهنجو وجود به ڊانواڊول ٿيندو ڏيکاري ڏئي پيو!

ڇا پراڻي سيتا جا 'نوان وارث' هڪ پيرو پيهر امن بقاءِ باهمي (Peaceful co-existence) جي چمڪيلي متي تي ڪو نئون آبرومنداڻو مرڪب (Synthesis) جوڙڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهندا؟

متئين سوال تي سوچيندي وجود 'ولوڙ' واري ڪيفيت ۾ مبتلا ٿيو وڃي، ناسٽلجيا ماضي ۾ پناهه جا تاڪ تلاش ڪندي حال کي به اٿلائيندي پٿلائيندي رهي ٿي ته شايد ڪو 'اسم اعظم' ترياق يا تتااستو، نڪري نروار ٿئي!

تاريخ ڪان اڳ واري دور جا خاص اسم، جايون، شهر، نديون، جانور، ماڻهو، شيون، سامونڊي ڪنارا وغيره - ڏوراهن ڏيهن کان اڏامي ايندڙ 'خانہ بدوش' پکين جيان هوندا آهن، جن کي پسڻ سان جادو، حيرت، محويت، روحاني Nostalgia ۽ پاڻ کي پاڻ کان الڳ ڏسڻ جو گپت احساس اڻ ڇاتل عميق اونهاين مان اُڀري سموري وجود تي ڇانئجي سڌ ٻڌ پلايو ڇڏي!

انهن شهرن، جريڪو، موهن جو دڙو، ستن دروازن وارو ٿيبس (Thebes)، بابل، نينوا، ٽرائي (Troy)، آمري، روم، پتاليپتر، گيا، ٽيڪسلا لاءِ جادوئي ۽ پُر شدت Nostalgia اُڀرڪا ڪائي سيلاب جيان نڪريو اچي، سندس رنگ ڪائناتي ٿيو وڃي، انهن هنڌن جي پر اسرار، پوتر جابلو لاهين چاڙهين (هماليائي، آلپسي، ايٽنائي، ڪيلاشي، ڪليمانجرائي، ويسو ويسي) ۾ ڏاهي انسان 'ايمپيڊو ڪليس' (Empedocles) چواڻي، انسان جي سرشت ۾ سمايل 'بنيادي عنصرن' لاءِ چڳ پوشيده آهي، جيڪا ڪنهن به 'الوهي شڪتي' کان وڌيڪ ٻلوان، اِصلي ۽ سچي آهي، ان ۾ Agnosticism جي ڪيڏي نه پر آهنگ ۽ مدهوش ڪندڙ سگند سمويل آهي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان کان علاوه گيت ۽ پراسرار گم گشتہ مقدس ندين سر سوتي، هاڪڙو، ترششما، رسن، ڪيا، سرتو، شويتي، مهيتنو ۽ ظاهر درياهن جهڙوڪ سنڌو، دجلہ، فرات، اميزان، نيل، گنگا وغيره جي صرف نانءُ ٻڌڻ سان جسم ۾ سمايل موجزن 'وڏڙن' جي رت ۾ سمونڊ جي لهرن وانگر هلچل، سيسڙات ۽ طوفان برپا ٿيو وڃي.

'موهن جو دڙو' ۽ ماضي جي 'سونهري يگ' منجهان حاصل ٿيل سموري بيش بها انساني ورثي تي سوچيندي -- ۽ ڪلپنا جي سگهارن پرڙن تي اُڏامندي ائين ٿو لڳي جڻ ڪو شرڌالو عقيدت ۽ ڀڳتي ڀاوَ سان جيون جو سانگو لاهي تيرٿ ياترا لاءِ روانو ٿئي ٿو. سندس سوچ مطابق 'سندس' ۽ 'ازليت' جي يڪجا ٿيڻ جي وچ ۾ صرف 'وقت' جو خفيف سنڌو رهجي ويو ٿو ياسجي، ان ۾ 'زماني ۽ فاصلي' جي اهميت ختم ٿيو وڃي ٿي. مونکي هتي 'وقت' ۽ 'فاصلو' ٻئي ختم ٿيندا نظر اچن ٿا.

اِهو ئي ڪارڻ آ تہ قديم امر- آوازن جون اُستتيون ڪنن ۾ ٻُرنديون رهن ٿيون، اِهي محنتي ايماندار آتمائون، پروهت، راجا پنهنجي مشترڪ ڌرتي تي هٿن ۾ ڏاتا جهلي، پنهنجي چاندي جهڙي چلڪندڙ آواز ۾ سموري عالم لاءِ دعائيہ گيت آلاپيندي، پنهنجي آتمڪ ۽ بدني ڪرت ذريعي ارتقا جي امر لباس ۾ ڪيئن تہ تسلسل، رِدم ۽ آهنگ سان وڌندا رهيا! ان Phase کي ڪائناتي Nostalgia سان تعبير ڪري سگهجي ٿو.

هينئر اِهي امر آتمائونۡ ڪٿي آهن؟

اسانجي پنهنجي پالهي، وجود کان گهٽو گهٽو هيٺ، عميق گهراين ۾ 'نرواڻ' واري صورت ۾، ٻڌاستوا واري شڪل ۾، پرم- آنند، ماڻي رهيون آهن!

هڪ لکّا اڻ- لکيل تاريخ جي ڪنهن اڻ- ڄاتل يگ ۾ ڏند ڪٿائي پاتال جو ٻي ترس حڪمران 'ديوتا، دئيت' _ ڊيموگارگان (Demo gorgon) جنهن انسان ذات جي پهرين (ڏندڪٿائي) تهذيب، ايٽلانٽيس کنڊ (Atlantis Continent) کي غرق ڪري پر لئہ جهڙي صورت حال پيدا ڪئي هئي، هو انسان ذات جو سڀ کان وڏو ويري هو! هينئر اڪيچار ڊيموگارگان پيدا ٿي چڪا آهن. هن ڪلجڳ ۾ رام ۽ ڪرشن نما انسانن جي، اڳ کان وڌيڪ لوڙهہ ۽ ضرورت آهي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلڪ هن خطي اندر ڪجهه نين تهذيبن کي به ڪوئٽائي دوران دريافت ڪيو اٿن.

اهي موهن جو دڙو ۽ هڙاپا تهذيبن جي درميان، اڄ سوڏو-چئن مختلف زرعي ۽ ڳوٺاٽي سيپتائن جي دريافت ٿيل آثارن تي ٻڌل آهن: (1) ڪلي تهذيب (ڏاکڻو بلوچستان)، (2) ڪوئٽه تهذيب (وچولو بلوچستان)، (3) زوب تهذيب (اُترائون بلوچستان)، (4) آمري نل تهذيب (وچولو بلوچستان ۽ سنڌ جو اُتراڏي پاڱو) انهن چئني تهذيبن جو طرز زندگي حيرت انگيز طور هڪ جهڙو ۽ زراعتي نظام تي ٻڌل هيو ۽ اوائلي اشتمالي نظام (Primitive Communistic System) سان مشابهت رکندڙ لڳندو هو!

پراچين يوناني تاريخ دانن هيرو ڊوٽس (Herodotus) فلوٽس ايريئنس (Flutes Arians) ۽ هيڪا اِسٽس (Hekastus) پڻ سنڌ جي قدامت ۽ خوشحالي تي روشني وجهندي ڄاڻايو آهي ته، ان دور ۾ (يعني عيسيٰ جي پيدائش کان ٽي هزار سال اڳ) سنڌ جا عراق سان واپاري لاڳاپا گهرا هوندا هئا، جو جو ان ملڪ جي مشهور شهرن اُما (Umma) ۽ لاڳاش (Lagash) جي ڪوئٽائي دوران سنڌ ۾ مروج مهرون (سيلون) لڌيون ويون هيون ۽ سندس ناليري صنعت سوٽي ڪپڙو هوندو هو، جنهن جا نمونا به دريافت ڪيا ويا هئا.

جيئن ته تاريخ کان اڳ واري ان يگ ۾ ڪاغذ اڃان ايجاد ڪين ٿيو هو، ۽ نه وري 'لکڻي' جو ڪو جوڳو سرشتو مروج هو، انڪري سموري لکائي تصويري ٻولي ۾ ڪيئي ويندي هئي. ان ٻولي جو لاڳاپو، گهٽي قدر، انهن قديم سيلن يا مهرن سان آهي، اهو مسئلو اڄ توڻي دنيا آڏو حل طلب 'ڳجهارت' بڻيو بيٺو آهي.

پراچينتا ۾ دلچسپي رکندڙ ماهرن جو خيال آهي ته اهي مهرون (چوڪنڊيون، ۽ مستطيل صورت ۾ ) سنڌو ماٿر تهذيب جي راڄنيتڪ ۽ آرٿڪ آسودگي جي زماني ۾ واهپي ۾ آيون هونديون جيڪو انيڪ صدين تي ڦهليل آهي. هنن جي راءِ آهي ته، 'وڏيون مهرون' ڪنهن ٿيلهڙي اندر رکيون هيون -- ۽ ننڍيون ڏور يا سڳي ذريعي چيلهه سان ٻڌيون ، يا ڳچيءَ ۾ لٽڪائيون هيون. انهن جي ڪارج بابت سندن راءِ آهي ته وڻج واپار يا انتظامي معاملن ۾ واپاري ۽ حاڪم 'شين يا وکرن' مٿان نپي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيان هٽي ڪري مالڪ جي 'سجاڻپ' لاءِ استعمال ڪندا هوندا. اهڙيون مهرون هن خطي اندر سنڌو ماٿر جي تهذيبي دورانهن ڪنارن جهڙوڪ مهرڳڙهه نوشهري، ۽ رحمان ڍيري وغيره ۾ جهجهي انداز ۾ دريافت ڪيون ويون هيون. ان ڪان علاوه وچ اوڀر اندر بابل، آشور، عڪاد، نينوا ، مصري تهذيبن ۾ پڻ انهن جو واهپو عام جام هيو، پر انهن علائقن جي قديم تهذيبن ۾ استعمال ٿيندڙ سيلون (مهرون ) 'سيلينڊر' نما آهن.

انهنَ مهرن جو ٻيو ڪارج ڌرمي فرضن جي بجاوري ۾ سهائتا ڪرڻ به ٻڌايو وڃي ٿو. انهن مانَ هڪ تي يوگا آسڻ ۾ ويٺل انسان ڏيکاريو ويو آهي جنهن کي پشو پتي مهاديو، (Proto Shiva) چيو وڃي ٿو . (جيئن هڪ هنڌ اڳ به ڄاڻايو آهي.) اهڙيون انساني شڪليون ڪنهن 'ديوتا' يا 'شڪتي' سان پيٽيون وڃن ٿيون. ڪجهه چٽيل نظارا بابل، آشور، نينوا، عڪاد جي پراچين ڏند ڪٿائن سان مشابهت رکن ٿا – جيئن هڪ انسان کي ٻن چيتن سان وڙهندي ڏيکاريو ويو آهي. اِهو منظر گلگميش (Gilgamesh) جي مشهور ڏندڪٿائي گمنام Epic ڏانهن اشارو ڪري ٿو: جيڪو ٻارهن بابن تي رچيل پنج هزار ورهيہ قديم ٻڌايو وڃي ٿو. اهو انسان جي مهانتا ۽ امرتا جي ڳولها جي رنگ ۾ رڱيل آهي.

ان ڪان علاوه انهن سيلن تي ڍڳي، هاٿي، ٻڪري، گينڊي، مانگرمڇ سيهڙ، هرڻ ۽ ٻي- گڪي ڍڳي وغيره جا چٽ اُڪريل آهن (اڻ ورهايل هندوستان جي پراچين سڀيتا جي جڳ پرسڌ ڄاڻن 'برجيٽ' ۽ 'ريمنڊ الچن' جي راءِ مطابق، اِهو ٻي گڪو ڍڳو (Unicorn) حقيقت ۾ هڪ ڏند ڪٿائي جانور هيو.

انهن مهرن تي اُڪر يا چٽڪاري تيرس ۾ وڃهندڙ سمجهه داري ۽ مهارت سان ڪيل آهي. جنهن مان انومان ڪيڏي سگهجي ٿو تہ ان جڳ جا ماڻهو ذهين ، سياڻا فنڪاراڻا خوبين سان مالا مال هئا.

انهن مهرن تي اڪريل يا چٽيل قسمين قسمين جانورن بابت اهو چيو وڃي ٿو تہ اهي جدا جدا انساني 'روپن' 'چريتر' ڏانهن علامتي طور اشارا ڏين ٿا: شڪتي، چل ول، ڦڙتي ، مردانگي وغيره! يا اهي ڪنهن قبيلي، واپاري برداري ۽ ٽولي جي خاص سڃاڻپ لاءِ ڪتب آڻبيون هونديون .



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان بعد مٿي ذڪر ڪيل راکلداس بئنرجي پنجاب جي سرائيڪي ڳالهائيندڙ پٽي ۽ ڪير ٿر جبل جي تر کان ٿيندو سنڌ اندر سکر، جيڪب آباد، لاڑڪاڻي جي علائقن ۾ سڪندر اعظم جي 21 يادگاري نهرايل ٿنڀن جي ڦولها ۾ آيو هو، ليڪن، قسمت سانگي، اوچتو موهن جو دڙو تي اچي دنگ ڪيائين! سندس شروعاتي لاڳيتي کوجنا، ۽ کوٽائي مان 27 وڏا شهر ۽ 53 ننڍن ڳوٺن جا کنڊهر پڌرا ٿيا، ليڪن اهي آباديون ٻڌ ڌرم جي زماني جون ٻڌايون وڃن ٿيون، ليڪن اجا سوڌو انهن جي حيثيت تڪراري چئي وڃي ٿي.

ابتدا ۾ موهن جو دڙو، هڪ ذريعي مطابق، اٽڪل 750 ايڪڙن تي ڦهليل هيو، ۽ هينئر صرف 200 ايڪڙن اندر ان جي موجودگيءَ جي اهڃاڻن جي جاچ پئجي سگهيس، هيل تائين ان قديم آستان (موهن جو دڙو) جو فقط ٽيون حصو کوٽي پڌرو ڪيو ويو آهي، باقي ٻہ حصا اجا سڌو کوٽائي کان _ ڪن اڻ ٽر سببن ڪري ، جنهن ۾ پاڻي جي اوچي ٿيندڙ سطح بہ شامل آهي _ وانجهيل آهن.

'موهن جو دڙو' تان لڌل سيلون هڙاپا مان حاصل ڪيل سيلن سان مشابهت رکن ٿيون! ان کوجنا مان سنڌن هم عصري سڀيتا جا نشان ۽ ثابتيون پرپل آهن.

سن 1924ع مصري تهذيب جي برک عالم پروفيسر اي ايچ سئس پڌرائي ڪندي جاڻايو تہ "موهن جو دڙو، هڙاپا مان لڌل شيون سميري، بابل ۽ آشورائي تهذيبن مان دريافت ٿيل سامان سان مشابهت رکن ٿيون". ان حيرت ۾ وجهندڙ جاچ سنڌو ماٿر جي سڀيتا کي پنج هزار ورهيہ پوئتي موٽائي ڪيس دنيا جي جهونين تهذيبن ۾ اعليٰ مقام ڏياريو! ان بعد قديمي آثارن جي ڀين ڪيترن ئي ناليري ماهرن جهڙوڪ سڊني سمٿ، مشرس گئڊ، ڊاڪٽر مئڪي وغيره پڻ 'سنڌو ماٿر سڀيتا' (موهن جو دڙو وارو زمانو)ڪي بابل ۽ نينوا جي قداور تهذيبن سان گڏ ڀيهارڻ جا ڪيئي معتبر حوالا ۽ ثابتيون پيش ڪيون. ان ڏس ۾ سن 1925ع ۾ هارگيوز نالي هڪ ٻئي ناماري ماهر موهن جو دڙو ۽ هڙاپا کان بلوچستان ۾ نال تائين سفر جاري رکي لاڳيتي کوٽائي جي عمل تي قدرائتي ۽ ساڃهہ پري روشني وڌي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن قيمتي ڪوجنائن، ۽ نتيجي طور حاصل ٿيل ثابتين مان اها ڄاڻ پيئي تہ سنڌ جا اوائلي رهواسي وئشنو (Vegetarian)ڪين هئا،گوشت، مڇي ۽ پلو واپرائيندا هئا، کير ڇهڇهي انداز ۾ پيئندا هئا. لڌل آثارن ۽ شين مان وڌيڪ اها بہ ڄاڻ حاصل ٿي تہ ان وقت سنڌ اندر جانورن ۾ ڍڳا، مينهون، ڳايون، ڪتا، سوئر، رڍون جام هيون. ان ڪان علاوه ٻيا ساهدار جهڙوڪ هاٿي، هرڻ، سيسر، چيتا وغيره پڻ موجود هوندا هئا.

ان وقت جي سنڌواسين ۽ ساڻن لاڳاپيل ٻين تهذيبن جهڙوڪ مصري، بابل، نينوائي، اُر (U r) وغيره جي وچ ۾ گهريلو اڏاوت، بناوت جي عمدگي ڪان علاوه ملڪي جوڙجڪ، سرشتي ۽ عوامي رهڻي ڪهڻي جي لحاظ ڪان هڪ وڏو ۽ واضح فرق اهو بہ هيو جو هتي عام طبقي، وچولي طبقي جو جيون آسودو، سکيو ستابو ۽ شانتي ۾ بسر پئي ٿيو، منجهن علم جي پياس بہ سرسيري نظر آئي ٿي ؛ ليڪن ان جي پيٽ ۾ وچ اوير وارين مڙيني تهذيبن اندر ملڪ گيري ۽ بادشاهت جا اُهڃاڻ چٽيءَ طور موجود هُيا (ان دور جي آس پاس اُر ۽ اَڪار جي رياستن ( موجوده عراق) تي 'سارگن' ۽ 'آئزن لورسا' نالي حاڪمن جو راڄ هيو! ) جنهن ڪري عام شهري جي زندگي گهٽي ياڳي ڏکي ۽ ٻي چسي پئي گذري. ان حقيقت جو اظهار جان مارشل، وولي، ۽ معلوون جهڙن ودوانن بہ پنهنجي تحقيقي ليکن ۾ بار بار ڪيو آهي.

ان ڪان سواءِ دنيا جي ٻين بہ ڪيترن نامور ليکڪن ۽ برک ماهرن جيڪي پراچين مصري، بابلي، آشورائي، اُر، نينوائي، سميرائي سڀيتائن جا معتبر ڄاڻو آهن، جهڙوڪ ڪرنل آرڪاٽ، ڪائونٽ مرنسٽ جرنا، برگس، ٻي ايچ بارهال، سرجان مارشل وغيره يڪراءِ ٿيندي اظهاريو آهي تہ "پراچين 'سنڌو سڀيتا' پنهنجي سيني هم عصر تهذيبن ڪان اڏاوت جي لحاظ ڪان اعليٰ؛ گيان جي لحاظ ڪان بلند، رهڻي ڪهڻي جي لحاظ ڪان صاف، ستري، نفيس ۽ شهري نظام ۽ جوڙجڪ جي لحاظ ڪان مثالي هئي! سنڌيس (سنڌو) سڀيتا جي ڇاپ مٿي ڄاڻايل سيني قديم تهذيبن تي گهري ۽ چٽيءَ طور ڏيکاري ڏئي ٿي! موهن جو دڙو جي موجودگيءَ انهن جي هر پهلوءَ ۾ انقلابي تبديليون پيدا ڪيون!! "



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن سپيتا اندر عورت مرد جي برابري وڏي اهميت حاصل ڪئي، اڄوڪي زماني جي (Lib. Movement) کان عورت ذات کي وڌيڪ آزادي حاصل هئي پردي جو رواج ڪون هيو، پاڻ کي سينگاري، زيورن سان جهنجهي ٻاهر نڪرڻ ۾ ڪو عيب نہ سمجهيو ويندو هيو!

’موهن جو دڙو‘ جي کوٽائي ۽ کوجنا بابت اڳيئي مٿي چاڻايو ويو آهي، ان سلسلي کي جاري رکندي اهو چاڻائڻ ضروري آهي تہ کوٽائي مختلف وقتن ۽ حڪومتن جي دور ۾ لاڳيتي ٿيندي رهي. ان ڏکهي ۽ ظاهري طور ’اڪتّ‘ سلسلي کي سن 1922ع کان قديمي آثارن جي ماهرن سرجان مارشل، اي . جي . ايچ مئڪي جي سربراهي هيٺ باقاعدگي سان شروع ڪيو ويو هيو ۽ اهو ڏکهو عمل نهايت اورچائي سان سن 1931ع تائين جاري رکيو ويو. خاص مقصد شهر جي تہ ٔ تہ ۾ وجهندڙ رٿابندي ، ان جي قدامت ۽ لڏل شين جي تاريخي، افادي ۽ سائنسي چنڊ ڇاڻ ۽ جائزو وٺڻ قرار ڏنو ويو. هڙاپا جي کوٽائي بہ ان مقصد حاصل ڪرڻ خاطر سن 1921ع ۾ شروع ڪيئي وئي، جيڪا اڳتي هلي سن 1937ع ، ۽ پوءِ سن 1946ع تائين جاري رکي ويئي . ان جي کوٽائي ۽ کوجنا ۾ ناليري ماهرن ۽ سڄاڻ عالمن ڊاڪٽر ساهني ، ايم . ايس. واٽس (M.S.Vats) کي . اين شاستري سرمارٽيمر ويلر پاڻ موکيو هيو. هن صاحب موهن جو دڙو جي اڏاوت بابت وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ خاطر هڪ ڀيرو ٻيهر سن 1950ع ۾ کوٽائي جو عمل نئين سر شروع ڪرايو جنهن ۾ ڪيس ڪجهہ ڪاميابي جا اُهڃاڻ پڻ نظر آيا هئا. انهن سپني کوٽاين، يا کوجنائن جي رٿابندي ۾ بہ شخصيتون سڀ کان وڌيڪ نہ صرف سمئہ جي لحاظ کان اڳيريون هيون بلڪ عمل جي ميدان ۾ بہ سرس نظر آيون – اِهي هئا: پروفيسر پنڊيڪر ۽ هينري ڪزنس.

سنڌوماٿر سڀيتا يعني موهن جو دڙو، هڙاپا پراچين سمئي ۾ پنهنجي سهيوڳي ماڳن وسيلي وسيع علائقي ۾ نہ صرف انهن سان ڳنڍيل هئي، بلڪ ڏور ڏور تائين ڦهليل پڻ هئي. سنڌيس ڳوٺهي لڏل سهيوڳي ماڳن ۾ ڪاليبنگن، لوٿل، رنگپور (راجستان ۽ گجرات)، ڳاڙهو پڙو (ڏکڻ اوير سنڌ)، ان کان علاوہ تاريخ کان اڳ واري زماني جا 9 عدد ٻيا ماڳ سليمان جبل جي تراين لڳ ڳوٺهي لڏا ويا آهن جن مان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’گوملا‘ ۽ ’رحمان ڍيري‘ جاڳاڻ جوڳا آهن. انهن جي کوجنا ۽ ڳولها جي جس جا ڀاڱي قديمي آثارن جا مشهور ماهر محمد شريف ۽ ڊاڪٽر داني آهن.

سنڌو ماٿر سڀيتا جي وسعت پراچين سمئہ ۾ مڪران جي ساموندي ڪناري، سنڌو ماٿري، گجرات، راجستان، هاڪڙي درياهہ (بهاولپور) وارن علائقن، اوپر پنجاب ۽ دهلي جي پرسان وارن علائقن تائين ڦهليل هئي. دنيا جي ٻي ڪنهن قديم تهذيب کي ايڏي وسعت ۽ هم گيري حاصل ڪين ٿي سگهي هئي! سنڌو سماج پراچين جُڳ ۾ هميشہ نہ صرف منظم ۽ متحد رهيو آهي؛ بلڪہ هڪ سگهاري سماجي تاڃي پيٽي ۾ پويل پڻ رهيو آهي.

سرجان مارشل ۽ پروفيسر اي ايچ سئس مطابق موهن جو دڙو، ۽ هڙاپا مان لڌل مهرن تي اُڪريل لپي، ۽ تصويري اڪرن جهڙيون ساڳيون مهرون (تنت مال پٽر سپي، چن، عاج، نڪر، جوَ مان جوڙيل) ايران، عراق، بابل، سمير جي قديم تهذيبن جي کوٽائي دوران پڻ هٿ آيون هيون، جنهن سنڌين سنڌو سڀيتا سان هڪجهڙائي ۽ هم عصري ڏانهن واضح اشارو ٿي ڪيو.

ان کان علاوه سن 1933ع تائين کوٽائي دوران موهن جو دڙو جا هڪ ٻئي مٿان ست شهر (يا نوَ شهر؟) نڪري نروار ٿيا هئا. سنڌيس پکيڙ تيرهن ايڪڙ ڪتي وئي آهي، (ان کان اڳ جي ڦهلاءُ کي جدا جدا ذريعن 750 ايڪڙن 200 ايڪڙن تي ڪٿيو ويو آهي !؟) انهن ستن شهرن کي، وقت جي اونهي پيماني ۾، ٽن جُڳن ۾ ورهايو ويو آهي. مٿيان ٽي شهر ويجهي زماني يعني اڄ کان اڍائي هزار ورهيہ اڳ جا ڇيا پيا وڃن . ان بعد وارا ٽي شهروچولي دور سان متعلق ٻڌايا ويا آهن ۽ آخري شهر جو ناتو پراچين سمئہ ريکا سان ملايو ويو آهي، يعني عيسي جي پيدائش کان اٽڪل ٽي هزار ورهيہ اڳ!

اچانڪ پاڻي نڪري اچڻ سبب وڌيڪ گهري کوٽائي ناممڪن بڻجي وئي ـ اگر ائين نہ ٿئي ها تہ، شايد ڪو ٻيو شهرُ يا شهرَ نڪري اچن ها، جنهن جي نتيجي ۾ اها سڀيتا، ممڪن طور، اجان وقت جي گهرائي ۾ داخل ٿي وڌيڪ پوئتي موٽ ڪائي ها؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرجان مارشل چواڻي ”موهن جو دڙو جي مڪانن جهڙي اڏاوت سڄي پراچين هندستان ۾ ڪٿي به نظر نه ايندي! “ ’موهن جو دڙو‘ مان لڌل باسڻ پنهنجي اهميت، افاديت ۽ خوبصورتي جي لحاظ کان ٽن درجن ۾ ورهائي سگهجن ٿا: (1) نيري سائي رنگ جي چٽسالي ٿيل برتن (2) ڳاڙهو رنگ ٿيل باسڻ (3) سنها، نفيس ڪاغذي برتن . پهرين درجي وارن چٽسالي نڪتل سهڻن، اوچي درجي ۽ عمده برتن جهڙا ٿانوَ دنيا جي ڪنهن به قديم تهذيبي مرڪز تان حاصل ڪو نه ٿي سگهيا آهن!

هڪ ڪٽ موجب ڇهن سون کان وڌيڪ جدا جدا نمونن ۽ ماپ جون مهرون لڌيون ويون آهن ۽ انهن مٿان مختلف جانورن جون سهڻيون تصويرون اُڪريل آهن،انهن ۾ ڍڳو، گينڊو، مينهن، باندر، سوئر، ڪڇون، هرڻ، گهٽو، رڇ وغيره شامل آهن. اِهي مهرون چاندي، ٽامي، عاج، سنگمرمر، سپي، چن ۽ ٺڪر مان جوڙيل آهن.

رگ ويد ۾ سنڌ کي ’سوات‘ ۽ ’ارٽاوئي‘ جي نالي سان سڏيو ويو آهي، يعني عمدو سوٽي ۽ اوني ڪپڙو تيار ڪندڙ ديس! ’سنڌ‘ نالي هڪ خاص قسم جو ڪپڙو ۽ زيور جوڙي ڪري بابل موڪليا ويندا هئا. ان زماني ۾ سنڌ جي سوٽي ڪپڙي کي موجوده عراق ۾ ’سنڌو‘ يونان ۾ ’سنڌان‘ ۽ مصر ۾ ’سينڊل‘ ڪوٺيو ويندو هو، ان دور ۾ سنڌ جي مکيه پوکن ۾ ڪپهه، ڪڻڪ، جَوَ، ڪارڪ، هنداڻو، ٻيهه، پٽڻ شامل هئا.

دنيا جي سڀ کان پراچين تهذيبي بستين ۾ جريڪو (Jericho) جو ننڍڙو قلعو شهر اردن ملڪ ۾ جدهه پهاڙ جي دامن ۾ آهي، جنهن جي عمر اڄ کان اٽڪل ڏهه هزار سال اڳ ڪٿي وئي آهي، ۽ اهو انڪري به اهم ليکيو وڃي ٿو جو بائبل ۾ ان جو ذڪر موجود آهي. ان شهر جي زماني کي نئين پٿرائين، (Neolithic) عهد ۾ ليکيو ويو آهي. ان بعد ٻي ”کهني دريافت“ بلوچستان اندر، مهر ڳڙهه، کي چيو ويو آهي جنهن جي قدامت اڄ کان اٺ هزار سال اڳ جي ڪٿي وئي آهي، ان کي به نئين پٿرائين، دور ۾ قرار ڏيئي سگهجي ٿو.

البته سنڌ اندر ’آمري‘ جنهن جي قدامت اڄ کان ڇهه هزار ورهيه اڳ جي آهي، ڪوٽ ڏيجي جيڪو اڄ کان اٽڪل ساڍا پنج هزار سال اڳ وجود رکي ٿو، اِهي ٻيئي موهن جو دڙو ۽ هڙاپا کان ڪجهه صديون اول



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجود ۾ آيا، ليڪن پويان بيان ڪيل ماڳ پنهنجي ڏِيا، تهذيبي افاديت، بين الاقوامي ڇاپ ۽ اهميت، انساني تاريخ،ارتقائي عمل جي گهرائپ، عوامي سڏاري، ترقيءَ ۽ وسعت جي لحاظ کان سموري دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ اوچو، اعليٰ ۽ آدرشي مقام رکن ٿا. صرف مصر بابل، سمير جون عاليشان تهذيبون ـ جيڪي سنڌين هم عصر ڇيون وڃن ٿيون، انهن سان ڪنهن حد تائين بر ميچي سگهڻ جي لائق هيون.

پراچين هندوستان اندر تهذيبي ارتقا جي سلسلي ۾ ڪيئي متحرڪ ۽ غير متحرڪ، مسلسل وهندڙ ۽ بيٺل دور ايندا رهيا آهن ـ انهن عهدن ۾ نہ صرف قديم هندوستان اندر، پر بين ’ڏارين ڏرتين‘ تي بہ ائين ئي ٿيندو پئي رهيو آهي. ان عمل ۾ هميشہ عوام جو مرڪزي ڪردار پئي رهيو آهي، ليڪن مختلف ڌرمي، سماجي ۽ سوچيندڙ شخصيتن بہ روشني جي مناري، وانگر انهن تبديلين ۾ نهايت اهم نوعيت جو ڪردار ادا پئي ڪيو آهي.

سموري دنيا اندر ۽ خاص طور هندوستان ۾ ’سنڌو ماٿر‘ جي روشن، ترقي پسند سيپتا کان گهٽو پوءِ، آريائي نسل جي آمد کان بہ گهڻو بعد ۾ عيسوي سن کان اڳ نائين صدي کان ٻي صدي واري وچولي دور کي (Axial age) سڏيو وڃي ٿو. مان ان زماني کي ساجهہ يا روشني، جي يُگ سان تعبير ڪريان ٿو، ان يُگ ۾ وڏيون انقلابي تبديليون رونما ٿيون هيون، هندوستان اندر مهاتما ٻُڌ ’ويدڪ يا براهمڻي‘ دور جي فڪري جمود ۽ تنگ نظري تي ٻڌل رسمن رواجن کي ٽوڙي هڪ نئين، نڪور انقلابي سوچ جو بنياد وڌو. چين اندر ڪنفيوشس ۽ لائو زُو پنهنجي نئين فلاحي سوچ ذريعي پراڻين، مدي خارج ۽ ڏڏندڙ مذهبي ديوارن ۾ ڪاري ضربون لڳائي ڏار پيدا ڪيا. ٻئي طرف ايران اندر ڇهين صدي ق م ۾ زردشت (Zoroaster) ’يڪ وجوديت‘ جي فڪري لهر آڻي پراڻي، بدبودار سماجي ۽ مذهبي ڏارائن ۾ ولوڙ جي ڪيفيت پيدا ڪئي؛ ۽ ان ڏس ۾ ان کان اڳ يهودي پيغمبر (Solomon, Isaiah, Jeremiah, Ezekiel) سليمان، يسعياه، يرمياه، حزقيل وغيره پڻ ساڳيو انقلابي عمل جاري رکي پاڻ موکي چڪا هئا.

ان ساڳئي دور ۾ (ساجهہ يا روشني جو يُگ) هندوستان اندر’گمنام‘ دانشورن جو هڪ اهڙو طبقو اُڀريو، جنهن کي عام طور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’چارراڪ‘ فيلسوف سڏيو وڃي ٿو ، ۽ هنن جي طرفان پيش ڪيل ان ’عوامي فلسفي‘ کي بہ ساڳيو نالو ڏنو ويو آهي. هنن دانشورن سماج اندر ’گوتمي فڪر‘ ۽ ’اپنيشدي باغيانہ سوچ‘ کان وڌيڪ اُتمتا پريل ’انساني سوچ‘ جون جهرڻن جيان مٺڙ وهندڙ تيز، صاف ۽ صحت بخش ڌارائون جاري ڪيون؛ ليڪن انهن سيني چارواڪي مفڪرن کي سماج جي ڪرپ آٽينڊڙ قدرن سان سڌيءَ ريت ٽڪرونڻ سبب سقراط جيان زندگي جي آهوتي ڏيڻي پيئي! ’اوچي فلاحي سوچ‘ آڇڻ جي قصوروار هئڻ سبب بليدان (شهادت) ڏيڻ وارن روشن فڪر انسانن منجهان، دنيا اندر، هيءُ پهريون انساني جٿو هيو!!

(Axial age) کان گهٽو اڳ، بلڪ ’جنگجو آريائي سيپتا‘ جي آمد کان بہ پهريائين ’سنڌوماتر جي تهذيب‘ جا ابتدائي محرڪ ۽ بنياد وجهندڙ انفرادي ’ذهن‘ ۽ ’عوام‘ مٿي ڄاڻايل يُگن جي سموري انساني ارتقائي سرمائي کان وڌيڪ پربل، وڌيڪ روشن خيال، وڌيڪ ساڃهہ پريا هئا. اگر ان سمئہ کي ’ستيہ يُگ‘ (Golden age) چئجي تہ وڌاءُ ڪين ٿيندو. ليڪن اهي صحت مند سوچيندڙ ذهن ۽ باڪمال، باعمل ’هٿ‘ ڪهڙا ۽ ڪنهن جا هئا؟

سنڌو ماتر تهذيبي ڪڙين جي سلسلي ۾ ڪجهہ وڌيڪ ڄاڻائڻ کان پهريائين هن خطي تي مختصر نگاهہ ڊوڙائڻ ضروري آهي. هن ڌرتيءَ جي صوبي سرحد جي سرزمين پنهنجي فطري رنگا رنگي، گونا گونيت ۽ هم آهنگي جي باوجود مُلن، ڌرمي ڪٽر پنٿين ۽ تنگ نظري جي باعث هن خطي ۾ مخصوص مقام جي حيثيت رکي ٿي. پنجاب جي ڌرتي قدر تي نظارن، پاڻي جي جهجهائپ ۽ خوبصورتي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. پر سنديس اصلي شهرت ان سندر ڌرتي تي جنميل صوفي، سنتن ۽ ولين جي محبت ۽ آشتي جي پيغام ۾ سمايل آهي؛ ان سلسلي ۾ هڙاپاجي دريافت بہ هڪ اهم عنصر آهي. بلوچستان جي پٿريلي ڌرتي، ڪجهہ ناڪاري انساني وصفن جي باوجود انسان دوستي، مهمان نوازي ۽ صحت مند قبائلي روائتن سبب هن خطي ۾ اوچو مقام رکي ٿي ـ ۽ مهر ڳڙهہ ان ڌرتي اندر قطب تاري جيان سدا چمڪندو رهي ٿو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليڪن سنڌ جي ڀِڳڻي، جرڪندڙ ڌرتي فطرت جي بي حد مهربانين، موهن جو دڙو جي سموري سنسار ۾ سدا قائم چوڏس هاڪار ۽ ناموس جي باوجود پيرن، ميرن، فقيرن جي بي حساب تعداد ڪارڻ هڪ يڪتائي حيثيت حاصل ڪئي آهي. پر ڳالهه جو اننت اِتي ڪونه ٿو ٿئي هن عاليشان ڌرتي اندر نجاڻان ڪيترائي تاريخي ۽ تهذيبي 'پوريل' دڙا پنهنجي 'جنم' وڻڻ جي اوسيئڙي ۾ هٿ پير هڻي رهيا آهن؛ ۽ ڪيئي جنم وٺي چڪا آهن! انهن مان چند مشهور جيڪي تاريخ جي گهڻ ڏورانهين دور جا چيا وڃن ٿا جاٽائڻ جوڳا آهن..انهن ۾ لاڙڪاڻي ضلعي اندر 'جهڪر جو دڙو' ميرپور خاص ضلعي ۾ 'ڪاهو جو دڙو' ۽ نوابشاهه ضلعي ۾ 'چانهونءَ جو دڙو' سکر ضلع ۾ روهڙي لڳ 'اروڙ' شهر، دادو ضلع اندر رني ڪوٽ وغيره ڪافي اهميت رکن ٿا. انهن جي کوجنا جي سلسلي ۾ وقت به وقت ڪوتائي جو عمل جاري رکيو وڃي ٿو. پڪ سان نه ٿو چئي سگهجي ته انهن جا اسرار تاريخ جي ڪهڙي سطح تي جنم وٺي مجسم حيثيت حاصل ڪندا.

مشهور ودوان سرمارٽيمرويلرچواڻي "سنڌ ماٿر جي تهذيب جون حدون ٻين سيني هم عصر سڀيتائن کان ڏگهيون هيون. ان جي رهواسين ڪي اٽڪل اٺ سئو ميل ڏگهي ساموندي ڪناري تائين نه صرف پهچ هئي، بلڪ لڳي ٿو ته اِهو سنڌين زير اثر به هيو! اتان جي رهواسين مان 'پڻين' نالي لوڪ ساموندي واپاري هئا، جن جي رسائي يونچ سمنڊ (Mediterranean sea) جي آس پاس جي علائقن تائين هئي، انهن علائقن ۾ ان دوران جا ڪجهه مشهور شهر ڪارٿيج (Carthage)، ٽرائي (Troy)، سڊن (Sedan)، يوٽيڪا (Utica)، وغيره هئا، جن سان هنن اصلوڪن سنڌين جا وڻج واپار ذريعي ڪافي ويجها ۽ پختا ناتا هئا. تاريخ جي علم مان عام تاثراهوئي ملي ٿوته دنياجا 'قديم ساموندي واپاري'فينيشنس (Phoenicians) هئا، پر جهوني دريافت ٿيل وستوئن جي تحقيق کان پوءِ جاڻ پوي ٿي ته اِهي واپاري اصل ۾ قديم سنڌي 'پڻين' جي اولاد مان ٿي هئا! "

پر ان ڳالهه تي سڀئي محقق ۽ ودوان يڪراءِ آهن ته سنڌو ماٿر جا اوائلي ڦلندڙ ڦولجندڙ ماڳ موهن جو دڙو ۽ هڙاپا هئا. موهن جو دڙو مان اڏاوتي لحاظ کان اعليٰ پختا گهر، اناج رکڻ جا گدام، تربيتي مرڪز، وڏو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عوامي تلاءُ، پئنچات هال، اشنان جون جايون، مٺ، اوطاقون، ڳجهيون ناليون، ڪُشادا رستا ۽ گهٽيون ۽ اڻ وسهندڙ تعداد ۾ کوهن جي موجودگي؛ هن وقت تائين ست سئو کان وڌيڪ کوهہ دريافت ٿي چڪا آهن! ان سموري اپٽار مان ان عنصر کي وسارڻ نہ جڳائي تہ اهي سڀ حيرت ڏياريندڙ حقيقتون 'عام زندگي' جي سهولت برابري ۽ بهتري ڏانهن اشارو ڪندي نظر اچن ٿيون، ۽ اهو بہ اُهڃاڻ ملي ٿو تہ سماجڪ جوڙجڪ ۾ درجابندي ۽ اونچ نيچ بنهہ ڪون هين! پر ان جي ڀيٽ ۾ مصر، بابل ۽ سمير جي هم عصر ۽ ڏورانهن سنبنڌي تهذيبن اندر'عام جيون' جي آرام، سُک ۽ سهولت جو ڪو پرو نہ ٿو ملي ؛ نہ صرف وڏا عاليشان ۽ ڀيڪيدار محل، (بابل جا جهومندڙ باغ ) نهايت عمدا مقبرا (مشهور مصري اهرام) ۽ ڏيک ويک وارا مندر نهرائڻ تي زور هوندو هين! اهي سڀ نشانيون هڪ بي ترس ۽ نابرابري واري سماج ڏانهن واضح اشارو ڪندي ڏيکاري ڏين ٿيون .

موهن جو دڙو جي کوٽائي دوران دريافت ٿيل هڪ شاندا مٺ يا وهار (Stupa) کي، ڪجهہ ودوانن جي راءِ سان اختلاف ڪندي، گوتمي تهذيب جو يادگار نہ ٿو چئي سگهجي، ڇو جو اها سيپيتا (Buddhist culture) موهن جو دڙو جي سيپيتڪ يُگ کان گهٽو گهٽو پوءِ، هندوستان اندر وجود ۾ آئي . موهني ۽ هڙاپائي تهذيب ۾ رڱيل انسان دوربين، مستقل مزاج ۽ عمل جو ڪانکي هيو؛ کيس عياشي، نابرابري ۽ تشدد کان سخت چڙ هئي، ڇو جو سنڌيس سيپيتا سالن جي لڳاتار انساني ساڌنا ۽ شانتي جي ڪُکِ مان اُپري هئي، ان ڪري اڻ اندر هڪ مثالي مهانتا ۽ انفراديت سمويل هئي _ جنهن هنساواد ۽ ٻُڌواد جي هر ڇهري کي سخت ناپسند ڪري ٿڏي ڇڏيو هو. ان سلسلي ۾ جڳ پرسڌ ودوان، ليکڪ ۽ فيلسوف آلڊس هڪسلي (Aldous Huxley) جا هِيِ لفظ ورجائڻ جوڳا آهن، "سنڌو سيپيتا ڪنهن بہ قسم جي هٿيار استعمال ڪرڻ بنا ڦلي ڦولي ؛ ۽ نہ وري ان ڏس ۾ ڪي گهاتڪ هٿيار سنڌيس ڍيبل ڪنڊرن مان ظاهر ٿيا! هيءَ دنيا جي سڀ کان اهم ۽ فخر لائق ۽ هنڊائڻ جوڳي حقيقت آهي. ان حقيقت مان اهو بہ ثابت ٿئي ٿو تہ ڪنهن بہ عظيم ۽ گنجريل شهري تهذيب کي بنا جنگ جوٽي قائم رکي سگهجي ٿو ."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آلڊس هڪسلي جو فڪر لاشڪ هاڪاري، اتساهيندڙ ۽ برحق آهي: پر پاڪستان جون موجوده سياسي،سماجي ۽ معاشي حالتون سنڌ ڌرتي ۽ ان سان واڳيل عظيم تهذيبي ماڳ (موهن جو دڙو ) لاءِ سازگار ۽ جيئه جيئاريندڙ ڪين ٿيون ڀاسن !

هن وقت سنڌ ڌرتي پراچين زماني جي ڳنڍيل هندستان (ڀارت ورش) جو ڏيک پيش ڪري رهي آهي. ان دور جي ڀارت ديس ۾ پرڏيهي راتاهو هٽندڙ قومون جهڙوڪ آريا، سٿين، يوناني، هُن، شاڪا، ايراني وغيره سامونڊي موجن جيان ايندڙيون رهنديون هيون ۽ سندس ستر، سونهن ۽ سک لٽيندڙيون رهيون. سندس ثقافتي، تهذيبي اوج سان هٿ چراند ڪري انکي لوڙيندڙيون رهيون .

پر، ان پراچين ديس جي نڪريل،سڳنڌ پريل ،سنجيوني جهڙي امر، سدا بهار ۽ طاقتور تمدن ۽ تهذيب ۾ پنهنجو پرپور ۽ قيمتي يوڳدان ڏئي ان منجهان گهڻو ڪجهه پرايائون پڻ: جنهن جي نتيجي ۾ هن نِنڌي ڪنڌ جي رنگا رنگ ثقافت هر ڏس ۽ ڏيک ۾ نروار پئي پسجي!

پر اڄوڪي سنڌ جي حالت ان دور جي ’ڦورن‘ کان بنهه نرالي آهي. اڄ جا ’ڌاڙيل‘ اتر اوپر ڏيهه، پنجن دريائن جي اُپت واري ڌرتي، ۽ گنگا_ جمني، سرسوتي ،ڪاويري ،گوداوري ۽ ڪرشنا جي وادين مان ديده دليري سان هن ’امن جي علامت‘واري ڌرتي کي پنهنجي تشدد، اُره زورائي،نردئيتاءِ بنياد پرستيءِ ڳوهيل ثقافت سان لوئي سندس سونهن ، ساڀيا، سک، شانتي کي ڀنگ ڪري سندس وجود کي هڪ ڪوڙهي جهڙي روڳي روپ ۾ بدلايو اٿائون _ پنهنجي قديم پيشروئن کي گهڻو پوئتي ڇڏي ڪانئن گوءِ کٽي ويا آهن . ان اندوهه ناڪ حالتن ۾ اڄ جو سنڌي پنهنجي ئي ڏيهه ۾ ’ريڊ انڊين‘ بڻجي ، ’اقليت‘ جي علامت بڻجي پوءِ، بدامني ۽ پنهنجي وجود کي بچائڻ خاطر، بد حواسي جي عالم ۾ رڻ ۾ روهه جيان، هيڏي هوڏي ڀٽڪي رهيو آهي_ موسيٰ جي قوم کان سنڌس حالت بدتر پسجي پيئي!

انهن پنجن مختلف ثقافتي اڪاين (پٺاڻن ،پنجابي، مهاجر، بلوچ _ ۽ سنڌي) مان هر هڪ جو پنهنجو پنهنجو تمدني جوڙجڪ قائم آهي. ڇا اِهي مختلف مزاج ۽ طبيعتون رکندڙ ثقافتون هڪٻئي سان هميشه ڳڏ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهي سگھنديون ؟ ۽ وقت جي ڪنهن اڻچاتل نڪتي تي گڏ ٿي ڪري هڪٻئي کي متاثر ڪري هڪ ئي ترڪيبي عمل جي لڙي ۾ پوئجي پاڻ ۾ يڪجا ٿي سگھنديون ؟

يا اهو ممڪن آهي ته ڪاروباري، سماجي ۽ اقتصادي گھرجن سبب پنهنجي الڳ سڃاڻپ، طبيعت 'وجائي' هڪ ٻئي ۾ سلهاڙجي وڃن _ يا هڪ ٻئي خلاف ان 'ثقافتي سفر' جي جذباتي ۽ ٽڪائيندڙ اثرسبب ڪڪ ٿي ڪري هڪ ٻئي ۾ سموئجي وڃن؟

پر، اهو خطرو پربل نظر اچي ٿو ته اِهي ٻاهران آيل 'بينڪيت' جي رنگ ۾ رتل چارئي عناصر 'ترڪ_مغل' حڪمراني جي سانچي ۾ وڌل 'اسلامي'متيءَ مان ڦٽي نڪتا آهن جنهن منجھه، ان مذهب جي (ڪتابن ۾ موجود) عمدن روحاني قدرن، اخوت، انساني برابري وارن متن جو واهپو، تاريخ جي ڪنهن به دور ۾ ڪين رهيو هو ! ۽ هينئر به ڪونهي!! ان جي ڀيٽ ۾ سنڌي ثقافت جي اوسر 'عرب _ هند'، پراچين ، ويدڪ، اپنيشدي ۽ موهن جو دڙو جي امن، شانتي، سهپ ۽ انساني برابري واري قالب مان نڪري وڌندي ويجھندي رهي آهي جنهن ۾ سک، پريم، ميٺ محبت،اهنسا وارن انگن جي جهجهائپ پسي سگھجي ٿي .ان ڪري پهرين ڏرجي ثقافت کي'جارح'۽ ٻئي قطار ۾ بيٺل نماڻن ماڻهن جي تمدن کي 'امن ۽ اهنسا'جي علامت سان تعبير ڪري سگھجي ٿو. تاريخ جي روح ۽ انساني فطرت جي گهراين ۾ ڪُتل انهن متضاد پاڙن جو هڪٻئي سان سنگم ڪيئن ٿي سگھندو ؟

اهي چارئي نسلي ۽ ثقافتي ڌريون پنهنجي فطري سڀاءُ موجب هن ڌرتي جي شانت وايو منڊل کي شڪ ۽ مينائي سان ڏسنديون رهن ٿيون. سندن سوچ ۽ عمل پنهنجي پرکن کان وصيت ۾ مليل نفرت، دشمني، غاصبيت ۽ عدم رواداري جي ڪرپ ڏياريندڙ ٻنياد ۾ ڪتل آهي . سندن ٻول ،زبان، ۽ هلت ۾ اڳرائي جو عنصر هميشه، غالب طور، ٻڪندو رهي ٿو .ان ٻنياد تي ڪين پنهنجي الڳ سڃاڻپ ۽ قوميت ۽ سنڌ کي ياڳا ڪرڻ جي هورا ڪورا لڳل آهي. ! ان اوپرائپ ۽ ويڳاڻي حالت ۾، جيڪا سن 1948ع کان سنڌين مٿان مڙهي ويئي آهي ،'سنڌي' ڪانئن ثقافتي ميلاپ ۽ چڱائي جي اميد رکي سگھي ٿو؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارجن شاد جو هينيون نظمي ٽڪرو اسانجي موجوده ’دردشا‘جي ڪيڏي نه درديلي عڪاسي ڪندو ڏيکارجي ٿو :

زمين تي رهندي به
زمين کي پنهنجي دل اندر جاءِ نه ڏيئي سگهيو آهيان
ديوارن جي اندر محفوظ هوندي به
هميشه پاڻ کي
ڪليل سڙڪن تي سمهيل محسوس ڪيو اٿم
نه زمين تي پختو آهيان
نه هوا ۾ لٽڪيل
آهيان الائجي آهيان ئي ڪون
منهنجو وجود چاهي
نه تمدن ، نه ويدانت
ڪوئي ساٿ نه ٿو ڏئي
تاريخ ته چڻ
پنهنجي هزار سالن جي تبديليئن جو
وڏي ۾ وڏو بک
مون کي بڻايو آهي.

جيئن اڳ به چيو ويو آهي ته ”قديم سنڌو واسين جا لاڙا گائڻ وديا، نرت ڪلا، ۽ سنگتراشي ڏانهن اغلب طور نظر اچن ٿا، برتنن رانديڪن ۽ سيلن تي چٽسالي ، ۽ سمويل سُرن ۽ گيتن جو سمنڊ چوليون هڻندو ڏيکاري پيو ڏئي. انهن ۾ سمايل رنگ، سندرتا ۽ تازگي اندر ۾ دائميت جو احساس بخشين ٿا. تصوير ڪشي ۽ سنگتراشي سيني قديم تهذيبن جو اهم جُز رهيو آهي؛ جو جو انهن ذريعي ئي سماڏي ۽ ڏيان ڏانهن لاڙو چڪبو هيو.“

هونءَ به هنساواد جا مخالف فن جا ڪوڏيا هوندا آهن. هنن جو تصويري، چٽسالي، ۽ سنگتراشي جو فن پنهنجي مقامي ماحول ۽ حالتن مان اُپريو؛ ان ڪري اِهو تاريخي، روائتي ۽ تهذيبي تسلسل اڄ ڏينهن سوڌو سنڌ اندر جيئرو جاڳندو، ساهه کڻندو نظر پيو اچي. ليڪن ان جي پيٺ ۾ پراچين يُگ جي ناليري سڀيتائن: مصري، يوناني، ايراني، چيني،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سميري ۽ رومي ۾ اِها ڳالهہ بالڪل نظر ڪين ٿي اچي! انهن سيني پنهنجي عظيم ماضي سان ناتو ٽوڙي جديديت کي اپنايو ۽ ان عمل کي اڳر وڏي الميئي سان تعبير ڪيو وڃي تہ وڌاءُ ڪون ٿيندو.

اوٽويهن پُرمغز، تحقيقي، ۽ محنت سان قلمبند ڪيل مقالن، مضمونن ۽ نظم جي بنياد تي جوڙيل هيءُ تاريخي ۽ تهذيبي دستاويز ،سنڌ جي پراچين سپيتڪ داستان کي سنڌي زبان ۾ مرتب ڪرڻ جي پهرين جاندار ۽ جس جوڳي ڪاوش آهي. ان آڳاٽي سپيتا جو مرڪز، انسان ذات جو ثقافتي ورثو 'موهن جو دڙو' ۽ سنڌو ماٿر جي تهذيب آهي.

ان اهم انساني وشيہ تي چٽي روشني وجهندڙ قلمڪارن ، محققن۽ قديم آثارن جي ماهرن ۾ ايچ ٽي لئمبرڪ، پيرومل آڏواڻي، دوارڪا پرساد شرما، شيخ خورشيد حسن، گنگارام سمراٽ، ڊاڪٽر ايم رفيق مغل، تاج صحرائي، جواهر لال نهرو، پروفيسر چيتن ايل، ماڙيوالا، هوتچند روچيرام واڌواڻي، ڊاڪٽرممتازپٺاڻ، ايس آر رائو، تنويوعباسي ۽ ٻيا ڪيئي برک ليکڪ ۽ ماهر شامل آهن، جن هن املهہ ڪاوش جي صورت ګري ۾ 'موهن جو دڙو ۽ قديم سنڌو ماٿر سپيتا' جي هر پهلو ۽ رخ کي اجاگر ڪرڻ جو نهايت عمدگي سان جتن ڪيو آهي.

هن ڏس ۾ جڳ پرسڌ مغربي ۽ مشرقي مفڪرن ۽ قديم آثار جي ماهرن جهڙوڪ آلڊس هڪسلي، سرجان مارشل ، سر اليگزنڊر ڪننگهام، سر مارٽيمرويلر، مئڪي، وولي، هارگريوز، گئڊ، سڊني سمٿ، ڪرنل آرڪاٽ، ڊاڪٽر داني، محمد شريف وغيره جي مستند ۽ برجستي ٽيڪائن ۽ حوالن سان هن دستاويزي ڳٽڪي کي نہ صرف سينگاريو ويو آهي بلڪ (Reference Book) جي درجي تي پهچائڻ جي بہ ڪوشش ڪئي وئي آهي.

هن املهہ رتن جي ترتيب، تاليف ۽ ديدهہ زيب ڇپائي لاءِ اسان جا ساڪي سنگت جا دوست خليل مورياڻي ۽ ڊاڪٽر پنجواڻي ساراهہ ۽ جس جا ڀاڳي آهن. پاڻکن جي ماهراڻا ۽ تنقيداڻا راءِ جو انتظار رهندو تہ جيئن اڳتي هلي، هن دستاويز کي اضافي سان وڌيڪ بهتر ۽ معتبر بڻائي سگهجي .

شيام ڪمار _ ڪوئيٽہ _ 21.06.2007



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 1. سنڌو تهذيب – اُن جو اُسرڻ ۽ ڦهلجڻ

## ايچ. ٽي. لئمبرڪ /سومار علي سومرو

سنڌ جي تاريخ جي آغاز جو نقطو عظيم ’سنڌوتهذيبَ‘ جي ظهور کي سمجهڻ گهرجي، جيڪو مسيح کان اڳي اڍائي ۽ ٽن هزار سالن جي وچ ڌاري ٿيو. جيتوڻيڪ ائين چوڻ سان اسين هڪ اهڙي قديم دور ۾ داخل ٿي وڃون ٿا، جيڪو اسان جي موجوده تاريخي ڄاڻ جي ڪنهن پڪي پختي سال کان بہ گهٽ ۾ گهٽ ويهہ صديون قديم آهي پر ان جي باوجود اسان کي انهن ’سنڌو لوڪن‘ ۽ سنڌن زندگيءَ جي طور طريقن بابت، سنڌ ۾ ڪانئن پوءِ وارد ٿيل سنڌن گهڻن ئي جانشينن جي ڀيٽ ۾، وڌيڪ ڄاڻ حاصل آهي، جيڪي تاريخي دور جي نسبتاً ويجهڙائيءَ واري دور اندر هِتي آيا.

سنڌو تهذيب جي پهرئين مشاهدي سان، اسان کي هڪدم اعليٰ طريقي سان منظم ۽ ترقيءَ جي اوج تي پهتل هڪ اهڙي رياست اپريل نظر اچي ٿي، جنهن جو بنياد دريائي ميدانن ۾ تعمير ٿيل هڪ عظيم (1) شهر تي رکيل آهي ۽ ائين معلوم ٿئي ٿو تہ ڄڻ ان رياست جو پسگردائيءَ وارن علائقن ۾ ان کان اڳي گذري ويل معاشري جي ترقي يافتہ منزلن سان ڪنهن قسم جو ڪو لاڳيتو تعلق ڪو نہ هو! تهذيب جي اِنهيءَ منزل جي پهرين ڄاڻ اسان کي الهندي پاسي ڪاڇي واري لاهہ ۽ پرواري ڪوهستان جي مختلف نوعيت وارن علائقن مان حاصل ٿئي ٿي. اتي ۽ ڏورانهين بلوچستان ۾، ماڻهو پڪن ڳوٺن ۾ سڪونت پذير هئا، جن جي زندگيءَ جو ڍنگ بنيادي طور ’ڪنجهي واري دور‘(Bronze age) جي بيٺل بيشمار دهقاني گروهن جهڙو هوندو، جيڪي الهندي ايشيا ڪنڌ جي مٿانهن پٽن تي ڇڙوڇڙ حالت ۾ پکڙيل هئا. سنڌو درياءَ جي سيلابي ميدان واري پاسي ۾ واقع پٽي تي اُنهن ماڻهن جي جماعت جو قبضو هو، جيڪي ’ آمري لوڪن‘ جي نالي سان مشهور آهن، جن جو اهو نالو هڪ ميٺائين دڙي تي بيٺل ساڳئي نالي واري ڳوٺ مان ورتو ويو آهي، جتان سنڌو ندي اڄ بہ وهندي نظر اچي ٿي، ۽ جتي اُنهن جي ثقافت جي نشانن کي سڀ کان اڳ ۾ لڌو ويو هو. انهيءَ ڳوٺ، آمريءَ تي بعد ۾ انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻھن قبضو ڪيو، جن کي ’سنڌو لوڪ‘ جي زمري ۾ رکي سگھجي ٿو، يا جن کي، آثار قديم جي دستوري علمي اصطلاح مطابق، ’هڙاپا لوڪ‘ به سڏجي ٿو. آمري لوڪن جي بستين جو خود سيلابي ميدان ۾ ڪو به اهڃاڻ نه مليو آهي ۽ عام طرح سان ائين سمجھيو ويو آهي ته اهو وسيع ۽ عريض علائقو انهيءَ زماني ۾ قديم نسل جي شڪاري قبيلن يا خانه بدوش مال چاريندڙ لوڪن سان آباد هو.

’ڪوٽ ڏيجيءَ‘ جي سرزمين بين هڪڙن اهڙن قديم لوڪن جي موجودگيءَ جو ثبوت پيش ڪري ٿي، جيڪي سيلابي ميدان جي ڇيڙي وٽ ڪافي گھٽي عرصي کان وٺي هڪ هنڌ ٽڪاءَ واري اجتماعي زندگي گذاري رهيا هئا ۽ جن کي پڻ آخرڪار سنڌو لوڪن اتان اچي پڇايو ۽ سندن جاءِ والاري. هڪ زيادهه قديم تمدن واري راڄ جي اِها بستي، جيڪا سيلابي ميدان جي پار اپرندي ڇيڙي تي، يعني روهڙيءَ وارين ٽڪرين جي گول دائري جي باهران دريائي سيلابن جي لتاشي ميدان جي وچ ۾ هڪ بيٽ وانگر بيٺل آهي، آمريءَ وارن جي بستيءَ کانِ به وڌيڪ اهميت جي حاصل آهي. جيڪڏهن اهي لوڪ به اصل الهندي واري جابلو ملڪ (2) کان لڏي اتي آيا هئا ته پوءِ پوري اعتماد سان فرض ڪري سگھجي ٿو ته انهن ماڻھن به، آمري لوڪن وانگر، بلڪه انهن کان به وڌيڪ، پنهُنجي اصلوڪي جابلو وطن کي خيرباد چئي، پاڻ کي، آئينده جي گذر اوقات جي معاملي ۾، پوريءَ طرح سنڌو درياءَ جي رحم و ڪرم تي آڻي ڇڏيو هو. هاڻي ڪين هڪ اٿاهه درياءَ ۽ ان جي شاخن جو سيلابي ويڪرو ميدان، انهن ٽاڪرو پٽن جي حفاظت ۾ بيٺل سندن پراڻي ماحول کان جدا ڪري رهيو هو، جيڪي هنن کي اتان جي چشمن، تيز وهي ويندڙ پاڻيءَ جي نهرن يا بارش جي ڦاٽل پاڻيءَ تي ڇڊو پڪڙيل گاهه ۽ مختصر فصل فراهم ڪندا هئا. هنن اهي پنهنجي جابلو ماحول جون سپ شيون بظاهر لئيءَ جي وٽن سان پريل اهڙن گهاٽن ۽ دور تائين پکڙيل جهنگن سان ڍڪيل پٽ سان بدلايون هيون، جنهن ۾ ڪين ڪٿي گھرو گاهه ۽ سَرَ، ته ڪٿي سڏا سنوان، ويران ۽ ساوڪ کان خالي زمين جا ٽڪرا مليا هوندا، جن جا ٿورا گهٽا حصا منداڻتن مينهن جي تيز يا ماني پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويندا هوندا يا جن کي درياءَ جي اڻ -ڪٿ موجي مزاج مطابق ان جو پاڻي ڪڏهن ته ڪائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳاري ڇڏيندو هوندو تہ ڪڏهن انهن جي مٿان لٿ چڙهي ويندو هوندو يا وري اهي پاڻيءَ جي چڙهڻ ڪري خشڪ ۽ سڪل رهجي ويندا هوندا. درياءَ جي موافق اٿل ڪان پوءِ دور درو تائين پکڙيل انهن علائقن ۾ اهڙا تہ سرسبز ۽ گهاٽا فصل پوکجي سگهبا هوندا، جيڪي انهن ماڻهن جي جابلو ابن ڏاڏن جي تصور ڪان بہ ٻاهر هوندا. پر جيڪڏهن ٻئي سال جي اٿل انهيءَ پٽ تي وٺن نہ پهتي هوندي، جتي ڪين ان جي اچڻ جي اميد هوندي تہ پوءِ هنن لاءِ اهو پٽ ڇڏي، اڳتي وڌي اتي وڃڻ ڪان سواءِ ٻيو ڪو چارو ڪو نہ هو، جتي اُها اُٿل پهچي سگهي هوندي ۽ ان سان اتي جي زمين آباديءَ لائق ٿي هوندي؛ جنهن ڪان پوءِ هو اُتان جي پيداوار ۽ ٻيو سامان گذاري جو ساڻ ڪٽي، موٽي پنهنجي پڪي شهر طرف هليا ويندا هوندا. عام طرح هنن حالتن ۾ مال چارڻ جون سهولتون هنن لاءِ وڌيڪ پائدار هونديون. ڪوٽ ڏيجيءَ جي اوائلي آبادڪارن ڪي، هڪ طرف جتي پنهنجي اصلوڪي جابلو ماحول کي خيرباد چئي، پنهنجي زندگيءَ جي ڍنگ کي تبديل ڪرڻ لاءِ مجبور ٿيڻو پيو هوندو، اتي اسان کي ائين سمجهڻ لاءِ ڪي ثبوت نہ مليا آهن تہ ان جي نتيجي ۾ اهي ماڻهو پنهنجن پوئتي جبلن ۾ رهجي ويل ماڻهن جي ڀيٽ ۾، سنڌو لوڪن جي تهذيب جي مٿيريءَ منزل جي وڌيڪ ويجهو پهتا هوندا، جن پوءِ ڪين اچي اُنهن نين دريائي بستين تائن هٿائي ڪديو هو: جو تہ سندن هيل تائين مليل آثارن مان ڪنهن بہ قسم جي لکت، شهري تمدن يا واپار لاءِ ناهيل مال جو اجا تائين ڪو بہ ثبوت برآمد نہ ٿيو آهي - ۽ اهي ئي ٿي ڳالهيون هيون، جي اڄ سندن 'تهذيب' ڪان بهتر 'سنڌو تهذيب' جون مکيہ علامتون سمجهيون وڃن ٿيون.

سنڌو تهذيب جي سلسلي ۾ ترقيءَ جو انتهائي فيصلہ ڪن اڳتي قدم سيلابي ميدان ڪان ڪجهہ پريرو هڪ شهر جي اڏاوت هو. هن باري ۾ اسين اِهو انومان ڪدي سگهون ٿا تہ سنڌو لوڪن آمري ۽ ڪوٽ ڏيجيءَ جي آڳاٽن رهاڪن کي جيڪي بظاهر ڪڇي کي آباد ڪرڻ ۾ ئي مطمئن رهندا هئا پر جيڪي پڻ پنهنجون رهڻ جون ڇڙوڇڙ جايون سيلاب جي پهچ ڪان ڪجهہ پريرو پهاڙي علائقي ۽ روهڙيءَ وارين ٽڪرين جي ماٿر تي رکندا هئا، سندن پٽن، تان ڏکي ڪيڻ جي فيصلي ڪرڻ ڪان گهٽو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳي پوريءَ ڪاميابيءَ سان اهو شهر بنديءَ جو قدم ڪٽي چڏيو هو. انهيءَ انومان جي روشنيءَ ۾ جيڪب آباد کان ڪي ارڙهن ميل اتر الهندي ۾ واقع 'جڏير جو دڙو' نالي سنڌو لوڪن جي بستيءَ کي خاص اهميت حاصل آهي. اها جاءِ بلڪل ڪليل پَٽ جي وچ ۾ بيٺل آهي. پر اهو ميدان ڪچيءَ جو آهي، ۽ اهو انهن ٽڪرين جي ماٿر تان جيڪي ان کي ٽن طرفن کان وڪوڙي بيٺيون آهن، بارش جي پاڻيءَ ذريعي آيل رائي واريءَ مٽيءَ جو نهيل آهي، ۽ نہ سنڌونديءَ جي سيلابي ميدان جي لٽاشي مٽيءَ مان. معلوم ائين پيو ٿئي تہ انهيءَ هنڌ تي اُها بستي، سنڌونديءَ جي انتهائي اترينءَ شاخ جي سيلابي يا ٽڪرن تان لهندڙ نين جي وهندڙ پاڻيءَ مان فائدي وٺڻ لاءِ قائم ڪئي وئي هئي. سنڌو نديءَ جي اُها انتهائي اترين شاخ ٿورو ئي پري ڏکڻ الهندي رخ ۾ وهندي هئي، ان کي بگٽي ٽڪرين ۾ وسندڙ برسات کان پوءِ ڪڏهن ڪڏهن لهري ۽ ڇِتر نين ذريعي برساتي پاڻي پڻ ملي ويندو هو. اهڙيءَ طرح اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ 'جڏير جي دڙي' جون حالتون اهڙيون ئي هونديون؛ جهڙيون سنڌو لوڪن کي سنڌوءَ جي سيلابي ميدان ۾ مستقل طور آباد ٿيڻ کان اڳي، سندن عبوري يا تجرباتي منزل ۾ پيش آيون هونديون. ٻئي طرف، هن هنڌ جي وقوع واري جاءِ اهڙي نوعيت جي آهي، جو جيڪو ڪم 'موهن جي دڙي' يا 'چنهو دڙي' جي حالت ۾ نہ ٿي پئي سگهيو- يعني انهن دڙن جي انتهائي هيٺانهين سطح تائين کوٽائي نہ ٿي سگهي آهي، جتي (3) خالص زمين تائين وڃي پهچجي- سو هِتي ڪري سگهجي ٿو. مڪمل کوٽائي ٿيڻ تائين اسين اهو نہ ٿا چئي سگهون تہ هتي پڻ، سنڌو لوڪن پاڻ کي ڪانئن اڳ آباد لوڪن جي مٿان وڃي مسلط ڪيو هو، جهڙيءَ طرح آمريءَ ۽ ڪوٽ ڏيجيءَ وٽ ڪيو هئائون يا 'جڏير جو دڙو' خود سندن ئي هڪ اصلوڪي ڪوشش هئي. جيڪڏهن پوئين صورت آهي تہ پوءِ اسان کي هيءَ توقع رکڻ گهرجي تہ اڳتي هلي ڪا اهڙي شهادت نڪري پوي، جنهن مان اُن جي تاريخ جو اندازو لڳائي سگهون، جنهن جو پوءِ سيلابي ميدان ۾ واقع سنڌو تهذيب جي بين آبادين سان بہ اطلاق ٿي سگهي.

موهن جي دڙي ۾ هن وقت تائين ڪيل کوٽائيءَ مان سڀ کان وڌيڪ اڳاٽين والاريل سطحن جي اونهائيءَ جا آثار ميدان (4) جي موجوده



www.sindhsalamat.com . books.sindhsalamat.com

متاچري ڪان 39 فوٽ هيٺ آهن. هاڻيٰ جيڪڏهن اسين سنڌوءَ جي سڄي سيلابي ميدان جي ڌرتيءَ جي تهن جي قدرتي واڌ جي عام طور تسليم ڪيل پيماني، يعني هر صديءَ ڪان پوءِ ستن انچن جي واڌ، کي هن سلسلي ۾ ڌيان ۾ آڻيون ٿا، ته اسين 4700 سال قبل مسيح واري زماني تائين وڃي نڪرون ٿا، جنهن جو ناممڪن هئڻ صاف ظاهر آهي. جنهن وقت اهو حساب لڳايو ويو هو، ان وقت هيءَ ڳالهه فرض ڪئي وئي هئي ته موهن جي دڙي جي ٽيهن فوٽن جي گهرائيءَ واري آبادي اٽڪل 3000 سال ق. م آڳاٽي آهي، جيڪو سال هاڻي به امڪان جي حد کان گهٽ وڌيڪ آڳاٽو نظر ايندو. پر آبي انجنيئر، جن سطح جي واڌ جي رفتار جي ڪٿ ڪرڻ لاءِ مختلف تفصيلن ڪان ڪم ورتو هو، سي هن ڳالهه کي بار بار ورجائين ٿا ته جيڪڏهن سندن انهيءَ انگ کي، جيڪو ملڪ جي وسيع علائقيٰ جي سراسري سطحي اوچائيءَ جو انگ آهي، درياءَ جي ڪنڌيءَ واريءَ زمين جي تهن ۾ ايندڙ واڌ سان ڀيٽيو ويندو ته اها واڌ هڪ سئو سالن(5) پنيان گهٽ ۾ گهٽ هڪ فوٽ تائين وڃي رسندي. اسان کي هن يقين ڪرڻ لاءِ ڪافي سبب آهن ته سنڌو درياءَ هن شهر جي سڄي زندگيءَ جي مدت تائين ان جي ڪافي ويجهڙائيءَ ۾ وهي رهيو هو: ۽ اسان کي اهو به معلوم آهي ته درياءَ هڪ ڀيرو وري سنه 1740ع يا ان کان ڪجهه اڳيرو هِن شهر جي ويجهڙائيءَ ۾ وهڻ لڳو آهي. انهيءَ ڪري هي اندازو معقول لڳي ٿو ته موهن جي دڙي جي بلڪل ويجهرائي وارو ميدان سراسري طور هڪ صديءَ ۾ 9 يا 10 انچن تائين متي چڙهيو هوندو. اهو ڪاٿو شهر جي وسڻ جي انتهائي اوائلي تاريخ متعلق سال 3200 ۽ 2700 ق . م جي درمياني حصي طرف اشارو ڪري ٿو.

هن سلسلي ۾ هيءَ راءِ پڻ ڏني وئي آهي ته سنڌو لوڪن طرفان ڪوٽ ڏيجيءَ ۽ آمريءَ جو والارجڻ، سڄي سنڌو ماٿريءَ تي سندن قبضي ڄمائڻ جي ڪوشش جي آخري منزل هئي. اهو به ممڪن آهي ته جڏير جو دڙو سندن طرفان ڪنهن بئي وڌيڪ اوائلي تمدن جي متان مڙهيل شهر ثابت ٿي پوي. پر جيسين اسان کي ڪو اعتماد لائق مواد ملي، جنهن جي ذريعي اسين هنن جي طرفان سنڌو ماٿريءَ جي هيٺانهين علائقي ۾ قائم ڪيل مختلف آبادين جي تاريخن جو ڪو تعين ڪري سگهون، تيسين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءُ خيال معقول نظر اچي ٿو تہ هُنن جي دور جو آغاز خود موهن جي دڙي جي قيام سان ئي ٿيو.

هيءُ خيال، تہ اهي لوڪ سنڌو نديءَ جي وهڪري کي ڪنهن طرح سان ڦيرائي يا روڪي سگهندا هئا، محض هڪ وهم آهي. اسين انهيءَ ڳالهہ جو اندازو ڪائنئن اٽڪل چار هزار سال اڳتي جي حالتن کي خيال ۾ رکي، چڱيءَ طرح لڳائي سگهون ٿا. اسان جي پنهنجي جديد زماني، يعني 46 — 1845ع ۾ اپر سنڌ جي هڪ خاص علائقي ۾ ٻوڏ جي امڪان کي روڪڻ لاءِ چنڊڻ ذريعي پاڻيءَ کي نيڪال ڪرڻ جي رٿا جو نتيجو، جيڪا انگريز انجنيرن طرفان پوريءَ طور رٿيل ۽ عمل ۾ آندل هئي، فوراً مڪمل ۽ شرمناڪ ناڪاميءَ (6) جي صورت ۾ نڪتو هو. ۽ ان کان پوءِ بہ ڪيترن ئي موقعن تي هِن مست درياءَ سائنسي طريقي سان رٿيل بچاءَ بندن جي ڊگهي سلسلي کي پڇي پوري ۽ ڊاهي ڇڏيو آهي: جيڪڏهن سوين نہ، تہ درجنن جا درجن ڳوٺ ٻوڙي ڇڏيا اٿس ۽ انهن جي فصلن کي لوڙهي ڪٽي ويو آهي؛ متس دارومدار رڪنڊڙ واهن ۾ گهارا وجهي، انهن جا منهن ريٽ سان بند ڪري ڇڏيا اٿس؛ وڏن شهرن کي ڪائنئس وقت بوقت ٻوڏ جو خطرو پيئي رهيو آهي، ۽ اُن دائمي پنهنجي انهيءَ پوشيده طاقت جو دڙڪو قائم پيئي رکيو آهي، جنهن کي شايد جديد سائنس بہ پنهنجي سيني فني ڪاريگرين ۽ ذريعن سان هميشہ لاءِ زير نہ ڪري سگهي-- يعني اُن ۾ اُها طاقت آهي، جنهن سان هو پنهنجو وهڪرو اوچتو ۽ هميشہ لاءِ ڦيرائي سگهي ٿو، ۽ ويهين صديءَ جي. شاندار بئريجن ۽ واهن کي انساني آبادين کان خالي ٿيل ويرانن (7) ۾ پاڻيءَ جي وهڪري کان گهٽو پري خشڪ حالت ۾ ڇڏي، پنهنجي موج ۾ ٻئي ڪنهن طرف منهن موڙي، نڪري وڃي سگهي ٿو. سنڌو لوڪن کي جنهن ڳالهہ جو فن حاصل هو-- بلڪ اسان کي هتي اهو چوڻ گهرجي تہ جنهن معاملي ۾ سنڌن قسمت چڱي هئي-- سو اهو هو تہ هنن پنهنجي شهر ٻڌڻ لاءِ جيڪا سرزمين منتخب ڪئي هئي، سان انتهائي حد تائين موزون هئي: يعني اهو هنڌ سنڌو درياءَ يا اُن جي ڪنهن وڏيءَ شاخ جي ايتري قدر قريب هو، جو آبڪلاڻيءَ جي موسم ۾ اهو پاڻيءَ جي وڏي مقدار مان پورو پورو فائدو وٺي پئي سگهيو، پر اهو ٻوڏ جي خطري کان يا ان جي حملي کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري به محفوظ رهندو هو، جو ته اهو بهرحال درياءَ جي ايڏو ويجهو نه هو، جو ان جي مخصوص نموني سِيرن متائڻ سبب اُن جي پائيندڙ جي خطري ۾ رهي، ۽ در اصل اهو درياءُ ڪنهن اهڙيءَ شاخ جي ٻيءَ ڪنڌيءَ تي هو، جتي درياءُ بنيادي طور پنهنجو پيٽ آسانيءَ سان ڦيرائي به نه پئي سگهيو.(8) اهڙن طبعي اسبابن ڪري هن شهر ڪيئي لاها چاڙها به ڏٺا، جن جي نوعيت ڪي اسين شايد ڪن اتفاقي شهادتن ۽ ثبوتن ذريعي سمجهي سگهون؛ پر خود سنڌو درياءُ طرفان گذريل پنجن هزار سالن جي مدت جي دوران انهيءَ سر زمين ڪي هڪ پيرو به پائيندڙ جو خطرو درپيش نه آيو هو.

انهن ماڻهن جي ٻئي شهر واري هنڌ 'هڙاپا' طرف ٿوريءَ دير لاءِ توجهه ڦيرائيندي، اسان کي اهو صاف نظر اچي ٿو ته ان جو ان هنڌ تي بنياد ۽ تعمير انساني اعتماد ۽ همت جو اهڙو نمايان ڪارنامو ڪونه هو، جهڙو موهن جي دڙي ڪي وسائڻ جو هو. راوي ندي سندن اهڙي خطرناڪ پاڙيسرڻ ڪي ڪانه هئي، جهڙو سنڌو درياءُ جو هيٺيون (سنڌ وارو) حصو هو، ۽ هڙاپا وارا سنڌو لوڪ انهيءَ راويءَ جي ڪناري ڪي آباد ڪرڻ وارا پهريان ماڻهو به نه هئا. اسان وٽ هن وقت هن حقيقت جي تصديق ڪرڻ جا ذريعا ڪينهن ته موهن جي دڙي جا انتهائي هيٺيان تهه-- جيڪي شايد هميشه لاءِ غرقاب ٿي چڪا آهن-- سنڌو تهذيب وارا آهن يا اهي پنهنجي پنهنجي سيني ۾ اجا به ڪنهن وڌيڪ قديم ۽ آڳاٽيءَ تهذيب ڪي دفن ڪيون پيا آهن. پر معقول ۽ مناسب اندازو اهو ئي آهي ته اهي سنڌولوڪ ئي هئا، جن سيني ڪان اڳ ۾ اهڙي ڪليل ۽ خوفائتي هنڌ تي پنهنجي پهرين مستقل آبادي اچي تعمير ڪئي هئي. اهو تصور ڪري سگهجي ٿو ته اوائل ۾ اهو هنڌ هڪ اهڙي معموليءَ متانهينءَ وارو پٽ هوندو، جيڪو يا ته درياءُ جي ڪنهن اڳوڻي ڇڏيل ڪنڌيءَ جي ڪنهن سڌي اپريل دڙي جو حصو هو يا تيز هوائن ذريعي اڏامي آيل دريائي مٽيءَ جي گڏ ٿيڻ واري قدرتي عمل ذريعي ٺهي پيو هوندو، ۽ پوءِ برساتن پوڻ سان مستحڪم ۽ سنئون پَٽ بڻجي پيو هوندو ۽ ان تي هنن کي زمين جو هڪ اهڙو ڪليل ميدان ملي ويو هوندو، جيڪو رواجي ٻوڏين ۾ آسپاس جي پٽ کان مٿيري هئڻ ڪري ٻڏڻ کان بچيل رهندو هوندو. هن ۾ ڪو شڪ ڪونهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ ’لوھر جي دڙي‘، چنھو دڙي ۽ سيلابي ميدان ۾ وسايل سنڌو لوڪن جي بين آبادين جي خاص هنڌن جي چونڊ ساڳين ئي سھولتن جي آثار تي ڪئي وئي هوندي. اهي سڀ هنڌ گھڻو ڪري سنڌو درياءَ جي ڪنھن پختيءَ ۾ موسمي چاڙھ واريءَ شاخ جي پسگردائيءَ ۾ هوندا.

مطلب تہ ٻئي ڪنھن واضح ثبوت جي عدم موجودگيءَ ۾ اسين جيڪڏھن هن اندازي ڪرڻ تي مجبور آهيون تہ اهي ماڻهو پنھنجي تھذيب جا بنيادي عنصر پنھنجي اوائلي وطن کان، جيڪو اولھہ طرف ڪنھن هنڌ هوندو، هيٺ سنڌو ماتريءَ ڏانھن پاڻ سان کڻي آيا، تہ ان حالت ۾ اسان کي هيءَ اميد رکڻ گھرجي تہ آئينده ڪنھن وقت ايران يا ڪن ٻين پاڙيسري ملڪن ۾ ٿيندڙ کوجنا مان اجا بہ شايد اسان کي انھن ماڻھن جي اصلي بيخ ۽ بنياد جو ڪو وڌيڪ پروسي جھڙو سراغ ملي وڃي. ان اوائلي دور جي انسانن کي دجلہ ۽ فرات کان گھڻو اورتي، هيلمند درياءَ جي هيٺانھين حصي تي يا ان جي هامون (9) شاخ تي رهندي، وڏي درياءَ ۽ پوک لاءِ تمام گھڻي مقدار ۾ ايندڙ موسمياتي پاڻيءَ کي ورائڻ ۽ ٻڌڻ، توڙي اڏاوت جي مقصدن لاءِ پڪين سرن جي استعمال جو تجربو حاصل ٿي پئي سگھيو. انھن ڳالھين ۾، سنڌو لوڪ، جيستائين اسان کي انھن بابت سنڌوءَ جي سيلابي ميدان ۾ کوٽيل دڙن مان حاصل ٿيل اهڃاڻن مان معلوم ٿي سگھيو آهي، فني بلوغت ۽ رٿابنديءَ جي پروسي جوڳيءَ سطح تي پھتل هئا، جنھن مان اهو انومان ٿئي ٿو تہ سندن اهڙن مھذب خيالن ۽ عادتن جي نشو و نما اڳئي ڪنھن ٻئي هنڌ تي ٿي چڪي هئي.

زندگيءَ جو اهو رنگ ڍنگ، جنھن ۾ شھري ماڻهو هڪ وڏي درياءَ تي ٿيندڙ وسيع پيماني واري کيتي واڙيءَ ۾ مصروف هئا ۽ لکت جي هڪ مخصوص طريقي سان حساب ڪتاب رکندا هئا، چار هزار سال قبل مسيح جي پوئين اڌ حصي (10) ۾ ميسو پوٽيميا جي ڏاکڻيءَ ماتريءَ ۾ رائج هو. خوشحاليءَ ۽ نظم وضبط جون عجيب غريب ڳالھيون ’اُر‘ مان آيل افواهن ۽ مسافرن جي ذريعي پھتل ڪهاڻين ۽ قصن معرفت چوڌاري مٿانھن پٽن جي رهاڪن ۾ ڦھلجي ويون هونديون ۽ انھن ڳالھين نيٺ انھن رهاڪن مان ڪن گروهن ۾ تقليد ڪرڻ جو جذبو اُڀاريو هوندو، جيڪي پنھنجن ٻين همساين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ لائق ۽ مهم جُو هوندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن ماڻهن وري پنهنجن فنن ۽ لياقتن کي منظم ڪري ڪمال تي پهچايو هوندو ۽ پوءِ انهن هڪ اهڙيءَ سرزمين جي ڳولا ڪئي هوندي، جتي ڪين سندن هنرن ۽ لياقتن کان ڪم وٺڻ جا پورا موقعا ميسر هجن. بهرحال، ائين پيو نظر اچي ته سنڌو لوڪن فقط منظم شهري زندگيءَ جي هڪڙي خيال کان وڌيڪ ٻي ڪا شئي ٻئي هنڌان اُڌاري نه ورتي هئي، ڇاڪاڻ ته هنن جو تمدن پنهنجي انفرادي مادي خصوصيتن جي لحاظ کان، ان 'ٻن درياهن واري ملڪ'(ميسوپوٽيميا، جديد عراق. مترجم) ۾ مروج ڪنهن ٻہ دستور يا رواج جو يا ته بلڪل نه يا تمام ٿورو مقروض هو.

سنڌو لوڪن طرفان سندن اوزارن ڪمن ۾ پڪين سرن جي تمام گهڻي مقدار جو استعمال، سندن تمدن جو هڪ اهڙو رخ آهي، جيڪو ڪين ميسوپوٽاميا جي 'اُروڪ' ۽ اتان جي بعد وارن اوائلي لوڪن کان الڳ ۽ نمايان ڪري بيهاري ٿو. موهن جي دڙي ۾ اها تعميري حرفت پنهنجي انتهائي ترقي يافته صورت ۾ موجود آهي، هتان جي دريائي ميدانن ۾ ٻيون به ڪيتريون ئي 'سنڌو' آباديون آهن، جن ۾ گهرن جي اڏاوت ۾ اُس ۾ سڪايل مٽيءَ جي (ڪچي) سر جو گهڻي قدر استعمال ڪيل آهي ۽ پڪي سر زياده تر فقط انهن مقصدن خاطر مخصوص ڪيل آهي، جن ۾ انهن جو استعمال بلڪل اٽر هوندو هو-- مثلاً نالين جي نظام ۾. سرن جي ٺهڻ لاءِ گهربل ٻارڻ پڪ ئي پڪ مقامي طورحاصل ٿي سگهندڙ جهنگ جون ڪاٺيون هوندو، تنهن ڪري انهيءَ فرق مان هي نتيجو نڪري ٿو ته ڪن خاص آبادين جي پسگردائيءَ ۾ جهنگ جون ڪاٺيون ٻين آبادين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ملي سگهنديون هونديون، ۽ انهيءَ ڳالهه جو، پنهنجي ليکي، دارومدار انهن مخصوص آبادين وارن علائقن ۾ اٿل جي پاڻيءَ جي زور ۽ باقاعدگيءَ تي رهيو هوندو. جتي ڪو شهر سنڌو درياءَ يا ان جي شاخن منجهان ڪنهن وڏيءَ شاخ يا اٿل جي پاڻيءَ جي ڪنهن واهڙ يا ڇنڊڻ جي ويجهڙائيءَ ۾ اڏيل هوندو، اتي ٻارڻ لاءِ جهنگ جي ڪاٺين جي فراهمي وري وري نئين ۽ تازي ٿيندي رهندي هوندي. معلوم ٿئي ٿو ته موهن جي دڙي جي ويجهڙائيءَ ۾ اها شئي اڻ - کٽ مقدار ۾ موجود هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهري زندگيءَ جو هڪ ٻيو رخ، جنهن ۾ سنڌو لوڪ ساڳئي زماني جي ڪنهن به ٻيءَ تهذيب ۽ ڪانئن پوءِ ايندڙ گهٽين ئي تهذيبن جي مقابلي ۾ وڌيڪ ترقي يافته هئا، سو هو سندن شهري رٿابنديءَ جو فن. اهڙيءَ طرح موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان هن وقت تائين ظاهر ٿيل انتهائي اوائلي ۽ هيٺانهين سطح پنهنجن وڏن رستن ۽ ننڍين ڳلين جي مستطيلي شڪل ۽ صورت جو ڪامل مظهر آهي-- ۽ اهو نمونو هيلتائين اسان کي ائٽلانٽڪ پار جي قديم لوڪن جي آباد ڪيل شهرن جي کنڊرن ۾ ئي ملي سگهيو آهي. ان ڪان اجا به وڌيڪ حيرت انگيز ۽، هن وقت تائين حاصل ٿيل ڄاڻ موجب، قديم دنيا ۾ لاثاني ۽ ٻي، نظير ڳالهه انهن لوڪن جي انتهائي ڪاريگريءَ سان تيار ڪيل پاڻيءَ جي نيڪال واري جوڙجڪ هئي، جيڪا نه فقط خود انهيءَ عظيم شهر، پر ٻين اهڙين آبادين ۾ پڻ موجود هئي، جن کي شهر جو نالو به نه ٿو ڏئي سگهجي. انهن نالين جو بنيادي ۽ اصلي مقصد، بارش جي پاڻيءَ يا گهرن جي ڪني پاڻيءَ کي ڳلين جي نالين تائين پهچائڻ نه، بلڪ وهنجڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ پاڻيءَ جي وڏي مقدار کي ڪاريگريءَ ۽ خوبيءَ سان نيڪال ڪرڻ هو. عملي طور موهن جي دڙي جي هر هڪ گهر (11) ۾ پنهنجو انفرادي غسلخانو موجود هو، جيڪو گهٽيءَ واريءَ عام ناليءَ سان ڳنڍيل هوندو هو: هن باري ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته پوڄاپاٺ جي رسمن جي ادائگيءَ لاءِ 'اشنان' يا غسل خانگي نموني سان ڪيو ويندو هو: ڪوٽ جي دڙي وارو 'وڏو ڪليل تلاءُ' شايد ڪنهن خاص رسم جي ادائگيءَ يا رعايت حاصل ٿيل خاص طبقي جي ماڻهن لاءِ مخصوص ٿيل هو: مذهبي نقطي نگاهه کان وهنجڻ جي اها اهميت سڌيءَ طرح سان پوءِ جي هندو مذهب طرف اشارو ڪري رهي آهي.

سنڌو لوڪن ۾ مذهب سان واسطو رکندڙ مسئلا ڪنهن حد تائين ڪنهن خاص نسل جي ماڻهن سان وابسته نظر اچن ٿا. انهيءَ پوئينءَ ڳالهه لاءِ ثبوت، موهن جي دڙي جي انهيءَ سطح مان، جنهنکي انهيءَ نسل جي تهذيب طور شناخت ڪيو ويو آهي، لڌل انساني لاشن جي هڏائون پيجرن جي پيمائش ۽ گهڙيل بتن ۽ ڍاليل مجسمن جي نوعيت مان حاصل ڪيا ويا آهن. افسوس آهي ته هن وقت تائين موهن جي دڙي يا سنڌ ۾ موجود



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بين آثارن مان ڪو مردن جو دفينو هٿ نہ لڳو آهي. انهيءَ معاملي ۾، ”هڙاپا جي دڙي“ مان هڪ مخلوط نسل جي لاشن جي گهڻ لڌي وئي آهي، جن مان ٿلهي ليکي هڪڙن جي انهيءَ نسل سان مشابهت ملي ٿي، جنهن کي آثار قديم جي ماهرن طرفان ’پروٽو - آسٽرپلائڊ‘ (Proto - Australoid) سڏيو وڃي ٿو ۽ ٻين جي مشابهت انهيءَ نسل سان ڏٺي ويئي آهي، جنهن کي ’يونوچ سمنڊ وارن علائقن ۾ آباد گروهہ‘ (Mediterranean group) چيو وڃي ٿو. موهن جي دڙي جي آخري دور وارين مٿانهين سطحن مان هڏن جي پڃرن جي صورت ۾ جيڪا شهادت ملي آهي، سا سڄي’آخري ڪوس‘ جي مقتولن جي لاشن جي آهي. انهن جي وڏي اڪثريت بہ ’پروٽو- آسٽريلائڊ‘ ۽ ’ميڊيٽرينين‘ نسلن سان واسطو رکي ٿي، ۽ ڪجهہ ٿورا نمونا ’منگولين‘ ۽ ’آلپائين‘ نسلن جا بہ انهن سان شامل مليا آهن. موهن جي دڙي جي کوٽاين مان لڌل مجسمن جي ٻن انتهائي نمايان ۽ حيرت انگيز نمونن کي، -- هڪ نچڻي ڇوڪريءَ جي پتل واري ننڍڙي بت ۽ ساڳيءَ شهرت واري گهاٽيءَ ڏاڙهيءَ واري مرد جي ڇاتيءَ تائين اڌ مجسمي کي، جنهن کي بدن تي محرابدار چٽن سان سينگاريل چوغو پيل آهي -- شايد مخلوط انساني آباديءَ جي ٻن انتهائي نمونن طور فرض ڪري سگهجي ٿو. نچڻي ڇوڪري ظاهر ظهور پروٽو آسٽريلائڊ نسل جي خصوصيت رکي ٿي ۽ ذري گهٽ يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ اهي ئي ماڻهو سنڌوءَ جي سيلابي ميدان جا قديم النسل رهاڪو هئا، جن ۾ شڪاري، مهاڻا ۽ خانہ بدوش مال چاريندڙ قبيلا شامل هئا، ۽ جن لاءِ اسين سمجهون ٿا تہ اهي بعد ۾ مسلط ٿيل سماجي جوڙجڪ (12) ۾ دٻجي ۽ مغلوب ٿي ويا هئا. جيڪڏهن چوغي پاتل نيم مجسمو ڪنهن ديوتا جي نمائندگي ڪري ٿو، جيئن ڊاڪٽر مئڪي جو خيال آهي تہ پوءِ هيءَ اندازو معقول ٿيندو تہ انهيءَ مجسمي جي صورت ۾ شڪل سماج جي ڪنهن انتهائي اوچي طبقي جي ماڻهن منجهان ڪنهن هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي صورت سان مشابهہ ناهي ويئي هوندي، جيڪو مجسمہ ساز فنڪار جو چڱيءَ طرح ڏٺل وائٺل ۽ ڄاتل سڃاتل هوندو: ڇاڪاڻ تہ اهو مجسمو ان زماني جي ذري گهٽ ڪنهن سچي پچي زنده شخص جي حليي سان لهڪي اچي ٿو. ان جي شبيهہ مان ’آرمينائڊ‘ (Armenoid) نسل جو اندازو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿئي ٿو، جنهن کي علم الانسان جي گهڻا ماهر آلپائين نسل ۽ ميڊيٽرينين نسل جي انڊو - ايراني شاخ جي وچ تي هڪ مستحڪم ۽ مستقل نوعيت جو مخلوط نسل شمار ڪن ٿا. پوئين نالي جي نسل وارا اُنهيءَ قوم جي نمائندگي ڪن ٿا، جنهن سڄي مغربي ايشيائي علائقي ۾ انتهائي قديم ۽ اوائلي زراعتي ماڻهن جون آباديون قائم ڪيون هيون ۽ ان قوم يا نسل کي ئي سنڌو تهذيب ۾ بنيادي نوعيت جو تشڪيلي عنصر سمجهڻ گهرجي. ڪن ٻين مستند عالمن جو خيال آهي ته اهو رعبدار نيم مجسمو پنهنجي 'سرد مزاج تحڪمانه' صورت سان سنڌو لوڪن جي پروهت بادشاهه جي شبيهه جو نمونو آهي. (13) پٿر جو نهيل هڪ ٻيو مٿو، ڪن ٿورن تفاوتن کان سواءِ، انهيءَ نيم مجسمي سان حيرت انگيز مشابهت رکي ٿو، مثلاً اُن جي ساڳيءَ نوعيت جي خط ورتل ڏاڙهي، مٿي جي وارن تي ويڙهيل پٽي، جيڪي ويڙهي سيڙهي ڪياڙيءَ وٽ گول مڇي جي صورت ۾ جمائي بيهاريا ويا آهن ۽ مچن ڪوڙيل مٿيون چپ. اُها پٽي 'پروهت_بادشاهه' جي مٿي واريءَ ويڪريءَ پٽيءَ يا مُڪٽ جي ڀيٽ ۾ هڪ سنهي سڳي کان وڌيڪ معلوم نه ٿي ٿئي، ۽ ٻيو ته هن جي چهري تي نه فقط رحمدليءَ جا آثار ظاهر آهن، پر اهو وڏندڙ حد تائين خوش مزاج پڻ ڏيکارجي ٿو. انهي مٿي کي پٿر مان تڪڻ ۽ ٺاهڻ ۾ ، اُن جي ڪَنَ جي وضع قطع کي صحيح نموني سان نمايان ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪيل آهي، جهڙيءَ طرح اسان پروهت - بادشاهه جي مشهور نيم مجسمي جي حالت ۾ ڪيل آهي، پر ان جي باوجود ان جي منهن جي ڳلن وارين هڏين جي ٺُڪ جو ڪم گهڻو بهتر ٿيل آهي. درحقيقت پهرئين نيم مجسمي ۾ باقاعدگيءَ جو جيڪو عنصر موجود آهي، سو هن راءِ کي تقويت ڏئي ٿو ته جيڪڏهن اهو ڪنهن ديوتا جي نه، تڏهن به ڪنهن نه ڪنهن مقدس هستيءَ يا ڪنهن اهڙي بادشاهه جي نمائندگي ضرور ڪري ٿو، جيڪو پنهنجي بادشاهيءَ لاءِ خدائي حق جو قائل هو.

جيتوڻيڪ موهن جي دڙي (14) جاين مان هن وقت 1968ع تائين ڪنهن به هڪ جاءِ کي يقيني حد تائين مندر يا عبادتگاهه طور شناخت نه ڪيو ويو آهي، ان جي باوجود اُتان سنڌو لوڪن جي پوڄا پاٺ جي مختلف شين جي موجودگيءَ جا ڪافي ثبوت ملي چڪا آهن، جيڪي شيون ڪجهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حد تائين انساني آباديءَ جي مختلف عنصرن سان مطابقت رکن ٿيون. موهن جي دڙي جي مهرن وارن ’تعويذن‘ تي ٻن چيتن سان وڙهندي جنهن هيرو يا نيم - ديوتا جي شبيهه ڏيکاريل آهي، سو سُميريا واري ’گِلميش‘ سان قريبي مشابهت رکي ٿو. سِڱ واري چيتي تي حملو ڪندڙ هڪ نيم انساني ۽ نيم ڍڳي جهڙي مخلوق ساڳيءَ طرح سان سُميريا واري ’اينڪيدو‘ جي يادگيري ڏياري ٿي. ممڪن آهي ته انساني منهن جي نڪر مان ناهيل هڪ نقاب تي پڻ ساڳئي ديوتا جي شبيهه ٺاهيل هجي، جنهن جي ڪاڏيءَ هيٺان ڏاڙهي ۽ مٿي تي سِڱ نهيل آهن، جيڪي (سِڱ بدقسمتيءَ سان هن وقت ڀڄي (15) پيري ويا آهن. انهن نمونن.مان هيءَ راءِ قائم ٿئي ٿي ته انهن ٻنهي تهذيبن (سميري ۽ سنڌوءَ) جي ڪن عقيدن ڪنهن زماني ۾ اشتراڪ هو، جيڪو ڪنهن اهڙي اوائلي دور کان وٺي هلندو آيو هو، جنهن ۾ انهن جي ابن ڏاڏن جو مغربي ايشيا جي ڪنهن علائقي ۾، علي الترتيب سنڌونديءَ ۽ ’جاڙن درياهن‘ جي ملڪن ڏانهن لڏپلاڻ ڪرڻ کان اڳ ۾، هڪ ٻئي سان تعلق رهيو هو.

ديوي ماتا جي پوڄا سڄي الهندي ايشيا ۾ دور دور تائين عام ڄام هئي ۽ سنڌو تهذيب جي مختلف آبادين ۽ بستين مان نڪر مان ٺهيل بلڪل اُگهاڙيءَ عورت جا جيڪي ننڍا مجسما لڌا ويا آهن، سي شايد انهيءَ ئي ديويءَ جي نمائندگي ڪن ٿا. پر هن خيال لاءِ ڪوبه سبب ڪونهي ته اهو مذهب الهندي طرف کان سنڌو ماتريءَ ۾ درآمد ڪيو ويو هو چاڪاڻ ته اهو ذري گهٽ سڄي هندستان جي اٽسٽريل قومن ۾ اڄ تائين عام آهي، تنهن ڪري ان کي مقامي ئي فرض ڪرڻ گهرجي؛ اُن جي برعکس اسان کي ائين سمجهڻ گهرجي ته ٻاهر جي مٿانهن پٽن کان هتي وارد ٿيل ’نئين‘ قوم ۽ هتان جي ميدانن ۾ اصل رهندڙ قديم النسل قوم جي درميان، سندن پهرئين تصادم کان گهٽو اڳي، سندن مشترڪ پوڄا جي اها هڪ شيءِ موجود هئي.

مٿينءَ ڳالهه کان علاوه، گهٽين ئي قسمن جا اهڙا علامتي نشان پڻ آهن، جيڪي پهرينءَ ئي نظر سان مذهب سان وابسته معلوم ٿين ٿا، سرمارٽيمر ويلر اسان کي ياد ڏياري ٿو ته ’اهڙا علامتي نشان عام طور مذهب جي صحيح نوعيت ۽ اهميت اسان جي ذهن ۾ آڻي نه ٿا سگهن؛



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن مان گهٽ ئي نشانن کي، هندستان جي بين هنڌن وانگر موهن جي دڙي ۾ پڻ روحاني خواهہ غير روحاني معنيٰ ۾ مفهوم هوندو: اِهي ڪڙمي طبقي جي زندگيءَ جون خوفائتيون ’مذهبي‘ علامتون سچ پچ ان جي بلندتر فڪر جا علامتي نشان سمجهي سگهجن ٿا.“ مهرن وارن ’تعويذن‘ تي، جيڪي سنڌو تهذيب جو ايترو اهم حصو آهن، پپل جي وڻ سميت، بظاهر، وڻن جي پوڄا جا نظارا ڏيکاريل آهن، ڪن بين تي مقدس جانورن جون تہ ڪن تي وري ٻِنن جانورن جون شڪليون آهن، جن سان ڪن حالتن ۾ انساني شڪليون ملايون وييون آهن، جيڪي آثار قديم جي عالمن جي راءِ مطابق، شايد ”ٻن بنيادي طور علحده جانورن جي پوڄا وارن مذهبن جي ميلاپ جي نشاندهي ڪن ٿيون ۽ ٻئي طرف شايد ’آدمزاد ديو پوڄا‘ طرف سندن ’ترقيءَ‘ ڏانهن اشارو ڪن ٿيون(16). ٽن مهرن تي، بهرحال، هڪ اهڙي ديوتا جي شبيهہ ڏيکاريل آهي، جنهن کي واضح طور شيو ديوتا سان سندس، ’پسو پتيءَ‘ يعني جانورن جي آقا هئڻ جي حيثيت ۾ شناخت ڪري سگهجي ٿو. ٻن حالتن ۾ انهيءَ شبيهہ کي ٽي شڪليون آهن (17). ان ۾ بعد واري هندو مذهب سان سنئون سڌو رابطو نظر اچي رهيو آهي.گول شڪلين وارين مهرن تي اُڪريل ٿوهي واري ڍڳي جي شڪل جي اڪثر حالتن ۾ موجودگي، اسان کي شو ديوتا جي انهيءَ جانور سان وابستگي ۽ هن جي ’قدرت جي پيدائشي قوت جي مجسم حيثيت‘ جي يادگيري ڏياري ٿي. موهن جي دڙي وارن ماڻهن ۾ انسان جي تناسلي عضون جي وڏي پيماني تي ٽيندڙ پوڄا ۾ ، جيڪا هندستان ۾ عام طور ٽيندڙ ’لِنگم‘ جي پوڄا سان مشابهت رکي ٿي، ٻنهي تهذيبن جي رابطي جو هڪ ٻيو ثبوت ملي ٿو. وهنجڻ جي رسم جي اهميت جو ذڪر روزانہ زندگيءَ ۾ پڪ ئي پڪ پاڻ کي پاڪ ۽ صاف ڪرڻ جي مذهبي رسم هوندي. مطلب تہ سنڌو لوڪن ۾ مذهب جي نوعيت، جيستائين ان جو قديم آثارن مان اندازو تي سگهي ٿو، وڏيءَ حد تائين غير آريائي مفهوم ۾ ’هندستاني‘ آهي. انهن ماڻهن وٽ ڳئون مقدس ڪانہ هئي؛ ان جي شبيهہ هڪ هنڌ بہ نہ ڏٺي ويئي آهي، حالانڪ ڍڳو هر هنڌ موجود آهي. هن ڳالهہ جو امڪان آهي تہ وڻن، جانورن ۽ تناسلي عضون جي پرستش وارا وڏيڪ اڄ گهڙيا مذهب سنڌو واديءَ جي اصلوڪن قديم نسل قومن وٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موجود هئا ۽ انهن مذهبن جون پاڙون هنن ۾ اهڙيون تہ پختيون ڪتل ڏسجن ٿيون، جو اسين جنهن بہ 'ٻاهرينءَ' قوم ڪي سنڌو يا هڙاپا واريءَ قوم جي نالي سان شناخت ڪري رهيا آهيون، تنهن جي طرفان انهيءَ ملڪ ۾ آندل عقيدا ۽ رسمون انهن اوائلي مذهبن ڪي پوريءَ طرح سان اُکيڙي نہ سگهيا. پوئين نالي وارن لوڪن پنهنجي نئين ماحول ۾ مقامي عقيدن جي قوت کي يقيناً محسوس ڪيو هوندو ۽ انهيءَ احساس اچڻ کان پوءِ انهن عقيدن کي اڏاري طور پنهنجي ڪرڻ جي حد تائين ڪجھ اڳتي قدم کڻڻو پيو هوندن. 'سنڌو زماني' جي گهٽي حصي ۾ پروهت طبقي ڪي، جنهن کي اسان جي خيال موجب تمام گهڻو اثر ۽ رسوخ حاصل هو، مقامي پوڄا پاٺ جي مذهبن سان ڪا همدردي نہ هئڻ جي باوجود، آخرڪار، انهن جي ڪن فلسفيانہ عنصرن کي پنهنجي مذهب ۾ شامل ڪرڻو پيو هوندو، ۽ جيسين ممڪن ٿي سگهيو هوندو، هنن اهڙن عنصرن کي پنهنجي اعليٰ تر تمدن سان ملائي هڪ ڪري ڇڏيو هوندو. سنڌ جي آب و هوا ۾ ڪا اهڙي ڳالھ ضرور آهي، جيڪا عام طور هڪ ٻئي سان اختلاف رکندڙ مذهبن جي سرحدن جي نشانن کي آهستي آهستي جهڪو ڪيو ڇڏي. جديد دور ۾ گهٽ ٿي سنڌي مسلمانن ۽ هندن ۾ صوفياني روحانيت ميلاپ جو ذريعو بنيل هئي. انهيءَ ڪان بہ وڌيڪ اچرج جهڙي ڳالھ هيءَ هئي تہ جتي بہ 'دريا پنٿي' سنڌو درياءَ کي اڏيرو لال جي شڪل ۾ پوڄيندا هئا، اتي مسلمان وري درياءَ جي روح جو خواجہ خضر جي نالي سان احترام ڪندا هئا. ڪن بين مزارن تي پڻ هندو ۽ مسلمان ٻيئي مشترڪ طور ايندا ويندا رهندا هئا ۽ دوستانہ رقابت ۽ مقابلي طور انهيءَ ساڳيءَ مزار لاءِ ڪنهن خاص ديوتا يا ڪنهن خاص پير جي جاءِ (18) هئڻ جي دعويٰ ڪئي ويندي هئي.

سنڌو لوڪن جي انتهائي مخصوص ۽ انفرادي نوعيت جي قديم آثارن، مهرن وارن 'تعويذن' -- جو متي ذڪر ڪيو ويو آهي، جن تي ديوتائن، بلائن ۽ جانورن جون شبيهون اُڪريل آهن. انهن مان اڪثر مهرن تي تصويري اکرن ۾ مختصر ڪتبا نقش ٿيل آهن: انهيءَ لکت جو راز اڃا تائين معلوم ٿي نہ سگهيو آهي، بظاهر اها لکت تصويري لکت هئڻ سان گڏ آوازي حرفن ۽ شايد توصيفي اکرن جي نهيل آهي. ان ۾ ڪجھ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قدر مصر جي تصويري تحرير وارو رسمي اسلوب ۽ چٽائي موجود آهي ۽ ائين پيو نظر اچي ته هن وقت تائين ان جا جيڪي انتهائي قديم نمونا لڌا ويا آهن، تن جي دور کان گهڻو اڳ ۾ هِن تحرير پختگي ۽ بلوغت حاصل ڪري ورتي هئي. اهو نتيجو هن حقيقت مان ڪڍي سگهجي ٿو، جو انتهائي قديم ۽ آخري دور وارين مهرن ۾ استعمال ٿيل اکرن جي درميان ڪو به قير قار نظر نه ٿو اچي، ۽ صاف طرح سان جدا نظر ايندڙ علامتن جو تعداد-- اٽڪل 250 --انهن علامتن جي عدد کان گهڻو گهٽ آهي، جيڪي سميريا جي اوائلي "گهراٽي" (19) واري زماني جي لکٽيءَ ۾ استعمال ٿيل آهن. اٺن يا وڌيڪ صدين جي مدت دوران تحرير جي نموني ۾ ڪنهن به قسم جي ردوبدل ۽ واڌ جو نه هئڻ، نمايان طور محفوظ يا ساڪت سنڌو تمدن جي بين عام حالتن سان پڻ ٺهڪي اچي ٿو. اهي نشان جڏهن ٺڪر جي ٿانون تي خوبصورت چٽن طور ليکيل نظر اچن ٿا، تڏهن انهن جي ڪا معنيٰ معلوم نه ٿي ٿئي، ۽ جيڪي نشان ٽامي جي برتنن تي اُڪريل آهن، سي به اهڙائي رسمي آهن، جهڙا مهرن تي نڪتل نشان. اسان کي ٻن ٻولين ۾ لکيل ڪنهن اهڙيءَ تحرير جي دستياب ٿيڻ کان نااميد ٿيڻ نه گهرجي، جيڪا ممڪن آهي ته سمير ۾ مٽيءَ جي ڪنهن اهڙي تختيءَ تي اُڪريل هجي، جنهن تي سنڌو لوڪن جي لکت اتان جي قديم مخروطي اکرن سان گڏ اُڪريل هجي؛ پر جيئن ته سنڌو لوڪن جي هن وقت تائين هٿ آيل ڏکهي ۾ ڏکهي تحرير ۾ ويهن کان به گهٽ علامتون آهن، تنهن ڪري امڪان اهو آهي ته اهڙي خوش قسمتيءَ جي نتيجي ۾ به انهن ماڻهن متعلق اسان جي ڄاڻ ۾ شايد ڪو خاص اضافو نه ٿي سگهي. بهرحال، انهيءَ وسيلي هن باري ۾ شايد ڪو فيصلو ٿي پوي ته موجوده وقت ۾ جيڪو هيءُ انومان ڪيو پيو وڃي ته اها ٻولي مرڪزي هندستان جي 'مُندا' (Munda) سٽ جي ٻولين سان ملندڙ هئي، سو انومان صحيح آهي يا غلط. ٿي سگهي ٿو ته ان مان اسان کي سنڌو لوڪن جي ڪن ديوتائن يا ماڻهن جا انفرادي نالا به معلوم ٿي وڃن. پر اسين اهڙن ذريعن مان انهن ماڻهن ۽ سندن تاريخ بابت ڪا گهڻي معلومات حاصل ٿيڻ جي اميد نه ٿا رکي سگهون. ممڪن آهي ته هنن پنهنجن عبادتگاهن جو حساب ڪتاب رکيو هجي، يا بادشاهن جون فهرستون ۽ روزنامچا لکيا هجن، اهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

به امڪان آهي ته هنن سمير ۾رهندڙ پنهنجن گماشتن ڏانهن واپاري نوعيت جا پيغام موڪليا هجن. اسان کي هن ڳالهه جي اڳيئي پڪ ٿي چڪي آهي ته مهر واري ’تعويذ‘ تي جيڪا تصويري تحرير آهي، تنهن جو واسطو ان تي اُڪريل جانور سان ڪونهي. هن ڳالهه جو امڪان وڌيڪ آهي ته انهيءَ لکت جو اشارو ڪنهن اهڙي واپاري برادريءَ جي هڪ فرد ڏانهن هجي، جنهن (برادريءَ) اهو خاص جانور پنهنجي مخصوص نشان طور اختيار ڪيو هو. وري هيئن به ٿي سگهي ٿو ته اهو جانور انهيءَ ماڻهوءَ جي فطري خصوصيت جي علامت ظاهر ڪندو هجي، جنهن جو نالو مهر تي اُڪريل آهي. سيني چورس مهرن جي پٺئين پاسي داڳي پوئڻ لاءِ سوراخن جو هڪ سڏو ۽ مٿي اڀريل ٻُونبو به ٺهيل آهي، ۽ جيئن ته اهي تمام وڏي تعداد ۾ لڌيون آهن، ان ڪري هي نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته سنڌو لوڪن جي وڏي اڪثريت دائما انهن کي پاڻ وٽ رکندي هوندي (20). جديد دور جي سنڌي ڳوناڻي جي پنهنجي ڏوري ۾ تعويذ ٻڌڻ واري رواج کي-- جيڪو (تعويذ) ڏاتوءَ مان ٺهيل سڌيءَ سنئينءَ شڪل جو هڪ پورو ڪوڪو هُوندو آهي ۽ جنهن جي ماپ ذري گهٽ سنڌو لوڪن جي مهر جيتري هوندي آهي، ۽ جنهن ۾ عام طرح سان تعويذ ٻڌڻ واري ماڻهوءَ جي مرشد جي لکيل ڪا مقدس تحرير پيل هوندي آهي --وسيع معنيٰ موهن جي دڙي وارن ۾ موجود انهيءَ عام رواج جو متوازي سمجهي سگهجي ٿو.

سنڌو لوڪن جي پنهنجي علائقي ۾ شهر پناهن کان سواءِ وسايل آبادين جي تعداد مان معلوم ٿئي ٿو ته اتان جي قديم نسل وارا ماڻهو سندن حڪومت ڏانهن مڪمل طور فرمانبردار ۽ اطاعت پذير هئا، اسين هن ڳالهه جو فيصلو نه ٿا ڪري سگهون ته انهن جي فرمانبرداريءَ جي اها ڪيفيت نئين آيل لوڪن جي تسلطي هٿيارن پنوهارن جي قوت جي آزمائش ۽ تجربي جي نتيجي ۾ پيدا ٿي، يا اها انهن برتر هنرن جي مالڪن لاءِ، جيڪي عام زندگيءَ جي نظم ۽ ضبط ۽ خوشحاليءَ جا ضامن هئا، ادب ۽ احترام طور هنن ۾ ازخود پنهنجي ڪمتر حيثيت جي احساس طور پيدا ٿي هئي. اناج جي ڳاهه ڪرڻ لاءِ ٻيلپ ۾ رکيل هيٺين طبقي جي ماڻهن جي رهائش لاءِ سادي قسم جا وڏا وڏا بارڪ، يا بار ڍوئڻ وارن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي رهائش لاءِ جهوپڙين جون ڏگهيون قطارون، سنڌو لوڪن جي زندگيءَ جو هڪ مخصوص انگ هو ۽ اهڙيون ئي جايون هڙاپا ۾ ۽ موهن جي دڙي ۾ به ملن ٿيون (21). ڪوٽ ڏيجيءَ ۾ سنڌو لوڪن جي آمد کان اڳ واريءَ زمين جي جنهن سڙيل تهه جي مٿان وري سنڌو لوڪن اچي اڏاوت ڪئي، تنهن مان انهيءَ زماني ۾ هڪ قوم جو ٻيءَ جي هٿان مظلومانه انداز ۾ برباد ٿيڻ جو ثبوت ملي رهيو آهي. پر ان جي معنيٰ ٻيءَ صورت ۾ به نڪري سگهي ٿي ۽ يقيناً ان مان ڪي به عام نتيجا ڪڍڻ نه گهرجن. گهٽ ۾ گهٽ هن ڳالهه جو امڪان ضرور آهي ته اوائلي مقامي سنڌي ماڻهو هٿيارن پنوهارن جي معاملي ۾ ڪافي حد تائين نقصان هيٺ هئا. سنڌو لوڪن وٽ پٽل جون ننڍيون نراريون، ڪهاڙيون ۽ خنجر هئا. سندن تيرن ۽ نيزن جا منهن پڻ ساڳئي ڌاتوءَ جا نهيل هئا. ڏنڊو شايد سندن دلپسند هٿيار هو، انهن جا مٿا مختلف قسمن جي پٿر توڙي ٽامي مان جدا جدا شڪلين جا نهيل هوندا هئا هيءَ ڳالهه خاص طور قابل ذڪر آهي ته تيز ڌار وارن هٿيارن ۽ اوزارن جي وڏيءَ اڪثريت وارن هٿيارن جا ڦر، جيڪي هن وقت تائين لڌا ويا آهن، نه ڪن ڳنن تي چاڙهيا ويا آهن، ۽ نه انهن ۾ ڳن لڳائڻ لاءِ ڪو پاهو نهيل آهي، پر اهي بلڪل چٽيل ۽ سڌ اسنوان آهن. انهن ڪي پٿر جي دور وارن اوزارن وانگر ڪاٺ جي چيريل ٻه - چانگي جي وچ ۾ ٻڌو ويندو هو. هنن جي چاقوءَ ۽ نيزن جا ڦر ايڏا ته سنهڙا ڏنا ويا آهن، جو ماڻهو ائين سمجهي ٿو ته ڳن جي ڪانيءَ کي ڏگهو ڪري، ڦر جي نوڪ طرف اڌ کان به وڌيڪ اڳتي پهچايو ويندو هو ته جيئن ان کي ڪم اچڻ مهل سهارو ملي. ساڳئي سبب ڪري ڪهاڙين جي ڳنن واري ڪانيءَ کي پڻ ڪافي گهرائيءَ تائين چير ڏنو ويندو هوندو، جتي ان جون ٻيئي ڦاڪون ڦر کي ڇهنڻي ٻيهنديون هونديون. پٽل جي ٻه - منهين ترار کي اڌ کان هيٺ ٿلهو بڻايو ويندو هو، پر ائين عام طور نه ڪيو ويندو هو. جيتوڻيڪ موهن جي دڙي جي ڌاتن جي ڪاريگرن نچڻي ڇوڪريءَ جي مشهور مجسمي ٺاهڻ لاءِ ڌاتوءَ کي ڳاري قالب ۾ وجهڻ جو طريقو استعمال ڪيو هوندو، پر ان جي باوجود هنن ڪپڻ وارن اوزارن ٺاهڻ لاءِ اهو يا بند قالب ۾ ڳريل ڌاتو پلٽڻ جو طريقو پوريءَ طرح اختيار نه ڪيو ٿو ڀانئجي. هن ڳالهه ۾ شڪ نه آهي ته هو انهيءَ قسم جي اوزار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان باخبر هئا، ڇاڪاڻ تہ ڳن لاءِ پاهي واريءَ ڪهاڙيءَ جو مٽيءَ جو ٺهيل هڪ نمونو موهن جي دڙي جي هيٺئين سطح مان دستياب ٿيو آهي، پر اتان جا ڌاتو گر پوءِ بہ ڪهاڙيءَ ۽ ڇيٽيءَ جا سڌي سادي نموني جا ڦر ٺاهيندا رهيا، جن جو اڳيئي بيان ڪيو ويو آهي، جيڪي ايران (22) ۽ ٻين ملڪن ۾ ڌاتوءَ جي اوزارن جي انتهائي اوائلي ساخت جي خصوصيت جا حامل هئا. شهر مان لڌل اوزارن مان ڳن لاءِ پاهي وارن اوزارن جو فقط هڪ ئي نمونو-- جن ۾ هڪ خوبصورت ڪهاڙي ۽ ٻي ڇيٽي آهي-- ويجهي زماني سانِ واسطو رکي ٿو، ۽ هن ڳالهہ جو وڏو امڪان آهي تہ اهو اوزار گهٽو ڪري سمير سان مال جي بدلي مال جي ڏي وٺ ڪرڻ جي دوران اتان ڪان آيل آهي. مٽيءَ جي ڪهاڙيءَ جي ڪنهن نموني جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي، سو شايد ميسوپوٽيميا ڪان آيل ڪنهن اوائلي مسافر يا اتان ڪان ٿي آيل ڪنهن سنڌو منش جي هدايتن مطابق، سنڌ ۾ رائج ڪرڻ جي ارادي سان ٺاهيو ويو هوندو. ائين پيو معلوم ٿئي تہ موهن جي دڙي جي ڌاتوگرن جي جبلتي قدامت پسندي يا سست رفتاري انهيءَ اوزار جي عام اختيار ٿيڻ جي راهہ ۾ رڪاوٽ بڻي هوندي.

هن باري ۾ معقول حد تائين اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ سنڌو لوڪن کي سندن سوين سالن جي حڪومت جي آخر تائين ڪنهن مضبوط ۽ طاقتور دشمن سان جنگ ڪرڻي نہ پئي، پر موهن جي دڙي جي زندگيءَ جي انهيءَ دور ۾ جڏهن شهر جو نظام پوريءَ طرح قائم ٿي چڪو هو، ڪو اهڙو واقعو رونما ٿيو، جنهن جو انهيءَ ئي معاملي تي شايد سڌو اثر پيو هجي. ائين پيو معلوم ٿئي تہ شهر جي الهندي واري آباد علائقي تي حڪومت طرفان ڪوٽ ٺهرائڻ لاءِ قبضو ڪيو ويو هو. ان لاءِ گهربل اوچائي حاصل ڪرڻ لاءِ، انهيءَ علائقي جي مٿان مٽيءَ ۽ ڪچين سِرن جو ويهہ فوٽ اوچو وڏو دڙو ٺاهيو ويو هو. ائين بہ ظاهر آهي تہ انهيءَ هترادو دڙي کي چوطرف مضبوط ڪرڻ لاءِ پوءِ پڪين سرن جي ديوار ڪڙي ڪئي ويئي ۽ ان جي بن ڪندن تي ساڳئي ئي سامان مان مضبوط برج تعمير ڪيا ويا. انهن مان ڏکڻ - اوير وارن برجن جي مٿان، جن جو منهن اصلي شهر طرف هو، مضبوطيءَ سان ٺاهيل مورچا بنايا ويا، ۽ انهيءَ هنڌ نڪر جي ڳوڙهن جو ڪافي وڏو ذخيرو (23) مليو آهي، جيڪي شايد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانياٽين ذريعي دشمن تي اچلائڻ لاءِ هئا. هي اندازو بجا طور ڪري سگهجي ٿو تہ شروعات ۾ اهڙا وڏيڪ برج ٻاهرئين فصيل جي چوطرف ورچيل هئا. سر مارٽيمر ويلر انهن برجن منجهان سيني ڪان قديم برج جي هڪ عجيب و غريب ڳالهہ ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو، اها آهي سربنديءَ جي ڪم ۾ متوازي بيهاريل ڪاٺ جي شهتيرن جو استعمال، جيڪي وقت گذرڻ سان ڪاچي ويا ۽ نتيجي ۾ سرن جي پٽين جو ڪجهہ حصو ڊهي پيو، جنهن کي بعد ۾ وري بہ سرن سان مرمت ڪري ٺيڪ ڪيو ويو. اها غلطي بعد وارن برجن ۾ نہ ڪئي وئي، ۽ ڪوٽائي ڪندڙ هيءُ اندازو ڪري ٿو تہ اها غلطي انهن رازن کان ٿي هوندي، جيڪي ڪچين سرن يا مٽيءَ جي پٽين کي اهڙيءَ طرح پشتين ڏيڻ تي هريل هوندا ۽ هنن اها ڳالهہ محسوس نہ ڪئي تہ پڪين سرن جي تعميرات لاءِ انهيءَ ڳالهہ جي ضرورت نہ هوندي آهي. ڪوٽ جي مٿئين تلهي تي ٺهيل اناج کي محفوظ رکڻ واري گدام جي ٻاهرينءَ اوچي ديوار جي اڏاوت ۾ جيڪا عملي طور ڪوٽ جي فيصل جو هڪ حصو هئي، ساڳيءَ طرح ڪاٺ استعمال ڪيو ويو هو. ”ذري گهٽ ائين پيو نظر اچي تہ اهو دڙو ۽ ان تي اڏيل عمارتون بعد ۾ ٻاهران آيل ڪنهن نئين حڪومت جو ڪم آهي، جيڪا پڪين سرن جي اڏاوت ڪرڻ بدران ڪچين سرن جي اڏاوت ڪرڻ بدران ڪچين سرن جي اڏاوت جي روايتن تي هريل هئي (24). “

ڪوٽ جي دائري اندر هن وقت تائين جن بہ عمارتن جي ڪوٽائي ڪئي وئي آهي، سي سڀ سرڪاري قسم جون عمارتون آهن. اُنهن ۾ هڪ وڏو وهنجڻ جو تلاءُ، جنهن جي چوڌاري خانگي حمامن سان ننڍن ڪمرن جو پيچيده چار ڦهليل آهي، محل يا پروهتن جو ادارو، عظيم الشان اناج جو گدام ۽ راڄ جو اجتماع جو وڏو ڪمرو (هال) شامل آهن.

سوال آهي تہ ڇا، ڪوٽ جي بنيادن پوڻ کان اڳي شهر ۾ اهڙن ادارن جو وجود قائم هو؟ ’هيٺئين شهر‘ ۾ ڪوٽيل ڪي وڏيون عمارتون ممڪن آهي تہ مندر هجن، پر اتي سرڪاري عمارتن جو ڪو اهڙو نشان نظر نہ ٿو اچي، جيڪي ڪوٽ وارين عمارتن سان مشابهت رکندڙ هجن. شايد ڪنهن اڳئين وقت ۾ انهيءَ ساڳئي حصي ۾ انهيءَ قسم جون جايون هجن، جن جي مٿان بعد ۾ مصنوعي دڙو ڪڙو ڪيو ويو هجي، مثلاً



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوائلي زماني جون کي اهڙيون سرڪاري جايون هجن، جيڪي بعد ۾ دائمي طور وڏندڙ شهر يا نئين حڪومت جي ضرورتن لاءِ ناڪافي سمجهيون ويون هجن ۽ ان ڪري انهن کي ڊاهي، انهن بدران وڌيڪ شاناثتي نموني جون نيون جايون اڏيون ويون هيون، جن جا نشان اسين ڪوٽ جي دائري ۾ ڏسي سگهيا آهيون. هن وقت تائين جيڪا به ان سلسلي ۾ اسان کي شهادت ملي چڪي آهي، سا اهو ڏيکاري ٿي ته ڪوٽ جي تعمير سان گڏ يا ان کان پوءِ عام ماڻهن جي مادي زندگيءَ جي طريقي ۾ ڪا نمايان تبديلي ڪا نه آئي هئي. ان جي بجاءِ، ائين ٿي سگهي ٿو ته ڪوٽ جي اڏاوت هڪ نئين گهراڻي جي حڪومت جي آغاز جي علامت ظاهر ڪندي هجي، يا ان طرح موهن جي دڙي ۽ ٻين 'سنڌو لوڪن' جي شهرن جي باهمي تعلقات ۾ آيل ڪنهن تبديليءَ جو اهو نتيجو هجي.

هن وقت تائين اهڙيون شهادتون ڪافي مقدار ۾ نه مليون سگهيون آهن، جن جي ذريعي انهن ماڻهن جي مکيه شهرن جي بنيادن پوڻ جي وقت جو تعين ڪري سگهجي. جيتوڻيڪ انهن مان ڪن شهرن کي سڃاڻي سگهجي ٿو ته اهي ويجهي زماني جا نهيل آهن. هڪ وقت اهو خيال ڪيو ٿي ويو ته هڙاپا موهن جي دڙي کان اڳي جو آهي، پر جڏهن کان ونئي پوئين شهر جي آباديءَ جي آخري ۽ سڀ کان وڌيڪ هيٺانهين تهه جي پوري اونهائي معلوم ڪئي وئي آهي -- حالانڪ انهن تهن جي پوري دريافت ناقابل عمل رهي آهي-- تڏهن کان ونئي هيءَ راءِ قائم ٿيڻ لڳي آهي ته ٻنهي شهرن ۾ موهن جي دڙي وارو شهر وڌيڪ آڳاٽو آهي. بهرحال، هن ڳالهه جو امڪان نظر اچي ٿو ته سرڪاري عمارتن واري حصي جي مخصوص تنظيم ۽ رٿابندي، جيڪو هينئين شهر کان متينءَ سطح تي اڏيل هو، شايد هڙاپا، (25) ۾ شروع ٿي ۽ موهن جي دڙي ڏانهن درآمد ڪئي ويئي ۽ بعد ۾ اها فقط ڪن ننڍن شهرن لاءِ نموني طور اختيار ڪئي ويئي. اهو اندازو ڪري سگهجي ٿو ته اهڙا شهر شايد ضلعي هيڊڪوارٽر هئا ۽ ٿي سگهي ٿو ته اها رٿابندي عام طرح (نئين؟) حڪمران طبقي جي پاليسيءَ جي عڪاسي ڪري رهي هئي، جن پنهنجي وقار کي مادي شين جي وسيلي سان وڌائڻ پئي چاهيو. اها ئي تنظيم ۽ رٿابندي سنڌو لوڪن جي عظيم ڏاکڻي 'صوبي' جي ٻن شهرن، 'ڪالي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بنگن' ۾ 'لوٿل' (26) ۾ نظر اچي ٿي، جنهن (صوبي) جو خاڪو گذريل ڏهن سالن جي کوجنائن جي نتيجي ۾ تشڪيل ٿيو آهي. انهيءَ صوبي جي شناخت ۾ سنڌو تمدن جي جمنا جي واديءَ تائين واڌ سان، جيئن اُڪلنا جي آثار قديمه ۾ ڏنو ويو آهي، منهنجي راءِ موجب هن پراڻي نظريي جي ترديد نہ ٿي آهي، تہ سنڌو رياست تي ان جي قيام ۾ وجود جي وڏي عرصي تائين، گهٽو ڪري ٻن گادين وارن شهرن (هڙاپا ۾ موهن جي دڙي) مان جيڪي هڪ ٻئي کان چار سئو ميل (27) پري هئا، حڪومت ڪئي ويندي هئي. ٻنهي گاديءَ وارن شهرن جي وچ ۾ پاڻيءَ رستو سڌو رابطو قائم هو، ۽ اسان کي اها حقيقت معلوم آهي تہ سنڌو لوڪ ٻيڙيون ڪم آڻيندا هئا، جن جي بناوت ۾ شڪل صورت انهن کان مختلف نہ هئي، جيڪي هن زماني ۾ درياءَ تي هلن ٿيون. ظاهري طور ساڳئي قسم جي رياست لاءِ ٻن دارالحڪومتن رکڻ جو اصلي سبب انهيءَ قوم طرفان آباد ڪيل سنڌو واديءَ جي وڏي ڊيگهہ نہ، بلڪ انهيءَ واديءَ جي پنجاب جي ميدان ۾ سنڌ جي ميدان ۾ قدرتي تقسيم ۾ انهن جي وچ واري علائقي ۾ ڪنهن هنڌ هڪڙي مرڪزي درالحڪومت جي قيام لاءِ ناموزونيت هو. اهو درمياني پٽو نہ فقط تمام ڊبيل ۾ سوڙهو آهي، پر ساڳئي وقت اهو درياهن ۾ ايندڙ خطرناڪ تبديلين ۾ تباهہ ڪن سيلابن جي سدائين زد ۾ پئي رهي ٿو.

اسين هيءُ اندازو بخوبي ڪري سگهون ٿا تہ بهاولپور ۾ بيڪانير وارن علائقن ۾ قائم ٿيل شمالي آباديون، رُوپر ۾ اُڪلنا سميت، هڙاپا جون زيردست هيون، ۾ جادم جو دڙو ۾ بلوچستان وارين ٻين آبادين سميت سنڌ واريون سڀ آباديون موهن جي دڙي جون زيردست هيون. اسان کي هيءَ حقيقت شايد ڪڏهن بہ معلوم ٿي نہ سگهي تہ انهن ٻنهي وڏن شهرن جي وچ ۾ سندن مشترڪ وجود جي دوران سچ پچ ڪهڙا ناتا ۾ واسطا قائم هئا، جيتري قدر اسان جو واسطو سنڌ سان آهي، اسين پوري اعتماد سان دعويٰ ڪري سگهون ٿا تہ موهن جي دڙي ۾ ان جي ماتحت شهرن کي خودمختيار حيثيت حاصل هئي.

هن رياست جي 'اقتصاديات' جيڪڏهن اسين انهيءَ دور جي معاشي حالت متعلق اهو لفظ استعمال ڪٽي ڪريون، بنيادي طور زرعي

نوعيت جي هوندي ۽ اها گهٽو ڪري اڳيئي ترقي ڪري پنهنجي گذاري واريءَ سطح کان وڏي انهيءَ منزل تائين پهتي هوندي، جڏهن زرعي پيداوار پاسي وارين ايراضين جي ڪن اهڙين شين سان مال بدلي مال جي بنياد تي ڏي وٺ ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندي هوندي، جيڪي سنڌوماتريءَ ۾موجود نہ هونديون ۽ جيڪي سنڌو لوڪن جي تمدن واريءَ انهيءَ منزل ۾ اڳي ئي سندن ضرورت جي شين جي حيثيت اختيار ڪري چڪيون هونديون، جتي هو پنهنجي سابق سرزمين ۾ ترقي ڪري پهتا هوندا. ڪين الهندي واري سڄي جابلو ملڪ جا معدني ذريعا ۽ وسيلا، (مثال طور) لس بيلي ۾ ٽامي ۽ شيهي جي ذخيرن جا هنڌ ۽ انهن مخصوص جماعتن جا نالا يقيناً چڱيءَ طرح معلوم هوندا، جيڪي انهن شين ۽ ٻين اهڙين ضرورت وارين شين، مثلاً چيروليءَ ۽ ميٽ جي واپار ڪرڻ لاءِ خوشيءَ سان تيار هونديون ۽ انهيءَ حالت ۾ هيءُ تصور ڪرڻ بہ آسان آهي تہ اهڙي روانگيءَ ۽ آمدنيءَ جي واپار جي ڏي وٺ ۾ مقدار ۽ مفاصلي جي لحاظ کان، بتدريج واڌارو ايندو رهيو هوندو. چاڪاڻ تہ ميدانن ۾ وٽن گهٽو ڪجهہ موجود هو، جيڪو اهي ٻين کي ڏيئي ٿي سگهيا، مثال طور اتي عمارتي ڪاٺ گهٽو هو. وري مختلف قسمن جا ڪنئور ۽ مصالحا، تيل، رنگ ۽ انهن سيني کان وڌيڪ ويڳر جون شيون ۽ اناج وٽن جام هئا. وٽن لوڻ بہ هو ۽ حيواني پيداوار ۾ عاج، ڪوڏ ۽ سِنگ بہ هئا، تنهن کان سواءِ وٽن مختلف قسمن جا زراعتي ريشا پڻ جام هئا ۽ انهن ۾ خاص طرح ڪپهہ سڀ کان وڌيڪ اهم هئي

'سنڌو' سلطنت ۾ ڪپهہ جيڪو ڪردار ادا ڪيو، تنهن بابت اڃا تائين ڪو قطعي فيصلو ٿي نہ سگهيو آهي. اسان کي اها پڪ هئڻ گهرجي تہ انهيءَ شيءِ جو وڏي پيماني تي گهريلو استعمال ٿيندو هو. موهن جي دڙي مان گهٽي تعداد ۾ لڏل چڪراوان ٽِڪلا انهيءَ قسم جا آهن، جيڪي، ڊاڪٽر مئڪي جي چوڻ مطابق، صاف ظاهر ڪن ٿا تہ اُهي فقط ڪپهہ جي ڌاڳي وٽڻ لاءِ استعمال ٿي پئي سگهيا؛ ۽ خوش قسمتيءَ سان انهيءَ شيءِ جو هڪ اُٽيل ٽڪرو اتي لڌو بہ آهي، جنهن ۾ هيرن جواهرن جو خاصو تعداد ويڙهيل هو. ان کان علاوه ، نيم مجسمن ۽ پتلين جي جسمن تي جيڪو چٽن وارا چوغا نڪتل نظر اچن ٿا، تن مان اهو اندازو ٿئي ٿو تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي ڪنهن سنهي ۽ هلڪي ڪپڙي جا نهيل هوندا. هن باري ۾ ڪو ثبوت نہ مليو سگهيو آهي تہ 'سنڌو' ملڪ جي ڪپڙن ۾ پشم يا سٽي استعمال ڪئي ويندي هئي، جيڪي پيئي شيون انهيءَ دور جي سمير سلطنت ۾ بنيادي ۽ وڏي اهميت واريون هيون ۽ ان جي ابتڙ اسان کي هن باري ۾ بہ ڪو علم ڪونهي تہ 'سنڌو' ايراضيءَ کان ٻاهر، ايندڙ ڪيترين ئي صدين تائين، ڪپهہ جو ڪو استعمال ڪيو ويندو هو يا! اهو ٻوٽو اتي ٻاهر ڪٿي پوکيو بہ ويندو هو. انهيءَ ٻوٽي جي سنڌو لوڪن طرفان ٿيندڙ پوک، جي حقيقت سان ڪجهہ اهم نتيجا نڪرن ٿا (28).

هن ڪتاب جي پهرئين جلد ۾ هيءَ ڳالهہ سمجهائي ويئي هئي تہ هينئين 'سنڌو' واديءَ ۾ خريف واري فصل جي پوک، جنهن ۾ ڪپهہ پڻ هڪ جنس هئي، ربيع جي فصل جي پيٽ ۾ (جنهن مان ماڻهن جي خوراڪ جو وڏو مقدار حاصل ٿيندو هو)، ڇو گهٽي ڀاڱي وڌيڪ خطري واري هوندي هئي ۽ انهيءَ فصل جي ڪاشت ۾ ڇا لاءِ وڌيڪ محنت ۽ مشقت جي ضرورت پوندي هوندي. هن ٻاري ۾ اڃا تائين ڪو بہ اهڙو ثبوت نہ مليو آهي تہ سنڌو لوڪن طرفان استعمال ٿيندڙ ڳڏ ڪرڻ جي ڪرپي ڪانيءَ کان علاوه ڪنهن ٻيءَ شيءِ جي نهيل هئي، چاڪاڻ تہ اهڙي قسم جو اوزار فقط اهڙي ڪيت ۾ اثرائتي نموني ۾ هلائي سگهبو هوندو، جيڪو اڳيئي آلو ٿي، نرم ٻڄي چڪو هوندو. سنڌ ۾ ڪيل جديد تجربا ٻڌائين ٿا تہ پوک ڪرڻ جا ٻيا طريقا ۽ رستا، جهڙوڪ هر ڏيڻ (جيڪڏهن انهن ماڻهن کي هر جي استعمال ڪرڻ جي ڄاڻ هئي) (29)، ۽ ڪرپيءَ سان ڳڏ ڪڍڻ پڻ، ريچيل زمين ۾ ئي اختيار ٿي سگهيا ٿي. فقط ان هڪ ڳالهہ ئي ان زماني جي سنڌو درياءَ جي سيلابي ميدان ۾ خريف واري فصل جي پوک کي ڪن خاص هنڌن لاءِ انتهائي مخصوص نوعيت جي مهم جي صورت ڏيئي ٿي ڇڏي. فقط ڪن اهڙن زمين جي ٽڪرن ۾، جيڪي دريائي پاڻيءَ جي وهڪرن ۽ سيلابي ڇنڊڻين جي لحاظ کان خاص طور موافق هنڌن تي ٻينل هوندا، اهڙن فصلن جي ڪاشت مفيد ۽ ڦلدائڪ ثابت ٿي سگهندي هوندي؛ هنن جي انهن تقريباً (ٻراڻن) اوزارن سان ٻنين ٻارن کي حد کان زيادهہ پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ کان محفوظ رکڻ ۽ آبپاشيءَ تي ضابطي رکڻ لاءِ بندن ٻڌڻ جو ڪم فقط ان صورت ۾ اثرائتو ثابت ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگھيو ٿي، جتي اھو سڄو ڪم تمام ننڍي پيماني تي ٿيندڙ ھجي ھا. وري خريف واري فصل ۾ ڪجھ اھڙي جنس آھي، جيڪا پڇڻ ۾ پين سيني جنسن کان وڌيڪ وقت وٺي ٿي. ان ڳالھ سان ھن حقيقت جي وضاحت بہ ٿئي ٿي تہ سنڌ ۾ سنہ 1900ع کان اڳي، جڏھن آبپاشي فقط سيلابي واھن ۽ نارن جي پاڻيءَ جي مدد سان ڪئي ويندي ھئي، تڏھن ڪپھ تمام ٿوري پيماني تي پوکي ويندي ھئي ۽ ان ۾ بہ ڪا حقيقي ڪاميابي ڪانہ ٿيندي ھئي. اھو تہ فقط سدا وھندڙ جمڙائو واھہ جي کلڻ جو نتيجو ھو، جو ويھين صديءَ جي سنڌ ۾ انھيءَ فصل اھميت حاصل ڪئي. سدا وھندڙ واھن ذريعي آبپاشي مارچ جھڙي اڳاٽي مھيني ۾ ٻج ڇٽڻ کي ممڪن بڻائي ٿي، تہ جيئن ڪپھ جو آخري چونڊو سياري جي پارن کان اڳ ۾ ئي ختم ٿي سگھي، پر جن ھنڌن تي پوک جو دارومدار درياءَ جي موسمي چاڙھ تي رھي ٿو، اتي ٻج ڇٽڻ جو ڪم عام طور تي جون يا سوير مئي کان اڳ ۾ شروع ٿي نہ ٿو سگھي، ۽ ھن ڳالھ جو امڪان رھي ٿو تہ فصل جي (30) چونڊي لاءِ پچي راس ٿيڻ کان اڳي ئي ان کي ڪو نقصان پھچي وڃي. ھڪ پاسي جتي درياءَ جي ڪپن وارن ڪچي جي علائقن ۾ ساليانو اٿل جو پھريون ئي پاڻي پھچي وڃي ٿو، اتي انھن ايراضين کي بعد ۾ وڌيل پاڻيءَ جي نقصانڪار اثرن کان بچائڻ نھايت ڏکيو ڪم ٿي پوي ٿو. پوءِ، جيڪڏھن اسين اھو اندازو لڳايون تہ سنڌو لوڪ سنڌ ۾ وڏي پيماني تي ڪپھ پوکڻ ۾ ڪامياب ٿيا ھئا تہ ان صورت ۾ اسان کي ھيءَ ڳالھ بہ تسليم ڪرڻي پوندي تہ انھيءَ زماني ۾ ھن علائقي جي آب و ھوا اسان جي پنھنجي زماني جي آب و ھوا جي ڀيٽ ۾ ووئڻ جي ٻوٽي جي اوسر لاءِ وڌيڪ موافق ھئي. پھرئين جلد ۾ ھن شھادت ڏانھن ڌيان ڇڪايو ويو ھو تہ ڏکڻ اولھہ واريون چوماسي جون ھوائون موجوده دور جي مقابلي ۾ ان وقت (ٿر جي ريگستان ۾) وڌيڪ زورائتيون لڳنديون ھيون ۽ ھيءَ ڳالھ سمجھائي ويئي ھئي تہ جيڪڏھن اھا ڳالھ تسليم ڪجي تہ ھڙاپائي دور ۾ اھي حالتون موجوده ھيون تہ پوءِ اسان کي ھيءَ ڳالھ بہ تسليم ڪرڻي پوندي تہ انھيءَ علائقي جي گھٽ ۾ گھٽ ڪجھ خصي (31) مٿان جديد دور جي ڀيٽ ۾ برسات وڌيڪ مقدار ۾، ۽ باقاعدگيءَ سان پوندي ھوندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن ائين هو، تہ سنڌو واديءَ ۾ ڪپهہ جي فصلن جي پوکجڻ ۽ اسرڻ جي راهہ ۾ حائل دشوارين جو، جن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي، اثر تمام گهٽ قدر گهٽ هجي ها، حالانڪہ پوک لاءِ ڪم ايندڙ اوزارن ۾ ڪا گهٽي خوبي ۽ خصلت ڪانہ هئي.

بهرحال، هڪ ٻيو امڪان پڻ آهي، جيڪو اسان جي غور لائق آهي، جنهن ۾ آب و هوا جي مختلف حالات بابت ڪي انداز ۽ انومان شامل ناهن. اهو امڪان هي آهي تہ سنڌو لوڪ ڪپهہ جي پوک جو وڏو حصو پنهنجي سلطنت جي ڏاکڻين صوبي (هاڻوڪي گجرات) جي ڪاريءَ مٽيءَ واريءَ زمين تي ڪندا هئا، جتي جديد زماني ۾ بہ، يعني گهٽ ۾ گهٽ گذريل صديءَ ۾ پڻ، اها جنس فقط چوماسي جي برساتن تي. وسيع علائقن ۾ ڪاميابيءَ سان پوکي ويئي آهي.

جيڪڏهن سوٽي ڌاڳي ۽ سوٽي ڪپڙي جي ڏيساورن ڏانهن روانگي 'سنڌو' لوڪن جي اقتصاديات جو هڪ اهم جز هو، تہ پوءِ ماڻهو هيءَ بہ اندازو ڪري سگهي ٿو تہ اهو ڏورانهون ڏاکڻون علائقو انهيءَ ريشي جي پيداوار تي هڪ هٽيءَ واري ضابطي حاصل ڪرڻ جي مکيہ مقصد لاءِ سنڌن حڪمرانيءَ هيٺ آندو ويو هو. پر اڄ ڏينهن تائين اسان ڪي هن معاملي ۾ ڪابہ پڪي ثابتي نہ ملي آهي تہ سنڌو لوڪ ڪنهن بہ صورت ۾ ڪپهہ جو روانگي واپار ڪندا هئا ۽ نہ وري اهڙن ملڪن ۾ ڪپهہ جي ڪپڙي جي استعمال جي رواج جو ثبوت مليو آهي، جن سان انهن جا تجارتي تعلقات قائم هئا. حقيقت هيءَ آهي تہ اسان کي معلوم ٿي چڪو آهي تہ سُمر ۾ 'اُر' جي ٽئين گهراڻي جي تحت، سال 2100 کان 2000 قبل مسيح تائين، جتي اوني ڪپڙن جو عام ۽ وڏي پيماني تي رواج هو، اتي گهٽ ۾ گهٽ ٻن زرعي ريشن مان پڻ ڪپڙو اڻجي رهيو هو، جيڪي ريشا ڪشتڪارن طرفان انهيءَ ملڪ ۾ پوکيا ويندا هئا. انهن مان هڪ ريشو سِڻي معلوم ٿئي ٿو، جنهن مان انتهائي نفيس قسم جو ڪپڙو ناهيو ويندو هو. ٻئي وڏيڪ عام قسم جي ريشي (جيڪو بظاهر سڻيءَ جو ڪونہ هو) مان گهٽو ڪري مڇيءَ مارڻ لاءِ رسا، يا ڄار ناهڻ کان علاوه هڪ اهڙو ڌاڳو بہ ناهيو ويندو هو، جيڪو ڪپڙي جي ڪن مخصوص قسمن ۾ پيٽي طور ڪم آندو ويندو هو، ۽ وڏيڪ عامیانہ ڪپڙو سڄو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ ڏاڳي مان ناهيو ويندو هو. ’اُر‘ وارو اهو دور، گجرات مٿان سنڌو لوڪن جي حڪمرانيءَ جي وڏيڪ آڳاٽي دور سان بظاهر نهڪي اچي ٿو. انهيءَ باري ۾ راءِ ڏيڻ تي دل هِرڪي ٿي ته ’سُمر‘ وارن جو اهو عام فائدي وارو سٽ، جيڪو ’گُو‘ (gu) جي نالي سان سڏبو هو، سو انهيءَ ڪپهه جو ڏاڳو هو، جيڪا هڪ وقفي کان پوءِ، جنهن جي دوران ۾ ان کي ’سنڌو‘ ملڪ کان درآمد ڪيو ويو هو، ميسو پوٽيميا ۾ پوکي ويئي هئي، ۽ پوءِ انهيءَ سرزمين جي وطني ٻوٽي جي شڪل اختيار ڪري ويئي هئي. پر درحقيقت، اسيريا ۾ ڪپهه کي هڪ ٻيو نالو ڏنو ويو هو، جڏهن اها اٽڪل ٽيرهن سئو سال پوءِ بظاهر پهريون ڀيرو سيناچريب (Sennacharib) طرفان انهيءَ ملڪ ۾ متعارف ڪرائي ويئي. وري، اسان کي ٽئين گهراٽي وارن جي اُر تحريرن مان معلوم ٿي چڪو آهي ته اهي ماٺهو سنڌو ۽ آسپاس وارن ملڪن کان دراصل ڪهڙيون ڪهڙيون شيون درآمد ڪندا هئا (بشرطيڪ انهن شين کي اسين سنڌن سميرين نالن سان پوريءَ طرح سڃاڻي سگهيا هجون) ۽ حيرت جي ڳالهه آهي ته انهن شين مان ڪپهه هڪ جنس ناهي، جن جو انهن تحريرن ۾ ذڪر ڪيل آهي (32)

سُمر ۽ سنڌو سلطنت جي اوج واري دور ۾ هليل سڌي واپار جي تفصيلن تي غور ايندڙ باب ۾ ڪيو ويندو، پر هتي اسين انهن ڳالهين جي جاچنا ڪنداسون، جيڪي وڏيڪ آڳاٽي دور جي متعلق ٻنهي ملڪن ۾ ظاهر ٿيون آهن. پروفيسر گارڊن چائيلڊ ٻڌائي ٿو ته سميريا جي آڳاٽي گهراٽي واري زماني ۾، جيڪو سنه 2850 ق .م ۽ 2380 ق . م جي درمياني پنج سئو سالن جي وچ وارو ليکيو وڃي ٿو، انهيءَ ملڪ جو واپار ڪيڏي نه وسيع پيماني تي هلندو هو. مثال طور ڪوتائين مان انهن جي طرفان سچن موتين جي تمام گهڻي استعمال جون ثابتيون مليون آهن، جيڪي هنن کي جيهون درياهه (Oxus) واري علائقي مان ئي حاصل ٿيندا هوندا. هاٿي اها شئي ساڳئي وقت تي سنڌو وارن شهرن ۽ مصر، ٻنهي هنڌن تي به ڪم آندي ويندي هئي. ”تنهن ڪري“ گارڊن چائيلڊ چوي ٿو، ”سال 2500 ق.م ڌاري اسان کي دجله کان وٺي سنڌوءَ ۽ جيهون تائين، ۽ فرات جي الهندي ۾ ويندي نيل (33) درياءَ تائين ڦهليل واپار جي هڪ وڏي سرشتي جو حقيقي ثبوت ملي چڪو آهي.“ ساڳيءَ طرح موهن جي

دڙي ۾ هڪ ٻئي جي پنيان آيل ڪوٺائي ڪندڙن اتان لڌل ڏاتن، ٻين غيرمقامي شين ۽ نيم- قيمتي پٿرن جي اصلوڪن ملڪن معلوم ڪرڻ لاءِ وڏي جاکوڙ پئي ڪئي آهي؛ ان مان واپاري تعلقات جو جيڪو نقشو اڀري نڪتو آهي، سو محض پنهنجي وسعت جي لحاظ کان حيرت انگيز آهي. موهن جي دڙي کان قطب نما جي مکيہ رخن کان نهارڻ سان نظر ايندو تہ ماڻهن کي سچن موتين حاصل ڪرڻ لاءِ اتر طرف بدخشان تائين ۽ زمردن لاءِ شايد ترڪستان ۾ وڃڻو پوندو هوندو؛ ڪشمير مانَ ڪين ديودار جو ڪاٺ ۽ ڪي ٻيون شيون ملنديون هونديون؛ اوڀر طرف،ڪين شيهو اجمير جي ويجهڙائيءَ ۾ ملندو هوندو، ۽ راجستان مان عام طرح ڪين ٽامو ۽ گهٽ درجي وارن قيمتي پٿرن جا مختلف قسم دستياب ٿيندا هوندا. ڏکڻ طرف، سپين ۽ نادن جا ٽڪرا ۽ موتي ڪاٺياواڙ ۾ ملي پئي سگهيا، پر زمرد لاءِ دکن تائين وڃڻ ضروري هو ۽ اجا بہ وڌيڪ ناياب پٿرن لاءِ نيلگري ٽڪرين تائين وڃڻو پوندو هو، جيتوڻيڪ اهو پٿر ڪشمير مان پڻ دستياب ٿي سگهندو هون. آخر ۾ الهندي طرف ٽامي، چيروليءَ ۽ سنگمرمر جهڙي پٿر ۽ سنگ جراحت لاءِ بلوچستان وڃڻ ضروري هو، جو اهي سڀ شيون اتي موجود هيون؛ سون، چاندي، قلعي ۽ فيروزن لاءِ ايران ۽ هيرن (34) لاءِ ايراني نار جي ٻيٽن ڏانهن وڃڻو پوندو هون. انهن انتهائي قيمتي شين جي جواب ۾ سنڌ مان ڪهڙيون شيون ڏيساور موڪليون وينديون هيون؟ ٿي سگهي ٿو تہ سنڌو ملڪ جي سٽ ۽ سوٽي ڪپري لاءِ ايرندي ۽ ڏکڻ وارن ملڪن ۾ تمام گهٽي ۽ فوري کپت جون واپاري منڊيون موجود هيون-- توڙي ڪٽي سُمر ۾ انهيءَ شيءِ جي گهرج نہ بہ هئي، جتان کان وري نفيس ڪپڙن جي اناطوليہ ڏانهن برآمد ٿيندي هئي-- جيڪي بظاهر سميريا جي پيداوار هئا-- اهو سچو واپار انهن جي 'ٽئين گهراڻي' جي بادشاهيءَ کان پوءِ آيل دور ۾، ڌاتن جي بدلي ۾ هلندڙ هو، جنهن جو آغاز شايد گهڻو (35) اڳاتو ٿي چڪو هو.

هڪ ڳالهہ يقيني نظر اچي ٿي تہ سنڌو لوڪن جي سلطنت انهيءَ دور جي قديم دنيا ۾ ٻين سيني سلطنتن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ وسيع هئي. سنڌو ترائي ۽ ان سان لاڳو اتر اوڀر وارن ميدانن جي پکيڙ، جتي انهن ماڻهن جي آبادين ۽ شهرن کي سڀ کان پهرين سجاتو ويو، ڊيگهہ ۾ گهٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ گهٽ ست سئو ميل ۽ ويڪر ۾ هڪ سئو يا هڪ سئو پنجاهہ ميل آهي.
البت اسان کي اهو معلوم ناهي تہ هنن سنڌو لوڪن يا 'هڙاپا لوڪن' کي سنڌن آباديون ايڏي علائقي ۾ ڦهلائڻ ۾ ڪيترو زمانو لڳو. پر اها ايراضيِ ذري گهٽ اوتري وڏي آهي، جيتري بعد واري اسيريا سميت، سُمر ۾ اڪاد جي گڏيل ايراضي آهي ۽ 'مينس' جي اترئين ۽ ڏاکڻين مصر جي گڏيل ايراضيءَ کان وڌيڪ وڏي آهي، ان جو سبب، سنڌن گذاري جي موجوده ذريعن تي وڌندڙ آدم شماريءَ جو دٻاءُ نہ هوندو، جنهن انهن کي پنهنجي آباديءَ کي ماپائڻ لاءِ ايڏي وڏيءَ ايراضيءَ تي قبضي ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو هوندو. اسين هن سلسلي ۾ هي اندازو بخوبي لڳائي سگهون ٿا تہ سنڌن سر زمينن ۾، سنڌن مقابلي ۾ اُن طويل دور ۾ سنڌن اهڙا ڪي رقيب ڪين آيا، جن ۾ هنن جي حڪمراني ڪرڻ جي حق کي للڪارڻ جي قوت هجي: ۽ اها صورتحال ميسوپوٽاميا جي حالت کان بلڪل مختلف هئي، جتي هڪ ٻئي سان وڙهندڙ ۽ جنگيونءَ جوٽيندڙ شهري رياستون ۽ طاقتور وحشي پاڙيسري هر وقت موجود هئا. ڇا هي سنڌو لوڪ اهڙا اڻ - ڏاپيندڙ سامراجي هئا؟ يا ائين هو، جو انهن ۾ هڪ ٻئي سان مقابلو ڪندڙ ۽ اهڙا نت نوا پيدا ٿيندڙ گهراڻا هئا، جيڪي پنهنجي حڪمرانيءَ جي خواهش کي انفرادي طور پوري ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي کان جدا ٿيندا تي رهيا ۽ دور هئڻ جي باوجود پاڻ وٽ پنهنجي عام تمدن جون اصلوڪيون صفتون ۽ خوبيون ساڳيءَ حالت ۾ برقرار رکندا آيا؟ انهيءَ سلطنت جي ڏکڻ ۾ ڪاٺياواڙ ۽ گجرات جي طرف ڏانهن عظيم توسيع، انهيءَ دور ۾ ٿيل معلوم ٿئي ٿي، جڏهن موهن جو دڙو ۽ سنڌ ۽ پنجاب جي ميدانن ۾ قائم ٿيل ٻيون آباديون اڃا تائين خوب وسندڙ هيون. جيڪڏهن هڙاپا وارن يا سنڌو لوڪن کي گهگر- هاڪڙا علائقي ۾ نہ، تہ سنڌو واديءَ جي سرزمين ۾ حيرت انگيزطور انتهائي ٿوري تعداد ۾ تصور ڪيو وڃي، تہ پوءِ اسين انهن جي انهيءَ نموني سان سوين ميلن جي مفاصلي تي ڏکڻ ۾ واقع ملڪن ۾ پهچڻ ۽ وڌيڪ آبادين جي وسائڻ کي ڇا سمجهون؟ هن وقت ان جي سبب متعلق صرف اندازو ئي لڳائي سگهجي ٿو، پر ان لاءِ هيءَ سمجهاڻي بہ اهڙي ئي معتبر ٿي سگهي ٿي، جهڙي ڪا ٻي، تہ هنن کي سنڌن هن خواهش اڳتي وڌڻ لاءِ آماده ڪيو هوندو تہ ڪين سنڌوماتريءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ موجود قدرتي شين جي وسيلن کان مختلف ۽ وڏيڪ قسمن جي شين جو قبضو ملي ۽ ان سان گڏ انهيءَ طرف جي تجارتي مرڪزن تي پڻ ڪين دسترس، حاصل ٿئي، جيڪي هنن جي انهيءَ قبضي کان اڳوئي وڏنڊڙ ۽ ويجهندڙ ساموندي واپار جا مرڪز هوندا هئا.

سنڌو لوڪن ۽ ڏکڻ ميسوپوٽميا ۾ واقع اُر جي ماڻهن جي درميان واپاري تعلقات جي موجودگيءَ جي حقيقي صورت ۾ انتهائي اوائلي شهادت، اُر جي شهري - رياست وارن اڳاڻن بادشاهن جي شاهي قبرستان مان، جيڪي 2700 سال ق .م کان به اڳي اتي حڪومت ڪندا هئا، هڪ اهڙي مڻڪي جي دستيابيءَ جي صورت ۾ ملي آهي، جيڪو مخصوص 'سنڌو' ساخت جو آهي. انهيءَ مان هڙپرو سنئين سڌي تعلق هئڻ جو ثبوت نه ٿو ملي، پر هيءَ ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته 'سنڌو' لوڪ (جيڪي انهيءَ زماني تائين شايد سنڌونديءَ جي ميدان ۾ اجا آباد نه ٿيا هئا؟) ۽ سميريا جا ماڻهو انهيءَ وقت هڪ ٽينءَ قوم سان واپار ڪري رهيا هئا. پروفيسر پگٽ جو رايو آهي ته سنڌو لوڪن جو سُمر وارن سان واپار ڏکڻ بلوچستان ۾ واقع 'ڪُلي' لوڪن سان ناتن هئڻ جي ڪري وڌيو، جن جا سُمر وارن سان قديم گهراڻن واري دور ۾ پنهنجا سڌا تعلقات قائم ٿيل هئا. ڪُلي تمدن جي هڪ مخصوص پيداوار مقامي پٿر مان ٺڪي ٺاهيل هڪ اهڙو ٿانءُ هو، جنهن جي ظاهري شڪل ٺوڪريءَ جي اٽت سان مشابهه هوندي هئي. اهڙا برتن يا ساڳئي قسم جون صندوقون، سوسا، اُر ۽ ميسوپوٽاميا جي ڪن ٻين هنڌن مان مليون آهن ۽ موهن جي دڙي جي مٿانهين توڙي هيٺانهين سطحن مان پڻ دستياب ٿيون آهن، جنهن مان انهن ٻنهي ملڪن جي درميان انهيءَ خاص چيز (37) جي واپار جي ڊگهي سلسلي جو نتيجو نڪري ٿو. هيءَ ڳالهه قابل غور آهي ته 'سنڌو' ساخت جون ميسوپوٽيميا ۾ سجاتل گهٽيون ئي شيون-- چِٽن واريون مهرون، مخصوص قسم جي جڙاءَ واريون شيون، ٿوهي واري ڊِگي جون رسمي طور ڪوئر جي اڳيان بيٺل شبيهون — ديالا نديءَ جي واديءَ وارن ميدانن ۾ قائم ٿيل آبادين مان لڌيون ويون آهن، جيڪا (38) سُمر جي اُتر ۾، آڪاد جي بادشاهيءَ ۾ دجله جي هڪ شاخ هئي. هن مان اهو انومان نڪري ٿو ته 'سنڌو' واپار جو چڱو خاصو حصو زميني رستي سان ٿيندڙ هو، جنهن ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شايد اتر - الهندي ايران جا شهر، حصار ۽ سيالڪ، پڻ اچي تي ويا، جن هنڌن تي سنڌو لوڪن جي نمونن جي نهيل شين جا ڪيترائي قديم آثار دستياب ٿيا آهن. هڪ مخصوص شڪل واريون پتل جون ميخون، جيڪي ايران جي انهن 'وحشي' قومن جي هڪ خاص ڪاريگريءَ جون شيون هيون، جيڪي موهن جي دڙي ۽ چانهو دڙي مان لڌيون ويون آهن، سي اتان جي انهن ٿورين ناهيل شين ۾ شامل آهن، جن لاءِ اسان کي معلوم آهي ته 'سنڌو' لوڪ (39) انهن کي ڏيساور کان درآمد ڪندا هئا. ترڪستان جي شهر انائو مان مليءَ جي نهيل گاڏيءَ جو هڪ نمونو لڌو ويو آهي، جيڪو هڙاپا ۽ چانهو دڙي وارين گاڏين جو هوبهو نمونو هو، جيڪا ڳالهه انهن جي قريبي تعلقات ڏانهن اشارو ڪري ٿي: هيءَ ڳالهه اهميت جي ٿي سگهي ٿي ته انائو مان مليل ٽامي جي شين ۽ موهن جي دڙي مان لڌل ڪن ٽامي وارين چيزن جي تجربي مان ظاهر ٿيو ته ٻنهي حالتن ۾ ڏاتوءَ ۾ مليل سينڪئي جو فيصد حصو ساڳيو ئي هو (40).

ائين پيو معلوم ٿئي ته سنڌو لوڪن پنهنجي گهٽين ئي پسگردائيءَ وارين آبادين کي مال جي ڏي وٺ ڪرڻ لاءِ سهولت وارن مرڪزن طور منتخب ڪيو هو، خواهه انهن ۾ ڪهڙي به مال جي ڏي وٺ عمل ۾ ايندي هئي. امڪان آهي ته علي مراد الهندي طرف ڪيرٿر جبلن جي قطار مٿان ويندڙ مکيه شاهراهه تي هڪ قلع بند ڪاروانسراءِ هو. ڪوٽلا نِهنگ خان (روپار)، لورالائي ۾ دبرڪوٽ، جهالاوان ۾ ميهي ۽ مڪران ۾ ستڪاڳين دوڙ، سڀ ئي بظاهر انهن شاهراهن جي اهڙن مرڪزي نقطن تي بيٺل آهن، جن تان واپار هلندڙ هو. هن باري ۾ ڪو شڪ ئي ڪونهي ته 'سنڌو' (41) واري زماني ۾ ستڪاڳين دوڙ تائين سمنڊ رستي پهچي سگهبو هو. ٿي سگهي ٿو ته اهو شهر سُمر ۽ ڪُليءَ جي درميان واپار هلائڻ لاءِ بندر طور ئي وجود ۾ آيو هجي: پر ان جون پيچيده قلعبنديون سنڌو لوڪن جهڙيون آهن، ۽ اها تبديلي شايد انهيءَ دور جي نشادهي ڪري ٿي، جڏهن اها جاءِ موهن جي دڙي ۾ اُر جي درميان زمين کان ويندڙ تجارتي شاهراهه جي درجي کان ڦري، ساموندي واپار جي شاهراهه جي حيثيت اختيار ڪري رهي هئي، جو ان تي انهيءَ تبديليءَ جي دوران قبضو ڪيو ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوٽ :

(1) موهن جو دڙو، معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌو 'سلطنت' جا بہ گادي وارا شهر هئا، جن مان بيو هڙاپا هو، پر هن مضمون جو بنيادي طور واسطو سنڌوءَ جي هيٺئين حصي واري صوبي سان آهي، جنهن تي موهن جي دڙي مان حڪومت ڪئي ويندي هئي.

(1 - الف) آمريءَ لاءِ، حوالو جي -اير - ڪئسل 'فوئليس ڊي آمري'، پئرس 1964ع.

(2) حوالو، هن سلسلي جو پهريون (سنڌ - هڪ عام واقفيت) صفحا 97 — 198 نوٽ 72 — اي.

(3) ڊاڪٽر اي - مئڪي، 'آڳاٽيون سنڌو تهذيبون' ليوزئڪ اينڊ ڪمپني، بيو ڇاپو (1947) ص .155.149.122

(4) سر مارٽيمر ويلر، 'سنڌو ماٿريءَ ۽ ان جي پريان جون تهذيبون'، ٿامس اينڊ هڊسن (1966ع) ص .70

(5) سر ڪلاڊ انگليس، 'دريائن ۽ واهن جي هلت ۽ ضابطو' (پونا 1949) ص 172.

(6) ايڇ - ٽي- لئمبرڪ، 'سر چارلس نيپئر اينڊ سنڌ' آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس (1952)، ص 316 — .318

(7) گذريل ڪجهہ سالن کان هيءَ خيال ڪيو پيو وڃي تہ سنڌو نديءَ کي، جي هاٿي چڱيءَ طرح سان قبضي ۾ ڪيو ويو آهي تہ آئينده لاءِ فقط ان جي پاٽيءَ جي ورڇ جي سلسلي ۾ پيدا ٿيندڙ ذيلي مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ دائمي طور نظرداري رکڻ جي ضرورت آهي ۽ اهو خيال سنڌ ۾ ملازمت ڪندڙ فني عملي جو پڻ آهي، ان هوندي بہ انهيءَ خيال کي سنڌو نديءَ تي مستند عالم، سرڪلاڊ انگلس، جي رڪارڊ ڪيل قطعي چتاءَ جي روشنيءَ ۾ خطرناڪ حد تائين خوش فهمي ۽ دلجمعي سمجهڻ گهرجي (بحوالہ 'دريائن ۽ واهن جي چال ۽ ضابطو' صفحا 204 کان 207)

(8) سنڌو نديءَ جي چال متعلق اسان جي جمع ٿيل ڄاڻ جي روشنيءَ ۾ اسين هن اندازي ڪرڻ ۾ حق بجانب ٿينداسون تہ نديءَ ويجهڙائيءَ ۾ ئي پنهنجو اهو وهڪرو قائم ڪيو هو، جڏهن تہ جي آسپاس ۾ اهو شهر وسايو ويو هو.

(9) انهي علائقي جو سر ٽي - ايچ - هولڊچ طرفان سندس ڪتاب "دي انڊين بارڊر لئنڊ"، ميٿيون (1901) ص 9-107 ۾ تمام سٺي نموني ۾ بيان ڪيو ويو آهي:

جي - پي - ٽيٽ 'دي فرنٽيئرس آف بلوچستان' ودربي، لنڊن، 1909، ص 112-228، ايچ — ڊبليو- بيليو'فرام دي انڊس ٽو دي ٽائيگرس' ٽروبنر، لنڊن، 1874ع ص 241، 7-0245

(10) وي — گارڊن چائيلڊ 'نيولائيٽ آن دي موسٽ اينشنٽ ايسٽ'، روٽليج اينڊ ڪيگان پال، چوٿون ڇاپو (1958ع) باب7، 'دي اربن ريووليوشن ان ميسوپوٽاميا '، خاص طرح ص 9 — 0128.

(11) اي - مئڪي، ص 31 جي سامهون.

(12) شايد اها نوجوان عورت، جنهن جي کوپري چنهو دڙي مان ملي هئي، ساڳئي قسم جي نسل سان واسطو رکندڙ هئي، مئڪي ص 4 — 153 تائين.

(13) پي - بي - شيليءَ جو نظم 'او ز يمانڊياس'

(14) ويلر، ص 25.

(15) مئڪي ص 67، تصوير XVI، 4 - اير 4- بي، تصوير نمبر XVII، 5: ايس پگٽ 'پري - هسٽارڪ انڊيا' پينگئن جو ڇاپيل ڪتاب، (1950ع) ص 183: تصوير 22، نمبر 06.

(16) اير - وهيلر، 'دي انڊس ميوليزيشن' ڪيمبرج (1953ع)، ص 4 — 083.

(17) مئڪي، تصوير XVII، شڪل 09.

(18) آر -برٽن، 'سنڌ اينڊ دي ريسز دئٽ انهبٽ دي لوئر وئلي آف دي انڊس' ڊبليو - ايچ - ائلين، (1851ع)، ص 3 — 172 ۽ 0198.

(19) مئڪي، ص 11: پگٽ، ص 0179.

(20) مئڪي، ص 0125.

(21)ايس - پگٽ، سامهون ص 70 — 129 جي ۽ شڪل 19، ص 0160.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 2.موهن جو دڙو

## هوتچند روچيرام واڌواڻي

اٽڪل ڏهه ورهيه اڳ ائين سمجهيو ويندو هو ته دنيا ۾ ٻه ملڪ ميسوپوٽاميا ۽ مصر آهن جنجي سڀيتا جهوني ۾ جهوني آهي. ودوانن جي ڪٿ موجب انهن ٻن ديسن جي سڀيتا پنج هزار ورهيه جهوني ٿيندي. پر هندستان لاءِ سمجهيو ويندو هو ته اُنجي سڀيتا اٽڪل 25 سئو ورهيه جهوني ٿيندي. اشوڪا جي راڄ کان اڳ جي اتهاس جي اسانکي بلڪل ٿوري خبر هئي. جيتوڻيڪ ڪن ودوانن پنهنجو رايو ظاهر ڪيو هو ته ڀارت جي سڀيتا پڻ جهوني آهي، پر ڪيترائي خاص ڪري يورپ جا ڄاڻو اها ڳالهه ڪونه مڃيندا هئا. نه رڳو ايترو پر انهن مان ڪيترن جو اهو رايو هوندو هو ته ان وقت ڀارت جا رهواسي جهنگلين جي حالت کان ٿورو ڪي بهتر هئا. پرحقيقت ۾ ائين نه هو. جڏهن ٻيا ملڪ اجا اونده ۾ ٺاڦوڙا هڻي رهيا هئا، جڏهن اجا ڪيترن ملڪن کي ڪنهن به قسم جي سڀيتا جي ٻوجهه ڪونه هئي، ان وقت اسانجو ديس بلڪل اوچي اوستا تي پهتل هو. موهن جي دڙي جي کوجنائن مان جيڪي ظاهر ٿيو آهي سو ان سڀيتا جي اوچائي جو ثبوت آهي.

موهن جو دڙو لاڙڪاڻي ضلعي جي لب درياهه تعلقي ۾، ڏوڪري اسٽيشن کان اٽڪل 8 ميل پري آهي. ڪن جو چوڻ آهي ته راجا دلوراءِ جو هتي ٻه راڄ هو سو جڏهن هن هڪ ستيءَ جي شرم ۾ هٿ وڌو تڏهن ان ستيءَ جي پراٿنا ڪري اهو سارو شهر غرق ٿي ويو. انهيءَ ستيءَ راجا کي منهن ڪارو ڪونيو جنهن ڪري دڙي جو نالوئي 'منهن دڙو' (Mounds of Darkness) پئجي ويو ۽ جنهن مان هينئر ڦري اهو موهن جو دڙو ڪونجي ٿو.

سڪندر اعظم جڏهن هندستان کي چڙهي پنتي موٽ ٿي ڪاڏي، تڏهن کي ٻارهن يادگار نهرائي انهن تي يوناني ۽ هندستاني ٻولين ۾ ڪجهه اڪرايو هيائين. 1917ع ۾ شر راکلداس بئنرجي هڪ بنگالي ودوان کوجنا کاتي جي الهندي ڀاڱي (Archaeological Department - Western Circle) جو مکيه عملدار مقرر ٿي آيو. هن جو ڌيان يڪدم انهيءَ ڳالهه ڏانهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڪجي ويو تہ انهن سڪندر جي ياد گارن جو پتو ڪيان سو هو بهاولپور رياست ۾ جتان اڳ هاڪڙو ندي وهندي هئي اهو رستو وٺي گهمندو گهمندو سکر ضلعي جي ريتي شهر تائين آيو. اتان وري جتان اڳ سنڌوندي وهندي هئي اهو ڪنارو ورتائين. انهيءَ جاچنا ڪندي ڪيس واٽ تي سنڌونديءَ جا 18 سڪل پيٽ ڏسڻ ۾ آيا، جتان وقت بہ وقت سنڌو پنهنجو وهڪرو پئي ڦيرايو آهي. هن واٽ تي ستاويهن وڏن شهر ۽ ٿيونجاهہ ننڍن شهر جا نشان ڏنا. اُهي ڊٺل شهر گهٽو ڪري سکر، لاڙڪاڻو ۽ اپر سنڌ سرحد ۾ ڏسڻ ۾ آيس. انهن ڊٺلن شهرن جي جاچنا ڪندي نيٺ شري راکلداس بئنرجي 1922ع ۾ اچي موهن جي دڙي تي پهتو.

انهن ڏڙن جي سنڌ جي سرڪاري عملدارن ۽ کوجنا ڪاتي وارن کي اڳ بہ خبر هئي پر هنن سمجهيو ٿي تہ اهي دڙا بہ يا ٽي سئو ورهيہ مس جهونا ٿيندا جو انهن دڙي تي جيڪي سرون ڏسڻ ۾ آيون سي هاٽوڪي سرن سان مشابهت ٿي رکيائون. 1912ع جي مارچ ۾ شري ڀنڊارڪر هتي موهن جي دڙي تي آيو هو ۽ هن اتي ڪجهہ جاچنا بہ ڪئي پر هن هاٽوڪي نموني جو سرون ڏسي پنهنجو رايو ڏنو تہ هي دڙا بہ سئو ورهيہ مس جهونا ٿيندا. انهي سبب ڪري کوجنا ڪاتي وارن جو ڌيان موهن جي دڙي ڏانهن نہ ڇڪيو هو. ڊاڪٽر ڪزنس ۽ شري ڀنڊارڪر جي ڏينهن ۾ سنڌ جي هيٺين ٺڪر ۾ کوجنائون ٿيون ۽ ٿر ضلعي جي ميرپور خاص ۾ ڪاهوءَ جو دڙو، ٽنڊو محمد خان، برهمڻ آباد ۽ ٻين ڪن هنڌ ٻڌ زماني جا ٽيڙ ظاهر ٿيا. هيءَ ئي پهروين پيرو هو جو کوجنا ڪاتي وارن جو ڌيان هيڏانهن موهن جي دڙي ڏانهن اوچتو ڇڪجي ويو.

شري رکلداس بئنرجي 1917ع کان 1922ع تائين هر ڪنهن سياري جو ڪجهہ وقت هتي اپرسنڌ ۾ جاچنائن پنيان لڳائيندو هو. نيٺ ڪيتري جاچنا ڪرڻ بعد هو انهيءَ راءِ تي آيو تہ موهن جو دڙو جيڪڏهن هندستان ۾ جهوني ۾ جهونو هنڌ نہ آهي تہ جيڪي بہ جهونا هنڌ آهن تن مان هڪ تہ ضرور آهي. سونيٺ هن موهن جي دڙي کي کوٽائڻ جو فيصلو ڪيو. شري رکلداس بئنرجي انهن دڙن جي باريڪ طرح سان جاچنا ڪرڻ بعد ڏٺو تہ هيءُ شهر اٽڪل 750 ايڪڙن ۾ هو ۽ انجا نشان اجا 200 ايڪڙ زمين جا والارين تا. پرهتي هن مکيہ ڳالهہ اها ڏٺي جو اهي دڙا نديءَ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڪل ٻيٺ جي وچ ۾ آهن، اهو به ظاهر ٿيو ته جڏهن نديءَ وهندي هئي تڏهن هيءُ اصل ٻيٺ هو. اڳين ڏينهن ۾ پوتر ۽ ٻيا هنڌ گهٽو ڪري ٻيٽن تي ٻڌا ويندا هئا، جيئن اڄ نديءَ جي وچ ۾ ساڌٻيلو ۽ زنده پير آهن.

انهن سيني دڙن جي مٿان ٻڌ زماني جو ٿلهه بيٺل آهي. پهرين مسٽربئنرجي انکي کوٽائڻ شروع ڪيو. کوٽائڻ بعد هن کي ٿلهه هيٺان کي سنگمرمر جا پڳل پتلا هٿ آيا. پر مکيه ڳالهه جا هن کي هتي ڏسڻ ۾ آئي سا هيءَ هئي جو ڏٺائين ته انهيءَ تهه جي هيٺان هڪ ٻيو تهه آهي، تڏهن سمجهائين ته هيءُ شهر ٻئي ڪنهن جهوني ڦٽل شهر تي ٻڌل آهي. هنکي کوٽائيندي ڏٺو ته انهيءَ تهه هيٺان وري به ٻيو تهه آهي يعنيٰ اهو شهر وري ٻئي ڪنهن جهوني شهر تي ٺهيل آهي. هنکيٰ اتان نئين نموني جي چٽسالي ٿيل ٺڪر جا ٿانو، سڪا ۽ مهرون(Seals) هٿ لڳيون. اُهي مهرون چورس هيون ۽ اُنهن مان ڪن تي مصر جي جهوني ٻولي وانگر چترلپي (Pictographic script) لکيل هئي ۽ ڪن تي وري بئبيلان جي اکرن وانگر نشانن ۾ (Cuneiform)اکر لکيل هئا. هنکي هتي مردن پورڻ جي رسم به ڏسڻ ۾ آئي.

1853ع ۾ سراليگزينڊر ڪننگهام (Alexander Cunningham)کي پنجاب جي مانٽگومري ضلعي جي هڙاپا شهر مان ڪي سيلون هٿ لڳيون جن تي هڪ سڱ واري ڍڳي جي شڪل ۽ عجيب نموني ۾ اکر اڪريل هئا. سرڪاري ريت انجي پڙرائي تي پر ڪو ڪونه چئي سگهيو ته اهي مهرون ڪهڙي زماني جون آهن. ڪي ودوان چوڻ لڳا ته اهي اکر بروهي ٻوليءَ جو اڳوٽو نمونو آهن. اهڙي قسم جون ڪجهه ساڳيون مهرون برٽش ميوزيم ڪي به هٿ لڳيون. ڊاڪٽر فليٽ اُنهن سيلن جو احوال ۽ فوٽا ايشياٽڪ سوسائٽيءَ جي جرنل ۾ ڏنا ته به ڪنهنجو ڌيان ڪونه ڇڪيو.

اٽڪل اڌ صدي اڳ ميجر ماڪلر بلوچستان جي جهالاوان ضلعي جي نال شهر مان چٽسالي ٿيل ٺڪر جا ٿانو ۽ ڪي ٻيون شيون لڌيون ۽ عجيب قسم جي مردن پورڻ جي رسم ڏٺي. اٽڪل 27ورهيه اڳ سرجان مارشل کوجنا کاتي جي ڊائريڪٽر انهيءَ ساڳئي هنڌان به ڪيترو چٽسالي ٿيل ٺڪر جو سمان ۽ ٻيون شيون لڌيون. اهي سموريون شيون ڪلڪته



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميوزيم ۾ رکيون ويون پر انهن شين ڏانهن ڪنهن جو ڪو ڌيان نہ ڇڪيو.

اهو هڙاپا جو شهر جتان سرڪننگهام سيلون لڌيون هيون سو اسٽيشن آهي ۽ موهن جي دڙي کان اٽڪل 400 ميل پري ٿيندو. سنسڪرت شبد 'هرپدا' (شوجا پير) مان ڦري هاراپا ٿيو آهي. موهن جي دڙي وانگر هارپا ۾ بہ ڪيترائي دڙا آهن پر اسٽيشن هئڻ سبب انهن دڙن کي بلڪل گهڻو نقصان رسيو آهي. 20-1921ع ۾ شري ڏيارام سهاني انهن دڙن کي کوٽائيندي هتان ساڳئي قسم جو 11 سيلون ۽ ڪيترا نڪر جا ٽانو ۽ ڀيا ٺپڙ لڌا.

ڏنو ويو تہ جيڪي سيلون ۽ شيون شري بئنرجي موهن جي دڙي تان لڌيون آهن اهڙيون اصل ساڳيون هاراپا مان بہ لڌيون ويو آهن يعني تہ موهن جي دڙي ۽ هاراپا ٻنهي شهرن جي سڀيتا ساڳي آهي. وڌيڪ اهو بہ ڏنو ويوتہ جهڙي قسم جي چٽسالي ٿيل نڪر جو سامان ۽ ٻيون شيون بلوچستان مان لڌيون ويون هيون تن جي پڻ موهن جي دڙي ۽ هاراپا تان لڌل شين سان بلڪل گهڻي مشابهت آهي.

موهن جي دڙي ۽ هڙاپا تان جيڪي شيون لڌيون ويون تن سيني کي واڱڙو ڪيو پر ڪو ڪونہ چئي سگهون تہ اهي ڪهڙي زماني جون شيون آهن. اهي سموريون شيون کوجنا کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل 1924ع جي جون مهيني ۾ ڏٺيون ۽ هو پاڻ عجب ۾ پئجي ويو پر خود هن جهڙو آزمودگار جاڻو بہ انهيءَ سڀيتا جي پراچينتا جي ڪٿ ڪري نہ سگهيو. انهن کوجنائن تي روشني پوڻ واسطي هن لنڊن جي السٽريٽيڊ لنڊن نيوز (Illustrated London News) جي 20سيپٽمبر 1924ع واري پرچي ۾ هڪ ليک لکيو جنهن ۾ انهن کوجنائن جو احوال فوٽن سميت ڏنو. يڪدم 28 سيپٽمبر واري پرچي ۾ پروفيسر سائس(Professor Syce) مشهور مصر جي اتهاس جي ڄاڻو انهن کوجنائن تي هڪ ليک لکيو جنهن ۾ ڏيکاريائين تہ موهن جي دڙي ۽ هاراپا مان لڌل ٺپڙ ۽ شيون سميريا ۽ ميسوپو ٽيميا مان لڌل شين سان مشابهت ٿا رکن. انهيءَ جو مطلب تہ ڀارت جي سڀيتا پڻ پنج هزار ورهيہ جهوني آهي. انهيءَ باري ۾ هن وڌيڪ لکيو تہ موهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي دڙي جون کوجنائون اتهاس ۾ ڦيرو وجهنديون. انهن کوجنائن جي باري ۾ هن هيٺينءَ ريت لکيو:-

The discovery opens up a new historical vista, and is likely to revolutionise our ideas of the age and origin of Indian civilization.

وري 4 آڪٽوبر واري پرچي ۾ ميشرس گئڊ ۽ سڊني سمٿ برٽش ميوزيم جي بئبيلان ۽ سيريا جي ڄاڻن انهن کوجنائن تي ليک لکيو، جنهن ۾ هنن ڪيترا دليل ۽ مثال ۽ فوٽا ڏيئي ثابت ڪري ڏيکاريو ته جيڪي شيون موهن جي دڙي ۽ هاراپا مان لڌيون آهن، اهي سڀ بئبيلان مان لڌل شين سّان مشابهت ٿيون رکن. ڊاڪٽر مئڪي جنهن ڪش (Kish) ۾ کوجنائون ڪيون هيون تنهن پڻ سرجان مارشل کي لکيو ته موهن جي دڙي ۽ هاراپا مان لڌل شيون اتي جي شين سان مشابهت ٿيون رکن. هونءَ جو سمجهيو ويندو هو ته ڀارت جي سڀيتا فقط پنجويهه سئو ورهيه جهوني آهي سا هڪ ڌڪ سان ٻيڻي تي ويئي ۽ ظاهر ٿيو ته ڀارت جي سڀيتا ٻه گهٽ ۾ گهٽ پنج هزار ورهيه جهوني آهي. انهيءَ ڪري سياويڪ ريت سيني جو ڌيان موهن جي دڙي جي کوجنائن ڏانهن ڇڪجي ويو ۽ وڏيڪ زور شور سان موهن جي دڙي ۽ هاراپا تي کوٽائي جو ڪم چالو ڪيو ويو. 1925ع ۾ مسٽر هارگريوز هوائي جهاز ۾ چڙهي آيو. راوي ندي جنهن تي هاڙاپا جو شهر بيٺل آهي انهي جي اڳئين پيٽ جو ڪنارو وٺي بلوچستان طرف جاچنا تي نڪتو. انهي پاسي جاچنا ڪرڻ جو مطلب هو ته پتو پوي ٿو ته اها سڀيتا ڪهڙي رستي کان 250 ميل پري بلوچستان جي جهالاوان ضلع جي نال شهر مان جتان اڳ چنسالي ٿيل نڪر جا ٿانو ۽ ٻيون شيون لڌيون ويئون هيون، اتي ساڳئي قسم جي مردن پورڻ جي رسم ڏني ۽ ڪيتريون ساڳيون شيون لڌيون جهڙيون موهن جي دڙي ۽ هاڙاپا تان لڌيون ويون هيون. انهن دڙن تي هيستائين کوٽائڻ جو ڪم پئي هليو آهي ۽ ڪيتريون شيون ظاهر ٿيون آهن. انهن دڙن اندر ڇا آهي ۽ ڪهڙا نيڙ ظاهر ٿيا آهن انهن جو ٿوري ۾ احوال هتي ڏجي ٿو:

موهن جو دڙو ڪو هڪ دڙو ڪونهي پر ڪيترا دڙا آهن. انهن دڙن هيٺان ڪي نهيل نڪيل ناهوڪا شهر لڌا ويا آهن، جن ۾ عاليشان مڪان، عاليشان گهٽيون ۽ پڪ سرا رستا نهيل آهن. گهٽيون ۽ رستا

بلڪل ڪشادا آهن چا تہ انهن شهر جي بيهڪ ۾ اڏاوت آهي جو ڏسندي دل پيئي بهار ٿئي. گهر بلڪل سندر، هوادار ۽ مضبوط نهيل آهن. ڪجھ بہ ڏنگائي ڦڏائي ۾ نهيل ڪونهي. رستا، گهٽيون، جايون، دڪان سڀ ڪجھ سڌائيءَ ۾ نهيل آهن. سمورو ڪم پڪين سرن جو ٿيل آهي. مٽيءَ جي ڪم جو تہ نالوئي ڪونهي. سرون اهڙيون تہ پڪيون ۽ مضبوط آهن جو ڄڻ تہ ڪالھ ڪوري ماں پچائي ڪڍيون ويون آهن. وري سڀ سرون سنئيون سڌيون ۽ پوري ماپ جون نهيل آهن.سرون اهڙيون تہ آهن جو جيڪر هاڻي بہ جاين جوڙائڻ ۾ ڪم اچي سگهن. ائين ڪو ڪونہ چئي سگهندو تہ ڪو موهن جو دڙو هزار ورهيہ جهونو آهي. وري عجب جي ڳالھ کهڙي جو گهٽو ڪري گهر گهر ۾ کوھ آهي. اُنهن کوهن جو قطر اڍائي ڪان ٽي فوٽ ٿيندو، انهن کوهن تي مٿن ۾ دلن رکڻ جي گاٽ جا نشان صفا چٽيءَ ريت اجا پيا ڏسڻ ۾ اچن. هر هڪ کوهيءَ وٽ پاڻي نيڪال ٿيڻ جو پورو بندوبست آهي. اهڙي تہ پوري لاهي رکيل آهي جو پاڻي يڪدم ترڪي وچي شهر جي نالين ۾ ڪسين ۾ پوندو هو جو ڄڻ تہ اتي پاڻي هاريو ئي ڪونہ ويو هو. ڪن کوهن کوٽائيندي منجهائن پيئڻ جهڙو پاڻي پڻ نڪتو آهي. سنان جون جايون بہ بلڪل سٺين ۽ اُچين سرن جون نهيل آهن. اُنهن ڏينهن جي رهواسين اهڙو تہ پربنڌ رکيو هو جو سيني هنڌان انهن ڪسين اندر پاڻي وهي هليو ويندو هو. جيڪي گهرن مٿان ماڙيون نهيل هيون اتي بہ پاڻي جي نيڪال جو سٺو بندوبست هو. نڪر جا گول نڙا آهن جي مٿان اچيو تا هيٺ گهٽين ۾ زمين جي هيٺان پون، جتان گند سڄو لهي وچي شهر جي ٻاهران ٿو پوي. اهڙو تہ ڪسين جو زمين اندر بندوبست ٿيل آهي جو اُڄ جي شهر جي حالت ڏسي ڪنڌ هيٺ ڪرڻو ٿو پوي.

موهن جي دڙي هيٺان ڪو هڪ شهر ڪونہ لڌو ويو آهي. چوڻ ۾ ٿو اچي تہ هيستائين زمين هيٺان نوَ شهر لڌا ويا آهن. شهر شهر مٿان مٽيءَ جو تھ جمي ويو آهي. انهيءَ تھ کوٽڻ کان پوءِ ڏس تہ ٻيو هڪ سندر شهر بيٺو آهي. انهيءَ هيٺان وري مٽيءَ جو تھ ۽ هڪ سندر شهر.

جيڪي جايون موهن جي دڙي جي هيٺان لڌيون آهن تن ۾ هڪ تلاءُ آهي جو 39فوٽ ڊگهو، 23فوٽ ويڪرو ۽ 8 فوٽ اونهو ٿيندو. تلاءُ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيهڪ ۽ اڏاوت بيشڪ عجيب آهي. ان جي چوڏاري جيڪي پٽيون آهن تن جي ٿولهہ اٽڪل ڏہ فوٽ ٿيندي. انهيءَ تلاءَ ۾ ٻين هنڌ عجيب قسم جو پلستر (Bitumen)ڪم آيل آهي جنهن ڪري اتي پاڻي سمي نٿي سگهيو. موهن جي دڙي پاسي اهڙي قسم جو پلستر ڏسڻ ۾ نٿو اچي انهيءَ ڪري انومان آهي تہ شايد اهو سليمان جبل، بلوچستان ۽ ميسوپوٽميا مان گهرايو ويندو هو.

موهن جي دڙي اندران جيڪي شيون لڌيون آهن تن سيني ۾ مکيہ شي آهي سيلون . اُهي سيلونَ ڪي پٿر جون ۽ ڪي عاج جون ۽ ڪي ٻين شين مان ٺهيل آهن. اهڙيون سيلون جهجهي انداز ۾ لڌيون ويون آهن. انهن سيلن مان ڪن تي پپر جو وڻ، ڪن تي گينڊن، ڳاين، ڍڳن، نوريئڙن، سيسرن، هاٿين ۽ ٻڪرين جون شڪليون آهن. ڪي سيلون آهن جن تيّ هڪ سڱ واري ڍڳي جي شڪل نڪتل آهي ۽ ڪن تي وري انگ لکيل آهن. تن مان ڏسجي ٿو تہ ان وقت گهوڙي جو نشان اصل ڪونہ لڌو ويو آهي. انهن سيلن هيٺان هڪ سوراخ آهي جنهن مان ڌاڳو لنگهايو ويندو هو. ڪن جو چوڻ آهي تہ اهي ڳچي ۾ پاتيون وينديون هيون. شايد اهي سيلون تعويذ ڪري ڪم آنديون وينديون هيون. ڪن اهو انومان بہ ڪڍيو آهي تہ اڳين ڏينهن ۾ گهرن جا دروازا ۽ ڪڙا ڪنڊا ڪاٺ جا هئا، جڏهن هوباهر نڪرندا هئا تہ ڪڙو ڪنڊي ۾ پائي مٿان مٽيءَ جو چپو هڻي هر ڪو پنهنجي سيل هڻي ڇڏيندو هو. اهڙا مٽيءَ جا چپا سيلن جي لڳلن نشانن وارا ڪيترا لڌا ويا آهن. انهن سيلن تي چتر لپي (Pictographic script) لکيل آهي. انهيءَ قسم جهڙيون ساڳيون سيلون هاراپا، بئبلان، سميريا، بلوچستان ۽ ميسوپوٽاميا مان لڌيون ويون آهن. سيلن کان سواءِ چورس ٽامي، چانديءَ ۽ سون جا سڪا بہ لڌا ويا آهن، جن تي بہ ساڳئي قسم جي چترلپي لڳل آهي، جي اهي سچ پچ سڪا آهن تہ چئبو تہ اهي دنيا ۾ جهوني ۾ جهونا سڪا ثابت ٿيندا.

انهيءَ کانسواءِ ٻيون بہ ڪيترون شيون ظاهر ٿيون آهن. نڪر جي سامان جو تہ اصل ڪاٿو ٿيو ڪونهي. ڪپڙا، ڪپڙيون، سرمي داڻيون، مٽ، دلا، ڪونڊيون، گهر جا برتڻ وغيره ڪيترا لڌا ويا آهن. ڪي ڪي مٽ تہ ايڏا وڏا لڌا ويا آهن جو جيڪر هڪ ماڻهو تہ اندر سولائيءَ

سان ويهي سگهي. نڪر جا رانديڪا تہ ڪي اڪيچار آهن. 1922ع تائين ائين سمجهيو ويندو هو تہ پراچين وقت ۾ هتي هندستان ۾ ٿانون وغيره تي چٽسالي جو ڪم ڪون ٿيندو هو جو ان وقت تائين هيڪڙ ٻيڪڙ ڪي چٽسالي ٿيل شيون لڌيون ويئون هيون، پرموهن جي دڙي تان ڪيترائي ٿانونءَ لڌا ويا آهن، جن تي حيرت انگيز چٽساليءَ جو ڪم ٿيل آهي، انهن ڏينهن ۾ شايد چٽسالي ٿيل نڪر جي شين واپرائڻ جو ڏاڍو ئي شوق پاتئبو هو.

پٿرجا بہ ڪيترائي ٿپڙ لڌا ويا آهن. نڪ جون نٿون، ڪنن جا ڀاري ڏر، ڳچين جا هار، ٻانهن جا ڪنگڻ، منڊيون، تڪا ڪپ، ان پيهڻ جو چڪيون، تور جا وٽ وغيره پيون ڪيتريون شيون لڌيون ويئون آهن. پٿر گهٽن ئي قسم ۽ رنگن جو ڪم آيل آهي.

عاج ۽ سپيءَ جو سامان بہ جهجهي انداز ۾ لڌو ويو آهي، جن تي عجيب گهڙپ جو ۽ مهين ڪم ٿيل آهي. شطرنج راند جو سارو سامان ۽ چونپڙ جا ڍارا بہ لڌا ويا آهن. چوڻ ۾ ٿو اچي تہ شطرنج راند اصل سنڌ مان شروع ٿي هئي. اها ڳالهہ ڪيتري قدر پوري آهي سو چوڻ مشڪل آهي. شيشي جون پڻ ڪيتريون ئي شيون لڌيون ويئون آهن.

هڪڙا ٿي پتلا لڌا ويا آهن، جن مان ڏسجي ٿو تہ انهيءَ وقت جا رهواسي ڏاڙهي رکائيندا هئا ۽ اهي ماڻهو هن وقت جي سنڌين سان اصل مشابهت نٿا رکن.

ائين ڪونهي تہ ڪو موهن جي دڙي اندران رڳو نڪر، عاج وغيره جو سامان لڌو آهي، پر سون چاندي جا زيور، ڪنگڻ، ٻانهن ۽ ڳچين جا زيور، مالهائون ۽ پرڻ جون آرون بہ لڌيون ويئون آهن. هڪ چانديءَ جي دٻلي جا پت اندر پوريل هئي، تنهن مان ڪيتري جواهرات لڌي ويئي. هڪ سونو ۽ موتين جو سچو هار هڪ گلاس ۾ بند ٿيل لڌو ويو. هڪ مردو لڌو ويو جنهن جو سڄو بدن سون ۽ چانديءَ جي زيورن سان جنجهيو پيو هو، جيڪي سونيون آرون لڌيون ويون آهن، تن تي بلڪل سني ۽ عمدي پالش ٿيل آهي. انهيءَ باري ۾ ڪوجنا کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل سرجان مارشل جو چوڻ آهي تہ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Netting needles of pure gold, the surface of which is polished to a degree that would do credit to a present day jewelers.

جيڪي سونا زيور وغيره لڌا آهن، سي اهڙا ته آهن جو جڻ تازا ٺاهيا ويا آهن. سر جان مارشل انهيءَ باري ۾ هيٺئن ٿو چوي:

The gold ornaments are so well finished and so highly polished that they might have come from a Bond Street Jewelers of today rather than from a prehistoric house of 5000 years ago.

جيڪي ظاهر ٿيو آهي تنهن مان ڏسجي ٿو ته پراچين پارت واسين کي سون، چانڊي ڪانسواءِ ٽامي، ٽين، شيهي ۽ پتل ۽ شايد پاري جي خبر هئي. ٽامي جون شيون بلڪل گهٽيون لڌيون ويئون آهن. ڪيترائي هٿيار، گهرو برتن، ڪپ وغيره ٽامي جا ٺهيل آهن. هيل تائين هتي لوهه جو اصل نشان ڪونه ڏنو ويو آهي، تنهنجي معني ته ان وقت اجا لوهه جي ڄاڻ نه هئي.

جيئن هن وقت پوک هڪ مکيه ڌنڌو آهي تيئن ان وقت ۾ پڻ ائين هو. جيڪي ڪڻڪ جا داڻا لڌا ويا آهن، سي هاڻوڪي ڪڻڪي جي داڻن سان مشابهت ٿا رکن. ائين پڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ان وقت سنڌ ۽ اولهه پنجاب ۾ برسات هن وقت کان وڌيڪ پوندي هئي ۽ سنڌ ۾ هڪ ندي بدران ٻه نديون سنڌو ۽ مهراڻ وهنديون هيون، جنهن ڪري سنڌ وڌيڪ آباد هئي.

اٽڪل اڍائي سو ورهيه اڳ يورپ کي ڪپهه جي پوري ريت ڄاڻ ڪانهه هئي ۽ ساري دنيا کي ڪپهه جي ڄاڻ هندستان مان پيئي آهي. پنج هزار ورهيه اڳ اسان جي سنڌواسين کي ڪپهه جي ڄاڻ هئي ۽ ڪتڻ اڻڻ جو بلڪل گهڻو واهپو هو ۽ سنڌ ۾ بلڪل عمدو ۽ اڇو ڪپڙو ٺاهيو ويندو هو. رگويد ۾ سنڌ کي اصل سڏيو ئي سواسا (عمدن ڪپڙن جو ٺاهيندڙ ملڪ) ويو آهي. موهن جي دڙي مان جيڪي ظاهر ٿيو آهي سو به ڏيکاري ٿو ته ان وقت بلڪل عمدو ڪپڙو ٺاهيو ويندو هو. هڪ چانديءَ جو ٿانو جو سچو جواهرات سان پريل هو سو لڌو ويو، جنهن جي چوڌاري ڪپڙو ويڙهيل هو. اهو ڪپڙو سرڪاري ڪيميڪل ائنلائيزر کي جاچڻ لاءِ موڪليو ويو، جنهن جاچڻ بعد پنهنجو رايو ڏنو ته اهو ڪپڙو ڪپهه جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نهيل آهي. جيڪي پتلا لڏا ويا آهن، تن ڪي بہ بلڪل عمديون ۽ اڇيون شالون ويڙهيل آهن. ڪپڙو جيڪو نهندو هو تنهن جو واهپو نہ رڳو هتي هو پر هتان ڪپڙو ٻاهر پڻ ويندو هو. بئبيلان ۾ ڪپڙي کي سڏيندا ئي اصل 'سنڌو' هئا، ڇاڪاڻ تہ ڪپڙو هتان سنڌ مان ويندو هو.

جيڪي ظاهر ٿيو آهي تنهن مان سمجهي سگهجي ٿو تہ ان وقت جا رهواسي گوشت، ٻلو مڇي کائيندا هئا ۽ کير بہ پيئندا هئا. جيڪي نشان ظاهر ٿيا آهن، سي ڏيکاري ڏين ٿا تہ ان وقت وڏن سڱن وارا ڏڳا تہ ڪي اڪيچار هئا، انهيءَ ڪانسواءِ ننڍن سڱن وارا ڏڳا، مينهون، رڍون، سوئر، ڪتا وغيره پڻ جام هئا. گهوڙي، ٻلي ۽ اٺ جا نشان ڪونہ ٿا ڏسڻ ۾ اچن. جهنگلي جانورن جا نشان ٿورا آهن. سيلن وغيره تي چيتي، سيسر ۽ هاٿيءَ جا نشان آهن، انهيءَ مان سمجهجي ٿو تہ ان وقت آب وهوا ذرا گهميل هئي ۽ سنڌ ۾ ٻيلا جام هئا. شينهن جو هيل تائين ڪو نشان ڪونہ مليو آهي.

موهن جي دڙي ۽ هڙاپا مان ٻيون بہ ڪيتريون ئي شيون نڪتيون آهن. هنن ٻنهي هڌان هٿيار بلڪل ٿورا لڌا ويا آهن. ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي تہ ان سان بلڪل ڪو ٿورو واسطو هو ۽ هو بلڪل شانتي پسند هئا ۽ هو پنهنجو وقت هنرن وغره جي واڌاري ۽ ٻين ڪمن ۾ لڳائيندا هئا.

دنيا ۾ هيل تائين جيڪي بہ آڳاٽيون شيون لڌيون اٿن تن مان ثابت آهي تہ اڳئين ڏينهن ۾ ماڻهو ڏکيا هئا پر هتي لاءِ سمجهجي ٿو تہ بندرا ماڻهو رهندا هئا جو جايون ۽ گهر بلڪل ننڍا آهن. هڪ سر لڌي ويئي آهي، جنهن تي ان وقت جي ڪنهن شخص جي پير جو ڇاپو لڳل آهي سو بہ رواجي پير جي ماپ کان ننڍو آهي. انهيءَ مان واجبي انومان اهو ٿو نڪري تہ ان وقت جا رهوسي بندرا هئا. انهيءَ باري ۾ پڪ سان ڪجهہ چئي نٿو سگهجي. وڌيڪ کوجنائون انهيءَ ڳالهہ تي پاڻ هي وڌيڪ روشني وجهنديون.

ان وقت پوڄا ڪنهن جي ڪئي ويندي هئي سو پوري ريت چئي نٿو سگهجي. دڙن جي مٿان ئي مٿان چوٽيءَ تي ٻڌ جوهڪ مندر آهي ۽ دڙن جي اندران جيڪي لڌو ويو آهي، تنهن مان سمجهجي ٿو تہ ڪن نڪر ۽ پٿر جي گول مندبين ۽ پپر جي وڻ جي پوڄا ڪئي ويندي هئي. تازو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ آسماني رنگ جي شئي لڏي وئي آهي جنهن تي هڪ نانگو پلتي ماري ويٺو آهي ۽ اڳيان هڪ پوڄاري هٿ ٻڌي ويٺو اٿس. جيڪي پتلا لڌا ويا آهن، تن جي پوشاڪ مان سمجهجي ٿو ته اهي ڪن مهنتن يا ٻاون جا آهن ۽ شايد انهن کي ٻه پوڄيو ويندو هو.

گهڻو ڪري ان سمي ۾ مردا ساڙيا ويندا هئا. مردا ساڙي هاڻي هڪ مٽ ۾ وجهندا هئا ۽ اهو مٽ وري ٻئي شاهي مٽ ۾ وجهي رکندا هئا. هتي مردن پورڻ جي به رسم ڏسڻ ۾ آئي آهي. ڪي مردا پيٽين ۾ پيل، ڪي ديوارن اندر بند ٿيل ۽ ڪن جا هڏا مٽ ۾ پوريل ڏسڻ ۾ آيا آهن. انهن مردن سان گڏ اتي هٿيار، ٽامي جا سڪا، ٺڪر جا ٿانو وغيره ٻيون شيون گڏ پوريل آهن. ٻارن کي گهڻو ڪري گهر جي چائنٺ وٽ پوريندا هئا. هڪ ننڍي ڇوڪريءَ جو مڙهه هڪ گهر جي چائنٺ وٽ پوريل لڌو ويو جنهنکي ڪيترائي ٽامي جا زيور پيل هئا. موهن جي دڙي تان ڪيترا لاش ٻه لڌا ويا آهن، تنهن مان سمجهجي ٿو ته ڪو اوچتو حادثو ٿيو هو. جيڪا مردن پورڻ جي رسم هتي موهن جي دڙي تي ڏسڻ ۾ آئي آهي اهڙي قسم جي ساڳي هڙاپا، بلوچستان، برهمڻ آباد، ڏکڻ هندوستان، ميسوپوٽميا ، بئبيلان وغيره ۾ ٻين ڪيترن هنڌ پڻ ڏسڻ ۾ آئي آهي.

موهن جي دڙي تي کوجنائن جو ڪم ڪيئن ٿو هلي تنهن جو ٿوري ۾ احوال ڏيڻ ضروري آهي. سال جا چار مهينا نومبر کان فيبروريءَ تائين اتي ڪم هلي ٿو. اٽڪل اٺ سئو ڪولي ۽ ٻيا کوجنا کاتي جا عملدار جيئن ته فوٽو گرافر، ڪيمسٽ، سپرنٽينڊنٽ ۽ ڪلارڪ ڪم ڪن ٿا. هاڻي ته اصل اتي ڪيتريون سرڪاري پڪيون جايون ٺهي ويئون آهن. اهي چار مهينا ته اصل اتي هڪ ننڍو شهر ٺهي ٿو پوي. تنبن ۽ ڪولين جي جهوپڙين جي ته اصل جهرمر لڳي ويندي آهي، جيڪو ڪولي سٺي ۽ سالم شئي لهندو آهي، تنهن کي انعام ڏنو ويندو آهي، ڪولين تي بلڪل گهڻي چوسڪي رکي وڃي ٿي. انهيءَ ڪري ڪم بلڪل چڱيءَ ريت هلي ٿو جو ننڍڙيون ننڍڙيون شيون جهڙوڪ ڪٽڪ جا سڙيل داڻا پڻ لڌا ويا آهن. اجا ڪو شئي لهي ٿو ته يڪدم ان شئي جي ليجڻ جي تاريخ، ڪهڙي حالت ۾ اها شئي هئي ۽ ڪٿان لڌي وئي، اهي سڀ چٺڪيون لڳايون وڃن ٿيون. تنهن کانپوءِ اهي سمورين شيون ورڪشاپ ۾ وڃن ٿيون، جتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صفا ٿيڻ بعد اُهي سمورين شيون ميوزيم ، جو اتي ٺاهيو ويو آهي، تنهن ۾ رکيون وڃن ٿيون.

جيڪي ڪجهه موهن جي دڙي جي کوجنائن مان شاهديون هٿ لڳيون آهن تن مان ثابت ٿئي ٿو ته ان وقت اتان جا سنڌ واسي بلڪل اوچي اوسٽا تي پهتل هوا. هو محلاتن ۾ رهندا هوا، هنر، ڪاريگري، ڪلا ۽ ڪوشل ۾ ته ڪو سندن ثاني ڪونه هو. جنهن نموني ۾ جايون جڙيل آهن، زمين اندر ڪسيون ٺهيل آهن ۽ جاين ۾ عجيب قسم جو پلستر ڪم آيل آهي ۽ سيلن وغيره تي جيڪي شڪليون نڪتل آهن ۽ ٻيون ڪيتريون ڳالهيون ان وقت جي رهواسين جي ڪاريگري ۽ هوشياريءَ جو ثبوت ٿيون ڏين. ان وقت جا رهواسي سيني سک جي شين کان واقف هوا. جيتوڻيڪ موهن جي دڙي ۽ هڙاپا جي سڀيتا بئبيلان ۽ سميريا جي سڀيتا سان مشابهت ٿي رکي پر اسان جي سنڌ واسين جي سڀيتا مصر، ميسوپوٽاميا جي سڀيتا کان گهڻو اوچي هئي. ڪجهه وقت ٿيو ته لنڊن جي مئچيسٽر گارڊين ۾ موهن جي دڙي جي کوجنائن تي هڪ ليک ڇپيو هو جنهن ۾ انجي ليکڪ لکيو ته موهن جي دڙي تي جيتوڻيڪ مصر جهڙا وڏا وڏامندر ۽ شاهاڻا قبا يا ڪريٽ (Crete) جهڙا وڏا وڏ محلات ڪونه لڌا ويا آهن پر جيڪي رواجي وچولي درجي وارن لاءِ جايون جڙيل آهن سي هاڻوڪين جڳهين جي جوڙ جڪ کان گهڻو اُچيون ۽ عمديون آهن. ان ليکڪ جي راءِ موجب ان وقت هتي وچولي درجي وارن لاءِ چڻ بهشت هو. هن انهيءَ باري ۾ هيٺين لکيو.

India must have been five thousand years ago a paradise of the middle classes.

ميسوپوٽميا پاسي جيڪي کوجنائون ٿيون آهن ان جي باري ۾ هڪ مسٽر مئلون امريڪا جي اخبار ۾ تازو ليک لکيو آهي جنهن ۾ هن ڏيکاريوآهي ته موهن جي دڙي ۽ ميسوپوٽميا انهن ٻنهين هنڌان جيڪي شيون ظاهر ٿيون آهن تن جي بلڪل گهڻي مشابهت آهي. پر موهن جي دڙي اندران جيڪي شيون نڪتيون آهن سي ميسوپوٽاميا جي شين کان بلڪل اُچيون ۽ عمديون آهن. کوجنا کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل سرجان مارشل جو انهي باري ۾ هيٺين چوڻ آهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Apart from above the remains brought to light at Mohan-Jo -Daro are for the most part private dewelling houses which tend to confirm our earlier impression that the amenities of life enjoyed by average citizen at Mohan-Jo-Daro were far in advance of anything to be found at that time in Babylonia or on the banks of Nile At Ur in Samar, it is true. Mr. Wooly has recently unearthed a group of houses which afford a most interesting parallel with those of Mohan-Jo-Daro and supply still another proof of close cultural connection between southern Mesopotamia and Sind. But even at Ur the houses are by no means equal in point of construction to those of Mohan-Jo-Daro nor are they provided at the latter site — a system by which the sewage was carried by drains into street tanks and hence removed by scavengers.

مصر ۽ ميسوپوٽاميا  کان پارت جي سڀيتا اوچي هئي انهيءَ باري ۾ سرجان مارشل ٻئي هنڌ هيئن ٿو لکي:

The existence of these roomy well built houses and relatively high degree of luxury denoted by their elaborate system of drainage as well as by character of many similar antiquities found within seem to be taken a social condition of the people much in advance of what was then prevailing in Mesopotamia or Egypt. Not that anything is likely to be found at Mohan-Jo-Daro as magnificent as Royal Tombs or Temples of early Egypt. That would be too much to hope for especially at a spot where life or no stone is available for building. But so far as the writer is aware neither Egypt nor Sumer or third millennium B C has yielded anything at all comparable to the average type of citizen's house now being unearthed in Sindh.

نہ رڳو ايترو پر ان وقت بہ اسانجا سنڌ واسي لکڻ پڙهڻ ڄاڻيندا هئا. جيڪي سيلون لڏيون آهن تن مان ڏسجي ٿو تہ هنن کي ماترائن (Vowels)ڪم آڻڻ جي سڌ هئي ۽ هو انگن کان بہ واقف هئا. دنيا کي انگن ۽ ڊيسيمل (Decimal)  جي ڄاڻ سنڌين کان پيئي آهي.

سياويڪ طرح سان اهو سوال اُٿندو تہ ان وقت هتي ڪهڙي قوم رهندي هئي جنجي ههڙي اوچي سڀيتا هئي. انهيءَ باري ۾ ڪيترن ودوانن جو رايو آهي تہ اها سڀيتا ڊرئوڊين جي آهي. آرين جي ڏينهن ۾ سنڌ گهوڙن کان بلڪل مشهور هئي ۽ سنڌ مان ٻين ملڪن ۾ گهوڙا ويندا هئا پر هتي هيل تائين گهوڙي جو اصل ڪو بہ نشان ڪونہ لڌو ويو آهي. تنهنجي معني تہ اها سڀيتا آرين کان اڳ جي آهي. بلوچستان ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي بروهي ڪم ڪن ٿا تن لاءِ سمجهجي ٿو تہ هو دراوڙين جو اولاد آهن. موهنجي دڙي تي جيڪي بروهي ڪم ڪن ٿا تن کي ڏاڍو فخر آهي جو هو سمجهن ٿا تہ اها سيپيتا سندن ابن ڏاڏن جي آهي. سمجهو وڃي ٿو تہ ويدن ۾ جنهن قوم کي داسا يا اسر ٿو چئجي تنجي اها سيپيتا آهي. شري رکلداس بئنرجي ڪيترا دليل ڏنا آهن تہ اها سيپيتا دراوڙين جي آهي. سرجان مارشل جو بہ خود انومان اهو آهي. انهيءَ باري ۾ صفا پڪ سان ڪو ڪجهہ ڪونہ ٿو چئي سگهي. وڌيڪ کوجنائون انهيءَ ڳالهہ تي پاڻيهي روشني وجهنديون.

موهن جي دڙي ۽ بئبيلان مان لڌل شين جي وچ ۾ بلڪل گهڻي مشابهت آهي. جهڙيون سيلون موهن جي دڙي تان لڌيون ويون آهن اهڙيون هوبهو سڀيون بئبيلان وغيره هنڌن تان لڌيون وئيون آهن. سيلن تي نہ رڳو بولي ساڳي آهي، پر جيڪي انهن تي شڪليون نڪتل آهن سي بہ ساڳيون آهن. هتي ۽ اُتي جي سيلن جي ماپ ۽ نمونو بہ ساڳيو آهي. سيلن جي اهڙي تہ مشابهت آهي  جڻ تہ ساڳئي ماڻهو ويهي اُهي ٺاهيون آهن. نہ رڳو سيلن جي وچ ۾ مشابهت آهي پر ٺڪر جو سامان جهڙو هتان لڌو ويو آهي اهڙو اُتان بہ لڌو ويو آهي. تور جا وٽ بہ ساڳيا آهن. موهن جي دڙي جي سرن، جاين ۽ زمين اندر ڪسين جي بئبيلان وغيره هنڌن جي سرن، جين ۽ زمين اندران ڪيسن سان بلڪل گهڻي مشابهت آهي. جهڙي مردن پورڻ جي رسم موهن جي دڙي، هاراپا، بلوچستان ۽ ڏکڻ هندستان ۾ ڏسڻ ۾ آئي آهي اهڙي قسم جي ساڳي بئبيلان وغيره هنڌن تي پڻ ڏسڻ ۾ آئي آهي. پارت واسي انهن ديسن سان خوب واپار بہ ڪندا هوا. ان وقت بئبيلان ۾ هڪ قسم جي ڪپڙي کي 'سنڌو' جي نالي سان سڏيو ويندو هو، جو هتان اتي موڪليو ويندو هو. پيون بہ ڪيتريون شيون جواهرات وغيره انهن ديسن ۾ موڪليون وينديون هيون. اهي سڀ ڳالهيون ثابت ٿيون ڪن تہ ان وقت انهن ديسن ۽ پارت جو پاڻ ۾ بلڪل گهرو ناتو هو.

هاڻي سوال آهي تہ پارت واسي انهن ملڪن ۾ ويا هوا ۽ اتي وڃي پنهنجي سيپيتا جو پايو وڌائون يا اُنهن ديسن جا رهواسي (سميرن) هتي آيا ۽ اچي پنهنجي سيپيتا ڦهلايائون؟ انهيءَ باري ۾ ودوانن جا جدا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جدا رايا آهن. ڊاڪٽروئڊيل (Dr. A.L.Waedell) جو رايو آهي تہ هتي هندستان ۾ سميرن آيا ۽ اچي پنهنجي سڀيتا ڦهلايائون. هنجو رايو آهي تہ ان وقت سميرن سنڌ ۽ پنجاب تي راڄ ڪندا هوا ۽ سميريا مان راڄ ڪرڻ لاءِ هتي گورنر موڪليا ويندا هوا. جيڪي سيلون موهن جي دڙي ۽ هڙاپا تان لڌيون آهن اُنهن تي جن گورنرن هتي راڄ ڪيو انهنجا نالا ۽ لقب لڳل آهن. اها ڳالهہ ڪيتري قدر پوري آهي سو اجا چوڻ محال آهي. پر گهٽ جو اهو رايو آهي تہ هتان پارت واسي انهن ملڪن ۾ ويا هوا ۽ پنهنجي سڀيتا جو اتي وڃي پايو وڌو هوائون. مصر جي باري ۾ ڪن جو رايو آهي تہ پارت واسي اوڏانهن ويا هئا ۽ وڃي اتي پنهنجي سڀيتا جو پايووڌائون. انهيءَ باري ۾ ڪرنل آلڪاٽ (Colonel Wolcott) جو چوڻ آهي:-

We have a right to more than suspect that India eight thousand years ago sent a colony of emigrants who carried their arts and high civilization into what is now known to us as Egypt.

مشهور برگسچ بي (Brugsch Bay) مصر جي مشهر ڄاڻو جو پڻ چوڻ آهي:-

They (Egyptians) from India long before historic memory.

ڪائونٽ جرنسٽجرنا (Count Bjornest Jerna) جو بئبيلاڻ جي باري ۾ چوڻ آهي:

The Chaldeans, the Babylonians and the inhabitants of Colchis derived their civilization from India.

مسٽر هال (H.R. Hall) مشهورمصر ۽ اسريا جي اتهاس جي ڄاڻو 1913ع ۾ڪتاب Ancient History of the Near East ۾ سميريا جي باري ۾ هيئن لکيو:-

It is by no means improbable that the Sumerians were an Indian race which passed perhaps also by sea -through Persia to the Valley of the Two Rivers. It was in the Indian home (perhaps in the Indus Valley) that their culture developed........ There is little doubt that India must have been one of the earliest centers of civilization.

اسيريا جي باري ۾ بہ ودوانن جو رايو آهي تہ ان جا پراچين رهوسي اصل هندستان جي ڪنهن جاتي جو اولاد هئا ۽ انهنجي ديوتا جو نالو اسرا هو ۽ هو پاڻ کي 'اسرجاتي' جو سڏائيندا هئا ۽ انهي ڪارڻ ئي سندن ديس جو نالو اسيريا پيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها سيبتا اصل پارت جي آهي ۽ بئبيلان، اسيريا ۽ ٻين ملڪن ۾ هتان ڦهلي انهي باري ۾ سرجان مارشل جو هيٺين ريت چوڻ آهي:

If therefore, those scholars are right who consider the Sumerians to have been an intrusive element in Mesopotamia, then the possibility is clearly suggested of India proving ultimately to be the cradle of their civilization which in its turn lay at the root of Babylonian, Assyrian and western Asiatic culture generally.

اهي سڀ ڳالهيون ڏيکارين ٿيون ته موهن جي دڙي جي ڪيڏي نه وڏي اتهاسڪ کوجنا آهي ۽ اهي کوجنائون دنيا جي اتهاس ۾ وڏو ڦيرو وجهنديون. باقي ٻه جڏهن سيلن جا چڱيءَ طرح سان اکر پڙهيا ويندا ۽ سموريون کوجنائون پوريون ٿينديون (اُنهن کوجنائن پوري ٿيڻ ۾ اجا ته گهڻو وقت لڳندو) تڏهن کهڙا ڳجهه ظاهر ٿيندا جنهن جي ڪٿ ڪرڻ ناممڪن آهي.

---

نوٽ: هند سرڪار انهن کوجنائن جي باري ۾ ميسوپوٽاميا جي مشهور ڄاڻو مسٽر مئڪي کي هتي هندستان ۾ گهرايو آهي ته هو پنهنجي آزمودي مان ڪيترين ڳالهين تي روشني وجهي. موهن جي دڙي جي کوجنائن جي باري ۾ سرجان مارشل هڪ ڪتاب لکي رهيو آهي جنهن ۾ موهن جي دڙي جي سيني کوجنائن جو احوال ڏنو ويندو ۽ جنهن ۾ مصر بئبيلان ۽ اسيرياجا مشهور ڄاڻو، پروفيسر سئس، ميشرس گئڊ ۽ سڊني سمٿ ۽ ٻيا سيلن وغيره سميت ڪيترن ئي سوالن تي روشني وجهندا.
(هي مضمون ماهوار ’سنڌو‘ فيبروري 1932ع ۾ ڇپيو)

---



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 3. موهن جو دڙو

### پروفيسر چيتن ايل _ ماڙيوالا

سڀَوري سنڌو، مانسروور مان منهن ڪڍيو، لاڏ ڪوڏ مان هماليہ جي ڇپن مٿان لڏندي لمندي، ويندي واٽ جيڏيون سرتيون ساڻ ڪندي، شد ۽ مد سان، چاھ ۽ چوچ مان، پنهنجي محبوب، شاهي سمونڊ سان، لائون لهڻ خاطر وڃيو منزل مقصود کي پهچي. سندس اها البيلي چال ايامن کان هلندي پئي آئي آهي. وقت پوڻ سان منجهس ڪا تبديلي نظر نہ آئي آهي. سنڌوءَ ۾ محبوب ملڻ خاطر خوشي اُتپن ٿي ٿئي، سا هوءَ خود غرضي ڪري پاڻ وٽ لڪائي نہ ٿي رکي، پر دل وجان سان وتي ٿي اُنجو عام اظهار ڪندي ۽ هر ڪنهن سان ونڊيندي ورهائيندي، جنهن ڪري اجر ويران، جتان هوءَ ور وڪڙ ڪندي لنگهي ٿي، سي سندس جر ريج پائي موج ۾ ڦوليا نہ ٿا سمائجن. اهو اچرج ڀريو نظارو ڪو نئون اسرار نہ آهي، گهڻو ڪهنو آهي، جنهن ڪهنائيءَ جو انت ڪونهي. سنڌوءَ جا اهي ميدان جي هونءَ جيڪر برپٽ بيابان هجن ها، تن کي وسيع واديون پسي، سڌريل قومن اچي اُتي پنهنجا آستان اڏيا. اُهي اُسريل آستان اڄ تائين وئرٽ ڪين ويا آهن. اتهاس جا ورق ورائيندي ائين پيو معلوم ٿئي ڄڻڪ دنيا جي شروعات کان وٺي سنڌو ديش اوچ سڀيتا جو مرڪز رهيو آهي.

ڪئين صديون اڳي، جنهن کي هزارين سال ٿي ويا، سنڌوءَ جي ڪنٺي تي موهن راڄ قائم هو. ڇا ملڪ هو ۽ ڇا سندس فلڪ ۽ نزاڪت! هر ڏس ۾ حد ڪماليت کي رسي چڪو هو. اهو اوج ۽ اعليٰ رتبو سنڌ وري نہ ڏٺو آهي. ڇا راڄ جي آزاد خيالي، ڇا رعيت جي آسودگي، ڇا ڌارمڪ اوچ پدوي، ڇا علم ۽ هنر جي واڌ ۽ ڇا ملڪ جو انتظام مگر اڄ انهيءَ راڄ جو ڊنل دڙن کان سواءِ ڪوبہ نشان نظر نٿو اچي.

سنڌوءَ جي ڪناري استاپن ڪيل موهن راڄ، واپار جو مرڪز هو. هت نہ فقط ڪتان ڪتان جا ونهيا واپاري اچي ڪٺا ٿيندا هئا، ۽ وٽن جي مٽا سٽا ڪندا هئا، پر خود هن ديش جا وڻجارا پنهنجي ملڪ جون سهڻيون سوغاتون ساڻ ڪري ڏورانهن ڏيساورن ڏي اُسهندا هئا، جنهنڪري موهن راڄ شاهوڪار ۽ آسودو راڄ هو. ماڻهن وٽ جي پئسو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو، تہ سک ۽ آنند ماڻڻ لاءِ پڻ منجهن خاص حوصلو هو. سندن راڄ ڳڙهہ جو مطالعو ڪندي ائين پيو محسوس ڪجي تہ هتي جي راڄا ۽ پرجا ڪي سنهجي ۽ سڦلي حياتيءَ ڪاڻڻ جي پليءَ پت ڄاڻ هئي.
ڊنل موهن راڄ جا آثار پڻ ٻہ سئو چاليهن ايڪڙن ۾ پکڙيل آهن. انهيءَ مان صاف ظاهر آهي تہ راڄ جي اوج جي وقت، ايراضيءَ جي نقطئہ نظر کان موهن راڄ پنهنجو مٽ پاڻ هوندو.کوٽائي ڪاتي وارن، ڏڙن جا چند ايڪڙ کوٽي، جيڪو اڳيئنءَ تهذيب جو نقش دنيا اڳيان رکيو آهي، تنهن مان شهر جي اڏاوت بنسبت چڱي خبر ملي ٿي. شهر ۾ پهرئين ئي چڪر لڳائڻ سان ناگري انتظام ۽ ماڻهن جي آسودگيءَ جي ڄاڻ پوي ٿي. دنيا جا عالم جي هن قديم آثار جي زيارت ڪري ويا آهن، سي راڄ جي بيهڪ ۽ بناوٽ جي ساراهہ مان ڍاپن ئي ڪين ٿا. خود سرجان مارشل (Sir John Marshal) جهڙو آزمودگار وستو - ود، جو هندستان جي کوٽائي ڪاتي جو ڊائريڪٽر هو، جڏهن موهن جي دڙي مان پهريون پيرو ڦري آيو، تڏهن تيرس ۾ پئجي ويو. ائين پيو سمجهي جڻ ڪنهن هاٽوڪي ڊنگ واري لئنڪيشاير (Lancashire) جي تازي دبيل شهر جو دورو ڪري آيو آهيان، ۽ نہ هندوستان جي ڪنهن نامعلوم پراچين سڀيتا جي کوٽيل آستان جو.
موهن راڄ اڄهو هيئہ اڏيل هو. جيتوڻيڪ سندس زبون ٿيڻ کي اڄ پنج هزار ورهيہ گذري ويا آهن،تنهن هوندي بہ سندس بيهڪ هاٽوڪي زماني جي شهرن سان ڪلهو پيئي هٽي. موهن جي دڙي جون جايون سڀ پڪي پيڙهہ واريون ۽ پڪسريون آهن، جنهن مان ثابت ٿو ٿئي تہ ماڻهو سکيا ستابا ۽ آسودا هئا. ڪچي جاءِ نهرائڻ جي گنجائش ئي ڪانہ هين. انهيءَ وقت ۽ انهيءَ هنڌ جاين لاءِ ضروري قسم جو پٿرموجود نہ هو، نہ تہ اڏاوتون مڙيئي پٿر جون جڙيل هجن ها. نہ فقط جايون پڪيون نهرايل هيون، پر هر هڪ جاءِ ڪنهن مقرر خاطر خواه رٿا تي اڏيل هئي. گهرن جي بيهڪ مان ائين پيو ڏسجي تہ جاين جي مالڪن کي عام صحت جي چڱي واقفيت هئي جنهنجو جاين جوڙائڻ ۾ هنن پورو پورو فائدو ورتو هو. جايون ڪي وڏيون ڪي ننڍيون، مگر هر هڪ ۾ ڪشادو اڱڻ، اوطاق ۽ آرام لاءِ ڪمرا هئا، جن ۾ هوا جي لنگهہ جو پورو پربند هو. تنهن ڪان سواءِ هر ڪنهن موچاري گهر ۾ پاڻيءَ لاءِ کوهہ پڻ کوٽايل هو. هر هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهر ۾ سامان رکڻ، رڌڻ، اشنان ۽ ضروري حاجت لاءِ پڻ جوڳو بندوبست رکيل هو. انهيءَ ڪانسواءِ گهر مان غلاظتن جي نيڪال لاءِ ناليون ۽ خاڪدان نهرايل هئا. جاين ۾ باقي وڏيڪ گهربو ئي ڇا هو! پڪ سان چئي نٿو سگهجي ته موهن راڄ ۾ ماڙين جوڙائڻ جو رواج هو يا نه، ڇو ته ڪوٺائيءَ وارن هڪ به سالم ماڙي ڪانه لڌي آهي، مگر ڇاڪاڻ ته ڪن جاين ۾ مٿي وڃڻ لاءِ ڏاڪڻين جا نشان ڇٽا ظاهر بينا آهن، ۽ ڪن ۾ خود ڏاڪڻيون موجود آهن، تنهن مان پائنجي ٿو ته شايد هڪ ماڙ اڏائڻ جو رواج به هو. جاين جي پيڙهه چڱي پختي بڌل آهي، جنهن ڪري ڪابه جاءِ هڪ ڪان مٿي ماڙين جو بار جهلي وڃي ها، مگر ڪل ڪانه ٿي پوي ته موهن راڄ ۾ ٻن ٽن ماڙين واريون جايون هيون يا نه. رازن جايون اهڙيون پڪيون ٻڌيون آهن جو پنج هزار ورهين جي عرصي بعد به سالم بيٺيون آهن. جاين جون پٽيون ٿلهيون ۽ ڊگهيون، پر سڌيون آهن منجهن سرون پڪيون ۽ پوريون ڳنڍيل آهن، جنهنڪري جاين ڪي نه آهي لهر نه لوڏ. فرش اڪثر ڪچا، ڇتيون تڏن ۽ مٽيءَ جون، مگر اهڙي نيڪ نموني ٻيهاريل، جو صدمو ڪين سولو نه رسي. دروازا ۽ دريون ته ضرور ڪاٺ جا هوندا، جي پڪ ڪاڇي ويا آهن، ۽ جن جو نشان به ڪونهي. مطلب ته موهن راڄ جي جاين ۾ نقص لهڻ اوکو آهي. هن راڄ ۾ سرن ٺاهيندڙن جي ڪماليت به واهه جي هئي! موهن جي دڙي جون سرون نه فقط نيڪ طرز تي پچايل آهن، پر سندن ماپ پڻ پوري ڍنگ تي ٻيهاريل آهي. اڪثر سرن جي ڊيگهه، ويڪر ڪان ٻيٽي ۽ ٿولهه، ويڪر جي اڌ برابر آهي، جنهنڪري پوري مقدار ڪري سرون جلد پچن پرن نه ٿيون. تنهن ڪان سواءِ ڪوري ۾ توءِ ڏيارڻ جي ڪا اهڙي رمز رکيل هئي، جو سرن جو رنگ هر جاءِ تي سرخ. اڄ به موهن جي دڙي مان نڪتل سرون هاڻوڪين ٺهندڙ سرن ڪان وڌيڪ جهالائو ثابت ٿيون آهن. ڊاڪٽرمئڪي (Dr. Mackay) ڪوٺائي ڪاتي جي جهوني ڊائريڪٽر جو چوڻ آهي ته موهن راڄ جون سرون اهڙيون سڌيون ٺهيل ۽ پوريون پچايل آهن جو هوند هاڻوڪا ٺاهيندڙ به اهڙين سرن ٺاهڻ ۾ فخر وٺن. موهن راڄ جون اڏاوتون ئي سندس اوچ ۽ اعليٰ تهذيب ظاهر ڪن ٿيون شهر جي مکيه جاين، خاص ڪري محلاتن ۽ عام لاءِ اشنان گهرن وغيره ڪي .باريڪ نظر سان جاچيندي دنيا ڀر جي عالمن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجو متفق رايو آهي تہ حاضر حالتن کي خيال ۾ آڻيندي اسين بنا هٿڪ چئي سگهندا سين تہ جاين جي اڏاوت ۾ موهن راڄ نهايت ڪماليت کي رسيل هو.

موهن راڄ ۾ عمارت سازيءَ سان شامل شهر جي هڪ ٻي خوبي ڏيان ڇڪائي ٿي. عام طرح ائين سمجهيو ويندو آهي تہ ناگرڪ سهولتون ميسر ڪري ڏيڻ جو ڍنگ ويجهڙائيءَ جي ريت آهي، مگر موهن راڄ انهيءَ خيال کي غلط ثابت ٿو ڪري. موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ بعد صاف ظاهر ٿيو آهي تہ سنڌو ديش ۾ پنج هزار ورهيہ اڳ پڻ ناگر بندوبستگيءَ لاءِ خاطر خواهہ انتظام هو. اهو سمورو ڪاروبار ڪنهنجي نظر هيٺ ٿيندو هو تنهن بنسبت ڪجهہ بہ پڪيءَ ريت نٿو چئي سگهجي، مگر ناگرڪ ضرورتن جوڳوڳو بندوبست ٿيل هو، سو تہ اکئين ڏسجي پيو. هر هڪ شهر کي گهٽ ۾ گهٽ ٻن خاص ڳالهين جي گهرج ٿئي ٿي: (1) پاڻيءَ جو بندوبست ۽ (2) شهر جي صفائي ۽ صحت جو انتظام. موهن راڄ ۾ ماڻهن لاءِ پاڻي تہ مٺو ميسر هو، پر هر ڪنهن موچاري گهر ۾ کوهہ هوندو ئي هو، تنهنڪري انهن گهرن جي ماڻهن کي پاڻيءَ جي ڪابہ تڪليف نہ هوندي هئي. باقي رهيو سوال اُنهن جو جن جي گهرن ۾ کوهي کوٽيل نہ هئي. انهن لاءِ بہ اٿاٽ کانہ هئي. جن گهرن ۾ پنهنجا کوهہ کوٽايل هئا، تن جي بيهڪ مان صاف ظاهر آهي تہ اُنهن گهرن جا مالڪ خود غرض نہ هئا، ڪين پاڙيسرين جي هن ضروري حالت ۾ واهر ڪرڻ کان عار نہ، پر اُن تي فخر هو، کوهہ گهر جي ٻاهرئين دروازي جي ويجهو ٺهيل ڪوٺيءَ ۾ کوٽايل هوندا هئا، جيئن پاڙيوارو بنا هٿڪ، گهر جي ياتين کي اهنج ڏيڻ کانسواءِ، پنهنجو پاڻي ڀري وڃي. پر انهيءَ مان اهو مطلب ڪيڻ نہ گهرجي تہ غريبن کي وسوارن شاهوڪارن جو اڏين ڪاري ڇڏيو ويو هو ۽ پنهنجي سر سنڌن سهائتا جو بندوبست نہ ڪيو ويو هو. خانگي گهرن ۾ کوهن کان سواءِ عام ماڻهن لاءِ کوهہ پڻ هئا. اهي کوهہ اڪثر ٻن جاين جي وچواريءَ وڇوٽيءَ ۾ کوٽيا ويندا هئا، جئن رستي جي رُوڪ نہ ٿئي، ۽ ڇاڪاڻ تہ اهڙن کوهن تي پيهہ ٿيڻ جو امڪان هو، تنهن ڪري واري لاءِ ترسلين واسطي پاسن کان بينچ ٺهرايل هئا، جيئن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو اتي ويهي هڪ ٻئي سان اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڪن،جيسٽوٽي سندن وارو اچي.

شهر کي صاف ۽ صحت وارو رکڻ خاطر ٻن ڳالهين جي ضرورٰت آهي:- (1)گند جي نيڪال لاءِ زير زمين نالين ۽ خاڪدانن جو بندوبست ۽ (2) شهر جي اڏاوت لاءِ مقرر ڍنگ (Town Planning) جئن رستا ڪشادا ۽ گهر هوادار رهن. موهن راج ۾ اهي ٻئي طريقا مروج هئا. موهن جو دڙو رستن ۽ سڙڪن سان ٻنهه جهنجهيو پيو آهي. رستا اُتر کان ڏکڻ ۽ اوڀر کان اولهه طرف بيهاريل آهن، ۽ سڌا ۽ ڪشادا آهن، جن جي پاسن تي عمارتون اڏيل آهن ۽ مقرر طرفن تي هوا جي مد نظر بيهاريا ويا آهن، جنهن ڪري هوا ذوم سان لڳي، بدبوءِ ڪي رستن تان ڪڍي، وايو منڊل کي صاف ٿي رکيو. موهن جي دڙي جا رستا اڪثر ڪچا آهن، مگر هر صورت ۾ سڌا، منجهن ور وڪڙ ٻنهه ڪونهي. تنهن کان سواءِ اڄرج جي ڳالهه اها تہ سرڪاري زمين جي دخل جو نشان بہ ڪونهي. اڄ عيسوي ويهين صديءَ جي سڌريل سمي ۾ سرڪاري پٽن ڳڙڪائڻ جون نڱيون ڏسي، ۽ هن قديم آثار ۾ نہ پسي، پاڻ تان لڄ پيئي اچي.

گهرن مان گند جي نيڪال جو بندوبست، جو موهن راج ۾ قائم هو، سو پڻ عمدو هو. هر هڪ گهر مان هڪ يا ٻہ ناليون گهر جو گندو پاڻي اچي رستي جي ناليءَ ۾ وجهنديون هيون، جتان اُهو پنهنجو پاڻ نيڪال ٿي ويندو هو. گهرن جون ناليون نہ فقط ڍڪيل ۽ پڪسريون هيون، پر ٻڌل اهڙي چڳيءَ طرح هيون جيئن پاڻي زمين ۾ پيهي جاءِ کي جوکو نہ رسائي. گهرن جون ناليون رستي جي نالين ۾ پوڻ مهل گهر جي ٻاهرينءَ پٽ سان گوني ڪنڊ ڪري نمايل هونديون هيون، جنهن ڪري پاڻيءَ جو زور ٽني پوندو هو ۽ پاڻي ماٽ ميٽ ۾ وهي وڃي رستي جي ناليءَ ۾ داخل ٿيندو هو، نہ تہ هونءَ رستي تان لنگهندڙن لاءِ آزار ٿي پوي ها. گهر مان گندي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ ڍڪيل نالين جي سهولت نہ فقط شاهوڪارن لاءِ جاري ڪيل هئي، پر غريب لاءِ بہ. شهر جي هر گهٽيءَ ۽ ڪنڊ ڪڙڇ ۾، گهرن توڙي رستن تي، ناليون نظر اچن ٿيون رستن جون ناليون اڪثر زير زمين،ڍڪيل ۽ رستن جي پاسن کان نهيل آهن. رستي تان آمدرفت جي سهنج لاءِ نالين جي ڍڪن جو بندوبست رکيل هو. تنهن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان سواءِ نالين کي وقت بوقت صاف ڪرڻ ڪاڻ بہ پر بند ڪيل هو، جنهنڪري ناليون هميشہ وهندڙ رهنديون هيون. گندي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ ٻن قسمن جو بندوبست رکيل هو:

(1) ڪن خانگي گهرن جو گندو پاڻي اچي هڪ کوهيءَ ۾ ڪٺو ٿيندو هو، جنهن ۾ گندي پاڻيءَ لاءِ هڪ اونهو پڪسرو تلاءُ هوندو هو، جنهن جي تري ۾ تنگ ڪيل هوندا هئا، جتان زمين پاڻي چهي وٺندي هئي. انهيءَ تلاءَ جي صفائي روزانو پنگي ڪري ويندو هو.

(2) جن مرڪزن ۾ چونڪن ۾ گهرن مان گندو پاڻي آڻيندڙ ناليون اچي مڙنديون هيون اتي بہ پڪسرا زير زمين تلاءُ ٺهيل هوندا هئا، جتان ڪن خانگي گهرن واري گندي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ بندوبست هو. ٻهر وغيره جي نيڪال واسطي ٽپ ٽپ تي خاڪدان رکايل هئا، جن ۾ گهر جو ڪن ڪچرو اچي ڪٺو ٿيندو هو جتان وري مهتر اُهو ميڙي سيڙي شهر کان گهٽو ٻاهر ڦٽو ڪري ايندا هئا. مٿئين بيان مان ظاهر آهي تہ موهن راج ناگريڪ انتظام اوس ڪنهن اهڙيءَ جوابدار جماعت جي هٿ ۾ هوندو جنهن ۾ ماڻهن جو اٽل وشواس هجي، جنهن ڪري صحت جي قانونن خلاف لوڪ ڪاروائي ڪندا ئي نہ هوندا. نہ فقط ايترو،پر انهيءَ سنستا پنهنجي سر پنهنجي جوابداري محسوس ڪري، خلق جي تحسين جوڳي خدمت پئي ڪئي هوندي.

ماڻهن کي وهم ويٺل آهي تہ فئشن جي بازار اجوڪي زماني ۾ گرم ٿي آهي، اڳي ماڻهن کي روپ جو ايڏو خيال نہ هوندو هو، مگر اها انهن جي غلطي آهي. انهيءَ جي ثابتي اتهاس ڏئي ٿو. اوائل کان جڏهن ئي پاڻ سينگارڻ جو شوق منجهس جاڳيو. ڏسجي ٿو تہ موهن راج ۾ هار سينگار جو ڪو خاص شوق هو. ماڻهن جي پوشاڪ، سنيڊ سرمي جي سامگريءَ ۽ زر زيور مان سندس شوق چٽو پيو بکي. موهن جي دڙي جي ماڻهن جي پوشاڪ بنسبت ڪا خاطر خواهہ خبر حاصل ٿي نہ سگهي آهي. جيڪي جزوي حقيقتون لڌل ٻتن ۾ نظر اچن ٿيون تن مان انسان جي وسترن جي ڪجهہ ڪجهہ واقفيت ملي ٿي. موجوده شين مان سمجهي سگهجي ٿو تہ انهيءَزماني جا مرد ڌوتي هينئين پاڳي تي، ۽ چادر يا شال مٿئين ڌڙ تي اڪثر ڪابي ڪلهي تان ورائي ساڄيءَ ڪڇ هيٺيان اوڙيندا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا، جئن ساڄي ٻانهن ورائڻ ۾ ڪين سهوليت ٿئي. زناني پوشاڪ ۾ پيشگير پائڻ جو رواج هو تنهنجي تہ پڪ آهي، باقي مٿئين ڌڙ ڍڪڻ جي باري ۾ خاطريءَ سان ڪجھہ چئي نٿو سگھجي. حالتن مان ظاهر آهي تہ ماڻهن جي پوشاڪ سادي سودي هئي، پر هو انهيءَ مان راضي مور ڪين هئا. انهيءَ سادگيءَ کي سينگارڻ لاءِ ماڻهن پرت جي مدد ٿي ورتي. موهن جي دڙي مان لڌل بتن مان ڏسڻ ۾ ٿو اچي تہ مردن جي شالن تي واه جو ڪم ٿيل هو، جنهنجو بت تراشن چٽيءَ طرح نقش ڪيڻ واجب سمجھيو آهي.

ڦٽي ڦونگار جو شوق پڻ موهن راڄ ۾ جهجو ٿي ڏٺو. پتلن مان ظاهر آهي تہ ماڻهو پنهنجا وار نرالن ڍنگن ۾ بيهارڻ ۾ فخر وٺندا هئا. ڦٽين ۽ سينڌن جا فئشن انهيءَ زماني ۾ بہ اڪيچار ٿي ڏٺا. گھڻو ڪري ماڻهو وار وڏا رکائيندا هئا، جي پچڙين وٽ اڪثر گھنڊيدار هوندا هئا، ڪي ماڻهو (يي سينڌ ڪيندا هئا ڪي وچين، تہ ڪي وري گل بہ ڪيندا هئا مطلب تہ وچتر نمونا هئا. زالون مردن کان هن ڳالھہ ۾ ٻہ رتيون ڪٿر هونديون هيون. گلن ڪيڻ، چڪرن ناهڻ، واسينگ وانگر چڳون وڪوڙڻ ۾ ساٿن چتا پيتي ڪرڻ نہ فقط هن وقت اجائي آهي، پر انهي ٽاٽي پڻ وئرت هئي. وارن کي پوري هنڌ ۽ ٽانئيڪو ڪري بيهارڻ لاءِ ماڻهن ۾ چنڊين ٻڌڻ جو رواج پيو، جنجي ذريعي مرد توڙي زالون وار قابو رکندا هئا ۽ هر گھڙيءَ ڦٽي ڏيڻ جي ضرورت نہ پوندي هين. پنيان وارن ناهڻ لاءِ چوٽين ڪرڻ يا چوٽن ناهڻ جو رواج هو. چوٽن ۽ چڳن کي جاءِ تي بيهارڻ لاءِ ڪانٽا ڪم آڻيا هئا. ڪڏهن ڪڏهن تہ ڪي شوقين نينگريون ننڍيون ڦٽيون وارن ۾ پنيان اٽڪائي ڇڏينديون هيون. مرد اڪثر ڪري سونهاريون رکندا هئا. ڪي ڏاڙهيون ڊگھيون رکندا هئا ڪي وري ڪجھہ ڪترائيندا بہ هئا. مڇن رکائڻ جا بہ فئشن هئا مڇن ڪوڙائڻ جو مرض جاري هو. باقي ڏاڙهي مڇ ٻئي چٽ جي رواج جي ثابتي ڪانهي.

بدن سينگارڻ جو شوق موهن راڄ ۾ گھڻو هوتنهنجي ثابتي دڙي مان لڌل اڪيچار ڪپڙن مان ملي ٿي، جن تي منجھن سينگار لاءِ پيل شين جا نشان نظر پيا اچن. انهيءَزماني جي سينگار جي سامگريءَ ۾ سرمي کي خاص اهميت هئي. سرمي جو سينگار هند سنڌ ۾ صدين کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چالو آهي، تنهن ڪري موهن راڄ ۾ سرمي ورتائڻ جو رواج هر پرو اڇرج پريو ڪونهي. سرمي سان گڏ غازه جي ضرورت پڻ ٿيندي هئي. موهن جي دڙي مان لڌل شيهي جي باريڪ چوري انهيءَ زماني ۾ پائوڊر جو ڪم ٿي ڏنو. تنهن ڪانسواءِ ڳل ڳاڙها ۽ لب لعل ڪرڻ جو شوق موهن راڄ ۾ عام هو. اُنهيءَ لاءِ گلابي غبير، گلال ۽ سنڌور ڪم ايندا هئا. انهن مڙني سينگار جي شين کي محفوظ رکڻ لاءِ خاص نهيل ڪپڙيون ۽ ڪپڙا هوندا هئا جن کي ڍڪ پڻ هئا. منهن جي رونق ڏسڻ خاطر ڌاتوءَ جون نهيل آرسيون پڻ موجود هيون. هار سينگار لاءِ ميزون به هيون، جن تي سڀني سينگار جيءَ سٿ سٿيل هوندي هئي.

اڃا وڌيڪ ڇا گهربل هون! هڪ شيءِ برابر رهجي ويئي - زيور.

موهن راڄ جي ماڻهن کي زيورن جو خاص شوق هو. لڌل پتلن مان ظاهر آهي ته وڏن توڙي ننڍن،زالن کي مردن کان سرس، ۽ وڏن کي ٻارڪان وڌيڪ. زيور علحده ڌاتن، جهڙوڪ سون، چاندي، پتل شيشي جهڙين چمڪي وارين لئين، سپيءَ، نڪر وغيره شين جا نهيل هوندا هئا. موهن جي دڙي مان لڌل زيورن مان ائين پيو سمجهجي چڻ ته هاٿوڪا گهڙيل آهن. سنڌن ناهڻ جو ڍنگ، زيب زينت ۽ بيهڪ ڏيکارين ٿا ته نه فقط ناهيندڙ قابل هئا، پر پائيندڙ به شوقين هئا. چنڊيءَ پائڻ جو رواج گهڻو ۽ عام هو. اُها نه فقط وار سڌا رکندي هئي، پر پائيندڙ جي سونهن به سرس ڪندي هئي. چنڊيون اڪثر ڌاتن جون نهيل هونديون هيون. اهي ته هيون ساديون سوديون چنڊيون، پر ڪن تي نقشي جو ڪم به ٿيل هوندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن چنڊيءَ جي هيٺئين پاڳي ۾ ٿيل ننگن مان ننڍڙا ڦندڻ به لٽڪايا ويندا هئا. جن مان نڪ جي سنوت مٿان جيڪو زيور لٽڪندو هو سو پاسي وارن ڪان وڌيرو ۽ وڌيڪ چٽيل هوندو هو. ڪنن لاءِ نه فقط واليون ۽ ڪنڊيل هئا، پر لڏڪڻن ۽ جهومڪن پائڻ جو رواج پڻ هو. پر موهن راڄ جا ماڻهو جيڪو چاهه ڳلي سينگارڻ ۾ وٺندا هئا، اوترو بدن جي ڪنهن به ٻئي پاڳي ۾ نه. ڳچيءَ لاءِ ڳلپٽن، چندن هارن، ٽه پٽين، پنج پٽين ۽ ست پٽين ڪان سواءِ ٻيا به ڪيترا زيور پائڻ ۾ ايندا هئا. ڳلپٽا اڪثر ننڍڙا داڻن جي لڙهن جا هوندا هئا. چندن هارن ۾ جڙت جو ڪم ۽ قيمتي پٿرن مان نهيل داڻن جي جڳ مڳ هوندي هئي، ٽه، پنج ۽ ست



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽين ۾ خاص جدا جدا نگ ۽ قيمتي ڌاتن جون لڙهيون پوريءَ طرح پوتل ۽ ڌاتن مان ٺهيل وٿي رکندڙن (Spacers) جي آثار تي سڏيون بيهاريل هونديون هيون. ان مان ظاهر ته موهن راڄ جا ماڻهو ڌاتن مان ٺهيل زيورن جا خاص شوقين هئا. ٻانهن لاءِ هوندا هئا چوڙا، ڪنگڻ، دستيون، تائٽ، ٻانهوٽا، ٻازوبند وغيره. تن ڏينهن ٻانهين جو رواج عام هو، پر ٻانهي عاج جي نه، سپيءَ جي هوندي هئي. سونهن لاءِ ٻانهيءَ جي ڪن چوڙن تي سونا پٽ چڙهيل هوندا هئا. ڪرائيءَ مٿان دستيون پائبيون هيون. موهن راڄ جون دستيون واهه جون جڙيل آهن! ناهيندڙن هن زيور گهڙڻ ۾ پنهنجي هنر جي ڪماليت ڏيکاري آهي. دستين بعد سونن چوڙن جو وارو هو. اهي چوڙا گهٽو ڪري اندران پورا، لاک پريل هوندا هئا. نڪر جا چوڙا پڻ لڌا ويا آهن، جي اهڙا ٺهيل آهن جي جيڪر هاٿوڪن شيشي جي چوڙن جو ڪم ڏين. موهن راڄ جا چوڙا چڱا زيب وارا آهن. پوءِ ٿيندي هئي ٻانهي چالو. نونٽ لنگهي ٻانهي مٿي تي ته آيو وارو تائيتن ڪنگڻن ۽ ٻانهوٽن جو، جن جي ڪاريگري پنهنجي خاص طرز جي هئي. مطلب ته زالن جون ٻانهون زيورن سان جهنجهيون پيون هونديون هيون، جو ته مردن ڪي جهنجهيل ٻانهون ئي وٽنديون هيون. هٿ جي آڱرين ڪي سينگارن لاءِ قسمين قسمين منڊيون هونديون هيون، جن جو ڍنگ علحدو هو. ٻانهن جي زيورن بعد وارو ايندو هو چيلهڪيءَ جو. موهن راڄ جون چيلهڪيون بي بينظير آهن. لڌل چيلهڪين مان ظاهر آهي ته ناهيندڙن هن زيور تي نه فقط گچ نوز نچويو هوندو پر خاص محنت ڪئي هوندي. اهڙيون ناهوڪيون چيلهڪيون ناهڻ سترو ڪم ڪينهي. چيلهڪيون اڪثر مضبوط ڌگهن ڌاتن جي لڙهن جون بيهارڻ لاءِ ڌاتن جا ٺهيل وٿي رکندڙ (Spacers) ڪم آندا ويندا هئا. باقي رهيا مرا ۽ پير. مرن لاءِ ته هوندا هئا لورا، ڪڙيون ۽ پازيب. پيرن جي آڱرن ۾ بندرن وغيره پائڻ جو رواج هو يا نه، سو پڪ سان چئي نٿو سگهجي، چو ته لڌل زيورن مان ڪي بندرن وانگر لڳن پيا، پر سچ پچ انهيءَ ڪم ايندا هئا يا ڪنهن ٻئي، ان جي تصديق ٿي نه سگهي آهي. بيو ته پير ۽ آڱريون لڌل پتلن ۾ چٽيءَ طرح نڪتل نه آهن، جن مان هوند خبر پوي ته انهن زيورن پائڻ جو رواج هو يا نه. مرد اڪثر چنڊيون، منڊيون، چيلهڪيون ۽ ڪڙيون پائيندا هئا. باقي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زالون تہ پاڻ کي هميشہ وانگر زيورن سان بنهہ جڪڙي ڇڏينديون هيون. موهن راڄ جا زيور ڪي اهڙا جهڙا ڪين هئا جو توُ ڪنا ڪري ڇڏجن. متن اها ڪاريگري ٿيل آهي ۽ اهو زيب اٿن، جو اڄ بہ زيورن جا شوقين سندن پوري قدر ڪرڻ کان رهي نہ سگهندا. سرجان مارشل جهڙي آزمودگار عالم جو اهو رايو آهي تہ موهن راڄ جي زيورن جي چمڪ، ڏمڪ ۽ بيهڪ اهڙي آهي جو ائين پيو ڀائنجي ڄڻڪ هي زيور لنڊن جي جواهري بازار جي ڪنهن دڪان جا آهن ۽ نہ ڪنهن پنجن هزار ورهين واري زير زمين قديم آثار مان نڪتل. مُوهن راڄ ۾ هار سينگار جي متي ڪيل بيان مان هڪ ڳالهہ خاص ڌيان لهڻو. سينڌ سرمي جي ايڏي شوق مان ظاهر آهي تہ موهن راڄ جي زماني ۾ استرين کي ڪم ڪار ۽ اڄ وڃ جي آزادگي هئي. جيڪڏهن هو گهر جي چوديوارنً اندر قابو ڪيل هجن ها تہ پوءِ زيورن سان پاڻ سجائڻ ۽ ٻئي هار سينگار جوڪين ضرور ئي ڪهڙو هو؟ ڏيک ويک ڪجهي ئي ٻين کي ڏيکارڻ واسطي ٿو، ۽ نہ رڳو پاڻ کي خوش ڪرڻ خاطر. تنهن ڪري جيئن تہ موهن جي دڙي مان پاڻ سينگارڻ جون پڌريون ثابتون ملي چڪيون آهن، جن جي پريوجن جي پڪ آهي، ان مان ڀانئجي ٿو تہ موهن راڄ ۾ استري ذات کي پورن آزادگي هئي، جنهن ڪري هو پرشن وانگر نہ فقط دنيا جي نعمتن ماڻڻ جون حقدار هيون، پر ان زماني جي اوچ سڀيتا حاصل ڪرڻ ۾ مردن سان ڀاڱي ڀائي بہ هيون.

ان کان سواءِ موهن راڄ جا هنر ۽ ڪارخانا بہ پنهنجي اهميت رکن ٿا. انهيءَ ڪهني زماني ۾ سنڌو ديش ۾ ڪپڙي اُڻڻ جا آڏاٽا هوندا هئا سوٽي ڪپڙي جا ڪجهہ ٽڪر، جي موهن جي دڙي مان لڌل زيورن جي پيتين ۾ ڍاڪئن سان چهٽيل آهن، تن جي باريڪ جاچ بعد ثابت ٿئي ٿو تہ سنڌ ۾ پنج هزار ورهيہ اڳ اوچيءَ ڪپهہ مان ڪپڙو ٺهندو هو. اها اچرج جي ڳالهہ نہ آهي، چو تہ سنڌو ديش آڳاٽي زماني جي ملڪن ۾ پنهنجي سوٽي ڪپڙي سبب ئي مشهور ۽ معروف هو. سوٽي ڪپڙي کي فرات ۽ دجلہ واريءَ واديءَ ۾ 'سنڌو'، يونان ۾ 'سنڊان' (Sindan) ۽ مصر ۾ 'سينڊل' (Sendal) ڪري ڪوٺيندا هئا. انهيءَ مان ظاهر آهي تہ آد کان اهي ملڪ سوٽي ڪپڙو حاصل ئي سنڌ منجهان ڪندا هئا.موهن جي دڙي مان ڪئين اڪيچار چرخا لڌا ويا آهن، جي علحده علحده وستن جا نهيل آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي نڪر جا، ڪي عاج جا تہ ڪي وري شيشائين لئيءَ جا. انهيءَ مان معلوم ٿو ٿئي تہ چرخن تي سٽ ڪتڻ ماڻهن جي عام ڪرت هئي، جنهن ۾ کهڙي بہ تسينگ شاهوڪار کي عار نہ ٿيندو هو. انهيءَ ڪتيل سٽ مان آڏاڻن تي ڪپڙو اڻبو هو، جو نہ فقط ملڪ جا ماڻهو ڪتب آڻيندا هئا پر ٻاهرين ملڪن ۾ وڪامڻ لاءِ بہ ويندو هو.

جوهر ۽ سون جي فن جي مهارت تہ بيان ڪيل زيورنٰ مان ظاهر آهي. زيورن جي بيهڪ، سندن سونهن، جدا جدا رنگن ۽ وستن جو پورن ميلاپ ۽ لاڳاپو، گهڙيندڙن جي باريڪ ڪم ۽ قابليت جو پوريءَ طرح اظهار ڪن ٿا. زيورن ۾ داڻن جو رواج ڏاڍو تي ڏٺو. نہ فقط جدا جدا رنگن جي پٿرن مان گهڙيل داڻن، پر سندن ڦريل ڊولن مان ماڻهن جي. رنگين طبع ظاهر تي ٿئي. گهڻ ۾ گهڻ ٿيهن جدا جدا قسمن جي قيمتي پٿرن مان ٺيهن ڪان بہ مٽي نمونن جا گهڙيل داڻا موهن جي دڙي مان لڌل زيورن ۾ ڪم آيل آهن، جي ثابت ڪن ٿا تہ ماڻهن جي پسنديءَ جو دائرو ڪيڏو نہ وسيع هو! تنهن ڪانِ سواءِ داڻن جي گهڙت ۾ جا محنت ڪاريگرن ڪئي آهي تنهن جو قدر ڪرڻ پڻ آهي، پر انهيءَ ڪان اوکو ڪم آهي داڻي ۾ اهڙيءَ طرح ٽنگ ڪرڻ جو نہ داڻو ٽٽي، ۽ نہ وري سندس زيب ۾ ئي ڪاڪمي پوي. موهن راڄ جا داڻا ڪاريگر جي ڪماليت جي بخوبي گواهي ٿا ڏين. داڻا نہ فقط سنڌواسي استعمال ۾ آڻيندا هئا، پر ٻاهر پڻ موڪليندا هئا، جتي سندن گهڻو قدر ٿيندو هو ۽ ملهہ بہ جهجهو ڪندا هئا.

موهن جي دڙي مان تورڻ جا ننڍا توڙي وڏا وٽ هٿ آياآهن، جو ائين پيو پائنجي تہ خاص جوهرين جي ڪم آڻڻ ڪاڻ ئي جوڙيا ويا هئا. وڏا وٽ چڱائي وزنائتا آهن اڪثر ننڍا وٽ شڪل ۾ ڇهہ ڪندا ۽ وڏا مخروط آهن، ۽ اهڙن سخت پٿرن جا ٺهيل آهنٔ جو جلد گسي نہ سگهن. وڏن وٽن کي سولائيءَ سان ڪڻڻ لاءِ يا تہ چوٽيءَ ۾ ٽنگ هوندو هون جنهن مان نوڙي لنگائي وٽ سولائيءَ سان سوري سگهبو هو. عالمن جو رايو آهي موهنٔ راڄ جا وٽ دنيا ۾ قديم آثارن مان لڌل وٽن کان بهتر آهن، نہ فقط هن لحاظ کان تہ جٽاءُ ڪندڙ وستن مان نهيل آهن، پر تور جي لحاظ کان بہ. لڌل وٽن مان ائين پيو پائنجي تہ هر ڪنهن گهر کي پنهنجا وٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا، جيئن مالڪن کي پڪ ٿئي ته شين جو جيڪو وزن چاهيائون ٿي، سو ڪين پورو ملي رهيو هو يا نه، ۽ واپارين پنهنجن وٽن سان ڪين ٺڳيو نه ڪين ٿي.

هڪ خاص ڳالهه جا موهن جي دڙي مان ظاهر ٿئي ٿي سا اها آهي ته انهيءَ وقت اُتي جي ماڻهن کي لوهه ۽ اُنجي ڪمائتي هئڻ جي ڪل ڪانه هئي. ٽامو ۽ ٽامي ۽ قلعيءَ جو مرڪب (Bronze) ماڻهو برابر ڪم آڻيندا هئا. گهر جي ٿانون ۽ اوزارن ناهڻ ۾ اهي ڌاتو ڪم ايندڙ هئا، پر چاڪاڻ ته ٽامي مان چهنبدار ۽ چلڪي واريون چيزون ٺهي نٿيون سگهن، تنهن ڪري اڪثر اهڙين وٽن لاءِ ٽامي ۽ قلعيءَ جو مرڪب (Bronze) ڪتب ايندو هو جو انهيءَ ڪم لاءِ خاص ڪارگر هو. موهن راڄ جي ماڻهن کي انهيءَ جي پليءَ پت چاڻ هئي سا ڌاتن مان نهيل لڏل مال مان نرڻ آهي، تنهن ڪان سواءِ اهو پڻ ظاهر آهي ته ماڻهو انهن پنهي ڌاتن کي ڪم آڻڻ جي مڙنئي ترتيبن ڪان چڱيءَ طرح واقف هئا. ڌاتن مان گهر جا ٿانو، جي اڪثر روپ ۾ نڪر جي ٿانون جهڙا هئا، ۽ پاڪيون، ڪاتيون، ڪپ، ڪهاڙيون، ڏاٽا، مڇين ڦاسائڻ لاءِ ڪنڍيون، چيٽيون ۽ ٻٽچون وغيره اوزار ٺاهيا ويندا هئا.

ٻي ڳالهه جنهنجو هيل توٽي ذڪر نه آيو آهي، سا آهي ڪنير جي ڪرت. موهن راڄ ۾ ڪنير ڪاريگر جو زور هر جاءِ نظر پيو اچي. هر گهر مان لڌل شين مان معلوم ٿو ٿئي ته گهر ۾ ڪم آڻڻ وارين شين مان نوانوي سيڪڙو شيون نڪر جون نهيل هونديون هيون. اُڪريون ۽ ڪونڊا، چرخا ۽ چوڙا، مٽ ۽ مٽيون، دانگيون ۽ ديڳڙا، ڪوپ ۽ ڪٽپڙا، ڍڪڻ ۽ ٻسيون، تنهن ڪان سواءِ اڪيچار ٿانو جي گهر ۾ ڪم اچن ٿا، سي گهڻو تهڻو نڪر جا نهيل آهن. سنڌ جا ڪنير اڄ به پنهنجي ڪاريگريءَ ڪان ديس پرديس مشهور آهن. سندن ٿانون جي چٽسالي توڙي بيهڪ کي پنهنجي رونق آهي. موهن راڄ جا ٿانو هاڻوڪن نڪر جي ٿانون ڪان صد بار بهتر آهن. نه فقط هن لحاظ ڪان ته مٽن ٿيل چٽسالي ۽ اُڪريل گلڪاري ناپيد آهي، پر هن لحاظ ڪان به ته باهه جي تَوَ جي لهس هر هنڌ پوري آيل آهي. عالمن جو رايو آهي ته سندن رنگ ڍنگ ۽ روپ چيني ۽ جنڊيءَ جون سڪون ٿو لاهي. موهنَ جي دڙي مان لڌل وڏا مٽ ۽ ڪُپڙيون ڏسڻ وٽان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن . مٿ ايڏا وڏا آهن جو منجهن ٻن مڻن کان به سرسيرو مال ماپي وجي، شايد اُهي مٿ انهي زماني ۾ گندين جو ڪم ڏيندا هئا. مٽن جي ٻاهران چگو رنگ روپ چڙهيل آهي، باقي هيٺيون حصو سادو سودو آهي، ڇو ته باقي هيٺيون پاڱو زمين ۾ ئي پوريو ويندو هو، جنهن جي ڪري مٽس چٽسالي؛ جي محنت اجائي وڃي ها. ننڍيون ڪُپڙيون وري اهڙيون پتنيون آهن جو منجهن زناني هارسينگار جي شين رکڻ کان سواءِ سندن ضرورت ئي محسوس نه ٿي ڪري سگهجي. جهڙيءَ طرح اڄ به سنڌ ۾ ڪنير ڪمائتو آهي، تهڙي طرح انهيءَ زماني ۾ به هن پنهنجي لائق حيثيت حاصل ڪئي هئي.

موهن راڄ جا هنر ۽ ڪاريگريون ته گهڻيون ئي چڱيون، پر ماڻهن جي ونڊر جو کهڙو پربند ڪيل هو سو معلوم ڪرڻ به ضروري آهي. موهن راڄ جون ونڊر لاءِ وٿون نه فقط ڏيکارن ٿيون ته ماڻهن کي ڪيتري فرصت هئي ۽ هو انهيءَ کي ڪيئن واجبي طرح ڪم آڻيندا هئا، پر انهيءَ سان گڏ وٿن. ناهڻ ۾ جا ڪاريگري ڪم آيل آهي، تنهن جي پڻ منجهائن خبر پوي ٿي. موهن راڄ جا رانديڪا گهڻن قسمن جا ۽ علحدين جنسن وارا آهن، جنهن مان روشن آهي ته ان وقت جي ٻارن کي هن زماني جي نينگرن وانگر رانديڪن جو شوق هو، خواه هو شاهوڪار هئا يا غريب. رانديڪا اڪثر نڪر، شيشائين لئي، سپي ۽ عاج جا ٺهيل هئا. رانديڪن جا قسم ڪئين هئا، جن مان جهنجهٽا سيٽيون جيتوٽيڪ نڪر جا ٺهيل آهن، ته به اهڙا ته پوري طرح پڪل آهن جو منجهائن هڪ به پگل نه لڌو ويو آهي. سيٽيون گهڻو ڪري ڪنهن پکيءَ جي روپ ۾ ٺهيل آهن. ڇاڪاڻ ته سيٽين جو نڪر پورو سيڪيل آهي، تنهنڪري واءُ پرڻ سان منجهائن آواز تکو ۽ تيز ٿو نڪري. نڪر جون ڏٻگي گاڏيون به واه جون آهن- نس پس موهن جي دڙي جي آس پاس هن وقت هلندڙ گاڏين جهڙيون پيپيون لڳن. ڪن حالتن ۾ سندن سپ اسم سالم لڌا ويا آهن، جن مان ناهيندڙن جي ڪاريگريءَ سان ثابت ٿو ٿئي تَہ انهي ڪهني زماني ۾ پڻ اڄ ڪلهہ جهڙيون سنڌ جي ڳوٺن واريون ڏٻگي گاڏيون ڪم اينديون هيون. هڪ ڏٻگي گاڏي ۾ نه فقط چيڪلا وغيره اوزار سالم لڌا ويا آهن، پر انهن سان گڏ گاڏيءَ سان ٻڌل ڏٻگا ۽ گاڏيءَ هڪليندڙ پڻ. گاڏيءَ واري جي هٿ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇهبوڪ جهڙي چيز آهي، جنهن سان ڏڳا هڪلي گاڏي هلائي رهيو آهي. ٻي گاڏي ٻين اسمن سان گڏ ڍڪ سوڏي لڏي ويئي آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪڙمين کي اَن ڍوئي ٻاهر نيڻ لاءِ اهڙيون گاڏيون ڪم اينديون هيون. تنهن کان سواءِ ڪي رانديڪا لڌا ويا آهن جن جا ڪي ڪي عضوا چري پري پڻ سگهن ٿا. اهڙن رانديڪن ۾ منهن لوڏيندڙ ٻانهون چوريندڙ پولڙا خاص ڏيان ڇڪائين ٿا.

رانديڪا ته ٿيا ٻارن جي وندر لاءِ،وڏن لاءِ ته اهي وٽون ڪم جون نه هيون. انهن لاءِ وري موهن راڄ ۾ ڪجهه ٻيون رانديون هيون، جن سان فرصت جو وقت چڱيءَ ريت گذري سگهيو ٿي. ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته وڏن کي خاص ڪري چوپڙ جهڙيون راندين کيڏڻ جو شوق هو. موهن جي دڙي مان نه فقط ڇهه ڪنڊا لوڊي (Ludo) وارا ڇڪا، پر ڏگها چوپڙ جا ڏارا پڻ اڪيچار لڌا آهن، جي جدا جدا جنسن جهڙوڪ عاج، نڪر، شيشائين لئي وغيره جا ٺهيل آهن. اهو ڏيکاري ٿو ته غريب توڙي شاهوڪار چوپڙ جهڙين راندين ۾ چاهه وٺندا هئا. لڌل ڏارن مان ڪي اهڙا ته سنها گهڙيل آهن، جو هاٿوڪن بهترين ڏارن سان ٻي ڏڙڪ ڪلهو هٽي ٿا سگهن. باقي رهيو سوال زالن جي وندر جو. لڌل پتلن مان ڏسجي پيو ته زالن ۾ ناچ جو گهڻو شوق هو. موهنجي دڙي مان ڪيترائي پتلا لڌا ويا آهن، جن ۾ زالون ناچ جي ڍنگ ۾ بيٺل آهن، انهن مان ائين پڻ پيو ڏسجي ته گائڻ وديا جو به انهيءَ زماني ۾ چڱو مان هو. گائڻ وديا کانسواءِ ناچ ٿيڻ ناممڪن آهي.

سپيءَ ۽ عاج جي ڪم ۾ به موهن راڄ جا ڪاريگر پڙ هئا. جيتوڻيڪ عاج جو ٺهيل مال ٿورو لڌو آهي ۽ سپيءَ جو پڻ ايترو گهڻو نه، ته به لڌل شين مان ظاهر آهي ته ڪاريگرن کي پنهنجي فن ۾ چڱي مهارت حاصل ڪئي هئي.

انهيءَ زماني ۾ موهن راڄ ۾ طبيب پڻ پنتي پيل ڪين هئا. هاڻي وانگر ڊاڪٽرن جي ڏم ڪانه هئي، پر ڪن جزوي دوائن جي پروڙ(جيڪي ڳچ بيمارين ۾ ڪمائتيون ٿينديون هيون)ضرور هين. موهن جي دڙي مان سلاجيت ۽ هرڻ جا سنگ لڌل آهن جي اڄ توڻي ڏيهي حڪيم عام طرح سان ڪيترين بيمارين ۾ ڪم آڻيندا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موهن راڄ جي متئين بيان مان چا اُهو مطلب ڪڍجي تہ هن قديم تهذيب جي يادگار ۾ انسان فقط دنيا جي مايا جار ۾ هتوراڙيون هڻي پنهنجو وقت ضايع ڪندو هو، ۽ ڪيس آتمڪ اُڏار جي ڪابہ سمڪ ڪانہ هئي ۽ نڪا ڪا اپلاڪا؟ ائين سمجهڻ نہ رڳو غلط ٿيندو، پر حقيقت جي خلاف پڻ. سچو انسان اهو آهي جو دين جي بہ رکي ۽ دنيا سان بہ پورو هلي. پر چاڪاڻ تہ متي آيل بيان ۾ فقط موهن راڄ جي دنيوي ڪرت جو وستار آهي، تنهن ڪري ائين سمجهڻ صحيح نہ ٿيندو تہ موهن راڄ جي ماڻهن ڪي ڌارمڪ ٻوجهہ نہ هئي. حقي واجبي تہ ائين فرض ڪرڻ جڳائي تہ جهڙي حد ڪماليت ڪي موهن ِراڄ جا ماڻهو دنيوي وهنوار ۾ رسي سگهيا هئا، ڌارمڪ ڪاريہ ۾ پڻ جي وڌيڪ نہ، تہ گهٽ ۾ گهٽ اهڙيءَ ساڳيءَ حيثيت رکڻ ۾ ضرور ڪامياب ٿيا هوندا. سچ آهي تہ موهن راڄ ۾ ڌرم جو پيچو، دنيوي ڪاريہ کان قدم اڳتي ئي هو. لڌل مال مان ظاهر آهي تہ هن قديم آثار جي اوج جي زماني ۾ نرمڪ، مهايوگي، پسوپتي، نٽ راجيہ شومهراج ۾ ئي ماڻهن جو ويساهہ هو. هر هڪ گهر ۾ سندس مورتي براجمان هئي. نہ رڳو ايترو پر نٽ راجيہ جي لڪشڻ، لنگ ۽ ترسول، جي پڻ موهن راڄ ۾ پوڄا ٿينڌي هئي. مورتي استاپن ٿيل هنڌن تي نٽ راجيہ اڳيان نرتڪين جو ناچ ٿيندو هو، جنهن ۾ پوڄاري اهڙو تہ مگن ٿي ويندا هئا جو دنيا جي سڌ ٻڌيلجي سرووياپڪ سوامي سان هڪ ٿي اندر جي شانتي پائيندا هئا. شو مهراج سان تعلق رکندڙ شڪتين ۾ پڻ ماڻهن جو وشواس هو، خاص ڪري جنني جڳہ ماتا ۾. وڻن، ٻوٽن ۽ نانگن جي شيوا پڻ ڪرڻ ۾ ايندي هئي. ان ڪان سواءِ ماڻهو پرمي بہ هئا، نظر تارڻ، ڀوت پريت کان بچاءُ ڪرڻ وغيره مطلبن واسطي تعويذ ٻڌندا هئا ۽ رکيائون پائيندا هئا. ڌارمڪ ڏس ۾ موهن راڄ جو ايترو ئي اپياس هو جيترو دنيوي ڪارج ۾.

جي ائين هو تہ پوءِ راڄ زمين دوز ڪيئن ٿيو؟ چون ٿا تہ ڪنهن اگهور پلڪ ۾ راڄ جي مالڪ وهلور وجي پٽ پرايو، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو هڪ قديم تهذيب جو اعليٰ مرڪز دنيا جي پٽيءَ تان هڪ لحظي ۾ ميسارجي ويو، جو صدين بعد کوٽيو ويو آهي ۽ سندس جلوو ۽ جوهر دنيا اڳيان دوباره چمڪي اُٿيو آهي. انهيءَ سبب جو پاراتي جو اثر شايد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پورو ٿي چڪو آهي. موهن راڄ ! بيشڪ تون سنڌوءَ جي ڪنڌي تي براجمان هئين!! تنهنجي اوج ۽ موج واري رونق سنڌ وري ڪونہ ڏٺي. رکجي اميد تہ وري ڪو اهڙو جلوو جمال ظهور ۾ ايندو؟

---

متئين ليک ۾ پيش ڪيل حقيقتن لاءِ ڏسو:-

1) ليڪ جو انگريزي ۾ ڪتاب: اينشنٽ سنڌ
2) سرجان مارشل: موهن جو دڙوءِ سنڌو ماٿر جي تهذيب جلد 1 کان
3) ڊاڪٽر مئڪي: موهن جي دڙي جي بيهر کوٽائي جلد 1 کان 3.
4) ڊاڪٽر مئڪي:سنڌو تهذيب.
5) فادر هيراس جا موهن جي دڙي تي مضمون.
6) سوامي شنڪر آنند:سنڌو ماٿر جي ويدڪ ثقافت.

---



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 4. مھنِ جو دڙو

## جواهر لال نهرو/ ارشاد احمد شيخ (آدرش)

مون اجان هندستان جي سنڌو ماتريءَ جي پراچين سڀيتا ۽ مهن جي دڙي تي اڀياس پئي ڪيو ته تازو ئي هڪ وڏو ڪتاب ڇپجي پڌرو ٿيو آهي، جنهن ۾ اها وارتا ڏني ويئي آهي، جنهن جي اجا تائين ڄاڻ ملي نه سگهي آهي. هيءُ ڪتاب انهن ماڻهن سهيڙيو آهي، جن جي حوالي کوٽائيءَ جو ڪم سونپيل هو ۽ هنن پنهنجين اکين سان ڌرتي ماءُ جي ڪک مان هڪ ڀيل شهر نروار ٿيندي ڏٺو. اجان اهو ڪتاب منهنجي هٿن تائين نه رسيو آهي، ڪاش ! هتي پڙهڻ لاءِ ملي ها!! تنهن هوندي به انهيءَ ڪتاب تي ڇپيل تبصرو پڙهيو اٿم، جنهن مان ڪجهه ٽڪرا توهان جي ڄاڻ لاءِ به ڏيان ٿو ته جيئن مون سان گڏ توهان به پنهنجي ڄاڻ ۾ اضافو آڻيو. سنڌو ماتري جي سڀيتا نهايت ئي حيرت ۾ وجهندڙ آهي، جيئن جيئن ان جو اڀياس ڪبو، تيئن تيئن عجب رنگ پسجڻ ۾ ايندو. ان لاءِ پراچين اتهاس جي آڳاٽي داستان کي پل کن لاءِ وساريندي هن ڏيهه جي پنج هزار ورهيه اڳ واري سمي جو سير ڪريون ته هوند سهائيندڙ لڳندو.

مهن جي دڙي سڀيتا جي باري ۾ اهو ئي اندازو آهي ته اها پنج هزار ورهيه اڳ جي سڀيتا آهي ۽ ان زماني ۾ اهو ماڳ هڪ سندر شهر ۽ سڌريل قوم جو آستانو هو، جيڪو هوريان هوريان ورهين پڄاڻان اوج تي پهتو هوندو. سرجان مارشل کوٽائيءَ جي ڪم جو نگهبان، هن ڪتاب ۾ خيال ظاهر ڪري وڌيڪ ڄاڻائي ٿو ته، ”مهن جو دڙو ۽ هڙاپا بابت هڪ ڳالهه پڌري پٽ آهي ته جنهن سڀيتا جا اهڃاڻ جيڪي انهن ماڳن تان نروار ٿيا، سي نئين سڀيتا سان لاڳاپيل نه آهن پر پراچين ۽ هندستان جي زمين ۾ پنهنجون پاڙون پختيون ڪري چڪا هئا ۽ لکين ماڻهن جي گڏيل ڪوشش جو نتيجو هئا، انهيءَ ڪري هندستان جو ڳاڻيٽو به ايران، عراق ۽ مصر جي ملڪن سان گڏو گڏ ٿيڻ ڪپي،جتي به انساني سڀيتا جي شروعات جو نماءُ ٿيو. “



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شايد مون اجا تائين توهان سان هڙاپا جي باري ۾ ذڪر نہ ڪيو آهي، اهو ماڳ پنجاب جي اوپر ۾ آهي، جتان بہ مهن جي دڙي مان لڌل اهڃاڻن وانگر ڦٽل نشان پڻ ڪوٽي ڪڍيا ويا آهن.

مهراڻ ماتريءَ جو سير ڪندي، اها ڄاڻ ملي ٿي تہ اسان نہ رڳو پنج هزار ورهيہ اڳ پر ان ڪان بہ گهٽو اڳاٽي سمي جڏهن انسان وستي وسائڻ ۽ جاين جوڙڻ جو هنر سکيو هو، تڏهن مهن جي دڙي جو عروج هو ۽ آريا اجا پارتي پونءِ ۾ نہ آيا هئا، پر تنهن هوندي بہ انومان ڪيجي ٿو تہ هندستان جي پين پاڳن ۾ نہ پر پنجاب ۽ سنڌ ۾سڌريل ۽ اوج تي رسيل قوم ۽ ساڳي نموني واري اها سيپتا هٿ وسيڪو (موجود) هئي، جيڪا عراق ۽ مصر جي سيپتا سان گهٽي پاڳي ملندڙ جلندڙ هئي، پر ڪجهہ ڳالهين ۾ بہ هٿ وڌيڪ هئي.

مهن جي دڙي ۽ هڙاپا جي کوٽائيءَ ويل جيڪي آڳاٽا اهڃاڻ مليا آهن، سي من موهيندڙ پانءِ پوندڙ آهن. خبر ناهي تہ هندوستان جي زمين ۾ اڃان ڪيترا دل پسند اهڃاڻ ۽ ماضيءَ جون يادگيريون دفن ٿيل هونديون. ان ڳالهہ مان اهو انومان پڻ ٿئي ٿو تہ ’هيءَ سيپتا پوري ڏيهہ اندر پکڙيل هوندي، نہ رڳو مهن جو دڙو يا هڙاپا تائين دنگ هوندو. پر ڏنو وڃي تہ ٻئي ماڳ بہ هڪ ٻئي کان گهٽو پري آهن.

هيءُ اهو زمانو هو، جڏهن پٿرجي ٽانون ۽ هٿيارن جو واهپو هو ۽ ان سان گڏوگڏ ٽامي ۽ پتل جون شيون بہ شروع ٿيون هيون. سرجان مارشل هن ڪتاب ۾ اهي ڳالهيون بہ لکيون آهن، جهڙوڪ سنڌو ماتريءَ جي سيپتا مصر ۽ عراق جي سهيوڳي سيپتا کان نرالي ۽ مٿانهين هئي. هو وڌيڪ لکي ٿو تہ ”ڪجهہ نمايان خاصيتون اهي بہ هيون تہ ڪپڙي اڻڻ لاءِ ڪپهہ جو استعمال ان زماني ۾ رڳو هندستان تائين هيو ۽ اولهندي وارن وٽ ٻن يا ٽن هزار ورهين کان پوءِ شروع ٿيو. ان ڪانسواءِ آڳاٽي اتهاس ۾ مصر، عراق يا اولهندي ڪنڌ جي ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ اهڙن وٽندڙ حمامن ۽ عام رهواسين جي رهڻ جي سکي گهرن جو مثال ملڻ محال آهي ،جيئن مهن جي دڙي مان نروار ٿيا آهن. ذڪر ڪيل ملڪن ۾ ديوتائن جا شاناٿتا مندر ۽ بادشاهن جا محل ۽ مقبرن جي اڏجڻ تي نہ رڳومحنت ڪئي ويندي هئي، پر پيسا پاڻيءَ وانگر وهايا ويندا هئا، پر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عام ماڻهو مٽيءَ جي جهوپڙين ۾ جيون گذاريندا هئا. سنڌ اندر حالتون ان جي ابتڙ هيون. هتي سڀ کان سندر اهي عمارتون آهن، جي عام رهواسين جي آرام لاءِ جوڙيون ويون هيون."

هڪ ٻئي هنڌ لکي ٿو ته، "سنڌ جي واديءَ جو فن ۽ مذهب به هڪ خاص شان رکي ٿو. ٻين ديسن ۾ ان دؤر جون کي اهڙيون شيون نه ٿيون ملن جيڪي پنهنجي ٻيهڪ جي لحاظ کان هنن شين سان ڪو ٿورو گهڻو ميلاپ رکنديون هجن. مثلن، ردن، ڪتن ۽ ٻين جانورن جي مٽيءَ جا پتلا يا مهرن جا ٺپا وغيره. انهن ۾ سڀ کان سهڻيون شيون، ننڍن ننڍن سڱن وارا، ڪپ نڪتل ڏاندن جون مورتيون آهن. انهن شين کي اوهان هڪ نهار سان سڃاڻي سگهو ٿا ۽ انهن جي ٻيهڪ ۽ سهڻائپ کان متاثر ٿيڻ کانسواءِ نه ٿا رهي سگهو. اهڙو فن جنهنجو ڪو مثال نه ٿو ملي. ٻن انساني مجسمن جي نفاست ۽ نزاڪت جو مثال مهذب يوناني دؤر ۾ به نه ٿو ملي. رهيو انهن جو مذهب ته ان ۾ بيشڪ اهڙيون ڳالهيون ملن ٿيون، جيڪي ٻين ملڪن ۾ به موجود هيون، اهي ڳالهيون آڳاٽي تاريخ جي هر مذهب تي لهن ٿيون، پر مجموعي طرح انهن جي مذهب ۾ هندوستان جو خاص رنگ ايڏو گهرو آهي جو موجوده هندو ڌرم ۾ ۽ ان ۾ فرق ڪرڻ ڏکيو آهي."

ڪاش! مان اهي هڙاپا جا مجسما يا انهن جون تصويرون ڏسي سگهان. اهو ممڪن آهي ته ڪڏهن تون ۽ مان هڙاپا ۽ موهن جي دڙي هلون ۽ من ۾ اڪين سان اهي شيون ڏسون پرحالي تون پنهنجي پوناواري مدرسي ۾ پڙهندي رهه ۽ مان پنهنجي مدرسي ۾ جنهن کي ماڻهو دهره دون جو ضلعي جيل چوندا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 5.سنڌو تهذيب جوڻ ڪي خاص خصوصيتون

## تاج صحرائي

مون کي خوشي آهي تہ دنيا جي هن مشهور ۽ اهم ترين قديم ماڳ جي مطالعي جو موقعو نصيب ٿيو آهي. مان يقين سان چئي نہ ٿو سگهان تہ مون ’مهين جي دڙي‘ جو ڪيترا ڀيرا ذاتي طور مشاهدو ۽ معائنو ڪيو آهي. ساڳي وقت ڊاڪٽر مائيڪل جانسن، ڊاڪٽر ٽوزي، ڊاڪٽر اُٽي، ليڊي آريليو، پروفيسر ويراڊي ۽ ڪن ٻين ڏيهي ۽ پرڏيهي ماهرن جي رهنمائي، رفاقت ۽ سنگت ۾ بہ ’مهين جي دڙي‘ جو معائنو ۽ مطالعو ڪيو آهي، تنهن ڪان سواءِ هن دڙي ۽ سنڌو تهذيب تي لکيل ۽ ڇپيل مواد جو بہ چڱي ڀاڱي اڀياس ڪيو آهي. ان اڀياس ۽ مشاهدي ڪانپوءِ مان سمجهان ٿو تہ ڪن ٻين ڳالهين ۽ نقطن کان سواءِ مهين ۽ هڙاپا جي تهذيب هيٺين ٽن چئن سببن ۽ نقطن ڪري، دنيا جي سيني قديم تهذيبن ۾ وڏيڪ اهم، مکيہ، اعليٰ، ممتاز ۽ مٿاهين سمجهي وڃي ٿي.

**(1)قدامت ۽ وسعت سبب (2)عوامي فلاحي سبب (3)حرفت ۽ صنعت سبب (4) پائيداري ۽ افاديت سبب.**

**(1)قدامت ۽ وسعت**

مون کي بلڪل صاف ۽ چٽيءَ طرح سان ياد آهي تہ اسڪولن ۾ تاريخ جا سبق پڙهائيندي، اسان کي اهو ٻڌايو ويندو هو تہ هندوستان جي آرين جي اچڻ کان اڳي اڻ آريہ رهندا هئا. اهي رنگ جا ڪارا هئائي بي ڊولا ۽ بدشڪل هئا. غارن ۽ جهنگلن ۾ رهندا هئا. شڪارڪري، ڪچو گوشت کائيندا هئا. جهنگلي ٻوٽن ۽ ميون تي گذارو ڪندا هئا. نانگن، وڻن، پاڻي، چنڊ، سج ۽ ستارن وغيره جي پوڄا ڪندا هئا. ٽولن ۽ گروهن جي صورت ۾ رلندا ۽ ڀٽڪندا رهندا هئا، وغيره وغيره. انهن جي ابتڙ آريہ سڌريل هئا. هارپو ۽ پوکي ڪندا هئا. گهرن، پاڙن ۽ ڪٽنبن جي صورت ۾ رهندا هئا. ڪاڌو پچائي کائيندا هئا. ديوتائن جي پوڄا ڪندا هئا. ڌرمي ڪريا ڪرمن ۽ ٻلين چاڙهن جا رواج آرين ۾ عام هئا. انهن ۾ ذات پات ۽ پنگتي رسمون ۽ ريتون بہ جام هيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حقيقت ۾ ’آريہ‘ لفظ، انهن گروهن ۽ قبيلن پنهنجي لاءِ گهڙيو، جن اتر- اولهہ هندستان ۾ جنگي هٿيارن، قوت ۽ فن جي زور تي پنهنجون رياستون قائم ڪيون هيون. آريہ ويدن واري سنسڪرت ڀاشا جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي سڌريل، شاهاڻو، ڏاريو (Cultured Noble Stranger)

محترم سراج ۽ ڪن ٻين عالمن آريہ لفظ کي ’آري- هاري‘ لکي ان جي معنيٰ پوکي ڪندڙ ڄاڻائي آهي. جيتوڻيڪ آريہ لفظ انهن ماڻهن لاءِ بہ استعمال ڪيو ويو آهي جيڪي ’هندي — پارسي‘ ٻولي ڳالهائيندڙ هئا. انهن جنگي جنوني، قتل ۽ غارتگري ڪندڙن کي اتر اولهہ جي بنيادي ۽ اصلوڪي رهواسين (دراوڙن) سان بي انتها ساڙ، حسد، بغض ۽ ڪينو هو، ڇاڪاڻ تہ اُهي ڪانئن (آرين) وڌيڪ سڌريل، سلجهيل، سياڻا، سائنسدان، ڏاها ۽ امن ۽ آسوگي پسند شهري هئا.

هن مهل تائين سڀن کان وڌيڪ پراڻو ماڳ جيڪو لڌو ويو آهي، سو جيريڪو (Jericho) آهي. هي قديم ماڳ اردن ملڪ (Jordon) جي اولهہ ۾ جده جبل جي دامن ۾ واقع آهي، جتان لنگهي مردار سمنڊ (Dead Sea) تائين پهچي سگهجي ٿو. قديم ماڳ جي ڀرسان هڪ قدرتي واهي وهندي هئي، جنهن جو سرچشمو جده جبل ۾ واقع هو. اها واهجي سنڌ جي واهين، (نئنگ، گاجي شاهہ، ڪائي، گوراندي، پانڌي وغيره) وانگر شهرين جي پوکي ۽ پيئڻ جي ضرورتن کي پورو ڪندي هئي. اهو قديم ترين قديم ماڳ، هن وقت 60 فوٽ اوچو، هڪ هزار فوٽ ڊگهو ۽ پنج سئو فوٽ موڪرو، دڙي جي صورت ۾ بيٺو آهي. ان قديم ماڳ جي عمر ڏهي ليکي اٺ هزار سال ق.م ڪٿي ويئي آهي. هن ماڳ جي هيٺين تهن مان ڪنهن بہ قسم جو ٺڪراٺو نہ ٿو ملي. ياد رکڻ گهرجي تہ نئين پٿر واري دوَر(Neolithic) جي ماڳن ۾ هي قديم ترين ماڳ آهي. هن ماڳ جو ذڪر انجيل مقدس ۾ بہ آيو آهي.

دنيا ۾ ان مکيہ قديم ماڳ کان پو جيڪي ٻيا پراڻا ماڳ مليا آهن، انهن مان هيٺيان ماڳ قدامت جي لحاظ کان سنڌ ۽ بلوچستان ۾ واقع آهن. مهر ڳڙهہ نوشيره (بلوچستان ۾ ڇهہ هزار سال ق.م) آمري (سنڌ ۾ چار هزار سال ق.م) ڪوٽڏجي (سنڌ ۾ ساڍا ٽي هزار سال ق.م) مهين جو دڙو (سنڌ ۾ ٽي هزار سال ق.م) ۽ هڙاپا (پنجاب ۾ ساڳئي دوَر وارو) آهي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيئي ماڳ قدامت جي لحاظ کان مصر ۽ سمير جي قديم ماڳن جا همعصر ليکي سگهجن ٿا، سواءِ مهر ڳڙهه نوشيره جي، جنهن ماڳ جي عمر، هن وقت اٺ هزار سال ڇئي وڃي ٿي، جيڪا مصر ۽ سمير جي تهذيبن جي عمر کان ٽي هزار سال وڌي آهي ۽ مصر ۽ سمير جي تهذيبن کي ٽي هزار سال ق.م سمجهيو وڃي ٿو. مصر جي تهذيب، تاريخ جي دؤر 3188 ق.م کٽي ويئي آهي. ساڳي طرح سمير جي تهذيب جي عمر به ٽي هزار سال ق.م ڇئي وڃي ٿي.

اها حقيقت ياد رکڻ گهرجي ته مهين _ هڙاپا تهذيب جا پهريان ۽ منڍ وارا ماڳ کير ٿر منڇر زون ۾ واقع آهن. مهين هڙاپا تهذيب جي ابتدا ڳوٺاڻن سماجن سان ٿي هئي. انهن ڳوٺاڻن سماجن جو بالغ دور، مهين هڙاپا تهذيب جا مرڪزي شهر آهن، جن کي مغربي محققن جي اها وڏي غلطي سمجهڻ گهرجي، جو انهن بين ماڳن کي گهٽ اهميت ڏني.

**وسعت**

ڪجهه سال اڳ، مان سنڌو تهذيب جي ماڳن کي ٽڪنڊي جي شڪل ۾ سمائڻ جي ڪوشش ڪندو هوس. يعني اتر ۾ ٽل، اولهه ڏکڻ ۾ اوٽل ۽ ڏکڻ اوڀر ۾ لوٿل، پر نئين کوجنائن ڪانپوءِ ٽڪنڊو ڦري چوڪنڊو ٿيو آهي. هن وقت اتر اولهه واري ڪنڊ ۽ ان جي آس پاس وچ ايشيا جون رياستون ۽ افغانستان اچي وڃي ٿو. اتر اولهه ڪنڊ تي دهلي، پاٽيپٽ (پيڻ پٽ) ۽ روپڙ (سملا) وغيره جا ماڳ اچن ٿا. ڏکڻ اولهه ۾ سٽن جڳن جو دڙو يا ۽ ستين جو ڪوهه يا ستين جو ڪوهه عربي سمنڊ مٿان، ايران جي سرحد تي واقع آهن. اهي ماڳ ڪراچي کان اولهه ۾ ٽي سو ميل پري آهن، جڏهن ته اوڀر ڏکڻ ۾ ڪاٺياواڙ، گجرات ۽ ڪئمبي نار (Gulf of Cambay) تي چاليهه ماڳ مليا آهن جي سنڌو تهذيب جا ماڳ آهن، جن مان رنگپور ۽ لوٿل تمام گهڻو مشهور آهن. هڪ طرف سٽن جڳن جي دؤر واري دڙي ۽ روپڙجي وچ ۾ هڪ هزار ميلن جو مفاصلو آهي ته ٻئي طرف جڳن ۽ رنگپور وچ ۾ مفاصلو ساڍا ست سئو ميل ٿيندو، انهن حقيقتن کي ڏسندي سر مارٽيمر ويلر لکيو آهي ته سنڌ تهذيب وارن کي مجموعي طور اٺ سو ميلن ۾ سامونڊي ڪناري تي قبضو هوندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

The research has extended the Indus Civilization for down the west coast giving the Indus people in aggregate no less than eight hundred miles of sea board with what bearing upon their maritime activities remains to be explored. -The Indus Civilization: p-2 Sir M. Wheeler.

مون پٽين جي باري ۾ هڪ مختصر مگر جامع مقالو لکيو، سر ويلر جي خواهش کي ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان مقالي ۾ مون ثابت ڪيو آهي تہ پٽي لوڪسنڌ جا اهي ناڪئا وڻجارا هئا، جن سنڌي پٽئي، ململ ۽ پٽي ڪپڙي جون واپاري ڪوٺيون يونيچ سمنڊ (Mediterranean Sea) جي چوگرد ملڪن ۾ قائم ڪيون هيون. انهن واپاري مرڪزن ۽ بازارين پوءِ ترقي ڪري، شهري رياست (City State) جي صورت اختيار ڪئي هئي. ڪارتيج، ترائي، سدن، اڪري (Acre) يوتيڪا، (Utica) ڪارڊز (Cardiz) وغيره پٽين جا مشهور بندر ۽ شهر هئا، انهن شهري ۽ ساموندي بندر رياستن کي پنهنجا الڳ الڳ سڪا هئا.

هن مهل تائين اهو سمجهيو ويندو هئو تہ دنيا جا پهريان سموندي واپاري فينيشنس (Phoenicians) هئا. فينيشنس جي ڪن نڪر جي ٿانون مٿان جيڪي اکر لکيل مليا آهن، سي هوبهو سنڌو تهذيب جي قديم ترين بوليءَ جي اکرن سان مشابهت رکن ٿا، جيڪا پڪي ۽ پختي ثابتي آهي تہ فينيشنس پٽين جي اولاد مان هئا ۽ پٽي لوڪ سنڌو ڌرتيءَ جا بنيادي ۽ اصلوڪا رهواسي هئا، انهن کي ويدن جي ديوتائن جي رشين سنڌ جا گنهگار شهري سڏيو آهي.

The Sinful Inhabitants of Sindh. Pithwalla-Historical Geography of Sindh p-44.

ان ساڳي خصوصيت يعني سنڌو تهذيب جي وسعت جي باري ۾ پاڪستان جي قديم آثارن جو سابق ڊائريڪٽر جنرل ڊاڪٽر رفيق مغل لکي ٿو تہ،

The evidence has shown that the area covered by the Indus was larger than any of the known civilizations of the world.

ڊاڪٽر مغل ان ساڳئي مقالي ۾ هڪ ٻي عجيب ۽ غريب ڳالهہ بہ لکي آهي، جيڪا ڊاڪٽر صاحب جي لفظن ۾ پيش ڪريان ٿو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Lately Indian and some western archaeologists have been insisting on a change of name and former term Harappa Culture instead of the Indus Civilization. International Symposium on Moen Jo Daro 1973 p- 40

هڙاپن ڪلچرHarappan Culture پري هڙاپن Pre- Harappan Culture ۽ ارلي هڙاپن Early- Harappan Cultureانهن محاورن وڏو مونجهارو پيدا ڪيو آهي، جيئن ڊاڪٽر فيئر سروس جونيئر لکي ٿو:

The idea is troublesome if the term Early- Harappan linked with the term civilization. Dr.W.A.Fair Servis Jr. - The Roots of Ancient India — p xxiii

## (2) فلاحي ۽ عوامي

سنڌو تهذيب جا مشهور ماڳ هڙاپا ۽ مهين آهن. انهن بنهي ماڳن جي چڱي حد تائين، سائنسي نيمن مطابق کوٽائي به ٿي آهي. کوٽائيءَ کان پوءِ اڏاوتن جي لحاظ کان مهين شهر ۾ جن جڳهين جا بنياد ڏسڻ ۾ آيا آهن، سي آهن، رهڻ جا گهر، درسگاهه، اناج جا گدام، وڏو تلاءُ، پنچائت هال، غسل خانه، بيٺڪون، وهار يا مٺ، زير زمين ناليون، رستا ۽ گهٽيون، ننڍا نامعلوم ڪمرا يا گهر.

قديم آثارن جي جن به عالمن ۽ محققن، دنيا جي قديم تهذيبن جو نسبتي اڀياس ڪيو آهي، سي سڀ ان حقيقت تي متفق آهن ته سنڌو تهذيب جي گهرن جي اڏاوتن ۾ ٽن مکيه ڳالهين جو خاص خيال رکيو ويو آهي، پهريون: اڏاوتن جي مضبوطي، ٻيو. رهڻ وارن جي آسائش، آرام ۽ سهولت ۽ ٽيون: ٻوڏن کان بچاءُ. عمارتن کي ٻوڏن کان بچائڻ لاءِ، عمارتن جي بنيادن جون چريون وڏيڪ هيٺ کوٽيون وينديون هيون. ڪمرن کي ٿڌي رکڻ، ڇتين جي ڪامن جي بار جهلڻ ۽ ٻوڏن کان بچاءُ لاءِ ضروري هو ته ڀتيون ٿلهيون ٿاهيون وڃن. ڀتيون ساديون، دروازا ويڪرا، لنگهه فقط گهٽين مان، گهر گهٽو ڪري هڪ ماڙ، ڏاڪڻيون سوڙهيون، اندريان يا ٻاهران، ڀتين ۾ جارا، پڪيون مٽيءَ جي گاري سان لنبيل، اهي اڏاوتن جو خصوصيتون هيون. اهي ئي مکيه سبب آهن، جو سنڌو تهذيب جي ماڳن ۾، اسان کي ڏيک ويک وارن شاندار محلن، مندرن ۽ ماڙين جا نشان ۽ آثار ڏسڻ ۾ نه آيا آهن. جيتوڻيڪ اڏاوتن ۾ فقط پڪيون سرون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتب آنديون ويون آهن. اڏاوتون گهڻو ڪري لون جي ٿان، پنجو ۽ مٽيءَ سان پريل ٿلهن مٿان تعميرُ ڪيون ويندون هيون.

## وهنجڻ جون ڪوٺيون

وڏي تلاءَ جي پرسان ڏکڻ ۾، ٻه فوٽ موڪري گهٽي آهي، ان گهٽيءَ ۾ اٺ وهنجڻ جون ڪوٺيون ٺهيل آهن. هر هڪ ڪوٺي اٽڪل نو ڏهه فوٽ ڊگهي ۽ ڇهه فوٽ ويڪري آهي، هر هڪ ڪوٺيءَ ۾ ڏاڪڻ ٺهيل آهي، جنهن مان اهو انومان نڪري ٿو ته هينين ڪوٺين مٿان ٻه ڪوٺيون اڏيل هيون، جيڪي شايد ڪپڙن بدلائڻ (Dressing Room) جو ڪم ڏينديون هونديون. ائين به ٿي سگهي ٿو ته مٿان ڪوٺيون ٺهيل نه به هجن، پر ڪليل ڪڏ يا ڪوٺا، اس سيڪڻ ۽ جهڻ لاءِ ڪم ۾ ايندا هجن. گهٽي ۾ وهنجڻ جو ڪوٺيون هڪ ٻئي جي سامهون اهڙي نمونيءَ ٺهيل آهن، جو ڪنهن به صورت ۾ اوگهڙ جو سبب ٿي نه ٿيون ٿي سگهن. ڇاڪاڻ ته ڪوٺين جا دروازا اهڙي نموني سان ٻيهاريل آهن. ڪوٺين ۾ پائدار ۽ سهڻي فرشبندي ٿيل آهي. هر هڪ ڪوٺيءَ ۾ پاڻيءَ جي نيڪال جو به جوڳو بندوبست رکيل آهي.

اهو وڏو تلاءُ (Great Bath) ۽ اهي وهنجڻ جون ڪوٺيونءَ گهر گهر ۾ کوهيون ثابت ٿيون ڪن ته سنڌو تهذيب وارن کي بدن يا جسم جي صفائي، سنائي ۽ پاڪائيءَ جو ڪيتري حد تائين اونو ۽ خيال هو. وڏي تلاءُ جي پرپاسي ۾ وهنجڻ جون ڪوٺيون ڏڪيل ۽ پاسائتيون، ان گمان کي هٿي ٿيون ڏين ته اهي ڪوٺيون عورتن لاءِ مخصوص هونديون ۽ مرد تلاءَ ۾ اشنان ڪندا هوندا. مان ان ڳالهه ڪرڻ ۾ به نه هٻڪندس ته چنڊ گرهڻ، سورج گرهڻ، اماس، پورنماسي ۽ ڪن ٻين اهڙن موقعن ۽ ڏڻن وقت گڏيل اشنان جي رسمن ۾ تلاءَ ۽ ڪوٺيون ڪم اينديون هونديون. گڏيل اشنان ۽ پاڪائي (Collective Ablutions) جو رسمون، ويدن جي هندن ۽ مانيءَ جي پوئلڳن، سنڌو سيپتا وارن کان لکيون هونديون.

## وڏو تلاءُ

وهار ۽ وڏي تلاءَ جي وچ ۾ هڪ گهٽي آهي، جنهن کي ايشوري يا ڌرمي گهٽيءَ جو نالو ڏنو ويو آهي. ڌرمي گهٽي (Divine Street) سان لڳ اولهه ۾ وڏي تلاءَ واريون اڏاوتون آهن. انهن جي وچ ۾ وڏو تلاءُ تعمير



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٺيل آهي. قديم اڏاوتن جي ماهرن جي راءِ مطابق اهو حوض ٻه هزار سال ق.م تعمير ٿيل هوندو. اهو حوض اتر کان ڏکڻ 39فوٽ ويڪرو ۽ 8 فوٽ اونهو آهي. تلاءَ جي چوگرد هڪ پڪسرو تلهو ٺهيل آهي. ان تلهي جي چوطرف ورانڊو آهي. ورانڊي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ پڪين سرن مان ٺهيل ٿنڀا يا ٻانهيون اورانگهٽيون پون ٿيون. تالاءَ جي تري ۾ پهچڻ لاءِ تلاءَ جي اتر ۽ ڏکڻ وارين ٻانهن جي وچ ۾ ڏاڪڻ ٺهيل آهي، جنهن تي قيمتي ڪاٺ مان ٺهيل تختا، ڏامر ۽ ٻين مصالحن سان جڙيل يا اڏايل ۽ چنبڙايل هوندا هئا.

حوض جي پاڻيءَ جي وهڻ کان بچاءِ لاءِ حوض جي پٽين ۽ فرش ۾ تمام اعليٰ قسم جون پڪيون سرون ڪتب آندل آهن ۽ درزن ۽ سرن جي تهن جي وچ وچ ۾ ڏامر ۽ چيرولي جو گچ استعمال ڪيل آهي، جنهن ڪري حوض جي پائداري ۽ خوب صورتي ۾ هن وقت تائين ڪو خاص فرق نه آيو آهي.

جيتوڻيڪ صديون گذري ويون آهن، حوض جي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ حوض جي ڏکڻ اولهه ڪنڊ وٽ هڪ زير زمين نالو ٺهيل آهي، جنهن جو منهن حوض ۾ آهي منهن ٻن فوٽن کان ساڍا ٽي فوٽ ويڪرائي ماپ ۾ ٿيندو، جڏهن ته نالو 2 فوٽ ويڪرو ۽ ايترو ئي اوچو آهي جو ماڻهو آرام سان ان ۾ اچي وڃي سگهي ٿو. نالو پوءِ اتر طرف مڙي چيڙي ۾ مٽي جي ڪنهن تلهي يا ڍير ۾ گم ٿي وڃي ٿو. نالو ديگهه ۾ اٽڪل 35 فوٽ ٿيندو. نالي جي منهن مٿان ڪاٺ جو مضبوط تختو رکيل هوندو. پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ، تلاءَ جي فرشبندي، رڻا موجب، نالي جي منهن ڏانهن نميل يا سلاميءَ (Slopping) سان ٺهيل آهي. حوض جون ٻاهريون پٽيون اٽڪل 6کان7فوٽ ٿلهيون آهن. حوض جي ٽن پاسن يعني اتر، ڏکڻ ۽ اوڀر ۾ ننڍيون ڪوٺڙيون ٺهيل آهن، انهن ڪوٺين مان هڪ ۾ هڪ وڏو ٻن پٽين وارو کوهه ٺهيل آهي ۽ شايد ان کوهه-مان پاڻي ڇڪي، تلاءَ کي ڀريندا هوندا. حوض جي صفائي ٻه پاڻيءَ جي نيڪال واري موريءَ ۽ نالي رستي ڪندا هوندا، پوريءَ طرح ڊڪيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

سرمارٽمر ويلر ان وڏي حوض ۽ حوض سان لڳ ٺهيل ڪوٺين بابت لکيو آهي ته اهي صفائيءَ ۽ پاڪائيءَ لاءِ پروهت ۽ عام ماڻهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

استعمال ڪندا هوندا. هن صاحب ڪوٺيون پروهتن لاءِ مخصوص ڪيون آهن، جڏهن ته مون اهي عورتن جي استعمال لاءِ سمجهيون آهن. سر ويلر لکي ٿو ته:

The whole structure suggests an extension of the function of the adjacent Great Bath the excavator was inclined to regard it as having provided for the members of some kind of priesthood, who lived in rooms above and descended at stated hours to perform the prescribed washings, where as the general public their ablutions in the Great Bath itself. At any rate it is a fair supposition that the whole complex was related to the religious life in the city or its rulers. In modern Hinduism and indeed in other religious systems ceremonial cleaning are an important feature and the elaboration and prominent position of the bathing establishments on the Mohen Jo Daro citadel proclaim their official status. P41-42

پر هن سلسلي ۾ هيٺيون ٽي چار ڳالهيون غور ۽ تحقيق طلب آهن:

1- سنڌو تهذيب جي ان دور جا ماڻهو قد بت ۾ ايترا بندرا ۽ ننڍا نه هئا، جي 9x6 فوٽن وارين ڪوٺين جي ڇتين مٿان سوڙيهن ڪوٺين ۾ رهي سگهن، ۽ حاجترويءَ لاءِ، وهنجڻ سهنجڻ لاءِ روزانو ڪيترا ڀيرا هيٺ لهندا ۽ چڙهندا رهن.

2- جيڪڏهن اهي ڪوٺيون پنڊتن، پروهتن لاءِ هيون ته پوءِ انهن لاءِ پردي پوشي ۽ ستر جي ڪهڙي ضرورت هئي؟

3- جيڪڏهن ڪن خاص ڏڻن تي گڏيل اشنان، پاڪائي ۽ صفائيءَ جي ضرورت هئي ته انهن ڪريا ڪرمن وقت، پروهتن جو الڳ اشنان ڪا معنيٰ نه ٿو رکي.

4- ان دور جي سماج ۾ عورتون پردي جو قائل نه هيو. ڌرمي ڪريا ڪرمن يا روز مره جي پورٺي ۾ عورتون، مردن سان گڏ ڪم ڪار ڪنديون هيون. ان لحاظ ڪان عورتن جو ڌرمي رسمن ۽ ريتن ۾ مردن سان شامل هجڻ به ڪا انوکي ڳالهه نه هوندي، سواءِ ستر جي خيال ڪان علحده ۽ جدا اشنان جي. اڄ ڏينهن تائين ڪاشي- بنارس وغيره شهرن ۾ اهو ساڳيو دستور ۽ رواج هلندو اچي ٿو.

قابل احترام محقق سرمارٽيمر ويلر هيٺين ريت لکيو آهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Every room inspite of its minuteness contained a brick staircase which in view of the thickness of the walls led probably to an upper story rather than merely to the roof. The door ways were disposed so that none opened opposite any other thus securing privacy.

انکان سواءِ ڊاڪٽر فيئر سروس پڻ لکي ٿو تہ اهي انفرادي غسل خانا هئا.

## گدام

مهين جي کوٽائي هلندي، وڏي تلاءَ سان لڳ اولهہ ۾ هڪ وڏي ۽ ويڪري عمارت جا نشان ۽ بنياد ظاهر ٿيا هئا. سن 1950ع تائين ان عمارت کي هڪ وڏو حمام سمجهيو ٿي ويو، جيئن محمد ادريس صديقيءَ پنهنجي ڪتاب ”واديءِ سنڌ کي تهذيب“ (آڪٽوبر 1959ع) ۾ لکيو آهي. پر سن 1950ع کان پوءِ جڏهن اها وڏي عمارت، مٽي، سروٽن ۽ ٺڪراٺي وغيره مان صاف نروار ٿي تہ پوءِ قديم آثارن جي ماهرن، ان وڏي ۽ ويڪري عمارت کي اناج جو گدام (Granary) قرار ڏنو.

اناج گدام، منڊ ۾، هڪ سو پنجاهہ فوٽ اوير کان اولهہ ڊگهو ۽ پنجهتر فوٽ اتر کان ڏکڻ مستطيل شڪل ۾ ٺهيل هو. عمارت ۾ اندر پڪين سرن جا ٿلها هئا، جيڪي پنج فوٽ اوچا هئا. اهي پڪين سرن جا ٿلها (Blocks) مختلف ماپن ۾ هئڻ جي باوجود، ضابطي ۽ سليقي سان ٺهيل هئا. انهن ٿلهن مٿان، ڪاٺ جا مضبوط تختا رکيل هئا تہ جيئن اناج کي سيڪ کان بچايو وڃي. انهن ٿلهن جي وچ ۾ اتر کان ڏکڻ ۽ اولهہ - اوير هڪ ٻئي کي ڪٽيندڙ (Crisscross) گذرگاهہ يا لنگهہ ڏاهيا ويا هئا تہ جيئن هوا، گدام ۾ اندر فرش تائين بہ پهچي سگهي ۽ فرش ۾ ڪنهن بہ قسم جو سيڪ پيدا نہ ٿئي. گدام ۾ اندر، اناج لاهڻ، سٽڻ، رکڻ ۽ ڪڍڻ جو مناسب بندوبست هوندو. گدام جون ٻاهريون پتيون، پتين سان لڳ ٺهيل پڪين سرن جا پشتا ۽ ٿلها، گدام ۾ اندر هوا جو گذر گاهہ، گدام تائين پهچڻ لاءِ ٻاويهہ فوٽ ويڪري پڪين سرن جي ٺهيل ڏاڪڻ، گدام کان ٻاهر بہ اناج جي لاهڻ، رکڻ ۽ ڪڍڻ جا دڪا ۽ ٻيو جوڳو ۽ مناسب بندوبست وغيره مهين جي دوَر جي سنڌين جي سائنسي سوچ ۽ تعمير جي فن جي ڄاڻ جي لاءِ وزندار دليل ۽ ثبوت آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## هڪ وڏي ويڪري عمارت: ڪاليج ، عبادت گھر يا پئنچات هال

سرمارٽيمر ويلر جي لکڻ موجب، وڏي تلاءَ جي اتر اوڀر ۾ هڪ تمام وڏي ۽ ويڪري عمارت جا ڪنڊر مليا آهن. اها عمارت 230 فوٽ ڊگھي ۽ 78فوٽ ويڪري آهي. عمارت جي اندر 33 فوٽ همچورس صحن به مليو، جنهن هن عمارت جي خوبصورتي ۾ اهميت ۾ اضافو ڪيو آهي. ان صحن ۾ ٽن پاسن کان وراندا آهن. عمارت ۾ بٺرڪن جي شڪ ۾ نهيل ڪيترن ڪمرن جا بنياد به ڏسڻ ۾ آيا آهن. عمارت ۾ داخل ٿيڻ لاءِ عمارت جي اوڀر ۾ واقع، ڏرمي گھٽيءَ مان پنج دروازا نهيل هوندا ۽ ساڳئي نموني سان عمارت جي اولهه ۾ هڪ ۽ ڏکڻ طرف هڪ دروازو نهيل هوندو، جن جا بنياد ظاهر ٿيا آهن. عمارت ۾ بن ڏاڪڻين جا آثار به ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

اها وڏي عمارت ڪهڙي خيال لاءِ يا ڪهڙي مخصوص ڪم لاءِ تعمير ٿي هوندي، ان باري ۾ قياس آرائي ٿي سگھي ٿي. سر ويلر ان کي وڏي پادريءَ جي رهائشگاهه سمجهي ٿو يا ڪو عبادت گھر. ان جي پيٺ ۾ محمد ادريس صديقي ان عمارت کي يونيورسٽي سڏي ٿو. نياز رسول ۽ اگروال (D.P.Agarwal)ان باري ۾ بلڪل خاموش آهن. مان سمجهان ٿو ته اهو پنچائت گھر هوندو، جنهن ۾ مکي ۽ ڪي پئنچ رهندا هوندا. ان باري ۾ ڊاڪٽر فيئر سروس لکي ٿو ته:

Across the street to the east of Great Bath is a big rectangular building that for some inexplicable reason is called the College by the savants who interpret these things. It is a jumble of walls, drains, stairways and a five open court, obviously it is an important part of the complex of building on the platform around, but what is it?
Dr.Fair Servis: The Roots of Ancient India -p 249.

هن سلسلي ۾ وڌيڪ اهو عرض ڪندس ته مون ذاتي طور اڪيلي سر يا ڊاڪٽر لوئيس فليم، ڊاڪٽر جانسن ۽ پروفيسر ويرارڊي جي رهبري، رهنمائي ۽ رفاقت ۾ خالص مهين تهذيب جا هڪ درجن کان به وڌيڪ ماڳ جهڙوڪ: لهر، جهوڪر، علي مراد شاهاڻي، چانهو، الهڏنو جوکيو ۽ نهوٽو وغيره گھميا آهن. انهن ماڳن جي بيهڪ، اڏاوتن ۽ ٻين باقيات جو به معائنو ۽ مطالعو ڪيو آهي. مون کي ڪنهن هڪ ماڳ تان به



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيبت پيدا ڪندڙ مندر، ڪليسا يا ڪنهن ٻئي نموني جي عبادت گهر يا شاهاڻي شاندار شاهي محل ۽ محلات جا ڪنڊر ڏسڻ ۾ نہ آيا آهن. پروفيسر ويراڊي ذاتي طور خيالن جي ڏي وٺ ڪندي مهين جي مٺ يا وهار (Stupa) کي بہ ٻڌ مت وارن جي باقيات ۾ شامل ڪرڻ جي تائيد نہ ٿو ڪري، هو اُن ڏيوريءَ کي ٻيو ڪجهہ سمجهي ٿو.

مان وڏي اعتماد ۽ يقين سان چوان ٿو تہ سنڌو تهذيب جي شروعاتي ۽ اوائلي دور ۾، عياشي ۽ دهشتگردي پيدا ڪرڻ وارن ادارن جو ڪو وجود نہ هوندو. قديم تهذيب جي اڏاوتن جي اڀياس ڪرڻ وارو هڪ وڏو ماهر بوربو سچي (Bodo Cichy) لکي ٿو تہ:

There are no temples and places, but high citadels with terraces, massive walls and imposing gateways. Platforms of mud bricks faced with backed brick revetments supported extensive building (like Great Bath and Granary and Panchat buildings) He further writes whatever may have been real situation, one thing is clear that the inhabitants of Harappa and Mohen-jo-daro were a level headed people, intent upon a practical matters. Never again has there been anywhere in India a similar interest in the wellbeing of the urban population.

Bodo Cichy: Architecture on ancient Civilization p-147.

مهين تهذيب جي ماڳن مان ڪي بہ مندر يا پگوڊا يا مڙهيون نہ مليون آهن،نڪي محل ۽ محلات، مٿيئين شهر کي ڪچين سرن جي سٿين سان مڏن وانگر ٺاهي،اُن مٿان عمارتون اڏيون ويون آهن ۽ مڏن (Platforms) جون مهاڙيون پڪين سرن جون ٺهيل آهن. اڏاوتن جي پائداري ۽ مضبوطيءَ جو مدار تلهين پٽين تي آهي. ويڪرا لنگهہ، عمارتن جي خوبصورتيءَ ۾ اضافو ڪن ٿا. مهين ۽ هڙاپا تهذيب وارا ماڻهو ڏگهي سوچ ۽ پختي ارادي وارا هئا. اهي خيالي نہ پر عملي ڪمن ۾ اعتماد رکندا هئا. مهين تهذيب جي دوّر کان پوءِ وري ڪڏهن بہ هندستان ۾ شهرين جي سک، سلامتي، آرام ۽ آسائش لاءِ ڪنهن بہ دور ۾، ڪنهن بہ دلچسپي نہ ورتي. (Bodo Cichy)

ساڳئي ڳالهہ هڪ ٻيومحقق ڊ.ايم. جي ڪري ٿو، هو چوي ٿو تہ:

”مهين تهذيب وارا ڪي بہ نمائشي ۽ ڏيک ويک واريون يا ٻيپيڪدار عمارتون تعمير نہ ڪندا هئا. اهڙي ڪابہ عمارت ظاهر نہ ٿي آهي، جنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي محل يا عبادت گهر سڏي سگهجي. وڏو تلاءُ ۽ اناج جو گدام بئي اهڙيون عمارتون يا اڏاوتون آهن، جيڪي خاص ڌيان ڇڪائين ٿيون. خاص ڪري وڏو حوض، جنهن جي پيتين ۽ تري ۾ پاڻي جي سيمي کي روڪڻ لاءِ ڏامر استعمال ڪيو ويو آهي،"
(انسائيڪلوپيڊيا آف آرڪيالاجي: ڪوٽريل ص.187).

## کوهہ، ناليون

دنيا ۾ ڪن ملڪن ، ڪن خاص عمارتن ۽ اڏاوتن جي ڪري بہ شهرت حاصل ڪئي آهي يا بين لفظن ۾ اهي عمارتون ۽ اڏاوتون، انهن ملڪن جي سڃاڻپ آهن. مثال طور چين جي ديوار، چين ولايت جي سڃاڻ آهي. اهرام مصر ملڪ جي، آڪاڙا- روم اٽليءَ جي ۽ تاج محل ڀارت جي سڃاڻ آهن، ڪي ڇوٽيون ڪن شهرن ڏانهن منسوب ڪيل آهن. انهن ڇوٽين ۾ ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين سچائي بہ سمايل هوندي آهي. "هجئي ناٽو تہ گهم لاڙڪاڻو" ساڳئي نموني سان ڪراچيءَ کي "روشنائين جو شهر" سڏيو ويو آهي، حيدرآباد شهر کي "منگهن وارو شهر" پڻ ڪوٺيو ويندو آهي. اهڙيءَ ريت جيڪڏهن مهين شهر کي "کوهن جو شهر" سڏيو وڃي تہ ان ۾ ڪنهن بہ قسم جو وڏاءُ نہ سمجهڻ گهرجي.

مهين جي شهر ۾، هن مهل تائين اٽڪل ست سئو کوهہ ڳولهي لڌا ويا آهن، اهي کوهہ مختلف ماپن ۽ مختلف شڪلين وارا آهن. کوهن جي گهٽائي، گول شڪل ۾ آهي، پر ڪي بيضوي شڪل وارا بہ آهن. کوهہ، گهٽو ڪري وڏن گهرن ۾ ملن ٿا، پر انهن کوهن مان ڪن کوهن جا اڌ گهرن کان ٻاهر رکيا ويا آهن تہ جيئن ٻاهران پاڻي ڀري سگهجي. سڀ کوهہ، ڇڪن تي چاڙهي هيٺ لاٿا ويا آهن، جنهن ڪري انهن جي بناوت، شڪل، پاڻي جي گهرائي ۽ ميناج ۾ اڄ ڏينهن تائين ڪو خاص فرق نہ آيو آهي، جيتوڻيڪ صديون گذري ويون آهن. ان حقيقت، تعمير جي فن جي ماهرن کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو آهي. البت زير زمين پاڻيءَ جي سطح ۾ واڌ، سنڌو درياهہ جون ٻوڏيون، گهرن جون هڪ ٻئي مٿان اڏاوتون، کوهن جي پتين جي اوچائيءَ جو سبب ٿيون آهن.

مهين شهر جي مٿئين پاڱي ۾ کوهن جي گهٽائي ڪانهي، اتي هن مهل تائين فقط ڇهہ کوهہ مليا آهن. هن پاڱي ۾ کوهہ، ماپن ۽ گهرائيءَ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيئنين شهر جي ڪوهن ڪان بيٺا آهن، ساڳئي وقت، متئين شهر ۾ ڪوهن جي جڳهين جي ۽ پاڻي جي گهٽائي يا گهٽتائيءَ جو ڪو خاص خيال به نه رکيو ويو آهي مثال طور، ڪاليج يا يونيورسٽي يا پئنچات هال جي وڏي ۽ ويڪري عمارت ۾ به ڏاڪٽيون آهن، پر ڪوهه هڪ به نه آهي. وڏي تلاءُ واري ايراضيءَ ۾ هڪ اهڙو ڪوهه به مليو آهي، جنهن جون ٻاهريون پٽيون ٻٽيون(Double walled) آهن. ان ڪوهه جو پاڻي، وڏي تلاءُ ۾ پهچايو ويندو هو، جيڪا ڳالهه قديم اثارن جي سيني ماهرن ڪئي آهي. گهڻو ڪري، جن به گهرن ۾ ڪوهه آهن، تن گهرن ۾ غسلخانا به ڏسڻ ۾ اچن ٿا. انهن غسلخانن ۾ اندر پڪين سرن جا نهيل سهڻا فرش به ڏسڻ ۾ اچن ٿا. انهن غسلخانن جون ماپون مختلف ۽ گهرن جي ماپن سان مشابهت رکڻ واريون آهن. ٻي ڳالهه ته ڪوهن ۽ وهنجڻ جي ڪمرن سان گڏ ناليون به ملن ٿيون. ڪن گهرن جي وهنجڻ جي ڪوٺين ۾ وهنجڻ جي دڪيس ۽ ڪن متڪن جا نشان ۽ ٺڪراٺو به مليو آهي. ڪن گهرن ۾ ڪوهن جي چوڌرف پڪين سرن جا نهيل تلها به ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

مون جنهن به سياح يا مڪاني شهريءَ کان، مهين شهر ۾، مهين شهر جي تعريف پڇي آهي ته ان شخص جو پهريون ۽ نهه پهه جواب، مهين شهر جي ڪوهن ۽ ڍڪيل نالين بابت هوندو آهي. حقيقت مان صاف ظاهر آهي ته مهين شهر وارن کي جسم جي پاڪائي سان گڏ، شهر جي صفائي ۽ گندي پاڻيءَ جي نيڪالي جو وڏو اونو ۽ خيال هو. اسان کي هر هڪ گهٽيءَ ۾ گندي پاڻيءَ جي نيڪال جون ناليون ۽ ڪن خاص هنڌن تي گند ۽ ڪچري جي نيڪال لاءِ نهيل پڪا گندڙا ڏسڻ ۾ ايندا. گهرن ۽ بين عمارتن مان گندو پاڻي ڪٽي ايندڙ ننديون ناليون، وڏوين نالين ۾ وڏيون ناليون، نالن ۾ گندو پاڻي نيڪال ڪنديون هيون. گهڻو ڪري سڀ ناليون ۽ نالا پڪين سرن جا نهيل آهن ڪن گهرن ۾ گندي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ ترا ڪڙا ڪوهه (Cess Pools) ۽ ڪن گهرن ۾ مٽي جا پڪل دگها پائيپ، وڏن پائيپن ۾ وڌل نظر آيا آهن ۽ مضبوط جوڙ وارا آهن. گهرن اندر به ناليون، پڪين سرن يا پٿر جي سرن سان ڍڪيل مليون آهن ائين به سمجهڻ ۾ آيو آهي ته گندو پاڻي، برسات جوپاڻي پهريون مورين مان وهي، ننڍن حوضن ۾ جمع ٿيندو هو، پوءِ حوضن مانِ نالين رستي وهي گهرن ڪان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

carried away through long underground drains made of clay with inspection holes at regular intervals. The civil administration must have been extremely efficient. Mohen Jo Daro frequently suffered from floods and very often the living quarters completely destroyed. But the houses were invariably rebuilt on the same street plan as before obviously a strict supervision saw to it that the structural plan of the original street blocks was kept unaltered. Bodo Cichy: Architecture on ancient Civilization p- 47-48:

### (3) صنعت ۽ حرفت

صنعت ۽ حرفت جي باب ۾ مون فقط هڪ فن کنيو آهي، ان فن تي مڪاني ماهرن تمام ٿورو لکيو آهي. ان فن جو نالو آهي 'سنگ تراشي' (Sculpture) چيو وڃي ٿو ته سنگتراشي جو فن ايترو قديم آهي جيترو مصوري يا نقاشي، پر ڪي عالم هن فن يعني سنگتراشيءَ کي مصوريءَ کان وڌيڪ قديم سمجهن ٿا. ان باري ۾ اسپين جي اتر اوڀر ۽ فرانس جي ڏکڻ اولهه، آلاسڪا ۽ بلوچستان جي غارن ۾ جيڪي تصويري خاڪا مليا آهن، انهن جو اڀياس ڪرڻ ضروري آهي. جيئن مصوري ۽ سنگتراشيءَ جي صحيح عمر جو پڪو اندازو ٿي سگهي

قديم مصري هن فن ۾ سميرين کان وڌيڪ ڄاڻو ۽ ماهر هئا. مصرين چن ۽ ٻين سخت پٿرن مان پنهنجن فرعونن ۽ راڻين ۽ ڪنبين سکر ماڻهن جا تمام شاندار مجسما ۽ بت تراشيا هئا. يونانين حسن جي ديوي وينس (Venus) عشق جي ديوتا ڪيوپڊ (Cupid)، طاقت جي ديوتا هرڪيولس (Hercules) انسان ذات جي محسن پرومئيٿيوز (Prometheus)، دانائيءَ جي بادشاهه، سقراط (Socrates) ۽ تاريخ جي ابي هيرو ڊوٽ (Herodotus) ٻين جا شاندار مجسما ۽ بست تراشيا آهن. هندستان ۾ مهاتما ٻڌ جا ۽ مهين ۾ مکي يا سکرماڻهوءَ جو بست مشهور آهن. ساڳي طرح هندستان ۾ جي سرسوتي ڪلاجي ديوي ۽ وينا ساز جي ايجاد ڪندڙ مشهور آهن ته مهين تهذيب ۾ پوڄارڻ نينگري يا ناچڻي به اوتروئي مشهور آهي.

مهين جي شهر مان جيڪي پراچين وستون مليون آهن، انهن مان ڪي پٿر جا ۽ ڪي ٻين ڌاتن ۽ مرڪب ڌاتن جا ٺهيل آهن. مثال طور اسٽيٽائيٽ(Steatite) ڌاتو مئگنيشيا + اليومينيا جو مرڪب، انهن سيني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وستن ۾ سڀ کان وڏيڪ اهميت وارو سکر ماڻهو يا مکيءَ جو بسٽ آهي. سکر ماڻهو يا مکي جو اهو مٽيون ڏڙ هلڪي سفيد رنگ جو اسٽيٽائيٽ جو ٺهيل آهي. اهو بسٽ تاريخ ڏينهن جنوري 1927ع ۾ هينئين شهر جي هڪ گهر مان لڌو ويو هو. وستن جي داخلا موجب مهين جي رڪاڊ ۾ ان جو نمبر ڪي ڊي 1909 آهي. اهو بسٽ 8. 17 س. م ڊگهو آهي. چيو وڃي ٿو ته اهو بسٽ مهين شهر جي سپيتا جي پوئين دور جو آهي. مئڪي جي خيال موجب اهو بسٽ هڪ رواجي گهر مان مليو آهي، تنهن ڪري ان جي تمام گهٽي اهميت نہ سمجهڻ گهرجي. ان بسٽ سان گڏ ڪي ٻيون شيون بہ هٿ آيون هيون.

سکر ماڻهو يا مکي جي ان بسٽ تي، جرمني جي هڪ معزز خاتون مادام الگزينڊرا ارڊيليون سن 1983ع ۾ ڪم ڪيو هو. ان بسٽ متعلق اها خاتون لکي ٿي تہ:

1: مکي ويڪري منهن ۽ شڪل وارو آهي.
2: مکيءَ جون ڪڪوريل اکيون ڪجهہ ڪليل ۽ ڪجهہ بند، وڏيون هيون.
3: پنبٽيون ڊگهيون ۽ وٽندڙ، ويڪرا ڳنا ۽ اندر تي وينل پيشاني.
4: چپ پريل ۽ واچون هيٺ جهڪيل ۽ پوريون پنيون،وات مناسب.
5: ڊگهي ۽ سڌي نڪ وارو، ناسون صاف ظاهر، نڪ جي چوٽي پڳل.
6: ڪاڏي پڌري، سونهاري چاپئين، مڇون صاف ڪوڙيل.
7: هن جي مٿي جا وار، سڌا ۽ ڊگها، پنيان ڪريل، وچ تي سڌي سيندڙ.
8: مٿو پويان وينل، هڪ خصوصيت وارو ۽ وڏيڪ ڏيان چڪائيندڙ.
9: ڪنن جا گهرا گول سوراخ، ٻڌڻ جي سگهہ جي ثابتي ڏيندڙ.
10: ڪنن جي هيٺان هڪ وڏي جو نشانو، ڳچيءَ تي بہ ظاهر، سڳو يا زيور.
11: پيشانيءَ تي هڪ ويڪري پٽي، پٽي پويا ٻن چانگن ۾ نڪ مٿان پٽي جي وچ تي هڪ گول ڳهٽي جو نشان.
12: هن جي سڄي ٻانهن جي ڏوري تي ڪنهن ٽاٽ جو نشانو ظاهر آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

13: هن جي سڄي بانهن هينان، ڪڇ وٽ وريل ڪٻي ڪلهي تي پهريل اجرڪ، اجرڪ تي هلن جا نشان چريل، وڏي سونهن ۽ سوڀيا وارا.
نوٽ: نمبر 12 ۽ 13 اهي نقطا محترم خاتون کان وسري ويا تا ڏسجن.

مهين شهر مان جيڪي سنگ مرمر ۽ ڪن ٻين مرڪب ڌاتن مان ٺهيل يا تراشيل بت، مورتيون ۽ مجسما مليا آهن، انهن متعلق ساڳي معزز خاتون لکي ٿي تہ، ”مهين جي ان دور جو ماحول ۽ حالتون ڪهڙيون بہ هيون پر انهن حالتن ۽ ماحول هوندي بہ سڀ کان وڌيڪ ڏيا ڇڪائيندڙ حقيقت اها آهي تہ سنڌو تهذيب جي دائري اندر فقط اهو هڪ ماڳ ئي هو، جنهن مان هن قسم جي ماپن ۽ نمونن جا تراشيل مجسما مليا آهن، اهو ڏيک وري اهو وزندار دليل ۽ ثبوت پيش ڪري ٿو تہ مهين شهر کي هڙاپا ڪلچر ۾ هڪ خاص مقام هو.“ متي جاٽايل خاتون وڌيڪ لکي ٿي تہ، ”تصويري خاڪن جا لاڙا ٻڌائين ٿا تہ مهين جي سنگ تراشي خالص مقامي ماحول ۽ حالتن جو نتيجو آهي، جيڪو مهين جي سڀيتا کي الڳ ۽ جدا حيثيت ڏئي ٿو.“

The icnographic attributes show despite their similarities to neighbouring countries much individualism in their composition so that this is one more argument for the distinct character of Harappa civilization. However whatever the situation may have been the most interesting fact remains that Mohen Jo Daro is the only place in the sphere of Harappan Culture, where stone sculptures of this size and form have been found. This phenomenon is again an argument for the reconsideration of the peculiar status that Mohen Jo daro holds within the Harappan Culture.

ISMEO- Archen University Mission Interim reports Vol I 1982-83 p 154.

## افاديت ۽ پائيداري

سنڌو جي تهذيبي تاريخ جا ڪي اهڙا نمايان باب آهن، جيڪي سنڌو سڀيتا کي مصر، عراق، يونان ۽ روم جي تهذيبن کان متاهون ڪن ٿا انهن مان سڀ کان وڌيڪ اهميت ۽ حقيقت وارو باب ۽ سبب آهي: ”سنڌوءَ جي تهذيب جو تسلسل“. دنيا جون سڀ پراڻيون تهذيبون مري ڪپي ويون ۽ پويان فقط پنهنجا پراڻا آثار، کنڊرن جي صورت ۾ ڇڏي ويون اڄ جي مصرين کي اهرامن واري مصر (2800 ق.م) سان، اڄ جي شامين، عراق ۽ ايران کي حمورٻي (2100 ق.م) ۽ اسربنيپال (668-626



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ق.م) جي لنين ۾ تختين سان، يونان وارن کي ڪريٽ (2400 ق.م) ڊلفياءِ اولمپيا سان، رومين کي آڪاڙن ۾ رتن (750 ق.م) واري روم سان ڪو تعلق نہ رهيو آهي.

ان جي ابتڙ ڪيرٿر سنڌو يعني جابلو ۾ ميداني تهذيب ئي، دنيا جي واحد تهذيب بچي ۾ رهي آهي، جنهن جو اڄ تائين هن زمين يا ڌرتيءَ تي رهڻ وارن سان سلسلو، لاڳاپو ۾ واسطو رهندو اچي ٿو جيتوڻيڪ اهو تعلق بہ اوتروئي پراڻو ۾ جهونو آهي. ان حقيق کي مڃڻ لاءِ، سند طور، ڍاڪا يونيورسٽي جي هڪ سبق وائيس چانسلر صاحب آر. سي. مجمدار جو بيان هيٺ پيش ڪجي ٿو:

The chief difference between India and the other ancient countries mentioned above is in the continuity of her history and civilization. The culture and civilization of Egypt, Sumer, Akkad, Babylon, Assyria and Persia have long ceased to exist. They are now merely past memories and their history possess only an academic interest. Indian history and institutions however form an unbroken chain by which the past Indiosology linked up with the present. (Vedic Age Vol 1 p 38. )

مٿين ٽڪري ۾ آر.سي مجمدار لکي ٿو تہ: "هاڻي سنڌو تهذيب بہ مصر يا فرات دجلہ ماٿري واري تهذيب سان ڪلهو ملائي سگهي ٿي. هن زمين تي بہ انساني سڀيتا جي صبح جا آثار ۾ اهڃاڻ ملن ٿا. هتي بہ انسان جي بنيادي ۾ منڍ واري فڪر ۾ عمل جون اهڙيون ئي ساکون ۾ شاهديون ملن ٿيون، جن جي مدد سان انسان ذات سموري متمدن دنيا ۾ پنهنجي منزل ۾ مقصد ڏانهن وڌي آهي. پر مکيہ تفاوت جيڪو سنڌ ۾ ٻين ملڪن وچ ۾ آهي، سو هي آهي تہ سنڌوءَ جي تاريخ ۾ تهذيب ۾ هڪ قسم جو تسلسل آهي مصر، سمير، اڪاد، بابل، اسر ۾ ايران جون قديم تهذيبون، گهٽو اڳي مري کپي ويون ۾ انهن تهذيبن جا هن وقت فقط داستان ۾ يادگار بچيا آهن ۾ انهن جي تاري کي فقط علمي ۾ ادبي اهميت حاصل آهي پر سنڌوءَ جي تاريخ، سيائن، ادارن جي وچ ۾ نہ ٽٽڻ وارو سلسلو، ڳانڍاپو ۾ تعلق آهي، جنهن وسيلي حال پنهنجي ماضيءَ سان ڳنڍيو ۾ جڙيو پيو آهي."

سنڌ ۾ ڏٻي ڳاڏي اڄ بہ اها ئي استعمال ڪئي وڃي ٿي، جيڪا هزارين سال اڳي سنڌو ماٿريءَ ۾ رهڻ وارا استعمال ڪندا هئا. سنڌ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

9- مهين شهر ۾ ڪچين سرن جا مڏ ۽ تلها ناهي، انهن مٿان عمارتون اڏڻ، ثابت ٿو ڪري تہ شهرين کي هر وقت سنڌوءَ جي ٻوڏ جو خطرو رهندو هو، تنهن ڪري عمارتن جو پٽيون بہ تلهيون ناهيندا هئا. (تلهين پٽين ناهڻ جو ٻيو سبب، هتان جي گرمي جو پد بہ آهي، اها ڳالهہ شايد غير ملڪي ماهر جي ڌيان ۾ نہ آئي آهي.)

10- هن محقق کي مهين شهر جي هيٺين پاڱي ۾ ڪي اهڙيون جڳهيون بہ ڏسڻ ۾ آيون آهن، جن ۾ پڇاڙيءَ واري دوَر تائين، ڪابہ ردوبدل ڏسڻ ۾ نہ آئي آهي، نڪي انهن گهرن مان ڪي.گهرو استعمال جون شيون مليون آهن. ان ۾ ڪن ٻين سببن ڪري، انهن جڳهين کي، هو صاحب ڌرم يا پرارٿنا جون ڪوٺيون سمجهي ٿو.

11- مهين شهر جو وڏو تلاءُ، بي شمار کوهہ، وهنجڻ جون ڪوٺيون، پڪيون ڍڪيل موريون،ناليون، ڪچري جا گنڊڙا وغيره ثابت ٿا ڪن تہ هن شهر جي ماڻهن کي جسم جي پاڪائي، ڪپڙن جي صفائي ۽ ٻين شين جي سٿرائي ۽ صفائيءَ جو خاص خيال هو. جسم جي پاڪائي، صفائي سٿرائي کي ڪنهن عقيدي جي رسم بہ سڏي سگهجي ٿو.

12- هي محقق ۽ عالم، مهين شهر جي وڏي حوض، کوهن، غسل خانن، ڍڪيل مورين ۽ گندي پاڻيءَ جي نيڪال جي بندوبست کي تمام ڳهٽو ساراهي ٿو. ان وقت جي شهري انتظامي ڍانچي کي وڏو فرض شناس ۽ انسانِ دوست ادارو سڏي ٿو.

13- ساڳئي وقت مهين شهر جي ان وقت جي سنڌي انجنيئرن جي سائنسي ڄاڻ، فن ۽ تجربي کي شاندار لفظن ۾ داد ڏئي ٿو.

14- هي ماهر محقق، مهين جي وڏي تلاءُ، سون جو تعداد ۾ کوهن ۽ پاڻيءَ جي عام جام استعمال کي هڪ جامع محاوري سان سڏي ٿو. "پاڻي 4500 سال اڳي، شان ۽ شوڪت جي علامت" شهرين کي تازو، صاف ۽ ضرورتن ککان وڌيڪ پاڻي ميسر ڪرڻ، گندي پاڻيءَ ۽ ڪچري جو ترت نيڪال، هڪ عظيم ڪارنامو آهي، هي ڄاڻو عالم ۽ محقق انهن خوبين جي تعريف، بي انتها خوشيءَ جي اظهار رستي ڪري ٿو.

15- هن محقق جو چوڻ آهي تہ سنڌو تهذيب، ڪنهن اوچتي حادثي يا واقعي سبب تباهہ نہ ٿي هوندي، ان جي تباهي جا ڪيترا ڪارڻ ٿي سگهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تا. ساڳئي نموني سان، تهذيب جي مرڪزي شهر مهين جي تباهي جا به مختلف سبب ٿي سگهن ٿا. هِتان هُتان لاشن جو ملڻ ان ڳالهه جو قوي ثبوت آهي. هو صاحب لکي ٿو ته:

Scattered finds of human skeletons are symptomatic of the phase before the decaying city was completely abandoned.

سر مارٽيلر ويلر به مهين جي تهذيب ۽ مهين جي شهر جي تباهيءَ جا مختلف سبب ڄاڻايا آهن، جي مختلف وقتن تي مختلف هنڌن تي، مختلف نمونن سان ظاهر ٿيا هوندا.

16- ٻن هزار سالن کان پوءِ، ٻڌمت وارن (ڪشن دور 20-225ع) هن شهر کي وري آباد ڪيو. ٻڌ ڌرم جي پوئلڳن هتي وهار ۽ پانشالائون نهرايون ۽ ٻڌمت جو پرچار ڪيو، پر او دوَر گهڻو وقت جٽاءُ ڪري نه سگهيو.

17- هن محترم محقق، پنهنجي ڪتاب کي هينين جملن سان ختم ڪيو آهي: ”انسان جي ڪوشش ۽ محنتن جو نتيجي ۾ اڏيل مهين جو شهر، دنيا جي تاري ۾ هميشه لاءِ هڪ لاثاني يادگار جي حيثيت سان دائم ۽ قائم رهندو.“

Moen Jo Daro will forever remain a unique monument to the history of human endeavor particularly to that phase during which gregarious man first developed large scale forms of social co-existence as a pre condition for this systematic and intensive exploitation of his given habitat. Ultimately, this development stage led to the emergence of phenomenon City and one of the very first manifestations of this phenomenon was the city of Mohen Jo Daro.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 6.سنڌو سڀيتا جي موجوده کوجنا جو وچور

ڊاڪٽر ايم رفيق مغل /عطا محمد ڀنڀرو

سنڌو سڀيتا جي لاڌ کي پنجاهي سال کن گذري چڪا آهن. ان دوَر کان وٺي اڄ تائين متس گهڻ پاسائين ۽ وشال کوجنا ٿي چڪي آهي ان هوندي به ڏکڻ ايشيا جي هن مهان، شهري ۽ نهايت ترقي يافته سڀيتا کي سمجهڻ ان مان سکڻ ۽ پرائڻ جي ڏس ۾ اجا به گهڻي رت ولوڙ ڪرڻي آهي پنجاهه سالن جي ان عرصي دوران سنڌو ماٿريءَ جي اصلي حدن ۽ ان پرسان هندستان جي ڪن علائقن ۾ کوجنا گهڻو اڳتي وڌي آهي ۽ هن سڀيتا جون ڪي اهم ڳالهيون نڪري نروار ٿيون آهن. اهڙي نئين لاڌ مان مهان جاڻن ۽ سڄاڻ ماڻهن جي هورا کورا وڌي وئي آهي. اهي هاڻي نئين ۽ پراڻي لاڌ بابت پنهنجون تازيون سمجهاڻيون ڏئي رهيا آهن. هن صحتمند بحث مباحثي جي سلسلي ۾ اسان کي اهڙو اختيار آهي ته مذڪوره ڪنهن به نئين نقطہ نظر کي پنهنجو ٻڌائيون يا سيني کي رد ڪري ڇڏيون، پر هڪ ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ ضروري آهي ته ساري دنيا نين دريافتن ۾ گهڻي دلچسپي وٺي رهي آهي ۽ اهڙي چونڊا کونرا ۽ اتساهه نه سنڌو سڀيتا پاڻ اُڀاريو آهي. هي مقالو اڳين کوجنائن تي تنقيدي جائزي وٺڻ جي غرض سان لکيو ويو آهي،جن وسيلي هن مهان سڀيتا جي اُصليت، ڪمال ۽ زوال کي سمجهڻ ۾ وڌي هٿي ملي آهي. ان کان سواءِ هنن کوجنائن ناتي اها به سڌ ملي وڃي ٿي ته عيسي کان اڳ ٽئين ۽ ٻيءَ مهمن ۾ هن سڀيتا جون سنڌوءَ ماٿريءَ اندر ۽ انهيءَ کان گهڻو ڏورانهيون ڪهڙيون جاگرافيائي حدون هونديون هيون

موهن جي دڙي ۽ هڙاپا مان لڌل ثقافتي شيون بلڪل هڪ جهڙيون هيون. اهي ٻئي پراچين وسنديون هڪٻئي کان گهڻو پري آهن، پر اها ابتدائي دريافت نهايت ويچار جوڳي هئي. ان کان جلد ئي پوءِ موهن جي دڙي جي کوٽائي ۽ کوجنا جو هڪ ڊگهو سلسلو شروع ٿيو جيڪو سن 1922ع کان 1931ع تائين هليو! پهريائين اها کوٽائي ۽ کوجنا سرجان مارشل جي سپل هيٺ هئي انکان پوءِ اهو ڪم، اي. جي. ايڇ مئڪي (E.J.H.Mackay) جي سنڀال هيٺ ٿيو هو! شروعاتي دؤر جي هنن کوٽاين ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوجنائن جو سارو سهرو هندستان جي انگريز سرڪار جي تذهوڪي آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا جي سجاڻ ماهرن تي آهي، جن جتن ۽ جاکوڙون ڪري هن پراچين شهر جو وڏو حصو ظاهر ڪري ورتو هو ۽ ان سان گڏ اتان لڏل ڪيترين شين کي جائيتو پڻ ڪيو هو. هن کوٽائي جو خاص مقصد اهو هيو تہ جيئن هن قديم شهر جي اڏاوت جي منصوبي ۽ اتان جي لڌل شين کان گهٽي کان گهٽي وقفيت تي سگهي. انهيءَ لاءِ تہ جيئن کوٽائي ۽ کوجنا ڪندڙ ماهرن کي اهو سارو پس منظر آڏو اچي وڃي تہ هن پراچين سڀيتا جا ماڻهو گهرو استعمال لاءِ ڪهڙيون ڪهڙيون شيون ڪم آڻيندا هئا. هڙاپا جي کوٽائي ۾ اهو ساڳيو مقصد ڪارفرما ڏسڻ ۾ ايندو. هن ماڳ جي کوٽائي سنہ 1921ع کان 1937ع تائين هلي هئي. ان کوٽائي جا نگران ڊاڪٽرساهني، ايم.ايس. وٽس (M.S.Vats) ۽ ڪي. اين شاستري (K.N.Shastri) رهيا هئا. هنن سجاڻ عالمن مذڪوره پراڻي شهر جي اڏاوت جي رٿا بندي معلوم ڪئي، جنهن ۾ هڪ آخري جاءِ پناهہ جي پڻ تعمير ٿيل هئي. تڏهن ٿرڙ جي ڏسڻ سان موهن جي دڙي واري شهر جو منصوبو ياد اچي ٿي ويو. ان دوّر جي کوٽائي ڪندڙ ماهرن ان ماڳ جيڪن جاين جي اهم حصن ۾ تهہ سان لاڳاپيل ڪن اهڙين شيس کي اڻ پورو ڇڏي ڏنو آهي.جن جو واسطو ماڻهن جي پڳهر جي پورهئي سان هو. جنهن ۾ شهر جي اوسر جي ڄاڻ پوڻ جو امڪان هو. سنہ 1946ع ۾ سر مارٽيمر ويلر هراپا جي وڏيڪ کوٽائي ڪري هڪ ويڪري ڪوٽ جو پتو لڳائي سنڌو سڀيتا جي بچاءَ واري پهلوءَ کان پڻ روشناس ڪرايو هو. ڪيس شڪ هو تہ اهڙو ڪوٽ موهن جي دڙي واري شهر جي چوڌاري بہ ضرور هوندو.تنهن ڪري هن سنہ 1950ع ۾ پاڪستاني ماهرن سان گڏ موهن جي دڙي جي بہ کوٽائي ڪرائي هئي. جڏهن کوٽائي ڪندي اهڙي ڪوٽ جي دري جي مٿاڇري تائين پهتا تہ هيٺيان جر جو پاڻي نڪري پيو ان پاڻيءَ جي سطح تمام گهڻو مٿي هئي تنهن ڪري هيٺين قديم دؤر جي وسعتن جي ضروري معلومات ملي ڪانہ سهي. انهيءَ کوٽائي دوران سنہ 1964ع ۾ ڊاڪٽر جارج ايف. ڊيلس (Dr.GeorgeF.Dales) واري ماڳ تي مشين جي مدد سان جرَ ۾ هيٺ سوراخ ڪيو پوءِ ان مٿاڇري کان 39 فوٽ هيٺ هڪ وسنديءَ جا اهڃاڻ مليا، جنهن مٿان 35-40 فوٽ اتاهوں دڙو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موجود هو. هنن ڳالهين مان ويساهه ٿئي ٿو تہ اڄ تائين موهن جي دڙي جي کوٽائي مان جيڪي باقيات هٿ آيون آهن، سي هن ماڳ جي اوسر جي تاريخ جو اڌ بہ ڪونہ آهن. هن کان سواءِ بدقسمتيءَ جي ڳالهہ هيءَ بہ آهي تہ جرَ جو پاڻي هوريان هوريان مٿي چڙهي رهيو آهي، تنهن ڪري موهن جي دڙي جي اصلي وسعتن بابت ٿيندڙ کوجنائون مونجهارن جو شڪار ٿي ويون آهن.

جڏهن موهن جي دڙي ۽ هڙاپا جي وسيع پيماني تي کوٽائي ۽ کوجنا هلي رهي هئي تہ اين. جي. مجمدار اهڙن ڪيترن ٿرڙن ۽ ٽاڪن جي ڳولا ۽ کوجنا ڪئي هئي جن مان موهن جي دڙي جا سهيوڳي ۽ ڪي تہ انهيءَ کان بہ پراچين هئا سندس اها کوجنا سنڌوءَ جي الهنديءَ ڪنڌار سان سہ 1927ع کان 1931ع تائين هلي. ان کانپوءِ سنہ 1942ع ۾ سر آرل اسٽين بہ سنڌو سڀيتا جي اهڙن پراچين ٽا ڪن ۽ ٿرڙن جيْ ڳولا لاءِ کوجنا ڪئي، جيڪي ڪيس وچ سنڌو ماٿري ۾، بهاولپور واري علائقي اندر ۽ گهگهر هاڪڙي درياه جي ڪنڌار سان ڏسڻ ۾ آيا هئا. سنڌو سڀيتا جا سن 1947ع تائين دريافت ٿيل ماڳ تمام ٿورا هئا. ڪن مشهور ۽ معروف ٿرڙن سان گڏ ٻيا ننڍا وڏا کنڊر فقط پاڪستان ۾ لڌا هئا. گهٽيءَ جاکوڙ ۽ جتن کان پوءِ راجستان ۽ گجرات مان ڪي ماڳ دريافت ڪيا ويا، جيڪي موهن جي دڙي ۽ هڙاپا جا سهيوڳي هئا. ڪي وري ان دور کان ٿورو پوئيرو جا هئا هنن مان ٿي ماڳ جهڙوڪ ڪاليبنگن، لوٿل ۽ رنگپور نهايت اهم آهن. جن جي باترتيب کوٽائي ۽ کوجنا ڏهاڪو کن سال اڳ ٿي آهي. هاڻي تازو 1972ع ۾ پاڪستان جي قديم آثارن جي هڪ ماهر محمد شريف سنڌو - سڀيتا جي هڪ وسندي (نمبر 54) ڳولي لڌي آهي. هن ٿرڙ جو نالو ڳاڙهو پڙو آهي. جيڪو سنڌ جي ڏکڻ اوپر واري علائقي ۾ واقع آهي. سنڌو سڀيتا جي ماڻهن، هي قديم شهر، اُن رستي جي ڪنڌيءَ سان اڏيو هو. جنهن سان ڪڇ (گجرات) ۽ سوراشٽريہ ڏانهن سنڌن آمدورفت جاري رهندي هئي. هاڻي سنڌو سڀيتا جو هيءَ جوءِ سليمان جبل جي اوڀارينءَ وِٽ سان آهي. جيڪا ڊاڪٽر اي. ايچ داني ڳولي لڌي آهي. هن علائقي ۾ تاريخ کان اڳ واري دؤر جا ٿہ، ماڳ آهن، جن مان گوملا ۽ رحمان ڍيري وڏيڪ اهم آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌو سڀيتا جي وسندين جي خاص طرز تعمير ڏانهن اجان تائين ڪنهن ڌيان ڪونہ ڏنو آهي. سنڌو سڀيتا جي مختلف ماڳن تي جيڪڏهن نظر وجهبي تہ معلوم ٿيندو تہ هيءَ مهان سڀيتا سنڌوءَ ۽ گهگهر _ هاڪڙي درياهن واري وسيع ماٿري ۽ عربي سمنڊ جي ڪنارن واري علائقن تائين پکڙيل هوندي هئي. اهو بہ پڻ نظر اچي ٿو تہ هن سڀيتا جو اثر بلوچستان وارن جابلو علائقن تائين اندر گهڻ رهيو آهي. اهڙن ڪن مشهور معروف ماڳن کان سواءِ هن مقالي جي منصف بہ سن 1972ع ۾ ڪيترن پراچين ٿرڙن جي دريافت پڻ ڪئي آهي، جيڪي گهٽو ڪري خشڪيءَ وارن رستن ۽ لڪن جي پرسان ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جهڙوڪ نئہ مولا پرسان پناٽي دمب، بولان لڪ پرسان گودري ٿرڙ ۽ لورالائي واري ماٿريءَ ۾ دابڙ ڪوٽ ۽ ڪونري وارا ماڳ ويندي اهي سيئي ٿاڪ ڏکڻ افغانستان ڏانهن ويندڙ رستي جي ڪنڌيءَ سان وسندڙ ڏسبا. بلوچستان جي زوب ماٿريءَ ۾ پيريانو گهنڊائي نالي پڻ پراڻو ٿرڙ آهي. اهڙين شاهدين ۽ ثابتين مان محسوس ٿئي ٿو تہ سنڌو سڀيتا دنيا جي هر ڄاتل سڃاتل قديم تهذيب کان تمام گهڻي وسيع علائقي تي پکڙيل ڏسجي ٿي. هيءَ ثقافت افغانستان جي دنگ ۽ اتر بلوچستان جي پيريانو گهنڊائي وٽان شروع ٿئي ٿي ۽ مڪران جي ساموندي ڪناري واري ماڳ سٽڪيگان _ دور وٽ پهچي ٿي، جيڪو ايران جي سرحد پرسان هڪ ٿاڪ آهي. اتان کان اوپر طرف ۽ ڏکڻ - اوپر ڍهلي وڃي ٿي. اهڙيءَ ريت سارو مڪران، اصلي سنڌو ماٿري ۽ گجرات وارو سارو علائقو هن ثقافت جي دائره اثر ۾ اچي وڃي ٿو. ٻئي پاسي کان پنجاب ۽ گهگهر - هاڪڙي درياهہ سان آباد ٿيندڙ علائقا بہ سنڌو- سڀيتا جي حدن ۾ شامل آهن. هن تهذيب سان لاڳاپيل ڪي ماڳ دهليءَ پرسان بہ آهن، جيڪي گنگا جمنا دو آبي وارن علائقن ۾ موجود آهن. ايتري وسيع ايراضيءَ ۾ هن ثقافت جا فقط اٺ ماڳ تہ ڪونہ هوندا (جن لاءِ پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ اهي سنڌو - سڀيتا جا ماڳ آهن ). اها پڻ دعويٰ ڪئي وڃي ٿي تہ اوپر پنجاب ۽ دو آبي ۾ سهرپور (Saharpur) پرسان اهڙا ٻيا بہ ستاويهہ ماڳ لڌا ويا آهن، جن جو ويجهو تعلق هن سڀيتا سان آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوئين دؤر ۾ هندستان ۾ اولهه جي قديم آثارن جي ماهرن نالي جي تبديليءَ لاءِ زور رکيو ته هن تذيب کي سنڌو - سيپيتا بدران هڙاپا ثقافت سڏيو وڃي. پويون نالو سنڌو - سيپيتا جي هڪ ترڙ جو نالو آهي، جتان هيءَ سيپيتا پهريائين دريافت تي هئي، ۽ مجتا ماڻي چڪي هئي. هندستان جي حد اندر هن سيپيتا جي اهڙن ماڳن جا اهڃاڻ مليا آهن، جيڪي گنگا - جمنا دو آبي جي اُلهندي اهڙي وسيع علاقي ۾ موجود آهن، جنهن کي ڪڏهن سنڌو ۽ ان جون پراڻيون ۽ نيون پرتي ڪنڌڙ گهگهر- هاڪڙو شاخون آباد ڪنديون هيون. ڪڇ جو رڻ به سنڌوءَ جو چوڙ وارو علائقو آهي ۽ سمنڊ ۾ پوندڙ هن درياهه جي لٽ وسيلي وجود ۾ آيو آهي، قديم آثار جي شاهدين ڪانسواءِ بيون وڏيڪ سگهاريون جاگرافيائي ثابتيون آهن. جن جي آڌار تي پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته هن سيتيا کي هڙاپا جي ثقافت سڏڻ ڪونه ٿو سونهين ۽ وڌيڪ صحيح نالو سنڌو _ سيپيتا لڳي ٿو ۽ ان ئي نالي سان قائم رکڻ وڌيڪ مناسب آهي. هن سيپيتا جي نالي وٺڻ سان هڙاپا تهذيب جي نئين ارتقا وارو نانءُ به اچي وڃي ٿو، جيڪو هن وسيع سنڌو-سيپيتا ۾ فقط ترڙ جو نالو آهي. هيءَ سيپيتا سنڌو ماتري ڪان نڪري ڪيترن ڏورانهن ڏيهن تائين وڃي پهتي آهي ۽ اها اچرج جهڙي ڳالهه به ڪانه آهي، چاڪاڻ ته اسان ڏسون ٿا ميسوپٽيما جي ثقافت ڏکڻ - اولهه ايران جي خزستان (Khuzestan) ، سعودي عرب ۽ عربي سمنڊ جي ايراني نار وارن علائقن تائين پکڙيل ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

هن سيپيتا جي قديم ماڳن تي نظر وجهڻ سان هڪدم اهو خيال اچي وڃي ٿو ته ڪنهن زماني ۾ هتي 'سنڌو- شهنشاهت' قائم هوندي، جيڪا موجوده پاڪستان ۽ هندستان جي اولهه وارن علائقن تي مشتمل هوندي، پر جيستائين ائين اها ڳالهه ثابت نه ٿي ٿئي ته مذڪوره ماڳ هن سيپيتا جا سهيوڳي آهن ۽ بلڪه هڪ دؤر ۾ موجوده هئا تيستائين ائين سوچڻ صحيح ڪونه ٿيندو. سنڌو- سيپيتا سان واڳيل اهڙن ڪيترن ماڳن جي کوٽائي ۽ کوجنا تي چڪي آهي ۽ ريڊيو ڪارين پرک وسيلي پتو پيو آهي ته ڪڇ، سوراشٽر ۾ گنگا _ جمنا جي دوابي جا گهڻا ڳاڪ اهڙا به آهن، جن کي سنڌ جي ماڻهن ڪنهن پوئين دؤر ۾ اچي آباد ڪيو آهي. اچا تائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ اهو پتو پئجي ڪونہ سگهيو آهي تہ ڪهڙن سببن ڪان مجبور ٿي سنڌ جي ماٺهن موهن جي دڙي واري شهر، هڙاپا ۽ ڪاليبينگن ڪي ڇڏي انهن علائقن ڏانهن لڏ پلاڻ ڪئي هئي.

ڪيترن سالن جي ڪوٽائي ۽ کوجنائن وسيلي سنڌو- سيپيتا جي جيڪا تصوير اسان جي آڏو آئي آهي، تنهن مان وسهجي ٿو تہ سنڌو سماج نهايت منظم ۽ متحد هئو. اقتصادي طور ريان ڪيان ۾ سکي ستابي هئي، جبڪا پورهيتن ۾ ڪاريگرن کي سبي اجوري سان ڪتب آڻيندي هئي. ونن ڏيساوري واپار ڪرڻ جا وسلا هئا ۽ مال وسيلي مال جي ڏيتي ليتي بہ ڪندا هئا. هن معاشري ۾ هڪ سگهارو سماجي تاني پيٽو هو سنڌو- سيپيتا واري ايراضيءَ ۾ سماجي، سياسي ۽ مذهبي نوعيت وارا ادارا قائم هئا.اهڙيون شاهديون اسان کي، رٿا بنديءَ سان اڏايل شهرن، سرڪاري عمارتن، وڏن قلعن، اناج جي وڏن گودامن ۽ تجارتي مقصد سان هڪ جهڙي معياري پيداواري عمل مان ملي وجن ٿيون. ڪن ماڳن جي کوجنائن مان هن سيپيتا جي انتهائي عروج جو پتو پئجي ٿو. هن قسم جي فضا، سنڌو- سيپيتا جي اصليت بابت ڪن سوالن ني، بحث نہ اٿاريا آهن.

## اصليت جي سوال يا سنڌو سيپيتا جي شروعات بابت ۾ نظريا آهن

(الف) هن سيپيتا ڪنهن اهڙي قديم تهذيب تان استفادو ڪيو آهي، جيڪا دؤر جي لحاظ کان هن جي عروج تي پهچڻ واري عهد کان گهٽو اڳ موجود هئي اهڙيءَ ريت پنهنجي تعمير- نو کان پوءِ اوج ۾ انتها تي پهتي، جنهن کي هاڻي سنڌو- سيپيتا سڏيو وڃي ٿو.

(ب) تعمير- نو جو سلسلو جنهن وسيلي هيءَ سيپيتا پنهنجو پاڻ شهري ثقافت جو روپ اختيارڪري وئي. هن مسئلي جي حل لاءِ ڪنهن مناسب معلومات جي کوٽ آهي، تنهن ڪري عام خيال اهو هوندو هو تہ شهري تهذيب جو تصور اولهہ (ميسو پوٽاميا) کان هتي پهتو. جاڪاڻ تہ سنڌ کان پهريان شهري زندگي جو شروعات اتي ٿي هئي. پراُتان کان ماڻهو لڏي سنڌ ڪونہ آيا هئا. اهو تصور هن حقيقي شاهديءَ جي آڏار تي بيهاريو ويو هو تہ سنڌو- سيپيتا واري شهري زندگي کان اڳ واري سنڌو - ثقافت جو تعلق گذريل پندرهن سالن جي ڪوٽاين ۾ کوجنائن مان اُهڙي جاڻ ملي آهي، جو انهن کان اڳين قائم ڪيل تصورن ۾ نظرين کي تبديل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرٽو پيو تہ ڏکڻ ايشيا واري شهري ثقافت جو تصور ڪنهن بہ ئي هنڌان هتي پهتو آهي.

سن 1946ع واريءَ کوٽائيءَ ۾ کوجنا دوران 191 اهڙيون نڪريون هٿ لڳيون آهن، جيڪي هڙاپا جي قلعي جي پٽ واري تهہ ۾ ان پٽ ۾ ٻين ڍنل جڳهن جي پنجهوءَ هيٺان هٿ لڳيون آهن. انهن مان 35 نڪريون اهڙن تهن مان لڌيون آهن،جنکي 26 ۾ A-26 جو نمبر ڏنو ويو آهي ۾ قلعي واري پٽ جي بنيادن هيٺان مليون آهن. ان تهہ واري وسندي جي ماڻهن جي ثقافت بلڪل نياري هئي ڊاڪٽر ايف. اي. خان اهڙي نياري ثقافت جي هڪ جدا نموني سان سڃاڻ ڪرائي آهي. جنهن سنہ 1955ع کان 1957ع تائين ڪوٽ ڏيجي جي قديم آثارن جي بہ پڻ کوٽائي ڪرائي هئي. هي قديم ماڳ هڪ قلعبند وسندي هئي، جيڪا سنڌوءَ جي ڪاٻي ڪنار سان ۾ موهن جي دڙي واري شهر جي سامهون هئي. هن دڙي هيٺان هڪ وسنديءَ جا نشان هئا،جيڪا دڙي واري شهر جي مٿاڇري کان 16فوٽ هيٺ هئي جتان نڪر جا گهٽا ٽانو هٿ لڳا، جن جو گهاڙ هو بهو انهن ٽانون جهڙو هو، جيڪي هڙاپا جي قلعي واري پٽ جي پنجهوءَ هيٺان لڌا ويا هئا ۾ هي هڙاپا جي ان تهذيب جي اوج جو زمانو هو. (1)

ڪوٽ ڏيجي مان لڌل ڪن ٽانون جو گهاڙيٽو هڙاپا مان لڌل نڪر جي ٽانون کان گهٽو نرالو آهي. جن تي مڇي- ڇلر ۾ عجيب طرز جي گول دائري جهڙا چٽ آهن. هتان ٻيون بہ ڪي شيون لڌيون ويون آهن، جيڪي هڙاپا ۾ نظر ڪونہ آيون آهن، جهڙوڪ مٽيءَ جون پڪل راندڪاڏيون، ڦيٽا ۾ باس يا مڇتا واريون ٽڪنديون ٽڪليون وغيره. اهي شيون ڪوٽ ڏيجي واري ماڳ جي وچين تهہ مان لڌيون آهن جيڪي هڙاپا تهذيب جي عروج واري دور سان تعلق رکن ٿيون. هن قديم ماڳ جي قلعي واري ٿرڙ جي مٿئين ۾ هيٺئين تهہ تان لڌل نڪرجي ٽانون جي قدامت جو ريڊيو ڪاربن وسيلي اندازو لڳايو ويو. پتو پيو تہ هڪ 2605-145 ق.م ۾ ٻيو 2090-140 ق.م پراڻو هو. جڏهن وري 5730 جي اڌ وارو حساب ڪري MASCA وارن جزن ڪي منجهن جوڙ ڏنو ويو تہ حساب 3155 ۾ 2990 ق.م وڃي بيٺو هو. قلعي جي پٽ کان ٻاهرين وسندي، دؤر جي لحاظ کان قلعي اندر، وچين تهہ واري وسنديءَ سان ساڳيائپ رکي ٿي. جنکي ريڊيون ڪاربن ذريعي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرکيو ويو تہ C-14 دور مليا، جن مان هڪ 2335-155 ق.م ۽ ٻيو 2255-140 ق.م هو. جڏهن منجهن MASCA جزن کي جوڙ ڏنو ويو تہ هڪ 2995 ۽ ٻيو 2905 ق.م وڃي بيٺو. هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ قدامت جي لحاظ کان پهرين ڪوٽ ڏيجيءَ جو دؤر آهي ۽ ان کان پوءِ هڙاپا جو دؤر شروع ٿئي ٿو. ڪن عالمن جو خيال آهي تہ سنڌو- سيپتا 2371 ق.م ڌاران پنهنجي انتهائي اوج تي هئي. انهيءَ زماني ۾ اڪد جي سارگان Sargan جو راڄ هو. موهن جي دڙي جي صفا مٿئين تهہ C-14 مطابق ست دؤر نظر اچن ٿا، جيڪي 2083-66 ۽ 1760-115 ق.م بيهندو.

موهن جي دڙي جي صفائي هيٺئين قديم تهہ تان مليل مفيد معلومات کي جوڳي مڃتا ملي ڪانہ سگهي آهي. هيءَ حقيقت پڻ ياد رکڻ گهرجي تہ سنہ 1932ع ۾ هن ماڳ جي اي.جي. ايچ مئڪي کوٽائي ڪرائي هئي. هن DK ايراضيءَ جي حصي G ، گهرIII جي ڪمري 76 جي ٿوري حصي تي 14x18فوٽ هيٺ کوٽائي ڪرائي جيڪا تصور ڪيل اهم نقطي Arbitrary datum کان 42 فوٽ هيٺ هئي. مئڪي مطابق اهو قديم دؤر 28 فوٽ کان وٺي شروع ٿيو هو، ڪيس 8. 31کان 42 فوٽ جي وچ واري حصي مان کي نڪرايون مليون هيون، جي هڙاپا مان لڌل نڪر جي ٿانو کان بلڪل مختلف هيون، اهي گهٽو ٺٺو ڪوئيٽا ماٿري ڏمب سادت (Dumb Sadat) جي تهہ I ۽ II تان لڌل نڪر جي ٿانو جهڙيون هيون، جيڪي پاٽيءَ وارن ٿانون سان لاڳاپيل آهن، اهڙن ٿانون جون نڪريون اتر ۽ وچ بلوچستان جي ڪن ماڳن تان بہ مليون آهن. دمب سادت جو تهہ I ۽ II 2510-70 کان 2200-76 ق.م سان لاڳاپيل نظر اچي ٿو. جيڪو MASCA موجب 3060ق.م ۽ 2700 ق.م بيهي ٿو. اهم ڳالهہ اها آهي تہ موهن جي دڙي جي قديم تهہ تان پاٽيءَ سان لاڳاپيل اهي ٿانو مليا آهن، جن جهڙا ڪوٽ ڏيجي ۽ دمب سادت جي تهہ I ۽ II تان پڻ مليا آهن. موهن جي دڙي جي انهيءَ تهہ تان لڌل پاٽي وارن نڪر جي ٿانون سان گڏ پون پٿر Steatite جا ڪوريل ٿانو بہ لڌا هئا، جيڪي شڪل صورت ۾ مذڪوره نڪرن جي ٿانون جهڙا هئا.

پون پٿر جا ساڳئي گهاڙ جا ڪوريل ٿانو ايران ۽ ميسوپوٽاميا جي ڪيترن ئي قديم ماڳن تان پڻ لڌا ويا آهن. ليزلي الڪاڪ (Leslie



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مرڪزي ماڳ جليل پور (هن مقالي جي مصنف 1971) ۾ کڄ جي رڻ ۾ سرڪو ٿادا (جي.پي. جوشي 1971- 1972) جي جزوي ۾ مڪمل کوٽائي ٿي چڪي آهي.

هڙاپا جي لاڏ جو اشارو مٿي ڏنو ويو آهي. هنن ماڳن جي پنوتريءَ ۾ آمريٽرڙ جو بہ واڌارو ڪيو ويندو، جيڪي سنڌ جي ڏکڻ- اولهہ ۾ سنڌوءَ جي ڪابيءَ ڪنثار سان واقع آهي. هي پراچين ماڳ گهٽي وقت کان وٺي ٻن رنگن واري ٿانو ڪري گهڻو مشهور ۾ معروف آهي. هن ٿرڙ جي کوٽائي ۾ کوجنا جي.ايم. ڪاسل (1958ع کان 1961ع) لاڳيتو چار سال ڪئي هئي. ڪيس آمريءَ جا هڪ ٻئي مٿان چار تهہ ڏسڻ ۾ آيا، جيڪي هڙاپا دور واري وسنديءَ کان بہ هيٺيان هئا. هن ماڳ جي اڳ وارن دورن جي ريڊيو ڪاربان وسيلي پرک ڪئي ويئي تہ پتو پيو تہ اهي 2670 - 113 ۾ 2900- 113 ق.م هئا. انهن ۾ جڏهن MASCA وارا جزا جوڙ ڪيا ويا تہ اهي ڏارا 3320 ۾ 3600 ق.م جيترا پراچين ڏسڻ ۾ آيا. ڪوٽ ڏيجي دور جا چڪ، تي ناهيل ٿانو بہ آمري جي هيٺين قديم تهن تي ڏسڻ ۾ آيا، جتي هٿ جي گهاڙ وارن ٿانون جي گهڻائي نظر اچي رهي هئي. اهڙيءَ حقيقت جي معلوم ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ ڳالهہ تي ويچارڻو پوندو تہ ريڊيو ڪاربان وسيلي ڪوٽ ڏيجي جو دور 2605 +145 ق.م آهي، جيڪو MASCA جزن جي جوڙ ڏيڻ سان 3155 ق.م بيهي ٿو.هي دور آمري واري قديم دؤر کان گهٽ پراڻو بيهي ٿو، جيڪا غور طلب حقيقت آهي. چاڪاڻ تہ ڪوٽ ڏيجي 3155ق.م جو ٿانو آمري جي 3600 ق.م واري دور جي تهہ تان مليو آهي. انومان اهو آهي تہ ڪوٽ ڏيجي واري وسندي چوٿين صدي ق.م جي پڇاڙيءَ ڏاران اڏجڻ شروع ٿي هوندي. هن جو سهيوڳي ڪاليبئنگن اُهي، جنهن جو هيٺيون تهہ هڙاپا جي سڌريل دور واري تهہ کان هيٺيان آهي. ان هيٺئين تهہ تان لڌل ٿانو هڙاپا واري قلعي جي پٽين جي پيڙهين هيٺيان نظر ايندڙ تهہ جي ٿانون سان پيٽائي سگهجن ٿا، جيڪي ڪوٽ ڏيجي جي ٿانون سان هڪ جهڙائي رکن ٿا. انهن سان گڏ سوٿي (Sothi) ٿانو بہ ڏسڻ ۾ آيو، جنهن جو نڪر ڳاڙهو ۾ مٿس اڇي ۾ ڪاري رنگ جو چٽ هو. 14-C جي پرک مطابق سوٺيُ ٿانو وارو مٿاچو ۾ ڪاليبئنگن واري تهہ I تي اٺ مختلف دؤر ڏسڻ ۾ آيا، جيڪي 2370+115 ۾ 1925+10 جي وچ تي هئا. انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي ترتيب سان بيھارڻ ڪان پوءِ 2920 ۽ 2125 ق.م دور مليو، جيڪو اچرج جي حد تائين گھڻ قديم دور آھي گوملا ماتريءَ جي پراچين ترڙ گوملا جي تھہ IIءِ III تان بہ ڪوٽ ڏيجي وارا ٿانو ھٿ لڳا آھن، جيڪي ھڙاپا جي سڌريل دؤر واري تھہ کان ھيٺيان ھئا. ھنن تھن جا 14-C مطابق دور 2248 + 74 يا 2798 ق.م آھي. ھن حقيقت ڏانھن ڌيان ڏيڻ ضروري آھي تہ ڪي شيون جيڪي ھڙاپا جي سڌريل دؤر سان گڏ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، سي ھڙاپا کان قديم دورن وارن تھن تي موجود آھن. ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو تہ قديم دؤر وارا ماڻھو جڏھن ترقي ڪري وڏيڪ سڌريل ھڙاپا دؤر ۾ داخل ٿيا تہ قديم دؤر واريون مذڪوره شيون ڇڏي ڪونہ ڏنيون ھئائون. ائين بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ ڪاليبنگن ھڙاپا، گوملا، ڪوٽ ڏيجي ۽ آمري جي ڦٽي وڃڻ ڪان پوءِ ماڻھن انھن کي وري بہ آباد ڪيو آھي ۽ اھڙيون نيون وسنديون ھڙاپا جي سڌريل دؤر سان تعلق رکن ٿيون، پر جليل پور ۽ سراءِ خولا اھڙا ماڳ آھن، جيڪي ڦٽي وڃڻ ڪان پوءِ ٻيھر آباد ٿي ڪونہ سگھيا. ان کان سواءِ اھو بہ ڏٺو ويو آھي تہ ڪن قديم ماڳن جي نڪر جي ٿانون ۽ ٻين شين ۾ علائقائي ڍنگ ۽ ڍَبُ آھي. پر ڪوٽ ڏيجي دؤر جي وسندين ۾ نڪر جي ٿانو جي گھاڙ، وڙ ۽ ورن جي ھڪ جھڙي ورجيس آھي، جيڪا عظيم سنڌو- ماتريءَ ۾ چوڏس پکڙيل ڏسجي ٿي. اھڙيون ھڪ جھڙايون فقط نڪر جي ٿانون ۾ ڪونہ ٿيون ڏسجن. ان دؤر ۾ ڪوٽ ڏيجي، ڪاليبنگن ۽ سنڌ جي ڏکڻ - اولھہ ۾ آمري جي دور سان لاڳاپيل ترڙن، ڪوھتراس، بني ۽ پوڪران (پوکڻ ) ۾ قلعن جون پڻ اڏاوتون ڏسجن ٿيون. معلوم ٿئي ٿو تہ انھيءَ دؤر ۾ معاشرتي، اقتصادي ڦير گھير اچي چڪي ھئي. گھرو اڏاوتن مان بہ ھڪ جاءِ تي مستقل رھڻ جو ڏس پتو ملي ٿو. اھو بہ پتو پوي ٿو تہ ماڻھو ھڪ وڏيءَ جاءِ ۾ گڏجي رھندا ھئا. ان کان پوءِ اھڙي ڦير گھير ڏسجي ٿي جو ھڪ گھر ۾ مختلف ڪمرن جي تعمير آھي ان کان پوءِ ھڪ طريقو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، يعني وسنديءَ جو ھڪ تھہ جيڪو نڪر جي ٿانون جي ھڪ جھڙائيءَ مان بہ محسوس ڪري سگھجي ٿو. اھي ٿانو ھڪ وسيع ايراضيءَ تي پکڙيل نظر ايندا. ان کان سواءِ مذڪوره تھہ جي لاڏ ۾ ڏاند جي موجودگي، مٽيءَ جون پڪل مورتيون، مٽيءَ جون پڪل راند ڳاڏيون ۽ ڦيٿا وغيره شامل ڪريُ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهجن ٿا. هنن ڳالهين مان وسهڻ جوڳو هڪ انومان ملي ٿو تہ انهيءَ دؤر ۾ بار ڍوئڻ جا وسيلا ايجاد ٿي چڪا هئا ۽ سنڌو- سپيتا جي مختلف وسندين جو وچ ۾ ڏيتي ليتي جا ناتا واسطا قائم هئا. پانڌي واهي، سراءِ خولا ۽ جليل پور جي ٽرڙن مان لڌل شين وسيلي بہ هڪ انومان قائم ڪري سگهجي ٿو تہ انهي زماني ۾ ڊگهي پنڌ واري آمدورفت جاري ٿي چڪي هئي‌چاڪاڻ تہ ان دؤر واري تهہ تان اسان کي لاجورد پٿر (Lapis Lazuli) مليو آهي، جيڪو اتر افغانستان جي بدخشانِ ماڳ تان لڌو ويو هو. اهڙيءَ ريت سنڌو- سپيتاجي وڏن شهرن جي ابري اچڻ کان اڳ هڙاپا تهذيب جي ننڍن وڏن شهرن جو هڪ چار وڇايل هو ۽ جن جي اڏاوت جي هڪ يڪسان، مستقل ۽ معياري طرز هئي. هنن حقيتن مان اهو بہ پڌرو ٿئي ٿو ڏسڻ ۾ايندو تہ ٽئين سهس ق.م جي منڍ ۾ هڪ شهري ثقافت سر جي ۽ اُسري چڪي هئي. هن وقت تائين پراچين ٽرڙ جون کوجنائون گهٽيون کونہ ٿيون آهن تنهن ڪري پڪ سان چئي ڪونہ ٿو سگهجي تہ ان جي قديم اصلي شڪل صورت ڪهڙي هئي. ٽين سهس ق.م واري هن هڙاپا سماج ۾ بن ڳالهين جي ڪوٺ ڏسڻ ۾ اچي ٿي: (1) کي وڏا شهر موجود ڪونہ هئا (2) مهر سازي، بت تراشيءَ ۽ ڌاتن جي شين ٺاهڻ جو وڏي پيماني تي ڏنڌو ڪونہ هو.

ٽين سهس ق.م واريون سنڌو- سپيتا جون پراچين وسنديون انهن علائقن ۾ اچن ٿيون جتي سنڌو ماتري وارن درياهن جو پاڻي پهچي سگهندو هو يا وري جتي مستقل نموني واريون ڍنڍون ڍوريون يا پاڻي جا بيا وسيلا هوندا هئا ۽ سپيتائي وايومنڊل سمجهائيتو هوندو. پيٽ گذر لاءِ پوکي راهي ۽ پليون زمينون بہ عام جام هونديون. هاڻي هتي هڪ سوال پيدا ٿئي ٿو تہ ڇا بلوچستان ۽ ان کان پار وارن علائقن کان کي ماڻهو لڏ پلاڻ ڪري اچي هتي آباد ٿيا هوندا، جن پڻ سنڌو- سپيتا جي اوسر ۽ ترقيءَ واسطي پنهنجو ڪردار ادا ڪيو هوندو جيتري قدر اولهہ کان ماڻهن جي اچڻ ۽ سنڌو سپيتا کي سرجڻ ۽ اوسر ڏيڻ واري تصور جو تعلق آهي تہ هن باري ۾ سي. سي. لئمبرگ ۽ ڪارلو وسڪي جو خيال آهي تہ سنڌو ماتريءَ يا بين علائقن ۾ شهري ثقافت، مختلف علائقن جي ماڻهن وچ ۾ باهمي رابطي جو سلسلو آهي، جيڪو تجارتي يا مال بدلي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مال جي ڏيتي ليتي سان واڳيل رهيو آهي. سنڌو سيپيتا جي اوسر جي منڍ واري مرحلي ۾ تہ ائين سمجهي سگهجي ٿو. اهڙي قسم جا اهڃاڻ هنن ڳالهين مان بہ ملن ٿا تہ لاجورد پٿر تمام ڏورانهن ملڪن کان ايندو هو ۽ اهڙي تجارت قائم بہ ٿي چڪي هئي. ان کان سواءِ سماجي جوڙجڪ ۾ بہ اسان کي هڪ قسم جي ڦير گهر ڏسڻ ۾ اچي ٿي. پر اسان کي هن سڌريل شهري ثقافت جي اوسر ۽ ارتقا جي ڏس ۾ اجان بہ وڏيڪ قديم آثارن جي کوٽاين، کوجنائن ۽ لاڳاپيل وايو منڊل جي اپياس جي لوڙ آهي. اسان کي ملندڙ موجوده شاهديون ۽ آگاهيون اهڙيون آهن، جن مان هڙاپا يا سنڌو- سيپيتا جي قديم ماڳن ۾ هڪ حقيقي اسريل ۽ سڌريل سيپيتا ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جن ۾ واهپي جون شيون بہ وڏي ڪاريگريءَ سان نهيل نظر اچن ٿيون. اهڙي هڪدم ڦير گهير سنڌو- سيپيتا جي قديم سياسي تبديلي جي ڪري تہ ڪانہ ٿي آهي؟ جيڪڏهن حقيقت ائين آهي تہ اهڙيءَ وڏي ڦير گهير جا ڪارڻ ڪهڙا هئا؟ موجوده دؤر ۾ اسان وٽ ڪي اهڙيون پڪيون شاهديون بہ ڪونہ آهن جو اسان هن قسم جي گنڀير سوالن جون وراڻيون ڏيئي سگهون.

جتي اسان کي قديم آثار جا ماهر ڪن اهم سوالن جون ويساهہ وسهڻ جوڳيون وراڻيون ڪونہ ڏيندا آهن تہ اُتي طبيعيات ۽ فطرت جا سائنسدان پنهنجن خاص تجربن، پنهنجي ڄاڻ ۽ سمجهہ جي آڌار تي گهربل وراڻيون ڏيندا آهن اهڙا ڏاها ۽ ڏات ڌڻي يا تہ قديم آثار جي ماهرن سان گڏ ڪم ڪندا آهن يا وري اڪيلي سر پنهنجي اهڙي ڌن ۾ لڳل هوندا آهن تہ نهايتِ پراچين اوسٽا ۾ سنڌو- سيپيتا ماتريءَ جي آب هوا طبعي ماحول ڪهڙو هو ۽ هن سيپيتا جي زوال جا ڪهڙا ظاهري ڪارڻ هئا ۽ ان جي سرجڻ، اوسر، ڪمال تي پهچڻ ۽ زوال پذير ٿيڻ جو ڪيترو زمانو هو؟

جيتري قدر طبعي ماحول جو تعلق آهي تہ انهي پراچين اوسٽا ۾ سنڌو- ماتريءَ جي پلر جي اپر پالوٽ ٿيندي هئي. انهيءَ جي ثابتي اها آهي تہ جڳهن اوسارڻ ۾ پڪيون سرون ڪتب آنديون ويون هيون ۽ شهرن مان پاڻيءَ جي نيڪال جو جوڳو بندوبست هوندو هو. سرن جي ايڏي وڏي انگ کي پچائڻ واسطي اڻ مئي ڪاٺ ۽ وڏن ٻيلن جي ضرورت هئي ۽ اهڙا گهاٽا ٻيلا پاڻيءَ کان سواءِ ڪونہ ٿيندا آهن. ان کان سواءِ مليل مهرن تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. جنهن مان ڪيس ڪي اهڙا اهڃاڻ مليا هئا تہ ڪنهن پراچين سمي ۾ درياهہ جي پيٽ ۾ لٽ، ويهي رهڻ ڪري، وهڪري جي سطح ڪجهہ بلند ٿي ويئي هئي. تنهن ڪري ان جي رخ ۾ تمام گهڻيون تبديليون اچي ويون هيون. سنڌو ماٿريءَ ۾ درياهہ جو موسمي چاڙهہ تمام گهڻو ٿيندو هو، اهڙي معلومات گهڻو وقت اڳ ٿامس اولڊام(Thomas Oldham) پڻ ڏني هئي. موجوده دور جي طبيعيات جي اصولن ۽ قائدن ۾ ڪٿي ڪيتريون بہ خوبيون ۽ خاصيتون موجود هجن، پر سنڌو سڀيتا جي منجهيل مامرن کي نبيرڻ ۾ طبيعيات جي ماهرن ۽ قديم آثارن جي مهاڄاڻن جي وچ ۾ سلٽ ۽ سبنڌ آهي، جيڪا سڻي ڳالهہ آهي.

ميسوپوٽاميا مان سنڌ جون مهرون، ڌاتن جا ٽڪرا، چٽن وارا ٺڪر جا ٿانو، پون پٿر جا ڪوريل ٿانوءَ چٽساليءَ سان عقيق پٿر جا مٽيا،خاص گهاڙ ۽ چٽن وارا ٿانو، ڪنهن ڊگهي شئي مان وڍي تيار ڪيل مٽيا ۽ پيون شيون جهڙوڪ چڪا (Dice) ۽ مورتيون وغيره. هن ڪان سواءِ ميسوپوٽاميا جي تحريرن مان بہ پليءَ پت چاڻ ملي ٿي تہ سنڌو سڀيتا جي ماڻهن جو ڏيساور جي ٻين ثقافتن سان لڳ لاڳاپو هو. سنڌ ۽ ميسوپوٽاميا جي گهڻن پراچين ترڙن جي کوٽائي ۽ کوجنا ٿي چڪي آهي. پر قديم دؤر سان لاڳاپيل سهيوڳي ۽ هڪ ٻئي جي شين جو انداز تمام ٿورو لڌو آهي ۽ اها اچرج جهڙي ڳالهہ آهي، چاڪاڻ تہ اڪس جيسارگان، اُر III ۽ اسين لارسا (Isin Larsa) جي دؤر (2370 کان 1900 ق.م) تائين مليل حوالن مطابق ڏکڻ ميسوپوٽاميا جو سمنڊ وسيلي ڏيساور سان واپار هلندو هو. ان ڪان سواءِ سوين اقتصادي ۽ مذهبي تحريرون آهن، جن مان بہ پڻ اهڙيون ثابتيون ملن ٿيون. توڙي جو سنڌ ۽ ميسوپوٽاميا جي وچ ۾ موجود تعلقاتن سان لاڳاپيل شاهديون ٿوريون آهن، پر انهن ماهرن گهڻو ڌيان ڇڪايو آهي. هن موضوع تي کوجنا ڪرڻ لاءِ ڏکڻ ايشيا ۽ مشرق قريب جي قديم آثارن جي ماهرن ڪي پڻ هوراڪورا لڳل آهي. گذريل پندرهن سالن جي کوجنا مان پتو پيو آهي تہ اڳين شين جي پنرتريءَ ۾ ٻين لڌل شين جو واڌارو اچي چڪو آهي، جن جي قديم زماني ۾ مال بدلي مال جي مناسبا ٿيندي هئي. تازين کوجنائن مان اها بہ سڌ ملي ٿي تہ سنڌ ميسوپوٽاميا وچ ۾ لاڳاپن جا کهڙا نمونا ۽ طريقا هئا. موجوده دور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين مليل شاهدين جي آدار تي قديم آثارن جا مها ڄاڻو هن ڳالهہ تي سهمت آهن تہ ميسوپوٽاميا جا ڏيلمون، ماگان ۽ ميلوها نالي ملڪن سان لڳ لاڳاپا هوندا هئا، جن مان گهڻ ۾ گهڻ پہ سڃاڻ جوڳا آهن، ڄاڪاڻ تہ انهن جو ذڪر خط ميخي واري لکت ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جن لاءِ ڄاتو وڃي ٿو تہ ٽين ۽ ٻي سهس ق.م ڌاري انهن جو ميسوپوٽاميا سان واپار هلندو هو. قوي اِمڪان آهي تہ ميلوها ملڪ، سنڌو سڀيتا جي سنڌ جي اندر هجي ۽ اهو بہ ممڪن آهي تہ هاڻي هندستان جي الهندي سامونڊي ڪناري ۽ پاڪستاني سامونڊي ڪناري ۽ پاڪستاني سمنڊ جي وٽ وارو ڪو علائقو بہ منجهس شامل هجي، جنهن ۾ سنڌو- سڀيتا وارا پراچين ٿرڙ موجود آهن. ڏيلمون وارو ماڳ بحرين سان هڪجهڙائي رکي ٿو، جيڪو ميسوپوٽاميا جي ڏکڻ پاسي ۽ عربستان جي ويجهو ايراني نار ۾ واقع آهي. قديم آثارن مان مليل تازيون شاهديون بہ هن ڳالهہ جي پٺيرائي ڪن ٿيون. ماگان نالي وارو ملڪ ڪهڙو آهي، سو البت چٽيءَ ريت معلوم ٿي ڪونہ سگهيو آهي، پر هڪ انومان آهي تہ اهو ڏکڻ اوڀر ايران ۾ واقع هو. شايد ان ۾ ڏکڻ ايران وارو ايلم شامل ڪونہ هو، جيڪو تنهن ڏينهن ۾ ايران جو ويري ملڪ هو.

سن 1932ع ۾ سي. جي گڊ C.J Godd اُر ۽ ميسوپوٽاميا جي ماڳن تان ڪي اهڙيون مهرون لڌيون هيون، جيڪي سنڌو _ سڀيتا جي ٿرڙن تان لڌل مهرن سان هڪجهڙائي رکن ٿيون. انهن کان سواءِ ٻيون بہ ڪي مهرون لڌيون آهن، جيڪي نہ ميسوپوٽاميا جي مهرن جهڙيون هوبهو آهن ۽ نہ وري سنڌو- سڀيتا جي مهرن سان ڪا گهڻي ساڳيائپ رکن ٿيون. مذڪوره مهرون ايراني نار جي عربستان واري پاسي بحرين، فئلڪا ۽ ٻين قديم ماڳن تان هٿ لڳيون آهن، جيڪي سنڌو- سڀيتا جي مهرن کان وڙ ورن ۾ الڳ آهن، جڏهن تہ ايراني نار مان هٿ آيل مهرون گول آهن، جيڪي هوبهو سنڌو- سڀيتا جي پوئين جهڪڙ دؤر واري تهہ تان ڇانهون جي دڙي مان لڌل مهرن جهڙيون آهن. هڪ اهڙي مهر سنڌو- سڀيتا جي ٻئي ٿرڙ لوٿل جي مٿاڇري تان بہ ملي آهي، جيڪو پراچين اوستا ۾ سوراشٽريہ جو سامونڊي بندر هو. هيءَ ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ ڇانهون ۽ لوٿل وارنپرٽن ماڳن تي مٽين جوڙڻ جا ڪارخانا قائم هوندا هئا.

سنڌو-سيپتا جو پاڙيسري ملڪن سان ناتن جو پتو پون پٿر Stealite Stone جي ڪوريل ٿانون مان پيو آهي، جن جي مٿاڇرن تي جهوپڙين، ٿڌين ۽ جانورن جو طرزون اُڪريل هونديون هيون. ان قسم جي پٿر جا ٿانو قديم دؤر واري مشرق قريب ۾ عام جام هوندا هئا. اهڙن ٿانون جا ٽڪرا ايف. اي. دراني، موهن جي دڙي جي پراچين سمي واري تهه تان ۽ ان دؤر جي ٽڪر جي ساڳي وڙ وارن ٿانون سان گڏ کوٽائي ڪندي لڌا هئا. تازو پرپاسي وارن قديم ماڳن جون کوٽايون ۽ کوجنائون ٿيون آهن، جتان پڻ پٿر جا ساڳئي وڙ ورن جا ڪوريل ٿانو لڌا ويا آهن. هنن ڳالهين وسيلي اها به سڌ ملي ٿي ته سنڌو سيپتا جا انهن ملڪن سان جاگرافيائي ۽ نهايت سگهارا ناتا واسطا قائم هوندا هئا، جيڪي مٿي بيان ڪيل لڳ لڳاپن کان وڌيڪ طاقتور هوندا هئا. اهڙي قسم جون پيون شاهديون ايران جي ماڳن تيپتي يحيٰ، دشت لوط، سعودي عرب ۽ ابوظهبي جي سامونڊي ڪناري وارن قدم ٽرڙن جهڙوڪ تاروت، اُم ۽ اننار An-Nar مان به مليون آهن. ان ڪانسواءِ ايران جي سيستان جي شهر سوخته، ڏکڻ ايران جي بامپور ۽ پين ماڳن جهڙوڪ هيليHili، اُم ۽ اننار مان لڌل چاهين رنگ جي ٽڪر جي ٿانون تي به اهي ئي ساڳيون طرزون نظر اچن ٿيون، جيڪي پون پٿر جي ڪوريل ٿانون تي موجود آهن. تازي کوٽيل ماڳن وسيلي پتو پوي ٿو ته پون پٿر جي ڪوريل سنڌ سان واسطو رکندڙ ٿانون جو دؤر ميسوپوٽاميا جي قديم I،III خاندان جي زماني سان آهي. ڪئت ناهي ته ان کان به وڌيڪ پراچين هجي. هنن حقيقتن مان اها سڌ ملي ٿي ته سنڌ- ميسوپوٽاميا لاڳاپا ٽين سهس ق.م دوران به قائم هئا. ساڳيءَ ريت ايراني نار واريون منفرد مهرون به دستاويزي ثابتيون آهن، جن وسيلي اها خبر پوي ٿي ته 1900 ق.م دوران اُر III ۽ اسين لارسا واري زماني ۾ به سنڌ- ميسوپوٽاميا وچ ۾ واپاري لاڳاپا موجود هئا.

ٽين شاهدين جي آثار تي ڪي کوٽايون ٿي رهيون آهن ته جيئن مشرق ۽ مغرب جي وچ ۾ قائم خشڪي ۽ سامونڊي تجارتي رستن کي سولائيءَ سان سمجهي ۽ سمجهائي سگهجي. هاڻي تازو مليل شاهدين مان هيءَ حقيقت ظاهر ٿئي ٿي ته ٽين سهس ق.م، عظيم سنڌو ماتري، بلوچستان، ايران ۽ ڏکڻ ميسوپوٽاميا جي وچ ۾ هڪ تڪڙي ثقافتي لهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وچڙ جو دؤر آهي. اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ ٻئي سهس ق.م جي اڳياڙيءَ ۾ پوءِ کهڙي بہ وقت، سامونڊي تجارت کي اوليت ڏني وئي هئي، جيڪا ڊيلمون رستي هلندي هئي. هن ڳالهہ تي پڻ بحث مباحثو هلي رهيو آهي تہ سنڌ ۽ سيپتا ۽ ميسوپوٽاميا جي وچ ۾ هڪ سڌو ۽ سولو خشڪي تجارتي رستو بہ موجود هوندو هو، پر وڏيڪ سگهاري شاهدي اها آهي تہ ٻنهي ثقافتن وچ ۾ اڻ سڌو تجارتي لاڳاپو بہ موجود هو. ٻئي پاسي کان هاڻي وري قديم آثارن جي شاهدين جي آڌار تي ٽين سهس ق.م تي نئين سر کوجنا ٿي رهي آهي تہ سنڌو سيپتا، اتر بلوچستان ۽ ان کان پريان ڏکڻ افغانستان ۽ ترڪمانستان جي وچ ۾ نهايت سگهارا لاڳاپا موجود هئا. اهو بہ قوي امڪان آهي تہ سنڌ- سيپتا ميسوپوٽاميا ۽ ايران جي وچ ۾ تجارتي لاڳاپن ۽ ان جي دؤر تي اتر ۽ وچ بلوچستان جا ڪي قديم ماڳ روشني وجهي سگهن. جيڪڏهن سنڌو سيپتا جي هزارن مهرن تي تحرير ٿيل ڳجهارت جهڙي سنڌو لکت پڙهجي ويئي تہ پوءِ اهڙن تجارتي لاڳاپن کي سمجهڻ ۾ ڏاڍي مدد ملي ويندي. هن لکت کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ڪيترن عالمن وڏا وس ڪيا آهن، پر ان جي اشارن واري رمزبنديءَ کي سمجهڻ ۾ سوپارا ڪونہ ٿيا آهن.

سنڌو سيپتا جي دور، خاص طور تي موهن جي دڙي ۽ هڙاپا واري اسريل ۽ سڌريل زماني لاءِ چئي سگهجي ٿو تہ اهو خاص قسم جي طرز زندگيءَ جي شڪل ۾ گهٽي وقت تائين قائم رهيو. ان جي دور کي سمجهڻ واسطي ميسوپوٽاميا جي دؤرن جي سهائتا ونڻي پوندي ۽ ان ناتي ٻنهي جاين تي هڪ خاص طرز وارين هڪ جهڙين شين جو اپياس ڪرڻو پوندو. ان اپياس ۾ ايران جي پوئن وارن قديم ماڳن تان لڌل هڪ جهڙين شين کي پڻ شامل ڪرڻو پندو. هاڻي تازو نهايت ڏيان ۽ گيان سان ڪيترين کوٽاين ۽ کوجنائون ٿيون آهن، تنهن ڪري ڪن مشڪوڪ تهن تان لڌل اپياس لائق اڻ سڄاتل شين بابت ڪي بنيادي نوعيت جا مسئلا حل ٿي چڪا آهن، جيڪڏهن ڪنهن لاڳاپيل دؤر جو ڪنهن ڏورانهين ثقافت جي دؤر سان پيٽوار اپياس ڪبو تہ ان جا نتيجا پروسي جوڳا ڪونہ ملندا. سنڌ - سيپتا جي دؤر بابت ڪابہ شاهدي ڪانہ آهي، نہ وري اهڙي دستاويزي آگاهي آهي. جنهن مان پورسي جوڳي دؤر جو تعين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي سگهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ سنڌو لکت جي ڳجهارت ان بہ اڻ پڳل آهي. سنڌو ماٿري ۽ ڏکڻ ايشيا جي ٻين قديم ماڳن جي ثقافتن جي داخلي دؤرن جي بہ پڻ نئين سر تشڪيل ڪانہ ڪئي ويئي آهي. جنهن مان اهو پتو پئجي سگهي تہ استعمال واريون مختلف مادي شين واريءَ ثقافت جي ترقيءَ ۽ اوسر جو سلسلو ڪيئن ۽ ڪهڙو هو.

سن 1950ع کان 14-C وسيلي مختلف دؤرن جي سڃاڻ جو طريقو رائج آهي، جنهن سان ڪوئلي، هڏن ۽ سنڪن کي پرکي ڏسڻ سان زماني جي انومان تي سگهندو آهي. ڪنهن ماڳ جي قدامت پرکڻ واسطي هاڻي ريڊيون ڪاربان جو اتعمال عام آهي ۽ ڪڏهن وري اهڙي جاچ پرکي بنا ڪنهن سوچ ويچار جي جيئن جو تيئن رکيو ويندو آهي. عام طور تي ابتدا ۾ 14-C وسيلي مليل دور تاريخي دؤرن سان سهمت ڪونہ هوندا هئا، ڇاڪاڻ تہ ميسوپوٽاميا ۽ مصر ۾ علم نجوم جو استعمال هو. اهو بہ سمجهيو ويندو هو تہ 14-C وسيلي معلوم ڪيل ٽين سهس ق.م ۽ ٻي سهس ق.م وارو دؤر جنتري يا تقويم واري دؤر کان پوئتي بيهي ٿو، پر هاڻي ريڊيو ڪاربن وارو طريقو گهڻو سڌري چڪو آهي. سائنڊانن ان طريقي ۾ گهڻي اصلاح ڪئي آهي، تنهن ڪري هاڻي ريڊيو ڪاربن وسيلي معلوم ڪيل دور قديم آثارن وارن دورن سان سهمت هوندا آهن.

ڏکڻ ايشيا جي ڪجهہ ماڳن جي دؤرن کي معلوم ڪرڻ لاءِ جي ايف.ڊيلس G.F Dales پڻ 14-C کي ڪتب آندو هو ۽ ان جا ڪڍيل نتيجا بلڪل صحيح هئا. سنڌو سڀيتا جي ترڙن جي پراچينتا پرکڻ جي ڏس ۾ 14-C کي تمام گهٽ ڪم آندو ويو آهي. ڏکڻ ايشيا ۾ فقط ڪوٽ ڏيجي هڪ اهڙو ماڳ آهي، جتي پهريون ڀيرو ريڊيو ڪاربن ڪتب آندو ويو هو. موهن جي دڙي جي مٿئين تهہ تي پڻ 14-C ڪتب آڻي ست دؤر معلوم ڪيا ويا آهن. اهڙيءَ ريت ڪاليبئنگن هڪ منفرد ماڳ آهي، جتان 14-C وسيلي ٽيهن دورن جو پتو پيو آهي. هن طريقي کي ڪتب آڻي سنڌو سڀيتا جي مختلف ماڳن جا دؤر معلوم ڪري سگهجن ٿا، جنهن وسيلي پتو پئجي سگهندو تہ ڪهڙو قديم شهر ڪيتري وقت تائين آباد رهيو آهي. هن کان سواءِ دؤرن سان لاڳاپيل ٻيا بہ ڪيترا مونجهارا حل ڪري سگهجن ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءُ سنڌو سڀيتا جي گذريل پنجاهہ سالن جي ٿيل کوجنائن جي وچور جو تت آهي. هن قسم جي جتن ۾ جاکوڙ ڪري اسانَ جي ڄاڻ ۾ واڌارو بہ ٿيو آهي، پر اسان کي هن سڀيتا بابت اڃا بہ گهڻو ڪجهہ ڄاڻڻ گهرجي، جنهن جو هن مقالي جي منڍ ۾ مان بيان ڪيو آهي. اسان تہ اڃا تائين سنڌو لکت کي پڙهي بہ ڪونہ سگهيا آهيون. اسان انهن حالتن جي بہ تعمير نو نہ ٿا ڪري سگهون، جن تحت هي ثقافت سنڌو ماٿري اندر اسري، سڌري ۽ شهري تهذيب بڻجي وئي هئي. اها بہ ڄاڻ ڪانہ آهي تہ سنڌو سڀيتا هڪ انتهائي سڌريل ۽ ترقي يافتہ ۽ گهڻ پاسائين تهذيب آهي، تنهن ڪري هن مهان سڀيتا کي سمجهڻ لاءِ قديم آثارن جي ماهرن، معاشرتي علم جي مهاڄاڻن ۽ ٻين عالمن کي ڪن پيڙهين تائين گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو، جنهن گذريل پنجاهہ سالن کان وٺي اسان جون واڀون ولريون ڪري ڇڏيون آهن.

آخر ۾ مان هن ڳالهہ جو واڌارو ڪرڻ چاهيان ٿو تہ موهن جو دڙو، اڄ تائين دريافت ٿيل سنڌو سڀيتا جي سيني ٿرڙن کان وڏيڪ وڏو آهي. هي ماڳ سنڌو ماٿريءَ ۾ ان جڳهہ تي آهي، جنهن کي سڀيتاجو هينانءُ سڏي سگهجي ٿو، تنهن ڪري امڪان آهي تہ موهن جي دڙي مان هن سڀيتا جي اوسر وارن سيني مرحلن جا اهڃاڻ ملي سگهندا. اهو فقط تڏهن ٿي سگهي ٿو، جڏهن جر جو پاڻي گهڻو هيٺ لهي وڃي ۽ هن ماڳ جي صفا قديم وسنديءَ جو کوٽائي ۽ کوجنا ڪري سگهون، جيڪا بدقسمتيءَ سان پاڻيءَ ۾ ٻڏل آهي.

---

ڪوٽ ڏيجيءَ ۽ موهن جي دڙي جي وچ وارو فاصلو 25 يا 30 ميل ٿيندو. هن مان ائين سمجهڻ نہ کپي تہ سنڌو درياہ ايترو ويڪرو هو، جو سندس هڪ ڪنڌي سان موهن جو دڙو ۽ ٻي ڪنار سان ڪوٽ ڏيجيءَ وارو ماڳ آباد هو. هي سنڌوءَ جا هڪ ٻئي دور ۾ بہ مختلف وهڪرا هئا جن مان هڪ ڪنڌ ڪوٽ وارو سنڌ ڀورو ڏئي موهن جي دڙي ڏانهن ويندو هو. جڏهن تہ ٻيو وهڪرو اروڙ کان اڳتي هلي خيرپور ميرس جو اولهہ ڏيئي ناريَ واري ڀوري ۽ ڪوٽ ڏيجي وٽان لنگهي هالاڻي ڀهلاڻي ۽ پوءِ ڪونڙي ڪبير وٽان مٽيندو هو. سڪندر اعظم جي حملي تائين اهي ٻئي وهڪرا قائم هئا.اهو ئي سبب آهي جو هن اروڙ کان ماهوٽن تي خشڪي وسيلي حملو ڪيو هو.

---



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 7. مهن جو دڙو ۽ ان جي کوٽائي

### پيرو مل مهر چند آڏواڻي

### سرزمين جو ذڪر

لاڙڪاڻي ضلعي جي لب درياهہ تعلقي ۾، لاڙڪاڻي شهر کان پنجويهہ ميل پري ۽ ڏوڪري اسٽيشن کان فقط ساڍن ٽن ميلن جي مفاصلي تي، هڪ ويرانو آهي، جو عام طرح 'مهن جو دڙو' سڏجي ٿو. آرڪيالاجيڪل کاتي وارن انهيءَ نالي جي معنيٰ جاڻائي آهي، 'Mound of the Dead' هن مان ظاهر آهي تہ هو سمجهن ٿا تہ اهو نالو اصل ۾ آهي 'مئن جو دڙو' رڳو ڇڪ کان 'مئن' بدران'موهن' لکيو اٿن. سر زمين تي وجي کو پچا کندو تہ پڪ ٿينديس تہ صحيح اُچار آهن'مهن جو دڙو' ۽ کي 'مهين جو دڙو' بہ چون ٿا. بنهي جي معنيٰ آهي 'مات تيلن جو دڙو' (1).

قديم زماني ۾ سنڌونديءَ مهن جي دڙي وٽان وهندي هئي، اتي جو اصلوڪو شهر سنڌونديءَ ۽ الهندي ناري جي وچ ۾ هڪ ٻيٽ هو. سر زمين جاچڻ سان ائين سمجهڻ ۾ پيو اچي تہ اتي اصل پنج ٻيٽ هئا، جي پوءِ نديءَ جي اتان رخ ڦيرائڻ ۽ مٽان واري وري وجڻ سبب گڏجي ويا ۽ هاڻ ٻيٽن جو گويا هڪ ڇڳو تي پيا آهن. هينئر اتي دڙا ئي دڙا لڳا پيا آهن، جي اٽڪل اڍائي سئو ايڪڙ زمين جا والاري ٻيٺا آهن. ڪي دڙا ويهہ تہ ڪي ٽيهہ فوٽ اوچا آهن. انهن جي وچ ۾هڪ وڏو دڙو اٽڪل ستر فوٽ اوچو آهي، تنهن تي هڪ مندر اڏيل هو، جو ڪيترن ورهين کان ڊٺو پيو هو، پر هاڻ چڱي مشهوري مليي اٿس.

### تباهيءَ جا سبب

مهن جي دڙي واري زمين تي اصل هڪ عاليشان شهر ٻڌل هو، جنهن جي نالي جي ڪنهن کي بہ سڌ ڪانهي. اهو شهر پوءِ ڊهي دڙو ٿي پيو ۽ اتي جا رهاڪو منجهس دٻجي مري ويا، تنهن ڪري 'مهن جو دڙو' سڏجڻ ۾ آيو. اهو شهر ڪيئن تباهہ ٿيو، تنهن بابت ڪن جو چوڻ آهي تہ سنڌونديءَ جي سيلاب يا ٻوڏن سبب ۽ پر وارن جبلن تان برسات جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻيءَ جي چرن لهڻ سبب زمين دوز پوڏن سبب ۽ پر وارن جبلن تان برسات جي پاڻيءَ جي چرن لهڻ سبب زمين دوز ٿيو. دڙي جي اندران جيڪي جايون هينئر لڌيون آهن تن ۾ ڪن هنڌ باهہ لڳڻ جا آثار بہ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، پر هن طرف جا رهاڪو هن وسيل شهر جي ويران ٿيڻ بابت عام طرح هينين ڳالهہ ڪن ٿا:

### استاني ڏند ڪٿا (Local Tradition)

سومرن جي صاحبيءَ ۾ دلوراءِ نالي هڪ راجا ٿي گذريو آهي، جنهن ڪيترائي ڪلور ڪيا هئا. هن ڪي هيءَ وٽ هئي تہ سندس صاحبيءَ ۾ جيڪا بہ جوان ڇوڪر پرڻبي هئي سا پهرينءَ رات پاڻ وٽ گهرائي وٺندوهو. هن ڦهر جي ڪم ڪري رعيتي ماڻهن جي رڳ رڳ ڪيس پئي پٽيو. ڪنهن وقت خود سندس سڳي پاٽيجي ٿي پرڻي تہ هن لاءِ بہ حڪم ٿيو تہ پهرين رات سندس محلات ۾ موڪلي وجي. انهيءَ تي پيٽس ڳچيءَ ۾ ڪپڙو پائي وجي پيرن تي ڪريس ۽ هٿ ٻڌي ليلائي چيائينس تہ، "منهنجي آنڌي جائيءَ کي پنهنجي نياڻي سمجهي سندس ست نہ بگاڙيو! " پر هي مادئ مهرو ڪين مڙيو. هو پنهنجيءَ ڳالهہ تي هوڏ ٻڌي بيٺو تہ هي ماءُ ڌي ٻئي لوساتجي ويون ۽ اوچنگارون ڏيئي زار زار روئڻ لڳيون. سچ چيو اٿن تہ ' آهہ غريبان ڦهرخدائي!' ۽ هنن ابلائن جي آہ عرش تائين پهتي . ڏسو قادر جي قدرت جو دلوراءِ جي بڇڙي مراد پوري ٿيڻ کان اڳ ئي اهڙو سخت طوفان لڳو جنهن ڌرتيءَ ۽ آسمان گڏي هڪ ڪري ڇڏيا. اوڏي مهل اوڙڪون بہ اهڙيون وسيون جي نہ ڪنهن ڏٺيون ٻڌيون. اوچتو شهر جي مٿان وڄ ڪري ۽ ڌرتي بہ ڏٻي، جنهن ڪري دلوراءِ جي نگري (برهمڻ آباد) ناس ٿي ويئي ۽ ٻيا ڪيترا وسيل شهر جي سندس صاحبيءَ ۾ بلي بلي هئا، سي سڀ ويران ٿي ويا (2). انهيءَ الاهي آفت وقت لاڙڪاڻي طرف هن وسيع شهر جون جايون زمين دوز ٿيون ۽ ڪئين ماڻهو دبجي مري ويا. اهوماهوٿيو، تنهن ڪريَ اهو 'مهن جو دڙو' يعني مات ٿيلن جو دڙو سڏجڻ ۾ آيو. هن نالي ۾ 'مهن' لفظ عام صورت جمع ۾ ڪم آيل آهي، تنهن مان ائين سمجهجي ٿو تہ هتي گهٽ ۾ گهٽ بہ پيرا ماڻهن جو ماهو ٿيو هو. 'دڙو'



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ مان ظاهر آهي تہ هي شهر ڍهي واري ۾ مٽيءَ جو دڙو ٿيو، تنهن کان پوءِ مٽس اهو نالو پيو.

## دڙي جي کوٽائي

انگريزن جي صاحبيءَ جي اوائل ۾ هن قسم جون کوجنائون رڳو الور، برهمڻ آباد ۽ ٻين ٿورن هنڌن ٿيون هيون، جو تن ڏينهن ۾ اهي هنڌ نهايت آڳاٽا ليکيا هئا. سن 1910ع ۾ ميرپورخاص جي نزديک ڪاهوءَ جي دڙي جي کوٽائي، مسٽرهينري ڪزنس آرڪيالاجيڪل کاتي جي سپرنٽينڊنٽ ڪرائي، تہ اتان ٻڌ ڌرم واري زماني جون ڪي حقيقتون معلوم ٿيون. مهن جي دڙي جي سڌ جيتوڻيڪ آرڪيالاجيل کاتي وارن توڙي لاڙڪاڻي ضلعي جي ريونيو عملدارن کي اڳي ئي هئي، پر ڪنهن نهاريس بہ ڪونہ ٿي. هتي پوءِ سن 1922ع ۾ کوٽائي ٿي ۽ اُن لاءِ اتفاقي سبب اچي بڻيو.

سن 1918ع کان وٺي مسٽر رکلداس بئنرجي، ايم اي، آرڪيالاجيڪل کاتي جي سپرنٽينڊنٽ، پنجاب طرف، بياس نديءَ جا سڪل پيٽ پيئي جاچيا. سندس مکيہ مراد هيءَ هئي تہ عيسوي سن کان سوا ٽي سو کن ورهيہ اڳي، بياس نديءَ جي ڪناري وٽ، سڪندر اعظم جيڪي ٻارهن ٿل ٺهرائي، متن يوناني ۽ هندستاني ٻولين ۾ نوشتا اُڪرايا هئا تن جو پتو ڳولي ڪڍجي. اٽڪل چار ورهيہ پنجاب جي ڏاکڻي پاڳي، بيڪانيرءِ بهاولپور رياست جا گشت ڪندو، مهراڻ يا هاڪڙي جا لڪل پيٽ جاچيندو سنڌ ۾ آيو. واٽ تي بهاولپور رياست ۽ لاڙڪاڻي جي وچ ۾ سنڌونديءَ جا اڙهن سڪل پيٽ نظر آيس انهن کان سواءِ ٻڌ ڌرم واري زماني جي ستاويهن وڏن ۽ ٽيونجاهہ ننڍن شهرن جا ويرانا سرحد، سنڌ، سکر ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ ڏٺائين (3). اهي سڀ هنڌ اک مان ڪيندو، سن 1922ع ۾ لاڙڪاڻي طرف، مهن جي دڙي وٽ اچي بيٺو. ان وقت هڪ اوچي دڙي تي ڊنل ٿل ۽ ٻڌ ڌرم وارن جو هڪ مٺ (مندر) هو، جنهن جون پٽيون سنڌونديءَ جي سپاٽ (سطح ) کان چائيتاليهہ فوٽ اتاهيون هيون. مندر جي چوڌاري پڪشن (ٻڌ ڌرم جي ساڌن) جي رهڻ لاءِ ڪوٺيون هيون ۽ انهن ڪوٺين جي وچ ۾مندر ۽اري عمارت هئي. اتان مٽي چڙهڻ لاءِ ڏاڪڻ هئي ۽ پنيان ٻئي طرف کان هيٺ لهڻ لاءِ بہ ڏاڪڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. اتي هڪ وڏو ٿلهو هو، جنهن تي ٿل بيٺل هو. ان جي پاسي وارين پٽين جي مٿان به سوڙهيون ڏاڪٽيون هيون، جن مان هڪڙي اتر ته ٻي ڏکڻ طرف ٿي ويئي. اتي هڪ ننڍڙيءَ ڪوٺيءَ ۾ گوتم ٻڌ جو پٽلو رکيل هو. چون ٿا ته انهيءَ پٽلي تي اڳي سوني پني چڙهيل هئي. پروارا ڳوٺاڻا پائيندا هئا ته هتي ڪوڏن پوريل آهي، سي هتي اچي وقت بوقت زمين کوٽيندا هئا. سرون ڪپنديون هين ته اهي هتان ڪڍي ڪٽي ويندا هئا.

مسٽر بئنرجيءَ هتي اچي پير سان ڀهر اتلايو، ته ٺڪر جي ٿانون ٿپن جا ٺڪر ٽوٽا ڏٺائين، جن تي نهايت عمدو ۽ عجيب ڪم ٿيل هو. ڪي پٿرجون نهيل چريون به هٿ آيس، جي نئين پٿر واري زماني جون هيون. هن سڄاڻ انهن ٿورين شين لهڻ شرط سمجهيو ته هي هنڌ کوٽائڻ جي لائق آهي. خودڪيس اوڏيءَ مهل اها ڳالهه من ڪا چٽ هئي ته هتان اهڙي سيپتا جو پتو پوندو، جا اڳ ڪنهن به ڳولي نه لڌي آهي، پر هتي جي زمين، جا پنج هزار ورهين جي جهوني سيپتا پنهنجي پيٽ ۾ پائي ويئي هئي، ساڪوڙ جي ڀهرئين ئي لپي سان پڌري ڪرڻ لڳي،جنهن ڪري مسٽر بئنرجيءَ جي هيڪاري دل وري (4). آرڪيالاجيڪل کاتي وارا کوٽائيءَ جو ڪم ڪرائيندا ئي سياري ۾ آهن.

مسٽر بئنرجيءَ سن 1923-22ع وارو سيارو ته اتي کوٽائي ڪرائي، پربئي سياري ۾ به اتي اچي زمين وڏيڪ کوٽايائين ۽ سندس لايا سجايا ٿيا.

## ڇئن زمانن جون عمارتون ۽ لڌل شيون

مسٽر بئنرجيءَ مهن جي دڙي بابت جيڪي رپورٽون ٻنهي سالن ۾سرڪاري موڪليون سي آرڪيالاجيڪل کاتن جي ساليانين رپورٽن ۾ ڇپيل آهن. انهن ۾جاڻايو اٿس ته دڙي کوٽيندي معلوم ٿيو ته ان ۾ ڇئن جدا جدا زمانن جون عمارتون آهن. انهن عمارتن اندران جدا جدا زمانن جا سڪا، چقمق جا ٺڪر، ڪچ جون ڪنگڻيون، راند ڪرڻ لاءِ ڊارا، اڇي سنگ مرمر جون نهيل ڏوپ ڇٽيون ۽ پتلا لڌا آهن. هڪ ڇٽسالي ٺيل،مورتي لڌي آهي، جا ڪنهن ڏاڙهيءَ سان مڙس جي سسي آهي ۽ مٿي تي ڪوپريءَ جي شڪل جهڙي ٽوپي اٿس. دڙي جي اندر مرده به پوريل هٿا ۽ مردن دفن ڪرڻ جا نمونا به نرالا نرالا هئا. مسٽر بئنرجيءَ هتي جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عمارتن مان جيڪي شيون لڌيون تن ۾ ٽنت مال پترعاج ۽ ڄڙ جون ٺهيل مهرون آهن، جن تي قسمين قسمين جانورن جون شڪليون اُڪريل آهن. انهن تي ڪي اکربه اُڪريل آهن، جي هاٿوڪيءَ ڪنهن به ٻوليءَ جي صورتخطيءَ سان ملي نٿا اچن. اهي اکر اڄ تائين ڪو پوريءَ ريت پڙهي ڪو نه سگهيو آهي، پر انهن اکرن سمجهڻ جي ڪوشش گهٽيئي عالم ڪن پيا(5). مسٽر بئنرجيءَ اهي مهرون ڏسي گڏ گڏ ٿيو، جو سمجهيائين ته ڪا شيءِ لڌي اٿم. ائين سمجهڻ لاءِ سبب هئس.

پنجاب جي ڏکڻ ڏي ، منٽگمري ضلعي ۾، لاهور ۽ ملتان جي اڌ واٽ تي راوي نديءَ جي هڪ سڪل پيٽ وٽ هڪ قديم ويرانو آهي. انهيءَ ڦٽل شهرجو نالو آهي، ’هڙاپا‘ جو لفظ اصل آهي ’هر پد‘ يعني هريءَ (شو ڀڳوان) جو پير. انهيءَ ويراني ڏي پهريائين مسٽر مئسن جو ڌيان سن 1826ع ۾ ڇڪيو. پنجن ورهين کان پوءِ مسٽر برنس (Mr.Burns) کي اتان ڪي اهڙيون مهريون هٿ آيون. ميجر جنرل ڪننگهام به سن 1853ع، 1856ع ۽ 1872-1873ع ۾ اهڙيون مهرون لڌيون . انهن تي ديوناگري اکرن جي نموني ماترائن (لاڪنائن ياعرابن) سان ڪي اکر اُڪريل هئا. سن 1921ع ۾ راءِ بهادر ديارام سهني ،ايم.اي ، آرڪيالاجيڪل کاتي واري پڻ اهڙيون مهرون لڌيون. مهرن تي اُڪريل اکرن بابت ان وقت ائين ٿي سمجهيائون ته قديم زماني ۾ اها لپي يا آئيوپٽا رڳو پنجاب طرف چالو هئي. هينئر هڙاپا جي ويراني کان چار سوميل پري مهن جي دڙي مان مسٽر بئنرجيءَ اهڙن اکرن سان مهرون لڌيون، ته انهيءَ مان ايترو ته ثابت ٿيو ته جنهن زماني ۾ پنجاب ۾ اها آئيوپٽا چالو هئي تنهن ساڳئي زماني ۾ سنڌ ۾ به چالو هئي. هڙاپا مان به مهن جي دڙي جهڙيون عمارتون ۽ ٻيون شيون لڌيون آهن، ته اڻ پڇو چئبو ته پنجاب کان وٺي سنڌ تائين تهذيب ئي ساڳي هئي. هن نئين کوجنا مسٽر بئنرجيءَ جو چاهه وڌايو. هو صاحب هن ڪم کي هيڪاري جنبي ويو، پر گهٽي جاکوڙ ڪري پنهنجو ٻت ڪيري وڌائين، جنهن ڪري هن کوجنا جو ڪم ڪجهه وقت رڪجي پيو.

ان وقت هندستان جي آرڪيالاجيڪل کاتي جو ڊائريڪٽر جنرل سرجان مارشل هو. هڙاپا ۽ مهن جي دڙي مان سڀ لڌل شيون گهرائي ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻ تپاسيائين هو صاحب يڪدم سمجهي ويو تہ ههڙي کوجنا پنجاب ۾ سنڌ ۾ اڳي ڪنهن بہ ڪانہ ڪئي آهي.مهرن تي جيڪي اکرأکريل هئا،سي جيتوڻيڪ پاڻ بہ پڙهي ڪونہ ٿي سگهيو، تہ بہ ايترو سمجهيائين تہ انهن مهرن تي جيڪي اکر اُکريل آهن ۽ شڪليون نڪتل آهن، سي يونوچ سمنڊ وارن ملڪن جي قديم سڀيتا سان ڪجهہ قدر ملي ٿيون اچن. پوءِ تہ جا ڪيائين جو مهن جي دڙي مان لڌل عمارتن ، شين ۽ سيني مهرن جا فوٽا، 'السٽريٽيڊ لنڊن نيوز' ۾ ڇپائي پڌرا ڪيائين تہ من ڪو عالم هنن نين شين تي ڪا روشني وجهي سگهي. سندس اهو ليک فوٽن (تصويرن) سميت 'السٽريٽيڊ نيوز' جي 20 سيپٽمبر 1924ع واري پرچي ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو تہ ٺيڪ ٻئي هفتي ساڳي مخزن ۾ پروفيسر اي. ايچ. سئس ظاهر ڪيو تہ انهيءَ ساڳي سڀيتا جا اهڃاڻ ميسوپوٽاميا طرف بہ مليا آهن. مهرون بہ ساڳيون تہ عمارتن جي اڏاوت جو نمونو بہ ساڳيو! سگهوئي پوءِ ايران طرفان بہ انهيءَ ساڳيءَ سڀيتا جون ثابتيون مليون، جنهن ڪري آرڪيالاجيڪل کاتي وارن کي ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿيو تہ پنجاب ۾ سنڌ کان وٺي ايران، عراق ۽ ميسوپوٽاميا تائين ڪنهن قديم زماني ۾ هڪڙي ئي تهذيب هئي. هن نئين کوجنا ڪيترن ئي هنڌن جي عالمن جوڳهٽو ڏيان ڇڪيو. هندستان، يورپ ۽ آمريڪا ۾ جيڪي بہ اخبارون ۽ مخزنون ڇپجن پيون، تن سيني ۾ مهن جي دڙي بابت ليکن پنيان ليک پيا، جنهن ڪري مهن جو دڙو سڄيءَ دنيا ۾ مشهور ٿي ويو!

هينئرهيڪاري ضروري ٿيو تہ مهن جو دڙو اجا وڌيڪ کوٽائجي تہ من ڪو وڌيڪ پتو پوي، پر هن ڪم لاءِ جهجهو ناڻو گهرجي. سگهو ئي هند ليجسليٽو اسيمبليءَ جي بجيٽ جي ميٽنگ ۾ رٿ پيش ٿي تہ هندستان جي آرڪيالاجيڪل کاتي کي هند سرڪار هڪ فنڊ پنجاهہ لک رپين جو منظورڪري ڏئي، جنهن مان آئيندي اهڙا دڙا کوٽائجن. انهيءَ رٿ کي پيش ڪندي سيڪريٽريءَ هن ڳالهہ تي زور ڏنو تہ پنجاب ۾ سنڌ مان هينئر جنهن سڀيتا جو پتو پيو آهي تنهن تي سڄي هندستان کي فخر ڪرڻ لاءِ سبب آهي ۽ اهو فنڊ ضرور قبول ٿيڻ گهرجي. اسيمبليءَ ايتروپئسوڏيڻ نہ قبوليو تہ هندستان ۾ ناراضپو پيدا ٿيو. انهيءَ هوندي بہ اسيمبليءَ کي جس آهي، جو ادائي لک رپيا ساليانو ڏيڻ قبوليائين(6).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرجان مارشل پوءِ سنڌ ۾ آيو ۽ مهن جي دڙي جي وڏيڪ کوٽائي ڪرائڻ لاءِ ڪجهه وقت پاڻ اتي وڃي رهيو ڏوڪري اسٽيشن کان وٺي مهن جي دڙي تائين رستو ٺهرايائين، عملي لاءِ جايون جوڙايائين ۽ اٽڪل هڪ هزار مزور دڙي کوٽڻ لاءِ رکيائين جن مان ڪيترا بروهي هئا، جي پنهنجون پڪنگيون اڏي اتي رهيا ائين مهن جي دڙي وٽ هڪ ڳوٺ ٻڌجي ويو. سرجان مارشل پنهنجي سرمزورن کي سمجهائيندو هو تہ کوٽائي ڪيئن ڪجي. مزورن لاءِ هي نئون ڪم هو، پر اهڙو تہ هري ويا جو اُن جو ڏاٽو بہ لهندا هئا تہ اهو بہ آٽي ڏيندا هئس. ائين دڙي مان گهڻي ئي شيون لڌيون.

جيئن جيئن نيون شيون پٽي لڌيون تيئن تيئن انهن جو مختصر ذڪر اخبارن ۽ مخزنن ۾ پئي ڇپيو. امريڪا ۽ يورپ جي ڪيترن عالمن پچ پچ لاتي تہ اسان کي چنيءَ ريت کلي ٻڌايو تہ اتان ڇا ڇا لڌواٿو! سرجان مارشل سندن اٽڻ لاهڻ لاءِ پنهنجيءَ صحي سان 'السٽرٽيڊ لنڊن نيوز' ۽ ٻين مخزنن ۾ ليک لکيا آخر هڪ وڏو سهڻو ڪتاب، ٽن جلدن ۾، باتصوير، مهن جي دڙي ۽ سنڌو سڀيتا بابت ڇپايائين، جنهن جي قيمت ڏهه گنيون (ڏيڍ سئو رپيا، اڄان بہ وڌيڪ) آهي. سن 1922ع کان وٺي 1927ع تائين جيڪا کوٽائي ٿي، تنهن جو سربستو ذڪر ان ۾ ڪيو اٿس. انهيءَ کان پوءِ بہ دڙو کوٽايو اٿن. مسٽر بئنرجي جنهن پهريائين اهو دڙو کوٽايو هو، تنهن مهن جي دڙي بابت ڌار ڪتاب لکيو آهي. مسٽرڊڪشت ۽ مسٽر مئڪي بہ ڪيترو وقت پنهنجي نظرداريءَ هيٺ دڙوکوٽايوهو. مسٽر مئڪي بہ ڌار ڪتاب لکيوآهي. انهيءَ ريت مهن جي دڙي بابت ٻين بہ ڪتاب لکيا آهن.

## مهن جي دڙي واري عاليشان سڀيتا ـ سنڌو ماتريءَ جي قديم سڀيتا شهر متان شهر

مهن جي دڙي جي اٽڪل تيرهن ايڪڙ زمين هيل تائين کوٽائي اٿن. هتان ست شهر هڪ ٻئي جي متان لڌا آهن. آبڪلاٽيءَ ۾سنڌونديءَ جي اٿل ۽ چوماسي ۾ جبلن تان پاٽيءَ جي ڇٽرن لهڻ سبب هيءُ شهر هڪ ٻيرو زبون ٿيو ٿي، تہ پاٽيءَ جي ڇينهري ٿيڻ کان پوءِ ماڻهن وري انهيءَ ويراني متان ٻيو نئون شهر ٻڌو ٿي. ائين شهرمتان شهر ٿي ٻڌائون، جن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ستن شهرن جو پتو پيو آهي. پاڻئجي ٿو تہ هيءُ شهر واپار يا ٻين سببن ڪري مکيہ شهر هو، جنهن ڪري ماڻهن وري وري اهو ساڳيو هنڌ وسايو ٿي. ائين ست ڀيرا ساڳيو هنڌ وسايائون. انهن ويرانن جي هيٺان پاڻي نڪتو آهي، جنهن ڪري چئبو تہ اٺون شهر ڪونہ هو.

### شهر جو ڏِ وَل

مهن جي دڙي مان جيڪي شهرهنيئر ظاهر ٿيا آهن، تن مان آسانيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو تہ پنج هزار ڪن ورهيہ اڳي بہ ماڻهو ائين محلا ۽ پاڙا جوڙي رهندا هئا، جيئن اڄ اسين رهون ٿا. مطلب تہ شهر ٻڌڻ جوڏِوَل جيڪو هينئرآهي سو جڳن جوآهي. هتي جا رستا ڪشادا ۽ سنوان آهن، جي سڌا اتر کان ڏکڻ ڏي وڃن ٿا. انهن رستن مان گهٽيون هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ڦٽن ٿيون، جنهن ڪري هڪ هڪ جنهن ڪري هڪ هڪ محلو ڌار ٻيٺل آهي.

### عمارتون

هر هڪ شهر ۾ جيڪي عمارتون آهن، تن مان ڪنهن بہ عمارت کي ڇت ڪانهي، پاڻئجي ٿو تہ ڇتين جون ڪامون ۽ لڙهيون يا پٽيون جهجهي عرصي گذرڻ ڪري سڙي، پڃي پري ويون آهن، يا باهہ لڳڻ ڪري جلي پسمر ٿي ويون آهن. سڀ عمارتون پڪ سريون آهن ۽ ڏسڻ ۾اهڙيون تازيون پيون اچن، جو چڻ تہ ڪلهہ ڪلهوڙيءَ هي شهر ٻڌا هئا. سرون نهايت عمدي ريت گهڙيل آهن ۽ تاريخ واري زماني ۾ هندستان ۾ جيڪي سرون ڪمہ اينديون هيون، تن کان ٻنهہ علحده نموني آهن(7).

### گهر

جيڪي عمارتون لڌيون آهن، تن مان ڪيتريون ماڻهن جي رهڻ جون جايون آهن. سڀ جايون ڪشاديون ۽ هوادار آهن. ڪن گهرن جي اڳڻ ۾ ڏاکڻ آهي، جنهن مان سمجهجي ٿو تہ جاين جي مٿان ماڙيون بہ اڏيل هيون. هر هڪ گهر کي پنهنجو پنهنجو کوهہ ۽ سنان جي ڪوٺي آهي. سنان جي ڪوٺين کي سرن جو فرش ٻڌل آهي! ڪوٺيءَ ڪوٺيءَ جي هڪ ڪنڌ وٽان پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ موري آهي، جنهن مان پاڻيءَ وهي ،گهٽين جي ڪسين ۾ وڃي پوندو هو، گهٽين جون ڪسيون ڍڪيل آهن، جن مان اندران ئي اندران پاڻيءَ جو نيڪال ٿيندو هو! ڪن سنان جي جاين ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرون ڪتي، اهو ڪتو چن سان ملائي، تنهن سان نهانيءَ (سنان جي ڪوني) جو تر لتو اٿن، تہ ذرتي پاڻي ڇهي نہ وڃي! پٽين تي پلستر ٽي انچ ٿلهو چڙهيل آهي. سرن جي جيڪا چوڙائي تيل آهي، تنهن ۾ (Gypsum) ڪم آيل آهي، جو نئين ڳاچ ۾ اڄ بہ جهجهي انداز ۾ پيدا ٿئي ٿو(8). عمارتن تي ڪو نقش جو ڪم ڪونہ ٿيو آهي، تہ بہ سرجان مارشل چوي ٿو تہ هندستان ۾ ههڙي عمدي آڏپ مهن جي دڙي واري زماني کان پوءِ ڪتي ڪانہ ٿيندي هئي (9). اهڙيون عمديون پڪسرون جايون گهڻو خرچ ٿيون پڇن ، تنهن ڪري مسٽر مئڪي جو اهو قياس پورو آهي تہ هتي جا ماڻهو وڏيءَ هوند وارا هئا (10).

## مندر

ڪي عمارتون شايد مٺ يا مندر ٿي ڪم اينديون هيون. اهڙين جاين جي بناوٽ (Plinth) بين جاين کان مٿي آهي. انهن ۾ کوئيون نديون آهن، پر پٽيون بلڪل مائيدار آهن. ڪن پٽين جي ٿولهہ ڏهہ فوٽ بہ آهي! انهيءَ مان سرجان مارشل اهو انومان ڪڍيو آهي تہ انهن جي مٿان شايد گهٽيون ماڙيون جڙيل هيون، جنهن ڪري هيٺيون پٽيون اهڙيون ٿلهيون رکيون اٿن.

## دڪان

ڪن عمارتن مان ظاهر آهي تہ اهي دڪان ٿي ڪم اينديون هيون. اهڙيءَ هڪ عمارت مان نيروٽيءَ جي ڪُن لڌل آهي ۽ نير جا چٽا بہ ڏسڻ ۾ آيا آهن.

## وڏو تلاءُ

سيني عمارتن ۾ هڪ اڏاوت جا گهڻو ڌيان ڇڪي ٿي، سا اها آهي جنهن مان هڪ وڏو تلاءُ لڌو ويو آهي. ان جون پٽيون ٿولهہ ۾ ست اٺ فوٽ آهن. تلاءَ جي ٻن پاسن کان پوڙيون ٺهيل آهن، جنهن ڪري پلي تہ ڪو هڪڙي پاسي کان پوڙين تان لهي هيٺ وڃي ۽ ٻئي پاسي وارين پوڙين تان چڙهي مٿي اچي. اهو تلاءُ اٺيتاليهہ فوٽ ڊگهو، ٽيويهہ فوٽ ويڪرو ۽ اٺ فوٽ اونهون آهي. تلاءَ جي ٻاهرئين پاسي پر وارين ڪوئين مان هڪ ۾ هڪ اونهو کوهہ آهي، جنهن جو پاڻي اڄ ڏينهن تائين ڪم آڻڻ جهڙو آهي. شايد انهيءَ کوهہ جي پاڻيءَ سان تلاءُ پريندا هئا.انهيءَ تلاءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي هڪ چيڙي وٽ هڪ شاهي ڪسي آهي، جنهن مان شايد پاڻيءَ جو نيڪال ٿيندو هو. اها ڪسي نهايت عمديءَ ريت جڙيل آهي ۽ ايتري اونهي آهي جو پلي ته ڇهه فوٽ لنبو مڙس منجهس بيٺو هجي! سڄي ڪسي ڍڪيل آهي، پر مٿان ڇت وٽان ٿورو ٽڪر کليل (Main-hole) اٿس، جنهن مان پلي ته ڪو ماڻهو اندر لنگهي وڃي، سڄي ڪسي صفا ڪري. پاڻيءَ جي سيمي کي روڪڻ لاءِ رومي ڏامر(Bitumen or Asphalt) دورانديشي ڪري هٿي ڇڏيو اٿن. هن مان ظاهر آهي ته وادي (ماٿر) سنڌ جا رهاڪو پنج هزار ورهيه اڳي نه فقط قابل معمار هئا، پر هاڻوڪي زماني جي سروين ۽ انجنيئرن وانگر پوري ڳڻ ڳوت به ڪري سگهندا هئا.

**کوهه**

مهن جي دڙي جي گهٽو ڪري هر هڪ گهر کي پنهنجو پنهنجو کوهه آهي. ڪي کوهيون آهن.ڪيترن گهٽين مان ۽ رستن تان وڏا کوهه لڌا آهن، جي پڪسرا ۽ گولائيءَ تي آهن. هڪ به کوه بيضوي شڪل جا به آهن. پن کوهن وٽ پڪسرو بٺنچ نهيل آهيٰ. اهو شايد انهيءَ لاءِ هو ته جيستائين ڪنهن کي پاڻي پرڻ جو وارو ملي، تيستائين انهيءَ بٺنچ تي ويهي:

**ڪسيون يا موريون**

سڄي شهر جي گندي پاڻيءَ جي نيڪال جي ترتيب نهايت سهڻي نموني جي آهي. مسٽربريلسفورڊ چوي ٿو ته يورپ ۾ اهڙي عمدي ترتيب عيسوي اٺويهين صديءَ تائين به ڪانه هئي (11). مسٽر اينگر چوي ٿو ته مٿلي ۽ مورين جو بندوبست جيتوڻيڪ منجهيل گنديل اهي ته به اهڙو پورڻ ۽ مڪمل آهي جو ڪوبه هاڻوڪو شهر سچ پچ جيڪر فخر سان اهو اختيار ڪري (12). پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ ڪسين جي هيتري ساک سيني عالمن حق تي ڪئي آهي. سر جان مارشل پاڻ به لکيو آهي ته پاڻيءَ جي نيڪال جو طريقو غير معمولي طرح سڌريل نموني جو آهي. هر هڪ رستي، گهٽيءَ ۽ لنگهه کي پنهنجي پنهنجي ڍڪيل نالي يا ڪسي آهي ۽ انهن جون سرون اهڙي عمديءَ طرح گهڙيل ۽ هڪ ٻئي سان جڙيل آهن، جو انهن کان وڌيڪ عمديءَ ريت ڪم ڪرڻ جي واٽ ڪو ڏسي ڪونه سگهندو(13).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## حفظ صحت

شهر جي رونق منجهان ئي ائين پيو سمجهڻ ۾ اچي ته هن شهر جي ميونسپالٽي کا سجاڳ هئي، جنهن کي شهر جي حفظ صحت جو گهڻو اونو هو. شهر کهڙي ڍول تي ٻڌجي ۽ صفائي سٿرائي ڪيئن رکجي، تن ڳالهين جي جيتري ان وقت جي ماڻهن کي سڌ هئي، تيتري اسان جن چئن پنجن پيڙهين وارن ابن ڏاڏن کي به ڪانه هئي. هر هڪ گهر هڪ ٻئي کان ايتري قدر پري آهي جو ڪنهن به گهر کي هوا ۽ روشني ملڻ ۾ ڪنهن به اٽڪ ٿيڻ جو امڪان ڪونهي. ماڻهن کي انجنيري ڪم جي به ڄاڻ هئي، جو درياهه جي اٿل کان شهر جي بچاءَ توڙي برسات جي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ ناليون ۽ ڪسيون نهايت عمديءَ ريت جوڙي سگهيا ٿي. ڪسين ۽ مورين جي وقت بوقت صفائي ڪرڻ لاءِ منجهن 'مئن هول' به رکيائون ٿي، جيئن اڄ ڪلهه ميونسپالٽيون ڪن ٿيون. گهرجي گند ڪچري جي نيڪال لاءِ پٽين ۾ سوراخ ڪري ڇڏيندا هئا ته ڪچرو اتان وهي وڃي گهٽيءَ ۾ پوي. گهٽين ۾ ڪچري ڪٺي ٿيڻ لاءِ ڪڏون هيون، جي پوءِ پنگي صفا ڪندا هئا. آرڪيالاجيڪل کاتي وارن جون ڄاڻايل هي سڀ ڳالهيون ڏيکارين ٿيون ته پنج هزار ڪن ورهيه اڳي جڏهن ٻين ڪيترين قومن کي اجا پنهنجي ٻت ڍڪڻ جي به سڌ ڪانه هئي تڏهن اسان جا سنڌي نهايت سڌريل ماڻهن وانگر پنهنجو جيوت ڪاٽيندا هئا:

## شڪل شبيهه، پوشاڪ ۽ زيور

مهن جي دڙي مان جيڪي پتلا هٿ آيا آهن، تن مان قديم سنڌين جي شڪل ۽ مهانڊن جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. هو قد جا بندرا ۽ بت ۾ سنروترا هئا. چپ پريل ۽ اکيون سوڙهيون هين. اهي مهانڊا فقط مهن جي دڙي جي رهاڪن جا هئا، يا عام طرح سيني سنڌين جا هئا، تنهن بابت ڪا به ڪافي ثابتي ڪانهي.

سيني پتلن ۾ ڏسجي ٿو ته ماڻهن جو ڪنڌ ٿلهو ۽ پريل آهي ۽ ڳِتن جا هڏا چپٽرا اٿن، پتلن مان هيءَ ڳالهه به ظاهر آهي ته مرد ننڍيون ڏاڙهيون رکائيندا هئا. مڇون ڪن جون ڪوڙيل ته ڪن جون رکيل هونديون هيون. مٿي جا وار پيشانيءَ وٽان ورائي، پنيان ويڙهي، منجهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنگو اٽڪائي ڇڏيندا هئا. ڪي ڪياڙيءَ وٽان وار ڪترائي ننڍا ڪندا هئا، جنهن ڪري انهن ڪي ويڙهڻ جو ضرور ڪونہ ٿيندو هو.

زناني شڪل وارن پتلن مان ڏسجي ٿو تہ ڪي زالون پنهنجا وار ڳچيءَ وٽان ورائي پوئتان ڪليل ڇڏينديون هيون ۽ ڪي چوٽي ويڙهي سگ وانگر ڇهنبدار ڪنديون هيون.

## پوشاڪ

مردن جي پوشاڪ ڌوتي ۽ چادر هئي،جنهن جو پلئہ ساڄي بغل هيٺان لنگهائي، ڏائي ڪلهي تي اچلي وجهندا هئا. ڪن پتلن مان ائين سمجهڻ ۾ پيو اچي تہ ڌوتيءَ بدران هڪ اهڙي گهگهري پيل اٿن، جهڙي هن وقت لنگها (دهلاري) پهرين ٿا. ڪي مورتيون بنهہ اگهاڙيون آهن ۽ ڪن ۾ ماڻهن ڪي لنگوٽ چڙهيل ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

## زيور

مهن جي دڙي واري زماني ۾ زالون توڙي مرد زيور عام طرح پائيندا هئا. ڪنٺي يا هسي، تائٽ ۽ منديون، مرد بہ پائيندا هئا، انهن کان سواءِ زالون ڳن يا پنڙا، داڻن جا هار، چانديءَ يا سون جون ڪنگڻيون ۽ نورا پائينديون هيون. ڪن پتلن ۾ زالن کي بڪ تي ٻانهين ڪلهي تائين پيل ڏسجي ٿي، جنهن مان ظاهر آهي تہ انهيءَ زماني ۾ چوڙيگر بہ هوندا هئا. ڪن زيورن تي جڙت جڙيل ڏسجي ٿي، جنهن ڪري چٽبو تہ جڙوٺا بہ هئا. ڪن گهرن مان زمين جي هيٺان پوريل ڪي ٽامي جا باسڻ برتڻ آرڪيالجيڪل کاتي جي سپرنٽينڊنٽ مسٽر ڊڪشٽ لڌا، جن سان گڏ هڪ مڙيل ڪارائي بہ هئي. هڪ ٿانءَ ۾ قيمتي زيور پيل هئا،جن تي جڙت جڙيل هئي.سر جان مارشل انهن زيورن ليڻ کان سگهوئي پوءِ 'السٽريٽيڊ لنڊن نيوز' ۾ لکيو تہ، "سونا زيور اهڙي عمديءَ ريت گهڙيل آهن ۽ اوجر (پالش) اهڙي اُچي اٿن، جو ڄڻ تہ لنڊن جي بانڊ اسٽريٽ (سونارن جي گهٽي) مان هينئر گهڙجي آيا آهن ۽ پنجن هزار ورهين جا جهونا پانئجن ئي ڪين ٿا" (14).

## قيمتي پٿر

مهن جي دڙي مان جيڪي زيورات هٿ آيا آهن، تنهن مان پتو پوي ٿ و تہ قديم سنڌ جا رهاڪو عقيق يا سنگ سيلماني (Agate)، نيلم،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيروز ۽ ٻيا قيمتي پٿر، هار جي داڻن توڙي زيورن لاءِ جڙت طور ڪم آڻيندا هئا. هڙاپا توڙي مهن جي دڙي مان شيشو ڪونہ لڌو آهي، پر انهيءَ زماني ۾ ڪاريگر هڪ اهڙو ليپ ٺاهيندا هئا،جو سڪڻ کان پوءِ شيشي وانگر ٻڪندو هو. انهيءَ مان داڻا ٺاهيندا هئا،جي قيمتي پٿر بدران ڪم آڻيندا هئا. سن 24-1925ع ۾ هڪ سهڻو هار لڌو، جو خود ساڪ پيو پري تہ ڪنهن قابل ڪاريگر جو جوڙيل آهي.

مسٽر رکلداس بئنرجي، جنهن مهن جو دڙو پهريائين کوٽايو هو، سو تہ وينجهارن جي ساراهہ مان ڏاڍي ئي نٿو، چي رگ ويد ۾ جن آرين جو ذڪر آهي، تن کي بہ اهڙو هنر ڪونہ هو جهڙو مهن جي دڙي جي ڪاريگرن کي هو(15). سرجان مارشل بہ انهيءَ هار جي گهڻي ساک ڪئي آهي(16).

## کيتي ۽ ٻيا هنر_ پوک

قديم سنڌ جي پوکي راهيءَ بابت گهڻو پتو ڪونہ پيو آهي، باقي مهن جي دڙي مان ڪڻڪ ۽ جو لڌا آهن. جيتوڻيڪ ترن جو هڪ داڻو ڪونہ لڌو آهي، تہ بہ ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو تہ ترن جي پوک بہ ٿيندي هئي، چاڪاڻ تہ رگ ويد مان معلوم ٿئي ٿو تہ انهيءَ آڳاٽي وقت ۾ پنجاب ۽ سنڌ ۾ ترن ۽ جون جا فصل پلا ٿيندا هئا. هن وقت ان پيهڻ لاءِ جيڪي جنڊ ڪم اچن ٿا، سي عيسوي سن کان بہ صديون ڪن اڳي چالو ٿيا هئا. اڳي جنڊن جو نمونو ئي ٻيو هوندو هو. اهي اوّر نموني جا جنڊ مهن جي دڙي مان تمام گهڻا لڌا آهن. انهيءَ مان مسٽر مئڪي اهو انومان ڪڍيو آهي تہ ان جي پوک گهڻي ٿيندي هئي، جنهنڪري ماڻهن وٽ جنڊ بہ گهڻا هوندا هئا.

## کاڌو

ڪڻڪ ۽ جونِ کان سواءِ ماڻهو کجور بہ کائيندا هئا. کارڪن جون ککڙيون کوٽائيءَ ڪندي هٿ آيون آهن. ان وقت ماڻهو مڇي، ماس، ٻلڪ ڳائو گوشت بہ کائيندا هئا. درياهہ جي مڇيءَ جا تہ خوراڪي هئا، پر ڪچون ۽ ڪميون بہ ڪين ڇڏيندا هئا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪتڻ ۽ اُڻڻ جو هنر

ڪيترا ائٽ ۽ ٽڪ لڏا آهن ڪي سادا تہ ڪي اچا. انهيءَ ماڻ سمجهجي ٿو تہ غريبن توڙي شاهوڪارن جي گهرن ۾ چرخي چورڻ جو رواج هو. دڙي منجهان هڪ چانديءَ جو ٿانءُ جواهرات ۽ مٽين سان ڀريل لڌو، جو اُچيءَ طرح اٽيل ڪپڙي سان ويڙهيل هو. ان ۾ ديسي ڪپهہ ڪم آيل آهي. هن مان ظاهر آهي تہ پنج هزار ورهيہ اڳي سنڌ ۾ ونئٽن جي پوک ٿيندي هئي، ۽ انهيءَ قديم زماني ۾ ئي سنڌي ماڻهن وٽ ڪپڙي اُڻڻ لاءِ آڏاڻا بہ هئا.

## ڏاتو

قديم زماني جي ماڻهن وانگر، مهن جي دڙي جا رهاڪو، پٿر جا اوزار ۽ ٿانءَ ٺپا ڪم آڻيندا هئا، پر ٽامي جي بہ سڌ هين، جنهن مان پڻ باسڻ برتن اوزار بلڪ ڪي گهڻا بہ جوڙيندا هئا. لوهہ جو ذرو بہ ڪونہ لڌو آهي، پر هيءُ زمانو ئي اهڙو هو، جنهن ۾ ماڻهن کي لوهہ مارڻ جو عقل اجان آيو ئي ڪونہ هو. قلعي بہ ڏار ڪانہ لڌي آهي، باقي رڳو ٽامي سان گڏيل هٿ آئي آهي. مهن جي دڙي وارا ٽامو ۽ قلعي گڏي 'برانز' (Bronze) ٺاهيندا هئا، جنهن مان بہ ٿانءَ ٺپا ۽ اوزار جوڙيندا هئا. مسٽر محمد ثناءُالله، هند سرڪار جو آرڪيالاجيڪل ڪيمسٽ چوي ٿو تہ ٽامي ۽ قلعي مان 'برانز' جوڙڻ جي سڌ سنڌو ماٿر جي ماڻهن کي عيسوي سن کان ٽي هزار ورهيہ اڳ بلڪ انهيءَ کان بہ اڳي هئي.

## هٿيار

مهن جي دڙي مان ٽوريون پٿر ۽ ٽامي جون نهيل گڏائون (Maces) ٽورا ڀالا، ڪٽاريون، تير ۽ ڪمانون هٿ آيون آهن. ترار جوڙڻ جو تہ رواج ئي گهٽو پوءِ پيو، تنهنڪري ترار ڪانہ لڌي آهي. شهر کي عالم پناهہ ڪانهي. ڪا زرهہ بہ ڪانہ لڌي آهي، جنهنڪري ڀائنجي ٿو تہ ملڪ ۾ لڙائي اڪثر ڪانہ لڳندي هئي ۽ ماڻهو صلح سانت ۾ گذاريندا هئا.

## وٽ ۽ ماپا

وٽ ۽ ماپا قسمين قسمين لڌا آهن. اهي اڪثر نازڪ ۽ ننڍڙا آهن، ڪي مخروطي شڪل جا وڏا پٿر لڌا آهن. جن ۾ هٿان سوراخ آهي. انهن سوراخن مان ڏور لنگهائي سگهجي ٿي. اهي پٿر تور مهل وٽ ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪم آڻيندا هئا. ڪي ننڍا وٽ خاڪي رنگ جي سليٽ جا، پيلپ جي شڪل جهڙا آهن، جي ايلم ۽ ميسوپوٽاميا جي وٽن سان مشابهت رکن ٿا. مسٽر اي. ايس. مئڪي چوي ٿو تہ ”مهن جي دڙي“ جا اهي وٽ ايلم ۽ ميسوپوٽاميا جي قديم وٽن کان وڌيڪ سوڌا ۽ پورا آهن (17).

## ڪنيارڪو هنر ۽ ڪاشيءَ جو ڪم

مهن جي دڙي جي ماٽهن وٽ چانديءَ ۽ ٽامي جا ٿانءَ ۽ چمڪيدار ليپ جون نهيل گلاباشيون وغيره هونديون هيون، پر رواجي ٿانءَ ٺپا اڪثر نڪر جا هوندا هئا. سنڌ ۾ٿانون ٺپن جوڙڻ جو هنر جڳن کان عام هو، پر مهن جي دڙي واري زماني ۾ سنڌي ماڻهو ڪنيارڪي هنر ۾ اهڙا تہ پڙ تي ويا هئا، جو چٽساليءَ سان ٿانءَ ٺپا جوڙيندا هئا! ڪي ٿانءَ اهڙا تہ نفيس جوڙيندا هئا، جو اهي عام طرح ’ڪاغذي‘ سڏجن ٿا. ڪاشيءَ جي ڪم جا آڳاٽا نمونا بہ رڳو مهن جي دڙي مان مليا آهن. مسٽر ارنيسٽ مئڪي چوي ٿو ”رومن جي وقت کان اڳ مصر ملڪ ۾ انهيءَ هنر جي مصري ماٽهن کي ڪل بہ ڪانہ هئي.“ ڪن نڪر جي ٿانون تي جانورن جون شڪليون نڪتل آهن، جهڙيون لڏل مهرن تي آهن.

## سنگتراشي ۽ اڪر جو ڪم

سنگتراشيءَ ۽ اُڪر جي ڪم ۾ مهن جي دڙي جي رهاڪن پنهنجيءَ قابليت جو چڱو ثبوت ڏنو آهي. ڍڳن، گينڊي ۽ ٻين جانورن جون شڪليون نهايت عمديءَ ريت مهرن تي ڪييون اٿن. ڪي شڪليون نوريئڙن جون آهن، جن ۾ نوريئڙا پچ متي ڪيو بيٺا آهن ۽ اڳين چنبن سان ڪا شيءِ وات ڏي ڪيو، چپو چورو پيا ڪن! انهن جي ڏيکھ بہ انچ مس آهي. هڪ داڻي تي ٽن باندرن جي شڪل آهي، جن جي منهن مان سندن شوخي پيئي ظاهر ٿئي، پر ٻانهون ورائي هڪ ٻئي کي ياڪر پائي بيٺا آهن! اهوداڻو ايڏو آهي، جو اکروٽ جي کل ۾ جيڪر سمائجي وڃي. ’مئنچيسٽرگارڊين‘ ۾ مسٽر بريلسفورڊ لکيو آهي تہ هتان جيڪي ماڻهن ۽ ٻين ساهوارن جون شڪليون لڌيون آهن، سي ان وقت جي ميسوپوٽاميا طرف جي ڪاريگريءَ کي شھ ڏيئي بيٺيون آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مهرون

مهن جي دڙي مان جملي 558 مهرون علحدن علحدن ڏوڙن ۾ قدن جون لڌيون آهن. ڪي ويلڻ جي شڪل جهڙيون ته ڪي چوڙس، ڪي ٻيڙي وانگر ته ڪي گوني ۽ ڪنڌ واريون، ڪي ننڍڙيون ۽ نفيس ته ڪي وڏيون ۽ وڏيڪ چٽيون. ڪي عاج جون ٺهيل ته ڪي صابوني پٿر جون، ٿوريون مهرون ٺڪر جون آهن. ڪن مهرن ڪي سوراخ آهن جنهن مان ڌاڳو لنگهائي سگهجي ٿو. پائنجي ٿو ته مهن جي دڙي جا ماڻهو اهي مهرون ڳچيءَ ۾ پائيندا هئا، يا ڪرائيءَ ۾ ٻانهن تي تائٽ وانگر ٻڌندا هئا. انهن مهرن تي شڪليون نڪتل آهن، جن مان ڪاريگرن جي ڪاريگريءَ جو ثبوت ملي ٿو. انهن مهرن تي اُٽيل چٽ آهن، تن مان سمجهجي ٿو ته ٻاهران مهرون هڻندا هئا. هر هڪ مهر تي ڪنهن ديوتا جي شڪل نڪتل هوندي هئي. اهو ديوتا چڻ ته گهر جي نگاهه ڪندو هو، ۽ سندين ملڪيت کي ڪوبه هٿ ڪونه لائيندو هو. مهن جي دڙي جي ماڻهن وٽ به شايد اهوئي دستور هو.

## لکڻ جو هنر

مهن جي دڙي مان لڌل مهرن تي جانورن جي شڪلين کان سواءِ هڪ به سٽ به لکيل آهي، پر اڪثر تصويرن جي صورت ۾ آهن سڄيءَ دنيا ۾ جيڪي آئيوپٽائون چالو آهن، تن جا اکر اڪثر اهڙين تصويري لکيتن مان ٺهيل آهن جي اڳي اکرن بدران جانورن وغيره جون شڪليون ڪڍندا هئا. اهي شڪليون پوءِ پنهنجي صورت مٽائي هاٿوڪا اکر ٿيون آهن. مهرن ۾ اهڙن اکرن جي وچ ۾ ڪٽي ڪٽي، ديوناگريءَ جي نموني ما ترائون يا لاڪنائون (اعرابون) آهن، جن مان سمجهجي ٿو ته هتي لکڻ جي هنر جي ترقي چڱي قدر ٿي هئي. اهڙي قسم جون مهرون ميسوپوٽاميا طرفان به لڌيون آهن، جي عيسوي سن کان ٽي هزار ورهيه اڳ جون آهن. انهيءَ مان سرجان مارشل انومان ڪديو آهي، ته مهن جي دڙي جي سڀيتا به انهيءَ قديم زماني جي آهي.

## رانديون ۽ رانديڪا

مهن جي دڙي مان سنگ سليماني ۽ ٻين پٿرن جون ٺهيل گوليون، شطرنج ۽ ڏارا لڌا آهن. اهي هاٿوڪن ڏارن وانگر ڏگها نه، پر ڪعب شڪل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا آهن. هن مان ظاهر اهي تہ ماڻهن جي واندڪائيءَ جي وندر اُهي رانديون هيون، ان وقت جي ماڻهن ڪي پنهن جي ٻارن جي وندر جو بہ جهجهو اونو هوندو هو، جو ڪيترن قسمن جا رانديڪا بہ لڌا ويا آهن، جي ماڻهن ڍڳن ۽ گهوڙن جون شڪليون آهن. هڪ ڍڳي جو پڇ چڪجي ٿو تہ ڪنڌ پيو لوڏي! هڪ هاٿي آهي، جو جهنجهٽو ٽي ڪم اچي ٿو. مهن جي دڙي مان هڪ ٺڪر جي ننهيل گاڏي چيڪلن سان لڌي آهي. انهيءَ قسم جون گاڏيون عيسوي سن ڪان ٻٽيهہ سو ورهيہ اڳي ميسوپوٽاميا طرف چالو هيون، جنهن ڪري چئبو تہ گاڏين جو هي جهوني ۾ جهونو نمونو آهي(18).

## طبابت ۽ دوائون

مهن جي دڙي مان ٿورو سلاجيت لڌيو آهي سلاجيت ٻن قسمن جو ٿئي ٿو: هڪڙو اڇو ۽ ٻيو ڪارو. هتان ڪارو سلاجيت لڌو آهي، جو بدهاضمي ادرار، جيري ۽ هيانچي جي بيمارين لاءِ مفيد آهي. هرڻ جا سگ بہ هتان لڌا آهن، جي پڻ شايد دوائن ۾ ڪم ايندا هئا. هندن جي ڌرمي پستڪن مان بہ معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ جا ماڻهو قديم زماني کان وني طب مان واقف هئا ۽ ڪيترين ڪارائتين ٻوٽين جي سڌ هين.

## گهرو جيوت

دڙي جي کوٽائيءَ مان جيڪي شيون ماڻهن جي گهرن مان لڌيون آهن، تن مان سندن گهرو جيوت تي چڱي روشني پوي ٿي. سرجان مارشل چوي ٿو تہ مهن جي دڙي جي سڀيتا اُن وقت جي مصر ملڪ ۽ ايشيا جي الهندي طرف جي سڀيتا جهڙي آهي، پر ڪن ڳالهين ۾ اتي جي سڀيتا کان بہ سرس آهي. انهن هنڌان ڪي اهڙيون عمديءَ طرح جوڙيل سنان جون جايون ۽ اهڙا ڪشادا گهر ڪين لڌا آهن، جن جي مهن جي دڙي جي عمارتن سان ڀيٽ ڪري سگهجي. انهن ملڪن ۾ ماڻهن پنهنجو تن، من، ڌن رڳو ديوتائن لاءِ مندرن، ۽ راجائن لاءِ عمدن محلاتن، ۽ مخروطي منارن جوڙڻ تي ٿي لڳايو، باقي رواجي ماڻهو مٽيءَ جي جوڙيل جاين ۾ رهندا هئا. هڙاپا ۽ مهن جي دڙي ۾ قصو ئي ٻيءَ طرح جو آهي. اتي بہ ماڻهن پنهنجي حاڪمن لاءِ عاليشان عمارتون جوڙيون هونديون، جي اجا ڪين لڌيون آهن، پر پنهنجي رهڻ لاءِ ڪشاديون ۽ هوادار جايون جوڙيندا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي هوادار جايون، سنان لاءِ تلاءَ، ڍڪيل موريون وغيره اهو اهڃاڻ ڏين ٿيون تہ هتي جي ماڻهن پنهنجي گهرو جيوت جهڙي فرحت ۾ ٽي گذاري، تهڙي اُن وقت دنيا ۾ بين هند ڪنهن بہ ڪونہ ٽي گذاري(19).

## قديم سنڌين جو ڌرم

### ديوي پوڄا

مهن جي دڙي جي کوٽائي ڪندي ديويءَ جا پتلا لڌا آهن،جن مان سمجهجي ٿو تہ پنج هزار ورهيہ اڳي سنڌي ماڻهو ديويءَ جي پوڄا ڪندا هئا، هن وقت ديويءَ کي امبا، درگا ۽ بين نالن سان سڏين ٿا، پر حقيقت ۾ اها بنيادي طاقت يا شڪتي آهي. ڌڻي آهي 'پرش' ۽ ديويءَ آهي 'پرڪرتي' ڌڻي آهي 'قادر' ۽ ديويءَ آهي'قدرت' يا 'شڪتي'جنهن کي مجسم ڪري قديم سنڌي پوڄيندا هئا. قدرت تي ويچار ڪرڻ سان ئي دل اُڌامي قادر ڏي وڃي ٿي ۽ روحاني معرفت حاصل ٿئي ٿي، تنهن ڪري هن قسم جي پوڄا مان قديم سنڌين جي ڌرمي خيالن ۽ عقيدن جو پوريءَ ريت پتو پوي ٿو.

### شو جي پوڄا

ديوي ماتا جي مورتيءَ کان- سواءِ هڪ مرد ديوتا جي شڪل لڌي آهي. سرجان مارشل جي راءِ موجب اها مورتي شو ڀڳوان جي آهي. جو يوگ آسن ۾ ويٺو آهي. هتان شو جا لنگ بہ لڌا آهن. جنهنڪري هيڪاري يقين ٿئي ٿو تہ سنڌ ۾ شو ۽ شڪتيءَ جي پوڄا جو رواج نهايت قديم آهي.

### وڻن جي پوڄا

ڪيترين مهرن تي جيڪي شڪليون نڪتل آهن، تن مان ظاهر آهي تہ قديم سنڌي ماڻهو پپر ۽ بين وڻن جي بہ پوڄا ڪندا هئا. اها پوڄا بن قسم جي هوندي هئي.هڪ قسم هيءُ هو تہ خود وڻ کي پوڄيندا هئا، ٻيو قسم هيءُ هو تہ وڻن ٽڻن جي ديوتا کي مجسم ڪري اُن جي پوڄا ڪندا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## جانورن جي پوڄا

مهن جي دڙي مان ڪيترن جانورن جهڙوڪ هڪ سڱي جانور ۽ ڏوهي سان ڍڳي جون تصويرون به هٿ آيون آهن. قديم زماني ۾ مصر ملڪ ۾ هڪ سڱي جانور(يوني ڪارن) پوڄڻ جو رواج هو. اهو هندوستان جو جانور ليکيو ويندو هو. وشنو ڀڳوان کي يڪ شرنگ يعني هڪ سنگ وارو سڏيندا آهن . ڏوهي واري ڍڳي جي پوڄا جو شو، ڀڳوان جي پوڄا سان واسطو سمجهڻ ۾ اچي ٿو. شوَ ڀڳوان جي سواري ڍڳي تي چئي ويندي آهي، تنهن ڪري شوَ، جا پوڄاري اڄ تائين ڍڳي جي پوڄا به ڪندا آهن.

## پاڻيءَ جي پوڄا

مهن جي دڙي ۾ گهڻو ڪري سڀ ڪنهن گهر مان کوهه لڌو آهي. انهن کوهن کان سواءِ عام خلق لاءِ ڏار کوهه هئا. سنان جي کوٺي به هر هڪ گهر ۾ آهي، ۽ هڪ وڏو تلاءُ به لڌو آهي. هن مان سمجهجي ٿو ته قديم سنڌين کي جڳت مڳت جو خيال هو ۽ سنان ُپاڻي ڪرڻ هڪ ڌرمي ڳالهه ڪري ليکيندا هئا. اڄ به هندو سنان پاڻي ڪري پوءِ روٽي کائيندا آهن. آڳاٽي زماني کان وٺي هندن جو اهو نيم هليو اَچي، درياهه جي پوڄا به شايد ڪن ڪسابن جي آهي.

## ساڳيءَ تهذيب وارا هنڌ

مٿي اڳي ئي ڄاڻايو ويو آهي ته سنڌ ۾ چانهوءَ جو دڙو، جهڪر جو دڙو، ليمو جوڻيجو ۽ ٻيا ڪي هنڌ آهن، جي مهن جي دڙي سان گڏ وسيل هئا، ۽ انهن هنڌن مان به انهيءَ ساڳي تهذيب جو پتو لڳو آهي. هوڏانهن ايران ۽ ميسوپوٽاميا طرفان به ڪيتريون مهرون ۽ ٻيون اهڙيون شيون لڌيون آهن، جهڙيون مهن جي دڙي مان لڌيون آهن. انهيءَ مان سمجهي سگهجي ٿو ته پنجاب ۽ سنڌڪان وٺي ايران ۽ ميسوپوٽاميا طرف تائين تهذيب ساڳي هئي. انهيءَ تهذيب جو اوائلي گهر سنڌونديءَ جي ماٿر ڪٿي نه به هجي، ته به سرجان مارشل جي ـراءِ موجب قديم سنڌ جا رهاڪو پنهنجن همعصر ـعراقين ۽ مصرين کان وڌيڪ فرحتي جيوت گذاريندا هئا، ۽ مهن جي دڙي جي سيپتا مصر ۽ ميسوپوٽاميا جي تهذيب کي ڪيترين ڳالهين ۾ شهه ڏيئي بيٺي آهي(20).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## تهذيب جي قدامت

سرجان مارشل ظاهر ڪيو آهي تہ مهن جي دڙي مان جيڪي مهرون هٿ آيون آهن، تن مان ڪي عيسوي سن کان 2750 ورهيہ تہ ڪي 3250 ورهيہ اڳ جون آهن، يعني انهيءَ تهذيب جي ڄمار اٽڪل پنج هزار ورهيہ آهي. ڪي چون ٿا تہ پنج هزار ورهيہ اڳي اها تهذيب ههڙي اعلىٰ درجي کي رسيل هئي، تنهن مان ئي ظاهر آهي تہ اٽڪل ٻہ هزار ورهيہ اڳي انهيءَ تهذيب جو پايو پيو هوندو، جنهنڪري چئبو تہ اها تهذيب اڄ کان ست هزار کن ورهيہ اڳي شروع ٿي هوندي. تازو آڪٽوبر1937ع ۾ نامور عالم ريورنڊ فادر ايچ. هيرس مدارس يونيورسٽيءَ جي سهاري هيٺ هن مضمون تي تقرير ڪندي جيڪي چيو آهي، تنهن مان ظاهر آهي تہ مهن جي دڙي مان جيڪي مهرون لڌيون آهن، تن جون لکتيون هو ڪجهہ قدر سمجهي سگهيو آهي. هو صاحب چوي ٿو تہ ڪيترين مهرن ۾ سورج منڊل تي راسين ۽ نکشترن جو سڌيءَ توڙي اڻ سڌيءَ طرح اشارو آهي، ۽ هڪ مهر تي مکيہ راس بابت لکيل آهي تہ "اُن جي رفتار تيز آهي" پوءِ جوتش جي حساب موجب ڄاڻايو اٿس تہ مهرن مان سمجهي سگهجي ٿو تہ قديم سنڌ جي ماڻهن کي جوتش وديا جي سڌ عيسوي سن کان 5610 ورهيہ اڳي هئي، ۽ ميسوپوٽاميا طرف جا ماڻهو اها وديا پوءِ سکيا ۽ لکڻ جو هنر بہ هنن هندستان جي ماڻهن وٽان پوءِ پرايو. ميسوپوٽاميا جي ماڻهن پوءِ اهو هنر يورپ طرف ڦهلايو. مطلب تہ فادر هيرس جي چوڻ موجب يورپ جي ماڻهن تي هندستان جي سڀيتا جو آڳاٽي زماني ۾ گهڻو اثر ٿيو هو(21).

## قديم سنڌين جي لهہ وچڙهہ

مهن جي دڙي مان جيڪي شيون لڌيون آهن، تن مان رڳو ٿورين شين تي ويچار ڪرڻ سان سمجهي سگهجي ٿو تہ پنج هزار ورهيہ اڳي قديم سنڌين جي لهہ وچڙهہ ڪهڙن ڪهڙن هنڌن جي ماڻهن سان هئي.

مهن جي دڙي مان ڪي ٿامي جا ٻاسڻ ۽ اوزار لڌا آهن. سنڌ ۾ لڪيءَ جي جبلن مان ڪنهن ڪنهن هنڌان ٿامو ٿورڙي انداز ۾ ليي ٿو، پر اها ڪچي ڌاتو ايتري ڪانهي، جنهن مان عام طرح ٻاسڻ ٺاهي ڪم آڻجن. مطلب تہ ٿامي جون ڪاٽيون سنڌ ۾ ڪينهن، تنهنڪري اهو ڌاتو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قديم سنڌين پاهران آندو هوندو. هندستان ۾ اُن جي پر وارن ملڪن جي جاگرافي جي جنهن ڪي سڌ هوندي سو جهٽ سمجهي سگهندو ته قديم سنڌين پنهنجي روز مره جي ڪپ لاءِ ٽامو ضرور مدراس، راجپوتانا يا ڪشمير مان آندو هوندو، يا ته ۾ ڏکڻ افغانستان مان آندو هونداڻون، جو اُتي به ٽامي جون کاڻيون آهن. اهڙيءَ طرح رڳو ٽامي جي باسڻن ۾ اوزارن تي ويچار ڪرڻ سان سمجهي سگهجي ٿو ته قديم سنڌ جا رهاڪو مدراس، راجپوتانا، ڪشمير، ايران ۾ ڏکڻ هندستان يا انهن ڪن هنڌن جي ماڻهن سان لهه وچڙهه ۾ هئا، جنهنڪري ٽامو ملي سگهندو هون، جنهن مان پنهنجي گهرج جون شيون جوڙيندا هئا. هن مان هيءَ ڳالهه ثابت آهي ته پنج هزار ورهيه اڳ سنڌ ۾ قابل ناتارا هوندا هئا. جي ههڙا عمدا باسڻ جوڙي سگهندا هئا.

مهن جي دڙي مان ڪي سونا زيور به لڌا آهن. سون جو ذڪر رگ ويد ۾ گهڻن ئي هنڌ آهي. آڳاٽن رشين سنڌونديءَ کي 'سوني' ڪوٺيو آهي. هن جو سبب هيءُ آهي ته سنڌونديءَ جي واريءَ مان اڄ تائين سون جا ذرا لڀن ٿا. حقيقتاً سيني وڏين ندين جي واريءَ مان سون جا جزا لڀن ٿا. آڳاٽي زماني ۾ ڪيترن ماڻهن جو ڌنڌو ئي اهو هوندو هو، جو درياهه جي واريءَ مان سون جا ذرڙا هٿ ڪري، اهي، وڪڻي، پنهنجو وقت گذران ڪندا هئا. اڄ تائين سنڌ ۾ ڪي ڪاسبي آهن، جنکي سڏبو آهي 'ڌوڙڌئا' يعني ڌوڙ ڌئندڙ. پر اڄ ڪالهه انهن مان ڪيترا سونارن جي ڪورن جي رک ٿوري ناڻي ۾ خريد ڪري، اها رک ڌوئي انهيءَ مان سون جا ذرڙا هٿ ڪندا آهن. مطلب ته سنڌي ماڻهن کي سنڌو نديءَ منجهان ئي سون ملندو هو، پر اهو ڪيتري قدر ملندو هون، سو چٽي نٽو سگهجي. سون هٿ ڪرڻ لاءِ قديم سنڌين کي ٻي به واٽ هئي.

عيسوي سن کان 510 ورهيه اڳي دارا بادشاهه پنجاب ۾ سنڌ تي ڪاهي، اُهي ملڪ پنهنجا ڏن پرو ڪيا هئا. اهي دارا بادشاه کي 360 ٽئلينٽ سون جي خاڪي جا يعني اٽڪل 260 مڻ سون جا هر سال ڏن طور ڏيندا هئا. اهو سون ڪشمير طرفان داروستان جي سون جي کاڻين مان ملندو هون، ڪشمير ڏي ٽامي جون به کاڻيون آهن. سنڌي ماڻهن جي ڪشمير جي ماڻهن سان گهڻي لهه وچڙهه هئي، تنهن جي ثابتي خود سنڌي ٻولي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پري ٿي، جو اُن ۾ ڪشمير ۽ داروستان طرف جي ٻولين جا ڪيترا اُهڃاڻ آهن(22). اهو ٻولين جو هڪ ٻئي تي اثر هيڪاري ثابت ڪري ٿو تہ سنڌ جي ماڻهن جي ڪشمير جي ماڻهن سان گهٽي لهہ وچڙهہ هئي. پر انهيءَ قديم لهہ وچڙهہ جي ٻي ڪهڙي وڌيڪ ثابتي ڪپي، جو 'چچ نامي' ۾ ڄاڻايل آهي تہ عيسوي ستين صديءَ ڌاري سنڌ جي حڪومت ڪشمير تائين هئي. اسان جا سنڌي ماڻهو اوڏهين حڪومت ڪندا هئا، تنهن ڪري سنڌ ۽ ڪشمير طرف جي ٻولين جو هڪ ٻئي تي سياويڪ طرح اثر ٿيو. يوناني تاريخ نويسن ڄاڻايو آهي تہ سڪندر اعظم جي ڪاهہ وقت الور (روهڙي طرف) ۾ سون ۽ چانديءَ جون ڪاٽيون هيون.

'چچ نامو' تہ شروع ئي الور جي شاهوڪاريءَ ۽ بستيءَ جي ساک ٻان ٿئي ٿو. جيڪڏهن پر وارن ملڪن ڏي نظر ڪبي،تہ معلوم ٿيندو تہ قنڌار کان رڳو ڏيڍ ڪوهہ پري سون جون ڪاٽيون آهن، ۽ ايران ۾ ڪيترائي اهڙا هنڌ آهن، جن مان سون جهجهي انداز ۾ ملي سگهي ٿو. هن وقت سڄي هندستان ۾ جيڪو سون ڪم اچي ٿو، تنهن مان اٽڪل نوي سيڪڙو ڪولارجي سون جي ڪاٽين مان اچي ٿو، حيدرآباد دکن، ميسور ۽ مدراس ۾ ڪيترائي اهڙا هنڌ آهن، جن مان عالمن کي اهي اُهڃاڻ ڏسڻ ۾آيا آهن، تہ قديم زماني ۾ ماڻهو انهن مان جهجهي انداز ۾ سون ڪيندا هئا. قديم سنڌين جي ڏکڻ هندستان جي ماڻهن سان لهہ وچڙهہ هئي، تنهن ڳالهہ جي هڪ پڪي ثابتي هيءَ آهي تہ مهن جي دڙي مان هڪ سهڻو سائو پٿر هٿ آيو آهي، جنهن بابت سرجان مارشل چوي ٿو تہ اهو نيلگري ٽڪرين کان سواءِ ٻيو ڪٿان بہ ملڻ جو نہ آهي.

مهن جي دڙي مان هڪ پتلو لٽو آهي، جنهن تي گيڙوءَ يا داءِ سان چٽسالي نڪتل آهي. سنڌ ۾ گيڙو يا داءِ ٿٽي ئي ڪونہ. سنڌ کي ويجهي ۾ ويجهو هنڌ، جتان گيڙو جهجهي انداز ۾ ملي سگهي ٿو سو لڪپت جو شهر آهي . وچ هندوستان مان بہ ڪيترن هنڌان گيڙو رنگ ملي سگهي ٿو پر آڳاٽي وقت کان وٺي ايراني نار طرفان سنڌ ۽ ٻين پاسن ڏي گيڙو جهجهي انداز ۾ پئي آيو آهي، جو انهيءَ پاسي جو گيڙو، رنگ وڌيڪ ٽڪو آهي. قديم سنڌ جو واپار مغربي ملڪن سان گهڻو هلندو ئي نار جي رستي هو. حاصل مطلب تہ مهن جي دڙي مان لڌل شين سان رڳو انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تورين شين تي ويچارڪجي ٿو تہ ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو تہ آڳاٽي زماني ۾ جيتوٽيڪ آگ گاڏيون ڪين هيون تہ بہ سنڌ جو وٽج واپار هيڏانهن ڪشمير قنڌار، تہ هوڏانهن وچ هندستان توڙي ڏکڻ هندستان طرف هلندو هو. اسان جي پرڳڻي ڪي قادر پنهنجي قدرت سان سمنڊ توڙي خشڪيءَ جي رستي ايران سان ڳنڍي ڇڏيو آهي، ۽ انهيءَ طرف وارن سان آڳاٽن سنڌين جي لڙهہ وچڙهہ انهن ئي واٽن ڪان ٿيندي هئي .

## سيتا جا بانيڪار

مهن جي دڙي جي کوٽائي ڪندي اندران ڪي کوپڙيون بہ لڌيون آهن، جن جي چڱيءَ ريت چڪاس ڪري ڪرنل آر. بي. سيل هندستان جي زولاجيڪل سروس جي ڊائريڪٽر ۽ سندس همڪار ڊاڪٽر بي. ايس. گوها ظاهر ڪيو آهي تہ مهن جي دڙي ۾ گهٽ ۾ گهٽ تہ چئن قومن جا ماڻهو رهندا هئا، جن مان هڪڙا ڪول ۽ سنٿال، ٻيا دراوڙ، ٽين آلپائين، ۽ چوٿان منگول قوم جا هئا. انهن جدا جدا قومن جي ماڻهن مان مهن جي دڙي واري تهذيب يا سيتا جو پايو ڪهڙيءَ قوم جي ماڻهن وڌو، تنهن بابت عالمن جا جدا جدا رايا آهن، پر وڌيڪ وزن آرڪيالاجيڪل کاتي وارن جي راءِ لهڻو.

مسٽر رکلداس بئنرجي آرڪيالاجيڪل کاتي جو سپرنٽينڊنٽ جنهن پهريان پهريان مهن جي دڙي جي کوٽائي ڪرائي هئي، تنهن جو توڙي کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل سرجان مارشل جو چوڻ آهي تہ مهن جي دڙي واري سيتا دراوڙ لوڪن جي آهي، ۽ اهي انهيءَ سيتا جا بانيڪار آهن.

راءِ بهادر راما پرساد چند، سپرنٽينڊنٽ، آرڪيالاجيڪل سيڪشن، انڊين ميوزيم، ڪلڪتي وارو چوي ٿو تہ ”هيستائين جيڪي شيون لڌيون آهن، تن مان اهڙي ڪا ثابتي ملي ئي ڪانہ ٿي، جنهن مان سمجهي سگهجي تہ هڙاپا ۽ مهن جي دڙي وارا شهر جن آڏايا، تن جي سيتا رگ ويد وارن آرين جهڙي هئي. اٿلندو هيءَ ثابتي ملي آهي تہ انهيءَ آڳاٽي سيتا جا بانيڪار ويدن جا مجيندڙ نہ هئا ۽ وڌيڪ هيئن بہ چيو اٿس تہ ”اهي ’پڻي‘ يعني واپاري لوڪ هئا، جن هڙاپا ۽ مُهن جي دڙي وارا شهر بڌا“. رگ ويد ۾ ’ پڻي‘ لوڪن جو ذڪر آهي. راءِ بهادر جي چوڻ موجب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي پٽي لوڪ دراوڙ هئا، ۽ سندن قلعا آريہ لوڪن اچي ڊاٺا، جيئن رگ ويد ۾ ڄاڻايل آهي(23). مطلب تہ هيستائين جيڪي ثابتيون مليون آهن، تن مان آرڪيالاجيڪل ڪاتي وارن ڪي ائين سمجهڻ ۾ اچي ٿو تہ مهن جي دڙي جي سڀيتا ويدن جي مجيندڙ آرين کان اڳ جي آهي، ۽ اُن جو شرف دراوڙ لوڪن کي ڏين ٿا. فادر هيرس جو بہ اهوئي چوڻ آهي تہ هيءَ قديم دراوڙن جي سڀيتا آهي، جنهن جو پتو اسان کي اجا هاڻ پيو آهي.(24)

## کوجنائن جو حاصل مطلب

متي ذڪر ڪيل مضمون مان معلوم ٿيندو تہ عيسوي سن کان ٽي هزار ڪن ورهيہ اڳي سنڌو واديءَ ۾ هڪ مهذب قوم وڏن ۽ چڱي ريت رٿيل شهرن ۾ رهندي هئي. ماڻهن جون جايون ڪشاديون، هوادار ۽ پڪ سريون هيون، جن کي فرش ٻڌل هئا. ڪي جايون ٻماڙ ۽ ٽماڙ بہ هيون. هر هڪ جاءِ ۾ سنان جي ڪوٺي هئي، جنهن جو تر لتل هو. پاڻيءَ جي نيڪال جو پورو انتظام هو. شهر جا رستا ڪشادا ۽ سڌا نهيل هئا. تلاءَ ۽ کوهہ بہ هئا، ۽ ماڻهوانتظام هو. شهر جا رستا ڪشادا ۽ سڌا نهيل هئا: تلاءَ ۽ کوهہ بہ هئا، ۽ ماڻهو پنهنجن همعصر عراقين ۽ مصر ملڪ جي ماڻهن کان تمام اوچي زندگي بسر ڪندا هئا. مهن جي دڙي مان لڌل لاشن مان پتو پوي ٿو تہ اتي جدا جدا قومون رهنديون هيون، جن جي پوشاڪ ۾ ايترو تفاوت هو، جيترو سندن شڪلين ۾. هيءُ اهو زمانو هو، جنهن ۾ ماڻهو اجا لوهہ ·مارڻ نہ سکيا هئا، جنهنڪري روز مرهہ جي ڪم لاءِ پٿر جي نهيل ڇرين ۽ ٻين اوزارن مان ڪم ٽپائيندا هئا، جو اهڙيون ڇريون ۽ ٻيا اوزار گهڻا هٿ آيا آهن. سون ۽ ٽامي مارڻ جو هنر هون . اِنهيءَ کان سواءِ ٽين (Tin) مان بہ ٿورو ڪم وٺندا هئا، جنهنڪري اهو ٽامي ۾ ملائي پنهنجا ڪي اوزار ٺاهيندا هئا. گز، ڪات، ڀالا ۽ ڪهاڙيون بہ ٺاهي ڄاڻندا هئا. ترار جوڙڻ جو هنر اجا ڪونہ سکيا هئا. باقي آٽڻ ۽ ڪتڻ ۾ نهايت پڙ هئا. هيرن،جواهرن،منڊين،ڪنگڻين ۽ زيورن جو شوق گهڻو هوندو هون. هو نڪر جا عمدا نهيل ڇنساليءَ سان ٿانءَ ڪم آڻيندا هئا، ۽ ڪن وٽ ٽامي ۽ چانديءَ جا ٿانءَ بہ هوندا هئا. اُتان لڌل مهرن تي ڪن جانورن جون شڪليون آهن، جن مان سمجهجي ٿو تہ ڳئون، گهوڙا، رڍون، ٻڪريون، ڪتا وغيره پاليندا هئا. انهيءَ زماني ۾ چيتو، مانگر مڇ، گينڊو ۽ هاٿي بہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ ۾ هئا. اهي جانور اڪثر ٻيلن ۾ رهڻ پسند ڪن ٿا. انهيءَ ڪري ائين وسهڻ لاءِ سبب ٿئي ٿو ته اڳي سنڌ ۾ چوماسو چڱو ٿيندو هو، ۽ ٻيلا گهاٽا ۽ گهاٽا هوندا هئا. مهرن تي جيڪي ننڍين سڱن وارن ڍڳن ۽ ٻين جانورن جو شڪليون نڪتل آهن، تن مان ڪاريگرن جي نه رڳو ڪاريگريءَ جو ثبوت ملي ٿو، پر خاص ڪري ڍڳي جو ناتو شو ڀڳوان جي پوڄا سان سمجهڻ ۾ اچي ٿو، جو شو جا لنگ به هتان لڌا آهن. وڻن ۽ ٻاٽيءَ جي پوڄا جا اهڃاڻ به هتان ملن ٿا. ماڻهن کي لکڻ پڙهڻ جو هنر هو. سنڌن ڪمائيءَ جو مکيه رستو پوک ۽ ڏنڌو ڌاڙي هو. ڦيٿن سان گاڏيون به شايد هين جو اهڙا رانديڪا هٿ آيا آهن . انهيءَ ساڳيءَ سڀيتا جا اهڃاڻ ايران ۽ ميسوپوٽاميا طرفان مليا آهن. تنهن مان ظاهر آهي ته انهن پاسن سان خشڪيءَ توڙي سمنڊ جي رستي وڻج واپار سانگي لڙهه وچڙهه ۾ گهٽو ايندا هئا.

### مهن جي دڙي جي اهميت

سنڌ ۾ مهن جي دڙي ۽ پنجاب ۾ هڙاپا جي کوٽائي ٿيڻ کان اڳ آرڪيالاجيڪل کاتي وارن مصر ملڪ ۽ وچ ايشيا طرف اعليٰ درجي جي تهذيب جا اهڃاڻ معلوم ڪيا هئا ۽ اهڙو ڪو اهڃاڻ هندستان مان اڃان معلوم ڪونه ٿيو هون: انهيءَ سبب اهوئي اثر دلين تي ويٺل هون ته قديم مصر ملڪ ۽ وچ ايشيا طرف جي رهاڪن جڏهن اعليٰ درجي جي ترقي ڪئي هئي، تڏهن هندستان جي ماڻهن جي حالت جهنگلين يا اڻ سڌريلن کان گهٽو بهتر نه هئي. هينئر مهن جي دڙي مان جيڪي حقيقتون معلوم ٿيون آهن، تن دنيا جي وڏن وڏن عالمن جا ڪپاٽ کوليا آهن، ۽ اڳوٽي غلط فهمي هينئر بنهه دور ٿي ويئي آهي. ڪيترا عالم هينئر قبول ڪرڻ لڳا آهن ته اهو زمانو گذري ويو، جو قديم مصر ۽ قديم يونانين جي سڀيتا سيني کان آڳاٽي ليکي ويندي هئي. اهو وقت ويو، جو فرات ۽ نيل ندين جي ڪنني وٺ جيڪي ڪم ٿي گذريا، سي سڄيءَ دنيا ۾ آڳاٽا ليکبا هئا. هينئر پهريون نمبر اسان جي سنڌو ماتر سمجهڻ ۾ اچي ٿي، جنهن جي قديم سڀيتا انهن سيني هنڌن جي قديم سڀيتا کي شهه ڏيئي بيٺي آهي. هن مان هيڪاري ظاهر آهي ته قديم سنڌ جي ماڻهن پنهنجي سڀيتا جو پايو پاڙهي وڌو هو ۽ ٻين تان نقل ڪونه ڪيو هئائون. هن وقت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن ڪو دنيا جي تاريخ لکندو، تہ ڪيس ضرور پنهنجي سنڌ جي قديم سڀيتا جي ساک سان شروع ڪرڻي پوندي . تازو مسٽر ڊبليو. ايچ. موئر لنڊ ۾ بابو اٿلچندر چٽرجي قديم هندستان جي تاريخ ڇپائي پڌري ڪئي آهي، تہ شروع ئي سنڌو ماٿر جي قديم سڀيتا سان ڪئي اٿن. ٻين ڪن يورپي ۾ ڏيهي عالمن بہ ائين ڪيو آهي. هينئر ڪرڻو ئي ائين پوندو، جو مشرق جي سڀني ملڪن ۾ اڄ مهن جو دڙو وڏيءَ اهميت وارو هنڌ آهي.

## مصنف جو شخصي رايو

مهن جي دڙي ۾ هڙاپا مان جهڙيون مهرون هٿ آيون آهن، تهڙيون ساڳيون ميسوپوٽاميا طرف بہ هٿ آيون آهن، ۾ انهن مان ڪي عيسوي سن کان 3250 ورهيہ اڳ جون آهن. انهيءَ سبب سرجان مارشل جو چوڻ آهي تہ مهن جي دڙي جي تهذيب جي ڄمار پنج هزار ورهيہ آهي. جيڪڏهن ميسوپوٽاميا طرفان اٺ ڏهہ هزار ورهيہ اڳ جون مهرون هٿ اچن ها ۾ اهي مهن جي دڙي ۽ارين مهرن سان ملي اچن ها، تہ پوءِ خود سرجان مارشل چوي ها تہ ۽مهن جي دڙي جي سڀيتا بہ اٺ هزار ورهيہ اڳ جي آهي . مطلب تہ تهذيب جي ڄمار جو تخمينو لڌل مهرن تي ٻڌل آهي، جنهنڪري مصنف جي خيال موجب اهو تخمينو اجان پورو سمجهڻ نہ گهرجي. هن لاءِ ٻيو بہ سبب آهي.

سرجان مارشل ۾ ٻين آرڪيالاجيڪل کاتي وارن جو چوڻ آهي تہ مهن جي دڙي واري سڀيتا دراوڙ لوڪن جي آهي، جي آرين جي اچڻ کان اڳ هندستان ۾ هئا. اتهاسڪ (تاريخي) زماني جي احوالن ڏيندي، اسين ڪيترا حوالا ۾ سندون ڏيئي ڄاڻائيندا سون تہ مهاڀارت واري لڙائيءَ کي اڄ پنج هزارڪن ورهيہ ٿيا آهن جيڪڏهن مهن جي دڙي واري سڀيتا جي ڄمار بہ پنج هزار ورهيہ آهي، تہ چئبو تہ هن سڀيتا جا بانيڪار آريہ لوڪ هئا. جيڪڏهن سچ پچ اها دراوڙن جي سڀيتا آهي، تہ پوءِ چئبو تہ انهيءَ سڀيتا جي ڄمار پنج هزار ورهيہ نہ، پر ان کان ٻيٽي ٽيٽي آهي. انهيءَ سبب مصنف جو شخصي رايو آهي تہ جيستائين ڪي پڪيون پختيون ثابتيون نہ ٿيون ملن، تيستائين سڀيتا جي ڄمار ۾ بانيڪارن جي ڳالهہ حال لبيءَ ۾ رهڻ گهرجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1. سنڌيءَ ۾ 'ماهو' معنيٰ خون يا ڪوس. ڪٿي لٽ/لڳندي آهي ۽ ڪٿي ماڻهو اڪٽ مري ويندا آهن تہ چئبو آهي تہ 'ماهو' ساڳيءَ طرح جنگين ۽ زلزلن سبب بہ ماهو ٿئي ٿو. 'ماهو' جو ڌاتو يا بنياد آهي سنسڪرت لفظ 'مش' معنيٰ ڪهڻ يا ناس ڪرڻ. پراڪرت ۾ ان جو اچار آئي 'مهہ' سنڌيءَ ۾ چئون 'مهو- ماهو' ان جو ڦيرو ڪبو تہ عام صورت واحد ۾ چئبو 'مهي- ماهي'، جمع 'مهن - ماهن، پر مهين' بہ چئبو آهي: انهيءَ سبب 'مهن جو دڙو' معنيٰ مات يا خون ٿيلن جو دڙو( Mound of the Killed )

2.'تحفتہ الڪرام' موجب برهمڻ آباد، پنبور ۽ ٻيا شهر عيسوي اٺين صديءَ جي وچ ڌاري ويران ٿيا هئا.

3. Dr. Seniti Kumar Chatterji: Modern Review, December, 1924

4. Mr.Bannerjee, one of the greatest scholars that India has ever produced, at once realized the great importance of that discovery (at Mohen Jo Daro). The civilization, the relics of which so accidently came into his hands, was totally unknown civilization, not only in India, but all over the world. That was the beginning of the discovery of a new period in the history of man. Rev H Heras: Journal of Indian History. April 1937 p

5.فادر هٿرس جو چوڻ آهي تہ پاڻ اهي لکتون سمجهي سگهيو آهي ، پر جيڪي ڪجهہ سمجهيو اٿس سو برابر آهي يا نہ تنهن ڳالهہ جي تصديق اڄ تائين ڪنهن ڪانہ ڪئي آهي . ڏسو ڪتاب ' قديم سنڌ' ص 76 77 هيٺان انگريزي نوٽ.

6. The Journal of Indian History, vol V 1926, pp 101-106

7. These well-chiseled bricks, however, differ conspicuously from any used during the historic period in India. Sir John Marshall.

8. In the Gaj beds of the Khirthar Range, near the top of the ground, gypsum of tolerable purity is abundant and is not infrequently found in beds three to four feet thick. Mr. W.T. Branford: Geology of Western Sind p.195.

9. "The construction of these buildings is far superior to anything of the kind in later India. Sir John Marshall: Illustrated London News, Feb, 27. 1926.

10. "The fact that the city was built of burnt brick, an expensive commodity, argues that those who lived within it were a prosperous people." Mr. Ernest Mackay: Mohen Jo Daro and the Indus Culture.

11. Mr. Branford: The Manchester Guardian, January 1932.

12."Sewage and arrangement of drains are complicated and yet so perfect that any modem town will really be proud of having. "Mr. A.S. Iyenger: The Hindustan Times, 21st February. 1932.

13."The drainage system in particular is extraordinarily well developed. Every street and alley-way and passage seems to have had its own covered conduit of finely chiseled brick, laid with a precision which could hardly improve upon." John Marshall: The Illustrated London News, Feb27, 1926.

14.The gold ornaments are so well finished and so highly polished, that they might have come out of a Bond Street Jeweler rather than from a prehistoric house of 5,000 years ago." Sir John Marshall: The Illustrated London News .Feb. 27, 1926.

15 The Modern Review. November 1927, p. 559.

16 Mohan-Jo-Daro and the I.C.Vol. I, p.34

17.Sir John Marshall: Mohan Jo Daro and Indus Civilization Vol I p36-37

18. Sir John Marshall: Mohan-Jo-Daro and Indus Civilization Vol I. p395

(19) سرجان مارشل: موهن جو دڙو ديباچو، ص 6

20. A marvellous culture surpassing in many respects the splendor of Egypt and Mesopotamia. Sir John Marshall.

21. Sind Observer, Karachi, Wednesday 27 October, 1937, p7

22. مثلاً ڪشمير ۽ پنجاب جي الهندي پاڪي ڪان وٺي سنڌ تائين 'اسين' ۽ 'تسين' ضميرن ڪم آڻڻ جو رواج آهي مگر اتر هندستان ۾ ٻين هنڌ 'هم' ۽ 'تم' چون ٿا. هي هڪ تمام مکيہ ڳالهہ آهي. (مصنف)

1. Memoir of the Archaeological Survey: Survey of India No. 31, p.5.

1.The consequence deduced by Sir John Marshall after the study of the Mohan Jo Daro remains that this civilization probably is Dravidian is now fully confirmed by the decipherment by the present writer of about 1800 inscriptions found in all these sites. Rev. H.Heras: Journal of Indian History, April 1937 .



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 8. مهن جو دڙو

## دوارڪا پرساد شرما

هيءُ دڙو، لاڙڪاڻي شهر کان اٽڪل پنجويهه ميل اوڀر ۽ ڏوڪري اسٽيشن کان اٽڪل ست ميل اوڀر طرف آهي

مسٽر رکلداس بئنرجي 1918ع کان 1922ع تائين ڏکڻ پنجاب، بيڪانير، بهاولپور ۽ سنڌ ۾ سڪندر اعظم جي زماني جي بارهن ٺنين جي تلاش ڪري رهيو هو. يوناني مؤرخن جو چوڻ آهي ته سڪندر اعظم عيسوي سن کان 326 سال اڳ فيبروري واري مهيني ۾ اٽڪ کان سورهن ميل مٿي، يعني اسان جي پراچين سنڌ جي اتر واري خيبر دڙي کان لنگهي، پنجاب تي ڪاهيو. هن پراچين سنڌ جي اتر وارو سڄو حصو پنهنجي قبضي ۾ ڪيو. مگر راوي نديءَ تائين پهچڻ ڪانپوءِ هن جي فوج دل شڪستي ٿي پيئي. هن کي معلوم ٿيو ته جنهن وقت مان راوي ندي لنگهي پار ڪندس، تنهن وقت مونکي مگڌ جي راجائن سان موتمار مقابلو ڪرڻو پوندو. انهيءَ هرندي به هن پنهنجي فوج کي همٿائي اڳتي وڌڻ لاءِ گهڻو ئي پاڻ پتوڙيو، مگر سندس لشڪر پڙ ڪڍي بيهي رهيو. لاچار سڪندر کي پنٺي موٽڻو پيو. واٽ تي ڪيس سنڌ جي مولي قوم جي ڪيترين سان مقابلو ڪرڻو پيو ۽ سڪندر اعظم ذري گهٽ انهن سنڌي ڪيترين هٿان خون ٿيڻ کان بچي ويو.

هتي مونکي فقط ايترو لکڻو آهي ته پنهنجي فتح جي يادگيريءَ ۾ بقول يوناني مؤرخن، هن راوي نديءَ کان وٺي سنڌونديءَ جي چوڙ تائين بارهن ٺنيا نهرايا هئا، جن تي چيو وڃي ته يونانين ۽ هندن جا اکر اُڪريل هئا، انهن ٺنين جي تلاش ۾ مسٽر رکلداس بئنرجيءَ کيرٿر جبل جي تر کان وٺي سنڌونديءَ تائين جيڪب آباد، سکر ۽ لاڙڪاڻي ضلعي ۾ اٽڪل ستاويهن وڏن شهرن ۽ ٿيونجاهه ننڍن ڳوٺن جي ڦٽل کنڊهرن جي کوٽائي ڪئي. پراچين وستو وگيانين(Archaeologists) جو چوڻ آهي ته "اهي کنڊهر ٻڌ زماني جا شهر آهن" (1). مسٽر رکلداس بئنرجي جي راءِ آهي ته عيسوي سن 158-177 جي زماني ۾ ڪشن خاندان جي چڪرورتي راجا واشديو جي حڪومت ۾ اهي سنڌ جا شهر ڦٽي ويا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مطلب تہ سڪندراعظم جي ٽنين جي ڳولا ڪندي مسٽر بئنرجي مهن جي دڙي جي مٿان ٻيهنل هڪ ٻڌ ڌرمين جي عاليشان مڙهي تي اچي بيٺو. مڙهيءَ جي کوٽائي ڪندي سندس تعجب جي حد ان وقت نہ رهي جنهن وقت ڪيس اتان پٿر جا ڪپ هٿ آيا، جي عيسوي سن کان بہ اٽڪل اڍائي يا ٽي هزار سال اڳ جا هئا. ان وقت ڏسجي ٿو تہ سنڌواسي پٿر جي نهيل تيز ڪپن کان وڍڻ جو ڪم وٺندا هئا.

پٿر جي ڪپن ڪانسواءِ مسٽر بئنرجيءَ کي رڳو رواجي ريت زمين جي کوٽائي ڪندي هزارين سالن جا جهونا ٺڪر جا ٽانوَ بہ نظر آيا. مسٽر بئنرجيءَ کي اهو خواب خيال ئي ڪين هو تہ ”جنهن هنڌ جي مٿان مان بيٺو آهيان ان ۾ اٽڪل پنج هزار سالن کان اسان جي پراچين ڀارت ورش جو چمڪندڙ اِتهاسڪ خزانو لڪو پيو آهي.“

هاڻي ڏسڻ گهرجي تہ هن مٿل ماڻهن جي دڙي يعني ’مهن جي دڙي‘ سان سچ پچ ڪو اتهاسڪ واقعو ڳنڍيل آهي يا نہ. ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي تہ اها ڳالهہ ممڪن آهي تہ راجا دلوراءِ جي ڏينهن ۾ بہ هي شهر آباد هجي، ڇاڪاڻ تہ ان ۾ پوئين زماني جي ٻڌ ڌرم جي هڪ وڏي مڙهي بہ مٽئين تهہ تي موجود هئي، پر جيڪڏهن انهيءَ افواهي ڳالهہ کي اتهاسڪ ڪسوٽيءَ تي ڪسيو ويندو تہ اها ڳالهہ بنهہ بي بنياد پيئي نظر ايندي، ڇاڪاڻ تہ هن ڪنڊهڙ جي کوٽائي ڪندي سواءِ ٻن ٽن هنڌن جي ٻئي ڪنهن بہ هنڌان ڪنهن حادثي ۾ مري ويل ماڻهن جا هڏا نہ لڌا ويا آهن. جيڪڏهن عام ماڻهن جي چوڻ موجب راجا دووراءِ جي ظلمن سبب هڪ ئي رات ۾ طوفان لڳڻ ۽ ڌرتي ڏٻڻ تي هيءَ وسندڙ سهڻو شهر غرق ٿي ويو هجي تہ هوند ان جي هر ڪنهن گهر، گهٽي ۽ پاڙي مان اڻ پوريل لاش نظر اچن، پر هتي اهڙي ڳالهہ نظر ڪانہ ٿي اچي.

سن 1925ع ۽ 1926ع ۾ هن ڪنڊهر جي کوٽائي ڪندي مسٽر هارگريوز ۽ مسٽر ونس هڪ وڏي ڪمري مان چوڏهن ۽ هڪ گهٽيءَ مان ڇهن ماڻهن جا لاش هٿ ڪيا، انهن لاشن ۾ يا تہ زالون يا ننڍا ٻار هئا، جن جي حالت تمام خراب هئي. انهيءَ مان انومان ٿو نڪري تہ هو ڪنهن حادثي جو شڪار ٿيا هوندا. شهر جي ٻئي حصي ۾ کوٽائي ڪندي ٻيا بہ انساني هڏن جا پڃرا لڌا ويا، جن مان هڪ دلچسپيءَ کان خالي نہ هو. اهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماٺوهڪ گهٽيءَ ڪان ڪوهه ڏانهن ويندڙ ڏاڪڻ جي منهن وٽ ڪريا پيا هئا! ٻي هڪ عورت جو لاش لڌو ويو، جنهن گهٽيءَ کي پار ڪيو هو، مگر ڏاڪڻ جي اڌ تي مري ويئي هئي.

اول ڪن ودوانن جو رايو ظاهر ٿيو ته هن شهر ۾ شايد ڪا زبردست وچڙندڙ بيماري ٿي هوندي، پر پوءِ هن انومان کي گهٽي پشت ڪانهه ملي سگهي ۽ اهي ودوان آخر انهيءَ راءِ تي پهتا ته ڪنهن وقت هن شهر تي دشمنن ڪاهه ڪئي هوندي. بلوچستان جو ملڪ 'مهن جي دڙي' کان اٽڪل چاليهه ميلن جي مفاصلي تي آهي. ممڪن آهي ته انهيءَ ملڪ جا لڙاڪ ۽ جنگ پسند ماٺهو هن شهر تي ڪنهن مهل ڪاهي آيا هجن، ۽ هنن ڪن ماٺهن کي قتل ڪيو هجي.

مٿين دشمنن کان سواءِ مهن جي دڙي جو وڏو دشمن سنڌوندي هئي. هن وقت درياهه انهيءَ ڪنڌڪان اٽڪل ساڍا ٽي ميل پري اوڀر کان ٿو وهي، مگر ڪنهن وقت ساڳيودرياهه هن شهر جي ويجهو وهندو هوندو. مان 'سنڌ جي پراچين اتهاس' جي پهرئين ڀاڱي ۾ لکي آيو آهيان ته مهن جي دڙي واري سڀيتا جي زماني ۾ سنڌ اندرسخت برسات پوندي هئي ۽ اها برسات مهينن جا مهينا هلندي هئي. انهيءَ ڪري به ممڪن آهي ته هڪ طرف اونهاري ۾ برف جي ڳرڻ سبب ۽ ٻئي طرف برسات پوڻ سبب درياهه جي اٿل ٿيندي هوندي، جنهنڪري شهر جو ڳپل ڀاڱو برباد ٿي ويندو هوندو.

انهيءَ کان سواءِ ڪي نشانيون اهڙيون به ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، جن مان معلوم ٿو ٿئي ته هن شهر ۾ ڪنهن مهل ڌرتي به ڌٻي هوندي. سنڌ جي اتهاس مان معلوم ٿو ٿئي ته ڪنهن وقت هتي ڌرتي ڌٻڻ جا گهڻا واقعا ٿيندا هئا. سن 962ع ۾ سنڌ اندر هڪ سخت زلزلو ٿيو هو، جنهن ۾ سنڌوندي پنهنجو رخ بدلائي ويئي ۽ الور جو شهر ناس ٿي ويو. 1819ع ۾ سنڌ اندر اهڙو ته موتمار زلزلو ٿيو، جو سنڌ ۽ ڪڇ جي رڻ جي گهٽي صورت بدلجي ويئي.

انهن سيني اتهاسڪ ثابتين تي اسين سمجهي سگهون ٿا ته ماٺهن، سنڌ جي هن اتهاسڪ ڪنڌر کي مهن جو دڙو يعني قتل ٿيل ماٺهن جي ڍير جو نالو ڇو ڏنو. باقي انهيءَ ڳالهه نسبت مان يا ڪو به



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ودوان پنهنجو مقرر ڪيل آخرين فيصلو نٿو ڏيئي سگهي ته آخري دفعي مهن جي دڙي جي برباد ٿيڻ جو ڪهڙو ڪارڻ آهي. ڊاڪٽرمئڪي جو رايو آهي ته، ممڪن آهي ته ٽيون دفعو جيڪا ٻوڏ ٿي، اُنهيءَ ڪري هيءُ شهر ناس ٿيو ويو ۽ عيسوي سن 200 تائين اهو شهر ڪنڊهر جي صورت ۾ رهيو. ان ڪان پوءِ وري ٻين پاڙيسري قومن اچي هن شهر کي وسايو هوندو.

مهن جو دڙو، هڙاپا جي ڪنڊهر ڪان ننڍو آهي. سندس پکيڙ اٽڪل ٽيرهن ايڪڙ ٿيندي. سن 1933ع تائين کوٽائي ڪندي هڪ ٻئي جي هيٺان ست شهر ڏٺا ويا، جنهن مان اهو انومان ڪڍيو ٿو وڃي ته هڪ دفعي شهر جي ڦٽڻ ڪان پوءِ اتي جي رهاڪن وري ڦٽل شهر جي مٿان ٻيو شهر وسايو آهي. ممڪن آهي ته انهن هڪ ٻئي جي مٿان اڏيل ستن شهرن جي هيٺان کوٽائي ڪرڻ تي ڪن ٻين شهرن جا به نشان ملن، مگر سڀ ڪان هيٺئين شهر جي کوٽائي ڪندي زمين مان پاڻي نڪري آيو، جنهن ڪري کوٽائي ڪندڙن هيٺين تهن جي کوٽائي بند ڪري ڇڏي.

هڪ ٻئي جي هيٺان جن ستن شهرن جي کوٽائي ڪئي ويئي آهي، انهن کي ٽن جدا جدا زمانن ۾ ورهايو ٿو وڃي. سڀ ڪان مٿين ٽن شهرن جا تهه ويچهي زماني جاآهن، انهنجي هيٺ وارن ٽن شهرن جا تهه وچين زماني جا سڏيا ٿا وڃن.مگر سڀ ڪان هيٺئين شهر جو تهه بلڪل جهوني زماني جو آهي. مٿين ٽن ٽن شهرن جي تهن کي عيسوي سن ڪان اٽڪل اڍائي هزار سال اڳ جو ۽ سڀ ڪان هيٺين شهر کي عيسوي سن ڪان اٽڪل ٽي هزار سال اڳ جو جهونو سمجهيو ٿو وڃي.

مهن جي دڙي جي کوٽائي ڪندي سڀ ڪان اڳ ٻڌ ڌرم جي هڪ عاليشان مندر جو ڪنڊهر مليو جو درياهه جي تر ڪان اٽڪل ستر فوٽن جي اوچائيءَ تي هو. مندر جي کوٽائي ڪندي معلوم ٿيو ته اهو هڪ بناوٽي ننڍوي مناري جي مٿان ٺهيل هو، جو منارو پڪين سرن مان تيار ٿيل هو. مندر جي دروازي اڳيان هڪ ٽنين جو هال هو. مندر جي چوگرد مڙهين جي ڍنگ جون ڪيترون جهڳيون ٺهيل هيون، جن ۾ شايد انهيءَ مندر جا پوڄاري ۽ ٻڌ ڌرمي ڀڪشو (سنياسي) رهندا هئا. انهن جڳهين جي وچ ۾ هڪ وڏو نل ٺهيل هو. مندر ڏانهن ويندڙ لنگهه واري پٽ ڪان به ننڍيون



www.sindhsalamat.com - books.sindhsalamat.com

ڏاڪٽيون هيون، جن مان هڪ اتر ۾ هڪ ڏڪڻ ڏانهن تي ويئي. بنهه اولهه ۾ هڪ ننڍو ڪمرو هو، جنهن ۾ مٽيءَ جي نهيل ٻڌ ڀڳوان جي مورت رکيل هئي. ڪن جو چوڻ آهي ته بنياد ۾ اها مٽيءَ جي مورتي هڪ سوني ورق ۾ ويڙهيل هئي. ٿل واري ٽلهي جي پاسن کان رک نظر آئي، جنهن مان انومان ڪڍيو ٿو وڃي ته شايد مندر کي ڪنهن وقت باهه لڳي هئي. ٿل ڪچين سرن جو نهيل مگر اونهو هو. ڪنهن وقت ان ۾ ڪي يادگار شيون پوريل هونديون، جن کي ملڪيت سمجهي آسپاس جي ماڻهن وٺي ڪوٺيو هوندو. ٻڌ زماني جي اتهاس پڙهڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته مهاراجا اشوڪ، گوتم ٻڌ جي هانين تي هندستان جي ڪيترن مختلف هنڌن ٻڌ ڌرم جا مندر نهرايا هئا. ممڪن آهي ته مهن جي دڙي جي هن ٻڌ ڌرمي مندر ۾ به ٻڌ ڀڳوان جون ڪي هانيون پوريل هجن. مسٽر رکلداس بئنرجي هڪ اڇي سنگ مرمر جي ننڍي پيتي ۾ ان جو مٽيون ڪوڏ جي کل وارو ڍڪڻ هٿ ڪيو هو، جو انهيءَ ٿل کي ڪوٽي ملڪيت هٿ ڪندڙن جي نظر کان بچي ويو هو. (2). ٿل جي ٽلهي هيٺان رک جو تهه جميل ڏسڻ ۾ آيو، جنهن مان اهو انومان ٿو نڪري ته اهو مندر، ڪنهن جهوني مندر جي ڪنڊهر مٿان ٺاهيو ويو هوندو. انهيءَ ٿل ۾ جيڪي تصويرون ۽ چٽسالي ڏني ويئي، سا هوبهو وچ ايشيا ڪنڌ جي ڪنڊهرن مان ڳولي لڌل مندرن جهڙي هئي، جي سر آريل اسٽين ڳولي ڪڍيا هئا. تصويرن جو رنگ برابر سترهن سو سال اُس ۾ مينهن جون جهڙپون سهندي به خراب نه ٿي سگهيو هو، جنهن مان ثابت ٿو ٿئي ته اٽڪل عيسوي سن 200 ڌاري جنهن وقت اهو ٻڌ ڌرمي مندر ٺاهيو ويو هو، تنهن وقت سنڌ جي ڪاريگري ڪماليت کي پهتل هئي.

مهن جي دڙي تي سرسري نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو ته هتي جون بزاريون نهايت ڪشاديون ۽ گهٽيون بلڪل سڌيون هيون. انهيءَ مان ظاهر آهي ته مهن جي دڙي ۾ ان وقت حڪومت جي طرفان شهر جي اڏاوت ۽ جوڙجڪ مٿان ڪافي نظرداري رکي ويندي هئي، جيئن اڄ ڪلهه جي مهذب مغربي ملڪن ۾ اٽڪل ڇهه هزار سال اڳ بيبيلونيا ۾ ڪيو ويندو هو. هڪ گهٽي جا اتر کان ڏکڻ ڏانهن تي وڃي، اٽڪل اڌ ميل ڊگهي ۽ اٽڪل ٽيٽيهه فوٽ ويڪري آهي. ممڪن آهي ته اها گهٽي مهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي دڙي جي هڪ مکيہ گهٽي هجي ۽ اُن مان هڪ ئي وقت جهجهي آمدورفت ٿيندي هجي. ڪي گهٽيون ٽيرهن چوڏهن فوٽ ويڪريون آهن، مگر ننڍيون گهٽيون بہ نون ڪان ٻارهن فوٽ ويڪريون آهن جنهن مان ظاهرآهي تہ ان وقت جي سنڌين کي آمدرفت جي رستن کي هوادار ۽ روشن رکڻ جي اهميت ۽ ضرورت جي ڪافي سمڪ هئي. انهن سيني ڳالهين هوندي بہ ڪنهن گهٽيءَ يا بزار يا رستي کي فرش لڳل نہ ڏنو ويو، جنهن مان ثابت آهي تہ ان وقت ماڻهو ڪچي زمين تي هلندا هئا. هڪ گهٽيءَ ۾ اڌ پڪل سرن جا ٽڪرا وڇايل آهن، جنهن مان انومان ڪڍيو ٿو وڃي تہ شهرواسين گهٽين جي رستن کي پڪي ڪرڻ جو شايد تجربو ٿي ڪيو، مگر هو ڪامياب ڪين ٿيا.

تنگ ۽ ننڍيون گهٽيون، ڪشادين گهٽين کان وڌيڪ ڏنگدار ۽ سهٽيون آهن، انهن جي پاسن ۾ بيٺل جڳهيون هزارن سالن جي برساتين ۾ بيٺ آفتن سهڻ ڪانپوءِ بہ گهٽي قدر چڱي حالت ۾ ڏسڻ ۾ پيئون اچن، مگر ڪشادين گهٽين جي مڪانن جي اها حالت نہ آهي. مڪانن جون ڪندون گنل ۽ ڪن هنڌ ماڳهين گول پيئون نظر اچن، جنهن مان اهو انومان ڪڍيو ٿو وڃي تہ وراڪن واري هنڌ تان بار جون گاڏيون يا جانور جڳهين سان نہ ٽڪرن، انهيءَ ڪري ٿي مڪانن خون ڪندون عراق سيپتا جي اُر (Ur) نالي شهر وانگر گول رکيون ويئون آهن.

هڙاپا توڙي مهن جي دڙي جون گهڻو ڪري سڀ جڳهيون پڪين سرن سان ٺهيل آهن، سواءِ ڪن جڳهين جي پيڙهين ڪان. انهن پيڙهين يا بنيادن ۾ اڌ پڪل ڪچون سرون وڌل آهن؛ انهن سرن جي صورت اڄ ڪلهہ جي سرن جهڙي آهي، باقي ڪوهن جي مهن ۽ ونگ ناهڻ لاءِ گول سرون ڪتب آيل آهن. سرن جي پتين کي مٽيءَ جي گاري سان لتو ويندو هو. باقي گهر جي اندرين پتين کي يا تہ اٿين ئي ڇڏيو ويندو هو يا تہ ڪن هنڌن انهن کي رنگ هنيو ويندو هو. ڪسين جي اڏاوت ۾ گهٽوڪري چن ۽ ريتي گڏي ڪم آندل آهي(3). پڪي سرن جي مڪانن نهرائڻ مان اها ڳالهہ صاف ظاهر ٿي ٿئي تہ انهيءَ زماني ۾ يعني اٽڪل پنج ڇهہ هزار سال اڳ گهٽي برسات پوڻ سبب سنڌ جي هوا گهٽي قدر گهميل هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهن جي دڙي گھمندڙ ماڻهوءَ کي اتي جي مڪانن جي صفائي سادگي ڏسي حيراني وٺي ويندي. اها سادگي انهيءَ زماني جي سميرين سيپيتا وارن شهرن جي مڪانن ۾ نظر ڪانہ ايندي جتي پتين کي پلستر ۽ بيئي سينگار جي شين سان سٽيو ويو آهي. ممڪن آهي تہ مڪانن جي مٿئين ڀاڱي يعني ماڙين ۾ ڦولدار سرن ۽ ڪاٺ جي چيز ۽ ٽڪ جو ڪم ٿيل هجي، پر اهي سينگار جون شيون شايد گھڻو وقت اڳ زبون ٿي ويئون.

مهن جي دڙي جي گھٽين ۾ موجود گھٽين جڳهين ۾ روشندان ڏسڻ ۾ ڪين اچن ۽ گھرن جا دروازا بلڪل ننڍا آهن، انهيءَ ڪري انهن ۾ ڪافي روشني موجود ڪانہ هوندي. اهوحال گھڻو ڪري انهن جڳهين جو آهي جيڪي تمام وڏيون آهن. گھڻي خيال بعد ودوان انهيءَ راءِ تي پهتا آهن تہ انوقت جا ماڻهو پنهنجي ملڪيت تمام لڪل جڳهين ۾ ڳجهيون رکندا هوندا. شهر جدا جدا محلن جي صورت ۾ ورهايل آهي، جنهن ڪري رات جي وقت انهن تي چڱي چوڪسي رکي سگهبي هوندي. مهن جي دڙي جهڙي هڪ اهم شهر ۾ سياويڪ ناٺو گھڻو هوندو ۽ ان ۾ چورا ڪاريءَ جو ڊپ بہ گھڻو هوندو.

جڳهين جي وچ ۾ گھڻو ڪري هڪ هڪ فوٽ زمين ڇڏيل نظر ٿي اچي، جنهن مان اهو انومان ٿو نڪري تہ وچ وارين پتين تان شهر وارن جا پاڻ ۾ تڪرار وڌيل هئا. نيٺ اهو اصول عمل ۾ آندو ويو تہ هر هڪ جڳهہ جو مالڪ پنهنجي گھر جون پتيون پاڻ ٺهرائي. البت انهن پتين جي منڍ ۽ ڇيڙ کي اهڙيءَ ريت بند ڪيو ويو آهي جيئن ڪاٺ هٽندڙ چور انهن سنهين وچوٿين وارين گهٽين ۾ لنگهي گھرن کي ڪاٺ نہ هڻن.

پتين جي ٿولهہ مان سمجهڻ ۾ ٿو اچي تہ گھرن توڙي عام جڳهين جي مٿان بہ يا ٻن ڪان مٿي ماڙيون نهيل هيون، چتين ۾ منگهن جو ڪم ڏيندڙ ڪي چورس ٺنگ بہ نظر اچن ٿا. ماڙين تائين پهچڻ لاءِ ڪن جڳهين ۾ ڏاڪڻيون اجا بہ صحيح سلامت ڏسڻ ۾ پيئون اچن. ڪن گھرن ۾ ڏاڪڻيون بنهہ نظر نٿيون اچن، جنهن مان سمجهجي ٿو تہ ڪن موقعن تي گھرن ۾ ڪاٺ جون ڏاڪڻيون ڪم آنديون وينديون هونديون، جي ڪجھ وقت ٿيو تہ ناس ٿي ويئون آهن. زمين جي سرفي ڪرڻ لاءِ هھڙي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهاٽي وسندڙ شهر ۾ سوڙهن ڏاڪن واريون ڏاڪڻيون نظر پيئون اچن. ڪن گهرن ۾ تہ پندرهن فوٽ ڊگهيون مگر پنج انچ ويڪريون ڏاڪڻيون بہ ڏسڻ ۾ آيون! هڪ شاهوڪار جي عاليشان عمارت ۾ وڏي ڏاڪڻ بہ ڏسڻ ۾ آئي. برسات جي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ ڪڍن ڪي ڪن هنڌ ڪاٺ ۽ ڪن هنڌ ٺڪر جا نيسارا لڳل هئا، جيئن اڄ ڪلهہ سنڌ جي گهڻن پاڳن ۾ نظر ايندو آهي.گهرن جون ڇتيون سڌيون آهن.

اها خبر ڪانہ ٿي پوي تہ مهن جي دڙي ۾ گول ٿنيا ٺهرايا ويندا هئا يا نہ. هن وقت تائين ڪنهن بہ جڳهہ ۾ گول ٿنيو نظر نہ آيو آهي. هڪ جڳهہ ۾ چوڪنڊي ۾ ٿنيا نظر آيا. هيڏانهن بيبيلونيا ۾ گول ٿنيا عام جام ڏسڻ ۾ ٿا اچن. عجب آهي جو عيسوي سنہ کان ٽي هزار سال اڳ مهن جي دڙي وارن جو بيبيلونيا سان واپاري سنبنڌ هوندي بہ سنڌواسين اتي جي گول ٿنين کي پنهنجي ملڪ ۾ چالو نہ ڪيو. ڪو ائين چوي تہ سنڌ واسين کي گول ٿنين ناهڻ لاءِ اڏ گول سرن جي ناهڻ جي خبر ڪانہ هوندي، سو نہ آهي. پراچين سنڌ واسي کوهن ٺهرائڻ مهل اهڙيون سرون ڪم آڻيندا هئا، هيڏانهن مهن جي دڙي مان پٿر جا گول چڪرا هٿ آيا آهن، جي گول ٿنين ناهڻ ۾ مدد ڪن.

نهايت سهڻي نموني جا تڏا پڻ لڌا ويا، جي ڇتين اڏڻ جي ڪم آندا ويا ٿا ڏسجن. ڪن شاندار گهرن جي فرشن ۾ بہ اهڙا تڏا ڪم آندا ويا آهن. باقي غريب ماڻهن جي گهرن جا فرش ڪچا نظر ٿا اچن، جن تي ڳانءِ جي ڇيڻي جو ليپو لڳايو ويندو هو. ڪن گهرن ۾ جارا بہ نظر آيا، جن ۾ شايد ڪاٺ جا ڪٻٽ لڳايا ويندا هئا. ڪيترن گهرن مان ٺڪر جون گنديون لڌيون ويئون جن ۾ شيون رکيون هيون. اهڙيون ڪچيون گنديون اڄا تائين سنڌ جي ٺلهين ڳوٺن ۾ ڪتب اينديون آهن. ڪن گهرن ۾ جانورن جي کلن ۽ هڏن جون پيتيون بہ ڏٺيون ويون. ڪن گهرن مان اسٽول لڌا ويا، جن جون ٽنگون ايجپٽ جي ڪنڌهرن مان لڌل ڍڳي جي ٽنگن جهڙيون هيون.

جيوٽيڪ عام ريت گهر جي اڱڻ ۾ ڪاڏو تيار ڪيو ويندو هو، مگر ڪن گهرن ۾ جدا رنڌڻا بہ نهيل آهن. هڪ وڏو عاليشان رنڌڻو ڏٺو ويو، جنهن ۾ ڪانين رکڻ لاءِ ٿلهو ۽ ڪاڏي لاءِ چلهيون بہ سالم هيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رنڌڻي ۾ ڪي نڪر جا ڪنا ۽ پاٽيون زمين ۾ ڪتل هئا، جن ۾ شايد خراب پاڻي وڃو ويندو هوندو. انهن ڪنن ۽ پاٽين کي هيٺان سنهو تنگُ هو جنهن مان گندو پاڻي ٻاهر وهي ويندو هو. انهيءَ ڪانسواءِ گهٽو ڪري هر ڪنهن گهر کي پنهنجي جدا سنان ڪوٺي آهي، جا گهٽيءَ جي پاسي ڪان نهيل آهي، انهيءَ لاءِ ته سنان جو پاڻي سولائيءَ سان گهٽيءَ جي ڪسيءَ ۾ وهي وڃي. ڪاڪوس به سنان جي ڪوٺين جي پرسان نهرايا ويندا هئا. ڪن جڳهين ۾ پائخانه هيٺ آهن، ڪن ۾ مٿي. ڪڏن تان گندي پاڻيءَ جو نيسارن رستي اهڙي ريت نيڪال رکيو ويو هو، جو گهٽيءَ مان لنگهندڙ ماڻهن تي هڪ ڦڙو به پئجي نه سگهي. مهن جي دڙي وارن کي ڪسين جي نهرائڻ جو نهايت فخر هو. هنن اهڙي ته سٺي نموني جون ڪسيون نهرايون آهن، جنجي سرن جي ڳنڍ جي هن وقت به خبر پئجي نٿي سگهي. سنان جي ڪوٺين ۾ فرش لڳل هئا ۽ فرش ڪنهن هڪ ڪنڊ ڏانهن جهڪيل هو، جيئن سنان جو پاڻي انهيءَ ڪنڊ کان ڪسيءَ ۾ وهي وڃي، ڪنهن نه ڪنهن گهر ۾ سنان ۽ پائخانه جي هڪ ئي ڪسي هئي. ڪن گهرن ۾ نڪر جا پائيپ هئا، جن کان ڪسين جو ڪم ورتو ٿي ويو.ڪن گهرن ۾ مانين پچائڻ لاءِ ٻنيون به ڪم آنديون ويندڻيون هيون، انهن ٻنين کي ڪاٺين جي باهه سان گرم ڪيو ويندو هو. ڊاڪٽر وولي جو چوڻ آهي ته انهيءَ زماني ۾ ميسوپوٽاميا ۾ به ساڳين ٻنين کان روٽي پچائڻ جو ڪم روتو ويندو هو. ڪن گهرن ۾ جانورن جي ڪاڏي جا برتن به لڌا ويا آهن. وڏن گهرن کي ڪيترن پاڳن ۾ ورهايو ويندو هو، جنهن مان ظاهر آهي ته ان وقت وڏيون وڏيون آڪهيون پاڻ ۾ گڏ رهنديون هيون ۽ گڏ هڪ ڪٽنب جو رواج چڱيءَ پر چالو هو. ڪن گهرن ۾ شايد آڪهه جي وڏڻ سبب ڏيتيون به ناهيون ويندڻيون هيون، جن تائين پهچڻ لاءِ جدا جدا ڏاڪڻيون هونديون هيون.

مهن جي دڙي جي ڪسين جو ڍنگ ۽ جوڙجڪ قابل فخر ۽ مڪمل آهي. انهن جهڙي جوڙجڪ خود ميسوپوٽاميا يا مصر ۾ به ڏسڻ ۾ نه ايندي آهي. يورپ ۾ ته اوڻهين صديءَ تائين به اهڙيون ڪسيون نه ناهيون ويئون(4). مسٽر اي. ايس. آينگر لکيو آهي ته حودين ۽ ڪسين جي جوڙجڪ تي ڪهڙي به هاٽوڪي شهر کي فخر ٿي سگهي ٿو (5). خاص



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوهہ ڏسڻ ۾ ٿو اچي ۽ ممڪن آهي تہ اهو تلاءُ انهيءَ ڪوهہ جي پاڻيءَ مان پربو هجي. تلاءَ جي اتر ۾ اٺ سنان جون ڪوٺين تي سهٽو فرش لڳل آهي. اهي اهڙي تہ عجيب ڪاريگريءَ سان ٺهيل آهن جو ٻاهرئين ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي اندر نظر نہ پوي، انهن ڪوٺين جي مٿان وري ماڙيون ٺهيل آهن، جن مان اهو انومان ڪڍيو پيو وڃي تہ شايد سنان جون اهي ڪوٺيون مندر جي پروهتن جي رهڻ واسطي ٺاهيون ويئون هونديون، جي خانگي ريت مٿان ماڙيءَ تان لهي اچي هيٺ سنان ڪندا هوندا. انهن ڪوٺين جي وچ ۾ پروهتن جا نوڪر رهندا هوندا جي سندن سنان وغيره لاءِ پاڻي پريندا هوندا. انهن ڪوٺين جي ڏکڻ ۾ بيدي جي صورت جهڙو هڪ ڪوهہ نظر ٿو اچي، شايد انهيءَ ڪوهہ مان ئي پروهتن لاءِ پاڻي پريو ويندو هوندو. هن شاهي سنان جي تلاءَ ۽ هر هڪ گهر ۾ موجود سنان جي ڪوٺين مان صاف ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ، ان وقت سنڌ واسي سنان ڪرڻ بلڪل ضروري سمجهندا هئا، مگر جنهن صورت ۾ هر ڪنهن گهر ڪي پنهنجون سنان جون ڪوٺيون هيون، تنهن صورت ۾ ائين سمجهيو ٿو وڃي تہ انهيءَ تلاءَ تي ڪن خاص ڌرمي ڏينهن تي سنان ڪيو ويندو هوندو. شايد ان وقت جا سنڌي درياهہ شاهہ جا پوڄاري هوندا، جاڪاڻ تہ ورڻ ديوتا جي پوڄا سنڌ ۾ نهايت قديم زماني کان چالو آهي.

مهن جي دڙي جي اتر ۾ هڪ ٻي وڏي جڳهہ کوٽي لڌي ويئي آهي، انهيءَ جڳهہ جي ڊگهائي بہ سئو ٻائيتاليهہ فوٽ ۽ ويڪرائي هڪ سئو ٻارهن فوٽ آهي. سندس پٽيون پنج فوٽ ويڪريون آهن، جڳهہ ۾ ننڍيون ننڍيون ڪوٺيون آهن. خبر نہ آهي تہ انهيءَ جڳهہ کان ڪهڙو ڪم ورتو ويندو هو، مگر اها پڪ آهي تہ اهو مندر نہ آهي. انهيءَ جڳهہ جي ڏکڻ ۾ هڪ عاليشان محلات نظر ٿو اچي، جنهن جي نهايت شاندار اڏاوت آهي. منجهس ڪشاده ايوان ۽ نوڪرن جي رهڻ جا ڪمرا بہ آهن. محلات ۾ گدامن جون ڪوٺيون بہ موجود آهن. اهو محلات بہ سئوويهہ فوٽ ڊگهو ۽ هڪ سئو پندرهن فوٽ ويڪرو آهي. هن جون پٽيون بہ پنج فوٽ ڪن ويڪريون آهن. محلات جي چوگرد گهٽيون آهن، ان جي اڏاوت، بيهڪ ۽ صورت مان صاف ڏسڻ ۾ پيو اچي تہ اهو محلات ٽن ڪان پنج سئو سالن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين سالم حالت ۾ هوندو ۽ منجهس مهن جي دڙي تي حڪمراني ڪندڙ حاڪم ۽ سندس زيردست رهندا هوندا.

هڙاپا ۽ مهن جي دڙي ڪانسواءِ انهيءَ زماني جي سنڌ واسين جون بيون بستيون بہ مسٽر مجمدار سنڌ ۽ بلوچستان جي سرحد وٽ ڳولي لڌيون آهن. انهن مان هڪ بستي علي مراد جي ڳوٺ وٽ آهي. انهيءَ هنڌ بلوچستان جي جبلن ڪي ڇيري پار ويندڙ هڪ عام لڪ آهي.

انهن ذڪر ڪيل بستين اندر جيڪي جڳهيون جڙيل آهن تن جو هينيون پاڱو پٿر جو نهيل آهي،مگر مٿيون پاڱو ڪچي مٽيءَ جو آهي. انهن ٻنهي هنڌان جيڪي نقش تيل نڪر جا ٿانو لڌا ويا آهن، سي ظاهر ٿا ڪن تہ اهي شهر بہ مهن جي دڙي واري سپيتا جي زماني جي آسپاس جا آهن، جنهن وقت انهن جي مڪمل ڪوٽائي ڪئي ويئي تنهن وقت انهن نسبت گهڻيون ئي ڄاڻ لائق ڳالهيون معلوم ٿينديون. حال فقط ائين چئي سگهجي ٿو تہ قديم زماني ۾ جتي پٿر ميسر ٿي سگهيو اتي ان مان بہ جڳهيون ٺاهيون ٿي ويئون ۽ پٿر ڪي ٽڪي ان مان ڪم ڪيڻ جو هنر سنڌواسين کا ڳجهو ڪين هو.جڳهين جي جوڙجڪ ۽ ٺاهہ ٺوهہ تي راءِ زني ڪندي هڪ وقت سرجان مارشل ظاهر ڪيو تہ ”مهن جي دڙي جي مڪانن جهڙي اڏاوت سڄي پراچين هندستان ۾ ڪٿي بہ نظر ڪين ايندي“(6).

## هنر ۽ ڪاريگري

مهن جي دڙي جي ڪوٽائي ڪندي مٽيءَ جا اهڙا باسڻ بہ مليا آهن، جي خوبصورتي ۽ ڪاريگريءَ دنيا جي پراچين وگيانين کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو آهي. هن عاليشان مگر قديم کنڊهر مان جيڪي مٽيءَ جا باسڻ لڌا ويا آهن انهن کي ٽن درجن يا پاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: (1) نقش تيل باسڻ (2) لال رنگ جا باسڻ ۽ (3) سنها ڪاغذي باسڻ. جن مٽيءَ جي باسڻن تي نقش نڪتل آهي، اهي گهڻو ڪري ڪاري يا ڪارسري لال رنگ جا آهن. انهن تي جاميٽريءَ جي ڍنگ تي ۽ ڪن جانورن جون تصويرون نڪتل آهن. ودوانن جو رايو آهي تہ انهن جهڙا سهڻا ۽ لسا مٽيءَ جا جهونا باسڻ دنيا جي ٻئي ڪنهن بہ هنڌ تان نہ ملي سگهيا آهن. مسٽر رکلداس بئنرجيءَ 1926ع ۾ ڪلڪتہ جي مشهور ماهوار مخزن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڊرن ڊيو ۾ هڪ ليک لکندي ظاهر ڪيو آهي ته مهن جي دڙي مان نڪتل رنگين نقش ٿيل مٽيءَ جا باسڻ دنيا جي سڀيتا جي اتهاس ۾ بلڪل اوچا ثابت ٿا ٿين (7). ڊاڪٽر مئڪي جو رايو آهي ته خود مصر ۾ رومن رماني کان اڳ اهڙا مٽيءَ جا برتڻ نامعلوم هئا (8).

مهن جي دڙي مان هڪ نهايت سهڻي ۽ عجيب چٽساليءَ واري گهگهي لڌي ويئي آهي،خبر نه آهي ته اهڙيون گهگهيون هن شهر ۾ ٺهنديون هيون يا ٻاهران اينديون هيون، چاڪاڻ ته اهڙي نموني جون گهگهيون بلڪل ٿوريون هٿ آيون آهن. ڊاڪٽر فرئنڪفورٽ اهڙي نموني جون گهگهيون بيبيلونيا جي نيل اسمار کنڊهر مان ڳولي لڌيون آهن. وري حيرت جي ڳالهه اها آهي جو انهيءَ کنڊهر جون شيون به ساڳئي زماني واري زمين جي تهه مان ٿيون لڀن، جنهن زماني جي تهه مان مهن جي دڙي اندران لڌيون ويئون آهن.

هڪ ٻيو به حيرت انگيز مٽيءَ جو برتن لڌو ويو. انهيءَ برتن کي چوگرد ٽنگ آهن. ڪجهه وقت ته ودوانن کي انهيءَ ڳالهه جي ڪل ئي ڪانه ٿي پئي ته اهو مٽيءَ جو برتڻ ڪهڙي مقصد لاءِ ناهيو ٿي ويو. پر پوءِ سر آريل اسٽيمن بلوچستان مان ساڳئي ڍنگ جو برتن ڳولي ڪڍيو، جنهن ۾ رک پيل هئي. انهيءَ مان هاڻي سمجهيو ٿو وڃي ته اهي برتن شايد هٿ ۽ پٽ گرم ڪرڻ جي ڪتب ايندا هوندا. انهن ۾ ٽانڊا وجهي سنڌ واسي ٿڌ جي موسم ۾ بدن گرم ڪرڻ جي ڪتب آڻيندا هوندا.

**مهرون**

سيني کان وڌيڪ ڪاريگري مهن جي دڙي مان لڌل مهرن مان ظاهر ٿي ٿئي. جون ٿا ته ڪل 558 نمونن جون جدا جدا ماپ واريون مهرون هٿ آيون آهن. ڊاڪٽر مئڪي ڪل 678 مهرن جو ذڪر ڪيو آهي. ڊاڪٽر هنٽرسن 1931ع تائين اٽڪل ٻن هزار مهرن جي تپاس ڪئي، ڪن مهرن تي هڪ به سٽ تصويري اکرن جي اُڪريل آهي، ڪن تي خالص جانورن جون نهايت سهڻيون ۽ باريڪ تصويرون اُڪريل آهن، انهن مهرن مان ڪي نڪر، ڪي عاج ۽ ڪي ٽامي وغيره جون آهن. ٻه چانديءَ جون، هڪ سنگمرمر ۽ هڪ چن مان ٺهيل مهر به هٿ آئي آهي. ڊاڪٽر مئڪي، مهن جي دڙي مان لڌل مهرن کي ڏهن ڀاڱن ۾ ورهايو آهي. انهن مهرن مان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي گول، ڪي چورس ۽ ڪي ٻيڙي (ٻنڻ ) جهڙيون آهن. ڊاڪٽر هنٽر ٻيڙي يعني ٻنڻ جهڙي مهرن کي تعويذ يا رکيائون تو سمجهي (9). نڪر جي مهرن تي فقط اکر اُڪريل آهن، انهن تي تصويرون ڪين ٿيون ڏسڻ ۾ اچن. ٻيڙين (ٻنڻن) جي ڍنگ جهڙين مهرن مان ڪن تي سواستڪا جي نشاني لڳل آهي. شايد اهي مهرون خاص ڪري ڌرمي ڪمن ۾ ڪتب ايندڙيون هونديون. اها نشاني، پراچين سمي ۾ ڪريٽ، ڪيپيڊوڪيا، ٽوري، سوسا ۽ ميسان ۾ عام ريت ڏسڻ ۾ آئي، مگر ٻيبيلونيا ۽ مصر ۾ ان جو ڪوبہ پتو نٿو پوي. ڊاڪٽر گئڊ Gadd سمير ۾ سنڌ جي گول ڍنگ واريون ڪي مهرون ڏٺيون آهن(10). انهن سميرين مهرن مان پنجن مهرن تي مهن جي دڙي واري سنڌو سيپتا وارا اکر اُڪريل آهن، جي هڪ ڍڳي جي مورت مٿان ڪمان جي ڍنگ تي اُڪريل آهن، مگر عجب اهو آهي جو خود مهن جي دڙي يا هڙاپا جي کنڊهر مان انهيءَ نموني جي هڪ بہ مهر هٿ نہ آئي آهي. انهيءَ ڪري ڊاڪٽر گئڊ جو اهو انومان آهي تہ سمير ۾ اهي مهرون مهن جي دڙي يا هڙاپا مان نہ، بلڪ سنڌ جي ڪنهن ٻئي شهر مان ويئون هونديون. ڪي مهرون رنگين بہ آهن، اهڙي ڍنگ جون مهرون ميسوپوٽاميا جي ڪش کنڊهر مان بہ لڌيون ويئون آهن. انهن مهرن جو رنگ هاڻي ڪلر سبب غائب ٿي ويو تو ڏسجي. عجب جي ڳالهہ اها آهي جو جيڪي چانديءَ جون مهرون پراچين سنڌ جي کنڊهرن يعني مهن جي دڙي مان هٿ آيون آهن، سي پوءِ جي زماني جي هندستاني سڪن جهڙيون آهن. ڪن مهرن تي فقط جانورن جون تصويرون اُڪريل آهن، سي ڌرمي ڍنگ جون ٿيون ڏسجن. ڍڳي، گينڊي، مينهن، ڪڇن، هاٿي، چوسگي هرڻ، گهڙي، سوئر، رڇ، نوريئڙي ۽ باندر جون گهڻيون تصويرون. انهن مهرن تي اُڪريل آهن. ممڪن آهي تہ اهي جانور ڪنهن نہ ڪنهن ديوتا جا پيارا هجن، جن ٻيڙين (ٻنڻن) جهڙن مهرن کي ڊاڪٽر هنٽر تعويذ سمجهيو آهي، انهن جي وچ ۾ تنگ آهي، جنهن مان ودوانن اهو انومان ڪيو اهي تہ اهي شايد ڳچيءَ يا ٻانهن ۾ ٻڌيون وينديون هجن. مگر انهن جي گل ميخ (Boss) ڏسڻ سان معلوم ٿو ٿئي تہ اهي سميرين مهرن وانگر ڪتب ايندڙيون هونديون. انهن مهرن خانگي ملڪيت جي وڪاس ۾ اهم پارٽ ادا ڪيو هوندو، جيڪي ڪنهن خانگي ملڪيت جي وڪاس ۾ اهم پارٽ ادا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو هوندو، جيڪي ڪنهن ماڻهوءَ کي پنهنجي ملڪيت جو بچاءُ ۽ حفاظت ڪرڻي هوندي ته هن ڪنهن نه ڪنهن ديوتا جي مهر هيٺ ان ملڪيت کي ڪنهن محفوظ جڳهه ۾ ڪٿي بند ڪيو هوندو.

مهن جي دڙي مان سنگ جراحت نالي پٿر جي هڪ پيتي لڌي آهي، جنهن جي ڪاريگريءَ کي ڏسي ڪن ودوانن اهو انومان ڪڍيو آهي ته اها ٻاهران ڪنهن ڏيساور تان آيل آهي . اتهاس ليکڪن جو رايو آهي ته سنگ جراحت، جنهن کي فندق هندي نالي پٿر به چيو ٿو وڃي. ان جي چوري مان ڪن ايامن کان پارت واسي ڪم وٺندا آيا آهن، انهيءَ پٿر جي چوري جي ڪاريگري جي مصر يا سمير سيبتا ۾ ڪابه نشاني ڪانه ٿي ملي. ڪاشيءَ جي رنگ ڏيڻ جون ته مهن جي دڙي مان ڪيترين ثابتيون ملن ٿيون. مهن جي دڙي ۾ ڪاشيءَ جو رنگ نيرو ۽ سائو ڏسڻ ۾ ٿو اچي، جو به ڪلراڻي زمين جي تهه ۾ دٻجي ناس ٿي ويو آهي.

ڊاڪٽرمئڪي هتي اهو ٿب وٺي پڙهيو آهي ته خبر نه آهي ته ڪاشي جي ڪم جي پهريائين ڪهڙي ملڪ ۾ کوجنا ڪئي ويئي، ڇاڪاڻ ته ان ۾ نهايت نازڪ ڪاريگري آهي. هن عالم جو اهو به چوڻ آهي ته اهو هنر انهيءَ ملڪ ۾ پيدا ٿيو هوندو، جتان ٻين ملڪن ۾ پکڙيو هوندو. هندستان ۾ ته هيءُ هنر هرگز پيدا نه ٿيو هوندو، ڇاڪاڻ ته ڪاشيءَ جا داڻا ۽ ٻيون شيون جيڪي مهن جي دڙي مان لڌيون آهن، انهن کان وڌيڪ جهونيون شيون ايلم، سمير ۽ مصر مان لڌيون آهن (11).

سپيءَ مان ٺهيل ڪيترين شيون پڻ مهن جي دڙي ۽ هڙاپا مان لڌيون ويون آهن. عاج جون ته انهن هنڌان اڪيچار شيون مليون آهن ۽ انهن مان ڪيترين وڏيون شيون پڻ آهن. هيءُ جو ڪن مهرن تي هاٿيءَ جي شڪل اُڪريل آهي ان مان صاف ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته مهن جي دڙي يعني پراچين سنڌ ۾ ان وقت هاٿي گهڻي انداز ۾ ٿيندا هوندا، جن جو عاج ماڻهن کي سولائيءَ سان ملي سگهندو هوندو.

## ڪپڙو ۽ اٽ

اها هڪ ڳالهه هاڻي عالم آشڪار ٿي چڪي آهي ته مهن جي دڙي جي آسپاس ڪپهه جي چڱي پيدائش ٿيندي هئي، جنهن مان ڪپڙو ٺاهيو ويندو هو. ٽيڪنالاجيڪل ريسرچ ليبارٽري جي ڊائريڪٽر مسٽر ايم اي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ٽرنو، بمبئيءَ جي انڊين سينٽرل ڪاٽن ڪاميٽيءَ ۾ انهيءَ ڳالهه جي صفائي ڪئي آهي ته مهن جي دڙي مان جيڪو سوٽي ڪپڙو مليو آهي سو نهايت نفيس ۽ سهڻو آهي. خود رگ ويد ۾ سنڌ ديش کي 'سواس' جو لقب ڏنو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي سنو ڪپڙو تيار ڪندڙ ملڪ. ساڳئي ويد ۾ سنڌ کي ارٿاوئي به سڏيو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي اهو ملڪ جنهن ۾ اُن سني ٿيندي هجي. مهن جي دڙي مان نڪتل مهرن تي گهٽن جون اُڪريل مورتيون ثابت ٿيون ڪن ته اسان جي سنڌ ۾ ڇهه ست هزار سال اڳ اُن ۽ اوني ڪپڙي جو هنرچالو هوندو. پراچين بيبيلونيا ۾ سنڌ جي سوٽي ململ کي سنڌ جي نالي سان سڏيو ويندو هو. اهو ساڳيو اکر هبرو قوم وارا به ڪم آڻيندا هئا، جتان اهو اکر وري گريس ملڪ ڏانهن ويو، جتي سنڌ جي سوٽي ڪپڙي کي سينڊان ڪري سڏيو ويندو هو. انهيءَ ململ کي ڏيساور تي سينڊل ڪري به سڏيندا هئا. پروفيسر اي ايچ سانس لکي ٿو ته عيسوي سن کان چار هزار سال اڳ سنڌ جو سوٽي ڪپڙو ايران جي نار وارن بندرگاهن تان ٿيندو مصر ملڪ تائين وڃي پهتو. مسٽرليسن Mr.Lassen ته ايتري قدر به لکيو آهي ته پراچين مصر نواسي، پارت ۾ نهيل رنگ ۾ پنهنجا ڪپڙا رڱيندا هئا ۽ پنهنجن لاشن کي سنڌ جي ململ ۾ ويڙهيندا هئا. سنڌ جي اتهاسڪ زماني تي نظرثاني ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته عيسوي ٻي صديءَ ۾ به ڪپڙي اُڻڻ جي ڪم جي سنڌ ۽ اتر هندستان ۾ ايتري ترقي ٿيل هئي جو رومن شهنشاهت ۽ مرڪزي يورپ ۾ ان وقت انهيءَ ڪپڙي جي سخت گهرج ٿيندي هئي.

مهن جي دڙي مان هڪ اهڙي مورتي لڌي ويئي آهي، جنهن تي زري پرت ٿيل ڪپڙي جون نشانيون اُڪريل آهن. هن مان صاف ظاهر آهي ته پراچين سنڌ ۾ رواجي اٽت سان گڏ زري پرت جو به عاليشان ڪم ٿيندو هو. انهيءَ کان سواءِ رنگريزيءَ جي هنر جون ڪيترون ثابتيون ملن ٿيون. اهو هنر هن وقت به سنڌ اندر چڱي ترقي ڪي پهتل آهي. هن ڪندهر مان ڪي ٿامي ۽ پتل جون شيون به لڌيون ويئون آهين. البت اهي هن زماني جهڙيون سهڻيون ۽ ڪارگر نه آهن، مگر اها ڳالهه تسليم شده آهي ته هيءَ ڪن مغربي اتهاس ليکڪن اهو گپوڙو هنيو آهي ته پارت واسي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳي اڻ سيبيل ڪپڙو پائيندا هئا ۽ عربن کين ڪپڙي سبڻ جو هنر سيکاريو، سا ڳالهہ بي بنياد ۽ تعصب سان ڀريل آهي.

مهن جي دڙي مان ٿي سونيون سيون پڻ هٿ آيون آهن، جي جواهرات سان گڏ هيون. ودوانن جي راءِ آهي تہ اهي سيون ڪنهن سنگين ۽ نفيس زري ڀرت جي ڪم اينديون هونديون. انهن سين کي قيمتي جواهرات سان گڏ رکڻ مان اها ڳالهہ بہ ثابت ٿي ٿئي تہ انهن سين جي وڏي قيمت هوندي. عاج، ٽامي ۽ هڏن جون ڪي وڏيون آرون پڻ مهن جي دڙي مان لڌيون ويون آهن، ۽ ممڪن آهي تہ انهن آرن ڪان جدا ڪم ورتا ويندا هجن.

مهن جي دڙي مان زرعي ڪم جا اوزار بلڪل ٿورا لڌا ويا آهن جنهن مان اهو انومان ٿو نڪري تہ ان وقت ڪاٺ جي اوزارن کان ڪم ورتو ويندو هوندو. جي هيترين صدين گذرڻ سبب نابود ٿي ويا آهن. هن مان اهو انومان نہ ڪيڻ گهرجي تہ انوقت ٽامي يا پتل کان ماڻهن کي ڪم وٺڻ نہ ايندو هو. مگر جنهن صورت ۾ مهن جي دڙي جي آسپاس جي زمين نهايت نرم هئي، تنهن صورت ۾ انهيءَ ملڪ جي ماڻهن کي هرويرو سخت ڌاتوءَ مان هَر يا ٻين اوزارن ٺاهڻ جي ضرورت محسوس نہ ٿي هوندي. ايئن تہ مهن جي دڙي مان ڪي پتل ۽ ٽامي جون ڪهاڙيون ۽ ڦر بہ لڌيا ويا آهن.

## آبادي

ڊاڪٽر مئڪي جو رايو آهي تہ مهن جي دڙي وارن ماڻهن جو مکيہ ڌنڌو آبادگاري هوندو، ڇاڪاڻ تہ ان وقت جي وڏن شهرن جي ماڻهن کي اناج ميسر ڪري ڏيڻ هڪ اهم سوال هو: اهڙيون ڪيتريون ثابتيون مليون آهن جن مان ظاهر آهي تہ اٽڪل ڇهہ هزار سال اڳ سنڌ ۾ ڪپهہ، ڪٽڪ، جو، هنداڻن ۽ ڪجين جي پوک جام ٿيندي هئي. پوين ڇئن جنسن جا ٻج تہ مهن جي دڙي جي کنڊهر مان سالم لڌا ويا آهن ۽ هڪ لڪل جواهرات سان گڏ عاليشان سوٽي ڪپڙو لڌو ويو آهي. اهو بہ ممڪن آهي تہ مٿين جنسن کان سوا ٻين شين جي بہ پوک ٿيندي هجي. مثلا ڪمل جوگل، بيهہ ۽ ٻبڙ، جي اڄ تائين سنڌ ۾ ڪافي انداز ۾ ڪٽب ٿا اچن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٻيڙيون ۽ غوراب

مهن جي دڙي جي شاهوڪاريءَ ڏانهن نظر ڪندي، انهيءَ نتيجي تي سولائيءَ سان پهچي ٿو سگهجي تہ اهو شهر ۽ سنڌ جا ٻيا شهر واپار ۾ ٻرک هوندا ۽ واپار لاءِ ٻيڙين توڙي جهازن جي ازحد ضرورت هوندي. انهيءَ ڪري اهو سياويڪ آهي تہ هن شهر جا ماڻهو ٻيڙين ٺاهڻ جي هنر کان بہ چڱيءَ ريت واقف هجن. هڪ لڏل مهر تي ٻيڙيءَ جي تصوير اُڪريل آهي. ٻئي مٽيءَ جي برتن تي پڻ ٻيڙيءَ جي تصوير نقش ٿيل آهي. ودوانن جو رايو آهي تہ مهر ۾ اُڪريل ٻيڙي فقط درياهہ ۾ ڪم ڏيئي سگهندي هوندي، مگر ٻئي قسم جي ٻيڙي، درياهہ سان گڏ سمنڊ ۾ بہ ڪم ڏيئي سگهندي هوندي.

## ٽامون ۽ پٽل

انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ مهن جي دڙي ۽ هڙاپا ۾ عام رواجي ڪم جا باسڻ نڪر جا نهيل ڪتب آندا ويندا هئا، مگر پٿر، ٽامي ۽ پٽل جي برتنن جو بہ انهن هنڌن تان ڪافي انداز مليو آهي. ايتري قدر جو ڪپ، هر، ۽ رنبا بہ پٿر جا لڌا ويا آهن. ڪي سون ۽ چانديءَ جا باسڻ پڻ هٿ آيا آهن، مگر لوهہ جو نشان بہ نظر نٿو اچي.(12) ڪي شيهي جون شيون بہ حاصل ٿيون آهن، انهن ۾ٿهي ڪندهرن مان لڌل شنگرف مان اها ڳالهہ پڻ ثابت ٿي ٿئي تہ پراچين سنڌ واسي شيهي مان پارو بہ ٺاهي سگهندا هئا.

مهن جي دڙي مان لڌل اوزارن ۽ ڪن برتڻن ڪي ڏسڻ سان معلوم ٿو ٿئي تہ اول سنڌ ۾ پٿر مان اوزار ٺاهيا ويندا هوندا، ان بعد ٽامي مان اهي شيون ٺاهيون ويندون هونديون. ڊاڪٽر مئڪي جو رايو آهي. تہ سنڌ ديس ۽ ان جي آس پاس ٽامي ۽ پٽل جي اٿاٿ نظر نٿي اچي. مهن جي دڙي وارن ۾نهن هيٺين ڪندهرن مان اهڙيون بہ پٽل جون شيون لڌيون ويون آهن، جن ۾ ٽين گڏيل آهي.

ڊاڪٽر ڊيچ (Dr.Desch) ڏيکاريو آهي تہ سنڌ جو ٽامو ۽ پٽل سميرين وانگر نڪل سان مليل آهي. ڊاڪٽر پيڪ (Dr.Peake) جو انومان آهي تہ سمير ۾ او مان کان پٽل ايندو هو. اهو اومان جو علائقو عربستان ۾ آهي. انهيءَ ڪري ممڪن آهي تہ سنڌ ۾ بہ انهيءَ هنڌ تان ٽامو آيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجي. هيڏانهن وري هندستان جي چوٽا ناگپور جي جهونين کاڻين مان ملندڙ ٽامي ۾ نڪل جو ڏاتو گڏيل ڏٺو ويو آهي. منهنجي راءِ موجبِ سنڌ ۾ انهيءَ هنڌان ئي ٽامو ايندو هوندو.

سوال آهي تہ مهن جي دڙي وارا ٽامي سان نڪل ڇو گڏيندا هئا؟ جاچ ڪري ڏٺو ويو آهي تہ انهن ٻنهي ڌاتن گڏڻ سان انهن مان ٺهيل شيءِ نہ فقط مضبوط بلڪ سستي ٿي ٿئي، مگر اِنهيءَ لاءِ نڪل جو مقرر ٿيل انداز رلائڻ ئي چڱو ٿيندو هو.

مهن جي دڙي مان جيڪي حيرت انگيز شيون لڌيون ويون آهن، انهن مان هڪ پٽل جي ڪارائي آهي، جا اٽڪل ساڍا سورهن انچ ڊگهي ٿيندي. انهيءَ ڪارائيءَ جي پاسن کان ڪاٺ جي منين واسطي ٿي ٿي ٽنگ آهن. ودوانن جو رايو آهي تہ هن وقت تائين رومن زماني کان اڳ وارن مهذب ملڪن مان ڪنهن بہ ملڪ مان ههڙي نموني جي ڪارائي هٿ نہ آئي آهي، انهيءَ ڪري رومن سيپتا کان ڪي صديون اڳ جي جهوني سيپتا واري مهن جي دڙي مان ههڙي ڪارائي هٿ ڪرڻ تي پڇم (اولهہ) جي ودوانن کي نهايت حيرت لڳي آهي.

ٻہ ٽامي جون تلوارون يا خنجر بہ سنڌ جي هن پراچين کنڊهر مان لڌا ويا آهن. انهن مان وڏي تلوار ساڍا ارڙهن انچ ڊگهي آهي. ٻنهي تلوارن جو وچ ٿلهو آهي ۽ ٻئي نهايت سٺي حالت ۾ آهن. انهن تلوارن يا خنجر جي ڌار کي ڏسڻ سان ائين معلوم ٿئي ٿو تہ اهي دشمن جي بدن ۾ ڀالي وانگر لنگهايون وينديون هونديون، نڪي اَڄ ڪلهہ جي تلوارن وانگرسڌيون هلايون وينديون هونديون. ههڙي نموني جون تلوارون دنيا جي ٻي ڪنهن بہ پراچين کنڊهر يا ملڪ مان هٿ نہ آيون آهن. البت تازو سر فلنڊرس پيٽري، فلسطين علائقي جي خيل-ال اجمل نالي کنڊهر مان هڪ اهڙي ڍنگ جي تلوار هٿ ڪئي آهي ۽ مهن جي دڙي جهڙي پراچين زماني جي اهڙي تلوار مصر مان بہ هٿ ڪئي وئي آهي.

سنڌو سيپتا وارن ملڪن، يعني مهن جي دڙي ۽ هڙاپا مان جيڪي ڀالن جا منهن لڌا ويا آهن سي بلڪل غير رواجي آهن. اهي اهڙا تہ سنها آهن جو شايد جلد جلد مڙي پوندا هوندا. سمجهي نٿو سگهجي تہ جنهن صورت ۾ سنڌ اندر ڪافي پٽل ۽ ٽامو هو، تنهن صورت ۾ انهن هٿيارن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ڪم ايندڙ ڏاتوءَ ۾ ايترو صرفو چوٿي ڪيو ويو؟ سنڌ جي هنن پراچين کنڊرن مان جيڪي خنجر هٿ آيا آهن، سي پڻ رواجي ڍنگ جا آهن. انهن ۾ ڪپن جي وچ ۾ بلڪل ٿورو تفاوت آهي. ڪپ به ڪيترن قسمن جا هٿ آيا آهن، ڪپن ڪانسواءِ پٽرن جا ڪپ ته ڪيتري انداز ۾ هٿ آيا آهن، سي پڻ رواجي ڍنگ جا آهن. انهن مان ڪي به قرا به آهن. انهن ٽامي ۽ پتل جي ڪپن ڪان سواءِ پٽر جا ڪپ ته ڪيتري انداز ۾ هٿ آيا آهن جن جو ذڪر اڳيئي ڪيو ويو آهي. تيرن جا منهن ڏاتوءَ جي پتري مان، يعني پالن جي منهن وانگر بنهه سنها ٺاهيا ويا آهن. مهن جي دڙي پرسان سنڌونديءَ جي وهڻ سبب، هن شهر مان مچين ڦاسائڻ جون ڪيتريون ڪنڊيون پڻ مليون آهن. اهي پتل مان ٺاهيون ويون آهن. ڪي ڪنڍيون ته ماڳهين ڏاڳي ۾ ٻڌل هٿ ڪيون ويون آهن.

اٽڪل ڇهه هزار سال اڳ گهٽ ۾ گهٽ چئن نمونن جون پاڪيون سنڌ ۾ ڪم ايندڙ هيون. ڪيترن قسمن جا رنبا پڻ هنن کنڊرن مان هٿ آيا آهن. مهن جي دڙي ۽ هڙاپا وارن مٿين کنڊرن مان ٽامي جا اهڙا هٿيار نظر آيا آهن، جن تي تصويري اکر اُڪريل آهن، جي شايد انگ ٽا ڏسڻ ۾ اچن. هڙاپا جي کنڊر مان اهڙا اکرن اُڪريل هٿيار ۽ اوزار گهڻا هٿ آيا آهن. جنهن هنڌان اهي اوزار ۽ هٿيار لڌا ويا آهن سو شايد ان وقت جي سرڪار جو توشاخانه (هٿيارن جي جڳهه) هو ۽ چوري ٿيڻ جي ڊپ کان ئي شايد انهن هٿيارن تي نمبر هنيا ويا آهن. پراچين مصر جي ملڪ مان پڻ اهڙي نموني جا انگن لڳل هٿيار هٿ ڪيا ويا آهن.

پتل مان گهڻو ڪري مورتون ۽ ننڍن جانورن جا بت ٺاهيا ويندا هئا. انهن تي تمام سٺي ڪاريگري ٿيل آهي. اهڙي نموني جون مورتون مصر ۽ سمير مان به هٿ آيون آهن. هڪ ناچ ڪندڙ ڇوڪريءَ جي مورتي ڪمال درجي جي ڪاريگريءَ واري آهي. هڪ پتل جي مينهن جي مورت به هٿ آئي آهي. انهن ٻرتن ڪي ڏسڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته مهن جي دڙي جي ڪاريگرن هن هنر ۾ حد درجي جي ڪماليت حاصل ڪئي هئي.

جيتوڻيڪ مهن جي دڙي ۾ شيهي ڪان به ڪم ورتو ويندو هو، مگر هن وقت تائين فقط شيهي جي هڪ ٿالهي هٿ اچي سگهي آهي. هن ڏاتوءَ جون مورتون يا رانديڪا اڃا ته نظر ڪين آيا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان تہ ڌاتن جي اوزارن کان سواءِ مهن جي دڙي مان پٿر جا اوذار بہ هٿ ڪيا ويا آهن. انهن مان هڪ جنڊ آهي، جنهن ۾ اناج پيٺو ويندو هو. ڪي اهڙا بہ پٿر جا اوزار نظر آيا آهن، جن ۾ پٿر يا چن. پيٺو ويندو هو. تور جا وٽ تہ عام جام پٿر جا نظر آيا آهن. البت اهي پٿر جا وٽ چڱيءَ ريت لسا ڪيا ويا آهن. تور جون ساهميون پڻ هٿ ڪيون ويون آهن، جن جون ڪامون پتل جون ۽ پڙ ٽامي جا آهن. ڪن ساهمين کي نڪر جا پڙ بہ آهن. وڏيون ساهميون ماڳهين ڪاٺ جون آهن. مٽيءَ جون ساهميون شايد ننڍن ٻارن جي راندين ڪرڻ لاءِ آهن. تور جا ڪي ڪي وٽ نهايت نازڪ ۽ ننڍا آهن. ننڍا وٽ گهٽو ڪري سليٽي پٿر جا ٺهيل آهن. مسٽر اي. ايس. هيمي جو رايو آهي تہ: "هندستان جا اهي وٽ ايلم ۽ ميسوپوٽاميا جي وٽن کان وڌيڪ ڪاريگري ۽ عقل سان ٺاهيا ويا آهن" (13). تور جي ساهمين کان سواءِ هڪ ماپ جو اوزار بہ مهن جي دري مان هٿ آيو آهي.

مهن جي دڙي مان سپيءَ جو ڪيترو سامان لڌو ويو آهي. مغربي عالمن انهيءَ دڙي ۾ ڪم آيل سپيءَ کي Murex chicoreus ramosus نالي سان لکيو آهي. اها سپي عربي سمنڊ ۽ ايران جي نار مان گهٽي ملي ٿي سگهي. هڪ عجيب نموني جي ڏيٺي نظر آئي آهي،جا ممڪن آهي تہ سپيءَ کي اندران صاف ڪرڻ جو ڪم ڏيندي هوندي. اهڙي نموني جا برتڻ سميرين ملڪن وانگر سنڌوسيتا وارن ملڪن ۾ جام نظر تا اچن. انهن ڏوئين وغيره مان نموني نموني جا ڪم ڪڍيا ويندا هوندا، جيڪي سپيءَ جون ذڪر ڪيل ڏوئيون مهن جي دڙي مان هٿ آيون آهن، اهي جدا جدا نموني جي ماپن جون آهن. سپيءَ جون ٿالهيون ايتري انداز ۾ نظر نہ آيون جيتري انداز ۾ ڏوئيون ڏسڻ ۾ آيون آهن.

مهن جي دڙي مان نڪتل عجيب شين مان هڪ لکڻ جي سليٽ آهي. البت اها سليٽ اڄڪلھ جهڙين سليٽن جهڙي يعني پٿر جي نہ آهي. مگر اها سليٽ نڪر جي آهي، جنهن تي اکر لکي وري ڊاهي سگهجن ٿا. انهيءَ ڪانسواءِ ڪي عاج جون چريون بہ هٿ آيون آهن. مگر اها ڳالھ ياد رکڻ گهرجي تہ مهن جي دڙي توڙي هڙاپا ۾ عاج کان وڌيڪ سپي ڪم آيل آهي. جنهن جو سبب سمجھ ۾ ئي ڪونہ ٿو اچي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پوشاڪ ۽ زيور

هن وقت مهن جي دڙي مان جيڪي مورتيون هٿ آيون آهن، انهن مان ائين ٿو ڏسڻ ۾ اچي ته مرد گهڻو ڪري پنهنجي بدن تي ٻه ڪپڙا پائيندا هئا. هڪ ڌوتي ۽ هڪ چادر. چادر اڄڪلهه جي ڊگهين شالن جيان ڏائي ٻانهن جي مٿان، مگر ساڄي ٻانهن جي هيٺان ڪئي ويندي هئي، جيئن ڪم ڪاج ۾ ماڻهوءَ کي تڪليف محسوس نه ٿئي. هيٺان جيڪا ڌوتي پاتي ٿي ويئي سان به اڄڪلهه جهڙي ڊگهي ڪانه هئي. اهي ڌوتيون مردن جي گوڏن تائين آيل بدن جي پاڱي کي ڍڪينديون هيون. ڪيتريون هٿ آيل مورتيون ته بنهه اگهاڙيون آهن يا ڪن کي فقط گوڏ ٻڌل آهي.

انهن مورتن کي ڏسڻ بعد ڪوبه ودوان مردن ۽ زالن جي پوشاڪ جو فرق ٻڌائي ڪين سگهندو، ڇاڪاڻ ته ڪي مرد جون مورتيون بنهه اگهاڙيون آهن ته ڪي زالن جون مورتيون به ننگيون آهن. ڪن مردن کي فقط گوڏ پيل آهي ته ڪن زالن جو بت به فقط گوڏن تائين ڍڪيل آهي. هيڏانهن ويدن مان به پوشاڪ نسبت گهڻي خبر ڪانه ٿي ملي. انهيءَ ڪري ڪيترن ودوانن ونئي ڏڪيبازيءَ کان ڪم ورتو آهي. جيڪڏهن مهن جي دڙي مان لڌل هڪ ديويءَ جي مورت ۾ ڏيکاريل پوشاڪ ئي ان وقت جي زالن جي پوشاڪ هئي ته پوءِ ائين چيو ويندو ته مهن جي دڙي جون زالون چيلهه کان وٺي گوڏن تائين پاڻ ڍڪينديون هيون. اهڙي ساڳئي نموني جي پوشاڪ اڄڪلهه ڏکڻ هندستان جو زالون پائين ٿيون. هڪ هٿ آيل مهر ۾ اڪريل زال جو لباس پڻ ساڳئي نموني جو، يعني گوڏن تائين ڍڪيل آهي.

هڪ زناني مورت کي چيلهڪي ٻڌل ڏسڻ ۾ آئي آهي. اها چيلهڪي ڪنهن وقت ڌوتين جي ۽ ڪنهن مهل اٽيل ڪپڙي جي به نهيل هوندي هئي. ڪن زالن ۽ مردن جي مٿي تي وچٽي جي ڍنگ جي هڪ پوشاڪ پهريل هئي، جا پڻ ڪپڙي جي نهيل نظر ٿي اچي. اها مٿي جي پوشاڪ عجيب ۽ ڳري وزن واري نظر ٿي اچي. اڄ ڪلهه ڪن منگولين قوم جي زالن کي اهڙي ڍنگ جي پوشاڪ ڏني ويئي آهي، مگر اها پوشاڪ هرويرو مهن جي دڙي جي پوشاڪ سان نهڪي ڪانه ٿي اچي. انهيءَ کان سواءِ ڪن مورتين جي ڳچيءَ ۾ هڪ تنگ ڪالر به نظر ٿو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچي. خبر نہ آهي تہ اهو ڪالر ڪهڙي شيءِ مان ناهيو ٿي ويو. مگر ڪن حالتن ۾ اهو ڪالر ڌاتوءَ جي منڊين مان ٺهيل هو. هن نموني جي ڳلي جو تنگ ڳهڻو اڃا بہ آفريڪا جي ڪن ڀاڱن ۽ ايرندي هندستان ۾ پاتو ٿو وڃي.

مهن جي دڙي مان لڌل زيورن جي اڏاوت ۽ سونهن ڏسي سر جان مارشل هڪ وقت لنڊن جي هڪ اخبار ۾ لکيو هو تہ، "انهن جي ڪاريگري ۽ سونهن مان ائين ٿو ثابت ٿئي تہ اهي لنڊن جي بانڊ اسٽريٽ جي ڪاريگرن جا ٺهيل هوندا، نہ ڪي پنج هزار سال اڳ جا". اهي زيور گهڻو ڪري سون، چاندي، انهن ٻنهي قيمتي ڌاتن جي ملاوٽ، ٽامي ۽ پتل مان ٺاهيا ويندا هئا.

هاٿي ڏسڻ گهرجي تہ پراچين سنڌ ۾ ڪهڙي نموني جا زيور ڪم آندا ويندا هئا.مهن جي دڙي مان ڪوٽي ڪڍيل هار، چيلهڪين ۽ ڪنگڻين جو مان مٿي بيان ڪري آيو آهيان. سون جي داڻن ۽ زنجيرن مان ٺهيل چيلهڪين ۽ ڪن هارن جي ڪاريگري توڙي سونهن ڏسي مغرب جا عالم ڏندين آڱريون ڏيئي رهيا آهن. انهن مان ڪن جو تہ اهو رايو آهي تہ اهي زيور اهڙا تازا پيا نظر اچن جو ڄڻڪ ڪلهہ جا ٺهيل آهن. اهي گهڻو ڪري اڌ انچ ويڪرا ۽ سورهن انچ ڊگها آهن. انهن چوٽي ٻندن کان سواءِ ڪي سون، چاندي ۽ ٽامي جا ٺهيل چوٽا بہ مهن جي دڙي مان لڌا ويا آهن. اهي چوٽا اڄڪلهہ پنجاب ۾ دهقاني زالون وارن جي مٿان چنبڙائينديون آهن. ڪن زنانين مورتن جي ڪنن ۾ دُر بہ پيل آهن، جنهن مان معلوم ٿو ٿئي تہ اهي زيور بہ سنڌ اندر چالو هوندا، جيتوڻيڪ مهن جي دڙي مان معلوم ٿو ٿئي تہ اهي زيور بہ سنڌو اندر چالو هوندا، جيتوڻيڪ مهن جي دڙي مان انهن دُرن جا بلڪل ٿورا نمونا هٿ آيا آهن. نٿون ۽ نڪ جون واليون بہ مهن جي دڙي مان عام جام مليون آهن. منڊيون تہ اڪيار لڌيون آهن، جن مان ڪي تہ ٻنهہ ساديون فقط تار مان ٺهيل آهن.چيو ٿو وڃي تہ هن وقت تائين ڪابہ سوني منڊي هٿ نہ آئي آهي. هڪ چانديءَ جي منڊيءَ کان سواءِ باقي منڊيون ٽامي ۽ پتل جون ٺهيل آهن. چوڙيون گهڻو ڪري سون، چاندي،ٽامي، پتل، عاج نڪر جون بہ نظر اچن ٿيون. چوڙين کان سواءِ ڪن هنڌن تان ڪنگڻ پڻ هٿ آيا آهن. نورن يعني پير جي ڪڙين جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجاڻپ البت ڏکي ٿي پئي آهي، چاڪاڻ تہ ان وقت جا نورا توڙي ڪنگڻ هڪ ئي ڍنگ جا ڏسڻ ۾ تا اچن. متي جي نهيل مورتن ڏسڻ مان فقط اهو انومان ڪڍي ٿو سگهجي تہ ان زماني ۾ نورا بہ پاتا ويندا هوندا. وارن جون پنون بہ ڪن هنڌان لڌيون ويئون آهن. اهي پنون ڪيترن قسمن جون آهن، جنهن مان ائين ٿو سمجهجي تہ ان وقت وارن ۾ پنون چنبڙائڻ جو عام رواج هو. انهن پنن مان ڪي تہ چئن انچن ڪانٰ بہ وڏيون آهن. هڪ پتل جي اهڙي پن هٿ آيل آهي، جنهن جهڙيون پنون سمير، مصر، ڪاڪيزس ۽ وچ يورپ جي ڪندڌرن مان هٿ آيون آهن.

ڪي پنون ماڳهين هڏن ۽ عاج مان بہ نهيل آهن. ڪن پنن جي منهن تي جانورن ۽ گلن جون شڪليون نڪتل آهن. هڪ اهڙي پن بہ لڌي ويئي آهي، جنهن جي منهن تي ٽن باندرن جي شڪل نهيل آهي! اهي باندر هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي ويٺا آهن. ڪن پنن تي ڪمل جي گلن جون شڪليون نڪتل آهن.

مهن جي دڙي ۾ ڪنهن وقت وارن ۾ ڦٽي اٽڪائي ڇڏبي هئي، جا رسم اڃا بہ هندستان جي ڪن ڀاڱن ۾ چالو آهي. هن ڪندڌر مان هڪ نوجوان ڇوڪريءَ جي پرسان هڪ سهڻي عاج جي ڦٽي لڌي ويئي آهي.هڪ انگريزيءَ جي وي اکر جي شڪل جي ڦٽي ڳولي لڌي ويئي آهي، جا شايد وڏن وارن جي صاف ڪرڻ لاءِ ڪتب آندي ويندي هجي. ان ڦٽيءَ جون نوڪون اهڙيءَ تہ ڪاريگريءَ سان ناهيون ويئون آهن جو ڏسندي عبرت وٺيو وڃي. ممڪن آهي تہ انهيءَ ڦٽيءَ مان ڪي ٻيا بہ ڪم ورتا ويندا هجن.

## سينگار جو سامان

ٽي آرسيون پڻ مهن جي دڙي مان لڌيون ويئون آهن، جن مان هڪ شايد ننڍن ٻارن لاءِ آهي. اهي آرسيون پتل تي تمام سادي نموني جون نهيل آهن. انهن آرسين جي منين تي شايد گلڪاري نڪتل هوندي. اهي آرسيون عام ڏسڻ ۾ ٿيون اچن، چاڪاڻ تہ انهن ڪان سواءِ ماڻهن جو سينگار پوريءَ ريت هوند نہ ٿي سگهي. سرايون ۽ سرمي داڻيون ثابت ٿيون ڪن تہ انهن ڏينهن جا سنڌ واسي اکين ۾ سرمو بہ پائيندا هئا. هڪ سپيءَ جي ٿانو ۾ منهن کي لڳائڻ جو ڪنهبو ٻورو بہ لڌو ويو آهي، جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهن جي لڳائڻ جو پائوڊر هو. هن ڳالهه ثابت ٿي ٿئي ته انهيءَ ڳالهه ۾ سنڌ ۽ سميرن سڀيتا و هڪ ٻئي ۾ گهاٽو سنبنڌ هو. مهن جي دڙي ۽ هڙاپا مان شيهي جو هڪ اهڙو پائوڊر به هٿ آيو آهي جو منهن کي اڇي ڪرڻ جي ڪم ايندو هو. اها رسم ڪنهن وقت گريس ۽ چين ۾ پڻ چالو هئي. ممڪن آهي ته انهيءَ پائوڊر سان اکيونءَ وار به صاف ڪيا ويندا هجن. مهن جي دڙي ۾ منهن صاف ڪرڻ لاءِ شنگرف به ڪم آندو ويندو هو. هڪ سائي رنگ جو پائوڊر به هن کنڊهر مان هٿ آيو آهي، جنهن کي (Terre Verte) ڪري سڏيو ٿو وڃي، سو پڻ مصر وانگر سرمي جيان ڪتب آندو ويندو هو. انهيءَ ڪانسواءِ زالون توڙي مرد هڪ نموني جون ننڍيون پاڪيون به ڪم آڻيندا هئا.

## رسمون ۽ رانديون

سنڌ جي پراچين کنڊهرن مان جيڪي تمام دلچسپيءَ واريون شيون لڌيون آهن، انهن مان گهڻو انداز رانديڪن ۽ راند ۾ ڪم ايندڙ شين جو آهي انهن ٻنهي قسمن جون شيون ٺڪر، سپي يا عاج جون آهن. پڪ آهي ته ڪاٺ مان به اهي شيون ٺاهيون ويئون هونديون، مگر اهي ڪاٺ جا رانديڪا زماني جي گردش ۾ غائب ۽ نابود ٿي ويا هوندا. سي ڪان وڏيڪ وٽندڙ رانديڪا ٺڪر جون ٺهيل ڳاڏيون ٿيون ڏسجن، چاڪاڻ ته اهي پڳل صورت ۾ تمام گهٽيون ٿيون ملن. انهن ٺڪر جي ڳاڏين کي ڏسڻ سان معلوم ٿيندو ته اڄ تائين انهيءَ قسم جون ڳاڏيون سڄي اپر سنڌ ۾ چالو آهن.

پراچين سنڌ ۾ اهڙيون گهڻيون رانديون ڪيون وينديون هيون جن ۾ ڏارو ڪم ايندو هو.جيتوڻيڪ پراچين کنڊهرن مان جيڪي ڏارا لڌياويا آهن، سي اڄ ڪلهه جي ڏارن کان وڏا آهن، پر اهي يا ته ٺڪر يا ته پٿر جا ٺهيل آهن. ڪن ڏارن تي چڱي ڪاريگري ڏيکاري ويئي آهي. مگر اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته انهن پراچين ڏارن تي جيڪي انگ لڳل آهن، سي اڄ ڪلهه جي ڏارن کان ٻنهه جدا طرح جا آهن. ڪي ته پاسا ڏارا به آهن، جن تي فقط ٽي انگ لڳل آهن.

ننڍين ٻارن جي راند ڪرڻ جون ڪيتريون گوليون (چدا) به لڌيون ويون آهن، جن مان ڪي ڪي گوليون سليماني پٿر مان گهڙي ٺاهيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويون آهن. ڪي سپيءَ جون گوليون بہ لڌيون ويون آهن. مگر ڏسجي ٿو تہ اهي وڏي قيمت واريون هيون ڇاڪاڻ تہ اهڙيون گوليون، جواهرات سان گڏيل نظر آيون آهن.

مان مٿي هڪ هنڌ لکي آيو آهيان تہ مهن جي دڙي مان، ناچ ڪندڙ ڇوڪرين جون اگهاڙيون مورتيون لڌيون ويون آهن، انهيءَ مان پڪ آهي تہ سنڌ ۾ ناچ جو هنر چالو هو، پر هڪ مهر ۾ هڪ مرد جي ڳچيءَ ۾ دهل پيل ڏٺو ويو آهي، جنهن مان اهو انومان ٿو نڪري تہ ناچ سان گانو بہ ٿيندو هوندو.هڪ جوڙو ڪڙتالن جو بہ لڌيو ويو آهي، جنهن مان اهو انومان ٿو نڪري تہ اڄڪلهہ جي عربن وانگر پراچين سنڌ واسي بہ سر ۽ تال تي ناچ ڪندا هئا.

روٽي کائڻ مهل پراچين سنڌواسي تڏن تي ويهي کائيندا هئا. شايد ڪي شاهوڪار ميزون ۽ ڪرسيون بہ ڪم آڻيندا هجن. مسٽر سمٿ ۽ ڊاڪٽر گئڊ، ڪن مورتن مان ميزون ۽ ڪرسيون ڳولي لڌيون آهن. ممڪن آهي تہ اهي شيون ڪن خاص ڌرمي موقعن تي بہ ڪم آنديون وينديون هجن. ڪاڏي مهل ڪپن ۽ چرين ڪا ڪم ورتو ويندو هو يا نہ تنهن باري ۾ خاطريءَ سان نٿو چئي سگهجي. مگر ڪن ودوانن جو رايو آهي تہ ڪاڏي مهل ڪپ ڪم آندا ويندا هوندا. ڪي نڪر ۽ ٽامي جا چمچا پڻ لڌا ويا آهن. شايد ڪاٺ جا چمچا ناس ٿي ويا ٿا ڏسجن.پيئڻ جي ڪم لاءِ گهٽي ياڳي نڪر جا ڪٽورا ۽ ڪنهن مهل سپيءَ جا برتڻ بہ ورتايا ويندا هوندا.

پراچين سنڌ ۾ ميوو بہ جام ٿيندو هو.طرح طرح جون ڪاڏي لاءِ ڪڙهيون تيار ڪيون وينديون هيون. مصالحا ڪٽڻ جا ڪيترائي ٿانو بہ ملن ٿا. ڪي ڪيڪن ناهڻ جاسانچا بہ لڌا ويا آهن! جيڪي حالتون ڏسجن ٿيون انهن مان ظاهر آهي تہ مهن جي دڙي جا ماڻهو پيٽ جي بيماريءَ ۾ گهٽي قدر مبتلا هئا. ڪن نڪر جي ٿانون ۾ هرڻ وغيره سميت ڪيترن جانورن جا اهڙا هڏا گڏ تيل ڏٺا ويا آهن، جي ڪرنل سيول جي راءِ موجب پيهي اتو ڪري دوا وانگر ڪتب آندا ويندا هوندا. هڪ ڪاري دوا هٿ آئي آهي جا هماليہ ۾ پيدا ٿيندڙ سلاجيت جهڙي نظر ٿي اچي. مسٽر مجمداراتمان جي بني نالي سنڌ جي هڪ ڪندهر ڪان ڪن ٿانون ۾ پيل اهڙا هڏا لڌا آهن، جن جو چورو آيرويدڪ دوائن جي ڪم ايندو هو.اهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڏن جو چورو پيٽ، ڪن،اک، گلي ۽ چمڙيءَ جي بيمارين لاءِ به ڊاڪٽر پرساد مفيد ٿو سمجهي.

### لکڻ جو هنر

مهن جي دڙي مان هن وقت تائين اهڙو پنو يا تختي ڪانه لڌي آهي، جنهن ۾ ان وقت جي ماڻهن جن هٿ اکر لکيل هجن. باقي مهرن تي البت تصويري اکر اڪريل آهن. گهڻين مهرن تي جانورن جي تصوير مٿان ۽ پن سٽن ۾ اکر اُڪريل آهن. تصويري اکرن کي ڏسڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته پراچين سنڌ ۾ لکڻ جو هنر به هو. دنيا جي گهڻو ڪري پراچين سڌريل ملڪن جي آئيوپٽا انهن تصويري اکرن مان نڪتل آهي. ڏسجي ٿو ته پراچين زماني ۾ پنهنجن خيالن کي لکت ۾ ظاهر ڪرڻ لاءِ چتر ڪاري يا نقش ڪان ڪم ورتو ويندو هو. مهن جي دڙي مان لڌل مهرن مان گهڻين مهرن تي جيڪي اکر لکيل آهن سي اوپر کان اولهه طرف لکيا ويا آهن، پر ڪن حالتن ۾ پهرين سٽ اوپر کان اولهه ۽ پوئين سٽ اولهه کان اوپر طرف لکيل آهي. يعني ڪن مهرن تي جيڪڏهن بي سٽ اڌ ۾ پوري ٿيل آهي ته اها اولهه ۾ پريل ۽ اوپر ۾ خالي ڇڏي ويئي آهي، انهيءَ ڪري ئي ودوانن اهو انومان ڪيو آهي ته پهرين سٽ اوپر کان اولهه، اڄوڪي عربي سنڌي وانگر ۽ ٻيون سٽون اولهه کان اوپر يعني انگريزي ۽ سنسڪرت وانگر لکيون ويئون هونديون. انهيءَ ساڳئي ڍنگ جي تصويري اکرن جون مهرون سوسا، ڪش ۽ اُر يعني پراچين سميرن سڀيتا وارن کنڊهرن مان لڌيون ويئون آهن، جي عيسوي سن کان ٽي هزار سال اڳ جي پهرئين زماني جون يعني اڄ کان اٽڪل ساڍن ڇئن هزار سالن جون آهن. ڪي مهرون سميرين تصويري اکرن کان جدا ڍنگ جي اکرن واريون آهن، پر پروفيسر لئنگڊن، ٻين سيني ودوانن کان وڌيڪ انهن مهرن جي اکرن جو اڀياس ڪري پنهنجو اهو رايو ظاهر ڪيو آهي ته اڄڪلهه جي ديوناگري يعني سنسڪرت آئيوپٽا، انهن تصويري اکرن مان نڪتل آهي. مگر خبر ناهي ته دنيا جا ودوان، پروفيسر لئنگڊن جي راءِ سان ڪيتري قدر سهمت آهن.

هاڻي سوال آهي ته مهن جي دڙي يا هڙاپا ۾ جيڪي تصويري اکر ڏٺا ويا آهن، سي ڪٿي جي پيدائش آهن، يعني انهيءَ عجيب آئيوپٽا جا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناهيندڙ ڪير آهن. هن باري ۾ جدا جدا ودوانن جا جدا جدا رايا آهن، ڪن ودوانن جو رايو آهي ته اهي تصويري اکر، وئدڪ آريہ هندن جي ايجاد آهن، پر انهيءَ راءِ کي وري ٻيا ودوان اهو چئي رد ڪن ٿا ته وئدڪ آريہ، اصل هندستان جا رهاڪو ڪين هئا، اهي عيسوي سن کان فقط ڏيڍ هزار سال اڳ هندستان ۾ آيا ۽ ٻيو ته ڊاڪٽر مئڪي ڪش مان انهن تصويري اکرن جون ثابتيون ڳولي هٿ ڪيون آهن.

ٻيا ودوان وري سنڌ جي هنن پراچين اکرن کي سمير ۽ ايلم ياشا جي اکرن سان ٿا ملائين. انهيءَ ۾ ڪوشڪ نہ آهي ته ڪنهن زماني ۾ سنڌ جو سمير ۽ايلم علائقن سان گهاٽو سنٻنڌ هو. مگر هن وقت تائين اهڙيون ڪافي ثابتيون ڪين مليون آهن، جن مان ثابت ٿئي ته انهن ملڪن جي ياشا هڪ ٻئي ۾ مليل هئي.

ٽيان وري اهي ودوان آهن، جن جو رايو آهي ته پراچين سنڌ جي مهرن تي اُڪريل تصويري اکر ڪن ڌارين بحري ماڻهن جي پيدائش آهن، جي سنڌونديءَ رستي سمنڊ مان سنڌ ديس اندر داخل ٿيا. هن راءِ وارا ودوان پنهنجي پنيرائي ۾ اهو دليل پيش ٿا ڪن ته جن شهرن جي کنڊهرن مان ذڪر ڪيل تصويري اکر لڌا ويا آهن، سي گهڻو ڪري درياهہ جي ڪپن وارا شهر آهن، انهيءَ کان-سواءِ انهن تصويري اکرن ۾ مڇي جي شڪل گهڻي نظر ٿي اچي. آخرين دليل اهو پيش ڪيو ٿو وڃي ته جن مهرن تي اهي تصويري اکر اڪريل آهن، سي واپاري شين جي ڳنڙين کي سيل مهر ڪرڻ جي مقصد سان ڪم آنديون وينديون هيون ۽ جنهن صورت ۾ مهن جو دڙو واپار جو هڪ مکيہ مرڪز هو ۽ اتي ٻاهران وڪري لاءِ ڳچ سامان ايندو هو،تنهن صورت ۾ ممڪن آهي ته اهي تصويري اکر، ٻاهرين ماڻهن جي اوائلي ايجاد هجن.

مان ذڪر ڪري آيو آهيان ته جنهن صورت ۾ مهن جي دڙي واري زماني جي ٻين کنڊرهن مان ڪافي ثابتيون نٿيون ملن، جنهن مان صاف رايو ڏيئي سگهجي ٿو ته ان وقت جي سنڌ ۾ پڙهڻ ۽ لکڻ جي هڪ ئي آئيوينا هئي، يا جدا جدا يا مهرن تي اُڪريل اکر عام ريت لکپڙهہ ۾ ڪم آندا ويندا هئا يا نہ ، تنهن صورت ۾ ڏسجي ٿو ته ودوانن هن ڏس ۾ ٻين ڳالهين وانگر فقط ڏکيبازيءَ کان ڪم پئي ورتو آهي، انهيءَ ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيستائين مهن جي دڙي جي وڏيڪ کوٽائي نہ ٿئي، يا جيستائين اتان لڌل اکرن جي باريڪ جاچ نہ ڪئي ويئي آهي، تيستائين انهيءَ باري ۾ ڪوبہ آخري فيصلو ڏيڻ مشڪل آهي، منهنجي راءِ موجب جن مهرن جي تصويري اکرن جي اڏار تي مهن جي دڙي ۽ هڙاپا جي سڀيتا کي غير آرين يعني غير هندو سمجهيو ٿو وڃي، اهي اکر ڪن خاص ڳالهين ۾ ڪم تائين محدود هئا. هن وقت تائين سنڌ جي انهن پراچين کنڊهرن مان جيڪي جدا جدا لپيون يعني اکر هٿ آيا آهن. انهن مان ڪن کي برهمي (سنسڪرت) ڪن کي گروشتي ۽ ڪن کي سيبين سڏيو ٿو وڃي. ممڪن آهي تہ جيئن اڄڪلهہ سنڌ ۾ عربي سنڌي، پارسي، سنسڪرت، گرمکي ۽ هندو سنڌي اکر عام ريت چالو آهن، تيئن پراچين سنڌ ۾ بہ جدا جدا لپين ۾ اکر لکندا هجن. جيتوڻيڪ ڪن ودوانن، مهن جي دڙي مان لڌل گورشتي اکرن کي عربستان جي پيدائش ثابت ڪيو آهي. مگر منهنجي ويچار موجب اُهي اکر اڄڪلهہ جي هندو سنڌي اکرن وانگر واپاري ڳالهين ۾ ڪم ڏيندا هوندا. باقي پڙهڻ ۽ عام لکپڙهہ برهمي يعني ديوناگري اکرن ۾ ٿيندي هوندي. ها، مان انهيءَ ڳالهہ تي هرو ڀرو زور ڏيئي ڪين سگهندس تہ جيڪي ديوناگري اکر هن وقت چالو آهن، سي هرو ڀرو ساڳي صورت ۾ پنج ڇهہ هزار سال اڳ موجود هوندا.

هتي مان ايترو لکڻ ضروري ٿو سمجهان تہ جن تصويري اکرن نسبت مون مٿي ڪن ودوانن جا مختصر رايا پيش ڪيا آهن، اهي اکر عيسوي سن کا اٽڪل بہ هزار سال اڳ هن دنيا جي صفحہ هستيءَ تان غائب ٿي ويا، ڇاڪاڻ تہ جنهن سمير ۽ ايلم مان انهن تصويري اکرن جون جهوني ۾ جهونيون مهرون هٿ آيون آهن، سي عيسوي سن کان اٽڪل چار هزار سال اڳ جون سمجهيون ٿيو وڃن ۽ ڪش مان لڌل مهرون عيسوي سن کان ٽي هزار سال اڳ جون ڇيون ٿيون وڃن. ممڪن آهي تہ کي بہ هزار سال اڳ جون بہ هجن. انهن مهرن کانپوءِ تصويري اکرن اُڪريلَ ڪي بہ مهرون هٿ نہ اچي سگهيون آهن، جنهن مان ثابت آهي تہ اهي اکر يا اها لپي انهيءَ زماني ڏاري دنيا مان غائب ٿي ويئي ۽ ان جي جڳهہ ڪنهن ٻي لپيءَ اچي ورتي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سنڌو سيپيتا جي پکيڙ

هاٽي ڏسڻ گهرجي تہ مهن جي دڙي واري سنڌو سيپيتا فقط مهن جي دڙي ۽ ان جي ويجهڙائيءَ واري ملڪ ۾ محدود هئي. ڪن هاٽوڪي سنڌ کان ٻاهر وارن علائقن ۾ بہ پکڙيل هئي. مهن جي دڙي ۽ لاڙڪاڻي جي ويجهو جهڪر جي دڙي کان سواءِ اپر سنڌ ۽ لوئر سنڌ جي ٻين کنڊهرن جي کوٽائي ڪري ڏٺوويو آهي تہ انهن ۾ بہ ساڳئي زماني جا آثار موجو آهن. چٽسالي ٺيل ٺڪر جا ٿانو، سپيءَ جا چوڙا ۽ اهڙي قسم جون کوٽي لڌل ٻيون شيون ٻڌائين ٿيون تہ پراچين سنڌ جي اتر کان ڏکڻ تائين اها ساڳي سيپيتا موجود هئي، سنڌ گزيٽيئر ۾ لکيل آهي تہ ”اسانجو سنڌ پرانت اڳي ساڳي صورت وارو نہ هو، جهڙو هن وقت آهي، ٿرپارڪر ضلعي جو ڳپل حصو سمنڊ هيٺ آيل هو ۽ سنڌ کان ڪڇ تائين اڄوڪي رڻ پٽ جي رنڊڪ پيل ڪانہ هئي“ (14). ٿرپارڪر ضلعو شايد ڏٻڻ سبب سمنڊ کان نڪري ٻاهر ٿيو. ساڳيءَ ريت ڏکڻ سنڌ جي ڀاڱي ۾ بہ گهٽي قير گهر ٿي، جنهن جا مکيہ سبب ڌرتيءَ جا زلزلا ۽ سنڌونديءَ جي وهڪري ۾ تبديلي هئا. ميجر راورٽي جو رايو آهي تہ ”سنڌ جي ڏکڻ وارو ڀاڱو جو ڪراچي ۽ ٺٽي جي وچ ۾ اچي ٿو، سو ان وقت ڪانپوءِ موجوده صورت ۾ آيوجنهن وقت سنڌوندي اوير کان اولهہ طرف رخ رکيو“ (15).

مگر فقط هاٽوڪي سنڌ ۾ پراچين سنڌ سيپيتا موجود ڪانہ هئي. هيڏانهن سنڌونديءَ کان بلوچستان واري ايراضيءَ مان بہ ساڳي سيپيتا جون گهٽيون نشانيون ملن ٿيون. ٻئي پاسي پنجاب جي ڏکڻ مان بہ سنڌو سيپيتا جا ڪيترا کنڊهڙ لڌا آهن. سر جان مارشل لکي ٿو تہ، ”جيڪي پٿر جا ڪپ، چريون ۽ ٻيو سامان لڌو ويو آهي، ان مان توري گهٽي ثابتي ملي ٿي تہ سنڌو سيپيتا ڪانياواڙ علائقي، ويندي نيات جي نار تائين پکڙيل هئي“. راءِ بهادرسرت چندر راءِ وجين علائقن جي چوٽا ناگپور وارن کنڊهرن جي کوٽائي ڪندي سنڌو سيپيتا جا ڪيترائي آثار لڌا آهن. ممکن آهي تہ اتر هندستان جي ڀاڱي ۾ اتي جي علائقن جي روپ ۾ ڪانياواڙ ۽ ايرندي ۾ راجپوتانا توڙي گنگانديءَ جي ميدانن تائين پکڙيل هئي. انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوين هنڌن تان ڪيتريون سنڌي نمونې جون پتل جو شيون لڌيون ويون آهن.(16).

## ٻين ملڪن سان لاڳاپو

تازو ميسوپاٽاميا جي کنڊهرن جي کوٽائي ڪندي ڪي اهڙيون سيلون ۽ مهرون هٿ ڪيون ويون، جي هندستاني ڪاريگريءَ جي نشاني هيون. ودوانن انهن مهرن جي پراچينتا نسبت اجا غوطا کائي رهيا هئا ته ايتري ۾ ڊاڪٽرفرئنڪفورٽ ٽيل اسمارTell Asmar مان هڪ اهڙي نموني جي مهر ڳولي ڪڍي جا اوائي هزار سالن جي جهوني چئي ٿي وڃي. انهيءَ کوجنا کان ڪي ڪجهه اڳيرو ڊاڪٽر مئڪي، مهن جي دڙي مان لڌل عقيق پٿر جي مڻڪن جي ٻيٺ، ڊاڪٽر وولي جي اُر نالي کنڊهر جي ڪن قبرن مان کوٽي لڌل انهن شين سان ڪئي، جي برجنسي مهن جي دڙي مان لڌل شين جهڙيون هيون. اهي شيون عيسوي سن کان ٽي هزار سال اڳ جون هيون، انهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي ته مهن جي دڙي وارن مڻڪن جي پراچينتا جي ڪٿ ڪرڻ محال آهي، ڇاڪاڻ ته هڪ زماني جا مڻڪا ٻئي زماني ۾ به ڪم اچي سگهن ٿا، مگر اُر علائقي مان لڌل قبرون ۾ انهن ۾ موجود سامان هڪ ئي زماني جو ٿي سگهي ٿو. انهيءَ ڪري انهن شين جي آڌار تي ئي مهن جي دڙي مان لڌل شين جي پراچينتا جو پورو ڪاٿو ڪري ٿو سگهجي. هاڻي اها ڳالهه پڪيءَ ريت سان چئي سگهجي ٿي ته مهن جي دڙي مان جيڪي عقيق پٿر جا مڻڪا لڌا ويا آهن سي عيسوي سن کان 2750 ورهيه اڳ واري زمين جي تهه مان لڌا ويا آهن. ممڪن آهي ته اهو زمين جو تهه اجا به وڌيڪ جهونو هجي. پر مهن جي دڙي جي مٿين کنڊهرن جي پراچينتا اجا به ڊاڪٽر فرئنڪفورٽ جي لڌل سيل مان پئجي سگهندي. اها سيل يا مهر ويلڻ جي صورت جي آهي ۽ مهن جي دڙي مان لڌل ٻين مهرن کان بنهه نرالي آهي، پر جنهن صورت ۾ مهن جي دڙي جي مٿين تهن مان اهڙيون ٽي مهرون لڌيون ويئون آهن، تنهن صورت ۾ اهوئي انومان ڪڍي ٿو سگهجي ته اهي هن شهر ۾ عام ريت چالو هونديون. ٽيل اسمار مان جيڪا مهر يا سيل لڌي ويئي آهي، سا پڪ ئي پڪ هندستان جي ٺهيل آهي. انهيءَ مهر جي مٿان نه فقط



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هندستاني جانورن جي صورت اُڪريل آهي، مگر ان جي اڏاوت ٺئي هندستاني آهي.

ڊاڪٽر فرئنڪفورٽ ميسوپوٽاميا جي ٽيل اسمار ڪنڊھر مان اهي نڪر جا ٿانو لڌا آهن، جن جي مٿئين ڀاڱي تي مهن جي دڙي وارن ٿانون جهڙي گلڪاري نڪتل آهي، مگر عجب اهو آهي جو ميسوپوٽاميا جي ٻئي ڪنهن به ڪنڊھر مان اهڙا ٿانو نہ لڌا ويا آهن. هن مان صاف ظاهر آهي تہ ميسوپوٽاميا جي انهيءَ شهر ۾ ئي مهن جي دڙي جا ٿانو ويندا هئا. هتي اها ڳالھہ بہ ياد رکڻ گهرجي تہ ميسوپوٽاميا جي ٻين ڪڏهرن مان جيڪي نڪر جا برتڻ لڌيا ويا آهن، سي مهن جي دڙي ۽ ٽيلُ اسمار جي برتنن کان نرالي رنگ ۽ ڍنگ جا آهن ۽ هڙاپا توڙي مهن جي دڙي مان لڌل ڪي سپيءَ ۽ هڏيءَ جون شيون پڻ ميسوپوٽاميا جي انهيءَ شهر مان لڌيون ويون آهن، جا ڳالھہ مٿئين راءِ کي وڌيڪ مضبوط ڪري ٿي. ٻي دلچسپيءَ سان پريل اها ثابتي ملي آهي تہ مهن جي دڙي جي هيٺئين تهہ مان هڪ هلڪي سائي رنگ جي سنگ جراحت جوُ جيڪو باسڻ مليو آهي، جنهن تي تصِّي وانگر چِتسالي ٽيل آهي سو ٽيل اسمار، ڪش ۽ ايران جي سوسا نالي شهر جي ڪنڊھرن مان بہ مليو آهي انهيءَ پٿر جي باسڻ جي رنگ ۽ ڍنگ مان ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ اهو باسڻ سمير يا ايلم جي علائقن مان سنڌ ۾ آيو آهي. ودوانن جو رايو آهي تہ جيڪي شيون ٽيل اسمار مان لڌيون ويون آهن سي عيسوي سن کان 3000 کان 2550 سال اڳ جون آهن ۽ جيڪي شيون ڪش ۽ سوسا (ايران) مان لوڌيون آهن سي عيسوي سن کان 2880 هزار سال اڳ جون آهن.

مهن جي دڙي ۽ هڙاپا مان ٻيون جيڪي شيون مليون آهن، مثلا غير معمولي صورت جا مٽڪا وغيره سي مصر، ڪريٽ ۽ گريس جي شين سان ملي ٿيون اچن. ڪن ودوانن کي شڪ آهي تہ عيسوي سن کان ٽي هزار سال سنڌ واسين جو ڪو انهن مغربي ملڪن سان سڌو لاڳاپو هوندو. انهن جي خيال موجب سنڌو واسين کي انهن پڇمي ديسن جي نالن جي خبر نہ هوندي. مگر اهي ودوان ڀليل آهن. مهن جي دڙي مان گريس ۽ گريس مان مهن جي دڙي جون ڪيتريون مهرون لڌيون ويون آهن. ڪاٺ جا نهيل ڪراس مهن جي دڙي، سمير ۽ ڪريٽ مان لڌا ويا آهن. ڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رکيائون بہ اهڙيون لڏيون ويون آهن، جي سمير، مصر ۽ هندستان ۾ عام ريت چالو هيون. ٽامي ۽ سون جا اڏ گول مڻڪن جا هار، جيڪي مهن جي دڙي ۽ هڙاپا مان لڌا ويا آهن سي سمير علائقي جي کنهن بہ کنڊهر مان نہ لڌا ويا آهن، مگر اهي جهوني شهنشاهيت جي زماني ۾ (جنهن زماني جا مهن جي دڙي جا هينيان تهہ آهن، مصر اندر چالو هئا) مهن جي دڙي مان جيڪو نڪر جو ڏيئو لڌو ويو آهي، سو ساڳئي زماني ۾ مصر اندر بہ چالو هو. انهن سيني حقيقتن جي آڌار تي مان هام هڻي چوندس تہ جيڪي پڇم جا پنڊت اهو ٿا پڙهن تہ پراچين سنڌواسين کي پڇم جي ديسن جي نالن جي يا خبر ڪانہ هئي، يا ائن ٿا چون تہ سنڌواسين عراق ۽ ميسوپوٽاميا جي واپارين معرفت، مصر، گريس ۽ ڪريٽ جي ملڪن سان واپار ڪيو هوندو، سي ڪنڊ ٿا ڪائين. مهن جي دڙي جي ڪن شين جو سميرن کنڊهرن مان نہ ملڻ، مگر مصر جي کنڊهرن مان ملڻ ئي اها ڳالهہ ثابت ٿو ڪري تہ سنڌ جو ايشيا کنڊ جي پڇمي ديسن سان سڌو سنئون سنبنڌ هو. هيڏانهن سمير ۽ مهن جي دڙي جي ماڻهن جي ڊيل ڊول جي ڪي ڪجهہ پاڻ ۾ مشابهت هئي. بنهي هنڌن مرد هڪ ئي ڍنگ سان وار رکائيندا هئا. يعني بنهي هنڌن تي مرد مٿي جي پنيان وارن کي چڏي ڏيندا هئا ۽ وارن جو چڙو سگي مٿي کي ويڙهي ڇڏيندا هئا ، منهن جي دري مان لڌل هڪ ماڻهو جون مڇون ڪوڙيل مگر ڏاڙهي رکيل آهي، جا رسم سمير علائقي ۾ بہ هئي.

مهن جي دڙي مان هڪ نڪر تي ننهن سان ڪرڙيل هڪ کوهي واري ٻيڙيءَ جي تصوير ڏسڻ ۾ آئي آهي، جنهن مان اهو انومان ٿو نڪري تہ انهيءَ زماني جا سنڌ واسي سمنڊ جي رستي مٿي ذڪر ڪيل ملڪن ڏانهن ويندا هئا. اڄ ڪلهہ جي زماني ۾ جو سنڌو جي بندرن تان ڪيترا جهاز سمنڊ ۾ گهمي رهيا آهن، ان مان پڻ اهو انومان ٿو نڪري تہ سنڌ واسي پراچين سمي کان بحري رستن کان واقف هئا. مان تہ 'سنڌ جي پراچين اتهاس' جي پهرئين ڀاڱي ۾ ڏيکاري آيو آهيان تہ ويدن جي زماني ۾ آريہ، وڏن جهازن ۽ غورابن جي رستي سمنڊ جي مسافري ڪندا هئا، مگر هنيلا پڇمي پنڊت وئڊڪ آرين کي مهن جي دڙي وارين سنڌ واسين کان هندستان ۾ پوءِ آيل سمجهن ٿا. تہ بہ پراچين سنڌ جو سمنڊ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪناري تي هئڻ ۽ مهن جي دڙي جي واپار ۽ شاهوڪاريءَ ڪي ڏسندي سولائيءَ سان اهو انومان ڪڍي سگهجي ٿو ته ان وقت جا سنڌ واسي جهاز رانيءَ کان واقف هئا.

باقي انهيءَ ڳالهه ۾ ڪوبه مين يا مکيه نه آهي ته پراچين سنڌ واسي خشڪيءَ جي مسافريءَ ۾ بنهه ماهر هئا. مهن جي دڙي کان عراق وغيره ڏانهن وڃڻ لاءِ بلوچستان کان گهٽي ئي رستا آهن. سر آريل اسٽين صاف ڏيکاريو آهي ته ڪنهن زماني ۾ انهيءَ ملڪ جي آدمشماري تمام گهٽي هئي. اڄڪلهه برسات جي اڻاٺ سبب بلوچستان جي علائقي ۾ گهٽا ماٿهو ننا رهي سگهن، مگر پراچين زماني ۾ انهيءَ هنڌ ڪافي برسات پوندي هئي ۽ انهيءَ ڪري اتي تمام گهٽا ماٿهو رهندا هئا. باقي اها ڳالهه خاطريءَ سان ڪين چئي سگهبي ته انهيءَ زماني ۾ سنڌواسين جو بلوچستان تي راڄنيتڪ اثر هوندو. باقي ممڪن آهي ته سنڌ واسي پنهنجي مسافريءَ لاءِ بلوچستان جي ماڻهن کان ڪم وٺندا هوندا.

پراچين سنڌ واسي هندستان جي ڪن ڀاڱن سان به واپار ريت ڳنڍيل هئا، مثلا هرڻ جا سڱ ڪشمير مان ايندا هئا،نيلم ۽ ٻيا ڪي قيمتي پٿر نيلگري ٽڪرين مان ايندا هئا. سرا ايڊون پاسڪو جي راءِ موجب سنگ پشم جو پٿر وچ ايشيا مائنر مان ۽ سون ڏکڻ هندستان مان ايندو هو.

هن بيان جي پڙهڻ سان معلوم ٿيندو ته مهنجي دڙي واري زماني ۾ سنڌو سيپتا نه فقط اوير، اولهه يا اتر بلڪ ڏکڻ ۾ ڪاٺياواڙ تائين پکڙيل هئي، ڪشمير جي ڏکڻ کان ڪاٺياواڙ تائين ۽ بلوچستان کا گنگا نديءَ جي اولهه تائين پکڙيل ملڪ ۾ سنڌواسين جو سڪو جميل هو. افسوس فقط اهو آهي، جو مهن جي دڙي يا هڙاپا مان اسان کي اهڙي ڪابه ثابتي ڪانه تي ملي، جنهن مان ان وقت جي حڪومت جي نظام جي سڌپئجي سگهي. چئي نٿو سگهجي ته مهن جي دڙي واري زماني ۾ سنڌ تي ڪهڙن راڄائن جي حڪومت هئي. ممڪن آهي ته ڪي رڪارڊ لکيل هجن، مگر ڳچ عرصي گذرڻ سبب اهي نابود ٿي ويل تا ڏسجن،البت اها ڳالهه صاف ظاهر آهي ته ان وقت ماڻهن جي مالي حالت تمام سٺي هئي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن لاءِ انهن جي قيمتي زيورن، سون وغيره بئي سامان جون گهڻيون ئي ثابتيون مليون آهن.

مهن جي دڙي جا سنڌ واسي تندرستيءَ جي نيمن کان بہ چڱيءَ ريت واقف هئا. گهر گهر ۾ کوٽيل کوهہ ۽ سنان جون جڳهيون ثابت ڪن ٿيون تہ اهي روز سنان ڪرڻ پنهنجو ڌرمي فرض سمجهندا هئا. پنگتي حالتن جو ذڪر ڪندي سرجان مارشل لکي ٿو تہ "مهن جي دڙي ۾ عاليشان مڪانن، انهن جي ڪسين ۽ بين ڪيترين قيمتي نندين شين ڏسڻ سان معلوم ٿو ٿئي تہ انهن ماڻهن جي پنگتي حالت ميسوپوٽاميا ۽ ايجپٽ جي ماڻهن کان گهٽو سڌريل هئي... سنڌ مان هن وقت جيڪي جڳهيون کوٽي لڌيون ويئون آهن انهن جهڙيون جڳهيون عيسوي سن کان ٽي هزار سال اڳ نڪي سمير ۾ ۽ نہ ڪي ايجپٽ ۾ موجود هيون" (17) ۽ بہ سال رکي وري ساڳيو صاحب ساڳي اخبار ۾ لکي ٿو: "مهن جي دڙي مان کوٽي لڌل جڳهين مان اسان کي پڪ ٿي وئي آهي تہ انهيءَ زماني جا مهن جي دڙي نواسي (سنڌ واسي) پنهنجي زندگي اهڙيءَ سٺيءَ ريت صرف ڪندا هئا، جنهن جهڙي ان وقت نہ بيبيلونيا نہ نيل نديءَ جي ڪناري واري ملڪ (ايجپٽ) ۾ گذاري ويندي هئي... البت اُر ۽ سمير جي ڪن کنڊهرن مان سنڌ جهڙيون جڳهيون کوٽي ڪڍيون ويون آهن، پر اهي اڏاوت يا ڪسين جي بناوت ۾ مهن جي دڙي جي جڳهين جو مقابلو نٿيون ڪري سگهن.... "

هن صاف قبوليت کان پوءِ سرجان مارشل ڪيئن ٿو چوي تہ مهن جي دڙي جي سيپتا سميرن سيپتا جي درخت جي شاخ آهي؟ سندس هن قبوليت مان چو نہ ائين چيو وڃي تہ سميرين سيپتا، اسان جي سنڌو سيپتا جي هڪ نهر آهي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1- Dr. S.K.Chatterji: 'Modern Review' for December 1924 P.671

2- Archaeological Survey of India Annual Report for 1922-23

.1 کير تر جبل مان وهندڙ نئن گاج ۾ اهڙي ريتي اچ به جام ملي ٿي.

.2 Mr. W T Branford: Geology of Western Sind. P 195.

4. Mr. Brailsford: The Manchester Guardian Jan. 1932

5. The Hindustan Times: 21· Feb.1932

6. The Illustrated London News Feb 27, 1926

7. Mr. R.D. Banerje: Modern Review for Nov: 1927

8. Mohen -Jo - Daro and the Indian Civilization Vol II, P-581.

9. Hunter G. R. - The Script of Harappa and Mohan-Jo-Daro.

10. Dr. Gadd C.J: "Seash of Ancient Indian Style Found at Ur."
- Proceedings of the British Academy. Vol: XVIII- 1933.

11. Dr. E. Mackey: The Indus Civilization P-169

12. Mr. H.N.Brailsford: The Manchester Guardian

13. Sir J. Marshall: Mohan-Jo-Daro and Indus Civilization. Vol: I pp 36-37.

14. Sindh gazetteers: Vol: I, P-5.

15. The Mehran of Sindh: P-468-99

16. End Foot note 14th: Edition Vol: 12, P-211

17. Illustrated London News Feb: 27, 19261



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 9.موهن جو دڙو

## گنگا رام سمرات

موهن جو دڙو سنڌ جي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڏوڪري اسٽيشن کان اٽڪل 7-8 ميل اوڀر طرف آهي. ڀارت جي پراتتو (Archaeology) کاتي جو محترم راکلداس بئنرجي 1918ع کان 1922ع تائين ڏکڻ پنجاب، بيڪانير، بهاولپور ۽ سنڌ ۾ سڪندراعظم جي يادگارن جي تلاش ڪري رهيو هو. سنڌ ۾ کيرساگر (کيرٿر جبل) کان سنڌو نديءَ تائين جيڪب آباد سکر ۽ لاڙڪاڻہ ضلعن ۾ اٽڪل 27 وڏن ۽ 53 ننڍن ٿلن کنڊرن جي کوٽائي ڪئي، پر اهي سڀ ٻڌ يادگار نڪتا. ايئن اتفاق سان موهن جو دڙو مٿان هڪ ٻڌ ستوپ تي اچي پهتو. جنهن جي کوٽائي ڪندي کيس اتان پٿرجا ڪپ هٿ آيا جي اڍائي ٽي هزار ورهيہ پراڻا هئا. بس! اتان کان وٺي هن سنڌوسنسڪرتي موهن جي دڙي جو چنڊ اڀريو. سنڌ جيڪا اتهاسڪ گرنٿن ۾ نظرانداز ڪئي ويندي هئي، سا هن ٻي جا مٽيءَ جي دڙن مان ٻرنڌڙ جبل جي لاوا جيان ڌرتي ڏاري ٻاهر نڪري آئي ۽ سنڌ گهٽ ۾ گهٽ سنڌ نالي سان چمڪي اٿي. ڀارت جي تاريخ جوستارو بلند ٿيو. جن عيسائي ليکڪن هن کان اڳ ڀارت کي ٻين سنسڪرتين جي پيٽ ۾ ڪجهہ جو ڪجهہ پئي لکيو، خواهہ سمجهيو، تن جا قلم لڏڻ لڳا، ۽ ڀارت تاريخي طور بہ سنسار جو سرمور بڻجي ويو.

نالو: سنڌ جي هن کنڊر جو نالو ڇا آهي؟ عام طرح پرسڌ موهن جو دڙو آهي. پر موهن نالي نہ ڪو راجا سنڌ ۾ ٿيو نہ ئي موهن نالو ڪنهن بہ تاريخي ورثن ۾ ڀاتو وجي ٿو. ان ڪري نيڪ ايئن ٿو لڳي تہ اهو نالو مئن (مري ويلن) جو دڙو هجي، جيئن اوائلي سنڌي چوندا هوندا، پر پوين ٻڌڻ وارن انکي اچار ڀيد سان'موهن' ڪري چيو ۽ سمجهيو هوندو. ايئن تاريخي طور اهو نالو 'موهن جو دڙو' پرسڌ ٿي ويو. جو تہ هندوآباديءَ ۾ مئن کان وڌيڪ موهن وڌيڪ نيڪ هوندو، اهو سمجهي اپنايو ويو. انجو ملندڙ مثال گجرات ۾ ساڳي سنسڪرتي جو شهر لوٿل(Lothal) مليو آهي جنهن جي معنيٰ لاش يا مئل وغيره آهي انکري لوٿ + استل (هنڌ - پراڪرت - ٿل) ئي لوٿ + ٿل جو لوٿل معنيٰ ساڳيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿلن جو هند يا دڙو. هيڏانهن راجستان ۾ بہ ٿيلو چوندا آهن. ان ڪري لڳي ٿو تہ بگڙيل نالو مٿن يا موئن جو دڙو آهي، اصلي نالو ڇا هو، سا تہ ڄاڻ ڪانهي.

هن يادگار جي کوٽائي 1922ع کان شروع ٿي 1927ع تائين هلي. اهو سمورو احوال (مليل شين جي چترن سوڌو ) سال بہ سال سرڪاري طور ان کاتي جي سالياني رپورٽ Annual Report of the archaeology survey of India ۾ ايندو رهندو هو. انهن مڙني کي گڏي ۽ مختلف ملڪن جي ماهرن جون رپورٽون وغيره سڀ گڏي هڪ ڪتابي صورت ۾ ان وقت جي ان کاتي جي ڊائريڪٽرجنرل محترم مارشل Sir John Marshal تيار ڪيو جيڪو لنڊن مان Arthur Probsthain نالي مشهور فرم اهو ٽن شاهي ۽ سندر جلدن ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. مکيہ نالو هوس MOHEN-JO-DARO AND INDUS CIVILIZATION قيمت هيس 12 پائونڊ ۽ 2 شلنگ . ورهين کان اهو ناياب (RARE) هو، هاڻ وري واراڻسيءَ مان ريپرنٽ ٿيو آهي ۽ هاڻ ملهہ اٽس ساڍاست سؤ روپيہ (هاڻ وڌيو هوندو). انکان پوءِ موهن جو دڙو جي پيهر کوٽائي ٿي ۽ اهو ڪم محترم مئڪي (EARNEST.V.MACKEY) جي نظرداريءَ هيٺ ٿيو جيڪو پوءِ ان کاتي جو ڊائريڪٽر جنرل هو. اهو سمورو ورڻن پارت طرفان ٻن شاهي جلدن ۾ ڇپايو ويو ۽ قيمت هيس فقط 51روپيہ. اهو بہ ناياب ٿيڻ تي اهو بہ ريپرنٽ ٿيو آهي. انکان بعد نوابشاهہ ضلعي جي سکپور ڳوٺ کان اٽڪل ڏيڍ ميل پري وري چانهون دڙو جي کوٽائي ميوزيم آف فائين آرٽس، باسٽن (آميريڪا) جي ماتحتي ۾ ساڳئي محترم مئڪي جي نظرداريءَ ۾ ڪرائي ويئي. جنهن جي رپورٽ بہ ڪتابي صورت ۾ ساڳي ميوزيم طرفان (CHANHUN DARO EXCAVATION) نالي سان ڇپائي هئي. اهو بہ موهن جو دڙو جيان ئي ساڳي اهميت وارو پراچين يادگار (کنڊر) آهي.

موهن جو دڙو جي عام دنيا کي ڄاڻ ڏنهين ٿي جڏهين ان باري جو ليک سرجان مارشل لنڊن جي هفتيوار (Illustrated London News) ۾ فوٽن سوڌو 1924ع ۾ ڇپايو. دنيا جي ودوانن ۾ ٽرٽلو مچي ويو. هو جو هن کان اڳ پارت کي جهنگلي ۽ ڏنارن جو ملڪ سمجهيو وينا هئا، ان مان هيءَ نهايت اوج تي پهتل،جنهنجي اکثرخوبين جي پيٺ دنياجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن بہ سنسڪرتي سان نہ تي ڪري سگهجي، معلوم ڪئي تہ في الحال تہ تاريخ جون سڀ ڏڪيبازيون ۽ وشواس لنگڙا ٿي ويا. سمجهي ٿي نہ پيا سگهن تہ هي ڪهڙي قدرت قهر ڪري سندن مذهبي راين کي بہ لوڏي ڇڏيو _ هزارن ورهين جو تہ سوال ئي ڪونہ هو. پر ڪيئن بہ هٽي ڏٽي وري بہ اهوئي 6 هزار ورهين جي چڪر ۾ ڪري هن کي بہ جڪڙيائون. اهو بہ ٺيڪ، ڪجهہ ان تي ئي پارت ۾ (هتي) اخبارن ۾ تہ ليک ڇپيا پر سڀ کان اهم پارت ڪلڪتي جي انگريزي ماهوار مئگزين MODERN REVIEW ادا ڪيو. خاص ڪري پارت جي ماهرن ۽ ودوانن يکي پٺي ڇيو لکيو، ماڊرن رويو جي وڌوان سمپادڪ شري ڪيدارناٿ چٽرجي، پٺي پڌرو ڪيو. آرڪيا لاجي کاتي جون رپورٽن ودوانن ڪانسواءِ تہ ڪير پڙهندو ڪونہ هو، 'ماڊرن رويو' تمام اوچي درجي جي مخزن هئي عام خواهہ ودوانن تائين انجي پهچ هئي. موهن جو دڙو جي سڳند ائين ڦهلجي ويئي. هاڻ اهو سمورو احوال وچور سان کوٽائي ۽ ان مان مليل شين جو ڏيو تہ اهو ئي ڪتاب جڙي پوندو ان ڪري اسين مناسب ٿا سمجهون تہ 'ماڊرن رويو' ۾ آيل انهن ودوانن جي ليکن جو مکيہ تاتپرج ڏيون، جنهن سان هيءَ ڳالهہ وڏيک سند واري بہ ٿيندي ۽ لڳ ڀڳ سيني وشين تي مختلف ودوانن جا رايا بہ سمجهڻ ۾ ايندا.

سرجان مارشل اول اول جيڪو ليک لنڊن جي ساپتاهڪ ۾ ڇپائي دنيا کي موهن جو دڙو کان واقف ڪرايو هو ان جا ٽڪرا هيٺ ڏيون ٿا. جيتوڻيڪ پاڻ کوٽائيءَ وارو هنڌ اجا ڏٺو ڪونہ هئائين، جو تہ اهو ڪم محترم بئنرجي ۽ محترم ماڌو سروپ وٽس ڪري رهيا هئا جن ٻن سالن جو ڪيل ڪم ڪيس ڏيکاريو، جيڪو بلوچستان ۽ هڙاپا سان پيٽي ڏسڻ تي هي نهايت آڳاٽو سمجهڻ تي ۽ سڀ شيون جاچڻ تي هن ليک لکيو هو. ان موجب: "موهن جو دڙو جي حيرت انگيز کوج، پنج هزار ورهيہ اڳ جي بالڪل اڻ جاتل سنسڪرتي پرڪاش ۾ آندي آهي. جيڪا سنڌ جي ماتري ۾ قلي قولي آهي. تي سگهي ٿو مصر (Egypt) جي شاهي مندرن جيان ڪا عاليشان چيز نہ بہ ملي هجي پر تہ بہ نہ مصرنہ ئي سمير(3 هزار ورهيہ ق م ) اهڙي ڪا پيٽي سگهڻ لائق چيز ڏئي سگهيا آهن، جهڙي هتي (موهن جو دڙو ) جي گهرن جي سراسري اڏاوتي ڪاريگري ۽ سهنج.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻي جي نيڪال (Drainage) جو بندوبست خاص اُنت ۾ اساڌارڻ (Extraordinary)آهي. هر رستي، گهٽي ۽ لنگهہ ۾ سپ نالين ڍڪيل ۽ باريڪ بيني سان جڙيل سرن سان نهيل آهن جو انڪان وڌيڪ سٺي ٻي ٿي ئي نہ ٿي سگهي. چن جو گچ (LIME MORTAR) ڪتب ڪونہ ايندو هو، نہ ئي ير ۾ ڪو چن جو پٿر آهي، جيڪو ٻاري ناهي سگهجي نہ ئي ڏامر يا رال (BITUMEN) جهڙي ڪا چيزسنڌ ۾ آهي. جيئن مسوپوٽميا ۾ سيمينٽ جو ڪم ڏيئي سگهندڙ شيءِ آهي. انڪري هتي سرن جو جوڙ اهڙي ڪاريگريءَ سان ملايل آهي جو پاڻيءَ جي نيڪال ۾ تڪليف ئي نہ ٿئي.

”...........هيءَ سنڌو سنسڪرتي اولهہ ڀارت ۾ انيڪ صدين (UNTOLD CENTURIES) کان پئي اُنت ٿي ۽ پنپي آهي، جنهن جو ڦهلاءُ وڏي دائري ۾ هو، جنهن ۾ سنڌ، پنجاب جو گهڻو ڀاڱو، بلوچستان گهٽو ڪري سڄو، راجستان ۾ اچا بہ چڱو پري اوڀر جي ڏيهن ۾اندو سميرين نالو توري وقت لاءِ گهڙيو ويو آهي، فقط پراچين سمير ۾ سنڌوءَ جي ويجهن لاڳاپن ڏيکارڻ ڪري. هڪ ڳالهہ جا منجهائيندڙ آهي سا سنڌن ڪاريگريءَ جي، مثال طور چقمق جي پٿر جا سنها پرد (FLAKES) ٽڪرا جن کان ڪپن ۾ رنبن جو ڪم ورتو ويندو هو، سڄي ايراضيءَ مان سون جي انداز ۾ مليا آهن (يعني پٿر يڳ جا اوزار) جيڪي بلڪل اڻ اُنت ٽيل طبقي جا ٿي سگهن ٿا. پرانهن سان ئي گڏ خوبصورت ۽ نازڪ سون جا زيور، نيري رنگ جي چٽساليءَ وارا ٽانو ٽپا، نفيس اُڪريل مهرون جيڪي فقط ڪي نهايت قابل ۽ ٽيڪنيڪل ماهر ئي ناهي سگهن ٿا ۽ خاص ڪري جاين جي ڪاريگري بينظير (FarSuperior) آهي، بہ شامل آهن.

اڪثر جايون چڱين وڏين ڪوٺين (Rooms) ۾ ورچيل آهن جن کي پنهنجا کوهہ، سنان ڪوٺيون، سرن جي فرش سان ۽ ڍڪيل نالين سان آهن، جيڪي وري ٻاهر رستن جي نالين سان ڳنڍيل آهن. اهڙين ڪشادين عمارتن ۾ سهنجن کي ڌيان ۾ رکي چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي ماڻهن جو معيار زندگي ميسوپوٽميا ۾ مصر کان گهٽو (Much in advance) آهي.

سون جا زيور اهڙا نفيس نهيل ۽ اوچي درجي جا پالش ٿيل آهن جو جڻ تہ اهي اڄ جي لنڊن جي ٻانڊ اسٽريٽ (Bond Street London) جي جوهريءَ جي دوڪان تان نهي آيل آهن، بنسبت 5 هزار ورهيہ اڳ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(دبيل) گهرن مان - بہ نهيل بت لڌا آهن هڪ ڪچي سنگمرمر جو ۽ هڪ چن جي پٿر جو جنهن تي سنهو سهٽو اڇو پلستر ڪيل آهي. بت ۾ ماٿهوءَ کي ڏاڙهي آهي، پر مڇ لٿل ، اکين ۾ ڪوڏيون پيل ۽ سندس وڳو ڳاڙهي گيڙوءَ رنگ سان چٽيل آهي.

هيءَ سڀيتا جيڪا ظاهر ٿي رهي آهي سا ميسوپوٽميا جي سنسڪرتي ڪانهي پر سنڌوءَ جي ڪناري تي سوتنتر روپ ۾ بيشمار پيڙهين کان أنت ٿيندي پئي رهي آهي جيئن ڪوٽائيءَ مان معلوم ٿيندو پيو وڃي. " (1)

هن ليک ڇپجڻ کان پوءِ پارت کان ٻاهر سميرين ماهرن (Sumeriolgists) جوڙيان هن طرف ڇڪيو ۽ بلڪل ٻئي هفتي ساڳئي السٽريٽيڊ لنڊن نيوز ۾ پروفيسر سائس (Sayce) سؤسا ۾ محترم مارگن (DeMorgan) طرفان لڌل موهن جو دڙو جهڙين شين ڏانهن ۽ وري ٻئي پرچي( 4-1-24) ع ۾ برٽش ميوزيم لنڊن جي محترم سمٿ (Sydney Smith) محترم گڊ (C.J.Gadd) ميسوپوٽميا جي شين ڏانهن ڌيان ڇڪايو. ان کانپوءِ انهن شين جي مشابهت جون ڇڻ شرطون شروع ٿي ويون. ڇو تہ اهڙيون شيون اڳيئي پارت کان ٻاهر ملي چڪيون هيون. هاڻ انهن جو پارت ۾ ملڻ هڪ عجيب ڳالهہ هئي، جنهن ودوانن جوڙيان ڇڪيو ۽ پوءِ ان طرح جيڪو زمانو سيمرين ۽ اسيرين آثارن لاءِ مقرر ڪيو ويو هو سو موهن جو دڙو لاءِ بہ مقرر ٿي ويو.

ان بعد جڏهين سرجان مارشل جو ڪتاب ٽن جلدن ۾ لنڊن مان پرڪاشت ٿي ٻاهر آيو تہ انجي سمالوچنا 'ماڊرن رويو' (ڪلڪتہ) ۾ هن طرح ڇپي: هڙاپا ۽ موهن جو دڙو ۾ ٿيل کوٽائين مان اها حقيقت ظاهر ٿي آهي، جيئن سمپادڪ (مارشل) پنهنجي ودوتا پريل مهاڳ ۾ لکيو آهي تہ "پنج هزار ورهيہ اڳ پنجاب ۽ سنڌ کي پنهنجي أنت ۽ سمان سڀيتا هئي جيڪا پنهنجي زماني جي (Contemporary) ميسوپوٽميا ۽ مصر سان بلڪل ملندڙ پر ڪن ڳالهين ۾ انکان بہ سرس (Superior) هئي (Vol.I P.V) سنڌو سنسڪرتي جي عمر ۽ درجو (Chalcolithic Age) آهي. اها عمر جنهن ۾ پٿر جا هٿيار ۽ ٻاسڻ ٽامي ۽ ڪانسي (Bronze) سان گڏوگڏ استعمال ٿيندا آهن ۽ اولهہ ايشيا خواهہ مصر جي هہ عمر آهي. پر فرق جون بہ ڪي خاص



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهيون آهن جيئن محترم مارشل لکي ٿو تہ ”ڪجھہ توريون، مثال طور تہ ڪپڙي لاءِ ڪپهہ جو استعمال ان زماني ۾ اڪيلو فقط ڀارت ۾ ٿيندو هو، جا ڳالهہ اُلهندي دنيا ۾ بہ يا ٽي هزار ورهيہ پوءِ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. وري پراچين مصر ۽ ميسوپوٽميا خواهہ اولهہ ايشيا ۾ اهڙو ڪوبہ مثال ڪونهي جنهن سان موهن جو دڙو جي رهواسين جي ٺهيل سهٽين تڙجي ڪونين ۽ ڪشادن گهرن سان انجي ڀيٽ ڪري سگهجي. انهن ديشن ۾ ديوتائن جي مندرن، محلاتن ۽ راجائي(Pyramids) تي بيشمار ناڻو لٽايو ويندو هو، باقي عوام ايئن بلڪل سادين مٽيءَ جي جهوپڙين ۾ رهندي هئي. پر سنڌ ۾ تصوير جو بلڪل ٻيو روپ آهي. جتي خوبصورت عمارتون فقط نگرواسين جي سک لاءِ ئي جڙنديون هيون“. (Vol.I P.VI)

ساڳيءَ طرح ئي سنڌ جي ڪلا تي سنڌن پنهنجي اڪيلي ۽ نرالي ڇاپ آهي. ٻئي ڪنهن بہ ديش سان انجي ڀيٽ نہ ٿي ڪري سگهجي. سنڌن رانديڪا جن ۾ گهيتو، ڪتو ۽ ٻيا جانور يا مهرن تي نقاشي، جن ۾ ٺوهي سَانَ ۽ ننڍن سگن وارا ڏيکا اهي سڀ ڪلا جي ڪمال جو ڦل آهن. ٻن مٽين ٻتن جي ڪاريگريءَ سان تہ ڪلاسيڪي يونان بہ ڪلهو نہ ٿو ملائي سگهي.

This is work of which a Greek of the fourth century B.C. might have been proud. (P.46)

سنڌن ڏارمڪ شو پنٿ تہ ڪئلڪولٽڪ ايج يا شايد اُنکان بہ پراڻو ٿي سگهي ٿو ۽ اڄ بہ سنسار جي زندهہ مذهبن ۾ اوچي جاءِ والاري ٿو.

(Vol.I pp. VI -VII)

هڪ ڳالهہ جا بلڪل صاف ۽ ٻي ڪتڪي آهي تہ موهن جو دڙو ۽ هڙاپا ۾ ظاهر ٿيل سيپتا ڪا شروعاتي دؤر جي بہ ڪانهي پر ڀارتي زمين تي پراچين ۽ جميل سيپتا آهي جنهن جي پنيان ماڻهوءَ جي ڪئين هزار (نہ ڪو فقط 5هزار ) سالن جي ساڌنا آهي. ان ڪري ڀارت کي ايران، ميسوپوٽاميا ۽ مصر جي هڪ مکيہ ايراضين مان ليکبو جن ۾ سيپتا جو آرنڀ ۽ ڦهلاءُ ٿيو. (Vol.I pp VIII)

بلوچستان جا چنيل ٿانو ۽ هڙاپا جون مهرون، موهن جو دڙو جي پراڳ اتهاس (Pre-History) ڪال جي لڌل سامگري کان بہ اڳ، سيني کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معلوم هيون. پر محترم راکلداس بئنرجيءَ کان اڳ ڪنهن بہ انجي پراچين ڪالين هئڻ جي همٿ ڪانہ ڪئي، جيئن محترم مارشل ٻڌايو آهي تہ بلڪل ساڳي ماپ واريون سرون ڪشاڻ ڪالين (زماني) ستوپن ۽ ڪئلوڪولتڪ اڏاوتن ۾ ڪتب آندل مليون آهن. محترم بئنرجي تہ پهرين موهن جو دڙو کي نهايت پراچين ڪال جو سڏ ڪري محترم مارشل کي پين سان پيٽ ڪري اهو مڃائڻ لاءِ راغب ڪيو.

The Modern Review, April 1932

يوگيہ وچارڪ محترم هڪسلي (Aldous Huxley) تہ ڪمال ڪري لکيو. جيڪي چون ٿا تہ لڙائي ڪانسواءِ سڀيتا رهي نہ ٿي سگهي يا تاريخ ۾ جو لڳاتار قائم رهڻ تي ٻڌائي ٿو، تن کي محترم هڪسلي، موهن جو دڙو ۾ کو بہ هٿيار نہ ڏسي جواب ٿو ڏئي، تہ:

Recent Archaeological research has shown that this correlation between war and civilization has not been invariable. The civilization of the Indus Valley was as rich and elaborate as those of Sumer and Egypt but it was a civilization that knew nothing of war. No weapons have been found in its buried cities or any trace of fortification. This fact is of the highest significance. It proves that it is possible for men to enjoy the advantages of the complex urban civilization without having to pay for them by periodical mass-murders.

1944ع جي کوٽائيءَ مان موهن جو دڙو ۽ هڙاپا مان ٿلهيون شاهي پٽيون نڪتيون جن کي شهر پناهہ تصور ڪيو ويو جيئن پاڪستان آرڪيئالاجي کاتي طرفان محترم ويلر Dr.Mortimer Wheeler جي هڪ ڇپايل چوپڙي Mohen jo daro-p14 ۾ ظاهر ڪيو ويو پر ساڳي محترم ويلر طرفان 1950ع ۾ کيل کوٽائي بعد اهو رايو ڏنو ويو تہ نہ موهن جو دڙو جا ماڻهو شانتي پسند هئا. ڪين ڪنهن شهر پناهہ جي ضرورت ڪانہ هئي. ان ڪري اها ٿلهي ديوار نہ پر اناج جو شاهي پنڊار (Great Granary) هو ۽ اها موهن جو دڙو جو اسٽيٽ بئنڪ ۽ خزاني جو ڪم ڏيندو هو.

Thus it served both as a state bank and Treasury of the ancient city of Moen jo Daro. (Ibid, Epilogue, P. 15)

پينسيلوينيا(Pennsylvania) يونيورسٽي ميوزيم (اميريڪا) جي طرفان ان جي ڪيوريٽرمحترم ڊيلس (George F.Dales) جي اڳواٽي هيٺ(1-



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

64-11 کان1-3-65 تائين) پرڏيهي سهاپتا سان ان حصي جي به کوٽائي ٿي آهي . تنهن ۾ اها پٽ زمين کان 20 فوٽ هيٺ تائين آهي. جيتوڻيڪ پوسل جي پاڻيءَ ڪري اجا بلڪل تري تائين ڪونه پهتا آهن پراها ڪچي پٽ جيڪا پڪي پٽ جي ٽيڪ تي آهي جنهنکي محترم ويلر اناج جو پنڊارو ٿو چوي تنهن کي هي پوڏکان بچاءُ جي پٽ ٿو چوي.(2)

محترم راءِ (C R Roy) وڪٽوريا ميوزيم ڪراچي جي ڪيوريٽر (Indian World) ۾ لکيو: موهن جو دڙو جي لوڪن جي سڀيتا سنسڪرتي جي اهميت تڏهين سمجهي سگهبي جڏهين اسين پراڳ اتهاس ڪال جي لوڪن جي تاريخ جوڙي سگهنداسون سو به جڏهين انهن وساريل لوڪن جي هنن چڏيل اٿاهه پراچين شين (Antiquities)کي پورو سمجهي سجاڻي سگهنداسون . مونکي موهن جو دڙو جي کوٽائي ۾ حصو وٺڻ ۽ اڀياس ڪرڻ جي خوش نصيبي حاصل آهي ان ڪري ان سنسڪرتي جو خاڪو پيش ڪريان ٿو.

تاريخ جي ليکڪن طرفان اهو سمجهيو ويندو هو ته آريه ماڻهوڀارت ۾ 4000 ورهيه اڳ آيا يعنيٰ 'لوه يگ' ۾ آيا ۽ هتي جي جهنگلي، ڪارن ۽ اڻ سڌريل ماڻهن کان کٽي تائينکو ٿي وينا. آرين کان اڳ هتي ڪابه سڀيتا ڪانه هئي، جنهن جو ذڪر ڪري سگهجي. ان رايي (Theory) کي هاڻ رد ڪرڻو پوندو. موهن جو دڙو جي کوج ثابت ٿي ڪري ته آرين جي اچڻ کان اڳ (آريه آيا ڪونه پرموهن جو دڙو وارا خود آريه هئا) سنڌ ۾ تمام اُتم درجي جي ۽ نهايت اُنتي ڪيل سڀيتا موجود هئي جيڪا ان وقت جي ايلام، ميسوپوٽميا، بئبيلونيا ۽ مصر جي آرين کان به گهڻو اُنت هئي.

موهن جو دڙو جي ماڻهن پنهنجو شهر سنڌوءَ جي اولهه ڪناري تي اڳ رٿا (Pre-arranged-plans) موجب جوڙيو، جا رٿا انجينيئرن تيار ڪئي هئي. سنڌن زير زمين(Underground) پاڻيءَ جي نيڪال (Drainage) جو سرشتو جيڪو بلڪل مڪمل (Elaborate and Complete) ۽ صحت جي خيال کان به بي عيب (Perfect from the hygienic point of view) هو. شهر سرڪار يا ميونسپالٽيءَ ماتحت يا انتظام هيٺ هلندڙ هو. نگرواسين جا پاڻ ۾ لاڳاپا نهايت قربائتا هوا. شهر ۾ ڪم ڪندڙن ۾ واپاري، هاري، ٽامي چاندي جا ڪاريگر ۽ سونارا، پٿر جو ڪم ڪندڙ سلاتا، چٽساليءَ وارا باسڻ (ٿانو)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناهيندڙ، ڪنڀار، ڪوري، پساري، واڍا، جايون جوڙيندڙ رازا، عاج، هڏا ۽ سپن جو ڪم ڪندڙ، ماڇي، شڪاري، پوڄاري، سپاهي، نيلي، حجام، گهتين جي صفائي ڪندڙ وغيره شامل آهن. هرڪٽنب کي پنهنجو ڪشادو گهر هو جنهن ۾ اوچي ڇت سان گهٽيئي ڪمرا، در ۽ دريون هئا. هر گهر جي گهٽيءَ طرف مکيه درهو، ڦاٽڪ جي لڳ نوڪر لاءِ ڪليل ننڍي ڪوٺي، انڪانپوءِ سينگارئل ملاقاتي ڪمرا (Drawing Rooms) تنهن ڪانپوءِ زالن لاءِ صفح (Harem) جنهن ۾ سمهڻ جا ڪمرا ۽ رنڌڻا (بورچي خانه) وغيره هئا. هر گهر ۾ پيئڻ جي لاءِ پاڻيءَ ۽ ٻئي استعمال لاءِ کوهه هو. به ماڙ جايون به هيون جو مٿي چڙهڻ لاءِ ڏاڪڻين جا ڏاڪا به لڌل آهن ۽ بلڪل اڄ جي طرح آهن. هڪ وڏو گهر، جو شايد محلات هو سو به ڪوٺي ڪڍيو ويو آهي. محلات جي چوگرد گڏيل ڪمرا هوا ۽ وچ ۾ هڪ شاهي هال وڏن ٿنڀن(Pillars) سان هو. هال جي پرسان فرش ٻڌل تلاءُ (Tank) يا (Swimming Pool) جنهن ڏانهن چوطرف ڪمرن ۽ ورانڊن جو منهن هو. حوض ۾ هيٺ لهڻ لاءِ به ڏاڪيون آهن: هڪ مکيه هال کان لهڻ لاءِ ۽ ٻي سامهون طرف کان لهڻ لاءِ. حوض سدائين تازي پاڻيءَ سان ڀريل رهندو هو ۽ جڏهين خراب ٿيندو هو ته وڏي ناليءَ رستي نيڪال ڪيو ويندو هو. گهٽو ڪري محل جون زالون ان ۾ آنند وٺنديون ۽ سنان ڪنديون هيون، جيئن روُمن زالون. سڀ کان عجب واري ڳالهه آهي ان محل ۾ سنان جون ڪوٺيون جن مان ڪيترين جون پٽيون، فرش ۽ ناليون اڄ به بلڪل مڪمل حالت ۾ سلامت آهن.

مرد ڌوتي ٻڌندا، مٿي تي پڳڙي، خميس، ڪوٽ ۽ جتيون پائيندا هئا. زالون پرٽ پريل ساڙهيون، گهگها، پيشگر ۽ ڪرتا وغيره پهرينديون هيون. ان ۾ شڪ ڪونهي ته زالون خوب فئشن واريون هيون، جا چاڻ سندن مختلف زيورن ۽ هار سينگار جي مليل سامان مان پوي ٿي. هو انيڪ قسم جا هار (Necklaces) ايرينگ، لاڪيٽ، ڦليون، نٿون، منڊيون، چوڙيون وغيره پائينديون هيون. زيور سون، چاندي، ٽامي جا نهيل هئا. ان کان سواءِ هيرا جواهر، (پکراج)، عاج ۽ سپيون وغيره. ٻانهيون اڄ جي طرح ڪرائيءَ کان نونٽ تائين پائينديون هيون. نٽ سان گڏ سوني زنجير به هوندي هئي جا ڪن تائين ويندي هئي، جيڪو رواج اڄ به سنڌي ۽


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بنگالي عورتن ۾ آهي. عورتون پنهنجيون چوٽيون ڪنديون هيون ۽ وري مختلف ڍنگ سان ٻڌنديون هيون. سون چانديءَ جون وارن جون پنون به ڪم آڻينديون هيون. اکيون سرمي سان سينگارينديون هيون. ٽامي جون آرسيون ۽ عاج خواهه ڪاٺ جون به پاسي ڦڻيون ڪم آڻينديون هيون. آرسيءَ جو اهو نمونو بينگال ۾ اڄا تائين شاديءَ جي موقعي تي ڪم ايندو آهي.

ٻار اڄ جيان رانديون رونديون ڪندا هئا. رانديڪا به جام مليا آهن جيڪي پڪل مٽيءَ جا ٺهيل آهن جن ۾ مختلف پسون، پکي، ماڻهو، عورتون وغيره آهن. چوڪرين لاءِ به ننڍا ننڍا ٿانوَ، ڏوريءَ سان ڇڪي هلائڻ وارا رانديڪا، رڻ سان پکي جيڪي ننڍا ٻار هلائيندا هئا وغيره سڀ ڏاڍا سنا ۽ خوبصورت آهن. مٽيءَ جا جهنجهٽا جيڪي مختلف رنگن سان چٽيل آهن، سي عام هوا. اهي ساڳيا نمونا اڄ به بينگال ۾ ٺهندا آهن. وڃائڻ جي سيٽي ته خاص آهي جنهن جي شڪل ۾ اڄ تائين فرق ڪونه آيو آهي. پڪي مٽيءَ جو ٺهيل ڪکڙ يا پکي جنهنکي پڇ وٽ تنگ آهي، اها وڃائي ڏنم ته ان وقت به بلڪل ٺيڪ پيئي وڳي .

(ModernReviewSeptember1939)

شري (محترم) دت (G.S.Dutt) هڪ ليک Indus Civilization: Forms and Motifs in Bengali Culture پن قسطن ۾ لکي اهو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي ته سنڌو سنسڪرتي جي ڪن شين ۽ نشانن کي بينگال سان پيٽي سگهجي ٿو.

26مئي 1943ع تي محترم ٽائونرو (B.S.Townroe) جيڪو برٽش سينٽرل هائوسنگ ڪاميٽي ۽ برٽن جي ڪيترن ٽائون پلئننگ ڪاميٽين جو ميمبر هو، تنهن انڊيا سوسائٽي لنڊن جي اڳيان

(City Development in India and Britain some Comparisons)

وشيه تي ويا کيان ڏنو هو، وقت جو سڀاپتي شري ودهيد هو. شري ٽائونريو چيو:

Those who bolster up their wishful hopes of a new world, planned according to their own individual beliefs of what will be the best for future generation are infected at times with the slow poison of totalitarianism. They forget that many of their much



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

boasted ideas are atleast 5000 years old..... Buried cities in the Indus Valley atleast 5000 years old when excavated showed they were well planned and drained. Every large house had a bath room. The old Vedic treatises afford striking proof of the knowledge and common sense of the early people of India in regulating their building development and wisdom in their municipal administration. When we think of the great urban civilization in the Indus Valley of 5000 years ago, we gain humility in facing the issues of today. From India we can learn both patience and wisdom in dealing with the redevelopment of our bombed cities in Europe and North Africa and the Far East in the years to come. (Modern Review November 1944)

موهن جو دڙو جي کوٽائيءَ کانپوءِ هاڻ اهو سؤال ڪڙو ٿيو ته پارت ۾ هيٺ جي ناتي اها سنڌو سنسڪرتي آريہ آهي يا دراوڙ، يعنيٰ سنڌي آريہ آهن يا دراوڙ. 1924ع ۾ ئي پارتي ڀاشا شاستري پروفيسر سنيتي ڪمار چٽرجيءَ بہ وڏا ليک لکي ان کي ڏراوڙ يا اڻ آريہ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سندس اڪيلو مکيہ دليل هو تہ چاڪاڻ تہ آريہ ماڻهو مُردا ساڙيندا هئا پر موهن جو دڙو ۾ دفن ٿيل لاش مليا آهن اهو طريقو اڻ آرين جو هو انڪري سنڌو سنسڪرتي وارا پڻ اڻ آريا هئا.

(Modern Review November 1924)

جيتوڻيڪ اُن نقطۂ نظر کان سچو ئي ليک غلط هو چو تہ محترم سنيتي ڪمار کي خبر ئي ڪانہ هئي تہ ماڻهوءَ جي انپتي ڪيئن ۽ ڪڏهين ٿي، نہ ئي اهو سندس ذاتي وشيہ هو. هن بہ فقط غير ملڪي انگريزي ساهتيہ پڙهي اهو رايو ٺاهيو. جيئن سندس پشچمي گرون ۽ پارتي چيلن ڪيو. سندن بہ ڏوهہ ڪونہ هو، ڪين ننڍي هوندي ئي ڏرم دشمنيءَ جي سٺتي پياري ويئي هئي. تعليم سپ پرڏيهي ويچارن تي حاصل ڪيل هئي، جا اجا بہ هلندي ٿي اچي. جيتري قدر ٿي سگهندو هون يا اتن تہ پنهنجي ڏرم کي هيٺ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا. انگريزن جا ابا ڏاڏا ۽ پيڙهيون سپ مول انگلنڊ جا رهواسي نہ هوندي ۽ ٻاهران اچي وسيل هوندي بہ هو فقط ان جو ذڪرڪندا ۽ پاڻ فخر بہ وٺندا آهن. پر هي ديسي ليکڪ اون جي اُبتڙ پاڻ کي آريہ تہ چا هندوسڏائيندي بہ شرم محسوس ڪندا. هنن هن معاملي کي ڪٽندي اهو بہ ڪو نہ سوچيو تہ موهن جو دڙو جا آثار انگلنڊ کان وني پئسفڪ سمنڊ تائين ڦهليل آهن، ويندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آمريڪا جي ريڊ انڊينس تائين تہ پوءِ اهي اڻ آريہ ڪونہ ٿيا ۽ نہ ئي پاڻ کي سڏائين ٿا. پاڻ پنهنجي انهن آثارن (يادگارن) تي نازڪن ٿا ۽ هي اسان جا ديسي ماهر ويا پاڻ بحث کي وڌائيندا ۽ پرڏيهين کي نوان نوان پرماڻ پيش ڪندا. جيتوڻيڪ هاڻ تہ آرين جو ٻاهران اچڻ خواهہ آريہ اڻ آريہ جي بيماري اهڙي ناسور جو روپ وٺي چڪي آهي جو اها جهڙي لاعلاج پيئي لڳي. اسان لکيو آهي تہ اولهہ ايشيا مان تيل کوٽائين ڪانپوءِ ڪنهن بہ پشچمي ليکڪ ان کي اڻ آريہ ڪونہ چيو. پاڻ اولهہ ايشيا تاريخ جي وڏي ودوان محترم هال(H.R.Hall) انکي فقط دراوڙ لکيو، سو بہ انکان 10 سال اڳ اسانجي ديسي ليکڪ انکي ڳنڍ ٻڌي ان سٽ کي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ ست صفحہ لکي اجايو بحث ڪيو. حقيقت ۾ اسان کي پاڻ تي فخر وٺڻ کپندو هو تہ اسانجي ڀارتي سنسڪرتي جا آريہ دراوڙ خواهہ اتر ڏکڻ ڀارت جو ڪو ڀيد ڪونهي (سواءِ جل وايو جي اثر جي). محترم هال صاف اهو بہ لکيو آهي تہ: ”اهي سميرين (بئبلونيا جا) ماڻهو ڀارت واسي هئا. “

Sumerians were an Indian race which passed certainly by land, perhaps also by sea, through Persia to the Valley of the Two Rivers. (3)

اسين فقط اهو ٿا مڃون تہ ڀارت جا اتر ۽ ڏکڻ جا رهواسي فقط آريہ آهن. اترڏکڻ ۾ ڪو فرق ڪونهي. ان جو سندر مثال تہ ڪلا جي مهان ودوان محترم ڪمار سواميءَ ان ئي وقت ڏنو جيڪو محترم سنيتي ڪمار خود ئي ڏنو آهي، ۽ تہ يونان جا چتر اتر ۽ ڏکڻ ڀارت ۾ اڄ بہ سمان روپ ۾ پاتا وڃن ٿا.۽ محترم سنيتي ڪمار جا ئي لفظ آهن:

And Anand Coomarswamy has shown in ‘Some Ancient Elements in Indian Decorative Art’ in the ‘Ostasiatiche Zeitschrift’ quoted in the Modern Review (August 1924) “that a number of decorative motifs in both Northern India and Southern India in a way which is quite striking.”

تہ پوءِ اُتر ۽ ڏکڻ ڀارت يا آريہ دراوڙ جو ڀيد ڪهڙو؟ ان مردي جلائڻ ۽ پورڻ واري ڳالهہ کي وٺي شري ابناش چندرداس پنهنجي ڪتاب (Rigvedic India) ۾ شري سنيتي ڪمار کي جواب ڏنو هو، پر اهو تہ ان کان بہ چٽ هو. (4) ۽ شري سنيتي ڪمار بہ وري انجو رد قد ان ئي پرچي ۾ ڏنو هو. ڳالهہ مڙئي ساڳي هئي. انهن ان ڳالهہ کي سڌ ڪرڻ لاءِ جيڪي بہ حوالا ڏنا هئا، اهي سڀ ويدن جي غلط انگريزي ترجمي جا هئا. هنن خود ويد شڌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روپ ۾ نہ ڏنا نہ پڙهيا. ڪين ڪهڙي چاڻ تہ ويد اصل چا آهي؟ ڪين ننڍي هوندي ڪان تعليم ئي ان طرح جي ملي هئي. اصل چا آهي تہ پراچين ڪال ۾ مردا فقط جلايا ويندا هئا ۽ اهو رواج يورپ جي پراڻي يونان، ٽيوٽانس (Teutons) ۽ سلاو(Slvas) وغيره ۾ هو جيئن سنيتي ڪمار خود لکيو ۽ اهو سڀ ان حالت ۾ ممڪن آهي جتي ڪاٺين جي موجودات هجي. ڀارت ۾ خواهہ ٻين هنڌ جتي جتي ڀارت واسي ويا ڦهليا، اهوئي رواج ساڻ کڻندا ويا. پرانهن ئي آرين جو قدم جڏهين اهڙين نوٽ سجن پٽن ۾ پيو هوندو، جتي ڪنهن بہ طرح سندن مجبوري هئي، نہ ڪري سگهيا، يا سامونڊي سفر ۾ لڙهي وڃي ڪٿي پهتا هوندا، تہ اتي ساڏن نہ هئڻ ڪري پاڻيءَ ۾ لوڙهڻ، ايئن جهنگل ۾ پري ڦٽو ڪرڻ خواهہ وڏيڪ سلامتي وارو هو پورڻ، جيئن ٻاهر بدبوءِ نہ ڦهلجي. بعد ۾ اهو رواج بہ ٿي ويو ۽ اڪثر هنڌن تي ٿيو. منش سستيءَ جو گهرآهي، ڪندو رهندو آهي. پوءِ اهي ساڳيا لوڪ هزارن ورهين ڪانپوءِ مجبور وري ٻئي هنڌ لڏ پلاڻ ڪري ويا، ڪي موٽي ڀارت ۾ نئين روپ ۾ آيا هوندا تہ اهي بگڙيل سنسڪار ڪاڏي ڪندا؟ ان وقت تائين اهي سندن ذاتي (ديش ڪي پلجڻ ڪري) ۽ قومي ٻڌجي چڪا. ساڻ ڪٿي آيا هوندا نہ؟ جنهن بہ شهر ۾ ، جتي بہ رهيا. پلا هيئنر بہ ايئن آهي چا تہ اتر ڀارت جا هندو مردا جلائيندا آهين ۽ ڏکڻ ڀارت جا پوريندا آهن؟ دراوڙ جو ٿيا! دراوڙ نالي ڪو هڪڙو تہ مثال ڏنو وڃي! ايئن تہ اتر ۾ ئي ڪي هندو آهن جيڪي مسلمانن مان هندو ٿيل آهن جيڪي مردا جلائيندا آهن ۽ ٻيا وري هندن مان مسلمان ٿيل آهن. انهن کي بہ صديون گذري ويون آهن. بس! رواج رسم ٿي ويئي آهي. اسين عربن مان ڪيئن ٿا آشا رکي سگهون تہ هو مردن کي جلائيندا، جتي ايترا وڻ ئي ڪونهن. چاهي اهي اصل ڀارتي آريہ آهن (جيئن اسين اڳتي ڏيکاريندا سون). هي تہ هزارن لکن ورهين جا چڪر ۽ رواج آهن. الائي ڪڏهين ڪٿي چا ٿيو آهي. ڪيئن چئجي تہ اهي رواج ڪڏهين ۽ هرويرو ڪيئن پيا. مگر پئجي ويا آهن. پراچين ميڪسيڪن لوڪ مردن جو اگني سنسڪار ڪندا هئا، پوءِ هائين ڪي ۽ رک کي هڪ برتن ۾ گڏ ڪري هڪ هنڌ رکي مٿان سماڌ ناهي ويندي هئي (سنڌ ۾ اهو رواج اڄا تائين هندن ۾ هوبهو آهي). شري ڪارلي (Carli) لکي ٿو تہ "بيشڪ هي مري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويلن کي جلائڻ جو طريقو، باقي رک کي هڪ هنڌ ڪٺو ڪرڻ، وري ان جي مٿان هڪ سماڌ جو تيار ڪرڻ، اهي سڀ ڳالهيون مصر ۾ پارت جي رواجن جي ياد ڏيارائيون ڪرائين. " (5) پوءِ اُن ئي ڳالهه تي ويچار ڪندي شري پريسڪاٽ خود لکيو آهي ته "مردي شرير کي جلائڻ ڪا خاص ڳالهه ڪانهي، شرير کي ڪنهن نه ڪنهن طرح سماپت ته ڪرڻو ئي آهي. پر جڏهين اسين ڏسون ٿا ته بعد ۾ رهيل رک کي هڪ برتن ۾ ڪٺو ڪيو ٿو وڃي ..... تڏهين مشابهت تمام وڏي ٿي وڃي. ايتري سوکيم مشابهت جو پاٿو وڃڻ ڪا رواجي ڳالهه ڪانهي. جيتوڻيڪ فقط ان هڪ ڳالهه جو ملي وڃڻ پنهنجو پاڻ ۾ڪوئي پرماڻ ڪونه آهي، پرجڏهين ان کي ٻين ڳالهين سان ملائي ڏٺو ٿو وڃي ته يورپ جي ديشن (پارت) سان هڪ ٻئي جي لاڳاپي جي خاطري وڏي ٿي وڃي. " (6) انگلنڊ جي ويسٽ سفولڪ (West Suffolk)ضلع مان ائنگلو مٽڪسن ڪال جو مساڻ کوٽائيءَ ۾ لڌو آهي جنهن ۾ هزار ڪان مٽي (هانين جون) دليون هٿ آيون آهن جنهن مان ثابت آهي ته اهي پراچين لوڪ به مردا جلائيندا هئا. (7)

سو موهن جو دڙو مان به جلائڻ ۽ پورڻ، ٻئي ڳالهيون مليون آهن. پلا اڄ جي ڪنهن پارت جي وڏي شهر جو ايشور نه ڪري ڪنهن زلزلي وغيره ۾ سرڳواس ٿي وڃي ته هزارن سالن ڪانپوءِ کوٽائي مان جو قبرون ملنديون ته اها کهڙي سنسڪرتي ليکي ويندي يا اڄ جون اسان جون عمارتون جيڪي فقط پشچمي نقل تي جڙي رهيون آهن پارتي پٽو انهن مان بلڪل موڪلائيندو پيو وڃي. ساڳي طرح هزارن ورهين ڪانپوءِ دفن ٿيل شهر جي کوٽائي ڪندي مليل اهڙين اڏاوتن جي آڌار تي پارت جي اُن شهر کي پارتي چئبو يا رومن، انگلش يا اميريڪن؟

ڳالهه جو مطلب اهو آهي ته اڄ جي ويگياني جڳت - سرشٽي اُنپتي جو رهسيه سمجهيوئي ڪونهي. اتهاس لکندڙ جي ته ڳالهه ئي ڪانهي. هو ته مجبور ويچارو ڊارون ڇاپ ڏڪا هٽي جند ڇڏائيندو ٿو هلي. ان ۾ ڦاسندو ته ڪيس عيسائيت ڇڏڻي پوندي يا پارتي آرين جي مهانتا کي سر تي رکڻو پوندو، جا ڳالهه هونه ٿا چاهين. نه ته ڏک جهڙي ڳالهه ڪانهي جو ٻي مهاياري جنگ وقت ڏن جي ڪمي هوندي به اولهه ايشيا ۾ پراچين آثارن جي کوٽائي جاري رهي پر پارت ۾ ان دوکي واري بهاني سان اها



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بند ڪئي ويئي تہ ڏن ڪونهي. هاڻ بہ تلڪي تلڪي پيئي ٿئي. سو مردن دفنائڻ جي ڪري موهن جودڙو کي اڻ آريہ يا دراوڙي چوڻ بلڪل هڪ دوکو آهي. اهو درست ٿي سگهي ٿو تہ اها نهايت پراچين آريہ شڌ سنسڪرتي ڪانهي. ان ۾ بعد جو بگڙيل روپ بہ شامل آهي. جيئن اڄ جو هندو پنهنجي پراچين ڌرم کان انگريزي تعليم حاصل ڪندي ڪندي گهٽو گهٽو پري ٿيندو پيو وڃي ۽ الائي ڇا ٿيندو پيو وڃي ساڳي ڳالهہ موهن جو دڙو ۾ بہ سمجهڻ گهرجي. نيٺ تہ واپاري شهر هو. ڀارت جو پراچين ڪمال ساڻ هو، ان موجب اهڙيون سندر ۽ سلجهيل اڏاوتون پئي ٿيون. ڪا نئين يا ڪمال جي ڳالهہ ڪهڙي آهي اسان لاءِ ان ۾؟ مغرب لاءِ ٿي ٿي سگهي ٿي. سنسڪرت ساهتيہ ۾ اها وديا(Architecture)اوج تي رسيل لکيل ملي ٿي. اڄ جو رڳو رواجي رستو(Road) ڏسو. ارٿ شاستر ۾ آهي تہ "رستو وڏو، پڪو ۽ ڪيئون جي پني جهڙو ٺاهڻ گهرجي." ٻڌايو، دنيا جا سڀ رستا ايئن ٺهن ٿا يا نہ؟ يعنيٰ وچ تي ٿورو مٿي ۽ ٻنهي پاسن کان ٿورو لهوارو، جيئن پاڻي نہ بيهي ۽ پاسن کان وهي هليو وڃي! انَ ڪري ٿا چئون تہ اسانکي موهن جو دڙو تي ڪو خاص ناز ڪونهي. اهو سڀ ڪمال ڀارت ڏسي چڪو آهي. جيڪو بہ ڀارت کي پنهنجو ماتري ۽ پتري ديش سمجهي سوچيندو ان لاءِ سڀ روشن سامهون ايندو. ان ڪري نہ ويد ۾ اتهاس ڳولهڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي نہ ئي آريہ — اناريہ دراوڙ پيد ڪري غلط واد کڙوڪرڻ گهرجي. نہ ويد ۾ اتهاس آهي نہ آريہ دراوڙ الڳ آهن. دراوڙ آهن تہ اهي آريہ آهن. ڀلا ويد ۾ ڪٿي دراوڙ شبد آيو آهي؟ ڪو اناريہ شبد آهي؟ ڪٿي ويد ۾ خواه ڪنهن بہ سنسڪرت گرنٿ ۾ آرين جو ڀارت کان ٻاهران اچڻ لکيل آهي؟ ويد ۾ ڪٿي اهو لکيل آهي تہ ويد، ويد وياس يا ٻئي ڪنهن رشيءَ ٺاهيا؟ ان جي ابتڙ اهو لکيل ڪونهي تہ ويد ايشورگيان آهي؟ تہ پوءِ سڀ ڪجهہ ان جي خلاف چوڻ ۽ سمجهڻ فقط دوکو ڪونهي؟ ويد ۾ خواهہ سنسڪرت ساهتيہ ۾ آريہ ۽ دراوڙ جو پيد ڪونهي ۽ اگرجدا نالا هڪ ئي هنڌ ملن ٿا تہ ان مان اهو ثابت ڪونهي تہ آريہ ۽ دراوڙ هڪ ئي هنڌ رهندا يا بلڪل ساڳيا ۽ دراوڙ بہ آريہ ئي هئا؟ ڪٿي بہ فقط ان جي اُبتڙ ڪو اشارو بہ نہ ملڻ تہ آريہ لوڪ ڀارت ۾ ٻاهران آيا، ثابت نہ ٿو ڪري تہ آريہ ڀارت جو مئول واسي آهن ۽ سندن سنسار ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦهلجڻ ڪانپوءِ مختلف هوا پاڻيءَ جي اثر هيٺ جدا جدا نالا، ديش، جاتيون، ٻوليون، شڪل صورت، نہ معلوم ڇا ڇا ۽ سڀ الڳ ٿي ويو؟ ۽ دنيا جي ڪنهن بہ حصي ۾ ڪير بہ آهي، ڪهڙي بہ نالي سان آهي، مڙني جو خون هڪڙو ڪونهي؟ اگر نہ تہ ڇا برٽش وگياني پروفيسر هڪسلي هي سڀ ڪوڙ لکيو آهي، "ڀارت جا آريہ يورپ جا اڇا ماڻهو (White Men) آهن ۽ انگلينڊ کان بينگال تائين سڀني جو خون هڪ آهي. هندو، يوناني ۽ ٽيو ٽانڪ قومون سڀ هڪ رشتي جون آهن." "

So far as India is concerned the internal evidence of the old literature proves that the Aryan invaders were 'WHITE MEN' & that the high caste Hindus, are what they are in virtue an Aryan blood which they have inherited. I am unable to discover good grounds for the severity of criticism in the name of the Anthropologists, with which professor Max Muller's assertion that the same blood runs in the veins of the English soldiers as in the veins of the dark Bengalis', and that there is a legitimate relationship between Hindu, Greek and Teuton, has been visited. So far as I know anything of Anthropology, I should say that these statements may be correct literally and probably are so substantially. I do not know of any good reason for the physical difference between a high caste Hindu and a Dravidian Man's Place in Nature Pp.281-2)

شري سنيتي ڪمار ڪانپوءِ شري راکلداس بئنرجي بہ موهن جو دڙو کي دراوڙ سڀيتا جو مرڪز سڏ ڪندي 1927ع ۾ 'ماڊرن رويو' ۾ ٽي ٽي ليک لکيا هئا، جنهن ۾ دکن ڀارت جي آثارن، بلوچستان، موهن جو دڙو وغيره ۽ ايشيا مائنرجي اُرسميت پيٽ ڪري مڙني ۾ سمانتا ڏيکاري هئي. سنڌو سنسڪرتي دراوڙ ڇئي ويئي. ان سموري قيمتي ليک مان صرف دراوڙن ذهنيت ڪڍي وڃي تہ پوءِ سڄو ليک وڏي اهميت وارو هو. ويد وگيان کان اڻ ڄاڻ اسانجي هنن ودوانن کي اهو ڌيان ۾ ئي ڪونہ آيو تہ تازين کوجنائن ثابت ڪيو آهي، تہ آسٽريليا جي آديواسين ۽ ڏکڻ ڀارت جي آرين ۾ (جن کي دراوڙ چيو ٿو وڃي) جي ڪيترين رسمن رواجن ۾ سمانتا آهي.(8) ڀاشا شاسترين بہ سڏ ڪيو آهي تہ آسٽريليا جي آديواسين، اولهہ ايشيا جي سميرين ۽ ڀارت دراوڙن (آرين) جي ٻولين ۾ سمانتا آهي. (9) باقي سڌو سنئون اهو ڪونہ ٿا چون تہ سڄي سنسار جا پراڻي مول هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ئي ٻڻ جا آهن يا آريہ دراوڙ سڀ هڪ آهن. ڇا سنسڪرت ۾ دراوڙ ڀاشائن ۾ ڪا بہ سمانتا ڪانهي؟

آسٽرڪ (Austric) دراوڙن ۾ رواج آهي تہ هو قبر مٿان اُبو پٿر کوڙيندا آهن. تہ پوءِ يورپ جا لوڪو! ايمانداريءَ سان دل تي هٿ رکي چئو تہ توهين اڄ بہ ڇا ڪندا آهيو؟ هر قبر تي اڃا بہ اُبو پٿر ڪونہ کوڙيندا آهيو؟ ڇو؟ ثابت تہ ڪونهي تہ جيڪي بہ ايئن ڪن تا مول اصلي دراوڙ اهي آهن؟ ۽ ان ڳالهہ کي لڪائڻ لاءِ ڀارتي لوڪن کي راجنتي ستاجي وقت جو لاڀ وٺي آرين مان دراوڙ ٻٽائي وڌو. آهي ڪو ڀارت واسي جو پاڻ کي دراوڙ سڏائيندو هجي. موجوده گمراهہ ٿيل ڪجهہ لوڪن جي ٽولي کي ڇڏي، باقي ڪير آهي جو هتي دراوڙ نالي سان ٿو سڏجي . اگر سڏجي بہ ٿو تہ ڪهڙي خراب ارٿ ۾؟ زماني گذرندي، هوا پاڻي جي ڀيد ڪري يا ڀوڳولڪ رنڊڪ ڪري آدان پردان رڪجڻ ڪري، ڪي رسمون بد رسمون ٿي ويون. ٻولين ۾ فرق اچي ويو تہ بس! قوم بہ الڳ ٿي پيئي؟ ڀلا اهو تہ ٻڌايو سنسڪرت جا شڌ ودان اتر ڀارت ۾ آهن يا ڏکڻ ڀارت ۾؟ ويدن جي هڪ هڪ ماترا جي شڌي بہ ڏکڻ جا 'اڻ آريہ دراوڙ' تا ڄاڻن يا اتر جا عجيب آريہ !

حقيقت ۾ هن شرارت جي شروعات جيڪا ڄاڻي ٻجهي ڀارت واسين ۾ ڀيد- نفاق وجهڻ لاءِ ڪئي سا اڪثر پادرين. ڪالڊيول (Caldwell) ڀاشا شاسترجي دوکي سان، شروعات

(Comparative philology of the Dravidian or south Indian languages)

نالي ڪتاب 1856ع ۾ ڇپڻ سان ڪئي. هي پهريون عيسائي ٻائوهو جنهن هيءَ دراوڙ شبد گهڙي ڪڍيو جو پوءِ دکن جي ٻولي ۾ ماڻهن لاءِ مروج ٿي ويو. ڇو تہ برائي جلد ۾ گهڻو ڦهلبي آهي. جيتوڻيڪ بعد ۾ ٻئي ڀاشا شاستري شري جاج گريئرسن صاف لکيو تہ "اهو دراوڙ شبد خود سنسڪرت شبد درمل (Dramila) يا دمل (Damila) جو بگڙيل روپ آهي ۽ فقط تامل لاءِ ڪتب ايندو آهي. " اهو دبيل سچ ڪانڊويل بہ (شايد پل ڪان لکي وينو هو. جو سندس متين ڪتاب ۾ ئي ملي ٿو تہ، "اهو (دراوڙ اصل تامل آهي ۽ فقط تامل لوڪن تائين محدود آهي. " ( ٻيو ڇاپو ص 5-7). تامل يا تيلگو ويا ڪرڻ شاستري بہ اهو شبد سيني ڪکن ڀارت جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بولين لاءِ ڪتب ڪونہ اٽيندا آهن ۽ (ساڳيو ص8) غلط هوندي بہ لکي ٿو تہ، ”سنسڪرت ليکڪن دراوڙ لفظ دکن پارت واسين لاءِ ڪتب آندو. “ (ساڳيو ص5). پر خراب ارٿ (اڻ آريہ وغيره) ۾ نہ. هاڻ جو هنن نئين دراوڙ بولي ڪڙي ڪئي تہ دراوڙ قوم بہ ڪڙي ڪرٽي پين. راڄنيتي ستا جي زور تي ڪوڙ ۽ بي ايماني پلبا آهن، هي بہ ٿيو. سچو ڪتاب غلط ايمان ۽ بي بنياد دليلن تي بڌل آهي. خود ڪيس بہ دراوڙ لفظ جي اصليت جي ڄاڻ ڪانہ هئي جيئن پاڻ ئي قبول ڪري ٿو (ص122). پوءِ دراوڙن کي (اصل پارت جا نہ چئي) ستين لوڪن سان وجي ٿو ڳنڍي. پر لکي ٿو، ”ستين لوڪن جو هڪ ٽولو اول بلوچستان ڪان ٿيندو آرين کان اڳ پارت ۾ آيو. وري بيو ٽولو بہ آرين کان اڳ آيو. پر پهريان دراوڙ هئا، مگر بئي ٽولي وارا دراوڙ هوندي بہ دراوڙ ڪونہ هئا. “ ليڪن ان لاءِ وٽس ڪو دليل ڪونهي، ڪا عام سمجهاڻي ڪانهي. ان زماني ۾ انگريزي ۾ (نہ سمجهہ ۾ ايندڙ بہ) ڪنهن لکيو تہ ٿيو عالم. پوءِ لکي ٿو تہ دراوڙ بوليءَ جو پراڻي اندو يورپين بولين سان ڳانڍيا پو آهي. پر پارت ۾ آرين کان اڳ دراوڙن جي اچڻ جو بہ لکندي بہ الائي ڪيئن لکي ٿو تہ ”دراوڙن جي بدني بيهڪ (Physical Type) ساڳي آرين جهڙي آهي. “ (ساڳيو ص 558) ”اها بيهڪ ڪاڪشين آهي يا آرين جهڙي“ (ساڳيو ص 560). پر جيڪي بہ لکيو اٿس ان کي منش وگيان شاستر (Ethnology) سان ڪو واسطو ڪونهي. تہ بہ لکي ٿو تہ، ”دراوڙ ۽ آريہ بلڪل جدا آهن.“ ليڪن هڪ (Ethnologist) شري ڪئمپبيل (Sir George Campbell) هٽي سندس سمورو مانداڻ ڊاهي وڌو. هن لکيو آهي تہ، ” مان اتر ۽ ڏکڻ پارت جي سماج ۾ ڪو وڏو خاص پيد ڪونہ ٿو ڏسان.... دراوڙ نالي ڪا بہ الڳ جاءِ ڪانهي.... ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ ڏکڻ پارت واسي بيهڪ، رسمن، رواجن ۽ نيمن موجب فقط هڪ آريہ سماج (Aryan society) آهي. “

I draw no wide ethnological line between the northern and southern countries of India, not recognizing the separate Dravidian classification of the latter and properly ethnological ... A change takes place where passing southward we exchange the Maratha for Telegu or Canarese. But looking at the people we see no radical change of feature... I have no doubt that the southern society in its structure, its manners and its laws and institutions, is an Aryan society. (Ethnology of India, p.15)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن چوٽ لڳڻ کانپوءِ ڪانڊ ويل مهاشيہ آکڻ لڳو تہ شري ڪئمپبيل جا (Physical type) بابت اهي رايا اهڙائي مضبوط آهن جهڙا منهنجا. رڳو هن جي هڪجهڙائي ڏيکارڻ جو سبب جدا آهي ۽ ظاهر هو تہ پاشا کان منش جيون شاسترو وڏيڪ اهميت وارو هو. ڪنڊ ويل جي مانسڪ شرارت ڪهڙي هئي ساڳالهہ بہ پڌري آهي. ان ئي وقت ۾ شري گوور (Grover) دکن پارت جي لوڪ گيتن تي هڪ ڪتاب Folk songs of southern India لکيو ان ۾ دراوڙن کي آريہ ثابت ڪيو هو. پر پادري ڪنڊ ويل جي ذهنيت ئي جو بد هئي تنهن ڏک ۽ ناراضپو ظاهر ڪندي لکيس:-

He (Shri Grover) considers it of great moral and political importance to prove that the Dravidians are Aryans and not a Scythian race. The Scythian theory shuts up the door of sympathy and follow-feeling between the Dravidian peoples and their English conquerors. Ibid p 535

شري باشم (A.L.Basham) پنهنجي هڪ ليک (Some Reflection of Dravidians & Aryans) ۾ جيڪي لکيو تنهن تہ مڙني تي ليپو پائي ڇڏيو. چوي ٿو تہ، " اتهاس ليکڪن موهن جو دڙو ۽ هڙاپا کي دراوڙ چيو آهي پر موهن جو دڙو مان پاتو ويل ڏارمڪ ڳالهيون هرپرو دکن پارت جون خاص ڪونهن نہ ئي پنهي جون لڌل کوپڙيون هڪ ٻئي سان ملن ٿيون انڪري نہ ڪا دراوڙ جاتي آهي نہ ئي آريہ. "

"There is no Dravidian race and no Aryan race." (10)

سو شري راڪلداس ٻئيءَ طرح چڱو سنو لکيو هو. پر مزو تہ هنن شبدن ۾ آهي جيڪي هن ان ليک مالا جو پوڳ پائيدي لکيا آهن تہ، "باوجود ان جي اهي دراوڙ موجوده دراوڙن کان بلڪل جدا آهن. " (سچ بہ ثابت نہ ٿئي، غلط تہ هوئڻ لکيل آهي.)

But it is quite possible that the people who brought it (burial system) from another land were quite different from the modern inhabitants of Dravidics.

چو؟ هي دراوڙ وري ڪٿي ۽ ڪيئن جمي پيا؟ ڪيئن اهي دکن پارت جا دراوڙ وري مرڳوئي گرين لئنڊ کان آيا هوا؟ اسان جا هي ليکڪ ذري نالي جي چاڻ يا اُچار تان بہ ايئن دوکو کائيندا آهن، چو تہ کين اصل جي چاڻ پوري ڪانہ هوندي آهي. دکن پارت ۾ ڪي سماڌيون آهن جن کي شري راڪلداس فقط (Pandu-Kuli) نالو ٻڌي ڌکو هٽي ڇڏيو تہ اهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڀارت جي پانڊون جا مندر آهن. پر ان ڳالهه کي کو ئمبتور جي شري ونيڪٽ رامن بروقت رد ڪري ڇڏيو ڏيندي لکيو ته اهو بلڪل غلط آهي ۽ 'پانڊو ڪلي' شڌ تامل شبد آهي معنيٰ پانڊون جي ڪڏ(Pandvapit)، نه ڪي مندر. پر اهو پانڊو ڪلي لفظ خود ئي (Mandava Kuli) جو بگڙيل روپ آهي جنهن جو ارٿ آهي 'قبر' (11)

بمبئي جي پادري هيراس (F.Heras) هڪ وڏو گرنٿ لکي ان کي پروٽو ميڊيٽرينين ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ لپي پڙهڻ جي به اسڦل ڪوشش ڪئي .

جرمنيءَ جي پراڻتو وگيان (Archaeologist) شري پروفيسر Olaf Proffer سر رتن ٽاٽا ٽرسٽس، بمبئيءَ پاران برما کان پنجاب ۽ ڪوهستان تائين اٽڪل 20 هنڌن جي کوٽائي ٻن سالن ۾ ڪئي. جنهن ۾ ڪيس بئليو ليٿڪ زماني جون شيون ۽ ڪوهستان مان هڙاپا سنسڪرتيءَ جا آثار هٿ آيا هئا. (12) ان کان پوءِ سنسار جي انيڪ ٻولين ۾ ان وشيه تي پئي ڇپيو ۽ ڇپجي رهيو آهي. پر اهو سڀ بحث آهي، تاتپرج ڪونهي.

### موهن جو دڙو ڇا آهي؟

هيءَ هڪ وڏي سامراجيه جو مکيه شهر آهي نه ئي بلڪل اڪيلي ڪا سنڌي سنسڪرتي. اڪيلي سنسڪرتي ڪنهن قبيلي (ٽوليءَ) خاص جي ٿيندي آهي، جا پوءِ زور وٺي قوم به بڻجي سگهي ٿي، جيئن اسان مٿي لکيو آهي. اسين موهن جو دڙو کي خاص اهميت ان ڪري ڪانه ٿا ڏيون، ڇو ته هيڙي سلجهيل سنسڪرتي اڪيلو موهن جو دڙو ۾ ڪانهي. پر اهڙا آثار سڄي ڀارت ۾ بلوچستان کان بينگال تائين مليا آهن. اگر ڀارت کان ٻاهر ڳولبو ته انگلنڊ جرمني کان پئسفڪ سمنڊ ۽ آمريڪا تائين اهڙا آثار مليا آهن. اسين هن سامراجيه جو دائرو ڀارت کان اولهه ايشيا تائين محدود ٿا رکون. باقي ٻين هنڌ انهن ئي ڀارتي خواهه انهن ئي اولهه ايشيا جي آرين ڦهلجي ڦهلاءُ ڪيو آهي. انهن جي هاڻ منجهي وڃڻ ڪري فقط يادگار ملي سگهن ٿا. سڄي ڀارت ۾ اولهه اوڀر، ڏکڻ ۽ وچ ۾ اهي آثار مليا آهن. ڏکڻ ۾ ڪجهه گهٽ آهن جو فقط پڻ گولڪ سهوليت گهٽ هئي . اتر کان ڏکڻ وڃڻ ۾ پوڳو لڪ طور ڪٺنائي آهي، اهو محسوس ڪري سگهجي ٿو. ته به ڀارت هر ڪال ۾ فقط ڀارت رهيو آهي نه ئي اُتر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏڪڻ يا ٻيو ڪجھ. سڀ آثار، شهر، ڪي ويگيانڪ واد ڇڏي فيصلو ڪبو تہ اسانجي نظر ۾ فقط قدرتي حملن ۽ ٻوڏ جي خطرن وغيره ڪري ڇڏيا (Deserted) ويا آهن. ڇڏيا ويا، خالي ڪيا ويا تہ ورهين بعد ڊهي پٽجي زبون ٿي دڙو ٿي ويا. ورهين ڪانپوءِ اهي لوڪ وري آيا هجن ۽ پنهنجي اباڻي پوميءَ کي وري آباد ڪيو ۽ ايئن لڳاتار ٿيندو رهيو، ڇو تہ قدرتي ڪوپ بہ ايئن لڳا تار ٿيندا رهيا هوندا. انجو زندھ مثال سنڌ ۾ مانجهند جو شهر هو. ٻوڏ ٿيندي ويئي، شهر خالي ٿيندو ويو مگر پنتي هٽندو وري وسندو ويو. ليڪن ڪنهن بہ مانهجند نواسيءَ ان پنهنجي اباڻي شهر کي ڇڏيو ڪونہ. مگرموهن جو دڙو ۾ ان جي ابتڙ ٻوڏ جو خطروايندو ويو ڏڙاڪا ٿيندا ويا، هراس ۾ نگرواسي جيڪي ڪٽي سگهيا ڪٽي ويا. باقي سڀ باسلامت پيو رهيو ايئن انيڪ دفعا ٿيو انيڪ وار وري وسيو. ايئن هڪ تہ مٿان ٻيو تہ نهندو، اهو شهر بار بار وسندو ويو. زمين ۾ فرق اچي ڙيو نيٺ تنگ اچي ماڻهن آخري طور شهر کي الوداع ڪئي ۽ سامهون ئي اولھ طرف ڪان اڳتي پري پڄندا ويا. بلوچستان ويا ايران ويا. ٻين طرف هونئن وري سنڌي سمنڊ رستي ڦهليا، جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو. اها پنهنجي جنم هنڌ جي ڪشش انساني سڀاءُ آهي. اڄ جو سنڌ مان لڏي آيل سنڌي (جيتوڻيڪ پارت هونئن تہ سندن ديش هو هينئر بہ آهي)، جنهن مٽيءَ جا ٻڪ پري هن ٻالڪپڻ ۾ چٽيا آهن اها مٽي سندس خون ۾ آهي. هو جيسين پنهنجي عمر ۾ آهي ضرور اوڏانهن واجهائيندو ۽ اگر سنڌ سندن هٿ ۾ اچي تہ جيون جا پويان ڏينهن ضرور اُتي هلي، پنهنجي پنهنجي ڳوٺ ۽ ان ئي سنڌ کي وسائيندا جتي سندن مول گهر هو فقط 10-20 وال پري پنڌ. وارو هنڌ بہ سندس لاءِ ايترو پيارو ڪونہ هوندو جهڙو اصل گهر جتي سندس نندڍ پڻ گذريو. اها چڪ هر منش ۾ رهندي آهي. پرديس ۾ هوندو تہ مرڻ پنهنجي مٽيءَ ۾ پسند ڪندو، اهو فقط سڀاويڪ نيم آهي. ساڳي ڳالھ ان پراچين لوڪن جي بہ آهي. جيڪي وري ساڳئي هنڌ وسيا، وري ڪارڻ ٻٽيا تہ پڄي ويا، شانت ٿيڻ تي وري آيا. ايئن هزارين ورهيہ گذري ويا. هرنئين آباديءَ کي ئي صديون گذريو وڃن. ايئن انهن مٿان تہ (طبقا) نهندا ويا آهن. جيتوڻيڪ اهو هرهنڌ ايئن نہ ٿيندو آهي، فقط ندي ڪناري پاڻي ۽ آمد رفت جي سهوليت وارن شهر ۾ اڪثر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايئن ٿيندو آهي. موهن جو دڙو بہ سنو بندر (پتڻ) هو، وڏو شهر هو، ٿي سگهي ٿو نديءَ راڄڌاني بہ هجي. جو تہ وڏي عمارت ۾ انجو تلاءُ ، محلات جا اهڃاڻ ڏين ٿا. سيلون مهرون سڀ سڪن جو روپ ٿو لڳي. پراچين ڪال ۾ اڪثر واپاري ڏي وٺ (Barter System) سان ٿيندو هو. سڪا ضرور هئا پر انهن جو استعمال گهٽ هو. اڄ ڪان اڌ صدي اڳ بہ ايئن ٿيندو هو. ڪوڏي، پائي، پئسو، ٽڪو، آنڪ، لاچار پائلي بس! وڏو سڪو مشڪل واپرائبو هو، فقط وڏي سودي واپار ۾ سادو جيون، ڪيترو بہ هجي تہ بہ جيون سادو هوندو هو. اهي مهرون ڪي تعويذ هئا يا ٻيو ٻي مطلب جا ساڌن، ايئن چوڻ فقط دماغي گمراهي آهي. ان جو ڪارڻ فقط اهو آهي جو جيئن مٿي لکيو ويو آهي تہ ويدن ڪي سمجهيو ئي ڪونہ ويو آهي چو تہ سمجهڻ جي يوگيتا ئي ڪانہ رهي. اڻ ڄاڻائي ۾ ڏڪا هٽيا آهن. تپيسا جو ڪم آهي. وڏا وڏا ودوان بہ غلط گمراہ انوادن (ترجمن) جو سهارو وٺي پيا لڪن. ويد ڪي سمجهڻ لاءِ جيون لڳائڻو آهي نہ تہ پروفيسر ۽ اسڪالر ڪيئن ٻڌجي سگهبو اگر جيون ويدن ڪي سمجهڻ ۾ هليو وڃي انڪري سڀ ايئن پيو هلي. هي سڀ تيسين سمجهہ ۾ نہ اچي سگهندو جيسين شڌ وئيدڪ گيان ڏانهن پاڻ نہ موڙيو ويو آهي. اڻ پڙهيل ليڪ بہ تڏهين سمجهہ ۾ اچي سگهندا جڏهين وِيدڪ ساهتيہ شڌ درشٽي ۽ من سان پسبو.

---

(1) Illustrated London News, 20, September, 1924

(2) Illustrated London News, 29-5-65

(3) The Ancient History of the Near East pp. 173-4.

(4) Modern Review, March 1925

(5) Carla in Prescott: Conquest of Mexico P 585 Foot note 37

(6) Ibid, P.587

(7) Illustrated London News 19-4-1977

(8) Gilbert Slater: Dravidian Elements in Indian culture, p 97

(9) Pre- Aryan and Pre-Dravidian in India

(10) Bulletin: Institute of Historical 3.Research (Madras) 1963, p225

(11) Modern Review, January, 1928.

(12) The Orient (Hong Kong) August 195

---



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 10. علم الانسان ۽ علم الآثار: سنڌو تهذيب جي تشريح جا اهم ماخذ

شيخ خورشيد حسن / ڊاڪٽر غلام محمد لاکو

(نوٽ: شيخ خورشيد حسن پاڪستان جو مشهور آرڪيالاجسٽ آهي. سندس هيءُ مقالو سنڌو تهذيبن جي مطالعي جي حوالي سان وڏي اهميت رکي ٿو، جو 'پاڪستان آرڪيالاجي' نمبر 26، سال 1991ع ، 'سلور جوبلي نمبر' ۾ ڇپيو هو.)

علم الانسان ۽ علم الآثار جي گڏيل مدد ۽ موجوده دور جي مشاهدن جي سهڪار سان، گذريل زماني جي حالتن ۽ علمن جي تشريح ڪري سگهجي ٿي. علمن جو مفهوم نهايت جامع ۽ وسيع آهي، جنهن ۾ بيشڪ هنر، ڪاريگريون، معاشي ۽ سماجي حالتون توڙي لطيف فن اچي وڃن ٿا(1). هيءُ هڪ نئون نظريو آهي، جنهن ڪجهه وقت اڳ آمريڪا ۾ جنم ورتو. تازي دور ۾ هن نظريي جي روشنيءَ ۾ قديم آثارن جو اڀياس شروع ڪيو ويو آهي؛ ان طرح نهايت دلچسپ نتيجا ملڻ شروع ٿيا آهن. جيئن اسان کي خبر آهي ته قديم آثارن جي علم جو تعلق انسان جي گم ٿيل تهذيبن سان هجي ٿو، اُن جي برعڪس علم الانسان جو توجهه موجوده رسم ۽ رواج توڙي طور طريقن جي اڀياس تي محيط ٿئي ٿو، جن جون پاڙون قديم دور ۾ کتل آهن. هنن ٻنهي مضمونن جي تحقيق جي مقصدن ۾ گهري هڪجهڙائي آهي. ان هوندي به اُنهن جي تحقيق جي طريقهٔ ڪار ۾ ڇِتو فرق آهي. مختصر هيءُ ته علم الآثار جي ماهر جو هي ڪم آهي ته اُهو انساني باقيات جي اُنهن صورتن، جي اڄ به ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ محفوظ آهن، جي نشاندهي ڪري، ۽ گذريل دور جي مختلف زمانن ۽ گڏوگڏ سندن گڏيل تعلقات جي بنياد تي اُنهن نتيجن کي 'امڪانات' جي ڪسوٽيءَ تي پرکي. ان لاءِ نهايت منظم طريقي سان ڪم ڪرڻ کپي. امڪانات اُهي جائز تصور ڪيا ويندا، جيڪي هلندڙ دور ۾ انسان جي رسم ۽ رواج ۾ به سچ پچ ته ڏسڻ ۾ اچن(2). علم الآثار جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماھرن جي اڪثريت ھن ڳالھ تي متفق آھي تہ ڪنهن انساني باقيات جي سلسلي ۾ تحقيق ڪندي، صرف ھڪ خاص جاءِ کي نظر ۾ نہ رکڻ کپي، ليڪن ان جي آسپاس کي بہ مدنظر رکڻ کپي. بلاشبہ اُن جاءِ جي محل وقوع سان گڏ، متعلقہ ماڳ جي اِرد گرد جي علائقي جي اھميت کي بہ نظرانداز نہ ڪجي. پر ھيءُ بہ ياد رکڻ کپي تہ اِن ريت حاصل ٿيل نتيجن بابت بہ ڪجھ احتياط ڪرڻ لازم تي پوي ٿو. ھي ڳالھ امڪان کي ويجھي آھي تہ ڪجھ قبيلا قديم زماني کان وٺي پنھنجي سڃاڻپ برقرار رکندا آيا آھن، پر زماني جي تبديلين سان گڏ سندن طرز زندگيءَ ۾ بہ آھستي آھستي تبديلي اچي رھي آھي. باوجود ان جي تہ سندس شڪار ڪرڻ، مڇي پڪڙڻ ۽ ھنري طريقا قديم دور جا آھن. اھڙن قبيلن جي موجوده طرز زندگي، ھوبھو قديم دور وانگر نٿي ٿي سگھي، ان ڪري ھلندڙ ثقافتي روين ۽ انھن جي گذريل دور سان تعلق کي چڱيءَ طرح سان تجزيي، مطالعي ۽ پرک ۾ آڻي، نتيجا حاصل ڪرڻ کپن.

سال 1925ع ۾ سنڌو تھذيب جي دريافت کان وٺي، ان جي باري ۾ گھٽو تحقيقي ڪم ٿي چڪو آھي، پر ان ڏس ۾ اڃا وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آھي تہ جيئن ڏکڻ ايشيا جي ھن تمام ترقي ڪيل مڪمل شھري ۽ وسيع تھذيب جي باري ۾ معلومات مڪمل ٿي سگھي. علم الآثار جي ماھرن جي کوٽائي جي ذريعي گڏ ٿيل معلومات، سنڌو تھذيب جي باري ۾ اڪثر اسرارن ۽ خاص ڪري نسلي مطالعي ۾ مددگار ثابت نہ ٿي آھي. جن انساني ڍانچن جو تجزيو ٿيو آھي، اُھي سنڌو تھذيب جي انسان جي نسلي ساخت بابت فيصلہ ڪن شاھدي نٿا ڏين. سيول (Sewell) ۽ گوھا (Guha) ھڙاون آثارن جي ڏس ۾ پنھنجي اپياس جي آڌار تي، موھن جي دڙي ۾ 'گھڻ نسلي' ماڻھن جي نشاندھي ڪن ٿا(3). ٻئي طرف ڊي.ڪي. سين (D.K.Sen) قبول ڪري ٿو تہ گھٽ ۾ گھٽ مٿي جي شڪل، نڪ جي صورت ۽ قد ڪاٺ جي حوالي سان، اُتي رھندڙ ماڻھو 'ھڪ نسل' جا ھئا(4). ڪجھ قديم آثارن جي ماھرن جو رايو آھي تہ انڊس دور کان ڪري اڄ تائين، انساني نسلي ساخت گھٽو ڪري اڻ تبديل ٿيل رھي ھوندي. اھڙن ماھرن موجب ھنن علائقن تي ٿيل حملا ضرور اھميت جوڳا نہ ھوندا، جن سبب ماڻھن جي جسماني ساخت ۾ ڪا وڏي تبديلي اچي(5).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌو تهذيب جي دريافت واري وقت کان وٺي عاج جي شين، ٽامي جي ٽانوَن، ٺڪر جي برتنن، ٺپن ۽ مُهرن تي موجود پراسرار لکت کي سمجهڻ جي ڪوشش ٿيندي رهي آهي. ڪجهه عالم، جيڪي هن لکت کي سمجهڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهن، اُنهن ۾ پارپولا(6) ۽ مهاديون (Mahadevan) (7) جوخيال آهي تہ سنڌو لکت 'پروٽو-دَراوڙي' آهي. پر ڏسجي ٿو تہ هن ڏس ۾ ڪاميابي اجا پري آهي. جيتوڻيڪ 'پروٽو-دراوڙي' وارو مفروضو وڌيڪ بهتر آهي، پر اڄوڪي دراوڙي دنيا ڪجهہ بہ ذڪر جوڳو باقياتي مواد پيدا نہ ڪيو آهي(8).

موهن جو دڙو پختہ سنڌو تهذيب جو وڏو شهري مرڪز آهي. اُهو سنڌو ماٿر جي اُن حصي ۾ واقع آهي، جيڪا هن تهذيب جي مکيہ ايراضي رهي هوندي. اِن ڪري اها ايراضي سنڌو تهذيب جي آغاز جي منطقي علامت ٿي سگهي ٿي(9).

ميداني خطي ۾ پڪي اڏاوت ۽ شهر جي بنياد پوڻ کان وٺي موجوده دور تائين، رءَ جي پرمار ۽ پوءِ جي دور ۾ زير زمين پاڻيءَ جي سطح وڌڻ سبب، سنڌو تهذيب جي بنيادي باقيات تائين پهچڻ ۾ ڏکيائي پيدا ٿي آهي. موهن جي دڙي جي ڪوٽ واري علائقي جي هيٺينءَ سطح تي پهچڻ لاءِ 1950ع ۾ کوٽايون شروع ڪيون ويون، پر پاڻيءَ جي سطح وڌڻ جي ڪري گهربل مقصد حاصل نہ ٿي سگهيا (10). سال 1964ع ۾ ڊيلز تجرباتي کوهہ کوٽايا. اُن وقت مٿاڇري واري سطح جو اندازو 39 فوٽ هو، جتي موجود دڙو 35کان 40 فوٽ اوچو هو(11). وري 1966ع ۾ ڊچ صلاحڪارن 24 مشاهداتي کوهن لاءِ، اگهوات طئہ ڪيل جاين تي سوراخ (Drilling) ڪرايا. ان طرح سراسري ميداني سطح کان 60 فوٽ هيٺ، سرن جي اڏاوت ۽ ٺڪر جي ٽانون جي نشاندهي ٿي (12). علم الآثار جي ماهرن جي شديد خواهش آهي تہ اِهي هيٺينءَ سطح تائين پهچن، ليڪن پاڻيءَ جي وڌندڙ سطح اُن ۾ رڪاوٽ بڻيل آهي. يونيسڪو پاران حڪومت پاڪستان جي زير زمين پاڻي گهٽ ڪرڻ واري رٿا جزوي طرح سان مڪمل ٿي سگهي، جو تہ رٿيل رٿا مان صرف 26 ٽيوب ويل لڳي سگهيا. اطلاع اِهي آهين تہ زير زمين پاڻي، سطح کان 28 فوٽ هيٺ رهجي ويو آهي(13). هي سطح ان حساب سان تہ نيڪ آهي جو ان ڪري موهن جي دڙي جي آثارن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي بچائڻ ۾ مدد ملندي. البته 32 واڌو ٽيوب ويلن جي اصلي رٿا ته جيئن زيرزمين پاڻي 65 فوٽ هيٺ ڪجي، سا عمل ۾ نه اچي سگهي آهي. اُن جو سبب رقم جي کوٽ آهي، جنهن جي دستياب ٿيڻ جو ويجهي مستقبل ۾ ڪوبه امڪان ڪونهي! اُن ڪري موجوده صورتحال سبب، موهن جي دڙي جي وڌيڪ کوٽائي ممڪن ڪونهي ته جيئن اُن جي 'اولين سطح' تي پهچي سگهجي.

اِن حالت ۾ علم الآثار ۽ علم الانسان جي گڏيل مدد سان، سنڌو تهذيب جي مُنجهيل سُٽ کي سُلجهائي سگهجي ٿو.سنڌو تهذيب جي دلچسپ خاصيت، اُن جون طويل عمر واريون روايتون آهن، جي اڄ به زنده آهن. موهن جي دڙي جي آسپاس رهندڙ ڪنير اڄ به اهڙا ٿانوَ ٺاهين ٿا، جي سنڌن وڏڙا قديم دور ۾ ٺاهيندا هئا. عورتون اڄ به اهڙا زيور پهرين ٿيون، جي پنج هزار سال اڳ به استعمال ۾ هئا. گهٽو وزن ڍوئيندڙ گاڏيون (ڏاند گاڏيون) اڄ به سڄي سنڌ ۾ ڏسجن ٿيون. هي گاڏا موهن جي دڙي جي پڪل رانديڪن جي ڏيک ڏين ٿا. جيتوڻيڪ اڄ اسان وٽ موهن جي دڙي جي ڍڳي گاڏيءَ جو حقيقي نمونو موجود ڪونهي، پر پوءِ به پڪ آهي ته رانديڪي واري ڍڳي گاڏي اُن سان گهڻي مشابهت رکي ٿي. ڪپڙي تي ڇُر جون علامتون به سنڌو تهذيب واري وقت کان هلندڙ آهن. موهن جي دڙي جي ڦولدانيءَ تي چٽسالي سنڌ جي ڪيس سان مشابهت رکي ٿي، جو آڏاڻن تي تيار ٿئي ٿو(14). اِن طرح چٽسالين ۽ گلڪارين جي شڪل ۾موهن جي دڙي جون ڪي نشانيون، اڄ به سنڌ جي ڳوٺن ۾ لوڪ هنرن جي صورت ۾ موجود آهن.

اهڙي پسمنظر ۾ هن مقاله نگار، سنڌو تهذيبن جي اڀياس خاطر 'مهاڻا' قبيلي کي اڀياس جو محور بڻايو آهي، جنهن کي 'ميربحر' به سڏجي ٿو. اِهي ناکئا به آهن ته مڇي پڪڙڻ وارا به آهن. اُنهن جا ڳوٺ اڪثر ڪري درياهه سنڌ جي ڪناري سان آهن، پر ڪي ڳوٺ دادو ضلعي ۾ منڇر ڍنڍ تي ۽ ڪجهه گهر ناري جي اُپرندن ڪنارن سان به موجود آهن. سنڌ گزيٽيئر موجب مهاڻا سنڌو ماٿر جا قديم رهاڪو آهن(15). اِهي ڊگهي عرصي کان پنهنجي ڌنڌي ۾ رُڌل آهن. اُنهن جو ڪارو رنگ توڙي عادتون اطوار، سنڌن دراوڙي نسل هجڻ متعلق شاهدي ڏين ٿا. پوسٽنس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لکي ٿو تہ ”مهاڻا ڪاري رنگ جا آهن، پر اُنهن جي شڪل شباهت عام سنڌين وانگر آهي. اِهي عام طرح ٻيڙين ۾ رهن ٿا ۽ سنڌن ڪو ٻيو ٺڪاڻو ڪونهي“ (16). برٽن جو خيال آهي تہ ”مهاڻا اصل ۾ هندو آهن ۽ پوءِ مسلمان ٿا آهن. اهي عام سنڌين وانگر نٿا ڏسجن. انهنجا مهاندا منفرد آهن ۽ رنگ ۾ بہ ڪارا آهن“ (17). ڪيڊل جو رايو آهي تہ ”مهاڻو قبيلو نهايت قديم آهي. سندن تعلق سنڌو تهذيب جي دور ۾ ڍنڍن ۾ رهندڙ اُن نسل سان آهي، جنهن جي رت ۾ نهايت گهٽ ملاوٽ ٿي آهي“ (18). شيخ صادق علي سنڌ جي ذاتين جي مطالعي سبب اهميت رکي ٿو، پر ڪيس بہ مهاڻن جي اصليت بابت پڪ ڪونهي. سندس موجب هن ذات وارا يا تہ ٻيڙيون هلائين ٿا يا وري مڇي ماري گذران ڪن ٿا. پاڻ مهاڻن جا 254 پاڙا لکيا اٿس(19). بلوچستان جي ميد قبيلي کي بہ ’مهاڻو‘ سڏيو ويو آهي. اهي اڪثر ڪري مڪران ۽ لسٻيلي جي ساموندي ڪنارن سان ڏٺا ويا آهن. اُهي پوري رنگ جا ۽ ڊنڊلين اکين وارا آهن. اُهي ايترا تہ مضبوط ۽ سگهارا آهن جو پنهنجي طاقت جي آڌار تي جوکم وارن ڪمن ڪرڻ جي اهليت بہ رکن ٿا ۽ سمونڊ اندر جٽادار قوت جو پڻ اظهار ڪن ٿا(20).

ناڪئن يا مڇي ماريندڙن جي روپ ۾، مهاڻن جو تعلق سنڌو ماٿر تي سيني حملي آورن سان قائم رهيو آهي. آريا، ايراني، يوناني، سٿين، اِڇا هوڻ (Huns) ، مسلمان ۽ پوءِ انگريز سنڌ تي ڪاهي آيا، پر مهاڻن تي صرف مسلمانن جو اثر پيو ۽ سندن زندگيءَ توڙي ثقافت ۾ تبديلي محسوس ڪئي وئي. جيتوڻيڪ مهاڻن جو ڪم ڪٽن هو، پوءِ بہ اسلام کان اڳ سنڌو ماٿر ۾ ڪين گهٽ رتبو مليل هو. مسلمانن ڪين سماج ۾ برابر جي حيثيت ڏني، انڪري تہ مهاڻن اسلام قبول ڪيو.

مهاڻن جوڳوٺ 10-15 ٻيڙين تي مشتمل آهي، جن کي ’ڍونڊي‘ سڏجي ٿو. ٻيڙين جي پرسان کليل ميدان تي عارضي گهر ٺاهين ٿا. اُنهن اڌاوتن ۾ رهن بہ ٿا تہ ٻيڙين جي مرمت بہ ڪن ٿا. سندن گهرن کي پکين جي آکيرن سان پيٽي سگهجي ٿو. اُهي درياهہ سنڌ جي لاهہ ۽ چاڙهہ جي پسِ منظر ۾ لڏ پلاڻ ڪن ٿا. اُنهن جي پيٽ جي پاڻيءَ جو اهم ذريعو سنڌو درياهہ مقدس آهي. اِنهن جي لاءِ درياهہ نہ رڳو بقاءَ جو ذريعو آهي، ليڪن پناهہ گاهہ طور بہ ڪم اچي ٿو. سندن عقيدي موجب سنڌو درياهہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو پاڻي روحاني طاقت سان نوازيل آهي. عام طرح مهاڻا پنهنجن ٻارن کي بدروح جي ٻچڙاين کان بچائڻ لاءِ سنڌو درياهه جو پاڻي پياريندا رهن ٿا. اُن کي سنو سنوڻ سمجهيو ويندو آهي. مهاڻن جي زندگيءَ ۾ ٻيڙي اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. ٻيڙي اُنهن لاءِ رهائش به آهي ته پيدائش جو ذريعو پڻ آهي. ٻيڙيءَ جا عام طرح ٽي حصا هجن ٿا. آڳل، ٺُر (وچ)، ۽ پاڇل. آڳل کي رڌڻي طور استعمال ڪن ٿا ۽ ٺر، کي سمهڻ جي ڪمري طور ڪتب آڻين ٿا. پاڇل هڪ مضبوط جاءِ آهي، جتان عام طرح ٻيڙي هلائڻ لاءِ ونجهه جو استعمال ٿئي ٿو. مطلب ته ٻيڙي کي هلائڻ کان ڪري، انکي نيڪ ناڪ رکڻ تائين، پاڇل وارو حصو وڏي اهميت رکي ٿو.

مُهاڻا اُها سنڌي ڳالهائين ٿا جا سنڌ جي ٻهراڙين ۾ استعمال ۾ آهي. اُن هوندي به ٻهراڙيءَ جي ثقافت ۽ زبان جي معاملي ۾، مهاڻن کي ڪي قدر انفراديت به حاصل آهي.ناڪئا اڄ به موهن جي دڙي جي بلڪل سامهون، درياهه جي ٻئي طرف خاص قسم جو ميلو منعقد ڪندا آهن. اهو ميلو ٻوڏ جي مند کان ڪجهه وقت اڳ ٿئي ٿو، جنهن ۾ ٻيڙين جي ڊوڙ، ترڻ، ناچ ۽ ڪي ٻيا جشن منعقد ڪيا وڃن ٿا. حقيقت ۾ هي تقريبون قديم آهن ۽ اُنهن جون پاڙون موهن جي دڙي ۾ ڪتل آهن.

ڪوجنائن ذريعي ميسوپوٽميا ۽ سنڌو ماٿر ۾ واپاري لاڳاپن جو پتو پيو آهي. درياهه ذريعي سوين اقتصادي ۽ مذهبي ڳانڍاپن جو پتو، ’اُر‘ ۽ ’اڪاد‘ جي حڪمران ’سارگن‘ کان وٺي، آئزن لارسا جي دؤرن (2370-1900ق.م) تائين ملي ٿو(21). عالمن ۾ ميلوها، مگن (مڪن) ۽ دلمن جي سڃاڻپ ۾ لڳ ڀڳ اتفاق ڏسجي ٿو. محققن ’ميلوها‘ جي درآمدي شين کي سنڌو ماٿر جي پيدائش سان پيٽنيو آهي، ۽ ان ڳالهه تي به اتفاق آهي ته ’ميلوها‘ اصل ۾ سنڌو ماٿر وارو ماڳ آهي(22-23). مُڪرجي چوي ٿو ته قديم زماني ۾ ٻساموندي واپار دراوڙن جي هٿ ۾ هو، جيڪي درحقيقت سنڌ جي اجوڪي دور جي ماڇي ۽ مهاڻا قبيلن جا ابا ڏاڏا هئا(24). اها ڳالهه هن حقيقت ذريعي ظاهر ٿئي ٿي ته موهن جي دڙي مان لڌل مُهرن تي ٻيڙين جا اهڙا آثار ملن ٿا (25)، جهڙيون ٻيڙيون موجوده دور ۾ درياهه سنڌ اندر مهاڻا ڪتب آڻين ٿا. سنڌوءَ تي هلندڙ ٻيڙين جي آڳل ۽ پاڇل اُڀريل آهي..... ساڳي شڪل، جا ڪجهه وڌيڪ صاف آهي، موهن جي دڙي مان لڌل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پکي متيءَ جي ٺڪندي تعويذ جي صورت ۾ بہ ملي آهي(26). هن تعويذ تي وڏيڪ دلچسپ شڪل هي آهي تہ بہ پکي نهايت سجايل طريقي سان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اڄ سوڏو پکين کي مهاڻا هن طرح سينگاريندا اچن ٿا. بيڙين تي پڻ پکي ۽ پينوري (ماهي خور پکي) چنڊ جو هڪ خاص مقصد آهي. سنڌ جي فطرتي دنيا جي ڄاڻو جيمس مري جو خيال آهي تہ هي پکي ماهي خور هجڻ سبب، مڇيءَ سان وڏو هاڃو ڪن ٿا(27). اِهي شڪار جي خيال ڪان اُتاهينءَ تائين هيٺ لامارو ڏين ٿا، ۽ غوطا هڻي تيزيءَ سان مناسب وزن جو شڪار ڪري سرخرو ٿي واپس ٿين ٿا. گهڻو ڪري مهاڻا هر بيڙيءَ ۾ اِهي پکي پاڻ سان رکن ٿا. جڏهن مڇي جار ذريعي آسانيءَ سان دستياب نہ ٿئي، تڏهن هن مقصد لاءِ پکين جو استعمال ڪيو وڃي ٿو. پکين جي ڳچيءَ ۾ ڳاني وجهن ٿا، جنهن سبب پکي شڪار ڪيل مڇي ڳهي نٿا سگهن. مڇيءَ ڪان سواءِ پکين جو شڪار بہ مهاڻن جي آمدنيءَ جو هڪ وڏيڪ ذريعو آهي. پکين جو شڪار ڄار ذريعي ٿئي ٿو. اُنهن جون عورتون جدا جدا ڌنڌن ۾ مصروف رهن ٿيون.

علم الانسان جي ذريعي پاڻي ۽ زمين تي رهندڙ هن قبيلي جو اڀياس ٿيڻ کپي. هن ڏس ۾ بيڙين جو گهر وارو حصو خاص ڌيان گهري ٿو، جنهن ۾ ڪاٺ جي اُڪر ذريعي تصويرون نهيل آهن. هي نقش نگار، سنڌو تهذيب جي دور ۾ ٿيندڙ سنگتراشي يا شڪلين ناهڻ واري روايت جي هڪ علامت آهن. مهاڻن جي ٻولي ۾ خاص ڪري محاورا تورڙي چوڻيون اهميت جوڳا آهن. اُنهن جو اڀياس موهن جي دڙي جي رسم الخط جي مطالعي ۾ مدد گار ٿي سگهي ٿو(28).


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1. Allchin Bridget, Ethno archaeology in South Asia, in South Asian Archaeology (1983), Naples, 1985, pp. 21-33 (Vol.I)
2. Fairservis, Walter A., Jr., Sir Mortimer Wheeler and I. Serie Orientale Roma, LVI,I Orientalia Josephi Tucci Memoriae Dicata, Rome, 1985, pp.355-54.
3. R. B. Seymour Sewell and B. S Guha and John Marshall, Mohenjodaro and Indus Civilization (London, 1931), Vol. II, pp 599-648.
4. D.K. Sen, Ancient Races of India and Pakistan - A study of Methods in Ancient India, 1967, No. 20 & 21, pp. 178-205.
5. Wheeler: The Indus Civilization (Third Edition) Cambridge, 1968, p. 78. See also (a) Matrio Cappieri in W.A Fairservis, Roots of Ancient India (London, 1971), Appendix K. pp. 425-437 and (b) Sheikh Khurshid Hasan, The Burial practices among the people of the Indus Valley Civilization, In International Symposium on Mohenjodaro Karachi, 1975. pp. 94-99.
6. Parpola Asko, Interpreting the Indus Script in Indus Civilization- New Perspective, Islamabad, 1981, pp. 117-31.
7. Mahadevan, Iravatham, Terminal Ideograms in the Indus Script, in Harappan Civilization, New Delhi, 1982, pp. 311-17.
8. Dani, A.H., The Indus Civilization - New Perspective, Islamabad, 1982, pp. 10
9. Mughal M.R., Present State of Research on the Indus Valley Civiiization, Karachi, 1973, p.23.
10. Alcock, Leslie, Pakistan Quarterly, Karachi, 1952, Vol. (1), PP. 12-16.
11. Dales, G.F., New Investigations at Mohenjodaro, Archaeology New York, 1965, Vol. (18(2), pp. 145-50.
12. Mohenjodaro Preservation Plan (Ground Control) West Pakistan Power & Development Authority, Lahore, 1972, pp.2.1.
13. Salient features in brief of preservation work of world famous most ancient archaeological remains at Mohenjodaro, Report prepared by the Mohenjodaro Preservation Authority, Karachi (Un-published).
14. Bunting, Ehel-jane W. Sindhi Tombs and Textiles- the Persistence of Pattern, University of Mexico Press, USA p.65.
15. Gazetteer of Sindh, Bombay, 1907, p. 178.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

16. Capt. T. Postans, Personal Observations on Sindh, 1843. pp. 100-05.
17. Burton, Richard F., Sindh and the Races that inhabit the Valley of Indus, Karachi (Re-print). 1973, p.251-52.
18. Cadell, S.P., Who are the descendants of the people of Mohenjodaro. Journal of the Bombay Anthropological Society Jubilee, Vol. 1937, pp. 125-140.
19. Ali Sadiq Shaikh. A short sketch of the Muslim Races in Sindh, Baluchistan and Afghanistan, Karachi, 1954, p.60.
20. Gazetteer of Baluchistan (Lasbela), Quetta (Reprint), 1986.
21. Mallowan, M., The Mechanics of Ancient Trade in Western Asia, Iraq (III) London, 1965. Pp.1-9.
22. Parpola Asko, Recent Development in the study of the Indus Script, In Sindh Through the Centuries, Karachi, pp. 74-75.
23. Lamberg-Karlovsky, C.C., Sumer, Elam and the Indus: Three Urban Processes Equal One Structure, In Harappan Civilization, New Delhi, 1982, pp. 61-68.
24. Mookerji, Radha Kumunda, History of Indian Shipping and their own ships from earlier times in the Persian Gulf, Bombay, 1960. p. 62.
25. Mackay, E.J.H., Further Excavations at Mohenjodaro, vol.I, New Delhi, p. 30. Clay models of boats have been found at Lothal. See Lothal & Indus Civilization, 1973 by S. R. Rao p. 124.
26. Dales, G.F., The South Asia Section 'Expedition', Philadelphia, 11.1., pp.38-45.
27. Murrary, J.A., The Vertebrate Zoology of Sindh - A Systematic Account, Richardson & Co., London, 1884-pp.102.
28. Hasan, Shaikh Khurshid & Ashfaque Syed Mohammad, 'Mohenjodaro'. A 5000 years old Legacy, UNESCO, Paris, 1981, p.38.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 11.موهن جو دڙو يا موئن جو دڙو ؟
## دنيا جي هن قديم يادگار جو صحيح نالو ڇا هئڻ کپي

محمد يوسف ابڙو 'شاڪر'

دنيا جي هن تختي تي قادر ڪيئي قومون پيدا ڪيون. سڪندر مقدوني، چنگيزخان، نادرايراني ۽ مدد خان پناڻ جهڙا ڪئين ظالم؛ ڪلائيو، ويلسلي ۽ بين فرنگين قومن جهڙا لالچي ۽ دغاباز پيدا ٿيا، جن پنهنجي ظلمن، ڏاڍاين ۽ چالاڪين سان ڪيترن ئي آباد ۽ وسندڙ شهرن ۽ بستين کي لٽي، ماري، ڦري رهاڪن مان ڪن کي قتل ڪري ۽ گهڻن ماڻهن کي پڇائي گهرن کي باهيون ڏيئي ڪنڊر ۽ دڙا بڻائي ڇڏيا. هن اسان جي سنڌڙيءَ ۾ به اهڙا بيشمار دڙا آهن جي اڄ به اڪين وارن لاءِ عبرت جو عڪس بڻيا بيٺا آهن. رڳو اسان جي تعلقي ٽنڊي الهيار يا پرپاسي ۾ اهڙن ڦٽل شهر جا 15-20 دڙا آهن، جن مان نصرپور جي پراڻي شهر جا دڙا، اُبل جو دڙو، ليلا جو لهور، اگهاماڻي جا دڙا، ٽورڙيءَ جو دڙو، ماريجي ديهه دومارو، پوريءَ جو پڙو (دڙو) مشهور آهن . ساڳيءَ طرح سنڌ ۾ موهن جو دڙو (صحيح نالي جي خبر نہ آهي) ڪاهوءَ جو دڙو، اروڙ، برهمڻ آباد، رڪڻ جو ٿل، سڌ سڌيرن جو دڙو، ڌونرن هگورن جون ماڙيون ۽ بيا ڪيترائي ڦٽل شهرن جا نشان آهن، جي يا تہ ڪن ظالمن جي ظلم جو نشان بڻجي پنهنجو فرياد آسمان وارن اڳيان پيش ڪري رهيا آهن، يا اُتي جي رهاڪن جا ظلم ۽ اڍنگا ڪم حد کان وڌي ويا جنهن ڪري قدرت جي ڦهر جو نشان بڻجي پاڙيوارن لاءِ عبرت جا آثار بڻيا بيٺا آهن. هنن سيني مان موهن يا موئن جو دڙو (؟) گهڻو اڳاٽو ۽ مشهور آهي، جنهن جي هاڪ ۽ واڪاڻ مشرق کان نڪري مغرب تائين پهچي چڪي آهي. تازو اقوام متحده پاران بہ ڪي وڏا عالم ۽ ڄاڻو هن ماضي بعيد جي نشان کي قائم رکڻ لاءِ ڪجهہ رٿون رٿڻ ۽ پاڪستان حڪومت کي صلاح مصلحت ڏيڻ لاءِ آيا هئا. اهڙي جڳ مشهور يادگار کي ڪو صحيح ۽ با معنيٰ نالو نہ هجي، تنهن لاءِ جيترو افسوس ڪجي سو ٿورو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**موهن جو دڙو نالو سڏڻ بلڪل غلط آهي ـ**
**ان متعلق عالمن جو بحث پيش ڪجي ٿو.**

هڪ هندو ليکڪ پائي دوارڪا پرساد روچيرام شرما پنهنجي ڪتاب ’سنڌ جو پراچين اتهاس‘ ڀاڱو ٻيو ص47 تي لکي ٿو ته ” سنڌ جي هن قابل فخرڪنڊهڙ تي مهن جو دڙو نالو ڪيئن پيو؟ سنسڪرت ۾ مش اکر جي معنيٰ آهي خون يا قتل ڪرڻ. سنسڪرت جي انهيءَ مش اکر کي پراڪرت ڀاشا ۾ مهه چيو ٿو وڃي. مهه عدد واحد آهي، هن جي جمع کي ماهن يا مهن چيو ٿو وڃي. انهيءَ آڌار تي ’مهن جو دڙو‘ معنيٰ قتل ٿيل ماڻهن جو دڙو يا ڍير. هن معنيٰ کي قبول ڪرڻ کان پوءِ اسان کي اهوئي انومان ڪڍڻو پوندو ته هن ڪنڊهڙ تي مهن جو دڙو نالو انهيءَ ڪري پيو، جو ماڻهن جي دلين ۾ اهو وشواس ويٺل هو ته انهيءَ ڪنڊهڙ ۾ قتل ٿيل (مهن) موجود آهن. باقي هيءَ جو اڄڪلهه عام ريت سنڌ جي هن جهوني ڪنڊهڙ کي موهن جي دڙي جي نالي سان سڏيو ٿو وڃي سو سراسر غلط آهي. سرجان مارشل، مسٽر بئنرجي، ڊاڪٽر مئڪي وغيره سيني ودوانن هن ڪنڊهڙ کي مئل ماڻهن جو دڙو ظاهر ڪيو آهي. انهن حالتن هيٺ به ان کي موهن جو دڙو چوڻ سراسر غلط ٿيندو.“ هيءُ ٽڪر مٿي ڄاڻايل ڪتاب جي 47 ۽ 48 صفحن جي تيرهن سِٽن جو هوبهو نقل آهي، جنهن موجب موهن (شري ڪرشن مهراج جي هڪ نالي) يا ٻئي ڪنهن به اهڙي هندو راجا وغيره جي ’ نالي جو دڙو‘ چوڻ بلڪل غلط آهي.

اسان جي سنڌڙي تي آريه سماج هلچل جو به گهڻو اثر پيو. پهرين مها ڀاري جنگ ٿيڻ تي ترڪي خلافت جي ختم ٿيڻ سبب سڄي ملڪ ۾ خلافت هلچل گهڻو زور وٺي ويئي ان وقت جي مسلمان ليڊرن جي اثر رسوخ سان هندو اڳواڻ به گهڻي ڀاڱي مسلمانن سان ملي ويا. انگريزن ان هندو ـ مسلم اتحاد کي ٽوڙڻ لاءِ آريه سماجي هلچل کي زور وٺايو ۽ فساد ڪرائي ٻنهي قومن جي وچ ۾ ويڇن کي وڌايو. ان وقت هندو آريا پاڻ کي هٽلر وانگر دنيا جي سڀني قومن کان اوچي ۽ سڌريل قوم (قديم آريه قوم) سمجهندا هئا ۽ دنيا جي هر ملڪ ۽ شهر کي آرين جو يادگار ثابت ڪرڻ تي زور ڏيندا هئا. آئرلئنڊ کي آريه لئنڊ، ايران کي آريان، پشاور کي پرشرام پور، سبيءَ کي شوي، سيوهڻ کي شو آستان وغيره نالا ڏئي دل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوش ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح ان وقت ڏاري ( 1925-1930ع) هيءُ دڙو به شري ڪرشن مهراج جي ٻئي نالي پنيان موهن جو دڙو بنجي پيو: جنهن کي خود هڪ هندو ودوان دليلن سان ثابت ڪري رهيو آهي.

باقي رهيو مئن (قتل ٿيلن جو ڍير) جو دڙو، ان لاءِ ساڳئي ڪتاب جي 48 ۽ 49 صفحن تي لکيل آهي ته "پر جيڪڏهن انهيءَ افواهي ڳالهه کي اتهاسڪ ڪسوٽيءَ تي ڪسيو ويندو، ته اها ڳالهه بنهه بي بنياد پيئي نظر ايندي، ڇاڪاڻ ته هن ڪنڊهڙ جي کوٽائي ڪندي سواءِ ٻن- ٽن هنڌن جي ٻئي ڪنهن به هنڌان ڪنهن حادثي ۾ مري ويل ماڻهن جا هڏا نه لڌا ويا آهن. جيڪڏهن عام ماڻهن جي چوڻ موجب راجا دلوراءِ جي ظلمن سبب هڪ ئي رات ۾ طوفان لڳڻ ۽ ڌرتيءَ ڌٻڻ تي هيءُ وسندڙ شهر غرق ٿي ويو هجي ته هوند ان جي هرڪنهن گهر، گهٽيءَ ۽ پاڙي مان اڻ پوريل لاش نظر اچن، پر هتي اهڙي ڳالهه نظر ڪانه ٿي اچي. سنه 1925ع ۽ 1926ع ۾ هن ڪنڊهڙ جي کوٽائي ڪندي مسٽرهارگريوز ۽ مسٽر وٽس هڪ وڏي ڪمري ۾ چوڏهن ۽ هڪ گهٽيءَ مان ڇهن ماڻهن جا لاش هٿ ڪيا ................ ٻي هڪ زال جو لاش لڌو ويو، جنهن گهٽيءَ کي پار ڪيو هو: مگر ڏاڪڻ جي اڌ تي مري وئي هئي. " هاڻي هيڏي ساري ايراضيءَ ۾ ستن ٺهن ۾ هيٺ مٿي پکڙيل شهر مان لاشا نڪرن ڳاڻ ڳڻيا، تنهن کي مهن جو دڙو (قتل ٿيل ماڻهن جو ڍير) يا موئن (مري ويل ماڻهن جو دڙو) سڏڻ ڪيتري قدر صحيح ٿيندو، سو فيصلو پڙهندڙ پاڻ ڪن.

ڪتاب 'قديم مشرق' جلد دوم (مڪتبه فريدي اردو ڪاليج، اردو روڊ، ڪراچي طبع اول) جي صفحه 194 تي پڻ قبول ڪيل آهي ته "چوڏهن لاشا لڌا آهن. " ڪتاب ' آئينه قديم سنڌ' (مصنف شمس الدين رڪن الدين قريشي - ڇپائيندڙ آر. ايچ . احمد اينڊ برادرس حيدرآباد، دفعو پهريون. 1956ع ) ص 159-160 تي هن دڙي بابت لکي ٿو ته "مئن جي دڙي کي کوٽيندي آرڪيالاجيڪل وارن جو چوڻ آهي ته هيءُ دڙو ٽن شهرن جو ڪنڊهڙ آهي...... بني اسرائيلن پنهنجي دؤر حڪومت ۾ ان کي تباهه ڪيو. تنهن کان پوءِ بني اسرائيلن جي حڪومت ختم ٿيڻ بعد ٽيون شهر ٻڌو ويو، جو عربن جي زماني تائين قائم رهيل آهي، جنهن کي محمد بن قاسم 'موج' شهر جي نالي سان سيوستان جو قلعو چئي فتح ڪيو. ابن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حوقل ان شهر کي 'منج آبري' ڪري لکيو آهي، جو لب درياءَ تي هو. هن شهر جي متئين سطح واري شهر جو اصل نالو مئون يا منج آهي، جنهن کي متائي مهنج چيل آهي، جنهن مان 'مهنج دڙو' ٿيو. جو محاوري ۾ 'مهن جو دڙو' ڪري سڏيو ويو ٿي؛ جنهن کي هاڻي پاڪستان سرڪار مئن جو دڙو يعني مري ويلن جو دڙو نالو ڏنو آهي. "

شايد ڪن ٻين پراڻين تاريخن ۾ به ڪي اهڙا احوال ڏنل هجن، جن تائين منهنجو هٿ پهچي نه سگهيو آهي، مگرمنهنجي راءِ انهن سڀني حوالن کان ٻي طرح آهي، منهنجو خيال آهي ته :

1. 'موهن جو دڙو' سڏڻ بلڪل غلط آهي، اهو نالو 25- 1930ع يا اُن کان پوءِ جو ايجاد ٿيل آهي.

2. مئن جو دڙو (مري ويلن جو دڙو) سڏڻ به صحيح ڪونه ٿو لڳي، چو ته سنڌ ۾ اهڙا دڙا تمام گهڻا آهن، انهن سڀني مان ڪيترائي لاش هٿ آيا آهن پوءِ هر هڪ دڙي (برهمڻ آباد، اروڙ يا الور، ڪاهو، چنهه،جهڪر،ابڙل سڌ سڏيرن، ڪوٽ ڏيجي، آمري، وغيره جي دڙن يا ڪنڊهڙن) کي به مئن جو دڙو سڏڻو پوندو؛ چو ته انهن سڀني مان لاشن (هڏن) جا پڃرا لڌا آهن. هن دڙي مان ته رڳو چوڏهن يا به - چار وڌيڪ لاش ملي سگهيا آهن، منهنجي خيال ۾ هن دڙي جو نالو 'ميهن جو دڙو' (ميهه - مهاڻا قوم) جو قتل شهر آهي. سنڌ ۾ قديم زماني ۾ به وڏيون ۽ زبردست قومون رهنديون هيون، هڪڙي جاٽ، جا اتن جي وڳن سان سنڌ جي واريا سن ميدانن ۾ رهندڙ هئي، جا قوم هميشه عرب حاڪمن سان وڙهندي رهندي هئي، عربن هن قوم جي ڪيترن راڄن کي ديس نيڪالي ڏيئي ايران ۽ عراق جي ڪن ڀاڱن ۾ آباد ڪيو هو، جتان هيءَ قوم اڳتي وڌي يورپ تائين پهچي ويئي ۽ جت، زط، زوطي، جيپسي، هيپي وغيره جي نالن سان سڏجڻ ۾ آئي ۽ ٻي مي، ميد، مِهي يا ميد قوم، جا دريائن ۽ سمنڊن تي مڇي مارڻ ۽ ٻيڙا ڪاهي واپار ڪرڻ ۾ مشغول رهندي هئي.

ميد قوم کي سنڌ جي پراڻي تاريخ (جا عربن جي لکيل آهي) ۾ چور، ڌاڙيل وغيره سڏيو ويو آهي (ڏسو فتح نامو سنڌ عرف چچ نامو ڇپايل سنڌي ادبي بورڊ حيدر آباد ، ڇاپو پهريون 1954ع.)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چچنامي جي ص124 جي پوين سٽن ۾ هن قوم بابت لکيل آهي تہ "سرانديپ جي راجا جون سوکڙيون وغيره ڪٽي ويندڙ جهاز مخالف واءَ اٽڻ سبب توائي تي وڃي ديبل جي ڪناري ڪان نڪتا، هڪ چورن جو ٽولو جن کي نڪامره چوندا هئا ۽ ديبل جا رهاڪو هئا، سي انن ئي جهازن کي پڪڙي ويا"…. ۽ ساڳئي ص تي هيٺ فٽ نوٽ نمبر 2 ۾ ن.ب: ننڪامره، تنڪامره: ح: نگامره: س: بڪامره ڏنل آهي ۽ ص 126 تي راجا ڏاهر حجاج بن يوسف جي خط جي جواب ۾ چيو آهي "هي ماٺهو چور آهن انهن کان وڏيڪ طاقتور ڪو ڪونہ آهي. اسان جي پڻ تابعداري ڪانہ ڪندا آهن" ۽ ص 436-439 تائين فوٽ نوٽ نمبر 125 (89) ۾ پڻ هن قوم بابت ڊگهو نوٽ ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ بہ هن قوم کي عرب فاتحين چور ۽ ڌاڙيل ڪري لکيو آهي (بلاذري ص435). هن ٽولي کي ميدن جي هڪڙي (قوم مِن ميد) شاخ ڪري ڄاڻايو آهي، جن ٻيڙين ۾ چڙهي حملو ڪري اچي جهاز ڦريا هئا. اڳتي لکيل آهي تہ ديبل بندر ميدن جو مرڪز هو. عرب مؤرخن جي لکيتن مان سمجهجي ٿو تہ مڪران، سنڌ ۽ ڪاٺيا واڙ جي ڪناري تي رهندڙ اهي قومون، جن جو پيشوئي سمنڊ تي هلندڙ ٻيڙيون ۽ جهاز ڦرڻ هو، تن مڙني کي 'ميد' جي نالي سان سڏيو ويو آهي.

چچنامي جي هن ڊگهي نوٽ ۽ سنڌ جو پراچين اتهاس حصي ٻئي (ليکڪ دوارڪا پرساد) هن ڌڙي جي ڪنڌهرن بابت اٽڪل هڪ سوَ کن صفحن ۾ بحث ڪندي جيڪي بہ لکيو آهي ان مان آءٌ چڱيءَ طرح وسهان ٿو تہ هن ڦٽل شهر ۾ اصل هيءَ قوم (اصل سنڌي اڇار مهاٺا، جنهن کي عربن بگاڙي لنڪامره، وغيره ڪيو آهي) رهندي هئي، جنهن جون بستيون سنڌونديءَ جي ڀنهي ڪنارن تي هيون ۽ هنن جا ٻيڙا عربي سمنڊ تي مڪران، ملبار، سرانديپ کان ڦرندا ايرندي وارن ٻيڻن تائين ويندا هئا، جنهن لاءِ شاهہ جي رسالي جو سرساموندي شاهد آهي. هيءَ بهادر ۽ باهمت قوم ميد جي نالي سان مشهور هئي. ميد لفظ مبي، مهبي، ميهہ وغيره نموني بہ استعمال ٿيل آهي. جيئن شاهہ جي رسالي سر ڪاموڏ ۾ ڪيترين جاين تي ڪم آيل آهي. مثلاً:

پسي ميئڪي ڏيءُ متان ماڱر متئين
تون تماچي تڙ ڏٺي ، آءٌ مهاٺي مبي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميءَ مڇيءَ مارا، سمي سي سيٺ ڪيا .... وغيره

عربن جي هن پاسي اچڻ کان اڳ يقيناً هيءَ قوم هندستان جي پوري الهندي ڪناري کان ايرندي وارن پٽنِ تائين ساموندي واپار تي قابض هئي ۽ عربي سمنڊ تي هنن جا ٻيڙا ۽ غوراب پنهنجون ڏچائون ڦڙڪائيندا رهندا هئا. عربن جي هن پاسي اچڻ کان پوءِ هن ئي قوم عربن جو مقابلو ڪيو هوندو، جنهن ڪري هيءَ سڄي قوم فاتحن جي نظر ۾ ذليل، چور، ڌاڙيل، باغي، غدار وغيره ٺڪجي پيئي. جيئن اڳي آرين جي اچڻ تي اصلوڪا رهاڪو مليڇ، شودر ۽ داس وغيره ٿيا. يا گذريل ٿوري وقت ۾ فرنگين جومثال تازو موجود آهي. انهن سفيد وحشي ۽ لالچي لٽيرن ڪي، جن بہ وطن دوست ماڻهن ملڪ مان ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش تي ڪئي، سي انهن جي نظرن ۾ باغي هئا. نواب سراج الدولہ، سلطان ٽيپو شهيد ۽ ٻيا بيشمار شهيد مجاهد، مولانا فضل الحق خيرآبادي، مولانا شريعت الله، ٽيتو ميرشهيد، حضرت حاجي امداد الله مهاجر مڪي، محمد قاسم نانوتوي، رشيد احمدگنگوهي، ابوالڪلام آزاد، شيخ الهند محمود الحسن ۽ ٻيا ڪيترا رباني عالم، بال گنگا ڌر تلڪ، مهاتما گانڌي، نهرو، بوس، ڀڳت سنگهہ، هيمون ڪالاڻي وغيره آزاديءَ لاءِ جانيون قربان ڪندڙ سمورا بزرگ ۽ نوجوان، انگريزن جي رڪارڊ ۾ باغي ۽ غدار هئا، تہ پوءِ عرب فاتحن سنڌ جي هن باهمت ۽ دلير قوم (جا ورهين جا ورهيہ سمنڊ تي عرب سوداگرن سان ڀرپور مقابلو ڪندي رهي يا اوچتا گوريلا نموني حملا ڪري ڪين تنگ ڪندي رهي) کي چور ۽ ڌاڙيل ڪري سڏيو تہ ڪهڙي نئين ڳالهہ ٿي پيئي. مي يا ميد قوم جو ڪم ئي هو مڇيون مارڻ يا مال جا ٻيڙا پرائي ڏورانهن ڏيهن تائين رسائڻ.

چچنامي ۾ ص 438 تي لانگ ورٿس ڊيمس جي ڪتاب ’بلوچ قوم‘ ص17 جي حوالي سان لکيل آهي تہ ”ميد يا ميڊ سنڌ ۽ مڪران جي (ساموندي) ڪناري جا قديم مهاڻا آهن ۽ بلوچ اهو نالوحقارتاً استعمال ڪندا آهن. درياءَ سنڌ جي نزديڪ ميد نالو درياءَ جي مهاڻن سان لاڳو آهي ۽ اڪثر ’ميد ۽ ماڇي‘ ٻئي نالا گڏ استعمال ٿيندا آهن.“

ساڳئي صفحي تي ٿورو اڳتي لکيل آهي تہ ’سنڌ جا ميد‘ غالباً سنڌ جي ساموندي ساحل جا مير بحر هئا. هاڻوڪو لفظ ميہ شايد ميد جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بدليل صورت هجي. اجا تائين ڪاري طرف حقارتاً چوندا آهن تہ ”تون تہ ڪو ميد آهين يا تون ڪو ميہ آهين“ يا ”تون ڪو مي آهين“ وغيره.

مطلب تہ ميہ يا ميد اهائي سامونڊي واپاري قوم آهي جا سنڌوندي خواه عربي سمنڊ جي الهندي ڪناري تي وسندڙ هئي. هڙاپا ۽ ميهن جو دڙو سندن خاص مرڪز هئا. هي ئي هئا جيڪي ٻيڙا ٻري جاوا ٻيٽن تائين ڪارو ڪيڙيندا هئا. هنن ئي عربن سان جهيڙا ڪيا ۽ سندن جهاز ڦريا وغيره هنن جي مرڪزن تي وقت بوقت ٻاهرين ۽ ڌارين حملا ڪيا جن مان بني اسرائيلن جا حملا مشهور آهن جيئن 'آئينہ قديم سنڌ' ۾ ڏيکاريل آهي. مگر هنن ماڻهن هر بار موٽي اچي پئي شهر آباد ڪيو آهي.

22-24 صفحن جو هڪ ننڍو ماهوار رسالو 'سنڌي ٻولي' جيڪو 'سنڌي ساهت سوسائٽي' جي ايڊيٽر لالچند امرڏنومل جڳتياڻي جي نظرداريءَ هيٺ ڪراچي ۽ مان نڪرندو هو ۽ اين. ايچ. پنجابي اينڊ ڪمپني بندرروڊ وارا ڇپائيندا هئا، تنهن جي (جون 1925ع جي ڪنهن مهيني ۾نڪتل پرچي جي ص 20 تي'سنڌي ساهتہ'سري هيٺ هن دڙي کي 'مهي جي دڙي' جي نالي سان لکيو ويو آهي(1).

ازانسواءِ ٿورا ڏينهن ٿيندا تہ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ٻن- چئن دوستن سان ڪچهري ڪندي هن دڙي جي نالي بابت ذڪر نڪتو تہ انهن وينلن مان هڪ دوست، جنهن جو شايد آثار قديمہ سان واسطو هو، تنهن ڳالهہ ڪئي تہ هن دڙي مان جيڪي مهرون نڪتيون آهن ۽ جن تي ان وقت جا اکرلکيل آهن، سي هن وقت جاماهر پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. انهن هيستائين جيڪي لفظ سمجهيا آهن، تن مان هڪڙو لفظ 'مبي' يا 'مهبي' معنيٰ مڇي آهي.

## لساني تحقيق

موهن جي دڙي مان لڌل مهرن وغيره جي ٻولي سمجهڻ جي دعويٰ ڪندڙ مسٽرسراج الحق ميمڻ پنهنجي تصنيف 'سنڌي ٻولي' ڇاپو پهريون (اپريل 1964ع) ص 25 تي لکي ٿو تہ ”ڊاڪٽر ڪريمر جو اهو رايو منهنجي نظريي جي تائيد ڪري ٿو. موهن جي دڙي مان لڌل مهرن ۾ ٽي- چار مهرون اهڙيون آهن، جن تي منهنجي پڙهڻيءَ موجب 'ڪوٽ مون' 'ڪوٽ نل مون' ۽ 'ڪوٽ مهن' لفظ اچن ٿا. منهنجي خيال ۾ موهن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دڙي جي پوئين دور ۾ بڻي يا ٿئي تهه واري ڪنهن شهر کي ’نل مهن‘ يا ’نل مون‘ سڏيندا هئا جنهن کي سميرين 1800 ق. م. ۾ ’دل مون‘ (دلمون) سڏيو ٿو پائنجي. ”

ساڳئي مصنف پنهنجي متي جاڻايل ڪتاب ۾ ص 100 کان پچاڙيءَ (158) تائين ٻن بابن ۾ هن دڙي جي ٻوليءَ بابت گهڻو بحث ڪيو اٿس. جيئن ڏسو ته هن باب شروع ڪرڻ کان اڳ هڪ ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ مناسب سمجهان ٿو ته اسان جي ڪن عالمن محض تنگدلي جي ڪري موهن جي دڙي جو نالو مٽائي ’موئن جو دڙو‘ لکڻ ۽ چوڻ شروع ڪيو آهي. سندن استدلال اهو آهي ته تاريخي طرح موهن نالي ڪو به راجا سنڌ جي تاريخ ۾ نه گذريو آهي ۽ پيو ته ان دڙي کي اهو نالو هندن جو ڏنل آهي انڪري اهو نالو مٽائي ”موئن جو دڙو“ رکڻ گهرجي. جنهن مان اها معني نڪرندي ته اهو مئل ماڻهن جو دڙو آهي. اهڙي قسم جي هلڪڙي مذهبي تنگدليءَ جي بنياد تي سنڌ جي تاريخ سان اهڙا ويل وهائڻ کا نئين ڳالهه نه آهي. هندن ان تاريخ کي هندو بنائڻ شروع ڪيوءَ مسلمانن ان کي اسلام قبولايو. موهن جي دڙي ۾ ته هرويرو هندو نالو ’موهن‘ ڳولڻ جي تڪليف ورتي ويئي آهي. ان لفظ ’موهن‘ جو هندو نالي ’موهن‘ سان ڪو پري جو به واسطو ڪونهي. هي نالو اصل ۾ هڪ قبيلي جو نالو آهي ۽ ان دڙي جو اصل نالو هو ’مُهن جو دڙو‘ جو وقت گذرڻ سان اچار ۾ وڌي، واڌ ڪائي مُهن- مُوهن- موهن بنيو آهي. مهن هڪ قبيلي جو نالو هو جو مڇيءَ تي گذران ڪندو هو ۽ ٻيڙين ذريعي وڏي توڙي ننڍي پيماني تي مڇي ماري پنهنجو گذر ڪندو هو. موهن جي دڙي ۾ جتي ڪٿي انهن جي نياتي نشاني( Totem) ملي ٿي. اهو ئي قبيلو هزارن سالن کان اڄ تائين سنڌ ۾ رهندو اچي. ان ساڳئي قبيلي کي شاهه ’مهاڻن‘ جو قبيلو سڏيو آهي. ان قبيلي جون شاخون يا ذاتيون ’مي‘ ’مهاڻا‘ وغيره اوهان کي سنڌ ۾ اڃا تائين ملندا. اڄ تائين ، ماڇر، دادو وغيره طرف وينل غريب مهاڻن جي ڪن ذاتين وٽ اوهان کي اها نياتي نشاني نڪر جي ٿانون ۽ ويندي ٻيڙين جي پاسن تي ڪوٺيل ۽ اُڪريل ملندي. موهن جي دڙي جو تمدن ان قبيلي جو نالي پويان اسان وٽ ڪنهن طرح مشهور ٿي ويو آهي، ان ڪري ئي اسان جي اڳاڻن ڪتابن ۾ ان کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’مئهن جو دڙو‘ سڏيو ويو آهي. جيئن مرزا قليچ بيگ جي ڪتابن ۾ ملي ٿو ۽ اڄ به ان نالي سان ڏوڪري ۽ ان جي آسپاس جا ماڻهو ان دڙي کي سڏين ٿا. ان ’مئهن‘ جو هندو نالي موهن سان ڪوبه واسطو نه آهي. ان جي باوجود، جيڪي صاحب محض تنگدليءَ جي ڪري موهن کي ’موئن‘ بنائڻ تي سندرو ٻڌي چڪا آهن انهن کي ٻيو نه ته به ايترو ته ضرور سوچڻ گهرجي ته پراڻين تهذيبن جا جيڪي به دفن ٿيل شهر سنڌ ۾ ملن ٿا، سي سمورا هڪ طرح سان مئلن جا ۽ موئن جا دڙا آهن - پوءِ انهن سمورن دڙن کي ’ڪاهوءَ جي دڙي‘ آمريءَ جي دڙي، ٻدران موئن جو دڙو نمبر ٻيو سڏڻو پوندو!“ (سنڌي ٻولي_سراج الحق ميمڻ)

مطلب ته پراڻين تاريخن ۾ هن قوم جو احوال پڙهي ۽ هن آثار قديمه واري دوست جي زباني ڳالهه ٻڌي منهنجي خيال موجب هي دڙو ۽ ڪنڌڙ سنڌ جي هڪ قديم، زبردست ۽ باهمت قوم ’ميد‘ جو مرڪز هئو جنهن کي ’مبي يا مهبي‘ به سڏيو ويندو هو: ٿنهنڪري هن دڙي جو نالو ’مبهين جو دڙو‘ هئڻ کپي. وڌيڪ ڪو نوجوان عالم ۽ ٻولين جو ماهر هن سوال تي روشني وجهندو ته بهتر ٿيندو. مورڳو پنهنجي ٿورڙي سمجهه ۽ معلومات موجب پنهنجي راءِ ظاهر ڪري هن قصي جي شروعات ڪئي آهي.

---

(1) سنڌي ساهتيہ: ڪتاب سنڌي ٻولي- لال چند امر ڏنومل سنڌي ساهتيہ سوسائٽي ماهوار رسالو N.H.Punjabi and Co ويجهڙائيءَ ۾ ميرپور خاص جي پرتان ڪاهوءَ جي دڙي مان ۽ ڏوڪري تعلقي لب دريا جي پريان ’مهي جي دڙي‘ مان ڪي مندر ۽ آڳاٽا سڪا لڌا آهن جن مان سنڌ جي آڳاٽي اوج جا ٿورا اهڃاڻ ملن ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 12.موهن جو دڙو يا مئن جو دڙو

### حاڪم علي شاهہ بخاري

سنڌ کي هڪ اهڙو مقام (قبرستان) سڏي سگهجي ٿو جنهن جي تمام وڏي ايراضيءَ تي هزارين سال پراڻي سرحدن وچ ۾ ست هزار سال قبل مسيح (7000 ق م)کان وٺي 19هين صديءَ تائين جي تاريخ دڙن، شهرن،نظارن ۽ تهذيب ۽ ثقافت جي شڪل ۾ پوريل آهي. اسان وٽ صحيح انگ اکر تہ موجود ڪونہ آهن پر اها حقيقت آهي تہ انهن مان اڪثردڙا ۽ سرزمينون برباد ۽ نابود ٿي چڪيون آهن ۽ جيڪي باقي موجود آهن سي پنهنجي واري جون منتظر آهن. انهن جو مختلف وقتن ۾ پنهنجي دور ۾ وڏو ناماچار ۽ نالو ٿي رهيو آهي. انهن مان ڪوبہ صحيح نالي سان مشهور ناهي بلڪ انهن نالن جي حقيقت ۽ اصليت باقي نہ رهي آهي. انهن نالن ۾ صوتي ۽ اچاري اعتبار سان خصيص تبديليون اچي ويون آهن، جنهن ڪري نالن ۾ خاميون پيدا ٿي پيون آهن. انهن مان اڪثر شهرن جا نالا تباهہ ٿيڻ کان پوءِ رکيا ويا آهن. اهي نالا تعجب خيز بہ آهن ۽ انهن جي معني ۾ منطقي معنوي غلطيون پڻ آهن ۽ اڪثر نالا نامناسب ۽ خامين سان ڀرآهن. انهن مان چند نالا حقارت آميز آهن.

نالن رکڻ جو طريقو جيڪو سنڌ يا ان کان علاوه سڄي دنيا ۾ اختيار ڪيل آهي، ان مطابق عام طور تي قديم شهرن يا دڙن جا نالا ڪنهن ماڻهو، ذات، ڪٽنب يا انهن جي خاص خوبين يا جاگرافيائي، زميني ۽ حياتياتي خاصيتن، حادثن يا تاريخي واقعن مطابق رکيا ٿا وڃن. اهي نالا حقارت آميز بہ هوندا آهن ۽ انهن شهرن جي تباهي کان اڳ ۾ يا بعد ۾ رکيا وڃن ٿا.

### شهرن جي نالن ۽ بناوٽ جو فلسفو

ڪنهن بہ دڙي يا سرزمين جي بناوٽ ضرور هوندي آهي، تنهن ڪري سمجهيو ٿو وڃي تہ انهن مان هر ڪنهن جو هڪ نالو ضرور هئڻ گهرجي. ويا ڪرڻ جي لحاظ کان نالو اهو لفظ آهي، جيڪو ڪنهن ماڻهو، جانور، شهر يا جاءِ جي سڃاڻپ يا ذڪر ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي.

انسائيڪلو پيڊيا مطابق نالو هڪ سڃاڻپ آهي، جنهن ذريعي ڪنهن ماڻهو، جانور، جاءِ، شهر يا ڪنهن شيءِ جي سڃاڻپ ٿي سگهي. جهنگلين، وحشين، آدم خورن، غيرمهذب يا مهذب ماڻهن ۾ اصل ڪان وٺي نالي کي شخصيت ۽ وجود جو سڃاڻپ سمجهيو ٿو وڃي.

بناوٽ عام طرح سان ان ظاهري شڪل ۽ صورت کي ڪوٺبو آهي، جيڪا ڪنهن به شيءِ کي ناهڻ لاءِ ڪنهن به مادي جا جزا جوڙي وجود ۾ آندي وڃي ۽ جنهن مادي جي اها شيءِ نهيل هجي، ان جو هن ۾ ڪو شائبو ئي نظر نہ اچي .لفظ 'بناوٽ' فلسفي ۾ ٽيڪنيڪي طور استعمال ڪيو ويندو آهي، ۽ ان جون ڪئي معنائون نڪرن ٿيون. هن جي معنيٰ افلاطون مطابق هي آهي تہ، اها هڪ مستقل ۽ مضبوط حقيقت آهي جيڪا هر ڪنهن شيءِ کي اها حيثيت ڏئي ٿي، جيڪا اها شيءِ آهي. افلاطون پهريون شخص آهي، جنهن مادي ۽ بناوٽ جي تعريف ڪئي. هن جي فلسفي مطابق، مادو اها شيءِ آهي جيڪو هر ڪنهن وجود جو بنياد آهي. سڀ شيون ان مان ئي اڀرن ٿيون ۽ بناوٽ اصل شيءِ آهي.

هن فڪر تي غور ڪرڻ سان ان ڳالهہ جو امڪان تمام گهٽ آهي ڇاڪاڻ تہ دنيا جي ڪنهن بہ زبان جو لفظي سرمايو ۽ ان جي اظهار جي قوت بلڪل ناقص ۽ ناڪافي آهي. اسم، فعل، صفت ۽ حرف جَرِ جي قوت ۽ وسعت ايتري محدود ۽ سوڙهي آهي جو اها سڄي زبان پاڻ بہ نالي جي زمري ۾ اچي ٿي. ڪنهن بہ قوم جو ذهن ڪنهن شيءِ جو پڌڻ سان ڪم شروع ڪري ڇڏيندو آهي. هر ڪنهن قوم جي ذهن ۾ مختلف شين ۽ نالن جو اڻ کٽ خزانو موجود هوندو آهي. جيڪا 'بناوٽ' يا شڪل اسان ڏسندا يا محسوس ڪندا آهيون، 'نالو' انهيءَ ويرم ۾ احساس کي گهيري ۾ وٺي معرفت ۽ تعارف جو وسيلو مهيا ڪندو آهي. نالو ۽ شڪل يا بناوٽ، نالي جو ٻاهريون لازمي حصو ۽ نالو جسم يا بناوٽ جو اندريون لازمي حصو آهيَ . تنهنجي معنيٰ اها آهي تہ 'نالو' ۽ 'بناوٽ' ٻئي ترتيب وار اندرين اک ۽ بصيرت سان ڏسڻ ۽ جسماني نماءُ آهن. مختصر طور تي ايئن چئجي تہ 'نالا ۽ شڪليون' ٻئي ملي جلي سڄي دنيا ناهن ٿا. جيڪي محسوساتي مشاهدي ۾ شيون موجود آهن تن کي ذهني ۽ جسماني بہ ڪوني سگهجي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن ٻنهي لازم و ملزوم خبرن ۾ جيڪڏهن توازن ۽ هم آهنگي قائم نہ رهي تہ نتيجو اهو نڪرندو تہ ٻئي اونده ۾ ٻڏي ويندا، جنهن جي نتيجي ۾ تاريخي لحاظ سان وقت ۽ زماني جي تعين ۾ غلطي ٿي پوندي آهي، جيڪا ڪنهن بہ قيمت تي تحقيقي ڪم ۾ پيش نہ پوڻ گهرجي.

مخصوص شين، ٻناوتن ۽ جسمن لاءِ نالا تمام ضروري آهن، بشرطيڪ اهي نالا صحيح طور تي علم ۽ ذهن ۾ هجن ۽ وقت جي سفر ۾ گرد آلود ٿي غائب نہ ٿي ويا هجن. ڪنهن بہ شيءِ جو نالو جيڪڏهن ڪنهن بہ هڪ شخص کي نہ ايندو هجي تہ ڪنهن نہ ڪنهن کي ضرور ياد هوندو. اسان چڱي طرح سمجهون ٿا تہ ڪي نالا تہ موجود هوندا آهن پر اهي شيون ،موجود نہ هونديون آهن. ساڳي طرح ڪي شيون تہ موجود هونديون آهن پر انهن جا نالا موجود نہ هوندا آهن. نالن جي سلسلي ۾ اها ڳالهہ بہ وڏي اهم آهي تہ شين تي ٻہ ٻہ ۽ ٽي ٽي نالا بہ هوندا آهن، جيڪي هڪڙي ئي يا مختلف وقتن جي دوران ڏنل هوندا آهن. ان جو دارومدار اسان جي سوچ، ذهن، ضمير، علم ۽ لاعلميءَ تي هوندو آهي. منهنجي خيال ۾ ٻئي حالتون، يعني بنا شين جي نالن جو وجود يا بنا نالن جي شين جو وجود، ڪنهن خاص پريشانيءَ جو باعث ناهن. ليڪن اهي شيون جيڪي غلط يا پراڻا متروڪ ٿيل نالا ٿيون رکن سي مونجهارا پيدا ڪنديون آهن ۽ اهو موضوع سخت الجهيل ۽ ڏکيو هوندو آهي. اسان پنهنجو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ پنهنجي سهولت لاءِ شڪلين ۽ شين کي هر هر نوان نالا ڏيندا تا رهون. بنا ڪنهن نالي جي (بي نام) يا گمنام شيون يا محض فرضي ۽ ناقص نالن واريون شيون مهذب معاشري لاءِ تہ ايترو نقصانڪار يا خطرناڪ ناهن جيترو ڪنهن نالو رکندڙ ۽ ڄاتل سڃاتل شيءِ کي ڪو غلط يا فرضي نالو ڏيڻ. ڪنهن شيءِ يا نالي جي ڳولها جيڪو پلي سيني ماڻهن جي علم ۾ بہ چونہ هجي، تحقيق جي حوالي سان صحيح طرف ۾ هڪڙي قدم جي حيثيت ٿو رکي. اها تحقيق انتهائي غور ۽ جاکوڙ سان اڳتي وڌائجي ۽ ذهن ۾ اها پڪ بہ هجي تہ جيڪڏهن اهو نالو صحيح هوندو تہ دنيا ۾ محفوظ ۽ زنده بہ رهندو ۽ مستقبل ۾ ان شيءِ جو اصلي ۽ اوائلي مستقبل ۾ اچڻ وارن تائين پهچائي سگهندو. جيڪڏهن پکو ڌيان نہ ڏنو ويندو تہ ڪوڙو، متضاد، ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بڻان ڪنهن گرُ پير جي رهجي ويندو ۽ شيءِ جو تصور غلط ٿي پوندو ۽ سمورو تحقيقي ڪم هڪ بي ربط ۽ بي معنيٰ ڍير ٿي پوندو.

شين جا غلط يا صحيح نالا رکڻ جي طريقہ ڪار ۾ ڪي راز ۽ اسباب محفوظ هوندا آهن. مثال طور نيون ايجاد ڪيل يا دريافت ٿيل يا نون قائم ٿيل ڪاتن ۽ سرشتن جو بہ ڪو نالو رکڻو پوندو آهي. پراڻن نالن ۾ جيڪڏهن ڪو نقص هوندو تہ انهن جي تصحيح ۽ درستي ڪرڻ ضروري ٿي پوندي آهي. ڪڏهن مذهب، توحيد، لامذهب ۽ ڪفر، ڪنهن شخص يا فرقي جي پسند يا ناپسند، ڪڏهن زبان ۽ ان جي اُچار جي لحاظ سان، ڪڏهن نون پرديسي ماڻهن جي لڏي اچي ويهڻ جي ڪري ۽ ڪڏهن هيٺان ڪان مٿي طبقي ۾ اچڻ وارن ماڻهن جي ڪري نالا نہ صرف بدلايا ويندا آهن بلڪ صفا رد ڪري نوان نالا بہ ڏيڻا ۽ رکڻا پوندا آهن. نالا بامعنيٰ بنائڻ، ذاتي مفاد خاطر ۽ ٻين کي خوش ڪرڻ خاطر بہ بدلائڻا پوندا آهن. اڪثر شين جا نالا بنان سوچ سمجهہ ۽ مجبوريءَ سبب بہ بدلائڻا پوندا آهن. شين جا نالا رکڻ لاءِ عام حالتن ۾ سياسي، سماجي ۽ اقتصادي سختين طرفان بہ زور پوندو آهي. نالا، سخت هنگامن، فسادن ۽ جنگين يا عوام الناس جي ڳالهائڻ مطابق، ڪنهن قوم يا ڪنهن علائقي جي تاريخ کي مسخ ڪرڻ يا ڪنهن قوم کي صفحہ هستي تان ناپيد ڪرڻ لاءِ بدلايا ٿا وڃن. ڪنهن شيءِ يا جاءِ جو نالو رکڻ يا مٽائڻ لاءِ ٻيا بہ ڪئي سبب ٿي سگهن ٿا. جيئن تہ پسند ۽ ناپسند وغيره. مٿي ڄاڻايل جيڪي بہ نالا رکڻ ۽ بدلائڻ جا طريقا ۽ سبب بيان ڪيل آهن، انهن جي سلسلي ۾ اسان کي منطقي ۽ مناسب سوچ ويچار سان ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. ڇوتہ اهو نهايت خوفناڪ ۽ خطرناڪ عمل آهي. جنهن جي ڪري ڪنهن بہ شيءِ جي زندگي جي تاريخ، ان جي حيثيت يا سڃاڻپ ختم ٿي سگهي ٿي.

### مئن جو دڙو

مئن جو دڙو هڪ وڏو ۽ وسيع علائقو آهي. جنهن جي صرف هڪ ڀاڱي جي کوٽائي ٿي سگهي آهي. اهي آثار تاريخ کان اڳ جي دور يا تاريخ جي بلڪل اوائلي ۽ شروعاتي دور جا آهن.

مهاتما ٻڌ جي آثارن ۽ باقيات ۾ هن جي اهميت ۽ حيثيت سڀني کان مٿي آهي. توڙي جو قديم تهذيب جي آثارن مان هن جي حيثيت دنيا ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيني ڪان متاهين اهي. ليڪن اڄ تائين ان جو نالو، معنيٰ جي لحاظ سان معمو بڻيل آهي. هي سڄي دنيا ۾ مشهور به آهي ۽ دنيا ۾ ايرڻ لهڻ واري پراڻي ۾ پراڻي تهذيب جي اعتبار سان وڏي اهميت به رکي ٿو ۽ پڻ ان هوندي به تاريخ عالم ۾ هِجي جي لحاظ ڪان هن جو نالو ٽن طريقن سان اُچاريو ويندو آهي.

1. موهِنجو دڙو (هن ۾ 'ن' جو اُچار بالا خفا آهي يعني 'ن' صاف نه ڪيبو، بلڪ نڪ مان اُچار ڪيبو آهي)

2. موهن جو دڙو (هن ۾ 'ن' بالاعلان آهي يعني ساڳي وقت نڪ ۽ نڙي ٻنهي مان 'ن' جو آواز بلڪل صاف ڪيبو آهي.)

3. مئن جو دڙو (هن ۾ 'ن' جو اُچار بالاعلان آهي مگر هن ۾'هه' جي جاءِ تي 'ء' ڪم آندو ويو آهي.)

ٽنهي جي هِجي ڪليل سببن ڪري پنهنجو پنهنجو پس منظر رکي ٿي. ٽنهي (موهن جو دڙو موهِن جو دڙو يا مئن جو دڙو ) ۾ آخري ٻه لفظ 'جو دڙو' ساڳيا ئي آهن يعني اهي به لفظ واڌارا آهن، جن جي معنيٰ آهي (Mound) دڙو (Of) جو . تنهن ڪري منطق ۽ عقل جي روشنيءَ ۾ موهِن، موهن يا مئن، ٽنهي مان ڪو هڪڙو اضافو صحيح ۽ با معنيٰ طريقي سان ان جاءِ جي نالي جي نشاندهي ڪري سگهندو. مئن يعني فوت ٿيل. اهو ڪنهن جاءِ يا شهر جو نالو ٿي نٿو سگهي، تنهن ڪري انهن ٻنهي يعني موهِن ۽ موهن بابت اسان ڪي تحقيق ڪرڻي آهي. اها ڪهاڻي ان وقت شروع ٿي جڏهن آثار قديمه جي ماهرن کوجنا ۽ دريافتن لاءِ سنڌ صوبي ۾ کوٽائي جو ڪم شروع ڪيو. پروفيسر ڀنڊيڪر 12-1911ع ڌاري ۽ مسٽرآر.ڊي.بينرجي 22-1921ع ۾. پهرين (پروفيسر ڀنڊيڪر) ان جو نالو 'موهِن جو دڙو' ۽ پوئين همراهه نه رڳو سرزمين جو معائنو ڪيو بلڪ اسٽوپا (ٽڪاڻي) جي نشاندهي به ڪئي، جيڪو سموري سرزمين تي وڌ ۾ وڌ اهميت جو حامل آهي. مسٽر بينرجي، آثار قديمه جو پهريون ماهر آهي، جنهن سرزمين تي پهچي انجو ٿورو حصو کوٽي ٻاهر ڪڍيو، انجو نالو ٻڌايو ۽ هن جي قدامت جي ڪري ان جي اهميت جو تذڪرو ڪيو. هن صاحب اهو ذڪر پنهنجي هڪ رپورٽ ۾ ڪيو آهي جيڪا هندستان ۾ شايع ٿي هئي، جنهنجو عنوان موهِن جو دڙو هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’وساريل بندر‘ هو. هاڻي اسان هن رپورٽ جي گهربل ۽ ضروري حصي تي گفتگو ٿا ڪريون. هن مطابق تر جا رهاڪو هن ڪي ٻن نالن سان سڏيندا هئا. هڪ موهِن جو دڙو ۽ ٻيو مهون جي ماڙي، جن جي معنيٰ بالترتيب مئن جو دڙو ۽ مئن جي جاءِ آهي. هو وڏيڪ چوي ٿو ته هي سرزمين تعلقي ’لب درياءَ‘ ۾ واقع آهي جنهن جو هيڊ ڪوارٽر ڏوڪري آهي. اهي ٻئي نالا ۽ انهن جو معنائون اسان کي تر جي ماڻهن ٻڌايون. مارشل ۽ ارنسٽ ميڪي جن بعد ۾ کوٽائي جو ڪم ڪافي دير تائين هلايو ۽ سرزمين جا مختلف حصا کوٽي ڪڍيا، تن پنهنجي شايع ڪيل مؤقر ڪتاب ’موهِن جو دڙو ۽ سنڌو تهذيب‘ ۾ انجو ذڪر ڪيو آهي. ان کانپوءِ جيڪا کوٽائي ڪئي وئي تنهن جو ذڪر ٻن جلدن ۾ شايع ٿيو جنهن ۾ به انهي ساڳي هِجي Spelling سان Mohen Jo Daro جي اهائي معنيٰ لکي وئي آهي. هي مسئلو ان وقت هڪ معمي وانگر الجهي پوندو آهي، جڏهن ان سان اُچار، لفظن جي ٽوڙ موڙ، هڪ زبان مان ٻي زبان ۾ منتقلي ۽ معنائن ۾ ڦير گهير جا سوال اڀرن ٿا. هن معمي ۾ سنڌي ۽ انگريزي زبانون استعمال ٿيل آهن. جهڙوڪ سنڌي زبان جا نيٺ نالا ۽ لفظ سنڌيءَ مان ترجمي جي مدد سان انگريزيءَ ۾ منتقل ڪيا ويا.

هڪ گهڙي پل لاءِ اهو سوچجي ته کهڙو نه ڀلو ٿئي ها جيڪڏهن مسٽر آر.ڊي. بينرجي کوٽائي جو ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ انهن سمورين ڳالهين جي پوري پڪي ڄاڻ حاصل ڪري وٺي ها. اهڙي صورت هو تر جي ماڻهن کان سرزمين جي نالي، محل وقوع ۽ نالي جي معنائن مطابق پڪ ڪرڻ لاءِ سوال پڇي ها. هن جو پهريون سوال پڪ سان اهو ئي هجي ها ته ’هن سرزمين جو نالو ڇا آهي؟‘ ۽ لازمي طور تي ماڻهن جو جواب اهو ئي ٿئي ها ته Mohen Jo Daro موهن جو دڙو يا مهين جو دڙو Muhen Jo Daro ۽ ’ن‘ جو آواز بلاخفا ناسوڙن مان نڪري ها. پڪ سان ائين ئي ٿئي ها. جو ته اڄ به تر جي ڪنهن وينل ماڻهوءَ کان معلوم ڪجي يا هو پاڻ ان نالي بابت ڳالهائيندو هجي ته ساڳي طرح ئي اچاريندو يعني اها ڳالهه چٽي طرح ظاهر آهي ته مٿي صدي کان وٺي بنان ڪنهن تبديليءَ جي اهو ئي نالو هلندو پيو اچي. جيڪو مسٽر بينرجيءَ سنڌيءَ مان ترجمو ڪري انگريزيءَ ۾ منتقل ڪيو آهي. بنان ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي چٽي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهجي ٿو تہ جيڪڏهن ماڻهو ان جو اچار مئن جو دڙو يا موئن جو دڙو ڪرين ها تہ مسٽر بينرجي بہ لازمي طور تي انگريزي ۾ Muen Jo Daro يا Moen Jo Daro ئي لکي ها. ان جو اهو مطلب آهي تہ مسٽرآر.ڊي بينرجيءَ جو ترجمو اڄ بہ ايترو ئي صحيح آهي جيترو ان وقت هوندو هو ۽ معمولي لکيل پڙهيل ۽ عالم فاضل بہ ساڳي طرح اچارن ٿا. هر ڪنهن عمر، سماجي ۽ معاشي وقار ۽ حيثيت ۽ سنڌي ادبي ذوق رکڻ وارا سمورا ماڻهو هن سرزمين جو نالو بلڪل ساڳئي اچار، لهجي ۽ انداز سان وٺن ٿا سواءِ انهن ماڻهن جي جيڪي نوان آهن ۽ مسلسل پروپيگنڊا کان متاثر ٿيل آهن اها ڳالهہ بہ بنان ڪنهن شڪ شبهي جي مڃيل آهي تہ جهوني روايتي اچار ۽ انگريزيءَ ۾ منتقل ٿيل نالي ۾ جيڪو پهرين ماهر آثار قديمہ کيوهوءَ ان ڪانپوءِ اچڻ وارن جي پيروي ڪندي Mohen Jo Daro موهن جو دڙو لکيو هو سو سئو سيڪڙو درست آهي.

پيو سوال جيڪو بينرجيءَ کيو هوندو سو انساني فطرت جي تقاضا مطابق اهو ئي هوندو تہ 'ان جي معنيٰ ڇا آهي؟' ماڻهن هن سوال جو پهريون پهريون جواب بي خياليءَ ۾ اهو ئي ڏنو هوندو تہ اسان کي معلوم ڪونهي. ليڪڪ اهو ئي سوال هر هر مختلف ماڻهن کان پڇيو آهي. نالي بابت پهرين سوال جو جواب هميشہ اهو هوندو آهي يعني مهين يا موهين جو دڙو ۽ جڏهن نالي جي معنيٰ پڇبي آهي تہ هر شخص جو هڪڙو جواب (مئن جو دڙو) هوندو آهي. اهي ان جو اچار موهين جو دڙو چو ٿا ڪن. ان لاءِ هنن جو هڪڙو جواب هوندو آهي تہ هنن بين ماڻهن ۽ پنهنجي والدين ۽ وڏن کان ايئن ئي ٻڌو آهي. ۽مهين جي دڙيءَ جي معنيٰ جو جيستائين تعلق آهي اهو فقرو زبان جي پيچيدگين ۽ ور وڪڙن ۾ اڄ تائين ويڙهيل آهي. تنهن ڪري اهو ئي متوقع جواب آهي. اهو ئي سوال جيڪڏهن بين تاريخي حيثيت رکندڙ قديم زماني جي دڙن جي پر ۾ وينل عام ماڻهن کان پڇيو وڃي، جهڙوڪ "جهڪر جو دڙو، ڪاهوءَ جو دڙو، وجڻ ناٿ جو دڙو، پنيور، آمري، ماڻڪ تارو" ۽ بيا اهڙا تاريخي دڙا ۽ سرزمينون جيڪي سڄي صوبي ۾ گهڻي تعداد ۾ پکڙيل آهن، پڪ سان انهن جو جواب بہ مئن جي دڙي جي پسگردائي ۾ وينل ماڻهن کان مختلف ڪونہ هوندو. چو تہ ڪنهن بہ جاءِ جي نالي جي معنيٰ ان جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صورتحال جي مطابق يا موافق هجڻ يا بلڪل الٽ هجڻ عوام جو مسئلو ئي ڪونهي. جيڪڏهن زور پريو وجي يا معنيٰ بڌائڻ تي اصرار ڪيو وڃي ته انهن وٽ هڪڙو ئي جواب هوندو. جنهن جو بنياد ڪنهن ديومالائي آڪاڻي تي هوندو يعني هڪڙو گمنام يا نالو رکندڙ مغرور ۽ ظالم بادشاه يا راجا هوندو هيو جنهن جي ڪرتوتن ڪري رب پاڪ جي عذاب يا ڪنهن فقير جي بد دعا سان سڄو شهر صفا التجي پيو ۽ ان جا گناهگار رهاڪو ڌرتيءَ ۾ پورجي ويا ۽ ڏڙو بڻجي پيو. يا وري ڪڏهن ڪڏهن تمام سولي نموني ايئن ڪهاڻي ناهي ڇڏيندا ته دڙي هينيان مئل ماڻهو آهن جيڪي اڪثر زنده حالت ۾ گهمندي ڦرندي ڏٺا ڏٺا ويا آهن. اهو تقريبا ناممڪن آهي ته ڪوبه ماڻهو جنهن جي مادري زبان سنڌي هجي اهو مئن جو 'ن' بالاعلان اچاري. اهو 'ن' جو آواز ناسوڙن مان ئي ڪيندو. چو ته 'مئن' جو لفظ خاص ۽ بامعنيٰ لفظ آهي. جڏهن ته موهن جو لفظ بلڪل مبهم ۽ غير واضح آهي. هتي اها وضاحت به ضروري آهي ته 'موهن' يا 'مهين' جي لفظ ۾ مئلن جو مفهوم سمايل ئي ناهي. فوت ٿيل يا مري ويل جو مفهوم صرف ان وقت ئي ادا تي سگهندو جڏهن 'مئن' يا وڏ ۾ وڏ موئن جو لفظ ڪم آڻجي.

جيڪڏهن اسان انهن سان متفق هجون جيڪي سمجهن ٿا ته موهن جو دڙو (Mohen Jo Daro) اصل ۾ مئن جو دڙو (Moen Jo Daro) جي مسخ ٿيل يا بگڙيل شڪل آهي ته پوءِ اسان کي ذهن ۾ اها حقيقت به رکڻ گهرجي ته مستربينرجيءَ هڪ ٻي نالي جو به ذڪرڪيوآهي جيڪو (Muhen Ji Mari)مهين يا موهين جي ماڙي آهي. جنهن جي معنيٰ آهي 'مئن جي گهڻ ماڙ عمارت' اهو بيان ۽ ان جي معنيٰ به ته ساڳي ئي ٿيندي. هن کي تر جا ماڻهو اڄ تائين اسٽوپا (مندر) واري دڙي يا صرف ماڙي ئي ڪوٺن ٿا. ماڙي معنيٰ آهي 'گهڻ ماڙ عاليشان عمارت' جي. جيڪڏهن هڪڙو قدم اڳتي وڌي اسان 'مئن جي دڙي' جي مدد سان نالا رکڻ جي فن جي روشنيءَ ۾ غور ڪريون ته نتيجو اهو نڪرندو ته ٻيو دڙو يا ماڙي به مئلن سان منسوب هئي. مئلن جي ماڙي يعني اهو نالو به موت اچڻ کان پوءِ ئي رکيو ويو. اها ڳالهه مڃڻ وارو ضرور عجب کائيندو ته هن جاءِ جو موت واقع ٿيڻ کان اڳ ۾ ڇا هن جو پنهنجو ڪوبه نالو ڪونه هو؟ ڇڄجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ اهو نالو بعد ۾ رکيو ويو آهي. انهي سبب ڪري مئلن جي حوالي سان آهي. اها سوچ تمام گهٽي ڪل جوڳي آهي. ايتري وڏي سرزمين بنان ڪنهن نالي جي هئي جو ان جو نالو ايتري قدر دير سان رکيو ويو. حقيقت ۾ صورتحال ايئن نہ هوندي. اهو ظاهر آهي تہ اهو اسانجو رکيل نالو اصل قديمي نالي يا ان جي معنيٰ سان ڪوبہ واسطو نٿو رکي. اسان کي اهو سمجهڻ ۽ يقين ڪرڻ کپي تہ هن سر زمين جي اصل نالي ۽ معنيٰ تائين پهچڻ ممڪن ناهي. جو تہ ماضيءَ جي تاريخ جي پاتال تائين پهچڻ اسان جي وس کان ٻاهر آهي. اسان جملي نالي 'مئن جي دڙي' بدران جيڪڏهن اصل ۽ اوائلي نالو 'موهن جي دڙي' کي صحيح اهميت ڏيون تہ ممڪن آهي تہ ڪنهن مناسب ۽ با معنيٰ نالي تائين آسانيءَ سان پهچي سگهون. مقامي ماڻهو، سرزمين کي ان جي اصلي نالي 'موهن جو دڙو' سان اصل کان وٺي ڪوئيندا رهيا آهن. اهو نٿو چئي سگهجي تہ لفظ 'موهن' جي اُچار، معنيٰ يا اصليت اڄ تائين برقرار بہ آهي يا نہ. ليڪن اها ڳالهہ لازمي آهي تہ ان جي ذريعي ۽ ان جي مدد وسيلي اسان بلڪل درست نالو ۽ معنيٰ نہ سهي مگر اصل کان ويجهي ۾ ويجها ضرور پهچي سگهنداسين. اهو وقت نہ پر اثر تبديليءَ جو شڪار ضرور ٿيو هوندو. ليڪن اڄ بہ هن ۾ ٿوري ڪان ٿورو، نالي ماتراصليت جي سَٽَ جو شائبو يا ڪوخفيف ۽ هلڪڙو اثر ضرور رهجي ويو هوندو. عام ماڻهو جڏهن روزانو جي گفتگو ۾ موهن جو دڙو چون ٿا تہ اهو گرامر جي لحاظ کان بہ بلڪل صحيح آهي. نحوي ۽ صرفي ترڪيب ۽ ڇيد جي لحاظ سان موهون (Mohon) يا موهين (Mohen) ۽ موهائين (Mohoeen) ٽنهي ۾ 'ن' جو اُچار بالخفا يا ناسورن مان نڪري ٿو جيئن لاڙڪاڻو (Larkano) لاڙڪاڻي (Larkanen)يا .لاڙڪاڻائي (Larkanee) ۾ 'ن' . جو اچار ڪيو ٿو آهي. (اهوئي لاڙڪاڻو ضلعو جيڪو هاڻي ڊويزنل هيڊ ڪوارٽر آهي)

اسان ڄاڻون ٿا تہ اڄ ڪلهہ اهل علم حضرات پراڻن تاريخي نالن کي ان دور جي ڳوٺن، واهڻن، شهرن ۽ دڙن سا ڀيٽائڻ ۽ ملائڻ لاءِ سخت ڪوشش ۾ مصروف آهن. اهي لهجي، آواز، اُچار ۽ صوتي اعتبار سان هڪ هڪ ڪري مختلف نالن سان ملائي ٿا ڏسن. عام ماڻهن جيڪي صرف ونحو ۽ اشتقاق ذريعي جيڪي نتيجا ڪڍيا آهن، انهن تي اسان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پلي ئي ڪلون مگر اهل قلم انهن کي تسليم ڪن ٿا ۽ پنهنجي ادبي ۽ تاريخي لکڻين ۾ انهن جا حوالا ڏين ٿا. جن جا لاتعداد مثال موجود آهن. انهن مان چند هيٺ ڏنل آهن.

**سيوهڻ (موجوده):** سندبو مانا، سندومنا، سادوشن، سيوستان ۽ سيوهڻ وغيره

**بنون** : بانيا، بونس وغيره .

**ڪراچي:** ڪرڪلا، ڪولاڪا، ڪولاٽا، ڪروڪلا ۽ ڪلاٽي وغيره

**ڀنڀور:** ڀنڀورائي، بربرئي، باربريڪو، ڀنيارا، ڀنو ڀهر، بربارِي، برڪي ۽ ڀمڀورا .

**سوڏيرن:** سڏيرن، سربانا، سرمانا وغيره .

**ماٽيلو:** ماٽيلا، ماٽيلا، مهاٽيلا وغيره .

**اروڙ:** اروڙي، روڙا، الروڙ وغيره .

**برهمڻ آباد:** برهمانا، برهم ناوا، ڀنيرا ڪاٽلاءِ برهمڻ آباد وغيره

**حيدرآباد:** (پٽالا)، پاٽاسيلاءِ پوٽاسيلا وغيره .

**لاهري (بندر)** : لاري، لاهوري، لاهورو ۽ لوهاراٽي وغيره .

اها فهرست لاتعداد شهرن جي پراڻن ۽ نون نالن تي مشتمل آهي ۽ هن ۾ درجنن جي حساب سان ڀيا نالا به وڌائي سگهجن ٿا .

متي ڄاڻايل نون نالن ۽ لفظن مان اڪثر ناقابل قبول ۽ ناقابل فهم بلڪ قابل بحث آهن. پر اسان انهن جي اوائلي نالن کي (جيئن عام ماڻهو انهن کي سڏين ٿا) تسليم ٿا ڪريون. اچو ته اسان بين الاقوامي شهرت رکندڙ ۽ ملڪ جي وڏي ۾ وڏي شهر ڪراچيءَ کي انهن مان مثال طور پيش ڪريون. لفظ 'ڪراچي' سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪنهن مناسب معنيٰ جو حامل ناهي. تنهن هوندي به هن شهر جي رهاڪن ان نالي کي، جنهن جي ڪابه باقاعده معنيٰ نه هوندي به انگريزي مان منتقل ٿيل ٻي معنيٰ لفظ سمجهي قبول ڪري ورتو آهي. هاڻي اسان جيڪڏهن لفظ 'ڪراچي' جي معنيٰ معلوم ڪرڻ چاهيون ته اسان کي زبان جي جوڙ جڪ کي ذهن ۾ رکي تاريخي حالات، واقعات ۽ تبديلن کي ذهن ۾ رکي منطقي تجزئي ذريعي ماضيءَ ۾ سفر ڪرڻ ڪانپوءِ موجوده لفظ جي معنيٰ تائين رسائي ممڪن ٿي سگهندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو بہ وقت جي تقاضا مطابق غير ضروري نہ هوندو تہ هت اسان لفظ 'موهين جي دڙي' مان ڪو مفهوم ۽ مناسب معنيٰ ڳولهي لهون. اهو لفظ نہ تہ ڪا ايجاد يا اختراع آهي ۽ نہ ئي ڪو محض خيالي يا تصوراتي نالو آهي، بلڪ اهو هن سرزمين جو اصل ۽ اوائلي 'اسم نڪره' (Pronoun) آهي. بنيادي طور تي اهو ڪم ماهرين لسانيات جو آهي تہ هو کوجنا ۽ تحقيق ذريعي موجوده لفظ ۽ ان جي شروعاتي نالي ۽ هن لفظ سان ملندڙ جلندڙ ۽ لاڳاپيل لفظن مان ان جي معنيٰ ڪڍن. چند ڏهاڪا اڳ هتان جي مقامي اهل علم ۽ مصنفن جي ٻن ٽولن وچ ۾ لفظ 'ڪراچي' جي معني واري موضوع تي ٻنان ڪر پيرِ جي هڪ مباحثو هلندو رهيو جنهن جو ڪو بہ نتيجو نہ نڪري سگهيو. انهن جي بحث جو تفصيل ڏيڻ جي هتي ڪا ضرورت ڪونهي. ليڪن اهو ضروري آهي تہ نالا رکڻ جي علم متعلق جن ادبي شخصيتن جاچ ۽ کوجناڪئي آهي ان جا حوالا ضرور ڏجن.

1. جيئن اڳ ۾ بہ ذڪر آيو آهي تہ بينرجيءَ جيڪا اُچار جي معنيٰ ۽ هِجي موهن جو دڙو 'Mohen Jo Daro' لکي هئي، اهائي سرجان مارشل، اي ميڪي، مارٽيمر ويلر، جي ايف ڊيلز ۽ ايم جينس ۽ بعد ۾ اچڻ وارن سمورن ان کي صحيح سمجهيو آهي. ڪنهن بہ ڌارئي يا ٻاهران ايندڙ ماهر ان ۾ ڪا تبديلي ڪونہ آندي.

2. ڊاڪٽر ايم رفيق مغل پنهنجي لکيل مقالي (1973)

Present state Research on The Indus valley civilization جي ص

پهرين تي 'مئن جي دڙي' جي هِجي (Moen Jo Dare) لکي آهي جيڪا اڄ تائين پاڪستان ۾ رائج آهي.

3. پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ 1957ع ۾ ڇپيل ”قديم سنڌ“ نالي پنهنجي ڪتاب جي باب نمبر3 ۾ لکي ٿو تہ آثار قديمہ جي ڪاتي هن کي (Mound of the Dead)جو نالو ڏنو جيڪو ”مئن جو دڙو“ جو صحيح ترين ترجمو آهي، ليڪن انگريزيءَ ۾ موهن جو دڙو (Mohan Jo Daro) شايد غلطي سان لکجي پيو آهي.

تر جي ڪنهن بہ ماڻهوءَ سان گفتگو ڪبي تہ اهو 'مهون جو دڙو' يا 'مهين جو دڙو' ئي چوندو ۽ انهن ٻنهي جي معنيٰ 'مات ٿيلن (مئلن) جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دڙو‘ ٿي آهي. بقول انهن جي لفظ ’مهن‘ سنڌي لفظ ’ماهو‘ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي قتل عام.

4. ضياءُ الدين ’بلبل‘ مرحوم جو مضمون جيڪو ٽماهي مهراڻ جي شماري 34-33 (1984) ۾ شايع ٿيو تنهن ۾ آهي تہ لفظ ’مهاٽا‘ اصل ۾ لفظ مِنوآن (Minoan) جي بگڙيل شڪل آهي. جنهن کي بعد ۾ هندو اهل قلم حضرات تبديل ڪري ’موهن‘ ڪري ڇڏيو. جيڪو ان جي خيال مطابق بلڪل غلط آهي. ساڳي ٿي مضمون ۾ اڳتي هلي مثال ڏئي ٻڌايو ويو آهي تہ، باڍهہ (مئن جي دڙي کان اولهہ طرف 12 ميلن جي فاصلي تي آهي) ۽ ضلعي لاڙڪاڻي ۽ دادو جا ٻہ تعلقہ وارهہ ۽ ميهڙ، اهو سڄو سڄو علائقو مينهن جو خطو سڏيو ويندو هيو. اهو علائقو يا تہ ڪو وڏو چراگاهہ هوندو يا وري هتي مينهون شايد پليون ۽ عام جام ملنديون هونديون تنهن ڪري هن تر کي اهو نالو ڏنو ويو.

5. خيرپور يونيورسٽي جي غلام مصطفيٰ شر، Aachen يونيورسٽي جي 1987واري رپورٽ جي جلد پهرين ۽ ٻئي ۾ پنهنجي انگريزي زبان جي مضمون (The Mohanna-an unknown life of the Indus River)۾ لکيو اٿس تہ تاريخ ۾ ’موهن جو دڙو‘ عام جام استعمال ٿيندو آهي. ان سان گڏوگڏ هن مئن جي دڙي مان لڌل نڪرن ۽ ٿانون تي ٻيڙيءَ جي تصوير جو ذڪر بہ ڪيو آهي. ساڳي رپورٽ جي هڪ ٻئي مضمون ۾ آهي تہ پاڪستاني ماهر آثار قديمہ غلام مصطفيٰ جي تحقيق مطابق موهن جو دڙو ۾ دڙو معنيٰ ٽڪري، ٽيلو يا ڍير، (Mound, Heap) (سنڌي انگلش ڊڪشنري 1996 ڇاپو ٻيو) ’موهنجو‘ جون ٽي معنائون ٿي سگهن ٿيون.

(1) منهنجو (ضمير) (2) مئن جو دڙو يا (3) موهن. جيڪو عام هندن جو نالو يا ڪرشن جو لقب (اول کي موهي وٺڻ وارو سهڻو) انهن ٽنهي مان مئن جو دڙو ٿي موزون ترين آهي.

6. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي ڪتاب سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ (1980) ۾ ’مئن جو دڙو‘ انهي همزه (ء) واري هِجي سان لکيو آهي.

7. سراج ميمڻ پنهنجي ڪتاب ’سنڌي ٻولي‘ ۾ مئن جي دڙي جي سرزمين جو ذڪر ڪندي ان کي لفظ ’مهاٽن‘ سان ملايو آهي ۽ ان ڳالهہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي زور ڏنو آهي تہ اهو موهن جو دڙو ئي آهي، جيڪو 'موهاڻن' مان ٺاهيو ويو آهي. يعني ان جو تعلق ماڇين ۽ ملاحن سان آهي. اڳتي هلي هن خيال ظاهر ڪيو آهي تہ ميسو پوٽيما جي تاريخ ۾ هڪ جاءِ 'دلمان' جو تذڪرو ملي ٿو. هن جو خيال آهي تہ دلمان يا دلمون، ءِنل موهن ۽ جي بدليل شڪل آهي. جيڪو سنڌو ماتريءَ ۾ ئي هوندو. سنڌيءَ ۾ نل، ٿنڀ يا Pillar کي ڪوٺبو آهي.

8 .اٺين مئي 1991 جي روزاني جنگ ۾ شايع ٿيل هڪ انٽرويو ۾ ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ بہ موهن جي دڙي جي موجوده هِجي ۽ معنيٰ سان اختلاف ڪيو آهي. هن جو اهو ئي خيال آهي تہ اها سرزمين موهاڻن جي نالي سان موسوم آهي. موهاڻا سنڌ جي پراڻين ذاتين مان آهن، جيڪي معنيٰ يا پيشي جي لحاظ کان ملاح ۽ ماهي گير (ماڇي) هوندا آهن.

9. عيسوي سن جي شروعاتي دور ۾ مئن جي دڙي ۾ ٻڌ مت سان تعلق جا آثار بہ ملن ٿا، جيڪي اڄ تائين ڪوٽ واري پٽ سان موجود آهن. بدر ابڙو صاحب هن سلسلي ۾ چڱا دليل ڏنا آهن. هن 'ماهويانا' لفظ تي بحث ڪيو آهي. ماهويانا (Mahoyana) ٻڌ مت جو هڪ مشهور فرقو آهي. هن جي خيال مطابق، ٻڌ مت جي مڃڻ وارن جو جنهن وقت ۾ هتي قبضو هيو ان وقت 'ماهويانا' لفظ استعمال ۾ رهيو ۽ وقت گذرڻ سان شڪل بدلائي 'موهاڻا' بڻجي ويو ۽ .لفظ 'موهاڻا' مان ئي انجو نالو 'موهنجو دڙو' پئجي ويو.

10 . محترمہ بينظير ڀٽو پنهنجي سوانح حيات (Daughter of the eastپورب جائي) 1989، جي ص 28 تي رقمطراز آهي تہ ننڍي هوندي مان سمجهندي هيس تہ قديم شهر مئن جو دڙو دراصل منهنجو دڙو يعني منهنجو شهر آهي.

الغرض اها ڳالهہ روز روشن وانگر چٽي آهي تہ عالمن ۽ تحقيق ڪندڙن جي اڪثريت متفقہ طور تي ان راءِ جي آهي تہ هن سرزمين جو نالو ماهيگيرن جي ذات 'موهاڻا' جي ڪري موهنجو دڙو پيو آهي جيڪو انقلابات زمانہ سان موهن، موهان، موهڻ تي ويو .



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مصنف جا لفظ بہ لفظ رايا

1. پراڻي هِجي جيڪا ڏيهي ۽ پرڏيهي ٻنهي محقيق اپنائي آهي، اها اسانجي مادري زبان جي تلفظ جي عين مطابق آهي. ليڪن ان جي معنيٰ محض هڪ گشو ۽ ڏُکو آهي جيڪا ان جي اچار ۽ هِجي جي بلڪل برخلاف آهي .

2. ليڪڪ جو اهو بيان ۽ نظريو ان جي هن خيا جو اظهار ٿو ڪري تہ اهو عام رواجي مستعمل هجي تسليم نٿو ڪري.

3. اهو صحيح آهي تہ لفظ 'ماهو' جي معنيٰ سنڌي زبان ۾ 'قتل عام' يا 'مينهن جو' يا 'مينهن وارو' ٿئي ٿي. تنهن ڪري اهي نالي جون ممڪن بناوٽون ۽ معنائون 'ماهي جو دڙو' يا 'ماهو جو دڙو' 'قتل عام جو دڙو' يا وري جمع جي صورت ۾ 'ماهين جو دڙو' يعني 'مقتولن يا شهداءِ جو دڙو' ٿي سگهن ٿيون.

4. هن حالت ۾ 'مينهون' ۽ 'موهاڻن' جي وچ ۾ ڪو تعلق ڳولهي لهڻ بہ هڪ گشي ڪانسواءِ ڪابہ اهميت نٿو رکي. ۽ جيڪڏهن اهو نالو مينهن جو خطو هجي پوءِ بہ انهن لفظن جي املا ۽ هِجي رواجي موجوده سنڌي يا پراڻي سنڌيءَ مطابق بلڪل مختلف ٿئي ها.

5. سرزمين جو تعلق ۽ لاڳاپو موهاڻن سان هئڻ وڏي حد تائين قابل فهم آهي. پر ان جي املا ٿورڙي مختلف آهي. ۽ ان کي عام طرح ڳالهائڻ واري سنڌيءَ ۾ منتقل نٿو ڪري سگهجي. ڪل ٽي ممڪن معنائون نڪرن ٿيون، يعني (1)'منهنجو دڙو' (2) 'مئن جو دڙو' (3) 'موهن جو دڙو' انهن مان پهريان بہ فقرا واقعي ڪان بعد تيارڪيل آهن. چاڪاڻ تہ انهن مان'جو دڙو' ڪڍي ڇڏجي تہ باقي مانده 'منهن' يا 'مئن' اسم بہ نہ آهن. تنهن ڪري ڪنهن جاءِ يا وسيل شهر جا نالا نٿا ٿي سگهن ۽ آخري بہ لفظ يعني "جو" ۽ 'دڙو' هن ڳالهہ جا ثبوت آهن تہ اهي نالا بعد ۾ ڏنا ويا آهن. باقي ٽين نالي جو تنقيدي جائزو ونجي. (موهن جو دڙو) تہ اهو نالو سنڌي زبان مطابق بلڪل صحيح ۽ درست آهي ۽ نَ'جو اگر جيڪو بالاعالن استعمال ٿيل آهي، سنڌي زبان جي اصول مطابق بلڪل صحيح آهي ۽ بنا ڦيرگهير جي سنڌيءَ ۾ منتقل ٿي سگهي ٿو. انهي ڪري اسان کي انهن ڏنل نالن ڪان ٻاهر نڪري ڳولها ڪرڻي پوندي.

6. املا ۽ معنيٰ ٻئي هڪ ٻئي ڪان مختلف آهن ۽ نالو بعد ۾ رکيو آهي .

7. سرزمين جو مهاڻن سان ڪو واسطو زوري ۽ ڇڪتاڻ سان قائم ڪيو ويو آهي. 'دلمان' ۽ 'نل موهن' جو هم معنيٰ ٿيڻ يا سنڌو ماتري جي تهذيب جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’دلمان‘ سنا رشتو به نه صرف قابل اعتراض بلڪ نامناسب به آهي. اهو لفظ جيڪو سنڌو ماتريءَ جي تهذيب جي شناخت آهي اهو ’ميهونا‘ آهي.

8. اعتراض نمبر5 ۾ ذڪر ڪيل لفظ ”موهاڻ“ بابت ڪي وضاحتون.

9. بي شڪ بعد ۾ جيڪي شيون لڌيون ويون آهن اهي ان دور جون آهن جڏهن ’مئن جو دڙو‘ ٻڌمت جي مڄڻ وارن جي قبضي ۾ هيو. ليڪن ان کي ’مهايانا‘ ڳنڍيو ويو. حالانڪ مهايانا جو مذهبي تصور تمام گهڻو وقت پوءِ دير سان وجود ۾ آيو، جيڪو ٻاهرين اثرن جو نتيجو هيو جو ته ستين صدي عيسوي ڌاري هيون سنگ (Hiuon Tsange) چوي ٿو سنڌ ۾ هن ٻڌمت جا جيڪي به مجسما ڏٺا، اهي ’هنايانا‘ مڪتب خيال سان تعلق رکندڙ آهن. هن سلسلي ۾ ميرپور خاص کي جدا رکڻو پوندو، جنهن تي ٿر ۽ پارڪر جي رستي ماڙو يومي (يوت) يعني مارواڙ جو اثر پيو. پر موهاڻا يا موهن جو دڙو ته ان کان ڪافي مدي کانپوءِ ظاهر ٿيو آهي.

10. نالن جي جوڙ جڪ مان جيڪڏهن پويون حصو (Daro) جنهن کي دڙو يا ديرو به پڙهي سگهجي ٿو (ٻني نالن مان) ڪڍي ڇڏجي ته پوءِ مين جو دڙو ۽ منهنجو دڙو جي جاءِ تي صرف ’دڙو‘رهجي ويندو. جيڪو نج سنڌي زبان جو لفظ آهي. جنهن لاءِ ممڪن آهي ته قوت سماعت يا اُچار جي خسيس نقص ڪري صحيح لفظ پلئي نه پيو هجي. جنهن سبب ڪري معنيٰ ۾ به فرق پئجي ويو هجي.

متي بيان ڪيل مصنف جي خيالن سان به امڪان ٻيا به جوڙي ڇڏجن ته پوءِ بهتر ٿيندو. انهن مان هڪڙو امڪان ’انڊيا جا فلسفا‘ نالي انگريزي ڪتاب تان ورتل آهي. هن ۾ ارٿ شاستر تان ورتل هڪ جملو بادشاه جي مان، مرتبي ۽ محلات بابت آهي. اهوجملو هئين آهي ته ”بادشاه کي پنهنجا رهائشي محلات پنهنجي خزاني ۽ زر و جواهرات رکڻ واري جاءِ جي ڊزائن مطابق ٺهرائڻ گهرجن. يا وري هن کي پنهنجا رهائشي محلات هڪ اهڙي ڪوٽ ۽ عالم پناه (ماموهانا ڳڙها) جي گهيري اندر ٺهرائين جنهن کي ڏسي ائين لڳي ته هتي محل نٿو ٿي سگهي ۽ ان مان سيني جي وچ مان هڪ خفيه رستو (سرنگ) خطرناڪ حالتن ۾ ٻاهر نڪرڻ لاءِ ضرور هئڻ کپي يا ڪو خفيه ڪمرو. “ هت پڙهندڙ ’موهن ڳڙها‘ جو لفظ پڙهي سوچڻ ۽ ويچارڻ تي مجبور ٿي ذهن ۾ ان جي تصوير مڪمل ڪندو.اهو ٻن لفظن مان ٺهيل هڪ مرڪب لفظ آهي يعني ’موهن ۽ ڳڙها‘ جنهن جي معنيٰ آهي، خفيه جاءِ، ڪمرو يا رستو.

چاڪاڻ ته مئن جي دڙي تي تباهيءَ کان اڳ ۾ ٻڌمت جي مڄڻ وارن جو قبضو هيو. ان ڪري انهي ڳالهه جي تصديق انهن استوپائن (ٻڌ مت جا مندر)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاص ڪري وڏو ۽ خاص اسٽو ۽ نذر نياز لاءِ ٻين ننڍن استوپائن مان ٿئي ٿي. مئن جو دڙو(موهنجو دڙو) عين ممڪن آهي تہ مهندر (جيڪو اشوڪ جو پاءُ يا ڪن تاريخي ڪتابن مطابق پٽ هيو) مان نهيل هجي. توڙي جو هن ڳالهہ جي ڪا تاريخي يا زباني، روايتي ثابتي ڪانہ ٿي ملي. مهندر مختف علائقن ۾ ٻڌ مت جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ تبليغي اجتماعات ڪرائيندو رهندو هو. ممڪن آهي تہ ٻڌ قوم جڏهن موهن جو دڙو ڇڏيو هجي، ان ڪانپوءِ ماڻهن ان لفظ کي برقرار رکيو هجي، جيڪو تمام معمولي تبديليءَ سان اڄ تائين هلندو پيو اچي. ان مان پائنجي ٿو تہ ان جو نالو 'مهندر جو دڙو' هجي جيڪو وقت گذرڻ سان "موهنجو دڙو" جي شڪل اختيار ڪري ويو هجي.

مونکي پڪ آهي تہ سنڌي ۽ انهي سلسلي جي ٻين زبانن جا ٻيا ڪئي لفظ لغوي اعتبار کان هڪ ٻئي سان هڪ جهڙائي ۽ ويجهڙائپ رکڻ جي ڪري تحقيق ۾ وڏي مدد ملندي. اسان لفظ موهن جو تجزيو ڪري ان جي معنيٰ ۾ گذريل هزارين ورهين اندر جيڪي تبديليو آهيو، انهن جو ڪو اندازو لڳايون. توڙي جو اهو ڪم ٻوليءَ جي ماهر تي فرض آهي. اسنا کي هن لفظ (موهن) سان ملندڙ جلندڙ ٻين لفظن جو پيٽائڻ ضروري آهي. جيئن باقاعدي معنيٰ ۽ اشتقاق تائين پهچي سگهون. مڪن لفظ اهي ٿي سگهن ٿا .

1. موهين، مهين، يا منهن

2. مهہ يا موهہ

1. جامع سنڌي لغات (سنڌي ادبي بورڊ سال 1988) جي ص 11-2710 مطابق لفظ 'ن' جي خفي اچار ۽ 'م' بالاعلان ۽ بالشد، جون ستر معنائون آهن. جن کي مفهوم مطابق نون قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. منهہ يا چهرو، در يا منعي، ڪنارو يا ڇيڙو، احترام ۽ تقدس، وقار ۽ شان وشوڪ، اصل يا شروعات، سمت يا پاسو، رستو ۽ دروازو، ۽ پين جي ڪٽ / قط. گرامر جي لحاظ سان لفظ جو ٽي صورتون ٿي سگهن ٿيون .

1: موهہ، 2: مهن ۽ 3: مهائين. ان ڪانسواءِ ٻہ لفظ مَوهن ۽ مُوهن جيڪي شڪل ۽ املا جي لحاظ سان هڪ جهڙا آهن سواءِ ان فرق جي تہ پهرين ۾ 'مَ' تي ڏنل پيش (و) خون جي "خُو" جهڙو اونهو آهي ۽ ٻئي ۾ 'مو' ڪوٺ جي 'ڪو' وانگر آهي. ٻنهي جي معنيٰ متي ڏنل ٽن لفظن جي معنائن جهڙي آهي ۽ انهن مان ڪا بہ هڪڙي معنيٰ جيڪا موهن جي دڙي جهڙي ٻين الا قوامي شهر جي شان مطابق هجي، اهائي هتي لاڳو ٿي سگهندي.

2. لفظ موهہ جا 40 ڪان وڌيڪ لهجا، اچار ۽ معنائون آهن. جن کي ڇهن طريقن ۾ محدود ۽ مخصوص ڪيو ٿو وڃي. (1)پيار، لڳاءُ (2)عشق ۽ تعلق



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(3)ڪشش يا چڪ ۽ هوس (4)خواهش ۽ شفقت (5) گهٽو شوق ۽ غمزدگي (6) جنون يا معصوميت ۽ لاعلمي. گرامر جي لحاظ.ڪان ان جون ٽي معنائون ٽي سگهن ٿيون. موهہ (Mohu) موهين (Mohen)يا موهاني (Mohani) ۽ موهائي (Mohaee) يا موهٽو (Mohino)

لفظ موه يا موها جيڪو حقيقت ۾ صحيح لفظ آهي، جيڪڏهن انهن کي جمع ۾ تبديل ڪجي تہ موهن يا موهائي ۾ تبديل ٿي ويندا. انهن مان پهرين ۾ 'ن' بالخفا ۽ پوئين ۾ ن بالاعلان آهي. جنهن جي معنيٰ آهي محبتون، سهٽيون (سونهن جو جمع) ، سحر انگيز ۽ خوابي ڪيفيتون وغيره تقريبا ساڳي املا سان ان جي منطقي ۽ مناسب معنيٰ اسير زلف ٿيڻ ٿئي ٿي. موهن جي دڙي کان علاوه ڏکڻ ايشيا جي ٻين شهرن جي نالن جو ذڪر بہ هتي دلچسپيءَ کان خالي نہ هوندو.

موهاڳوٺ هڪ- موهن ڳوٺ – ڏهہ ، موهاني ڳوٺ چار ۽ موهاٽيا نالي سان ٽيرهن ڳوٺ آهن. ان کانسواءِ موهن ندي، موهن ڪوٽ، موهن دريا، موهن ڳوٺ، ۽ موهاٽا ڳوٺ بہ آهن. موهنا ڳوٺ پنج ۽ موهاٽا ڳوٺ بہ آهن. انهن کان علاوه موهن پاس، موهن پور ۽ موهن پورا وغيره بہ آهن.

مختلف فلسفياڻہ اصولن جي مدد سان ڪنهن مناسب منطقي نتيجي تي پهچڻ لاءِ اسان کي هيٺيان طريقا اختيار ڪرڻا پوندا.

1. اولين اهميت لفظ'موهين يا مهين' کي ڏجي. اهو ئي لفظ اڄ ڪلهہ سنڌ جا ماڻهو موهن جي دڙي لاءِ ڪم آڻن ٿا ۽ ان جي اچار ۾ 'ن' جو اکر ناصوڙن مان (بالخفا) ڪڍن ٿا.

2. 'مئهن يا مئن' جي اچار يا سنڌي ترجمي جي ثانوي (ٻي نمبر) اهميت آهي.

3. اسانجي غور ويچار هيٺ جيڪا سرزمين (موهن جودڙو ) آهي، ان جي نالي مان جيڪا معنيٰ جهلڪي ٿي، اهوئي مسئلو اسان جي بحث جو اهم ترين موضوع آهي. جنهن تي اسان کي مڪمل غور ويچار ڪرڻو آهي. ان جي نالي جي مطالعي جو اهو نتيجو ٿو نڪري تہ نالي جو عمل ابتڙ آهي. يا وري سڌو سنئون، نالي جي معنيٰ کي بنياد قرار ڏئي پوءِ باقي مسئلا ان جي زيراثر چوڏاري اٿيا ويندا.

## ڪوزي ۾ درياءُ (سڄي مضمون جو تت)

## موجوده نالي جي املاءَ معنيٰ جي رد ڪرڻ جا اسباب

1. نالو شهر جي تباهيءَ ڪانپوءِ رکيو ويو آهي.

2. مقامي ماڻهو اڄ تائين ان جي نالي جي معنيٰ روايتي ۽ پراڻي انداز ۾ سمجهن ٿا ۽ نالي جو اچار بہ پراڻي نموني روايتي طور ڪدن ٿا .

3. جيڪڏهن ان جي نالي جي معنيٰ کي ان جي نالي جي املا جو بنياد سمجهجي تہ املا Spelling غلط آهي.

4. موجوده نالو، نالي رکڻ جي علم (علم الاسماءِ) جي اصولن جي برخلاف آهي. ان جي موجوده نالي مان جيڪي اطلاعات ۽ پيغامات ملن ٿا اهي بلڪل فرضي آهن.

5. سرزمين جو جهونو ۽ روايتي نالو ۽ ان جي صحيح ۽ روايتي اچار سان بنان ڪنهن مناسب سبب جي هٽ چراند ڪئي وئي آهي ۽ مسخ ڪري ڇڏيا آهن .

6. هن نئين نالي مستقبل ۾ گهربل تحقيق جا در بند ڪري ڇڏيا آهن.

## پراڻي نالي ۽ ان جي سنڌي ترجمي کي تسليم ڪرڻ يا مڃڻ جا عقلي سبب

1. نالو اُچار جي لحاظ کان اصل يا اوائلي ناهي، بلڪ رسمي طور استعمال ٿيندڙ آهي.

2. مقامي ماڻهن يا پرڏيهي عالمن نئون نالو ۽ ان جي اُچار کي قبول نهي ڪيو .

3. پراڻي اِملا ڪافي حد تائين پراڻي اُچار مطابق آهي .

4. اصل پيغام صرف ۽ صرف جهوني ۽ اوائلي نالي جي لفظن جي معنيٰ مان پَسي سگهبو .

5. ايئن ٿو لڳي تہ پراڻن لفظن جي معنيٰ ڳولهڻ لاءِ ڪابہ ڪوشش ڪڏهن بہ نہ ڪئي وئي آهي .

6. روايت پرستيءَ جو تحفظ ڪرڻ انهيءَ ڪري آهي تہ روايتن ڪانسواءِ زبان ۽ ادب جو سرمايو ختم ٿي ويندو.

## بنيادي ۽ اهم نيڪ مقصد

1. سرڪاري طور تي جيڪا اِملا رائج آهي يعني 'مئن جو دڙو'، جنهن ۾ 'ن' بالاعلان اچاريو ويندو آهي، اهو نالو زبان ۽ ادب ۾ محفوظ رکڻ جهڙو ڪونهي. توڙي جو اسان کي ان تي بحث ڪرڻو هجي يا نہ. نہ ئي ان جي معنيٰ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حفاظت ڪرڻ جهڙي آهي، يعني ’مئن جو دڙو‘ ان ڪانسواءِ اهو نالو تعصب تي مبني نہ بہ هجي تڏهن بہ خيالي ۽ تصوراتي ضرور آهي، ۽ خيالي ۽ فرضي نالا زبان وادب، آثار قديمہ ۽ لساني ۽ علمي تحقيق جون راهون بند ڪري ڇڏيندا آهن .

2. روايتي ۽ پراڻي هجي ’موهن جو دڙو‘ جنهن ۾ ’ن‘ جو اچار ’بالخفا‘ نڪ مان ڪيبو آهي، سرڪاري طور تي بلڪل رد ڪيل آهي. مگر عوام ان ڪي سيني سان سانڍي اڄ تائين محفوظ رکيو آهي. حقيقت ۾ اهو ئي نالو سؤ سيڪڙو صحيح آهي. جيڪڏهن هن صحيح نالي ڪي رواج ڏنو وڃي تہ تحقيق جي ذريعي هن شهر جي صحيح نالي تائين پهچڻ ممڪن ٿي پوندو ۽ عالمن ۽ محققن لاءِ نيون راهون کلي پونديون.

3. لفظ مئن جي دڙي جي عام رواجي معنيٰ نہ رڳو مفروضي تي مبني آهي بلڪ بي بنياد ۽ جعلي بہ آهي، اصل ۽ اوائلي نالي وارا لفظ يا انهن جي سنڌي ترجمي جو اصليت سان پري جو واسطو بہ ڪونهي. ليڪن تنقيدي تحقيق ۾ تجزيي لاءِ اجان بہ وڏي ۽ وسيع گنجائش موجود آهي. جنهن ميدان ۾ اهل علم ۽ ٻوليءَ جا ڄاڻو حضرات تمام گهڻي تحقيق ڪري ٿا سگهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 13.سرجان مارشل

## ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ

ڦٽل شهر ۽ کنڊر جن کي آثار قديمہ سڏيو وڃي ٿو، سڀ ڪنهن ملڪ ۾ موجود آهن، ۽ اُهي انهيءَ ملڪ جي تاريخ، تمدن ۽ ثقافت جو يادگار آهن. وادي سنڌ جو موروثي سرمايو بہ انهن دڙن ۽ پڙن ۾ پوريل آهي، جن مان فقط ڪي ٿورا کوٽائيءَ جي ڪري نڪري نروار ٿيا آهن. اهي کنڊر ۽ دڙا سڄيءَ سنڌ ۾ پکڙيا پيا آهن، جن مان ڪن جا نالا هي آهن: الور، ڪاهوءَ جو دڙو، ڪوٽ ڏيجي، موهن جو دڙو، چنهونءَ جو دڙو، رٽي ڪوٽ، آمري، دلور جو پڙو، سيوهڻ جو قلعو، پنيور، سنڌڙي، ڏبو، ٺل رڪڻ، ٺل ڏيپر گهانگهر، لاهري، ڏونرا هنگورا، شاهہ بندر، ڏاراجا ۽ ڪئين ٻيا. انگريزن جي حڪومت ۾ انهن مان ڪي دڙا کوٽايا ويا هئا، جن مان موهن جو دڙو سيني ۾ وڌيڪ مشهور آهي، جن پرڏيهي عالمن هتي جي کنڊرن ۾ دلچسپي ڏيکاري انهن ۾ سر مارٽيمر ويلر، اسٽوئرٽ پگٽ، ايس لئنگڊن، اريسنٽ مئڪي وغيره جا نالا قابل ذڪر آهن. پر جنهن صاحب انهن ۾ حد کان وڌيڪ دلچسپي ڏيکاري ۽ خدمت ڪئي اهو سر جان مارشل هو. هن صاحب نہ فقط موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ ۾ ڀرپور ورتو، پر ان سان گڏ هن موهن جي دڙي ۽ ٽئڪسيلا جي کنڊرن تي مستند ۽ تحقيقاتي ڪتاب بہ لکيا آهن. سرجان مارشل انهن ڪتابن جي وسيلي علمي دنيا ۾ هڪ انقلاب آڻي ڇڏيو آهي، ڇاڪاڻ تہ انهن ۾ ايڏو تہ قيمتي مواد جمع ڪيو ويو آهي، جنهن تي تحقيقات ڪرڻ لاءِ عالمن جي هڪ وڏي جماعت جو هجڻ ضروري آهي.

سرجان مارشل ورهاڱي کان اڳ هندوستان جي آثار قديمہ جي کوٽائيءَ واري کاتي جو ڊائريڪٽر جنرل هو جتان هن 1928ع ۾ رٽائر ڪيو ۽ سندس جاءِ تي مسٽرهرگيوز ڊائريڪٽر جنرل مقرر ٿيو. سرجان مارشل تي مشهور ۽ تحقيقاتي ڪتاب لکيا آهن جي پنهنجو مٽ پاڻ آهن اهي ڪتاب هي آهن.

**موهن جو دڙو:** جنهن ۾ هن موهن جي دڙي جي 1922ع کان 1927ع تائين ٿيل کوٽائيءَ جو احوال قلمبند ڪيو آهي ۽ اتان لڌل نادر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تحفن جو ذڪر محققانہ انداز ۾ ڪيو آهي. اهو ڪتاب ٽن جلدن ۾ آهي. پهريون ۽ ٻيو جلد 716 صفحن ۾ آهي ۽ ٽئين جلد ۾ 164 پليٽون آهن جن ۾ موهن جي دڙي مان لڌل سامان جا فوٽو ڏنا ويا آهن. اهو ڪتاب آرٿر پرابٿيهن 41 گريٽ ريسل گهٽي لنڊن 1931ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.

**ٽئڪسيلا:** هي ڪتاب بہ ٽن جلدن ۾ ورهايل آهي. جنهن ۾ پهرين ٻن جلدن ۾ 1913ع کان 1934ع تائين ٽئڪسيلا جي ٿيل کوٽائيءَ جو بيان ڏنل آهي ۽ ٽئين جلد ۾ 246 پليٽون ڏنل آهن، جن ۾ ٽئڪسيلا مان لڌل نادر نمونن جا فوٽو ڏنا ويا آهن. هي ڪتاب ڪئمبرج يونيورسٽيءَ پريس مان 1951ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

سرجان مارشل جو ٽيون ڪتاب 'گائيڊ ٽو ٽئڪسيلا' يعني تہ ٽئڪسيلا جو سونهون آهي جو پڻ آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ مان 1960ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. هن ڪتاب ۾ ٽئڪسيلا ۽ ان سان لاڳو مختلف ماڳن ۽ کنڊرن جو ذڪر ڪيل آهي ۽ انهن جو خاڪو پڻ ڏنل آهي. اهو ڪتاب شايد انهيءَ مقصد سان لکيو ويو آهي تہ جيئن ڪو بہ عالم جيڪڏهن اهي کنڊر ڏسي تہ کين انهن متعلق ڪجهہ ڄاڻ ملي وڃي. جن کنڊرن ۽ ماڳن جو انهيءَ ۾ ذڪر ٿيل آهي، اهي هي آهن: ڀير، سرڪاپ، جنديال، سرسخ، چيرٽوپ، گڊار مهرا، ڪالاوان، گيري، ڪُنالا، گهائي، جَوليان، يَمالا ۽ ڀالار. خاڪن سان گڏ انهن کنڊرن جي تاريخي اهميت، انهن جي کوٽائيءَ جي احوال ۽ انهن جي هڪ ٻئي سان تاريخي، ثقافتي ۽ تمدني ميلاپ جو پڻ ذڪر ٿيل آهي.

سرجان مارشل جيڪو موهن جي دڙي تي ڪتاب مرتب ڪيو آهي ان ۾ قديم سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ تمدن تي اهڙي تہ سهڻي نموني ۾ محققانہ روشني وڌي ويئي آهي، جو ڄڻڪ سالن جي وڃايل سوکڙي سنڌ کي واپس موٽي ملي هجي. موهن جي دڙي کي دنيا سان واقفيت ڏيڻ لاءِ سڀ کان اڳ سرجان مارشل هڪ اعلان ڪيو جو اُلسٽريٽيڊ لنڊن نيوز جي 20 سيپٽمبر 1924ع واري اشاعت ۾ پرو ٿيو. انهيءَ اعلان ۾ مارشل صاحب اها دعويٰ ڪئي تہ "اڄ کان پنج هزار سال اڳ سنڌ ۽ پنجاب جا ماڻهو تمام سٺيءَ طرح ٺهيل شهرن ۾ رهندا هئا. سنڌن تهذيب پختي ۽


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جامع هئي ۽ وڻن هنر ۽ ڪاريگري چوٽ تي هئي ۽ سندن لکڻ جو طريقو بہ نهايت ترقي يافتہ هو.”

موهن جي دڙي جو پهريون جلد ڪيترن ئي حصن ۾ ورهايل آهي جن ۾ کنڊرن جي کوٽائي، لڏل شيون، قديم يادگار، صنعت ۽ حرفت، مذهب، ثقافت ۽ تمدن جو بنياد، مئلن جي پورڻ جوطريقو، سنڌو سيپتا جو دائرو، سٽوپا ايراضي، اڏاوتن جو نمونو، سادو ۽ چٽيل ٺڪراٺو، ماڻهن ۽ جانورن جا پُتلا وغيره. انهن عنوانن تي نهايت تحقيقي مضمون ڏنا ويا آهن.

ٻيو جلد جو نهايت اهم آهي ان ۾ مُهرن ۾ لکيل فرحين، سنڌو رسم الخط جا نشان، سنڌو قديم صورتخطي، گهرو ڪم جو سامان، پتل ۽ ڪنجهي جا برتن، شخصي زيورات، رانديون ۽ رانديڪا، تور ۽ ماپ جا اوزار، ماڻهن جا لاش، جانورن جا هڏا، ڌاتو ۽ معدنيات وغيره تي جامع ۽ معلوماتي مضمون آهن. سرجان مارشل جو چوڻ آهي تہ انساني کوپڙيون يا هڏا جيڪي مليا آهن، سي نهايت ئي قديم ماڻهن جا آهن، جن مان ڪي نيو لٿڪ، چالڪولٿڪ، پروٽو آسٽرين ۽ منگولائيڊ جنس جا آهن، انهيءَ مان ثابت ٿو ٿئي تہ سنڌو واديءَ ۾ انسان ذات جي شروعات ٿي آهي ۽ نئين پٿرائين دؤر ۽ ٽامي جي دؤر ۾ انساني تهذيب جي ارتقا پڻ هجرت ڪري پهرين دکن ۽ پوءِ وادي سنڌ ڪي وسايو. دکن جنهن کي گونڊوانا کنڊ جو هڪ حصو سمجهيو وڃي ٿو، دنيا ۾ انهن ٿورن ٺڪرائتي ٽڪرن مان هڪ آهي، جو ڪڏهن بہ سمنڊ جي هيٺ نہ رهيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو دکن جي دراوڙي ٻولين جو سنڌ ۽ بلوچستان جي ٻولين سان گهاٽو سبنڌ آهي.

کنڊرن مان مليل مورتن بابت سرجان مارشل جو چوڻ آهي تہ موهن جي دڙي جي قديم ماڻهن جون اکيون اڌ کليل آهن ۽ سوڙهيون پڻ آهن. سُميري ۽ موهن جي دڙي جا ماڻهو ٻن مختلف نسلن جا آهن ۽ هن اها راءِ ظاهر ڪئي آهي تہ سنڌ جا قديم ماڻهو يا تہ منگول نسل مان هئا يا تہ مورڳوئي پروٽو آسٽريليڊ هئا. ساڳئي وقت اها بہ راءِ ظاهر ڪئي اٿس تہ موهن جي دڙي جي ماڻهن جا ڳاٽا ننڍا، ٽلها ۽ طاقتور هئا ۽ اهي اهڃاڻ بابل جي ماڻهن ۾ پڻ ڏنا ويا آهن. ان ڪري موهن جي دڙي جا ماڻهو ۽


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 14. موهن جي دڙي وارو اڏاوتي ڏانءُ

## نياز رسول

اڏاوت ۽ ٻئي ڏانءُ جيان ماڻهو جي بنيادي ضرورتن مان ڦٽي نڪتي آهي. موهن جي دڙي جي ماڻهن تي ٻه ٻول ڳالهائڻ کان پهرين سندن وڏڙن جي هن ڏات ۾ ڏانءُ تي ڪجهه تيڪا ٽپڻي ڪرڻ جي ضرورت آهي، هن پيٽوار اپياس وسيلي اسان کي موهن جي ماڻهن جي اڏاوتي ڄاڻ کي پرکڻ جي سهائتا ملندي. اسان کي هتي اسلام آباد ويجهو سون ماتريءَ واري پنج لک سال پراڻي پتردورکيٰ ڇهٽو ڪونه پوندو. ان ڪري جو ان ماڳ تي ڪنهن اڏاوت جا اهڃاڻ ڏسڻ ۾ ڪونه ٿا اچن. ان ناتي اسان کي بلوچستان جي تاريخي دور کان اڳ وارن ڳوٺن ڏانهن اچڻو پوندو جيڪي پنج هزار سال ق.م پراڻا آهن. هتي اسان کي هيءَ نرالي ڳالهه ڏسڻ ۾ ايندي جو هن جوءِ جا ماڻهوٗ ٻني ٻارو ڪندا نظراچن ٿا ۽ سندن لاڳاپو راهڪ سماج سان آهي. هنن پنهنجي سِرَ بچاءَ ۾ مٽي ڇانو لاءِ گهرٻه جوڙيا هئا، جيڪي ڪچين سرن سان اوساريل آهن. سنڌ جي خيرپور ضلعي جي هڪ قديم ماڳ ڪوٽ ڏجي ۾ ٻه هڪ سٺي اڏاوتي شروعات ڏسجي ٿي. هن ماڳ ۾ قلعي جي پٽ، هڪ ٺنڊ جي روپ ۾ موجود آهي. جنهن کي ڏسي ماڻهو اچرج ۾ اچيو وڃي. اها پٽ مٽي ٻه گهٽي آهي ته ٿلهي ٻه ڏاڍي آهي. پيڙهه ٽڪريءَ تي ٻيهاريل اٿس. هيٺين پاسي اڻ گهڙيل پٿر ۽ مٽي ڪچيون سرون ڪم آندل آهن. گهر ديگهه ۾ ويڪر ۾ سوڙها آهن. انهن جا ٻه هيٺيان پاسا اڻ گهڙيل پٿر سان ۽ مٿيان پاسا ڪچين سرن سان اوساريل نظر ايندا.

موهن جي دڙي جي ماڻهن پنهنجي مهان سڀيتا (جنهن کي دنيا سنڌو- سڀيتا جي نالي سان سڃاڻيندي آهي) جي شروعات ڪئي، تنهن کان اڳ هتي سنڌو- ماتريءَ ۾ هن نموني جون سڌيون ساديون اڏاوتون هونديون هيون. موهن جي دڙي جي دريافت سنه 1922ع ۾ ٿي آهي. هيءَ سنڌو سڀيتا جي ناتي هڪ نهايت ئي سگهارو ماڳ آهي، جيڪو سنڌ جي لاڙڪاڻي ضلعي ۾ واقع آهي. هن ٿاڪ پراچين اڏاوت جو هڪ نئون گهٽ کوليو آهي. هن مهان ماڳ تان جيڪي ٻه وٿون هٿ لڳيون سي نه رڳو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دلچسپيءَ لائق آهن، پر انهن کي ڏسي ماڻهو اچرج کان وائڙو ٿي وڃي ٿو ۽ سمجهڻ لڳي ٿو تہ موهن جي دڙي جا ماڻهو ڏاڍا ڏاها ۽ ڏات ڏٺي هئا ۽ هن سنسار جي هر ڪلا ۾ مهان ڪلاونت هئا. سندن اڏاوتون بنا سنجٽ ۽ سينگار جي آهن، پر پوءِ بہ ان دوَر جي سِپني تعميراتن کان اوچيون ۽ اڳاٽيون آهن. سنڌو- سڀيتا جي هن وڏي شهر جي کجهہ ڀاڱي جي قديم آثارن جي ڪوڏر وسيلي صفائي ٿي چڪي آهي ۽ اتان دريافت ٿيل اڏاوتون گهرن جي جڳهن سان لاڳاپو رکن ٿيون.

موهن جي دڙي جي جوڙيندڙن جون اوساريل هي اڏاوتون ڏاڍيون ساديون آهن ۽ ان سادگيءَ ۾ اڏاوتي ڏات جي مهانتا بہ آهي. هنن تعميراتن ۾ جيڪو معياري سامان ڪتب آندو ويو آهي، تنهن ۾ بہ پنهنجي هڪ عظمت، موهہ ۽ جادو آهي. شهر جي تعمير لاءِ جوڙيل رٿابندي ۽ ڪني پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ ڪسين جو مهاڄار موهن جي دڙي جي مهانتا جا آنند چٽ، اهڃاڻ آهن. هن پراچين ٿاڪ جي کوٽائي ۽ کوجنا سرجان مارشل ڪرائي هئي، جيڪو شروعاتي کوٽائي ڪرڻ وارن ماهرن مان هڪ هو. هن موهن جي دڙي واري شهر جي سڌريل ۽ ترقي يافتہ رٿابنديءَ جا هنن ٻولن ۾ ساراهہ جا ڏِڪ پريا آهن. ”جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڦهريون پيرو موهن جي دڙي جي گهٽين کان گهمندو تہ ائين ڀائيندو تہ موجوده دور جي لنڪشائر شهر ۾ گهمي رهيو آهي “ ۽ سرمارٽيمر ويلر پنهنجي ٻهہ ٻهہ ٻولن ۾ وائي هن ريت سٽائي آهي تہ ”موهن جي دڙي جي مکيہ گهٽيءَ جي رٿابندي ائين لڳندي جڻ هيءُ نيويارڪ جي برڊوي اسٽريٽ آهي. “

موهن جي دڙي ۽ دنيا جي ٻين مکيہ سهيوڳي سڀيتائن جي اڏاوتن ۾ فرق هيءُ آهي تہ هن دڙي واري شهر جي اڏاوتن ۾ ڪم آندل پڪي سر مڪمل چوڪنڊي پڪل ۽ هڪ ئي ماپ جي آهي. مصر جي کنڊرن ۾ بہ اها ڳالهہ نظر ڪانہ ايندي، جتي اسان کي پڪيءَ سر جو استعمال ايڪڙ ٻيڪڙ ڏسڻ ۾ ايندو. جاڪاڻ تہ هتان جا ماڻهو پٿر جي استعمال تي هريل هئا. سمير جي قديم اڏاوتن ۾ مستوي معدب Plano Convex سرون ڪم آندل ڏسجن ٿيون، جيڪي چوڪنڊيون گهٽ آهن. سندن شڪل چوڪنڊي، وڙ ۾ سنهي، ترُ ۾ پاسا تراکڙا ۽ سڌا پر مٿيون پاسو گول آهي. قديم بابل ۽ مصر ۾ ونگ ڏسجي ٿو، پر موهن واري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڳ ۾ سرن جي هرپال کي اڳتي وڌائي ونگ ۾ڏي ويئي آهي جنهن کي Corbelled arch سڏجي ٿو. سمير ۾ گول ٿلهن ۽ ٿنڀن جي ورجيس هئي. موهن جي دڙي وارن ماڻهن کي جڏهن ٿلهن جوڙڻ جي لوڙ پوندي هئي ته اهي ڪڏهن هر چورس ۽ ڪڏهن چوڪنڊا ٿلهه ٺاهي وٺندا هئا. پر لڳي ائين ٿو ته موهن جي دڙي جي پر پاسي ۾ ڪاٺ جام هو، تنهنڪري هتي ڪاٺ جي ٿنڀن جي ڪم آڻڻ جي ورجيس هوندي. هتي اهو پڻ ڏسڻ ۾ ايندو ته اهر جڳهن جون پٽيون سلاميءَ واريون آهن، جيڪي چوٽيءَ ڪان وٺي پيڙهه تائين هوريان هوريان لهورايون ٿينديون نظر اچن ٿيون. قديم بابل ۾ پٽ جوڙڻ جي هيءَ ورجيس ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي. پر اهڙي ورجيس جون پٽيون مصر ۾ جام آهن. موهن جي دڙي جي پٽين جي اڏاوت مان اها ڄاڻ ملي ٿي ته هتان جا راڄا سادگي پسند هئا ۽ پٽين جو سنجٽ ۽ سينگار ڪين ڪونه وٽندو هو. ايتري قدر جو گهرن جي پٽين جو ٻاهر ته سادو سودو آهي پر اندر به سنجٽ ۽ سينگار کان خالي ڏسبو. موهن جي دڙي جي جڳهن جي سونت، ڪاريگرن جي اڏاوتي سيپتائي جي ساکيَ نظرايندي. چاڪاڻ ته اهي انساني ضرورتن جي مڪمل پورائي پٽاندر آهن ۽ اهائيَ هتان جي اڏاوتن جي انوکي ۽ نرالي ورجيس آهي. هتي ٻي مکيه ڳالهه هيءَ ڏسڻ ۾ ايندي ته هتان جي ماڻهن جي طرز زندگيءَ ۾ گهٽي وڇوٽي ڪانه آهي، جيڪڏهن هتان جي ماڻهن جي معيار زندگي ۾ سماجڪ درجه بندي هجي ها ته گهرن جي اڏاوتن ۾ به اهڙي وڇت ڏسجي ها. پر ٻين سهيوڳي سيپتائن ۾ اهڙي وڇوٽي ۽ وڇت چٽي نظرايندي. ان جي ڀيٽ ۾ هتان جي جڳهن جي اڏاوتن ۾ هڪجهڙائي هئي، جنهن مان ڄاڻ ملي ٿي ته هتي سماجڪ ۽ اوچ نيچ وارو ڍانچو ڪونه هو.

موهن جي دڙي جي اڏاوتن جو وڏو انگ گهرن تي مشتمل آهي، جيڪي ننڍا وڏا ضرور آهن پر منجهن مکيه اڏاوتي ڳڻ هڪ جهڙا آهن. ننڍن گهرن ۾ به ڪوٺيون آهن پر وڏن گهرن ۾ اهڙين ڪوٺين جو انگ ڏهه يا ڏهن کان وڌيڪ آهي. شهر جا مکيه رستا اتر ڏکڻ ۽ اوڀر اولهه آهن. گهر به انهن جي سڌ ۾ اڏيل آهن جن جا در پاسي وارين گهٽين ۾ کلندا هئا. اهڙو گهر نظر ئي ڪونه ايندو جنهن جو درسنئون سڌو مکيه رستي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏانهن ڪلندو هجي. انهيءَ زماني ۾ گهر آڏو اڱڻ رکڻ جي ورجيس هوندي هئي. تنهن ڪري ڪمرا مرڪزي صفي يا منڊپ جي چوڌاري اڏيا ويندا هئا. گهر جي اڏاوتن ۾ تمام سهڻيون ۽ معياري سرون ڪتب آنديون ويون آهن. اهڙو ذڪر مٿي به ڪيو ويو آهي. اوساري گاري سان ٿيل آهي. اڏاوتن کي وڌيڪ سگهاري بنائڻ لاءِ ڪن جڳهن جي فرش ۽ ڪنڌن تي گچ ۽ گاري کي ملائي استعمال ڪيو ويو آهي. رازن اوساريءَ ۾ به متا ڪم آندا آهن. ڪٿي اسان کي هڪ ئي بار ۾ سرون واري سان منڊي ۽ لام ۾ ڪم آندل نظر اچن ٿيون ڪٿي وري هڪ ساري بار ۾ سر لام ۾ ڪتب آندل آهي ته ٻئي بار ۾ منڊي ۾ ڪم آندل ڏسجي ٿي، منڊي واري طرز کي فليمش Flemish ۽ لام واري طريقي کي انگلش English ۽ بانڊ Bond سڏيو ويندو آهي.

موهن جي دڙي جي گهرن جي اڏاوتن ۾ ٻيا سوگڻ هي آهن ته هر گهر کي پنهنجو سنان Bath Room الڳ آهي ۽ ان جي اڏاوت ۾ تمام گهڻو ڌيان ڏنو ويو آهي. گندي پاڻي جي نيڪال لاءِ جوڳو بندوبست ٿيل ڏسبو جو ڪٿي به پاڻيءَ جي هڪ ڦڙي بيهڻ جو به امڪان نظر ڪونه ايندو. سنان واري هنڌ تي چمڪدار سرون ڪم آندل نظر ايندين. انهيءَ لاءِ جيئن پاڻي هيٺ سمي نه سگهي ۽ سمورو پاڻي سولائيءَ سان وهي ٻاهرهليو وڃي. مٿان ماڙيءَ واري پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ گهر جي پٽين ۾ ناليون ٺهيل آهن. اتان پاڻي وهي گهٽين ۾ ٺهيل پاڻي جي نيڪال لاءِ ڪشادين ڪسين ۾ وڃي پوندو هو. گهرن جي ڪمرن جي ٽن مختلف شين وسيلي فرشبندي ٿيل ڏسجي ٿي. هڪڙن ۾ سنهي پتجهوءَ جو پراءُ ٿيل آهي. ڪن گهر جي فرش ۾ پڪيون سرون ڪم آيل نظر اچن ٿيون. فرشبندي جو پهريون نمونو عام جام آهي، پر پويان ٻئي طريقا ورلي نظر ايندا.

هن وقت تائين اهڙيون درين واريون اڏاوتون گهٽ نظر آيون آهن. ڪوتائي مان اهو به پتو پيو آهي ته موهن جي دڙي وارا گهر به ماڙ هوندا هئا. مٿينءَ ماڙيءَ تي وڃڻ لاءِ ڏاڪڻيون ٺهيل هونديون هيون، جيڪي اُڀيون ۽ سوڙهيون آهن. ويساهه جوڳين شاهدين جي آڌار تي چئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهجي ٿو تہ چتيون تراڪڙيون هيون ۽ منجهن ڪامون ۽ پنيون ڪم آنديون ويون هونديون.

گهر جي اڏاوتن کان سواءِ موهن جي دڙي ۾ هڪ انوکي نموني جون بيون تعميراتون بہ ڏسڻ ۾ اينديون، جيڪي بئي هنڌ موجود ئي ڪونہ آهن. هتي ڪني پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ هڪ بهترين نظام موجود آهي. جيڪو شهر جي گهر گهر تائين پکڙيل آهي. ان کان سواءِ عام ماڻهوءَ جي استعمال لاءِ کوهہ ۽ سنان بہ نهيل آهن. اهم ڳالهہ اها بہ آهي تہ هتي وڏو سنان Great Bath بہ تعمير ٿيل آهي ۽ پڪين سرن سان اوساريل آهي. هتي ڪسين جو گهڻو تعداد پڪين سرن سان ڍڪيل آهي، پر جيڪي ڪجهہ ويڪريون آهن تن کي وري پٿر جي داٻڙن سان ڍڪيو ويو آهي. ڪي ڪسيون وري گهٽيون ويڪريون آهن جو انهن کي پٿر جي داٻڙن سان ڍڪڻ ممڪن ئي ڪونہ هو. مذڪوره ڪسين کي وراٽو ڪنداٺتو نہ پرگولاٺتو آهي. انهيءَ لاءِ تہ جيئن ڪني پاڻيءَ جي وهڪري ۾ ڪا روڪ يا رنڊڪ نہ ٿئي.

ساڳيءَ ريت آئي وئي جي استعمال لاءِ ٺاهيل عوامي کوهن جو اندريون حصو بہ هڪ ماپ جو ڪونہ آهي. هنن کوهن جي اڏاوت ۾ بہ خاص ڏيان کان ڪم ورتو ويو آهي. سرون مختلف ڪالبن جون آهن پر سندن هڪ پاسي کان منڊو ويڪرو ۽ ٻئي پاسي سوڙهو آهي. آئي وئي لاءِ نهيل سنانن جي فرش کي بہ ڏاڍي ڏاهپ سان جوڙيو ويو آهي. موهن جي دڙي واري شهر ۾ اهڙا کوهہ تمام گهڻا هوندا هئا. خوش قسمتيءَ سان اهڙن کوهن جا فرش سلامت آهن. گهرن وارن سنانن جا فرش ايڏا سنا ڪونہ هئا، تنهنڪري اکڙي ويا آهن. اهڙي قسم جي سنانن ۾ ڪاراهي سان وڍيل سرون ڪتب آندل آهن. انهيءَ لاءِ تہ جيئن فرش جي مٿاڇري جي سنوت سڌي رهي. ڪن سنانن جي فرش ۾ مينا Enamel استعمال ڪئي وئي ٿي پائنجي، جنهن جو رنگ گهاٽو ڳاڙهو آهي. اها ڪهڙي شيءِ آهي، تنهن لاءِ کوجنا جاري آهي. پر پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ اهو چمڪدار روغن نہ آهي ڇاڪاڻ تہ تمام گهڻو لسو آهي.

عام ماڻهن جي سنانن مان سيني کان وڏيڪ اهم وڏو سنان آهي، جيڪو 35 فوٽ ڊگهو، 23فوٽ ويڪرو ۽ 8 فوٽ اونهو آهي. هيٺ لهڻ لاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بنهي پاسن کان ڏاکڻ اتس ۽ سهيوڳي ثقافتن ۾ هڪ نرالي عاليشان اڏاوت آهي. وهنجڻ جي وڏي تلاءُ جي چوڌاري ني وِرانڊا ڪيتريون ڪوٺيون ۽ راهداريون به نهيل آهن. هن قسم جي اڏاوت ۾ ڪم آندل سرون تمام سنيون آهن. انهن جي اوساري ڳچ سان ٿيل ٿي پائنجي. وهنجڻ جي ان تلاءُ جي پاڻيءَ کي سمڻ کان روڪڻ لاءِ ان جي پٽين ۽ تري ۾ ڏامر جو هڪ ته وڇايو ويو آهي.

موهن جي دڙي جي ماڻهن ۾ اڏاوتي ڏات گهڻ پاسائين هئي، جيڪا اجا تائين پوريءَ ريت نڪري نروار ڪانه ٿي آهي. چاڪاڻ ته هن ماڳ جو فقط ٽيون حصو کوٽي ظاهرڪيو ويو آهي. باقي رهندڙ به حصا اجا به کوٽائيءَ کان وانجهيل ۽ پوريل آهن. وڌيڪ کوٽائي نه ٿيڻ جا به ڪي اهم ڪارڻ آهن. سنه 1922ع کان 1927ع جي پن کوٽاين کان پوءِ ائين محسوس ٿيڻ لڳو ته جڳهين جي اڏاوتن تي سيڪ ۽ ڪلر جو حملو ٿيوآهي، چاڪاڻ ته جر واري پاڻيءَ جي سطح گهٽو مٿي چڙهي آئي هئي . سم ۽ ڪلر ڪري اڏاوتن کي ويتر به چيهو رسيو آهي. هنن بنهي آپدائن ڪري قديم آثارن جي باقيات کي ڏادو هاجو رسيو. ايچ. جي. پليندر ليٿ H.J Plunder Leith جو بيان آهي ته ”جيڪڏهن هن ماڳ کي محفوظ نه ڪيو ويو ته ايندڙ ويهن - ٽيهن سالن اندر کوٽائي ٿيل ماڳ به تباهه ٿي ويندو ۽ سنڌو سڀيتا جي باک قٽيءَ وارو اهو ماڳ هميشه لاءِ ختم ٿي ويندو.“

پاڪستان جي قديم آثارن واري کاتي محدود وسيلن هوندي به پنهنجي پاران هن باقيات کي بچائڻ لاءِ وڏا وس ڪيا ويا آهن پر اهڙا جتن ۽ جاکوڙ هن مسئلي جو حل ڪونه آهن. پاڪستان سرڪار سن 1960ع دوران يونيسڪو UNESCO سان هن ڏس ۾ ڳالهه ٻولهه هلائي هئي. اطمينان بخش ڳالهه هيءَ آهي ته يونيسڪو UNESCO جي ميمبرن تي مشتمل هڪ مشن هن ماڳ تي اچي جائزي وٺڻ کان پوءِ 1972ع ۾ ٻيو پيرو 8.23 ملين روپين جي هڪ رٿا تيار ڪئي هئي ته جيئن انسان ذات جي هن عظيم ورثي کي بچائجي ۽ محفوظ ڪجي. اميد آهي ته هن منصوبي تي جلد ئي ڪم شروع ڪيو ويندو. اهي ڏينهن پري ڪونه آهن جو قديم آثارن جي کوٽ جي سهائتا سان هن قديم ماڳ جو مٽيءَ سان ڍڪيل وڏو حصو نڪري نروار ٿيندو ۽ قديم دور جي هن عظيم شهر جو سارو ڏيک اسان جي اکين آڏو ظاهر ٿي پوندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 15. موهن جي دڙي مان هٿ آيل ڳهه ڳٺا

مسعود الحسن

پراچين سمي کان وٺي هار سينگار ڪرڻ انسان جي ذاتي ۽ فطري خواهش رهي آهي. قديم دور جي ماڻهوءَ سڪل گاهه، ولين جي ڏانڊين، جانورن جي هڏن ۽ پکين جي کنڀن، سنگن ۽ ڀانت ڀانت جي رنگين ٻجن سان پاڻ کي سهڻي بنائڻ جا جتن ڪيا آهن. هن ڪان پوءِ سندس ٻي جاکوڙ اها هئي جو هن ڪاٺ کي اُڪيري اهڙن ڳهن جوڙڻ ۽ پائڻ جي ڪوشش ڪئي جيڪي هو اڳيئي پائيندو هو، بعد ۾ هن ولين جي ورن وڪڙن کي ڏسي، سون چاندي ۽ ٽامي جون تارون جوڙيون. ساڳيءَ ريت هن ڀانت ڀانت جي ڦلن ۽ ٻجن جو سون ۽ چانديءَ ۾ اتارو ڪيو، ڌاتن جا پَٽ ناهيا ۽ انهن کي پاڻ ۾ ٽاڪيو. ڌرمي ۽ پوڄا پاٺ جي وٿن کي به ماڻهوءَ ڌاتوءَ ۾گھڙڻ جي ڪوشش ڪئي. آخر ۾ هن ڌاتن تي نقش تراشي ڪئي ۽ انهن کي پگھاري ڌار ڌار سانچن ۽ ٺپن ۾ ڍالي مختلف قسم جا ڳهه ڳٺا ناهيا آهن.

شايد هي اهو قديم زمانو هو جڏهن سنڌو- سيپتا جا ٻه مکيه شهر موهن جو دڙو ۽ هڙاپا، طرز- زندگي جي هر کيتر ۾ پنهنجي ڌات ۽ ڏانءُ ڏيکاري رهيا هئا. هنن ٻنهي ترڙن جي کوٽائي ۽ کوجنا مان ڄاڻ مليٰ آهي. ته سنڌو- سيپتا جا ماڻهو نه رڳو شهري منصوبه بندي ۽ پوکي راهي ۾ وڇا ڏٽي هئا پر هو هر ڪلا جا مهان ڪلاونت ڪاريگر پڻ هئا. سندن اهڙي ڏات مُهرن، ڪنجي جي مورتن، رانديڪن، هٿيارن، اوزارن ۽ ڳهه- ڳٺن جي ڪاريگريءَ مان ٻکي رهي آهي. موهن جي دڙو مان اهڙا ڳهه ڳٺا هٿ آيا آهن جيڪي هرطبقي جون عورتون پائنديون هيون، جن ۾ هار، ٻانهيون، منڊيون، چيلهه ٻند، واليون، ڪنگڻ ۽ پٽيون شامل آهن. شايد مرد به ڳهه پائيندا هئا، جيڪي والين ۽ ڪنگڻن تي مشتمل هوندا هئا. هنن ڳهن مان ڄاڻ ملي ٿي ته سنڌو سيپتا جو سونارو قديم دؤر کان وٺي هن ڌنڌي سان لاڳاپيل ڏسجي ٿو ۽ پنهنجي پوريءَ سرت ۽ سچيتائي سان ان سان چهٽيو ۽ چنبڙيو آيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موهن جي دڙي مان هٿ آيل ڳهڻ ۾ مڻين استعمال ڪرڻ جي ورجيس هئي. انهن مڻين جون مالائون ناهي ۽ ڀانهين، دهرين، هارن ۽ چيلهه ٻندن طور پاتيون ويندڙيون هيون. اهڙن ڳهڻ جا نمونا موهن جي دڙي مان به مليا آهن. مذڪوره مڻيا ور ۽ ورن ۾ مختلف آهن ۽ جن شين مان ٺهيل آهن، سي به ڌار ڌار آهن. معلوم ٿئي ٿو ته اهڙا مڻيا سون، چاندي، ٽامي، چيني، پون پٿر (Steatile) قيمتي پٿرن، سنکن ۽ مٽيءَ مان جوڙيا ويندا هئا. هن وقت تائين موهن جي دڙي مان مڻين سان لاڳاپيل صنعتي اداري جي باقيات هٿ ڪانه لڳي آهي، پر اڌ ۾ ڇڏيل مڻين ڪي ڏسڻ ڪان پوءِ محسوس ٿئي ٿو ته موهن جي دڙي وارن مڻيارن کي مڻين جي مختلف طرزن ۽ نمونن جي پوري ڄاڻ هئي. چانهوءَ جي دڙي مان هڪ اهڙي هٽ جي باقيات هٿ آئي آهي جتي مڻين جي وڍ ڪٽ ڪئي ويندي هئي ۽ ونڍيو ويندو هو. شايد اهو ونجهارڪو هٽ هو. قديم آثارن جي ويچارن پٽاندر انهيءَ ڏنڌي ۾ پورهيئي ۽ ڏاهپ جي گهٽي لوڙ هوندي هئي. پهريائين عقيق پٿر کي ڪارائي سان چيري ڏگهن ٽڪرن ۾ ڪپيو ويندو هوندو. ان ڪان پوءِ پاسا ڪورڻي ڪتري ڏگهو ۽ گول روپ ڏنو ويندو هوندو. پوءِ لسو ڪري چلڪائي ڪنجهي يا بلوري چقمق پٿر جي سيراهيءَ ۾ سليو ويندو هو. قيمتي پٿرن کي سلڻ جو اهو نمونو اُر ۽ ميسوپوٽاميا ۾ به ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

اهڙن ڳهڻ جي هڪ ذخيري جو اهڃاڻ موهن جي دڙي جي رعيتي راڄ واري ايراضيءَ ۾ هٿ لڳو آهي. ان جڳهه تي سونا ڳهه اهڙيءَ ترتيب سان رکيل هئا، جنهن مان لڳي ٿو ته اها جاءِ ڪنهن سوناري جو هٽ هوندو ۽ اهي ڳهه ان سوناري جي ملڪيت هوندا. ڳهڻ جي ان ڍير مان سائي رنگ جي سنگ - يشب جي مڻين جو هڪ هار لڌو آهي. مڻين جي وچ وچ تي سون جون پايون به پويل هيون. ذڪر ڪيل سونيون به پايون پاڻ ۾ اهڙيءَ ريت ٺاڪيل آهن جوڪين واڳيءَ ۾ مڻين جيان پوئڻ واسطي سوراخ به ٻڌجي پيو آهي. انهن سونين پائن کي مڻين جيان سڳي ۾ پوئڻ واري ڪاريگريءَ کي ڏسي ماڻهوءَ کي ويساهه ٿي وڃي ٿو ته موهن جي دڙي جا سونارا اُتاهه ڏاها هوندا هئا. چينيءَ جي مڻين جي هار جي شڪل ۾ ان جو اتارو به ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هار جي هن گهاڙ جو نمونو سمير ۾ به ڏسڻ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڇي ٿو. جنهن جو واسطو اڪد دور جي خاندان III (2500ڪان 2300 ق.م) سان آهي. اهڙي ساڳي طرز ٽراءِ Troy- II-J مان به هٿ آئي آهي ، جنهن جو 2300 ق.م سان واسطو آهي.

ڏاتن مان ٺهيل ٻيا مڻيا، چاندي، ٽامي ۽ ڪنجهي جا آهن، جن جو 2300 ق.م سان واسطو آهي.

چينيءَ جي مٽين جا ٻيا ڪي دلچسپ نمونا به هٿ آيا آهن، جن تي هڪ ليڪي چٽ آهن. اهڙي ورن جا مڻيا جمدت نصر دور (3000 ق.م) جي تيل براڪ (Tell Brak) مان پڻ هٿ آيا آهن. پون پٿر جا مڻيا ته موهن جي دڙي مان تمام گهڻا هٿ لڳا آهن. اهي پٿر مان ڪٽي ڪوري ٺاهيا ويندا هئا يا وري ان پٿر کي ڪٽي سٽي سنهو اٽوڪري پاڻيءَ سان ليئي بنائي به ٺاهيا ويندا هئا. عام طور تي انهن مٽين جو رنگ اڇو آهي. مٿن ٿڦلو نقش ڏسجي ٿو. سندن شڪل نلڪيءَ جهڙي ڏگهيري ۽ ڪڏهن وچ تي گول ۽ پاسن تي چهنبياري به نظر آئي آهي. سارگان دور (2300 ق.م) کان پوءِ ميسو پوٽيما جي مٽين ۾ ٿڦلي نقش جي طرز جي ڏسجي ٿي. ان کان هڪ هزارسال پوءِ مصر ۾ ساڳي طرز نظر آئي آهي.

موهن جي دڙي جا ماڻهو عقيق جا مڻيا ڪتب آڻيندا هئا، جن مان ڪي نلڪي جهڙا ڏگها به هوندا هئا. پائي جيان گول مڻيا ورلي نظر اچن ٿا. پر سمير ۽ مصر جي قديم دور ۾ هن گهاڙ جو مٽيو جام آهي. موهن جي دڙي جا ماڻهو عقيق پٿر کي تمام قيمتي سمجهدا هئا. جيڪڏهن اهو پٿر پڄي پوندي هو ته انهن مان نلڪيءَ جهڙا هڪ ساريڪا ڏگها مڻيا ۽ وچ تي گولائي سان ڏگها مڻيا جوڙي وري به ڪم آندو ويندو هو. موهن جي دڙي جا ماڻهو پٿر جي هنن مٽين مٿان سون سنجڻ طور چٽ به رکندا هئا. انهن چٽن ۾ اک (EYE) چٽُ، اناس شڪل وارو چٽ به ڏسجي ٿو. هنن چٽن مان هڪ اهڙو اناس شڪل به آهي، جنهن جي وچ تي به هڪ نائون خانو آهي ۽ ڏاڍي خوبصورت طرز آهي. هن پوئين طرز جا ٽي نمونا آهن: هڪ قدرتي ڳاڙهي مٽين تي اڇي رنگ جو چٽ آهي. ٻئي مٽين جو قدرتي رنگ اڇو آهي، جنهن تي ڪاري رنگ جو چٽ آهي. جڏهن ته ٽئين نموني ۾ پٿر جو قدرتي رنگ ڪارو آهي ۽ مٿس چٽ اڇي رنگ جو ڏسجي ٿو. اهڙي قسم جي طرز وارا مڻيا ميسوپوٽاميا جي ڪيش، تيل،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسمار اُر مان ۽ اتر اوپر ايران جي حصار III ۾ شاه تيپي مان بہ لڌا ويا آهن. هن کان سواءِ موهن جي دڙي جا ماڻهو سنگ يشب، لاجورد، سنگ يشم Jasper بہ ڪم آڻيندا هئا،جيڪي سمير ۽ ايران مان گهرايا ويندا هئا.

ان کان سواءِ موهن جي دڙي مان مٽيءَ جا پڪل مڻيا بہ مليا آهن. هنن مان ڪن تي ڳيرڙيءَ جو ڏاءُ آهي تہ ڪن تي وري ڦڪان جي اڇي رنگ جو ڏاءُ ڏسجي ٿو ۽ ڪي وري پنهنجي اصلي رنگ ۾ بہ موجود آهن.

هنن ڳالهين مان سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو تہ قديم دؤر ۾ مٽي بيان ڪيل مڻيا انسان جي سماجي حيثيت جو ماپو بہ هوندا هئا. اڄ واري زماني ۾ بہ قيمتي پٿر، سون چاندي جا ڳهہ ڳِنا بہ انسان جي سماجي حيثيت جو مان هوندا آهن. اڻ ڪمايل ۽ اڻ ونڊيل قيمتي پٿر، مٽيءَ جا پڪل مڻيا، سنگن مان ناهيل مڻيا، پون پٿر جي ليئيءَ مان جوڙيل مڻيا عام ماڻهوءَ جي پيچ جوڳا هوندا هئا. باقي ونڊيل ۽ چٽيل عقيق، چوڪدار پون پٿر جا مڻيا، سون ۽ چاندي جا ڳهہ ڳِنا سرنديءَ وارن جون عورتون پائينديون هيون.

موهن جي دڙي جون مهلائون پٿر، ڌاتن، مٽيءَ جي پڪل يا پين شين مان ٺهيل جيڪي ڳهہ ڳِنا پائينديون هيون، تن جهڙا هو بهو ساڳيا زيور پٿر، ڪنجهي ۽ مٽيءَ جي پڪل مورتين جي جسمن تي بہ پاتل ڏسجن ٿا. عورتن جي مورتين مان معلوم ٿئي ٿو تہ موهن جي دڙي جون مهلائون مٿي کان وٺي پيرن تائين جسم جي هر انگ ۾ ڳهہ پائڻ پسند ڪنديون هيون.

## جسم جي مختلف عضون ۾ پاتل اهڙن ڳهن جو هيٺ مختصر بيان ڪجي ٿو

### مٿي جا ڳهہ

وارن کي سونهائڻ ۽ سينگارڻ لاءِ عورتون مٿي سان پٽي (Fillet) ٻڌنديون هيون. مذڪوره پٽيون، سون، چاندي ۽ ٽامي جون هونديون هيون، جيڪي اڌ انچ کن موڪريون هونديون هيون. ڪن پٽين جو گهاڙيٽو سڌو سنئون هوندو هو. ڪي وري مخروطي يا ونگ شڪل جون بہ هونديون هيون، جيڪي 16 انچ ڊگهيون ٿينديون هيون. ٻڌڻ لاءِ ڪين ڇيڙن وٽ رکيل ٽڪلي ۾ هڪ هڪ سوراخ هوندو هو. ٽڪندا تائٽ بہ مٿي سان ٻڌا

ويندا هئا، جن کي قابو جهلڻ لاءِ انهن جي چوٽيءَ ۾ تاڙ جو ڪنڊو لڳل هوندو هو. وارن کي هڪ جاءِ تي رکڻ لاءِ بڪل (Hair pins) بہ ڪم ايندا هئا، جيڪي ٽامي، ڪنجهي ۽ هڏي مان ٺهيل هوندا هئا، جن جي مٿئين پاسي جانورن جي منڍين جهڙيون شڪليون هونديون هيون.هتان جون عورتون نراڙ تي سينڌ ڦل پائينديون هيون، جيڪي اڄ ڪلهہ ڪاٺياواري مهلاٽون پائينديون آهن.

## ڪنَ جا ڳهہ

موهن جي دڙي مان لڌل مٽي جي پڪل مورتين مان معلوم ٿئي ٿو تہ اُتان جون عورتون ڪنن ۾ لٽڪڻ جهڙيون ڪي شيون پائينديون هيون، پر هتان خاص قسم جو ڪن جو ڳهہ ڪونہ لڌو آهي. هن ماڳ تان ڪن جو هڪ ڳهہ اهڙو بہ مليو آهي جو اڳين پاسي ڪان نڪ جي ڦليءَ جيان ڇٽو ۽ پٺئين پاسي ڪان پائيءَ جهڙو گول حصو هوس. موجوده دور جي ڏُر جيان ڪن ۾ پائبو هو، جيڪو هيٺ لٽڪڻ وارو ڳهہ نہ هو.جيڪڏهن هن ڳهہ کي Ear Tops بہ سڏجي تہ غلط نہ ٿيندو.

## نڪ جا ڳهہ

مٽيءَ جي پڪل يا پٿر جي مورتيءَ کي نٿ يا ڦلي پاتل ڪانہ ٿي ڏسجي، تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ موهن دڙي جون عورتون نڪ جو ڳهہ ڪونہ پائينديون هيون.

## ڳچيءَ جا ڳهہ

موهن جي دڙي مان ماتا ديوي (Mother goddesses) جونٓ مورتيون لڌيون ويون آهن، جن جي ڳچين ۾ ڏار ڏار ماپ جا هار نظر اچن ٿا. هڪڙا تہ ڳچيءَ سان لڳي بيٺا آهن، ڪي ڇاتي تائين لڙڪيل آهن، ۽ ڪي وري هيٺ پيٽ تائين لڙڪيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ڳچيءَ جا اهڙا ڳهہ مختلف شين مان ٺهيل مڻين جا هوندا هئا. اهڙي قسم جو هڪ سهڻو هار موهن جي دڙي جي R/H ايراضيءَ مان لڌو ويو آهي. ناچڻي ڇوڪريءَ کي بہ اهڙو هار پاتل آهي. جنهن ۾ پن جي شڪل جهڙا ٽي مڻيا پوتل آهن. موهن جي دڙي جا مرد ۽ عورتون ڳچيءَ ۾ تائت بہ پائيندا هئا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## چيلهه بند يا چيلهه پٽو Girdles

مٽيءَ جي پڪل مورتين مان معلوم ٿئي ٿو تہ موهن جي دڙي جون عورتون چيلهہ تي سندري جهڙو ڳهہ پائينديون هيون. چيلهہ وارو هيءُ ڳهہ هتان جي عورتن کي تمام گهڻو پسن هوندو هو. هن ڳهہ جو هڪ سهڻو نمونو موهن جي دڙي جي D/K ايراضيءَ مان لڌو آهي. جيڪو عقيق جي چوڪندين مڻين جي ڪيترين لڙهين تي مشتمل آهي. هر هڪ لڙهيءَ ۾ ٿوري ٿوري وٿيءَ تي ڪنجهي يا ٽامي جا پائي جهڙي گول شڪل جيا مٽيا لڳل هوندا هئا. چيلهہ بند جي ٻنهي ڇيڙن وٽ اڌ گول جهڙي شڪل جيان مٽيان لڳل هوندا هئا. چيلهہ بند جي ٻنهي ڇيڙن وٽ اڌ گول جهڙي شڪل ڏسجي ٿي. جن تي سون جا نشان محسوس ڪري سگهجن ٿا. اهڙن مڻين ۾ سوراخ ڪڍڻ لاءِ گهڻي ڏاهپ جي ضرورت هوندي هئي. اڄ هوند واريون عورتون مٽي جي پڪل مڻين جا نهيل پٽا پائينديون هيون. موهن جي دڙي مان لڌل ڏڳهي ۾ ڏڳهو چيلهہ پٽو ٽي فوٽ چار انچ ڏنو ويو آهي.

## ٻانهن جا ڳهہ

ناچڻي واري مورتيءَ کي ڪرائي کان وٺي بغل تائين چوڙيون پاتل ڏسجن ٿيون، جنهن مان سمجهجهي ٿو تہ چوڙين پائڻ جي اهڙي ورجيس ضرور هئي. جيڪڏهن سڀ نہ تہ ڪي ڪي عورتون چوڙيون ائين بہ پائينديون هونديون، ناچڻي چوڪري جو مورتيءَ مان ائين معلوم ٿئي ٿو تہ سندس کابي ٻانهن چوڙين سان ڀري پيئي آهي. جڏهن تہ ساڄيءَ ٻانهن ۾ فقط ڪرائي ۾ ٿوٽ وٽ چوڙيون پاتل آهن. اهڙيون چوڙيون ضرور عاج جون هونديون. جيڪوڏهن ڌاتوءَ جون هجن ها تہ ٻانهن سولائي سان هيڏي هوڏي ڦيري ڪانہ سگهجي ها. اهڙين چوڙين پائڻ جي ورجيس سنڌ جي ٿرپارڪر ضلعي ۾ عام آهي. جتي جون ڪولهيءَ ڀيل عورتون ڪرائيءَ کان وٺي بغل تائين چوڙيون پائي پاڻ سينگارينديون آهن، جيڪي Wax alloy ميڻ ۽ ملاوتي ڌاتوءَ جون نهيل هونديون آهن.

موهن جي دڙي مان ڪنگڻ بہ هٿ آيا آهن، جيڪي سون، چاندي، ڪنجهي، ٽامي، نيري رنگ جي چمڪندڙ چيني، سنکن ۽ مٽيءَ جا پڪل بہ آهن، موهن جي دڙي مان ٻانهن جي ڳهہ جو هڪ ٻيو نمونو پڻ لڌو ويو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، جيڪو ڏاڍو سهڻو آهي. هيءَ ڇهه سري پٽي اهي، جيڪا پورن ۾ وينوڙي طرز جي مڻين ڪي پوئي ناهي وئي آهي. هن پٽيءَ ۾ هر ستن مڻين کان پوءِ سون جا ڇهه تڪلا آهن، جن کي ڌاڳي ۾ پوئڻ لاءِ ڇهه سوراخ آهن. ٻنهي ڇيڙن وٽ هڪ هڪ تڪلو آهي، جن مان هڪ کي ڇهه سوراخ ۽ ٻئي کي هڪ سوراخ آهي، چانديءَ جا ڪنگڻ ان ڌاتوءَ جي سنهين تارن کي ڪٽي پٽ بٽائي پوءِ تيار ڪيا ويندا هئا. متيءَ جا ڪنگڻ ۽ چوڙيون ڪوريءَ ۾ پڪل هوندا هئا، جن جي ٻاهرين پاسي ڪارو يا ناسي پورو رنگ ڏنو ويندو هو. جڏهن ته اندرئين طرف هلڪو ڪارو يا هلڪو ڇانهون رنگ هوندو هو.

## هٿ جا ڳهه

ٽامي ۽ ڪنجهي جا چلا ته تمام گهڻا لڌا ويا آهن. ججهي تعداد ۾ ملڻ مان ائين ٿو معلوم ٿئي ته هي ڳهه نر به پائيندا هئا ته ناريون به پائينديون هيون. هنن ڌاتن مان ٺهيل چلا ٻن قسمن جا هئا.

الف: سادي گول پٽي يا ان ڌاتوءَ جي تار جي ڪٽيل سنهي پٽي .

ب: تار جو ويڙهه، هي ڳهه تمام گهڻو پسند ڪيو ويندو هوندو.

موهن جي دڙي مان چلو يا ڪا سوني منڊي ڪانه لڌي ويئي آهي. چانديءَ جي هڪ هم چورس پٽيءَ جهڙو چلو ڏنو ويو آهي، جنهن تي مانڊاٽي جهڙو اليڪي چٽ آهي. موهن جي دڙي جي سهيوڳي سيپتا سمير ۾ چانديءَ جي چلن جو عام رواج هو. هن ماڳ تان هٿ اينڊڙ گهڻيون منڊيون ۽ چلا پون پٿر Steatite چينيءَ جون نظر اچن ٿيون. پون پٿر جي چلن تي ٿڦلي چٽ جي طرز ڏسجي ٿي.

## پيرن جا ڳهه

ڪي ڪنجهي ۽ پٿر جون متي کان پيرن تائين مورتيون به لڌيون ويون آهن، جن مان ڄاڻ ملي ٿي ته موهن جي دڙي جا مرد ۽ عورتون پير جي مُري جو ڳهه به پائيندا هئا. ڪنجهي واري مورتي عورت جي آهي. جنهنکي پيرن ۾ ڪڙيون پاتل آهن. مرد جي مورتي پٿر جي آهي، جنهن جي پير جي مُري ۾ پٽي پاتل ڏسجي ٿي، جيڪا ڪنهن شيءَ جي ذرن ذرن مان ٺاهيل آهي. پير جو پهريون ڳهه گهڻو دلچسپ آهي، جيڪو ڪنوساس Knossos جي ديوار تي نظر اينڊڙ هڪ مورتيءَ جي مُري ۾ پڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاتل ڏسجي ٿو. هن قسم جون ڪڙيون سملا واري جوءِ جون عورتون اڄ سوڌو پائينديون آهن.

مصر ۾ به اهڙين ڪڙين پائڻ جي ورجيس هئي. ان جو مثال راڻي هيٽيفيرس (2500 ق.م) جي پيرن ۾ پاتل ڪڙيون آهن.ان کان سواءِ مصر جون عورتون سون جي منين جي هڪ مالا به مڙي ۾ پائينديون هيون، جنهن جوتاريخ کان اڳ واري ڪنهن دور سان تعلق آهي.

هن قسم جي ڳهڻ جي استعمال مان ڄاڻ ملي ٿي ته موهن جي دڙي جون عورتون پوءِ اُهي ڪٽي سرنديءَ واريون هجن يا اڻ هوند واريون، موجوده دوَر جي عورتن جيان پاڻ کي خوبصورت بڻائڻ واسطي ڳهه ڳِنا پائينديون هيون. ان کان سواءِ پنج هزار سال پراڻا ڳهڻ جا نمونا اڄ به سنڌ جي ٻهراڙين ۾ استعمال ڪيا ويندا آهن. پر جن شين مان اڳي اهي ڳهه ٺاهيا ويندا هئا، سي اڄ بدلجي ويون آهن. هاڻي ڌاتوءَ جي ڳهڻ جي گهڻي ورجيس آهي. موهن جي دڙي واري دوَر ۾ به اڄ جيان ڳهڻ کي قيمتي وٿ ۽ ملڪيت سمجهيو ويندو هو جهڙيءَ ريت اڄ جا ماڻهو قيمتي ڳهه حفاظت لاءِ بئنڪ جي لاڪرس ۾ رکندا آهن، تهڙيءَ ريت موهن جي دڙي وارا ماڻهو انهن کي ٽامي ۽ چانديءَ جي دٻلن ۾ رکي گهر جي ڪنهن ڪونيءَ جي ڪنڊ پاسي ۾ پوري ڇڏيندا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 16. جديد سنڌي سماج ۾ موهن جي دڙي جي تهذيب جا آثار

## نرنجن دوداڻي

جديد علمن ۽ هيل تائين شايع ٿيل ڪتابن ۾ اڪثر ائين ڄاڻايل آهي ته موهن جي دڙي واري سڀيتا نه فقط تمام قديم هئي پرانهن جي رهڻي ڪهڻي، تهذيب، رسمن ۽ روايتن جو هاڻوڪي سماج سان ڪوئي ناتو ڪونه هيو. اُهي کنڊر ڄڻ انساني تهذيب جي ڪنهن الڳ قوم جا نشان هئا، جيڪا الائي ڪٿان آئي، الائي ڪاڏي هليا ويا ۽ اها تمدن وقت جي اوڙاهه ۾ نيست ونابود ٿي وئي. ڪن ته نالو ئي 'مئن جو دڙو' رکيس، اها ماريل وساريل تهذيب ڄڻ سنڌ جي سرزمين تي ئي ڪونه هئي ! سنڌ جي سيني تي اهي کنڊر ڄڻ آسمانن مان ڪري پيا هئا ۽ وري پاتال ۾ غرق ٿيا، پرتواريخ تي پردا ڪيرائي انڪي مٿائي نٿو سگهجي، جيئن اڪيون پوڻ سان حقيقت گم ته ڪونه ٿي سگهندي تيئن موهن جي دڙي جي سڀيتا ڪي اوپرو يا ڌاريو چوڻ به غلط ٿيندو. جيڪڏهن اهي ڌاريا هئا ته ڪٿان آيا، ڪاڏي ويا؟ جي ڌاريا به هئا ته ڪيئن ذري گهٽ هزار سال موهن جي دڙي تي شهر مٿان شهر ويا اڏيندا؟

ماهرن جو چوڻ آهي ته موهن جي دڙي جي کنڊرن ۾ گهٽ ۾ گهٽ نو شهر هڪ ٻئي مٿان ٻڌل آهن ۽ هرهڪ شهر نو سئو سال کن قائم هيو. اهي رهاڪو سنڌ ۾ هزار سالن تائين رهيا، جڏهن ٻوڏن ۾ شهر ناس ٿين ته موٽي اڳين پٽين مٿان لاڳيتو ٻيو شهر اڏيائون. جيڪڏهن اهي سنڌي نه چئجن ته ٻيو ڪير چئجن؟ جيڪڏهن اهي سنڌي نه ٿيا ته اڄوڪن سنڌين کي ڪهڙي نالي سان سڏجي؟ ۽ اهي وري ڪٿان آيا؟ اڄوڪا سنڌي ته چئجي هزارن سالن کان گهٽ رهيا هوندا. اڄوڪن سنڌين يا ته پنهنجون پاڙون ڪونه سڃاتيون آهن يا ته هڙئي تواريخ جي گردش ۾ الائي ڪيئن اچي هن سرزمين تي اٽڪيا آهن؟ ارمان جي ڳالهه آهي ته آزادي پائڻ بعد به اڄوڪن سنڌين، عالمن، دانشورن ۽ تواريخ جي ماهرن ان باري ۾ سوال ئي ڪونه اٿاريا آهن؟ نه ڪا خاص کوجنا ڪئي وئي آهي، نه وري خاص ڪا چاهنا (خواهش) به ڏيکاري اٿائون. ان ارمان ڀري ماجرا جا ڪهڙا ڪارڻ چئجن؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏي ۾ وڏي حسرت  اها رهي آهي تہ اسان سنڌين ان موضوع تي ڪو ڌيان ئي نہ ڏنو آهي. پهرين ميار پاڻ تي پوءِ ڌجي ٻين ڪي ڏوهہ. آزادي آئي، پاڪستان جي وجود اچڻ کان پوءِ اهڙين ڳالهين تي ڪو توجهہ ئي نہ ڏنو ويو آهي. اهي سنڌي جيڪي لڏي ويا هندستان تن تہ سنڌ ڪي اڪثر ائين وساريو جڻ ڇاوائي الئي ڪٿي هئا، جيڪي وري سنڌ ۾ هئا انهن ڪي تہ اجا تائين بہ اهڙين ڳالهين جي سمجهہ گهٽ رهي آهي. پاڪستان سرڪار تہ ڪابہ دلچسپي ڪونہ ڏيکاري آهي.

پاڪستان سرڪار ڪي تہ اسلامي دوَر کان اڳ جي تواريخ ۾ ڪابہ چاهنا ڪونہ هئي ۽ آهي . اهڙو اثر هيو ۽ اجا  تائين  بہ آهي تہ اسلام کان اڳ وارو دوَر ڪافرن جو دوَر هئو، جهالت، جهنگلي پٽي يا بلڪل ناچيز دوَر هئو، جنهن تي ڪوئي توجهہ ڏيڻ مناسب ڪونہ سمجهيائون. سنڌ ۽ سنڌين لاءِ اڌ صدي دردناڪ دوَر واري رهي آهي. اميد تہ هاڻي سنڌ اندر رهندڙ ۽ سنڌ کان ٻاهر رهندڙ سنڌي انهن سوالن تي ويچار ڪندا ۽ کوجنا ڪندا رهندا، اهڙيءَ ريت پنهنجي قومي ورثي کان متاثر ٿيندا. موهن جي دڙي جي سيپتا سنڌ جي سيني تي زنده هئي، ۽ وڏي وڏي ترقي ڪيائين. اهي پڪ سريون جايون، ڪشاديون گهٽيون، اهي زيرزمين گندي پاڻيءَ جي نيڪال جون ناليون، جيڪي اجا تائين بہ سنڌ جي ڪن ٿورن شهرن ۾ ميسر آهن، اهي اسان سيني سنڌين جو ورثو آهن. اسان ڪي انهيءَ تي ناز هئڻ گهرجي. جيڪڏهن اسان پاڻ ئي پنهنجي ورثي ڪي نہ سمجهنداسين تہ ٻيا ڌاريا تہ ڪونہ اچي آگاهہ ڪندا. انهن دڙن مان لڌل وستو يا آرٽيفئڪٽ جهڙوڪ مهرون، پتلا، ٿانو،زر،زيور ۽ رانديڪا اهڙا سوال ٿا اٿارن جن مان اسان ڪي پنهنجي اڳئين اوّج عروج، شان شوڪت سان گڏ پنهنجي بدقسمتي، نيستي ۽ نابوديءَ جي سار پئجي ويندي.

تواريخ نويسن چيو آهي تہ اتهاس پاڻ ڪي بار بار دهرائيندو آهي، ڇاڪاڻ جو پهرين پيري ڪن لاتار ڪئي ويئي هئي يا ڪوئي ٻڌي ئي ڪونہ پيو. جيڪڏهن اسان ڪي پنهنجو آئيندو قائم ۽ پائدار رکڻو آهي تہ لازم ٿيندو تہ ماضيءَ ڪي سمجهون، سوچيون ۽ نظر ورائيندا هلون. موهن جو دڙو ڇا هيو؟ ڪاڏي ويا اهي منا ماڻهو، ڇو ويا ۽ ڇا اسان ڪي ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاندار تهذيب تي موروثي حق آهي؟ دانشورن خاطري ڏني آهي تہ اها سپيتا هزار سال کن انهيءَ ئي مرڪز تي قائم هئي.

موهن دڙي يا سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب جو دائرو اڄوڪي دهليءَ يعني ڪالي بنگن کان وٺي اولهہ ڏي هڙاپا کي گڏي ڪري بلوچستان تائين ۽ ڏکڻ اوڀر ڏي هاٽوڪو گجرات تائين ڦهليل هئو، پران جو مرڪز موهن جو دڙو هيو. پاڪستان جو لوڪ ورثا انسٽيٽيوٽ پڻ ائين چيو آهي تہ موهن دڙي جي کوٽيل وستوئن مان ۽ سنڌ جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻيءَ مان ائين ٿو پائنجي تہ مئلن جو دڙو، مئل ڪونهي، اڄ بہ اهيءَ زندگيءَ جا آثار اتان جي رهاڪن ۾ موجود آهن. سنڌين ۾ اڄ بہ اهڙي سلوڪت ۽ تحمل قائم آهي.

## موهن تهذيب جي اوج جو بنياد

ان زماني جي اوج ۽ آسودگيءَ جو آڌار ڪپهہ جي پوک، اٽت ۽ ڪپڙي جي روانگيءَ تي منحصر چاڻايو ويو آهي. ٻين پوکن ۾ ڪڻڪ، داليون، جوئر ۽ ڪارڪون تصديق سان چئي ٿو سگهجي تہ پوکيندا ۽ لڻندا هئا. سنڌ ۾ اڄ بہ اهي پوکون عام آهن. ان تهذيب ۾ اڄوڪي سماج جو آڌار بہ ساڳي زرعي دولت تي ٻڌل آهي. موهن دڙي جي کوٽائي 1921ع ۾ شروع ٿي ۽ 1932ع تائين لڳاتار هلندي رهي. آهستي آهستي سڄي اپکنڊ ۾آزاديءَ جي تحريڪ زور وٺي رهي هئي. انگريز پاڻ کي اوچي ذات قوم پيا ليکن سندن سامراجي حڪومت جو بنياد انهيءَ اُوچي پد تي مدار پيو رکي. آزاديءَ جي بيداريءَ سان گڏ موهن دڙو جي کوٽائي ڏيکاريو تہ جڏهن برطانيا جا باشنده جهنگلن ۽ غفائن ۾عمرگذاريندا هئا ۽ سندن جياپو شڪار تي هيو، تڏهن سنڌ جا رهاڪو پڪسرين جاين ۾ رهندا هئا، پري پري جي ملڪن سان واپاري وهنوار هين ۽ وڏا وڏا ٻيڙا پڻ هلائيندا هوا. تجارت زور تي هئي، ڪپهہ ۽ ڪڻڪ جي پوک عام هئي. موهن دڙي جا واسي ڪپڙا پهريندا هئا، زر ۽ زيورن سان پاڻ کي سينگاريندا هئا، راڳ، ناچ، تفريح جا ڪوڏيا هوا ۽ ملڪ آسودو هو.

انگريزن وڏيک کوٽائي ۽ کوجنا کي ٻنجو ڏنو. شايد هو نہ پيا چاهن تہ سنڌي ۽ پوري اپکنڊ جو عوام پنهنجي پراڻي اوّج کان بيدار ٿئي. جيڪي انگريز پاڻ کي سونهن،عقل،طاقت ۽ دفاع ۾ سڀ کان سرس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيا سمجهن، اهي ڪيئن آگاهي ڏيندا تہ سنڌ جا رهاڪو اعليٰ سڀيتا جا مالڪ هئا. خوف هين تہ ماڳهين قوميت جي باھہ وڏيڪ پڙڪو نہ کائي!

افسوس جو 1947ع ۾ آزاديءَ کان پوءِ بہ سنڌين بابت پاڪستان سرڪار کي پڻ اهڙوئي انديشو ٿيو. ان دوران موهن جو دڙو جي کوٽائي بند رهي. البت ويهہ پنجويهہ سال کن اڳ1964-65ع ڌاري ڪجھہ کوٽائي ڪئي وئي هئي. جڏهن تہ زيرزمين پاڻيءَ جي سطح گهڻو چڙهيل نظر آئي. ماهرن راءِ ظاهرڪئي تہ سم ۽ ڪلر وڌي وڃڻ سبب موهن جو دڙو جي آثارن جي خاتمي جو امڪان آهي. سرن ۽ پٿين تي ڪلرچڙهيل هئو ۽ اهڙيءَ ريت وڏيڪ کوٽائي بند ڪئي ويئي ۽ کوٽائيءَ جو سلسلو اڃا تائين شروع نہ ٿي سگهيو آهي. مختلف عالمي جماعتن جي امداد سان موهن جو دڙو کي بچائڻ جا جتن جاري آهن. (هيءُ مضمون موهن جو دڙو جي ميوزيم ۾ رکيل وستوئن يا آرٽيفئڪٽس جي آڌار تي لکيل آهي. ان مان پائنجي ٿو تہ موهن دڙي جي تهذيب اڃا سنڌ جي سماج ۾ لڳاتار زنده آهي. انهن ڏينهن جون ريتون، رسمون ۽ رواج بہ سنڌي سماج ۾ اڄ بہ پروڙي سگهن ٿا.)

## بيل گاڏي

جهڙي بيل گاڏي موهن جو دڙو مان مليل مهرن ۾ ۽ رانديڪن ۾ نظر ٿي اچي اهڙي ئي بيل گاڏي لاڙڪاڻي، شڪارپور ۽ جيڪب آباد ضلعن جي اندر ۽ ويجهڙائيءَ ۾ اڃا تائين موجود آهي. اڃا بہ بيل گاڏي جي سرائي موهن جو دڙو جي گاڏين جهڙي آهي، يعني ڦيٿن ڦرڻ ۽ گاڏي چڪڻ جو طريقو اهڙو ئي پراڻو آهي.

## ڪنيارڪ نڪر جا ٿانو

تن ڏينهن ۾ ڪنيار جو چڪ ۽ اڄڪلهہ نڪر جا ٿانو ناهڻ جو طريقو ساڳيو ئي رهيو آهي. ٿانون جي شڪل، شبيهہ، رنگ روپ ۽ جڙت بہ اهڙي ئي آهي، جيئن اڳ هئي. ان کان سواءِ گوناڱو هنر بہ ساڳي ريت هلندو اچي.

## چٽسالي

ٿانون ۽ رانديڪن تي چٽسالي ۽ نقشبندي توڙي ڪپڙن تي چينيي جا ساڳيائي نمونا هلندا آيا آهن. سنڌ ۾ اڄ ڪلهہ بہ اجرڪن ۽ چريل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چادرن تي اُهي ئي چٽساليون پيون ڇپجن، اهي پيڙهائتا ۽ اباڻا هنر ساڳي ريت هلندا آيا آهن.

## سڌي تري واري پيڙي

موهن جو دڙو جي مهرن تي سڌي تري وارين پيڙين جا نقش نظر اچن ٿا. سنڌ ۾ اجا تائين درياءَ توڙي ڍنڍن ۽ وڏن واهن ۾ اهڙيون پيڙيون ڪتب آنديون وڃن ٿيون. موهن جو دڙو جي اوج وارن ڏينهن ۾ ماهرن مطابق ان وقت وهندڙ درياءَ ان مان نڪرندڙ شاخن ۽ وڏن واهن ۾ پڻ اهڙي قسم جا وڏا پيڙا ۽ پيڙيون هلنديون هيون.

## سون ۽ املوڪ پٿر

سنڌ جي آسودن گهرن ۾ موجود زيورات جي گهڙت ۽ موهن جي دڙي مان مليل زيورات جي گهڙت ۾گهڻي هڪجهڙائي آهي. ڳچيءَ جا هار، دهريون، در، جهومڪڙا، تعويذ، ڪنگڻ ۽ ٻيا ڳهه ساڳيءَ جڙت جي تصديق ڪن ٿا. سون چاندي، املوڪ پٿر، سنگ پشم وغيره جو استعمال به اهڙو ئي هو جهڙو اڄوڪي جديد زماني ۾ ڇئجي.

## ڏاتوءَ جا پتلا

هڪ پتلو، نچڻيءَ جو لڌل آهي، جنهن جي ٻنهي ٻانهن ۾ ڪنگڻيون پهريل آهن. ڪراين ڪان ڪلهي تائين ٻهراڙيءَ ۾ اجا تائين به هندون توڙي ڀيل ۽ ٻين قومن جون عورتون اهڙيون پٽيون ٻانهيون پائينديون آهن. اهي چوڙيون اڪثر عاج جون ٿين. موهن جو دڙو جي گلڪاريءَ جي وستوئن ۾ هاٿي به ڏيکاريل آهي. ان مان ائين سمجهجي ٿو ته عاج گهڻي انداز ۾ ميسر هيو.

## دلو

ٺڪرجا ٿانو ته نرالا به نه چئجن، مگردلو اڄ ڏينهن تائين سنڌ ۾ ۽ ساري دنيا جي سنڌين وٽ واپرائجي ٿو. موهن جودڙو جي عجائب گهر ۾ وچائڻ جو دلو پڻ رکيل آهي. موسيقيءَ جي ساڳي ڌارا جي تن ڏينهين به هئي ۽ اڄ به سنڌ ۽ سنڌين منجهه موجود آهي.

## بوڙينڊو

سوراخن وارو ننڍو بال، جيڪو وات ۾ وجهي ريداران منجهان درديلا سُر ڪڍندو آهي ، ميوزيم ۾ اهو به رکيل آهي. اڄ ڏينهن تائين به



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سموري سنڌ جي جهرن جهنگلن ۾ ٻڪرار توڙي ريڍار صبح ۽ شام ويلي رڍون چاريندي وات ۾ ٻوڙينديو منجهان اهي ئي ارمانن ۽ اميدن جا سر ڪڍندا آهن.

## هٿيار عدم پيدا

موهن جو دڙو جي کوٽائيءَ مان هيل تائين ته ڪوئي هٿيار يا ماراماريءَ جو اوزار ڪونه لڌو اٿائون. سنڌي حاڪمن مشڪل سان ڪو پاڙيسري ملڪن تي ڪاهون ڪيون هجن. سنڌي ته اڃا تائين به جنگ ڪرڻ مان نه ڄاڻن. جيتوڻيڪ اڄڪلهه بندوقن، ڪهاڙين، ڇرن جو استعمال ۽ باهمي خونريزي عام جام آهي. ٻين تهذيبن جي ڀيٽ ۾ موهن جو دڙو جي سڀيتا نرالي ڇئجي جو سنڌن رهڻي ڪهڻي اهنسڪ يا غير تشدد جي رهڻي هئي . نماڻائي ۽ اهنسا جي هلت اسان سنڌين جو پراڻو ورثو آهي.

## بندگي جا بت

موهن جو دڙو جي آڳنڌ ۾ ڀاري پٿر مان نهيل لنگ جي مورتي موجود آهي. شيشي جي ڪٻٽ ۾ رکيل مهامنت يا پوڄاري، راڄا جو پتلو آهي جنهن جي بدن تي هلڪو وستر پڻ پهريل آهي. ڪٻٽ ۾ ننڍي مورتي پٿر جي نهيل آهي، جنهن کي ڌرتي ماتا ڄاڻايو اٿائون. ان جي ويجهو ٻن پٿرن جي ننڍي مورتي رکيل آهي، جنهن کي 'باندر ڀڳوان' جو خطاب ڏنو اٿائون. ياد رهي ته هندن ۾ اڃا تائين 'هنومان- باندر ڀڳوان' جي پوڄا جو رواج آهي. سر جان مارشل مهرن تي اُڪريل 'پشو پشي' جو ذڪر ڪيو آهي، شايد ڏاتوءَ جو پتلو انگريز ڪٽي ويا هجن. پشو پشي جي ڀيٽ هندن جي 'شو ڀڳوان' سان ڪيل آهي. ان مان ظاهر آهي ته ان زماني جا سنڌي به اڄ جي سنڌين جيان مختلف عقيدن وارا هئا، صلح سانت ۽ سلوڪت ۾ هڪ ٻئي سان گذاريندا هئا. سنڌن وچ ۾ تحمل قائم هو. جيئن اڄ جا سنڌي ۽ جديد سنڌي سماج برادري ڀائپي سلوڪت تي ٻڌل آهي، اهو سڪ، سلوڪت جو ورثو اسان سنڌين جو هزارها سالن کان لڳاتار هلندو آيو آهي ۽ لاشڪ هلندو. موهن جو دڙو کي مئلن يا مئن جو دڙو چوڻ به غلط آهي. اها ته جيئري جاڳندي تهذيب جي نشاني آهي جا اسان جي سنڌي سماج ۾ اڃا به زنده آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندا. هيل تائين هڪڙوئي اهڙو ٿب مليوآهي. ائين به سمجهه ۾ اچي ٿو ته ٿي سگهي ٿو ته هيءُ ساٿ سڀڻ لاءِ ڪتب آڻيندا هجن. هن ڪان اڳ نرڙي ماتا يا ڌرتي مات جي بندگي جو ذڪر ڪيل آهي، جديد سماج ۾ دستور آهيَ ته پار جڏهن ماتا يا لاڪڙي جي بيماريءُ مان ڇٽي ته ڪيس ٿالهه ۾ بيهاري ڇنڊو وجهبو آهي. مقصد اهو ته جي ڇلڪا ڪرن ته اهي ٿالهه ۾ ئي جمع ٿين. اهو آشڪار آهي ته ماتا يا لاڪڙي جي بيمارين ۾ بدن تان لهندڙ ڇلڪن ۾ جيوڙا پريل هوندا آهن. اهو ممڪن آهي ته نڪر جو وڏو ڪونڊو يا ٿب به انهيءُ نموني جي سڀڻ لاءِ ڪتب ايندو هجي. جيئن ٻار بيهي ته ترڪي ڪونه ۽ ڇلڪا به هڪ هنڌاٽيءُ ۾ ڪنا ٿيل هوندا ته نيڪال ڪرڻ آسان ٿي سگهندو. اها ڇئجي ان ڪونڊي يا اونهي ٿالهه جي اهميت. ظاهر آهي ته ان تي وڌيڪ کوجنا ڪرڻ گهجي.

اسان جيڪڏهن جلد ئي اهڙا قدم نه کنيا ته ايندڙ پيڙهين لاءِ اهي پراڻي زماني جا آثار بلڪل نرالا، عجيب و غريب رهندا ۽ ڪوئي ان جو انت به نه لهي سگهندو. مٿي ذڪر ڪيل نظريو شخصي آهي، ڪجهه عام فهم ۽ ڪجهه سماجي روايتن جي ڄاڻ تي ٻڌل آهي. اهي پتلا، اهي، نقش بند، اهي زر زيور، وستو جوڪجهه ٻڌائي رهيا آهن، جيئن ته اسان پروڙڻ جي اجا ته ڪوشش به نه ڪئي آهي، هي ته خاموش آواز آهن جي سنڌين کي ٻڌٽا آهن. انهن معاملن جي اجا وڌيڪ کوجنا جي ڪيتري ئي ضرورت آهي. ان لاءِ مڪان، ناٽي ۽ اتساهه ڀريل انسانن ۽ عالمن جي ضرورت آهي. ان طرف سنجيدگيءُ سان ڌيان ڏيڻ جي سلسلي ۾ هڪ نئون انسٽيٽيوٽ آف اينشنٽ سنڌالاجي برپا ڪيو وڃي، جنهن وسيلي اسلامي دوَر کان اڳ جي کنڊرن، سپيتا ۽ وستوئن جي جاچ ڪري مڪمل طرح لاپ حاصل ڪيو وڃي.

موهن جي دڙي جي نالي تي به کوجنا ٿيڻ گهرجي. ڪن ان شاندار تهذيبي ماڳ کي 'مئن جو دڙو' چيو. مڪاني ماڻهو، 'موهن جو دڙو' به چون ٿا. سنڌ ۾ ماڇين جي هڪ قبيلي کي 'مهاڻا' به چون ٿا اهي مهاڻا، انهيءُ موهن دڙي ۾ رهندڙن جي نسل مان آهن يا ٻي ڪا الڳ ذات اٿن؟ مهاڻن جي زبان ۾ ڪيترائي نرالا نالا ۽ چوٽيون آهن، ڇا انهن جي زبان جو موهن دڙي واري اڻ سلجهيل لپيءُ ۽ زبان سان ڪوئي تعلق آهي ؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿوري ۾ ڪٿي ائين چئجي ته سوال گهڻا آهن. لازمي آهي ته انهن سوالن جي وراڻي ڳولي وڃي.

موهن جي دڙي جي صرف ٿوري کوٽائي ٿيل آهي. اجا ته صرف ٽيون حصو کوٽيو اٿائون. کوٽايءَ بعد کوجنا، جا اجا ته بلڪل ڪونه ٿي آهي . موهن جو دڙو واري ايراضيءَ ۾ زير زمين وڌيل پاڻيءَ جو مسئلو حل ٿئي ته کوٽائي جاري ڪري ، کوجنا جي طرف جوکو ڌيان ڏيڻ گهرجي. ان سان گڏوگڏ موهن دڙي جو بنياد بنسبت، تهذيب کي سمجهڻ ۽ سلجهائڻ لاءِ پڻ کوجنا ٿيڻ گهرجي. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي بنيادي مول ۽ مقصد ۾ اهو به شامل آهي ته پراڻي سنڌ جي کوجنا ٿيڻ گهرجي، پر هيل تائين تڇ به کوجنا ڪونه ڪيل آهي. قديم سنڌو جا ڪيترائي کنڊر آهن، جن ڏانهن سنجيدگيءَ سان کوجنا جي لحاظ کان ڌيان ڏيڻ گهرجي. اڃا گابري کوجنا مان ڪجهه به هٿ حاصل نه ٿيندو، جن جو خزانو آهي تانگهه به انهن کي ٿيڻ گهرجي، اسان سنڌين کي ڪمر ڪشي پنهنجي پراڻي ۽ شاهوڪار ورثي لاءِ بيداري پيدا ڪرڻ گهرجي ۽ کوجنا لاءِ نيون واٽون کولڻ گهرجن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 17. موهن جو دڙو

### ايس. آر رائو / سارنگ ماچي

موهن جو دڙو، سنڌو سلطنت جو مرڪزي دارالحڪومت سنڌوندي‍ءَ جي ڪناري سان، سنڌ جي لاڙڪاڻي ضلعي ڏوڪري تعلقي ۾ آهي. هن وقت سندس پسگردائيءَ ۾ آباد ڳوٺ حسڻ واهڻ، ڊنڊ، بگي ٻنتي ۽ وڪڙو (Wakro) ڳوٺ آهن. (هن مضمون جو سنڌيڪار پڻ ڳوٺ وڪڙو سان تعلق رکندڙ ۽ رهاڪو آهي)، هن تهذيبي ماڳ کي پهرين ڊي، آر ڀنڊارڪر (D.R.Bhandarkar) 191112ع ۾ ڏٺو هو. موهن جو دڙو جي کوٽائي سرجان مارشل جي نظرداري ۽ هدايتن تحت 22-1921ع تائين مسلسل ٿيندي رهي. ارنيسٽ ميکي هن کنڊر جو هڪ حصو 1927 کان 1931ع تائين کوٽائي ڪرايو هو. مارٽيمر ويلر موهن جو دڙو تي 1950ع جي کوٽائيءَ ۾ اناج جا گدام ظاهر ڪيا هئا ۽ جارج ايف ڊالس 1964ع کان 1966ع تائين دڙي ۾ آزمائشي ۽ دريافتي کڏون کوٽايون هيون؛ جتي هو انهيءَ راءِ تي پهتو هو تہ موجوده واٽر ٽيبل (پاڻيءَ جي سطح) کان قدرتي مٽي اجان هيٺ هئي. موهن جي دڙو ۾ کنڊرن جو نظارو ٻن حصن ۾ آهي _ هڪڙو اسٽوپا واري دڙي جي نالي سان مشهور آهي، جاڪاڻ تہ اسٽوپا (Buddhist Stupa) وارو حصو ٻڌ مٽي جي نمائندگي ڪري رهيو آهي ۽ ان تي ٻيٺل آهي، ۽ ٻاهريون دڙو هيٺائين شهر جي نمائندگي ڪري رهيو هو. اهڙي طرح سنڌو سلطنت جي عروج واري. سنڌو لوڪن (هڙاپن) جي رٿابندي، شهر جي ٻن حصن ۾ ورهاست جو دهراءُ ڪري پئي، ايم ايس واٽس (M.S.Vats) کي اين پوري (K.N.Pori) هرگريوز (Hargreaves) ڪيو ايم مونئر (Q.M.Moneer) ۽ کي اين ڊڪشٽ پنهنجي پنهنجي لکڻين ۾ موهن جو دڙو شهر ۾ ٻنهي دڙن جي وچ ۾ ڪيترين عمارتن جي هجڻ جو ذڪر ڪيو هو. ايم جانسن 1980 کان وٺي مونيئرسائيٽ (Monerr site)جو سائنسي ڇيد ڪندي ان جي ساختي تفصيلن کي وجود ۾ آندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## قلعو–Citadel

قلعي واري دڙي جي ماپ (پيمائش) 356.5x183 m ميٽر اتر کان ڏکڻ ڏانهن اپريل ۽ ٻارنهن ميٽر اوچائي اتس، ۽ سنڌونديءَ جي ٻوڏن واري پائينڊڙ ان قديم ماڳ (شهر) کي پراچين سمي ۾ ڪٽي ٻن حصن ۾ به ورهايو آهي. ميڪي، شڪ ڏيکاريو آهي ته سنڌونديءَ جو اصل ڪو وهڪرو قلعي جي اترين ايراضيءَ کي به پنهنجي هيٺ آندو هو. ساڳي صورتحال ڪوٽڏا (ڍولاوير) ڳوٺ ۾ نکترانا تعلقي، (Nakhtrana Taluk) ۾ خيري سر وٽ ڏسڻ ۾ ايندي، جيڪي ٻئي ماڳ ڪڇ ۾ خاص سنڌو سلطنت جي عروج واري (هڙاپن ) زماني سان واسطو رکن ٿا. ڪنهن قديم واهڙ جو پيٽ يا تري واري هيٺائين ٻنهي دڙن کي الڳ ڪري ٿي. جيڪي ٻئي رهائشي ماڳ، قلعي ۽ ٻاهرين شهر جي نالي سان سڃاتا ويندا آهن.

قلعي کي ڪيترين خاص جڳهون محدود نموني سان مرڪب ٿيل ويڙهي وڃن ٿيون، جيئن وڏو حوض، اناج جا ڀانڊا ۽ ڪاليج، سموريون اهي اڏاوتون ڪچين سرن جي مائيدار (ٻاهر نڪتل) تلهن تي تعمير ٿيل آهن، جنهن جي اڃا تائين صحيح نموني سان کوٽائي نه ٿي آهي، پر ڪجهه ابتدائي (شروع واريون) جڳهون انهيءَ جي هيٺان آهن. ويلر 1950 جي کوٽائي ۽ ۾ قدرتي زمين تائين پهچندي چيو هو ته جيڪڏهن سنجيدگيءَ سان ڏسجي ته هيٺين زمين تي پهچڻ لاءِ پاڻي جي سطح (Water table) مسئلن جي حل ڪرڻ ۾ رڪاوٽ بڻيل آهي. ڊچ (Dutch)1967ع ۾ تجويز ڪيو ته موهن جو دڙو جي نقشي ۾ 'کوهن جي مشاهدي' بابت ورهاست سان پري پري چوويهن جڳهن تي برمي سان ٽنگ (Drilled) ڪري ان سرزمين (Spot) جي نشاندهي ڪندي راءِ ڏني هئي ته انهن کوهن جا نقشا سنڌو لوڪن جي مشغولي (ڪرت) کي ظاهر ڪن ٿا، جيڪي ارڙهن ميٽرن کان مٿي هيٺ گهرا سرن جي ڍير ۾ ڍڪيل ٻوڏ ۾ تباهه ٿيل آهن. جيتوڻيڪ انهن جي ممڪن فطري ڏنڊي جي پوري ڇاڻ نه ملي آهي ته پراچين سمي، جڏهن سمنڊ ۾ گاهه (Genus sea weed) پاڻي مٿان ترندا هلندا ڦرندا رهندا هئا، جنهن کي سارگان دور (Sargonid period)سڏيو وڃي ٿو، ان وقت هن ماڳ جي وجود جي موجودگي هئي يا نه، ڊالس ٻن کوهن کي 65-1964 ۾ ٻارنهن ميٽر هيٺ کوٽي انهن لوڪن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي هستيءَ جي موجودگيءَ کي سندن امانتن جي بنياد تي تصديق سان ظاهر ڪيو هو. انهن قبضيدارن جي امانتن کي درياهي وهڪرن سان پيل تهه پوري طرح پڌرو ڪن ٿا ته ٻوڏن جو هڪ ٻئي پٺيان مسلسل اچڻ ڪري انهيءَ مهذب وستيءَ جي تباهي ٿي هئي. ويلر پنهنجو پاڻ قبول ڪيو ٿي ته جيئن ئي قلعي ۾ داخل ٿياسين ته ڪوٺائي هلندي پاڻيءَ جي زير زمين سطح مٿي چڙهي آئي ۽ ڪوٺائي جي مسئلي ۾ منجهائي وڌائين، جڳهن کي ٻوڏ کان بچاءُ هيو، چاڪاڻ ته ڪچين سرن جو چوڌاري ڪوٽ چڙهيل هيو، جيڪو لوٿل (Lothal) وانگر ٽيرنهن ميٽر ويڪرو هيو. هتي اهو پيهر دهرائجي ٿو ته پٽ جون پڪل سرون ۽ نڪر جي ٿائن جو نڪرانو 3.05 ميٽرن جي گهرائيءَ ۾ لڌو ويو هو، لوٿل ڏي موجوده واٽر ٽيبل ظاهر ڪري ٿي ته ابتدائي بينڪ کي نديءَ جي پائنڊڙ ٻوڙيو هو. جنهن ڪري هڪ ٻئي پٺيان ايندڙ ٻوڏن جي لٽ پوڻ ڪري شروع وارن ٽن هزار سال قبل مسيح ۾ سنڌوندي ۽ صابرمتي ندين جي اٿل واري پاسي جي شهرن ۽ ڳوٺن جي تباهي ضرور ٿي هوندي، جن جون امانتون ندين جي لٽ پوڻ ڪري محفوظ رهجي ويون هونديون. گجرات ۾ دساليور، خيرسر، ڪوتدا، لوٿل، ڪوٽ (Koth) ۽ ڀاڳترو (Bhagatrau) سان گڏ ڪيترائي عروج واري زماني جي لوڪن (MatureHarappan) جا ڳوٺ ۽ شهر 1900 قبل مسيح دوران غير معمولي وڏن ٻوڏن ڪري پنهنجو وجود وڃائي، ڌرتيءَ تان ميسارجي ويا هئا. ساڳي نموني سان چانهو دڙو، موهن جو دڙو، ۽ ڪڇهه بهاولپور جون ٻوڏ ۾ ٻوڙيل امانتون ٻڌائن ٿيون ته لوئر سنڌو ماٿر جي بستين مٿان به ضرور ڪا مصيبت نازل ٿي هوندي. ياد رهي ته سنڌوندي پنهنجي قديم وهڪري جي بنسبت وقت بوقت رستا تبديل ڪندي رهي آهي.

### ڪوٽ ۽ ٿلها — Fortification and platforms

موهن جو دڙو جي قلعي کي ٻوڏ جي حفاظت ڪري عالم پناهه ۾ منارن ۽ ٻاهر نڪتل چبوترن کي اولهه ۽ ڏکڻ اولهه پاسن کان ڍاهيو ويو هو، انهن لاءِ ويلر جو خيال هيو ته اهي حملي آورن جي بچاءَ ڪان هئا. ڪوٽ اندر گهرن جون پٽيون گهريدار ٿلهن تي تعمير ڪيل هيون، جيڪي پٽ سان چورس ٿلهن سان سجائل آهن، جن جي شروعاتي پيمائش



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

9.45x71 ميٽر آهي. هي ٿلهہ پڪين سرڏن جي بنياد سان افق جي سنوت تي سڌو ڪاٺ جو مددي ضامن (ٿنيو) آهي، جيڪي ڪيئن بہ ماضيءَ جي پوڏن ڪري سڙي پري ختم تي ويو ۽ انهيءَ ساخت (بناوت) کي جوکم ۾ وڌو. اَنَ جا پانڊا ۽ ابتدائي ٿلهہ پڻ ڪاٺ جو ضامن طور ٺهيل هيو، جنهن تي رمبيءَ سان گلڪاريءَ جي ٽڪ ٽيل هوندي هئي. ڪاٺ جي مددي ضامن کي غلطيءَ سبب پڪين سرن سان ٿلهين جي تعمير سمجهي ٽڪڙ ۾ قبول ڪيو ويو هو. حالانڪ انهن معمارن ۾ تجربي جي بنياد تي مددي ضامن وجهڻ جي عادت پيل هئي. ڪوٽ جي ڏکڻ اوپر ڪنڊ ۾ بہ برج پوئين (آخري) دروازي واري پانهينءَ ۾ شڪي بنياد تي سمجهہ ۾ اچن ٿا، جيڪي پٽ جي پيڙهہ (Parapet) ۽ ٿلهن ڪري بند ٿيل هئا. هتان ڪيترائي گول بڙچ (مٽيءَ جا گولا) لڌا ويا هئا، جيڪي بڌائن ٿا تہ اهي شهر جي بچاءَ لاءِ ڪم آندا ويندا هوندا، پر اهڙيون شهادتون لوٿل ۽ ڪالي بينگن ۾ نہ مليون آهن. پر ڪيتريون استعمال جون متبادل شيون ميسر ٿيون هيون، خاص ڪري عبادت، پوڄاپات ۽ ڪريا ڪرم لاءِ. هڪڙي شئي گهم کان بچاءَ (Ballast for Damp-proof) واسطي ٽٽل حالت ۾ ملي هئي يا مٽيءَ جي فرش ۾ استعمال ٿيندي هئي. اهي پاڻيءَ جي نڪاس لاءِ ڪڏون ۽ وٽ تور جو سامان پڻ استعمال ڪندا هوندا.

## وڏو حوض ـ The Great Bath

قلعي ۾ آڳنڌ جي پرسان هڪ عوامي حوض آهي، جنهن جي اتر کان ڏکڻ ۾ ڊگهائي پيمائش 89. 11 ميٽر ۽ اوپر کان اولهہ ويڪر جي ماپ 7.01 ميٽر آهي ۽ سندس گهرائي 44. 2 ميٽر آهي.

( يعني ڊيگهہ 29 فوٽ، ويڪر 23 فوٽ ۽ اوچائي 6.6 فوٽ آهي.)

اڱڻ کي سرن جو فرش ٻڌل آهي، جنهن جي چوگرد وراندا آهن. انهن جي پٺئين طرف کان ننهي پاسن ۾ ڪمرن جي قطار جوڙيل آهي. هڪ ٻئي پڳ وارو کوهہ، هڪ ڪمري ۾ آهي، سو پاڻي فراهم ڪندو هو. حوض جي فرش تي اتر ڏانهن قدم ڪٽندو وڌندو وڃبو تہ ڏکڻ کان حوض جو فرش ۽ پٽين جا پاسا سرن جي ٽائيلس ۾ چيرولي گچ سان پريل ۽ تعمير ڪيل هئا. وڏيڪ انهن معمارن وڏي خبرداريءَ سان پاڻي سمڻ جي بچاءَ کان (Damp- proof) ڏامر جو هڪ قسم متعارف ڪرايو، جنهن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرش ۾ سرن واري ٽائيلس جي ڪال- وچوٽن ۾ ٻه سينٽي ميٽر ڏامر وجهي چيرولي سان لپائي ڪرائي وئي هئي. حوض جي فرش تائين پهچڻ واسطي سرن جي ڏاڪڻ جوڙي وئي هئي، جنهن جي ڏاڪن تي قدمن رکڻ لاءِ ڏامر سان ڪاٺ جون پٽيون مضبوط ڪيون ويون هيون. حوض جي ڏکڻ اولهه کان وڏي نالي تائين پاڻيءَ جي نڪاس جو بندوبست ٿيل هيو، جيڪو قلعي جي اولهه طرف کان گول آهي. پيو ڊرين جي ڪاٺيءَ جي ونگ جا اهڃاڻ عمارت سازيءَ ۾ ڏيان جوڳا آهن. هڪ ڪمرو وراندي سان آهي، جنهن جي مٿان (Terrace) چبوترو يا ٻي منزل جوڙيل آهي، ان تي چڙهڻ لاءِ ڏاڪڻ ناهيل هئي. کوٽائي ڪندڙ ماهرن محسوس ڪيو آهي ته ٻوڏ وقت پاڻي ضرور سڄي شهر ۾ قلعي سميت رهاڪن جي ٿلهن تائين پهچندو هوندو، تنهن ڪري ظاهر ٿئي ٿو ته تر کان آخري چيڙي وارين عمارتن جي گڏيل غسلخانن (Bath Complex) جي جوڙڻ واسطي ڪچين سرن جو استعمال ڪيو هوندو. لوٿل ۾ رنگپور ۾ به موسمي ٻوڏ جو چاڙهه ٿلهن تائين پهچندو هو.

## خانگي غسلخانہ ـ Private Baths

وڏي حوض واري اترين سوڙهي گهٽي پار ڪندي ڏسبو ته اٺن غسلخانن جون ننڍيون ڪوٺيون هڪ بلاڪ ۾ ٻن قطارن تي مشتمل آهن، هڪ قطار ڊرين جي پاسي ۾ هن طرف آهي. هر هڪ غلسخانو 2.9x1.8 ميٽر ٿيندو، سيني ڪي سرن جو فرش ٻڌل آهي ۽ انهن جو نيڪر وڏي ڊرين سان ڳنڊيل آهي. هر هڪ غسلخانو مٿين منزل سان ڏاڪڻ وسيلي ڳنڍيل آهي، انهن غسلخانن جا دروازا هڪ ٻئي جي آمهه سامهه نه هئا، تنهن ڪري سندن خلوت پوشيده هئي. اهو ڪوٽائي ڪندڙ ماهرن کي معلوم ٿئي ٿو ته اهي غسلخانہ پورهت استعمال ڪندا هئا ۽ وڌيڪ وڏي حوض مان وضوءِ شنان ۽ هٿ منهن ڌوئيندا هئا. ڊالس ٻڌايو آهي ته 'مونيئر ايريا' جيڪا 'وي. ايس. ايريا ' جي سڌو اوپر ٻاهرين شهر ۾ آهي، اوڏانهن هڪ ويڙهي (محلي) اندر ٻيتين جي بناوت ٿولهه ۾ هلڪي هئي. وضوءَ جي فرش تي صفائي جو پورو بندوبست ٿيل هيو ۽ اصلوڪن روشن گهرن ۾ سرن سان ڏاڪٽيون هيون، جيڪي ظاهر ڪن پيون ته هتي ڪيترا خاندان يا ملازم انهن ڏاڪڻ ذريعي مٿين منزل تي پاڻي کڻي ويندا هئا. اهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دستور اڄ تائين سنڌ ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اهو لاڳاپو ٻڌائي ٿو ته ڪوٽ ۾ غسلخانه ڪليل هوندا هئا، جن ڪي سرن جو فرش لڳل هوندو هو. هڪ قطار ۾ ٻارنهن گهر هئا، هر هڪ گهر ۾ ٻه ڪمرا هئا. جيئن لوٿل ۾ نشاندهي ٿيل آهي ته ڪوٽ اندر گهرن ۾ حڪمران ۽ سندس سان لاڳاپيل عملو رهائش پذير هيو. غسلخانه خاص عبادت ۽ ڪريا ڪرم وقت هر هڪ لاءِ استعمال ٿيندا هئا، اهو شاهوڪار هجي يا غريب، سمورو عوام غسلخانه ڪم آڻيندو هيو. موهن جو دڙو ۾ هر هڪ فرد لاءِ عوامي غسلخانه صاف سترا مهيا ڪيا ويندا هئا.

## اناج جو گودام _ Granary

وڏي حوض جي اولهه ۾ قلعي سان اناج جا ستاويهه پانڊا نهرايا ويا هئا. لوٿل جهڙو هڪ مال گودام عام گذرگاهه (وڏي شاهراهه) ڪان هيو، جنهن جي تري ۾ ڪاٺ جا پڃرا اناج کي هوا ملڻ لاءِ ناهي رکيا ويا هئا، جيڪي ترتيب ۾ تمام مٿاهين درجي جا هئا. ٻاهرين ميدان وارو چبوترو مسمار ٿي چڪو هو، اهو برج قلعي پرسان ڏسڻ جهڙو هيو. اولاهين چيڙي ۾ هڪ هوادار پانڊو هيو، جيڪو اناج جي خالي ٻورين جي سهوليت فراهم ڪندو هو. انهن جڳهن ۾ فرش جو ڪم ۽ رمبيءَ سان ڪاٺ جي شهتيرن تي چترڪاريءَ جو ڪم ڏسڻ جهڙو هيو، جيڪي شهتير چبوتري ۾ پيل هئا، سي حالات جي تنگ نظريءَ ڪري برباد ٿي ويا هئا، اناج جي گدامن جي تعميري بنياد واري ماپ 45.72x22.86 ميٽر آهي، شروع جي بنسبت جڏهن غسلخانه تعمير ڪيا ويا هئا ته ان وقت ڏاکڻي پاسي وڏو حوض جوڙيو ويو هو. ماهرن جي راءِ آهي ته لوٿل جي مال گدامن وانگر موهن جو دڙو ۾ به گدامن جو ترو بهترين نهيل هيو.

گدام جي ڏکڻ ۾ 6.07 ميٽر هڪ ڏاکڻ آهي، جتان پيادل قلعي جي تلهي کان مٿي ڪشادو رستو نهيل آهي. لوٿل ۾ ڏاکڻي پاسي ڪوٽ کان شهر ڏانهن پيادل وڃبو ته اڳ ۾ وڏي گدام تي پهچبو، ٻيو وڏو رستو بندر کان مال گدام طرف اپرندي پاسي کان وڃي ٿو.

## پروهتن جو ڪاليج _ College of Priests

هڪ وڏي بناوت وارو اڱڻ، جنهن جي پيمائش 10.1 ميٽر ٿيندي، ان جي ٽن پاسن کان ورانڊا آهن ۽ وڏي حوض جي اتر اوير ڪنڊ تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صفبنديءَ ۾ هڪ ٻئي سان ڳنڍ ڪمرا آهن، جيڪي پروهتن جي ڪاليج جهڙا سمجهه ۾ اچن ٿا. انهن جي غير معمولي اهميت ۽ سندن تعمير جو مقصد چٽو نہ آهي. پنج دروازا اوپر جي قطار ۾ کلن ٿا، هڪ ڏکڻ ۽ اولهہ تي کلي ٿو. مٿي منزل يا فليٽن جي ڇت ڏانهن ڏاکڻ وڃي ٿي. انهيءَ حصي ۾ کوٽائيءَ دوران ڀاڻمرادو ڄڳهون ظاهر ٿيون آهن، جن جي تعميرجو حقيقي مقصد پروهتن جو ڪاليج ٿي ٿي سگهي ٿو.

اسٽوپا جي اتر ۾ وڏو ميدان آهي، جنهن جي ڀتين جي ٿلهائي قياس طور ظاهر ڪن ٿيون تہ اهي مندر (Temple) جون باقيات آهن، جنهن کي ڪنهن پئسن جي ادائگيءَ لاءِ استعمال ڪيو ويندو هوندو. کوٽائي ڪندڙ ماهرن کي قياس جي بنياد تي محسوس ٿئي پيو تہ سنڌو سلطنت جي عروج واري زماني جو اهو مندر اسٽوپا هيٺان دفن ٿي ويو آهي، پر اهو ناجائز ۽ بي واجبي اشارو آهي.

### اسيمبلي هال ـ Assembly Hall

هڪ وڏي عمارت، جيڪا 27.44 ميٽر چورس، ويهن سرن جي ٿنين (Piers) سان پنجن دالانن ۾ ورهايل آهي، جنهن کي چئن حصن ۾ ناهي بيهاريو ويو آهي. هر هڪ قطار پنجن دالانن جي آهي، انهيءَ ۾ اتر کان داخل ٿيڻ جي گيٽ آهي، اهي دالان بادشاهي گهراڻي جي ملاقاتن جي هال سان مشابهت رکڻ لاءِ چيو وڃي ٿو. حقيقت ۾ اهي اسيمبلي هال طور استعمال ڪيا ويندا هئا، ماضيءَ ۾ انهن دالانن کي سرن جو فرش هٽي سوڙهين قطارن ۾ ورهايو ويو هو. اتي اولهہ ۾ هڪ وڏيڪ معمولي بناوت وارو هال ۽ دالان هيو.

گدام، وڏو حوض، اسيمبلي هال ۽ ٻيون ضروري عمارتون قلعي مان کوٽائيءَ دوران مليون آهن، جيڪي حڪمران جي آفيس يا ويهڻ جي جڳهہ کي ظاهر ڪن ٿيون. شهري رٿابنديءَ ۾ ڪنهن ڏرمي آستان کي ظاهر ڪونہ ڪيو ويو آهي. حڪمران بابت فطري انومان (قياس) بہ نہ ٿو ڪري سگهجي تہ اهو بادشاهہ ڪو پروهت هيو. هڪ بہ اهڙي موثر شئي ملي هجي، جيڪا قلعي يا ڪوٽ ۾ پوڄا يا قربانيءَ جي آڄ واري عمل کي ظاهر ڪري. ڪالي ٻينگن جو قلعو مذهبي ڪريا ڪرم جي مرڪز



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئڻ جي نيارپ (Exception) ڏيکاري ٿو. ساڳيءَ طرح موهن جو دڙو جو اسيمبلي هال ڌرمي جوڙجڪ ڏيکاريندو هوندو.

## هيٺيون شهر ـ Lower City

قلعي جي اوڀر ۾، ڪوٽ کان ڌار حصي کي هيٺيون شهر سڏجي ٿو، اهو هيٺيون شهر گهٽ ۾ گهٽ 2.59 چورس ڪلوميٽر کان به وڌيڪ ڦهليل آهي. سنڌس هڪ چيڙي کان ٻئي چيڙي تائين 1.61 ڪلوميٽر مفاصلو آهي، هيٺين شهر کي پڻ چوڌاري ڪوٽ ويڙهي وجي ٿو. (حالانڪ انهيءَ عالم پناهه کان ٻاهر به شهر جا آثار ثابتيءَ لاءِ چٽا بيٺا آهن. تازو جڏهن سنڌونديءَ ۾ موهن جو دڙو جي بچاءَ لاءِ اسپربند ڏنا ويا هئا ته انهيءَ درياهه خوردي ايراضيءَ مان جيڪا هاٺي ڪچي ۾ شمار ٿئي ٿي، اتان به ان وقت موهن جو دڙو شهر جي جڳهن جا آثار پوري چٽائيءَ سان ظاهر ٿيا هئا. (جتان بلڊوزرمتي ڪٽي اسپربند جوڙين پيا، يعني تحقيق بجاءِ تاريخي اڏاوتون ڊاهيون پيون وجن ۽ اسپربند انهيءَ آثارن ۽ بندر جي مٽيءَ مان ٺاهيو پيو وجي، مترجم) هيٺين شهر جي گهرن ۽ گهٽين جي رٿابندي خبرداريءَ واري انتظام کي ظاهر ڪري ٿي. اوپر کان اولهه، گهٽين جي سراسري ڊيگهه 365.84 ميٽر آهي، جيتوڻيڪ گهٽيون اتر کان ڏکڻ 365.76 ميٽر هليون ويندڙيون آهن. شاهراهه جي ويڪر 9.15 ميٽر آهي. تنهن هوندي به اندرين گهٽين جي ويڪر 2.25 ميٽر آهي. شهر جنهن جو هر هڪ بلاڪ ستن گهرن تي مشتمل آهي.

گهر درين کان سواءِ هئا، پر ڪنهن وقت انهن کي پناهه جي وڏي پٽ سان پدرو هيو، ۽ ڪوئيون هميشه مرڪزي اڱڻ (ايوان) جي چوگرد قطار ۾ ٺاهيون ويون هيون . موهن جو دڙو ۾ هڪ خاص نموني جو (علامتي) گهر هيو، جنهن ۾ اندر هڪ سوڙهي دروازي کان داخل ٿيڻو پوندو هو، ان دروازي جي ويڪر 1.52 ميٽر هئي. هڪ ڪولي مزور (شايد چوڪيدار) جي ڪوٺيءَ جي در جو منهن ننڍي ايوان ۾ پئي ٿو، جيڪو وڏي اڱڻ سان ڳنڍيل آهي ۽ هڪ بهترين ننڍي ڪوهه واري ڪوٺيءَ ڏانهن رستو نڪري ٿو، جيڪو فرش ٻڌل غسلخاني سان لاڳاپيل بهترين اڏاوت جو سمجهيو وجي ٿو. وڏو ايوان 9.22 ميٽر چورس آهي، جنهن منجهان رازي جي ڪمال ڪاريگري سان ڪوٺيءَ واري ڪوهه جي نزديڪ پٽ کي

تنگ ٿيل آهي. اتي هڪڙو نڪر جو پائيپ سرن سان بند ڪيل هو ۽ نيڪر جو پاڻي ڪِوڻيءَ ڪان گذري اڳڻ وٽان ٿيندو وڏي عوامي ڊرين ڏانهن هليو ويچي ٿو. مٿين منزل جي نيڪر جو پاڻي گرائونڊ فلور جي ڪسيءَ تائين پٽ منجهان اين پائيپن ذريعي گذري هيٺ پهچي ٿو. هن هڪڙي گهر جو نقشو ايل ٽائيپ تي آهي، جتان رستي ڪان دالان (Corridor) ۾ گول ڪنڊن سان غير معمولي چيمبر (Chamber) تعمير ٿيل آهي.

## محلات _ Palace

ڪوٽائي ڪندڙ ماهرن لاءِ ڊي ڪي ايريا جي ڏاکڻي حصي (سيڪٽر) ۾ گڏيل بناوت جو هڪ 76.2 ميٽر چورس خاص محلات ويچارڻ جهڙو هيو، چاڪاڻ تہ سندس ٻاهرين پٽن جي ٿول 1.06 ڪان 2.14 ميٽر ٿيندي، جيڪي مورچا آهن. اتي بہ اڳڻ هڪڙي دالان ۾ پوندا آهن، انهن ۾ هڪ دروازي وسيلي اندر داخل ٿيو آهي، جنهن جي ويڪر 1.52 ميٽر آهي ۽ ڏکڻ ڪان هڪ سوڙهي گهٽي آهي، جنهن جي ويڪر 2.44 ميٽر آهي. عمارت ۾ داخل ٿيڻ جا بہ رستا هئا، جيڪي هڪ اترين سوڙهي گهٽيءَ ڪان هيا. انهيءَ مان هڪ لنگهہ اولهہ ڏي اڳڻ ۾ پوندو آهي ۽ ٻيو وڏي ايوان ۾ پوندو آهي. هي لنگهہ ڏکڻ ۾ چوٿين دروازي ڪي سولو پوندو آهي، قطار ۾ بہ ڪڏون گول مٿيءَ جون چپر نموني (Wedge Shaped) جي سرن سان تعمير ٿيل آهن. اهي فرضي ڪوريون هونديون، جنهن مان سرن ٺاهڻ (Vitrified Bricks) جي نشاندهي ٿئي ٿي، اهو ان جي برعڪس نہ آهي تہ اتي ڌرمي ڪريا ڪرم لاءِ باهہ جي پوجا ڪندا هئا. عمارت ۾ خاص دلچسپ ڳالهہ مانيءَ لاءِ تنورن (Bread Ovens) جي آهي، جنهن جي قطر (Diameter) ۾ ماپ 1.12 ميٽر ۽ اوچائي 0.92 ميٽر آهي، اهو اڳڻ جي ڏکڻ اوپر واري ڪنڊ ۾ ٺهيل آهي. اهو سنڌ ۽ ڏکڻ اولهہ ايشيا ۾ مانيءَ جو جديد تنور تمام گهٽي پراچينتا ۽ قدامت ڏيکاري ٿو. عمارت شاهوڪار دڪاندارن جي وچ ۾ هئي. چا اهو هڪ محلات هيو، جنهن ڪي قلعي تعمير ڪيو ويو هوندو. شاهوڪار دڪاندارن جون ڪجهہ عمارتون هڪ ميٽر ٿلهين پٽين ۽ ڪيترن ڪوٺين سان هيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## دڪان ـ Shop

هڪ وڏي ساخت واري اڏاوت 26.52x19.66 ميٽر ماپ سان هئي، جنهن جي هر هڪ ڪمري (دڪان) ۾ چيردار نموني جي پترين سرن سان قطار ۾ پنج مخروطي کڏون (Conical pits) آهن، اها ويڪري عمارت وي ايس ايريا (V S Area) ۾ پهرين گهٽي ڏانهن کلي ٿي. کڏن جو مطلب دلن، مٽن ۽ ڪولن جي پرتيءَ (Storage jars) يا اسٽور ڪرڻ جي جڳهه ڪي ظاهر ڪري ٿي، اها جڳهه ۽ ان سان لاڳيتي زمين ڪمرشل (تجارتي) مقصد لاءِ استعمال ڪئي ويندي هئي، پر هڪ انڊسٽريل علائقي وانگر جوڙيل نه هئي.

## مندر ـ Temple

ايچ آر ايريا ۾ هڪ وڏي بلڊنگ آهي، جنهن جون حدون ڏاڪٽي سوڙهي مئل ماڻهن واري گهٽيءَ (Dead man lane) سان ملن ٿيون، ان جي پنئين حصي کان ڪيترين گڏيل وڏيون پتيون آهن. ان جو نمونو 'اي ون گهر' (House A1) وانگر مستطيل ميدان جي شروعات ۾ هيو، سندس ماپ 15.85x12.2 ميٽر هئي. پهريائين شروعات ۾ هڪ وڏي دروازي سان بن بلاڪن جي عمارتن ۾ بن ڏاڪڻ سان سهڻا ۽ زيبائتا گذرگاهه (Access) آهن، جيڪي ٻنهي بنيي جي نزديڪ آهن. عمارت جي اڏاوت جو گول سرن سان ڪم ٿيل آهي، اتان هڪ لنگهه ٻاهرين دروازي جي اڳڻ ۾ پئي ٿو، اهو هن وقت تائين صاف نه آهي، جنهن جو قطر 1.22 ميٽر ٿيندو. جيڪڏهن اها عمارت آتش پرستن جو قربان گاهه ڪري تسليم ڪئي وڃي ٿي، جنهن عمارت مان ٻه مجسما (Statues) لڌا ويا آهن، ٻن مان هڪ پروهت جو مجسمو آهي، حقيقت ڪي ويچار ۾ آڻجي ته ڪو ڌرمي قدر ضرور هوندو. هڪ سفيد چن پٿر ۾ ڏاڙهيءَ سان ماڻهوءَ جي مٿي وارو مجسمو ٻاهرين دروازي جي اوپر پاسي کان ڪونيءَ مان لڌو ويو هو، جنهن جي اوچائي 17.52 سينٽي ميٽر هئي. وڏو مجسمو 42 سينٽي ميٽر اپو سنگ مرمر جي نرم پٿر مان ٺهيل هيو، هي مجسمو وينل ماڻهوءَ جي نمائندگي ڪري رهيو هو، جنهن جا هٿ آرام سان سندس گوڏن تي رکيل هئا. هنن مجسمن مان هڪ ڏاڙهي وارو ۽ ٻئي ڪي ڳچيءَ ۾ ڳٽ پيل آهي، جيڪو مٿي هينان ڳچيءَ ۾ ٻن ڪنارن سان ڦاسي ڏيڻ جهڙو ڏيکاءُ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيو ڏئي. انهن جو ڳاٽيتو ڪبو تہ ٻاهرين دروازي ۽ ڏاکڻ ڪان ٻئي مجسما ديوتا جي سماڌي يا مقبري جي يادداشت (Monumental) جو اعتماد ڏياري رهيا هئا. ڪوتائي ڪنڌڙ ماهر انهيءَ اڏاوت جي ساخت کي عبادت گاهہ (مندر يا مڙهي) سمجهي رهيا هئا. جيئن هڪ مجسمو ڪنهن بہ ديوتا جو عيوضي طور نمائندگي نہ پيو ڪري، باقي انهن مان هڪ مجسمو پروهت جو آهي، عمارت عوامي جڳهہ طور ڌرمي مقصد لاءِ استعمال ٿيندي هوندي، جيئن آتش پرست باهہ جي پوڄا ڪندا آهن.

## ٻيون عمارتون - Other Buildings

ڊي ڪي ايريا جي - جي سيڪشن (G-Section) ۾ بہ مڪمل اگهاڙيون عمارتون هيون، هڪ لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اها هاسٽل آهي، ٻي مندر. ايس آر ايريا ۾ وڏي عمارت جي تعمير جو مقصد ۽ نقشو، جنهن جون پٽيون 1.37 ميٽر ٿلهيون هيون ۽ ڪچين سرن جو ٻاهر نڪتل گهيرو (پوڊيم) چٽو ۽ صاف نہ اٿس. انهيءَ عمارت کي هڪ اڱڻ ۽ عمارت جي ٻن پاڱن مان هڪ ۾ کوهہ آهي. هن اڏاوت جي شروع ۾ سوڙهن ڪمرن جو بلاڪ بيٺل آهي، ان بلاڪ ۾ ٻن ڪمرن واري گهرن جون بہ قطارون آهن، هر هڪ قطار ۾ اٺ ڪمرا آهن. انهيءَ بلاڪ کي پوليس بئرڪن جو عيوضي خيال ڪيو وڃي ٿو، هتي جي ٻن ڪمرن واري گهر ۾ هڪ ڪوٺي اڱيان اڇي ٿي، جنهن سان گڏ باٿ روم هئي، ان جو فرش سرن سان ٻڌل هيو ۽ ٻي ڪوٺي پهرين ڪمري جي پٺيان هئي، جيڪا سمهڻ لاءِ استعمال ڪئي ويندي هئي. لوٿل ڏانهن بہ ڪوٽ ۾ ٻن ڪمرن واري هڪ قطار تعمير ٿيل هئي، جنهن جي جوڙجڪ مبادا هو بهو ٻاهرن ڪمرن ۾ موجود هجي. اتي بہ گهرن سان بہ قطارون هڪ ٻئي پٺيان بيٺيون آهن، پر پوليس بئرڪ (سپاهين جي رهڻ جي جاءِ) طور هڪ بہ استعمال نہ ٿيندي هئي. موهن جو دڙو جي بئرڪن ۾ بہ کوهہ مليا هئا، جنهن مان هڪ ڏاکڻي چيڙي ۾ هو ۽ ٻيو مرڪزي شاهراهہ تي هيو. اهي ساڳئي قسم جون بئرڪون هڙاپہ ۾ بہ هيون، انهن بئرڪن وانگر مصر جي مزدور چانوٽين لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اهي بہ اهڙيون ئي آهن ۽ سميرين جي مندرن پرسان دستڪارن جي رهڻ جون جايون هيون، جن ۾ غلام خدمتگار ملازم بہ رهندا هئا. تنهن هوندي بہ اها يادداشت ضرور هوندي تہ سنڌو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سلطنت جي شهرن جي رٿابنديءَ واري حالت ۾ يا ڏرمي ڳانڊاپي ۾ مصرين ۽ سميرين سان چڱي نموني جي هڪ جهڙائي ۽ لاڳاپو نه ٿي ڪيو.

موهن جو دڙو جي ايچ آر ايريا ۾ 1964ع کان 1966ع تائين پينسوليوانيه يونيورسٽيءَ (Pennsylvania University) پنهنجي نظرداريءَ هيٺ پيهر نئين کوٽائي ڪرائي هئي. جي ايف ڊالس (G.F.Dales) هينئين شهر جي ڏکڻ اولهه ڪنڌ ۾ دڙي جي الهندي ڪناري وٽ سان گڏ کڏ کوٽڻ جو پاڻ ڪم ڪيو هو، انهيءَ جڳهه تي ڪچين سرن جو وڏو ٿلهو لڌو ويو. هن سچائيءَ سان بي رياءُ ٿي قبول ڪيو آهي ته ڇا واقعي اهو قلعي وانگر سمجهه ۾ نه آيو آهي، پر شهر جو پورو نقشو (Grid plan) وسيع پکڙيل چوڻ ۾ اچي ٿو. هي ڇيو وڃي ٿو ته شهر واري پٽ لهڻ بنا سرمارٽيمر ويلر سنمورو وقت مايوسيءَ واري سخت دٻاءُ هيٺ هيو، ”مون ان کي ڳولي لڌو، پر پوءِ گهربل وضاحتي تپاس (سروي) نه ڏئي سگهيس. “ جڏهن پيهر ان اسٽرڪچر (اڏاوت) جو مطالبو ڪيم ته هڪ وڏي مضبوط سرن جي پٽ ڀه ميٽر کان وڌيڪ ٿلهي ۽ ڏهن ميٽرن کان مٿي اوچي ظاهر ٿي هئي. اها پنهنجي پاڻ اتر ۽ ڏکڻ ڏانهن پري وڌيل نه هئي، جيئن مون پيش ڪيو هو، حقيقت ۾ اهو وڌيل حصو پٽين، جڳهن ۽ نالين جي هڪ گڏيل حصي جو آهي، جيڪو شاهراهه جي اوير پاسي کان حد ٺاهي ٿو. هيءَ گهٽي هڪ سئو ميٽرن جي ڊگهن نشانن کي پاڻ سان ڳنڍي سگهي هئي. شهر جي ايچ آر _ وي ايس ۽ ڊي ڪي ايريا (HR.VS and DK Area) منجهان گذري ذري گهٽ مال گهرائڻ واري (Identical) منديءَ (ايراضيءَ) ۽ مشرق واري وڏي شاهراهه ۾ پئي ٿي. اهڙي طرح شهر جي (Grid plan) کي ڪشادو ۽ پکڙيل چئي سگهجي ٿو. “هي خيال ويلر سان سهمت ڪري پيو ته حال لاءِ، وقت کان اڳ ڏکي هٽڻ جي برابر ٿيندو ته هينيون شهر فوجي خيال تحت قلعي بند هيو، جيتوڻيڪ اهو شهر جي ڪشادگيءَ وارو خيال چٽو آهي ته اهو وڏين ٻوڏن کان حفاظت واسطي، ذميداري پوري ڪئي وئي هئي.“ اهڙي قسم جي تعمير لٿل جي هينين شهر ۾ اترين پٽ ڏسي سگهجي ٿي، جنهن کي وڏائي ناهيو ويو هو. جڏهن 1979ع ۾ لوٿل جي کوٽائي ليڪ ايس، آر رائو (S R Roy) ڪرائي هئي ته ان شاهراهه جا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نشان اتر طرف اٽڪل هڪ سئو ميٽر وڌيڪ اڳتي وڌيل ڏٺا ويا هئا، جنهن جي ٻاهران هڪ ڦٽل (Nulla) واهڙ وهندو هيو، ۽ ان ڦٽي جا آثار اتي موجود آهن.

ڊالس مشاهداتي تحقيق ڪري موهن جو دڙو جي زوال ۽ تباهيءَ جا ڪارڻ ٻڌائي ٿو ته "شهر جي تاريخ مان ڪنهن اڪيلي ڪوٺائي ڪندڙ يا موهن جو دڙو جو اپياس ڪندڙ ذهين شاگرد - ٻوڏن جي ٽوڙ ۽ ضرورت جي موجودگيءَ تي انڪاري هيو. انهن ڪي ٻوڏن جي فطرت ۽ سببن تي اختلاف آهي." ڊالس اسان جو ڌيان 1930ع جي وسيع ۽ خاص ڪوٺائيءَ ڏانهن ڇڪايو هو، جڏهن ته ڊي ڪي ٿين (DKIII) ايريا ڪي، مارشل جي رپورٽ ۾ انهيءَ ڏڙي مان لڌل شين جو ذڪر نه ڪيو ويو هو. هتي لاءِ چيو وڃي ٿو ته انهيءَ ايريا جي اڏاوتن ۾ عام طور هلڪيون ۽ سنهيون پتيون هيون، جيتوڻيڪ اهي سڌين گهٽين سان ناهوڪي نموني جون گهاٽيون ڳاهٽ ٽيل عمارتون ڏسڻ ۾ آيون هيون. انهن مان ڪجهه عمارتن ۾ ٽڪنڊا تنگ هوندا هئا، درحقيقت اهي تنگ دريون يا ٻي ماڙ جي دروازن جا لنگهه هوندا. انهن اڏاوتن ۾ ٻيا مزي جهڙا آثار "سرن جي ناليءَ ڪان سرن جو هڪ عمدي قسم جو ڦوهارو (Shower) ٺهيل آهي. پٽ جي ٻاهرين پاسي ڪجهه قدم اڳتي ڪٽي ڏسبو ته هڪڙي 'ڏوپ جي ڪوٺي' (Wash room) ٻيٺل هوندي، ان ۾ گول سوراخ وارو وڏو مٽ ڪپڙن جي ڌوپ لاءِ پاڻيءَ جي استعمال ۾ ڪم ايندو هوندو. بلڪ اڄ ڪلهه سوڻ ساٺ واسطي هڪ چاڻي ڪنٽار ۽ گهوٽ جي مٿان رکبي آهي، ته جهڙي طرح باٿ روم ۾ چاڻيءَ منجهان پاڻي نيڪال ڪري ٿو، اهڙي طرح انهيءَ رسم تحت ڪنٽار گهوٽ به هڪ ٻئي مٿان پاڻيءَ وانگر پلٽجي پون. ٽنگن منجهان پاڻيءَ جي گذرڻ بابت، جيڪڏهن قديم ڪتابن جو مطالعو ڪندا ته مقدس ندين جي وهڪري ڪي سوين دفعا پاڻيءَ ڪي علامتي طور لکيو ويو آهي.

ڊالس پاران اها اهميت واري ڳالهه هئي، جيڪا سنڌوءَ جي نوشتن (Script) بابت شهادتن سان ثابت ڪري اسان ڪي معلومات ڏني آهي ته هڙاپه ڪلچر (سنڌو ڪلچر) جي پوين ڏينهن دوران لکيت جي صاف ۽ سادي صورت هئي ۽ پوئين دور سان تعلق رکندڙ جيڪي اڏاوتون مليون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيون، انهن مان جي مهرون لڏيون ويون هيون، انهن مهرن مٿان خاص استعمال جون مروج نشانيون آهن.

بيهر ايچن (Aachen) يونيورسٽيءَ جي مائيڪل جانسن، ويلر جون 1950ع واري کوٽائي دوران اڻ اشاعت ٿيل ڦوٽوگرافي پڌري ڪري صاف طور ظاهر ڪيو هو ته کڏن (Pits) ۾ مشاهدي هيٺ آيل جانورن جي قربانيءَ جون باقيات ڪالي بينگن ٻي جون همعصر هيون.

موهن جو دڙو جي 1964ع کان 1966ع دوران کوٽائيءَ وقت تمام مٿين تهن ۾، جنهن کي سنڌو لوڪن جي عروج واري حصي سان ڳنڍ سنڌو لوڪن جي عروج (ميچوئرهڙاپن) واري نڪر جي ٿانون ۽ عمارت سازيءَ جو علامتي نمونو سڏجي ٿو، ان ۾ جهڪر جي نڪروارن ٿانون جي موجودگي پنهي ڪلچرن جي همعصريءَ کي ظاهر ڪري ٿي. جهڪر جي ٿانون وارو نڪرانو ۽ نيپي واريون مهرون قريبي ناتي طور ڪنهن لکيت جي نراسائيءَ جي عڪاس هجي، پر ثقافتي طور مختلف نموني جا ماڻهو بلوچستان ۽ هڙاپن جي شهري مرڪزن پرسان رهائش پذير هئا، جيڪي هڪ ٻئي تي اثرانداز ٿيندا هئا ۽ ساڳي لکت واري لپي استعمال ڪندا هوندا. مڪران جي ڪناري سان ڪولي ڪلچر ۽ ڪيترا ٻيا فرق ڏيکاريندڙ مثال موجود آهن، پر همعصر ڪلچر، جنهن سان هڙاپن شهرن ۾ لوٿل جي شهرن سميت سماجي اقتصادي تعلقات رهيا هجن. هڙاپن مرڪزن ۾ ڪلي ۽ جهڪر جي ماڻهن جي طبعي موجودگي کان انڪار نه ٿو ڪري سگهجي ته انهن ترقي يافته سنڌو لوڪن جي چٽني ۽ ڏار ڪلچرل سڃاڻپ ۾ علمي ادبي ۽ ٽيڪنيڪل ڪاميابين ۾ وڏو درجو ۽ قدر حاصل ڪيو هو.

ڄا مارشل ۽ ميڪيءَ وضاحت سان ذڪر ڪيو هو ته اهي قسمين قسمين (طرح طرح) جون عمارتون کهڙي استعمال ۾ اينديون هيون. موهن جو دڙو جي عمارتن جي باترتيب سروي 1980ع کان وٺي ڪئي وئي هئي، تنهن ڪري اهو ضروري آهي ته جانسن جي پوئين بيهاريل مشاهداتي راءِ کي ويچاريو وڃي. هن جي خيال مطابق ته موهن جو دڙو تي سمورن رهاڪن جي گهرن جون امانتون، ويلر جي خيال موجب 20-22 ميٽر هيٺ زير زمين هونديون، جنهن اناج جي گودام جي ٻاهرين پاسي ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهريون کڏون (Pits) برمي سان کوٽيون هيون ۽ بند جي ويجهو ٻه ٽي ميٽر سطح زمين کان هيٺ وڏيءَ شهر جي چوڌاري يونيسڪو (Unesco) طرفان نڪاس جي نالي کي جاچڻ لاءِ کڏون کوٽيون ويون هيون ته اتي ڪچين سرن جون اڏاوتون ظاهر ٿيون هيون. موهن جو دڙو ۾ لوٿل جي تعمير ڪچي واري ميدان يا سمنڊ جي نزديڪ شهرن جون اڏاوتون مثالي آهن. جتي گهرن جي بلاڪن لاءِ ڪچين سرن جا وڏا پليٽفارم (ڏڪا) بيهاريل هئا. جيئن موجوده وقت ۾ عمارتن جي بنياد ۾روڏو پلنٿ (Plinths) پيمر يا سيٽو جو بنياد ڏنو وڃي ٿو، اها ان وقت جديد ٽيڪنڪ استعمال ڪئي وئي هئي. پيو موهن جو دڙو جو لاثاني ۾ بي مثال ڪم پاڻيءَ جي کوهن جا 600 نشان آهن.

جانسن راءِ ڏني هئي ته اسيمبلي هال جي پرسان، جيڪي پٿر جا تراشيل مجسما لڌا هئا، اهي پوئين سنڌو لوڪن (هڙاپن) جي زمانيءَ جا آهن. سنڌو لوڪن جي عروج واري حصي کان پوءِ واري حصي جي وڏين عمارتن جي وصفن بابت ميڪيءَ وضاحت ڪئي هئي ته هيٺين شهر جي اترين طرف واريون کڏون اجا تائين جاچ ۾ مطالعي هيٺ آهن. هتي مٽين جو ڪم ۾ ناهڻ جي اهميت پري ڪوشش ۾ تحريڪ هيو، جتي هڪ اونهي کوهه ۾ اٽڪل پنجاهه ڪلو گرام جي پوري اڌ جا پٿر لڌا هئا. ايس آر جي اي (A) ايراضيءَ ۾ پهرين گهٽي کان ٿورو پري مٿين حصي (سنوت) ۾ هڏاوان پڃرا (Skeletons) هٿ آيا هئا. اهي سنڌو لوڪن جي عروج واري زماني (هڙاپن دور) سان تعلق نه ٿا رکن. موهن جو دڙو جي ايچ آر ايريا، وي ايس ايريا ۾ ڊي ڪي ايريا سان تعلق رکندڙ هڏاوان پڃرا مختلف دورن جا آهن، جڏهن انهيءَ جڳهه تان هڏاوان پڃرا ڪنيا ويا هئا ته قتل (Massacre) ٿيل نه هئا، وڏيڪ مزي جهڙي ڳالهه اها آهي ته جيڪي ڍانچا هيٺين شهرن مان لڌا ويا آهن، انهن متعلق چيو وڃي ٿو ته اهي قلعي جي رهاڪن کان پوءِ جون قتل ٿيل ديڊ باڊيون ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون ته اهي پوءِ جا هڏاوان پڃرا آهن. انهيءَ ايريائن ۾ اٽڪل ٽي هزار (3000) گهر هئا، جنهن جي آدم شماري چاليهه هزار (40000) سمجهي وڃي ٿي ۽ جيڪڏهن اتي ٻارن سميت ٻڍي (هول سيل) جي واپارين جو قتل عام ٿيو هو، جيئن پڳات پنهنجو خيال پيش ڪيو هو، ته گهٽ ۾ گهٽ ڪيترا سئو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڏاوان ڍانچا ليي سگهن ها. ان جي برعڪس رپورٽون اهو ظاهر ڪن ٿيون تہ اتي فقط ٽيهہ (30) هڏاوان پڃرا هٿ آيا هئا. اهي مٿل ڍانچا مقامي لڙاين چٽاپيٽي (ايجيٽيشن) وارن جهڳڙن يا گهرن جي اچانڪ ڪرڻ ڪري ڪجهہ لاش رهجي ويا هوندا. هاڻي اها حقيقت اعتراض جوڳي نہ رهي آهي ۽ ان تي بحث اجايو آهي تہ موهن جو دڙو حملي آورن هٿان تباهہ ٿيو هو.

ٻي اکين ڏٺي سچائپ اها آهي تہ سنڌو لوڪن جي عروج واري حصي ۾ وڏو حوض (Great Bath) پوءِ جو تعمير ٿيل آهي. حوض ڪان جيڪا نالي وڃي ٿي، اها گدام منجهان نڪري ٿي، انهيءَ جي اندر ڪوٺيون نہ آهن ۽ ويلر ان کي ڏاڪڻ جو چيو آهي، جانسن جي مطابق تہ اها ڏاڪڻ نہ آهي.

موهن جو دڙو جو گهٽين جي چٽي حقيقت بابت ستارن (Stars) جي بيهڪ کي ڏسي سگهجي ٿو. جنهن کي بنياد بڻائي گهٽيون جوڙيون ويون هيون، اوپر ڪان اولهہ ويندڙ ۽ اتر ڪان ڏکڻ ڏانهن ويندڙ گهٽيون 87 ڊگري تي ملن ٿيون.

موهن جي دڙي جي پوئين فيس جا گهر تاسري نموني سان ڪرنگهي (Jerry-houses) تي تعمير ٿيل هئا، جنهن جي ڪمال ۾ زوال لوٿل وانگر آيل هو. انهن جي اڏاوت جو نظام مختلف دورن ۾ مختلف رهيو تي، پر گهٽو ڪري اتر ۽ اتر اولهہ طرف منهن هوندا هين. جوتشين جي مليل حقيقتن مان اهو ثابت ٿيو آهي تہ هو صحيح رخ تي مدار رکندا هئا، جيڏانهن ستارن يا ستارن جي گروپ جو رخ هوندو هو. انهن نازڪ مزاج ماڻهن يا نسلي ٽوليءَ جي گهرن جا نقشا جاڻائن تا تہ اتي روڊ رستي کان روم (ڪوٺيءَ) ۾ داخل ٿيو هو ۽ اتان ٻي ڪوٺي ڏانهن وڃبو هو ۽ آخر ۾ حد جي پوئين (Terminal) حصي واري ڪوٺيءَ تائين پهچبو هو. اتي ڪجهہ گهرن ۾ مرڪزي اگڻ مان مکيہ يونٽ ۽ ان کان سب يونٽ سان ڳنڊيل هو، شايد اهو گڏيل فيمليءَ لاءِ هوندو، اتي اندريون ٽوڙي ٻاهريون دروازو (لنگهہ)ڪان ڪوهہ هيو. موهن جو دڙو ۾ لوٿل جي مٽين واري فيڪٽريءَ وانگر وروڪڙن تي ڦيريداري لنگهہ موجود هئا، پر موهن جو دڙو ٽوڙي لوٿل ۾ موروثي دروازا گهٽا هڪ جهڙا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 18.موهن جو دڙو

## نامعلوم

سنہ 1853ع جي ڳالهہ آهي. پنجاب جي مانٽگومري ضلع جي هڙاپا شهر مان ڪي مهرون لڌيون ويون، جن تي هڪ سڱي ڍڳي جي شڪل نڪتل هئي. ڪيتروئي ويچار ڪيو ويو تہ اُهي ڪٿي جون آهن، پر ڪو پتو نہ پيو.

1875 ۾ اُنهن مهرون جي سرڪاري ريت پڌرائي ٿي، تہ بہ اُنهيءَ ڳجهہ تي ڪوبہ روشني وجهي نہ سگهيو. ورهيہ گذري ويا. نيٺ جون 1918ع ۾ بنگال جو مسٽر رکلداس بئنرجي سرڪار پاران هڪ وڏي کوجنا تي نڪتو. خبر هيس تہ سڪندر، جڏهن هندستان کي چڏي پوئتي موٽ ڪاڏي هئي، تڏهن ڪي 12 يادگار نهرايا هئائين. اُنهن يادگارن جي ڳولا ۾ ئي هو نڪتو. بهاولپور رياست ۾ هاڪڙو ندي جتان اڳي وهندي هئي، اُهو رستو وٺي گهمندو گهمندو، سکر ضلعي جي ريتي شهر تائين آيو. اُتان وري سنڌونديءَ جا سڪل پيٽ ڏٺائين. اڳتي وڌندو هليو ۽ سنڌو درياہ جي اڀرندي ڪناري تي 17 وڏا ۽ 35 ننڍا ڊنل شهر ڏٺائين. اُهي ڊنل شهر گهٽو ڪري سکر، لاڙڪاڻہ ۽ اپر سنڌ فرنٽيئر ۾ ڏسڻ ۾ آيس. اُنهن ڊٺلن شهرن جي ڪجهہ کوجنا ڪندي اچي 1922ع ۾ موهن جي دڙي تي پهتو، جو لاڙڪاڻہ ضلعي ۾ ڏوڪري ڳوٺ کان 14 ميلن جي مفاصلي تي آهي.

### هڙاپا ۽ موهن جي دڙي جو سٻنڌ

2:- دڙو ڏسندي ئي سندس اکين ۾ چمڪو آيو. دڙي کي کوٽائڻ لڳو. کوٽڻ مهل سندس ملائڪن کي بہ سڌ ڪانہ هئي تہ اهڙيون ڪي شيون لينديون، جي سڄي دنيا جي اِتهاس ۾ ڦيرو وجهنديون. خير، کوٽيندي کوٽيندي ڏسڻ ۾ آيو تہ هڪ شهر مٿان ٻيو شهر نهيل آهي ۽ ڏسڻ ۾ آيس تہ اهڙا 4 يا 5 شهر تہ بلاشڪ هڪ ٻئي مٿان نهيل آهن. وري زمين جي هيٺين ئي هيٺين تري مان ڪي مهرون لڌيون، جن جي شڪل هوبهو هڙاپا شهر جي لڌل مهرن جهڙي هئي، يعني 1852ع وارين لڌل مهرن تي هينئر روشني پوڻ لڳي. هڙاپا ۾ 1921ع ۾ ڪجهہ وڌيڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوجنائون ٽيون هيون، جتان مهرن سان گڏ مٽ، دلا ۽ ٻيون ڪيتريون شيون پڻ لڌيون ويون هيون. مسٽر بئنرجيءَ کي اُنهن سڀني ڳالهين جي چڱي ڄاڻ هئي. موهن جي دڙي کي کوٽيندي جڏهن ساڳيئي قسم جون شيون هٿ اچڻ لڳيون، تڏهن هڪدم هڙاپا جون کوجنائون موهن جي کوجنائن سان ڳنڍڻ لڳو. موهن ۽ هڙاپا جي وچ ۾ 400 ميلن جو مفاصلو آهي، ۽ مسٽر بئنرجي هڪدم ڏنو تہ موهن ۽ هڙاپا جي سڀيتا ڪنهن سمي ساڳي هئي.

## نال شهر جون کوجنائون

3:- هوڏانهن 1925ع ۾ راوي ندي، جنهن تي هڙاپا جو شهر بيٺل آهي، تنهن جي اڳين پيٽ جو ڪنارو وٺي مِسٽرگر. يز هوائي جهاز ۾ بلوچستان طرف ڄاچي رهيو هو تہ اتي ڇا آهي. آخر ڪوئٽا کان 250 ميل پري بلوچستان جي جهالاوان ضلعي جي نال شهر ۾ ڪيتريون شيون لڌائين، جي تمام جهونيون پي لڳيون. جڏهن موهن جي دڙي جي کوجنائن جي پيٽ ٽيڻ لڳي، تڏهن ڏسڻ ۾ آيو تہ نال ۽ هڙاپا شهر جون لڌل شيون بہ موهن جي دڙي جي شين سان مشابهت رکن ٿيون، جنهن مان ڏسڻ ۾ آيو تہ اِهي ٽيئي شهر ڪنهن ويل ساڳي سڀيتا جي هيٺ هئا.

## وڏي تاريخي کوجنا

4:- خير، مسٽر بئنرجي انهن کوجنائن کان پوءِ بہ ورهيہ ڪن بيمار هو، ۽ پوءِ سرجان مارشل کي گڏيو، جنهن يڪدم ڏنو تہ موهن جي کوجنا ڪيڏي نہ شاهي تاريخي کوجنا آهي. جلدئي پوءِ موهن جو ديدار ڪرڻ آيو ۽ 4 مهينا ڳالهيون ڄاچي جوچي، 1925ع ۾ اخبارن دواران اُن حيرت انگيز کوجنا جي پڌرائي ڪيائين. اُنهيءَ کانپوءِ سڄي دنيا جو ڌيان موهن جي دڙي ڏانهن ويجي ڪتو آهي.

## جهوني اِتهاس تي روشني

5:- موهن شهر ۾ ڇا آهي؟ سرشتيءَ جا ڪهڙا ڳجهہ منجهس پوريل آهن؟ ڇو انهن دڙن ۾ سڄيءَ دنيا جو ڌيان ويجي ڪتو آهي، انهن مڙني ڳالهين اسان سڀني جو ڌيان لهٽو. دنيا جي ڪيترين اخبارن ۾ اڄ موهن جي زمين هينيان ڪوٽيل شهر تي وڏا وڏا ليک پئجي رهيا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انگلينڊ، آمريڪا ۽ ٻين ملڪن جون سرڪارون هند سرڪار سان لکيڙه ڪري رهيون آهن، ۽ پنهنجا چاڙو ماڻهو موهن جي دڙي تي موڪلڻ لاءِ تيار ڪري رهيون آهن. ايڏو چاهه، جو دنيا جي ماڻهن ۾ اٿپن ٿيو آهي، سو ڇو؟ حقيقت اها آهي، جو موهن جي دڙي جي کوجنا هڪ وڏي اتهاسڪ کوجنا آهي، جنهن کوجنا جي ڪري دنيا جي اِتهاس ۾ وڏو ڦيرو پئجي ويو آهي. هيستائين اِتهاسڪ شاهديون جيڪي موجود هيون، اُنهن موجب اسانکي اِها سڌ هئي ته اڍائي هزار ورهيه اڳي هندستان جي ڪهڙي حالت هئي، پر هينئر هڪ ڏڪ سان هندستان جي پنج هزار ورهين جي جهوني اِتهاس تي ڪجهه روشني پئي آهي. هزارين ورهيه اڳ اسانجا اَبا، ڏاڏا يا ائين ڪٿي چئجي ته اسانجن اَبن ڏاڏن جا اَبا ڏاڏا ڪيئن رهندا هئا، ڪيئن ڪائيندا هئا، ڪيئن جوڙيندا ۽ ڪيئن اڏيندا هئا، انهن ۽ ٻين ڳالهين جي واقفيت ڪنهن جي دلين ۾ چاهه نه جاڳائيندي؟ اِها کوجنا نه رڳو اِتهاسڪ خيال ڪان ڪارائتي آهي پر دنيا جي واڌاري لاءِ به ضروري آهي. انهيءَ ڪري ئي دنيا جي ٻين ملڪن جون سرڪارون پڻ موهن جي دڙي جي کوجنائن وغيره تي آيل خرچ جو حصو به پرڻ لاءِ تيار ٿيون آهن. هينئر ته کوجنائن جو ايڏو ته ڀاري ڪم هندستان ۾ ڏسجي پيو، جو سرجان مارشل جي ڪٿ موجب اڌ صدي اُنهن کوجنائن ۾ لڳي ويندي.

## هندستان جي پراچين سڀيتا

6:- هندستان ڪي انهن کوجنائن ۾ مکيه ٻهرو ونڻ گهرجي، ڇو جو شاهديءَ مان هينئر قبول ڪرڻو پيو آهي ته سنڌ کي پنهنجي پراچين سڀيتا آهي. سرجان مارشل جو چوڻ آهي ته جيڪا شاهدي هٿ لڳي آهي، تنهن مان ڏسجي ٿو ته مصر ۽ ميسوپوٽيما وغيره جي پراچين سڀيتا کان به زياده هيءَ سڀيتا اُتم ۽ جهوني آهي، يعني 5 هزار ورهيه اڳي جڏهن ٻين ملڪن اجا اونده ۾ ٽاڦوڙا پئي هنيا، تڏهن هندستان ۾ آرين جي اچڻ کان اڳ هڪ نهايت سڌريل ۾ سڌريل قوم رهندي هئي، جنهن جي سڀيتا تي ويچار ڪرڻ سان اسانکي اچ شرم ۾ ڪنڌ هيٺ ڪرڻو ٿو پوي.

## ٺاهوڪو شهر

7:- دڙن جي اندران هڪ نهيل نڪيل ٺاهوڪو شهر لڌو ويو آهي، جنهن ۾ سندر هوادار گهر نهيل آهن. گهر اهڙي سڌائي ۽ سنوت تي نهيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن جو ڏسندي دل پئي ٺري. هر هڪ گهر کي فرش پڌل آهي. گهڻو ڪري گهر گهر ۾ هڪ ننڍو کوهه يا کوهي آهي، جتان ماڻهو پاڻي پريندا هئا. گهر کي وڏا ڪونهن. اگهڙ تمام ننڍيا آهن، پرکوهه به اُنهيءَ آهر تمام ننڍيا، ويڪر ۾ ڏيڍ کن فوٽ آهن، پر تمام سندر بيٺا آهن. ڪن کوهن ۾ پاڻي به آهي.

## ڪسين جو بندوبست

8:- ڪسين جو بندوبست به واه جو آهي. زمين هيٺان ڪسيون آهن. لاهي اهڙيءَ طرح رکي ويئي آهي، جو مجال آهي جو پاڻي ڪٿي به بيهي! گهرن مٿان ماڙيون به نهيل هيون ۽ پاڻيءَ جو بندوبست به ڏاڍو سٺو رکيل آهي.

نڪر جا گول نرا نهيل آهن جي مٿان هيٺ اچيو تا گهٽين ۾ زمين هيٺان پون، جتان گند سڄو لهي وڃي شهر کان ٻاهر ٿو پوي. گهٽيون ۽ رستا سوڙها آهن، پر گهٽين ۽ رستن تي فرش پڌل آهي. سرون جيڪي ڪم آندل آهن، سي ته اهڙيون بيٺيون آهن، جو نين سرن جي به ساڻن جاءِ نه آهي.

## هڪ وڏو محلات

9:- اُنهن خانگي گهرن کان سواءِ هڪ وڏو محلات لڌو ويو آهي. اهو محلات ڪا عام جاءِ به ٿي سگهي ٿي. محلات جي بناوت بيشڪ سندر آهي. پتين کي عجيب قسم جو تهه لڳل آهي، جو پاڻي سمي نٿو سگهي. انجي چوڌاري پاڻي آهي، جنهن ڪري دربار جون چارئي ديواريون ٿڌيون رهنديون هونديون.

## مندر ۾ پوڄا

10:- دڙي جي مٿان ئي مٿان چوٽيءَ تي هڪ مندر اُتيو بيٺو آهي، جتان دڙي جو سڄو نظارو ڏسي سگهجي ٿو.

اڳين ڏينهن ۾ پوڄا ڪئن ٿيندي هئي، تنهنجو پورو پتو نه آهي. حال ۾ شهر مان جيڪي ڪجهه لڌو آهي، تنهن مان ڏسجي پيو ته نڪر جا نهيل، مندين وانگر، ڪي گول آهن، جن جي ماڻهو پوڄا ڪندا هئا، پر موهن جي دڙي مان ڪي اُڪريل مورتيون لڌيون ويون آهن، جن ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسجي ٿو تہ هڪڙو نانگو پلٿي ماري وينو آهي ۽ اڳيان پوڄاري هٿ ٻڌي وينو اٿس.

## مڙدا ساڙڻ

11:- جيڪي شاهديون هٿ لڳيون آهن، تن مان ڏسجي ٿو تہ اُنهيءَ سمي ۾ ماڻهو مڙدا ساڙيندا هئا. مڙدا ساڙي هاني هڪ مٽ ۾ وجهي رکندا هئا. اُهو مٽ وري ٻئي وڏي شاهي مٽ ۾ وجهي رکندا هئا. اجا بہ اڳاٽي سمي ۾ هڏيون هڪ مٽ ۾ وجهي ٻئي مٽ ۾ ڪپڙا ۽ کائڻ پيئڻ جو سمان وجهي رکندا هئا. البت ڪي لاش بہ لڌا ويا آهن، پر اُهي ماڻهو شايد ڪنهن اوچتي حادثي ڪري مئا هجن. لاشن مان ڏسجي ٿو تہ ماڻهو ڏاڙهي رکائيندا هئا ۽ نهايت ئي قداور ۽ جبرا مڙس هئا.

## نقاشيءَ جو ڪم

12:- ايترو پڌرو آهي تہ تنهن سمي جا ماڻهو نقاشيءَ جي ڪم ۾ ڏاڍا پڙ هئا. چقمق پٿر جا اوزار ٺاهي اُنهن سان اهو ڪم ڪندا هئا. ٺڪر جا جيڪي ٿانو ۽ رانديڪا لڌا آهن سي تہ تپرس ۾ وجهندڙ آهن . ڪيترون شيون ڪيترا ڳهڻا ، ڳچين جا هار، ڪنگڻ وغيره لڌا آهن.

## ڳجهارتون

13:- پر عجب اهو جو نڪو لوهہ لڌو آهي، نڪو گهوڙي جي ڪتي بہ شڪل ڏسڻ ۾ آئي آهي. سمجهجي ٿو تہ گهوڙو تن ڏينهن ۾ هوندو ئي ڪونہ هو. لوهہ بہ ڪم نہ ايندو هو. گهرن کي شايد ڪلف پائڻ ۾ ئي نہ ايندا هئا. جون تا تہ در ڪانن جا هئا. آلي متي هٽي، اُن تي ماڻهو مهرون هٽي ڇڏيندا هئا. الاجي ڪهڙو ستجڳ جو سمو هو!

پي ڳالهہ جنهن تي اجا ڪا روشني نہ پئجي سگهي آهي، سا ٻوليءَ جي آهي. ٻولي سمجهڻ لاءِ وڏا وڏا ماڻهو ڏاڍيون ڪوششون ڪري رهيا آهن. جنهن وقت ٻوليءَ تي ڪجهہ روشني پوندي تنهن وقت اجان گهڻيون ڳالهيون ظاهر ٿيڻيون آهن. موهن جو دڙو هڪ وڏو تاريخي مرڪز ٿيندو. هر ڪنهن سنڌواسيءَ کي انهيءَ جو خاص فخر هئڻ گهرجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪائُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسُل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَھڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي ھوندا آھن اَھڙيءَ طرح پڙھندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آھن ۽ ھوندا. اُھي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، ٻرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آھي.

ڪوشش اھا ھوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آھي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اھڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ ھِڪَڙِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ ھيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رھندا. پَنَن پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اھم مرحلو وِرھائڻ distribution جو ٿيندو. اِھو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏھن ڪو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ ھوندو.

پَنَن کي کُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ ھو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي ھِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦھلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنھن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي ٽاٽائي ڪي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيان تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽلي گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)